
سنڌي ڊرامي
جي
مختصر
تاريخ
مختيار احمد ملاح
ثقافت کاتو حکومت سنڌ

# سنڌي ڊرامي جي مختصر تاريخ

## مختيار احمد ملاح

ڊجيٽل ايڊيشن

2021ع

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

# انتساب

سنڌي ڊرامي جي

سرواڻ

## مرزا قليچ بيگ

جي نالي

– مختيار احمد ملاح

# سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت ڪتاب گهر پاران نامياري ليکڪ ۽ محقق **مختيار احمد ملاح** جو لکيل تحقيقي ڪتاب **”سنڌي ڊرامي جي مختصر تاريخ“** اوهان اڳيان پيش آهي.

هي ڪتاب سنڌي ادب ۾ ڊرامي سان چاهه رکندڙ شاگردن، استادن ۽ تحقيق ڪندڙن لاءِ ڪارگر ثابت ٿيندو. هن ڪتاب ۾ پهريون دفعو سنڌي زبان جا وڏ ۾ وڏ ڊراما نگار متعارف ڪرايا ويا آهن. سندن مختصر سوانح ۽ ڊراما نگاري تي بهترين روشني وڌي ويئي آهي. اهڙي طرح اسٽيج ڊرامن، ٽي وي ڊرامن، ريڊيو ڊرامن ۽ ڪتابي صورت ۾ شايع ٿيل ڊرامن بابت الڳ الڳ ورڇ ڪري مختيار ملاح پڙهندڙن لاءِ تمام گهڻي سولائي ڪري ڇڏي آهي. مستقبل ۾ ڊرامي تي تحقيق ڪندڙن لاءِ هي ڪتاب ريفرنس ڪتاب ثابت ٿيندو، ڇاڪاڻ ته هن ۾ هر قسم جو مواد هڪ هنڌ تي موجود آهي.

هي ڪتاب 2012ع ۾ سنڌ حڪومت جي ثقافت کاتي پاران ڇپايو ويو هو. ٿورائتا آهيون مختيار احمد ملاح جا جنهن ڪتاب جي نئين ڊجيٽل ڇاپي ۾ واڌارو ۽ سڌارو ڪري پي ڊي ايف ڪاپي سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ لاءِ موڪلي.

**محمد سليمان وساڻ**
مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

## فهرست


- پبلشر جو نوٽ عبدالعزيز عقيلي
- مهاڳ قمر شهباز
- تاثر نصير مرزا
- پنهنجي پاران مختيار احمد ملاح
- نئين ڇاپي جو مهاڳ مختيار احمد ملاح

**سنڌي ٻوليءَ ۾ ڊراما تي لکيل تاريخون**

**ڊراما جي تاريخ ، قسم ۽ ڊراما جا بنيادي جزا**

1. يوناني ڊراما
2. سنسڪرتي ڊراما
3. انگريزي ڊراما
4. ڊراما جا قسم
5. غمگين/ الميہ ڊرامو
6. مزاحيہ /طربيہ ڊراما
7. طنزيہ _ مزاحيہ ڊرامو
8. ڪاميڊي آف مينرس
9. رومانوي طربيہ ڊرامو
10. الميہ – مزاحيہ ڊراما
11. ميلو ڊراما
12. ڇسو ڊرامو / مذاقي نقل
13. سنگيت / منظوم ڊرامو
14. ايڪانڪي ڊراما
15. ائبسرڊ ناٽڪ
16. ڊراما جا خاص ترڪيبي جزا
17. ڪاٽي/ ستاءُ

18. ڪردار نگاري
19. ڊائلاگ/ مڪالما
20. ڪشمڪش يا ڇڪتاڻ
21. عروج
22. ڊرامي جون هيڪڙايون
23. نظارا/ منظر
24. پڇاڙي
25. ڊراما ، ٿيئٽر ۽ تماشائي

### قديم سنڌ ۾ ناٽڪ نويسيءَ جا اهڃاڻ

1. رام ليلا ۽ ڪرشن ليلا
2. راس ليلا
3. ڀڳت
4. پتلين جو تماشو
5. سانگ
6. مناظرا

### سنڌ ۾ جديد ڊراما نويسي جي اوسر ۾ ڊرائميٽڪ سوسائٽين جو ڪردار

1. انگريز عمدارن جون قائم ڪيل ڊرئميٽڪ سوسائٽيون
2. دي رايل ٿيئٽر
3. مقامي ناٽڪ منڊلين ۽ ڊرئميٽڪ سوسائٽين جي شروعات:
4. گجراتي ۽ پارسي ڊرئميٽڪ ڪمپنيون
5. سنڌي ڊراما جي اوسر
6. سنڌي عوام جون قائم ڪيل ڊرائميٽڪ سوسائٽيون ۽ ڪلب
7. ڪراچي شهر جو ڊرامي جي ترقيءَ ۾ حصو:
8. ڊي. جي. سنڌ ڪاليج ايميچوئر ڊرئميٽڪ سوسائٽي

9. ڊي.جي. ڪاليج سنڌي سرڪل ڪراچي:
10. ڊي جي. ڪاليج سرسوتي منڊلي، ڪراچي:
11. ڊي. جي سنڌ ڪاليج مِسيلنيءَ جو سنڌي ڊرامي ۾ ڪردار
12. ينگ سنڌيز ايسوسيئيشن ڊراما ڪلب، ڪراچي
13. عامل يونين ڊرئميٽڪ انسٽيٽيوٽ
14. سارسوت براهمڻ ڊرئميٽڪ سوسائٽي
15. پريتم ڌرم سڀا ناٽڪ منڊلي، ڪراچي
16. نيو هاءِ اسڪول ڊرئميٽڪ سوسائٽي، ڪراچي
17. سوشل سروس ڊرئميٽڪ ڪلب
18. رابندر ناٿ ٽئگور لٽرري سوسائٽي ۽ ڊرئميٽڪ ڪلب
19. شاهاڻي اسڪول ناٽڪ منڊلي، ڪراچي
20. ڪراچي ديسي ناٽڪ ڪمپني
21. ايميچوئرس ڊرئميٽڪ سوسائٽي، ڪراچي
22. دي ٽلٽي اميچوئرس ڊرئميٽڪ سوسائٽي
23. ڪاليداس ڊرئميٽڪ آرٽس ايسوسيئشن
24. ينگ ڊرئميٽڪ سوسائٽي
25. حيدرآباد شهرجو جو ڊرامي جي ترقيءَ ۾ حصو
26. ڏيتي ليتي ناٽڪ منڊلي، حيدرآباد
27. آس جون ٽوليون
28. پليڊرس ڪلب، حيدرآباد
29. ايميچوئرس ڊرئميٽڪ سوسائٽي، حيدرآباد
30. نانڪرام ناٽڪ منڊلي، حيدرآباد:
31. ينگ سٽيزنس ڊرئميٽڪ سوسائٽي، حيدرآباد
32. رابندر ناٿ لٽرري ۽ ڊرئميٽڪ ڪلب، حيدرآباد

33. نيشنل ڪاليج ڊرئميٽڪ سوسائٽي
34. سنڌ سوشل لٽرري ڊرئميٽڪ ڪلب، حيدرآباد
35. حيدرآباد ناٽڪ منڊلي، حيدرآباد
36. دي ينگ مين ڊرئميٽڪ ڪلب
37. ڪاليج اسٽوڊنٽس ڊرئميٽڪ ڪلب، ڪراچي:
38. يونائيٽڊ آرٽسٽس ڊرئميٽڪ سوسائٽي، حيدرآباد
39. ڪجهه ٻين شهرن جو ڊرامن ۾ حصو
40. ڌرم اپڪار ايميچوئر ڊرئميٽڪ سوسائٽي، شڪارپور
41. الهلال ڊرئميٽڪ سوسائٽي ، شڪارپور
42. چانڊڪا ايميچوئر ڊرئميٽڪ سوسائٽي، لاڙڪاڻو
43. اسڪول ناٽڪ منڊلي، ميرپور خاص
44. ساهتي ڊرئميٽڪ سوسائٽي، نوشهروفيروز
45. سنڌي اسٽيج ڊرامن جون ڪجهه دلچسپ حقيقتون

## انگريزن جي دور جي ڊراما جو جائزو

## انگريزن جي دور ۾ سنڌي ڊراما جا خاص موضوع

1. هندو ڌرمي ناٽڪ
2. شيڪسپيئر جا رومانوي ڊرامن جا ترجما
3. سنڌ جي لوڪ داستانن تي مبني رومانوي ڊراما
4. تاريخي ڊراما
5. سماجي ۽ حقيقت نگاري وارا ڊراما
6. مذاقي ڊراما

## انگريزن جي دور جا ڪي مشهور ڊراما نگار

1. مرزا قليچ بيگ
2. ديوان ڪوڙومل

3. ليلارام وطڻمل ”خاڪي“
4. لوڪسنگ وطڻمل
5. چيتانند ڪلڻداس مامتاڻي
6. ديوان تاڪرداس ناگراڻي
7. گاگسنگهه آتمارام آڏواڻي
8. ليلارام ماکيجاڻي
9. آغا غلام نبي صوفي
10. پيرومل مهرچند آڏواڻي
11. لالچند امرڏنو مل جڳتياڻي
12. چيتمل پرسرام گلراجاڻي
13. ڪشنچند ”بيوس“
14. احمد علي چاڳلا
15. خانچند درياڻي
16. نانڪرام ڌرمداس
17. ليکراج ڪشنچند ”عزيز“
18. اڌو جهانگياڻي
19. چيتانند نانگراڻي
20. چاندومل کتري
21. عثمان علي انصاري
22. جهمتمل ٽنڊاڻي
23. خوشيرام واسواڻي
24. پروفيسر رام پنجواڻي
25. پروفيسر منگهارام ملڪاڻي

## آزادي کان پوءِ سنڌي ڊراما جو تاريخي جائزو

1. رسالن ۽ ڪتابي صورت ۾ شايع ٿيل ڊراما

2. آزادي کان پوءِ اسٽيج ڊراما
3. اتحاد آرٽ ڪلب، حيدرآباد
4. ڪوهه نور ڊرئميٽڪ ڪلب، حيدرآباد
5. سٽيزن ڊرئميٽڪ سوسائٽي، شڪارپور
6. مهراڻ آرٽ سرڪل، حيدرآباد
7. گورنمينٽ ڪاليج ڊرئميٽڪ سوسائٽي، حيدرآباد
8. سنڌ ٿيئٽر، جيڪب آباد
9. گرين هال، نوابشاهه
10. زرعي ڪاليج ڊرئميٽڪ سوسائٽي، ٽنڊو ڄام
11. پرياٽ آرٽ سرڪل، حيدرآباد
12. سنڌ پيپلز ڪلچر ائنڊ آرٽس ڪائونسل، حيدرآباد
13. گلفام آرٽس سرڪل، حيدرآباد
14. شا هه لطيف ڊرئميٽڪ سوسائٽي، حيدرآباد
15. جهولي لال ڊرئميٽڪ سوسائٽي
16. مهراڻ آرٽ ڪلب، شهداد ڪوٽ
17. سنڌي آرٽسٽ فورم، حيدرآباد
18. سنڌي آرٽسٽ ڪلب، حيدرآباد
19. سنڌي ناٽڪ سڀا
20. ايشين آرٽس اڪيڊمي، ڪراچي
21. انڊس ويلي ٿيئٽر، حيدرآباد
22. ڏهرڪي سرمست ويلفيئر اينڊ ڪلچرل سوسائٽي
23. ڪراچي آرٽش ڪائونسل
24. لاڙڪاڻو آرٽس ڪائونسل
25. ريڊيو ڊراما
26. ريڊيو پاڪستان ڪراچي
27. ريڊيو پاڪستان حيدرآباد

28. ريڊيو پاڪستان خيرپور
29. سنڌي ٽي وي ڊراما
30. آزادي کانپوءِ سنڌي فلم
31. آزادي کانپوءِ سنڌي ڊرامن جو مجموعي جائزو

## آزادي کانپوءِ ڪي مشهور ڊراما نگار

1. لطف الله "جوڳي" بدوي
2. محمد عثمان ڏيپلائي
3. علي محمد الهرڪيو ڏيپلائي
4. محمد اسماعيل عرساڻي
5. مرزا گل حسن
6. سيد منظور نقوي
7. علي محمد "مجروح"
8. شمشير الحيدري
9. آغا سليم
10. امر جليل
11. قمر شهباز
12. ممتاز مرزا
13. مراد علي مرزا
14. علي بابا
15. عبدالڪريم بلوچ
16. چنا شبير "تاز"
17. پروفيسر محمد يوسف پنهور
18. عبدالقادر جوڻيجو
19. نورالهديٰ شاهه
20. قاضي خادم

21. زيب عاقلي
22. اسماعيل بن واصف
23. غالب لطيف
24. عبدالحق ابڙو
25. نثار حسيني
26. شوڪت حسين شورو
27. رشيد صابر
28. امداد حسيني
29. نورگهلو
30. ملڪ آگاڻي
31. جي ايم ڪليم
32. روشن علي تنيو
33. آغا رفيق
34. اياز عالم ابڙو
35. طارق عالم ابڙو
36. زيب سنڌي
37. ماڪن شاھ رضوي
38. ڪيهر شوڪت
39. رزاق مهر
40. محمود مغل
41. محمد عثمان ميمڻ
42. رحمت الله ماجوٺي
43. حفيظ ڪنير
44. منظور ڪوهيار
45. عزيز ڪنگراڻي
46. حيات شاھ

47. احمد علي چانڊيو
48. فاروق سولنگي
49. راز شر
50. ايوب گاد
51. اختر رند
52. حق نواز سمون
53. انور ابڙو
54. ايوب گل
55. ماڻڪ ڪنگراڻي

## آزادي کانپوءِ هندستان ۾ سنڌي ڊرامو

### آزادي کانپوءِ هندستان جا مشهور سنڌي ڊراما نگار

1. پروفيسر منگھارام ملڪاڻي
2. تيرٿ بسنت
3. گوبند مالهي
4. سندري اتمچنداڻي
5. هيمر راج ناگواڻي
6. ڪيرت ٻاٻاڻي
7. موتي پرڪاش
8. ڊاڪٽر مرليڌر سکواڻي
9. جيون گرسهاڻي
10. لکمي کلاڻي
11. واسديو نرمل
12. ڄيٺو لالواڻي
13. پريم پرڪاش
14. لڇمڻ ڀاٽيا ڪومل

15. سندر اگناڻي
16. ايس پي مينگهاڻي
17. مدن جماڻي
18. رميش مهتا
19. موهن چاپڙيا
20. سندر ٻناڻي
21. لڇمڻ ڀمڀاڻي
22. لڇمڻ ڀمڀاڻي
23. ڀڳوانداس چنديراماڻي
24. اتم ديارام هنگوراڻي
25. اندر ڪيولراماڻي
26. رام گيانچنداڻي
27. رميش ڄاڄاڻي
28. هريڪانت ڄيٺواڻي
29. ايم ڪمل
30. راجن چاولا

## پبلشر جو نوٽ

ثقافت کاتي حڪومت سنڌ جي جيڪڏهن پوين ڇئن سالن جي ڪارڪردگي ڏٺي وڃي تہ معلوم ٿيندو تہ ان ۾ علمي، ادبي ۽ ثقافتي شعبن جي حوالي سان رڪارڊ اضافو ٿيو آهي: پوءِ پلي اهي ادبي محفلون هجن، نامور، اديبن ۽ اسڪالرن سان شامون ملهائڻ هجن، عالمن ۽ اديبن جي ياد ۾ تعزيتي ميڙاڪا ۽ ڪانفرنسون هجن، يا وري غريب ۽ بيمار اديبن، شاعرن ۽ اداڪارن جي مالي سهائتا هجي. مطلب تہ ثقافت کاتي هر ميدان ۾ پاڻ پتوڙيو آهي. اشاعتي ڪم جي لحاظ کان ثقافت کاتي 150 کان مٿي ڪتاب شايع ڪري ڪيترن ئي ڏهاڪن جو رڪارڊ ٽوڙيو آهي.

ثقافت کاتي جي پبليڪيشن اسڪيم ۾ هوندئن تہ ڪلاسيڪل شاعرن جي شاعري، انهن بابت تحقيق ۽ ترتيب، سنڌ جي تاريخ، تهذيب، ثقافت، سياحت، قديم آثارن بابت تحقيق، نالي وارن عالمن جا ڪتاب شايع ٿيندا رهندا آهن. هن دور ۾ ان جو دائرو سنڌي ادب جي تاريخ، سنڌي ڪهاڻي، ناول ۽ ڊرامي وغيره جي تاريخن ڪي شاندار نموني شايع ڪيو پيو وڃي. هن ئي دور ۾ پهريون ڀيرو پبليڪيشن ڪاميٽي جوڙي وئي ۽ ان جي منظوري کانپوءِ ڪتاب شايع ڪرائڻ جو سلسلو شروع ٿيو. اهڙي ريت باقاعده پبليڪشن پاليسي 2012ع جوڙي ان تي عمل در آمد شروع ڪيو ويو آهي.

هي ڪتاب سنڌي ادب ۾ ڊرامي سان چاهہ رکندڙ شاگردن، استادن ۽ تحقيق ڪندڙن لاءِ ڪارگر ثابت ٿيندو. هن ڪتاب ۾ پهريون دفعو سنڌي زبان جا وڏ ۾ وڏ ڊراما نگار متعارف ڪرايا ويا آهن. سندن مختصر سوانح ۽ ڊراما نگاري تي بهترين روشني وڌي ويئي آهي. اهڙي طرح اسٽيج ڊرامن، ٽي وي ڊرامن، ريڊيو ڊرامن ۽ ڪتابي صورت ۾ شايع ٿيل ڊرامن بابت الڳ الڳ ورڇ ڪري مختيار ملاح پڙهندڙن لاءِ تمام گهڻي سولائي ڪري ڇڏي آهي. مستقبل ۾ ڊرامي تي تحقيق ڪندڙن لاءِ هي ڪتاب ريفرنس ڪتاب ثابت ٿيندو، ڇاڪاڻ تہ هن ۾ هر قسم جو مواد هڪ هنڌ تي موجود آهي.

ان سڄي ڏور رس نگاهہ (Vision) جي پويان ڪاتي جي مانواري وزير

محترم سسئي پليجو صاحبه جي رهنمائي ۽ سياسي بصيرت شامل آهي. جنهن جي هدايتن پٽاندڙ اَملهه ۽ اڻلڀ ڪتاب تيار ٿي پڙهندڙن وٽ پهتا آهن.

ڪتابن جي اشاعت واري ڪم جي نگراني ڪاتي جو ڊائريڪٽر جنرل ڊاڪٽر محمد علي مانجهي ڪري رهيو آهي. سندس محنت ساراهه جوڳي آهي.

عبدالعزيز عقيلي

سيڪريٽري

ثقافت ڪاتو، حڪومت سنڌ

# مهاڳ

آهل يا نقل ڪرڻ انساني فطرت ۾ شامل آهي. سچ پچو ته ناٽڪ جي شروعات ان ڏينهن کان ٿي جڏهن پهرئين انسان ڌرتيءَ تي پير پاتو. پکين ۽ جانورن جا آواز ڪڍڻ، وڄ ۽ بارش جا اهڃاڻ ٻڌائڻ ۽ دريا يا سمنڊ جي لهرن جا ڪڙڪات سمجهائڻ لاءِ اوائلي انسان ڪي پنهنجي آواز ۽ جسماني جنبش جو سهارو وٺڻو پوندو هو. اڳتي هلي اهي ئي رويا سوانگ جي صورت اختيار ڪري ويا. ڌرمي ڏڻن يا خوشيءَ توڙي غميءَ جي موقعن تي ماڻهو نيڪيءَ ۽ بديءَ جي ازلي جنگ ڪي ننڍڙن ناٽڪي ٽوٽن ۾ ادا ڪرڻ لڳا. ڪڏهن شيطان جو ورغلائڻ، ڪڏهن ديوتائن جو سهائتا پهچڻ، ڪڏهن سچائي ۾ آيل صعوبتون، ڪڏهن ڪوڙ جو لڙيل ڪنڌ، اهي هئا ان دور جي نصيحت آميز ناٽڪن جا موضوع. قديم يوناني پنهنجي شراب جي ديوتا ڊايونيسس (Dionysus) جي شان ۾ منداٽتا مانداڻ مچائيندا هئا ۽ انسان خون جي قرباني ڏئي پاڻ ڪي ديوتائن آڏو سرخرو ڪندا هئا. اهڙن موقعن تي هو خوشيءَ جي اظهار خاطر ناٽڪ رچائيندا هئا ۽ عام ماڻهن ڪي اهو پيغام پهچائيندا هئا ته ڪنل جي قرباني رائگان نه ويندي. بهار جي مند ۾ هو ٻيهر جنم وٺندا ۽ ڏيهه تي آيل ڏوجهري ڪي پنهنجي پوتر رت سان ڌوئي پوئي نئين ۽ سهاڻي صبح جو آغاز ڪندا.

ان ڏس ۾ اها به روايت آهي ته ٽريجڊي ناٽڪ جي شروعات پڻ يونان مان ئي ٿي. ڪارڻ اهو ته يونانين جڏهن پنهنجي مطلب ڪاڻ هٽ ٺوڪيون عدالتون قائم ڪيون، تڏهن گهٽي پاڳي بي گناهن تي ڪوڙا مقدما هلائي ڪين مرضيءَ مطابق عذاب ڏيندڙ سزائون سڻايون. عدالتن ۾ هلندڙ دليل ۽ جوابي دليل ۽ بي گناهن تي ٿيندڙ ڪيس ٽريجڊي ناٽڪن جو بنياد بڻيا. ياد رهي ته ڊرامي جو اهم انگ آهي، ”تڪرار“ (Conflict) ۽ ڪورٽن اندر ٿيندڙ سوالن ۽ جوابن کان وڌيڪ ”تڪرار“ ڀلا ٻيو ڪٿي ملندو؟ قبل مسيح کان 500 سال اڳ رچايل اهي ناٽڪ ان وقت جي مذهبي توڙي سياسي پس منظر جو چٽو اولڙو ته آهي ئي پر انهن جي فنڪاراڻي پهلو کان به انڪار نه ٿو ڪري سگهجي.

وقت سان گڏ ناٽڪن جي موضوعن ۾ بہ نواڻ ايندي وئي. ڏند ڪٿائن جي جاءِ تي عام ماڻهن جي روزمرہ جا موضوع پهرين ڪل پوڳ ۽ پوءِ سنجيده نموني ناٽڪ جو عنوان ٿيندا رهيا. باقاعده اسٽيج ٺاهي مٿس سوچيل سمجهيل ترتيب تحت ڊرامو ڪرڻ جو مرحلو تہ گهڻو پوءِ آيو. پر پوءِ بہ شروعاتي بي ترتيب ۽ بي ربط ڪوشش ۾ ٿورو گهڻو سڌارو ضرور آيو. سن 55 قبل مسيح ۾ روم ۾ سڀ کان پهرين مستقل ٿيئٽر پٿر سان جوڙيو ويو ۽ اداڪارن کي سندن ڪردار مطابق رنگن سان پينٽ ڪيل نقاب پهرائي ڏسندڙن کي نفسياتي طور کين ان روپ ۾ قبول ڪرڻ لاءِ آماده ڪيو ويو. تاريخدان سويٽونيس (Suetonius) مطابق المياتي ڊرامن ۾ موت جي سزا يافتہ ڏوهارين کي سچ پچ قتل ڪري ڊرامن ۾ حقيقت جو رنگ پريو ويندو هو.

رومي سلطنت جي خاتمي کان پوءِ ابتدائي گرجا ان قسم جي ظالماڻن ۽ منحرفاڻن ڊرامن جي نہ صرف نندا ڪئي، بلڪ انهن جي همت شڪنيءَ طور پنهنجا اصلاحي ۽ ڌرمي ناٽڪ متعارف ڪرايا. ان عمل ۾ گهڻو سارو عرصو لڳي ويو. راڻي ايلزبيٿ جي انگلينڊ ۽ ساڳي ئي دور واري اسپين، ڊرامي ۾ حيرت انگيز تبديلي آندي. 1576ع وارو سال انگلينڊ لاءِ خوشگوار تبديلين جو سال ثابت ٿيو. هيءُ سال گذريل روايتن جي خاتمي ۾ نين جهتن جي شروعات طور ياد رکيو ويندو. هن سال هڪ خانگي ڪمپنيءَ جيمس برنيج اينڊ سنز ( James Burnage and Sons) کي اجاز ت ڏني وئي تہ هو ڊراما اسٽيج ڪرڻ لاءِ باقاعده ٿيئٽر جوڙائن. اها عمارت جنهن جو نالو ئي ”ٿيئٽر“ رکيو ويو. لنڊن شهر جي حدن کان ٻاهر ٺهي راس ٿي ۽ پوءِ ان ۾ باقاعده ڪاروباري طور تي ڊراما پيش ٿيڻ لڳا. جيتوڻيڪ اها تمام وڏي پيش رفت هئي، پر ان هوندي بہ ٽيڪنيڪي لحاظ کان اڳوڻن ناٽڪن جي پيٽ ۾ ڪا وڏي تبديلي ڪو نہ آئي. شيڪسپيئر (1564–1616) جي آمد کان پوءِ مواد توڙي ٽيڪنيڪ ۾ ڪافي ڦيرو آيو. ڪيس گذريل دور جا ڌرمي توڙي ڏند ڪٿائي موضوع بہ ورثي ۾ مليا تہ گڏوگڏ مارلو (Marlowe) جهڙي سجاڻ ليکڪ جي روشن خيالي ۽ باغي طبعيت جو ساٿ پڻ نصيب ٿيو. نتيجو اهو نڪتو جو شيڪسپيئر پنهنجي بي انتها ذهانت ۽

محنت سان ڊرامي کي نہ رڳو وقتي حالتن موجب نئون موڙ ڏنو، بلڪ ادبي دنيا ۾ پنهنجو نالو هميشہ لاءِ امر پڻ ڪري ڇڏيو. هن انگلينڊ جي تواريخ توڙي رومانٽڪ ڪاميڊيءَ جا ڪامياب تجربا ڪيا، پر سندس سچاڻ پنهنجين عظيم ٽريجڊين طور ٿيئٽر جي آسمان تي سورج جيان چمڪي اٿي. ساڳيءَ طرح اسپين ۾ لوپي ڊي ويگا (Lope de Vega)، جنهن شيڪسپيئر واري دور ۾ ناٽڪ لکيا، پنهنجي ملڪ ۾ ناٽڪ جي ”سونهري دور“ جو آغاز ڪيو. هن جا ڊراما گهڻو ٺٺو سماجي اڻ برابري، جاگيرداراڻي نظام ۽ وڏيرا شاهيءَ خلاف هڪ اڻ اعلانيل جنگ جي شڪل اختيار ڪري ويا.

1660ع ۾ بادشاهت جي ٻيهر بحاليءَ کان پوءِ جڏهن انگلينڊ جي ٿيئٽرن کي کوليو ويو، تڏهن انگلينڊ جي ڊرامن ۾ فرانس جي نئين ڪلاسيڪل (Neoclassical) سوچ جو اثر نمايان نظر اچڻ لڳو. فرانس جي تيز، طنزيہ ۽ نقاداتي لهجي جو اثر انگريزي ٿيئٽر تي پوڻو ئي هو پر اٽليءَ جي اوپيرا پڻ فيشن طور ٿيئٽر ۾ داخل ٿي وئي. جان ڊرائڊن (John Dryden) انگريزي المياتي ناٽڪ کي نظم ۾ عروج تي پهچايو پر سندس طبيعت ۾ فرينچن واري تشدد سان ڀرپور ۽ مارڌاڙ سان لبريز لاڙو هرگز ڪو نہ هو. بحاليءَ (Restoration) بعد لکيل ڊرامن ۾ طنز، مزاح ۽ لفظن جا ماڙ عام جام ملندي.

18 صدي حقيقت نگاري سبب شهرت ماڻي ۽ اها ئي حقيقت پسندي 19 صديءَ ڌاري وڌي وڻ تي پئي. هن دور ۾ ٽن ايڪٽن جا ڊراما وڏيءَ محنت سان اسٽيج ڪيا ويا. يوجين اسڪرائيب (Eugene Scribe) 1791_1908، لڳ ڀڳ چار سؤ ڊراما لکيا، جيڪي گهڻو ڪري غلط فهمين يا قدرتي پل چڪ ۽ غلط ماڻهوءَ يا خط پٽ جي تبديليءَ سبب پيدا ٿيندڙ صورتحال تي ٻڌل هئا. ابسن (Ibsen)1906 _ 1828 کي نئين دور جي ڊرامي جو امام مڃيو ويندو آهي.

هن اسٽرينڊ برگ (Strindberg) ڊرامي جي ٽيڪنڪ ۽ طرز ۾ تبديليون آنديون. ابسن سماج خلاف پنهنجي ذاتي جدوجهد تي ٻڌل ناٽڪ لکيا ۽ اسٽرنڊ برگ فن جي نواڻ ۽ نکار تي وڌيڪ ڌيان ڏنو. ان مرحلي تي جارج برنارڊ شا

George Bernard Shaw (1856 – 1950) ڊرامي جي دنيا ۾ وڏي آب ۽ تاب سان داخل ٿيو. هن اسٽيج تي جسماني وٺ پڪڙ، تيرن ۽ تلوارن جي ويڙهه ۽ جوشيلن ڊائلاگس جي جاءِ تي هڪ بلڪل نئين جدت ڏني ۽ پنهنجن ناٽڪن کي ڪل پوڳ توڙي نشتر جهڙي تيز ۽ وڍيندڙ جملن سان هڪ ”مسلسل بحث“ جي صورت اختيار ڪرائي. اهڙي طرح اسٽيج ڊرامي ۾ هڪ وڏيڪ ۽ نئين رخ جو اضافو ٿيو. سندس جڳ مشهور ناٽڪ Man and Superman ان سلسلي ۾ بهترين مثال طور پيش ڪري سگهجي ٿو.

ساڳي ئي دور ۾ يوجين اونيل (Eugene O'Neill) 1853 – 1888، پڻ عجيب ۽ غريب تجربن وسيلي ٿيئٽر کي اجا بہ هڪ نئون موڙ ڏنو. هن خوابن، خيالن، سوچن ۽ اٽڪلن کي اسٽيج تي آڻڻ لاءِ سوجهري ۽ اونده جو ڀرپور سهارو ورتو. اندر جي اڌمن کي هن ڪان اڳ فقط لفظن وسيلي ادا ڪيو ويندو هو. پر اونيل اسٽيج تي اهڙو ماحول پيدا ڪيو جو لفظن جي ادائگي گهٽو پنتي رهجي وئي. اونيل جي انهن تجربن جي روشنيءَ ۾ اڄ جو جديد ٿيئٽر پلجي جوان ٿيو آهي. منجهس بجليءَ جون مختلف روشنيون، ڦرندڙ اسٽيج، پس منظر ( Back Drop)، موسيقي، صوتر اثرات ۽ ٻيون ڪيتريون ئي نيون تبديليون روشناس ڪرايون، اڄ جو ٿيئٽر هر طرح سان جديد دور جي تقاضائن کي پورو ڪرڻ جي قابل ٿي ويو آهي.

ناٽڪ جي مختلف عالمي تواريخ تي هڪ اڏامندڙ نظر وجهڻ ان ڪري بہ ضروري هئي تہ جيئن اسان سنڌي ڊرامي کي ان پس منظر ۾ ڏسي ۽ پرکي سگهون. هونءَ تہ ڊرامي جي وصفن واريون ڪيتريون ئي فني شڪليون سنڌي سماج سان صدين ڪان وٺي واڳيل آهن: موهن جي دڙي ۾ ڪليل آسمان هيٺان گڏجي ويهي ڏسڻ وارو ايمفي ٿيئٽر پڻ ان جو شاهد آهي تہ سنڌ ۾ پڻ ٻين تهذيبن جيان ناٽڪ جو قديمي رواج هو. ان ڪان سواءِ پڳت، سوانگ توڙي شادين مرادين ۾ گهوٽيتن ۽ ڪنواريتن جي چيڙ چاڙ طور ناهيل ننڍڙا ڪلائيندڙ ٽوٽڪا بہ گوله آهن تہ داستان گو جي ڪهاڻي ٻڌائڻ سان گڏوگڏ انهن ڪردارن جو روپ ڌاري ساڻن ساٿ ڏئي، پنهنجي جسماني حرڪت سان داستان ۾ ٿيندڙ عمل (Action) کي

ٽيڪو ونائڻ وارا بہ شاهد آهن تہ هيءُ فن سنڌي سماج لاءِ ڪو نئون ناهي. حاڪمن جي درٻارن ۾ دل وندرائڻ وارا مشڪرا پڻ طرح طرح جا ويس ڌاري، لذيذ جملن سان ناٽڪي ڪردار ادا ڪندا رهيا آهن، سا بہ ڪا نئين ڳالھ ناهي. پر موجوده گهرجن کي پورو ڪندڙ ڊرامو سنڌ ۾ انگريزن جي آمد کان پوءِ ئي آيو. بنان اسڪرپٽ جي ٻڳتي توڙي پنگتي ٽوٽڪا تہ اڳ ئي مروج هئا، پر باقاعدي لکيل ۽ اسٽيج تي آڻڻ جهڙو ڊرامو 1880ع ۾ مرزا قليچ بيگ پنهنجي قلم سان لکيو ۽ نالو رکيائينس "ليلا مجنون". اهو ناٽڪ ڪافي عرصي تائين اسٽيج جي زينت بنجي نہ سگهيو جو ان وقت ڪا ناٽڪ منڊلي موجود نہ هئي، ماستر چيتانند ڪلٽداس جو جوڙيل ڌرمي ڊرامو "نل دمينتي" پهريون ڊرامو هو جيڪو 1894ع ۾ ڏيارام ڄيٺمل سنڌ ڪاليج ايميچوئر سوسائٽي جي طرفان ڪراچيءَ ۾ پيش ڪيو.

هاڻي جيڪڏهن يورپي ڊرامي سان پنهنجي ڊرامي جي ڀيٽ ڪنداسين تہ زمين آسمان جو فرق محسوس ٿيندو. اسان جي ناٽڪ جي رسمي شروعات تڏهن کان ٿي ٿئي جڏهن يورپ جو ڊرامو سڀ ابتدائي مرحلا لتاڙيندو جديد دور ۾ شامل ٿي چڪو هو ۽ ادب، آرٽ توڙي سماجي روايتن ۾ پاڙون پختيون ڪري چڪو هو. ان هوندي بہ ننڍي ڪنڌ جي ٻين ٻولين جيان سنڌي ڊرامي تڪڙي اوسر ڪئي ۽ نئين صديءَ جي شروعات تائين مرزا قليچ بيگ کان سواءِ ديوان ڪوڙومل، ديوان ليلارام، لال چند امر ڏنو ۽ ٻيا ڪيترائي ليکڪ ان ڊوڙ ۾ شامل ٿي ويا. اڳتي هلي جن ڊرامي جي آبياري ڪئي تن ۾ ڪشنچند بيوس، پروفيسر منگهارام ملڪاڻي، چيتانند ناگراڻي، محمد عثمان ڏيپلائي، موتو مل گڏواڻي، نانڪرام ڌرمداس، ڄيٺمل پرسرام ۽ خانچند درياڻي وغيره شامل آهن.

ورهاڱي وقت سنڌ ۾ ڪافي ناٽڪ منڊليون موجود هيون جن جا مرڪز ڪراچي ۽ حيدرآباد کان سواءِ شڪارپور، ڊيري، هالاڻي، موري، لاڙڪاڻي ۽ ٻين ڪيترن ئي شهرن ۾ هئا. هندن جي لڏي وڃڻ کان پوءِ سنڌ ۾ ناٽڪ منڊليون تہ وڃي ڪي ايڪڙ ٻيڪڙ بچيون، پر هنن يارن هندستان ۾ وڃي ناٽڪ کي خوب مچايو. اڄ بہ هندستان جي هر ان شهر ۾ جتي سنڌي رهن ٿا، اتي باقاعدگيءَ سان منچ تي ڊراما ٿيندا رهن ٿا، نہ رڳو ايترو بلڪ دبئي، سينگاپور ۽ هانگ ڪانگ ۾

پڻ اڪثر سنڌي پنهنجي دل وندرائڻ لاءِ ناٽڪ رچائيندا آهن. هن ڪتاب ۾ ليکڪ وڏيءَ محنت سان ورهاڱي کان اڳ ۽ پوءِ جي لکيل ڊرامن جا تفصيل گڏ ڪري پڌرا ڪيا آهن جنهن لاءِ هن جس لهڻو. انگ اکر، سال سن، ليکڪن جي حياتيءَ جا مختصر خاڪا ۽ سندن ڪم تي ٽيڪاٽپڻي پڻ سندس پيار جو پورهيو ٿي معلوم ٿئي. ڏٺو اهو آهي ته اسان جا اسٽيج ڊراما جيڪي سو سالن کان به هاڻي وڌيڪ ڄمار ماڻي هليا آهن تن پنهنجي ٽيڪنڪ ۾ توڙي فن ۾ يا وري تحرير ۾ ڪا ٿوري گهڻي اڳڀرائي به ڪئي آهي يا اتي جو اتي بيٺا آهن؟ منهنجي ذاتي راءِ ۾ اسان جي منچ ۾ چرپر ضرور ٿي آهي پر نه جهڙي تحرير بهتر ٿي آهي ۽ ظاهر آهي ته فنڪارن جون صلاحيتون پڻ ريڊيو، ٽي وي ۽ فلم جي تجربي کان پوءِ ڪي قدر چڱيرڙيون ٿيون آهن، پر اسٽيج سان واسطو رکندڙ اسمن ۾ ڪا خاطر خواه ترقي مون کي نظر نه ٿي اچي.

ٿورو تفصيل سان لکجي ته شروعات ۾ ڌرمي ۽ تاريخي ڊراما لکيا ويا ۽ اسٽيج ڪيا ويا. عورتن تي سماجي پابنديءَ سبب زائفائن جا رول مردئي ڪندا هئا. ان قسم جو ماحول هاڻي گهٽ ۾ گهٽ وڏن شهرن ۾ نه رهيو آهي. ان کان پوءِ آهستي آهستي سماجي عنوان پڻ هٿ ۾ ڪنيا ويا جن جي وسيلي امير غريب جو تضاد، هندو مسلم ڀائيچارو، بي جوڙ شاديون، سس ۽ ننهن جو جهيڙو، وڏيري، پير ۽ پوليس جا ظلم وغيره ۽ آخري دور ۾ وطن پرستي، سنڌ دوستي، حقن لاءِ ويڙهاند جهڙا عنوان شامل آهن. اهو سڀ ڪجهه چوڻ کان پوءِ مون کي اجازت ملي ته ڏکيءَ دل سان چوان ته سنڌي ماڻهو ۽ خاص طور سنڌ واسي ڪڏهن به اسٽيج جي فن سان ذهني طور ڪمٽمنٽ جي حد تائين واڳيل نه رهيا آهن. ڏسندڙ کي هلڪا ڦلڪا، ٺينگ ٽپن وارا، ڪلاٽيندڙ ناٽڪ (Horse plays يا Farce) گهرجن ۽ ليڪن کي ڄاڻ آهي ته سندن سنجيده تحريرن کي اسٽيج تي اها موٽ ڪو نه ملندي. سڀ کان وڏي ڳالهه ته اسان وٽ ڪي منظم ناٽڪ منڊليون به ڪونهن، جيڪي هن فن کي ترقي وٺائڻ ۾ مددگار ثابت ٿين. ڪي اڙيا ٽڙيا ناٽڪ ٿيندا رهندا آهن جن کي بي دليا ڏسندڙ ڏسندا ضرور آهن پر فقط روشني خاطر.

ريڊيو ۽ ٽي ويءَ جي ڊرامن جي صورتحال اسٽيج ڊرامن کان مختلف آهي،

حالانڪ انهن ٻنهي ماڊيمن ۾ اسان جي شروعات ۾ تمام گهڻي رستي روڪ ڪئي وئي. پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ جڏهن ريڊيو پاڪستان تان باقاعده پروگرام نشر ٿيڻ لڳا، تڏهن سڀي ڏينهن ۾ سنڌيءَ ٻوليءَ کي شروعات ۾ فقط ويهه منٽ ڏنا ويا. انهن مان ڏهه منٽ خبرن جي لاءِ باقي ڏهه منٽ ڪڏهن ڊرامي جي لاءِ، ڪڏهن ٻارن جي پروگرام لاءِ، ڪڏهن عورتن جي لاءِ ۽ ڪڏهن سنگيت لاءِ مقرر هوندا هئا. انهن ڏينهن ۾ مان اسڪول ۾ پڙهندو هوس ۽ ريڊيو لاءِ ڏهن منٽن جا ڊراما ۽ ٻارن جون ڪهاڻيون لکندو هوس. ڊرامن مان ٻن جا نالا به ياد اٿم. هڪ هو ”حاجي صاحب“ ۽ ٻيو ”همسفر“. معاوضو ڦهريون پنج روپيه ۽ پوءِ اڳتي هلي ڏه روپيه ٿيو. اها ويهن منٽن جي خيرات سال ٻن کان پوءِ وڌائي ٽيهه منٽ ڪئي وئي ۽ آخر ۾ پنجيتاليهه منٽن تي اچي دنگ ڪيائين. ظاهر آهي ته ڏهن منٽن ۾ توهان ڪهڙو ڊرامو ڏئي سگهندو؟ ڪو خاڪو ئي پيش ڪري سگهو ٿا. ان هوندي به اسان اهي ڏهه منٽ به ڪڏهن خالي نه وڃڻ ڏنا.

پيٽي صاحب جي اقتدار ۾ اچڻ وقت اسان وٽ فقط هڪ ڪلاڪ جو پروگرام روزانو هوندو هو. ڪجهه دوستن گڏجي همت ڪري پيٽي صاحب کي ان ڳالهه تي قائل ڪيو ته هو صاحب چينل ون تي سنڌي پروگرام جو وقت گهٽ ۾ گهٽ 25 سيڪڙو وڌائي. بيورو ڪريسي ائين ته ڪرڻ ڪو نه ڏنو، البت چينل ٽو تي به ڪلاڪ ڪن اضافي ملي ويا. اسان ان کي به پنهنجي ڪاميابي ڄاڻي واڌو وقت کي چڱيءَ طرح ڪارج ۾ آڻڻ جو پڪو پهه ڪيو. پروگرام مينيجر امر جليل، آغا سليم ۽ عنايت بلوچ جهڙا چوٽيءَ جا لکاري هڪ ٻئي پويان ٽيندا رهيا ۽ سندن ڏي تي خواجا امداد، ابراهيم شيخ ۽ نثار ميمڻ جهڙا جفاڪش پروڊيوسر ڏينهن رات هڪ ڪري، قومي فرض طور پروگرامن مٿان پروگرام پيش ڪندا رهيا. مهيني ۾ چار هڪ ڪلاڪ جا ڊراما، چار اڌ ڪلاڪ جا ڊراما، چار ڊرامائي رنگ ۾ گيتن ڀريون ڪهاڻيون ۽ چار هڪ ڪلاڪ جا مزاحيه خاڪن جا پروگرام ٽيندا هئا. مهيني ۾ ڪل سورنهن پروگرام ڊرامي جي حوالي سان، ٻارن، عورتن، آبادگارن، گائڪن وغيره لاءِ وري ڌار پروگرام ۽ انهن سڀني کان علاوه صبح جو هڪ ڪلاڪ جو ڊسڪ جاڪي ”سورج شاخون ڪيون“.

مان فقط رڪارڊ جي درستيءَ خاطر ۽ ان خيال کان به ته هي حقيقتون معلوم ته گهڻن کي آهن. پر اڄ تائين ڪنهن کي توفيق نه ٿي آهي ته سچ لکي، هن مضمون وسيلي دستاويز طور ٻڌائڻ ٿو چاهيان ته جيئن آئنده ريڊيو ڊرامي جي تواريخ لکڻ وقت هي حقيقتون سامهون هجن. مهيني جا سورنهن ئي ڊراما پروگرام لکڻ منهنجي حصي ۾ آيا. ڪڏهن ڪڏهن علي محمد مجروح يا رشيد صابر جهڙا دوست هٿ ونڊائي بار هلڪو ڪندا هئا، ورنه مون اڪيلي سر ٻارنهن تيرنهن سال اهو بار پنهنجن ڪلهن تي کنيو. ڊسڪ جاڪي به ڪندو هوس، ڊرامن ۾ حصو به وٺندو هوس، هلڪا سلڪا ٻيا پروگرام به لکندو هوس، ٽي ويءَ لاءِ به ڊراما تحرير ڪندو هوس، ڊاڪيومينٽري فلمون به ٺاهيندو هوس، اشتهاري ڪمپنين لاءِ "اسپاٽ ۽ جنگل" به ڏيندو هوس ۽ ڪمرشل فلمون به لکندو هوس. سرڪاري نوڪري ان کان علاوه. ابراهيم شيخ مرحوم لاڏاڻو ڪري ويو آهي، باقي دوست حال حيات آهن، اهي ضرور شاهدي ڏيندا. مان ذاتي حوالو هرگز نه ڏيان ها پر مون هن موقعي تي بريءَ طرح محسوس ڪيو ته ماٺ ڪري ويهڻ سان نه رڳو مون سان پر ٻين ڪيترن ئي مستحق ماڻهن سان مستقل نا انصافيءَ جو رويو هميشه لاءِ تواريخ جو حصو بنجي ويندو ۽ اسان کان پوءِ ايندڙ علم جا پانڌيئڙا حقيقتن کان بي خبر رهجي ويندا ۽ مستقبل جا محقق پاڻ کان اڳ ڇپيل ڪتابن جا حوالا ڏئي بار لاهيندا رهندا. اهو دور ڪراچي ريڊيو تان سنڌي ڊرامي جو سونهري دور مڃيو ويندو آهي. گهٽ ۾ گهٽ هڪ هزار ڊرامائي اسڪرپٽ ان عرصي ۾ فقط مون اڪيلي لکيا هوندا. ٻين دوستن جي محنت الڳ آهي.

حيدرآباد ريڊيو تي گهڻا ئي لکندڙ موجود هئا جن جو ذڪر هن ڪتاب ۾ تفصيل سان ٿيل آهي. هونءَ به حيدرآباد سنڌ جي دل آهي ۽ سنڌي ادب جي جان آهي. تحريڪون سڀ حيدرآباد مان هليون، رسالا ۽ اخبارون پڻ گهڻي ڀاڱي اتان ئي ڇپجندا هئا. ڪراچي ٽي وي سينٽر کليو ته اتي به سنڌيءَ سان ماٽيلي ماءُ وارو سلوڪ شروع ٿي ويو. پهريون اڌ ڪلاڪ ۽ پوءِ هڪ ڪلاڪ. ان هوندي به ان مختصر عرصي کي سنوارڻ ۽ سينگارڻ ۾ اسان جي اڻ تڪ ليکڪن ۽ ذات ڏٺي فنڪارن وسان ڪين گهٽايو. نور الهديٰ شاهه، عبدالقادر جوڻيجي، شوڪت

ڪيهر، آغا رفيق، شوڪت شوري، امر جليل ۽ ٻين جون ڪوششون ۽ ڪاوشون وسارڻ جوڳيون ناهن. عبدالڪريم بلوچ، محمد بخش سميجو، منظور قريشي، ذوالفقار نقوي، هارون رند ۽ ڪيترائي ٻيا پروڊيوسر سنڌي ڊرامي کي حيرت انگيز حد تائين عروج تي پهچائڻ جا ذميدار آهن. گڏوگڏ انهن آرٽسٽن کي به نه وسارڻ گهرجي جن پنهنجي ڀرپور فني صلاحيت سان نه صرف ڏيهه توڙي پرڏيهه ۾ نالو ڪمايو، بلڪ سنڌيت جو شان به اوچو ڪيائون. انهن ۾ غزاله رفيق، قربان جيلاني، منظور قريشي، سڪينا سمون، شفيع محمد شاهه. منصور بلوچ، فريد نواز بلوچ، نور محمد لاشاري، محمد يوسف ۽ ڪيترائي ٻيا شامل آهن.

سنڌي ٽي وي ڊرامي جي مقبوليت جو اهو حال هو جو اردوءَ وارن کي لاچار ٿي ڪيترائي سنڌي ڊراما، سيريز ۽ سيريل اردوءَ ۾ ٻيهر ڪرائڻا پيا. اسٽيج جي مقابلي ۾ سنڌي ريڊيو توڙي ٽي وي ڊرامن جيڪا ترقي ڪئي آهي ۽ مقبوليت ماڻي آهي تنهن کي فقط مثالي ئي چئي سگهجي ٿو.

”سنڌي ڊرامي جي مختصر تاريخ“ جي مصنف مختيار احمد ملاح جنهن پيار ۽ محبت سان محنت ڪري ۽ حوالا ڏئي سنڌي ڊرامي جو شروع کان وٺي تجربو ڪيو آهي، ان لاءِ هن ڪيرون لهڻيون. مون کي اميد آهي ته هيءُ ڪتاب سنڌي ادب ۾ هڪ وڏيڪ تحقيقي دستاويز جو اضافو ڪندو ۽ ڊرامي جي شاگردن جي جوڳي رهنمائي ڪندو. مان اها اميد رکان ٿو ته مختيار احمد موجوده سنڌي اسٽيج، ريڊيو ۽ ٽي وي ڊرامن جي پستيءَ جا ڪارڻ پڻ ڳوليندو، حالانڪ اهي ادارا اڄ به ڪلهه جيان پنهنجي جاءِ تي نه رڳو ساڳيءَ ريت قائم آهن بلڪ مختلف ٽي وي چينلز اچڻ ڪان پوءِ وقت توڙي وسيلن جي ڪوٽ باقي نه رهي آهي.

قمر شهباز

10th August 2008 Karachi

## تاثر

اڇا! سنڌي ڊرامي جي 128 سالہ مختصر دؤر جي، ايتري وسيع تاريخ آهي؟ ۽ ان جو اتو پتو اجهو مون کي هن عزيز دوست ۽ جاکوڙي ليکڪ مختيار احمد ملاح جي لکيل هن ڪتاب مان ئي پيو آهي. نہ تہ ان کان اڳ مون تہ سمجهو پئي تہ، 1880ع ڌاري، مرزا قليچ بيگ صاحب، پهريون اوپيرا ناٽڪ، "ليليٰ مجنون" سنڌيءَ ۾ متعارف ڪرايو هوندو ۽ ان کان پوءِ، هن کي روسي، يورپين ۽ اردوءَ مان کي ڊراما سنڌيءَ ۾ الٿو ڪيا هوندا ۽ بس اهي کي ٻين ناٽڪ نويسن بہ ٿورا کي گهڻا ناٽڪ مرزا صاحب جي لکيل ڊرامن کان Inspire ٿي لکي ورتا هوندا ۽ بس ايتري ئي هوندي سنڌي ناٽڪ جي تاريخ. ها! شاگرديءَ واري زماني ۾ منگهارام ملڪاڻي صاحب جي سنڌي نثر واري تاريخ مان، ايترو سو ضرور پتو پيو هوم تہ، ورهاڱي کان اڳ سنڌ ۾ کي ناٽڪ منڊليون قائم هيون، جيکي خاص ڪري ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ کي ناٽڪ اسٽيج پيون ڪرائيندڀون رهنديون هيون. سنڌ ۾ ريڊيو ۽ ٽي وي ڊراما ۽ فلم تہ، اڃا بہ ٿي گهڻو پوءِ جي ڳالهہ. جو ريڊيو تہ سنڌ ۾ قائم ئي ورهاڱي کان پوءِ ٿيو هو. ۽ سنڌيءَ ۾ نشريات شروع ئي 1951ع کان پوءِ وڃي ٿي هئي، ۽ سنڌيءَ ۾ باقاعده طبعزاد ريڊيو ڊرامي جي ابتدا بہ صحيح معنيٰ ۾ 1955ع کان پوءِ ان وقت وڃي ٿي هئي جڏهن حيدرآباد ۾ هو مستيڊ هال ۾ ريڊيو اسٽيشن قائم ٿي ۽ جنهن لاءِ سيد منظور نقويءَ پهريان سنڌي ڊراما تحرير ڪيا هئا. ستر واري ڏهاڪي کان يعني، اجهو چاليهہ کن ورهيہ اڳ، ڪراچي TV تان سنڌي ڊرامن ڪرڻ جو سلسلو شروع ٿيو ۽ ان لاءِ پهريون ڊرامو ۽ مرزا قليچ بيگ جي جڳ مشهور ناول 'زينت' جي ڊرامائي تشڪيل تي مبني هو ۽ ٻن قسطن تي ٻڌل اهو ڊرامو، شمشير الحيدري ڪوشش وٺي ڊراما تائيز ڪيو هو.

1880ع کان 2008ع تائين، اها ڪيڏي نہ خوش آئنده ڳالهہ رهي، تہ هيڏانهن مختلف ميڊيمس لاءِ ڊراما نگار، ڊراما لکي رهيا هئا ۽ ٻئي پاسي منگهارام ملڪاڻي، ڊاڪٽر محمد يوسف پنهور، ڊاڪٽر غلام رسول بلوچ، آغا

سليم، مراد علي مرزا، ممتاز مرزا، عبدالڪريم بلوچ، حيات علي شاهه بخاري ۽ ٻيا به ڪيترائي مؤرخ، ويا پئي سنڌيءَ ناٽڪ جي تاريخ کي مرتب ڪندا. انهن سڀني مانائتين شخصيتن کان پوءِ اڄهو ان ڏس ۾ پنهنجي هن نوجوان ۽ جوان همت ساٿيءَ، مختيار احمد ملاح جي نهايت جاکوڙ سان لکيل هي تاريخ جو ويڻو پڙهان، ته پاسيم پيو، جڻ انهن سينئرس جي لکيل مضمونن مان ڪٺو ڪٺو، معلومات ڪڍي، مختيار هن ڪتاب ۾ گڏ ڪري جڻ ناٽڪ جي هڪ پوري دؤر جي تاريخ کي مربوط ڪري ڇڏيو آهي. (آفرين مختيار)

علاوه ازين ڏٺو وڃي ته اصل ۾ هي ڪتاب، سنڌي ناٽڪ جي محض تاريخ ئي ڪونهي، ڏاڍي سليقي سان ڪيل ان بابت جڻ هڪ جامع تحقيق به آهي ۽ ائين ڪتاب جي پهرين حصي ۾ ته هن جڻ ڊرامي ۽ ان جي جزيات جڻ ٿيسز اسٽائيل جو ورڪ ڪيو آهي. مثال طور ڊرامو ڇا آهي؟ ان جا فني لوازمات ڇا آهي يا سماج تي ان جو Impact ڪيئن ٿهندو آهي؟ ۽ اهڙن Issues جي پس منظر ۾ ڊرامي جي فن ۽ ان جي ڊفينيشن تي ڊسڪس ڪندي مختيار يورپ کان، هندستان جي مشهور دانشورن ۽ ناٽڪ نويس جا، ڊرامي جي فن بابت، ڏاڍا املهه ويچارا سامهون آڻي، هڪڙو، چڱو چوکو مواد، هن ڪتاب ۾ يڪجا ڪري، آئينده جي محققن لاءِ جڻ وڏي آساني پيدا ڪري ڏني آهي.

اڃا! اسٽيج، ريڊيو ۽ ٽي وي ناٽڪ ته ڇا، مختيار ناٽڪ جي بهاني، جڻ سنڌ ۾، سنڌي فلم جي مختصر تاريخ به، هن ڪتاب ذريعي اسان کي فراهم ڪري ڏني آهي. هو ان بابت، هن کان اڳ گهڻو ٿڻو عام خاص کي، سنڌي فلم بابت جي ڪا خبر آهي به ته صرف ايتري ته ورهاڱي کان پوءِ "سنڌ" ۾ پهرين سنڌي فلم تيار ٿي هئي: "عمر مارئي" پر هاڻي هن ڪتاب ذريعي اها ڳالهه به رڪارڊ تي اچي ويئي آهي ته، گڏيل هندستان ۾ 41 ـ1940ع ڌاري به، هڪ سنڌي فيچر فلم تيار ٿي هئي 'ايڪتا'. جيڪا هندو مسلم ايڪي تي ٻڌل هئي ۽ ان فلم ۾ "هيرو" جو ڪردار ادا ڪيو هو، اسان جي ماتليءَ واري باباءِ ثقافت، رئيس ڪريم بخش نظاماڻيءَ (وفات پهرين جنوري 1984) ۽ مختيار جي لکيل هن تاريخي ڪتاب ۾ اهو به پڙهي، منهنجي معلومات ۾ اضافو ئي ٿيو آهي ته ان پهرين سنڌي فلم

جي ڪهاڻي، مشهور شاعر آغا عبدالغني لکي هئي ۽ اها ﺑﻪ اسان سيني کي، مختيار جي ئي هن ڪتاب مان خبر پئي آهي، ﺗﻪ سندس فلم ”چانڊوڪي“، ”سورٺ“ ۽ ”محبوب مٺا“ جون ڪهاڻيون اسان جي برک ڪهاڻيڪار آغا سليم جون لکيل هيون، ۽ فلم ”نوري ڄام تماچي“، ”گهونگهٽ لاهه ڪنوار“، ”بادل“، ۽ ”مٺڙا شال ملن“ جون ڪهاڻيون امر جليل جهڙي هاڪاري ڪهاڻيڪار لکيون هيون. ۽ هي فلم ”ڌرتي لال ڪنوار“ ﺑﻪ ڪيڏي ﻧﻪ سٺي سنڌي فلم هئي، جنهن جا گيت، امداد حسينيءَ لکيا ۽ عابده پروين ڳايا هئا ۽ مختيار ملاح جي هن ڪتاب مان اهو معلوم ڪري ﺑﻪ، ڪيڏو ﻧﻪ خوش پيو ٿيان، ﺗﻪ ان فلم جي ڪهاڻي، جيڪب آباد واري مشهور اديب، ”غالب لطيف“ (مرحوم) تحرير ڪئي هئي، ۽ سرگواسي هري موٽواڻي (جنهن جون تازو هاڻيون ڪوٺڙي، سنڌ ۾، سنڌو درياهه ۾ پرواهه ڪيون ويون آهن) ان بابت اڄ اهو ﺗﻪ هر ڪوئي ڄاڻي ٿو ﺗﻪ، هو ”ڪونج“ مئگزين بمبئي جو سمپادڪ هئو، پر اها گهٽ ئي ماڻهن کي خبر هوندي، ﺗﻪ هن سنڌي پرست شخص، هڪ سنڌي فلم ﺑﻪ پروڊيوس ڪئي هئي: هو جمالو! ۽ مختيار ملاح جي هن ڪتاب مان ئي اها خبر پئي اٿم ﺗﻪ ان فلم جي ڊائريڪٽر جو نالو هو: ارجن چاولا، ۽ انهيءَ، ارجن چاولا بابت، اڳ مون کي صرف ايتري خبر هئي، ﺗﻪ هو عظيم شاعر شيخ اياز جو دوست هو ۽ هن ۽ سندس زال ”گيتا راڄ“ 1964ع ۾ شيخ اياز کي ”تاج محل“ جي زيارت ڪرائي هئي. بعد ۾ شيخ اياز ان احسان جي بدلي ۾ پنهنجو بهترين شعري مجموعو، ”وڄون وسڻ آئيون“ سڄي جو سڄو گيتا راڄ، کي ارپي ڇڏيو هو. ڪي ورهيه اڳ، هري موٽواڻيءَ، مون کي حميد سنڌي صاحب جي گهر ٻڌايو پئي ﺗﻪ، سندس ان فلم ”هو جمالو“ ۾ هيروئن جو پارٽ ﺑﻪ گيتاراڄ ئي ادا ڪيو هو ۽ زبردست ڪيو هو.

۽ دوست مختيار احمد ملاح جو نهايت محنت سان تيار ڪيل هي ڪتاب پڙهي مون کي سچ پچ ﺗﻪ ايتري ئي خوشي ٿي آهي، جيتري ڪنهن سٺي فلم ڏسڻ کان پوءِ محسوس ٿيندي اٿم. ظاهر آهي، جهڙي تهڙي قلمڪار جي حيثيت ۾، هن ڪتاب کان اڳ ئي آئون ڪيترن ئي ناٽڪ نويسن جي نالن کان ٿورو گهڻو آگاهه ﺗﻪ هوس ئي، پر انهن، ڊرامانگارن، سنڌيءَ ۾ ناٽڪ جي ڦهلاءَ لاءِ“ ايترو وسيع

ڪم ڪيو آهي، ۽ ان جي تفصيل ڪان مختيار جي هن ڪتاب معرفت ئي آئون آگاهه ٿي سگهيو آهيان. ان ڪري ههڙو ڪتاب تحرير ڪرڻ لاءِ، ڪيس تحسين صرف آئون ناچيز ئي نه پيو ڏيان، پر پانئيان پيو ته هو جيڪو سنڌيءَ ۾ ناٽڪ جو ابو آهي، منهنجو جد امجد . . . قليچ بيگ مرزا . . . اهو به چڙ، منهنجي وجود مان نڪري، مخصوص ادا سان، پنهنجي ٻانهن ڏگهيري، شفقت سان، مختيار احمد ملاح جي مٿي تي هٿ رکي، چئي رهيو آهي. آفرين مختيار پٽ . . . آفرين بابا !

نصير مرزا

## پنهنجي پاران

سنڌي ڊرامي جي تاريخ سوا سؤ سالن کان بہ پراڻي آهي، پر ان جا اهڃاڻ ۽ روايتون ايتريون ئي قديم آهن، جيتري قديم سنڌ ۽ ان جو لوڪ ادب. سنڌي زبان ۾ جديد ڊراما نويسي انگريزن جي دؤر کان شروع ٿئي ٿي. آزاديءَ کان اڳ سنڌ ۾ ڪيتريون ئي تنظيمون، سوسائٽيون ۽ ناٽڪ منڊليون هونديون هيون، جن جي ڪري سنڌي اسٽيج ڊرامو پنهنجي عروج تي پهتل هو. آزادي کانپوءِ سنڌي ڊرامي جي ترقيءَ جو محور ريڊيو ۽ ٽي وي رهيا آهن.

سنڌي ڊرامي جي تاريخ لکڻ جي سلسلي ۾ مون وڏ ۾ وڏ ان ڳالهہ جي ڪوشش ڪئي آهي تہ ان کي قديم دور کان موجوده دور تائين ڪڻي اچجي. ان حساب سان مون ڪوشش ڪئي آهي تہ ڪتاب ۾ گهٽي ۾ گهٽي ڄاڻ پڙهندڙن تائين پهچائي سگهان ۽ هن دؤر جديد جي حالتن جي تناظر ۾ اها ڄاڻ پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي اٿم. هن ڪتاب ۾ ڊرامي جي فن ۽ فڪر کي کولي بيان ڪيو ويو آهي. ڏيهي ۽ پرڏيهي اديبن ۽ محققن جا حوالا ڏيئي هڪ جامع اپياس ڏنو ويو آهي. جيئن مختلف محققن جي حوالن سان ڊرامي جي معنيٰ، ڪارج ۽ اوسر جي خبر پئجي سگهي. ڊرامي جا قسم ۽ مختصر مگر چڱي ريت سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي. ان کان علاوه ڊرامي جي سلسلي ۾ ان جي فني لوازمات تي بہ سٺي نموني بحث ڪيو ويو آهي. ڊرامي جي سماجي ڪارج کي سنڌي سماج جي حوالي سان پيش ڪيو ويو آهي تہ جيئن خبر پئجي سگهي تہ مختلف دورن ۾ سنڌي ڊراما نگارن سماج جي ڪهڙن مسئلن جي نشاندهي ڪئي آهي ۽ ڪهڙا حل ٻڌايا آهن. ڊرامي جي ارتقا، جيڪا يونان کان شروع ٿئي ٿي، ان سلسلي ۾ يوناني ڊرامي، سنسڪرتي ڊرامي ۽ انگريزي ڊرامي وغيره کي مختصر طور تاريخي حوالن سان ڏنو ويو آهي. ڊرامي جي ارتقا جي لحاظ کان سنڌي ڊرامي جي قديم دؤر کي جاچڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي. اهڙي طرح يوناني، سنسڪرتي يا انگريزي ڊرامن سنڌي ڊرامن تي ڪهڙو اثر ڇڏيو آهي، ان تي بہ خاصو بحث ڪيو ويو آهي.

سنڌي ڊرامي جي شروعات انگريزن جي دؤر کان ٿي. ان سلسلي ۾ خود انگريزن سنڌي ۾ ڊراما نويسي جي فروغ ۾ ڪهڙو ڪردار ادا ڪيو آهي، ان جي پسمنظر کي بہ چٽيو ويو آهي. انگريزن جي دؤر ۾ سنڌي ڊرامو پنهنجي عروج تي پهتل ٿو ڏسجي. ان سلسلي ۾ انگريزن جي دور ۾ هر لحاظ کان مختصر مگر جامع نموني سنڌي ڊرامي جي خوبين، خصوصيتن، موضوعن، ڊراميٽڪ سوسائٽين، مسئلن، اداڪارن، ڊرامانگارن جو جائزو پڻ ورتو ويو آهي، جنهن لاءِ مواد تمام گهڻيءَ محنت سان گڏ ڪيو ويو آهي. ان دؤر جي مڙني ڊرامن جي لسٽ ڏني وئي آهي ۽ مشهور ڊراما نگارن جي مشهور ڊرامن جو جائزو ورتو ويو آهي. آزاديءَ کانپوءِ سنڌي ڊرامو ٻن حصن ۾ ورهائجي ويو. هڪڙو سنڌي ڊرامو سنڌ ۾ لکيو ويجي ٿو ٻيو سنڌي ڊرامو هند ۾ لکيو ويجي ٿو. سنڌ ۾ اسٽيج ڊرامو پنهنجو جوڀن وڃائي ويٺو آهي. مگر ان جي باوجود ٽي وي، ريڊيو، فلم ۽ ڪتابي صورت ۾ سٺي ترقي ڪئي آهي، ان سلسلي ۾ آزادي کانپوءِ واري دور ۾ سنڌي اسٽيج ڊراما، ٽي وي ڊراما ۽ ڪتابن ۽ رسالن ۾ شايع ٿيندڙ ڊرامن جو الڳ جائزو ورتو ويو آهي. ان کان علاوه هندستان ۽ سنڌ ۾ لکجندڙ ڊرامي جو الڳ الڳ جائزو پڻ ورتو ويو آهي. هن دؤر ۾ سنڌي ڊرامي جون خوبيون، موضوع، ادبي رجحان وغيره خاص طور تي زير بحث آندا ويا آهن. ڪوشش اها ڪئي ويئي آهي تہ هن سلسلي ۾ وڏ ۾ وڏ ڊراما نگارن کي متعارف ڪرايو وڃي تہ جيئن سندن خدمتن کي نروار ڪري سگهجي.

جيتوڻيڪ سنڌي فلم ڪا گهڻي ترقي نہ ڪئي آهي، پر ان جي باوجود هڪ باب سنڌي فلم جي تاريخ تي پڻ ڏنو ويو آهي. جنهن ۾ سنڌي فلمن جي ناڪاميءَ جا سبب، ڪامياب ٿيڻ لاءِ سفارشون پڻ ڏنل آهن. هن پوري ادبي تاريخ ۾ جنهن شيءِ جي شايد ڪمي محسوس ڪري سگهجي ٿي اها هي آهي تہ ڊرامن ۽ ڊراما نگارن جو تذڪرو تہ ڪيو ويو آهي پر اداڪارن جو ذڪر نہ ڪيو ويو آهي. ان سلسلي ۾ عرض هي آهي تہ ڊرامي جي فن کي صرف ادبي طور تي پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. بهرحال اداڪارن جي خدمتن تي اهو ئي لکي سگهي ٿو جيڪو ذاتي طور ان فيلڊ سان وابستہ بہ هجي. ان کان علاوه هن پوري ڪتاب ۾ ڪوشش ڪئي آهي تہ تنقيدي لحاظ کان نہ پر معلوماتي ڄاڻ جي لحاظ کان

سنڌي ڊرامي جي تاريخ پيش ڪريان. هيءَ ادبي تاريخ اڪيڊمڪ ڇاڻ ڏئي ٿي. اگر ڪنهن ڊرامي تي ڪا تنقيد پيش به ڪئي ويئي آهي ته اها ڪنهن نالي واري نقاد تان ريفرنس طور ڪنئي ويئي آهي.

هن ڊرامي جي تاريخ ۾ مون ڪوشش ڪئي آهي ته وڌ ۾ وڌ ڊراما نگار متعارف ڪرايان، پر ان جي باوجود ڪيترائي اديب اڃا به رهجي ويا هوندا. انهن کي انشاءِ الله ڪتاب جي ٻئي ايڊيشن ۾ شامل ڪيو ويندو. هن ڪتاب جي سهيڙڻ ۽ لکڻ جي سلسلي ۾ ڪيترن ئي دوستن جو سهڪار شامل آهي، ڪن مواد ڏيڻ ۾ مدد ڪئي، ڪن پروفن چيڪ ڪرڻ ۾ مدد ڪئي. قمر شهباز ۽ نصير مرزا جو به احسانمند آهيان.

مختيار احمد ملاح

## نئين ڇاپي جو مهاڳ

ڪجھ ماڻھن جو خيال آهي تہ اسان وٽ ڪتابن پڙھڻ ۽ ڇپجڻ جو رواج تيزيءَ سان گھٽجي رهيو آهي. پر منهنجي خيال ۾ ڪتاب جي نہ تہ اهميت گھٽي آهي نہ وري اشاعت ۾ ڪا ڪمي آئي آهي. حقيقت ۾ سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪتابن جي اشاعت اڄ ڪان 30 سال پهرين جي ڀيٽ ۾ گھڻي ۽ بهتر ٿي آهي ۽ ڪتابن جي گيٽ اپ، سائيز ۽ بائنڊنگ ۾ بہ بهتري آئي آهي. البتہ اھو چئي سگھجي ٿو تہ دنيا ۾ آيل ٽيڪنالاجيڪل انقلاب جي ڪتاب جي فارميٽ ۾ تبديلي اچي رهي آهي ۽ ان تبديليءَ جي ڪري ڪتاب هاڻي آن لائين پڙھڻ جي عادت ۽ روايت وڌي رهي آهي. هاڻي لائبريري اسان جي موبائيل ۾ اچي محفوظ ٿيڻ لڳي آهي. خوشيءَ جي ڳالھ اھا بہ آهي تہ تمام تيزيءَ سان سنڌي ٻوليءَ جا ناياب، اڻ لڀ، مشهور ۽ ٻيا هر قسم جا ڪتاب آن لائين محفوظ ٿي رهيا آهن ۽ ان سلسلي ۾ سنڌي ادبي بورڊ، ثقافت کاتي ۽ سنڌي ٻولي اختياري وارن جا ڪافي ڪتاب آسانيءَ سان گھر ويٺي پڙھي سگھجن ٿا. ان کان علاوه، خانگي سطح تي ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ ۽ سليمان وساڻ صاحب جو ڪردار بہ انتهائي اهم آهي، جن پنهنجي ويبسائيٽن تي سون جي تعداد ۾ سنڌي ڪتاب گڏ ڪري سڄي دنيا تائين پهچائي ڇڏيا آهن. مان بہ ڪافي ڪوشش ڪري رهيو آهيان تہ منهنجا ڇپيل ۽ اڻ ڇپيل ڪتاب مختلف ويبسائيٽن تي اپ لوڊ ٿي وڃن ۽ وڌ ۾ وڌ پڙهندڙن تائين پهچي سگھن. ان سلسلي ۾ هن کان اڳ، منهنجا ٻہ ڪتاب سنڌ سلامت جي ويبسائيٽ تي اچي چڪا آهن ۽ هاڻي هي ٽيون ڪتاب بہ اپ لوڊ ٿيندي انتهائي خوشي محسوس ٿي رهي آهي. مان سليمان وساڻ جو انتهائي شڪرگذار آهيان، جنهن هميشہ منهنجي ڪم کي ساراهيو آهي ۽ پنهنجي ويبسائيٽ تي رکڻ لاءِ همٿائيندو رهيو آهي.

منهنجو هي سنڌي ڊرامي جي تاريخ تي لکيل ڪتاب 2012ع ۾ ثقافت کاتي پاران شايع ٿيو هو ۽ 2013ع ۾ سنڌي ٻولي اختياري طرفان

ڪتاب کي سال جي تحقيق جي حوالي سان ايوارڊ مليو هو. ڪجهه سالن کان ڪجهه مهربان پڙهندڙن شڪايت ڪئي ته ڪتاب مارڪيٽ ۾ نه ملي رهيو آهي، ان ڪري خيال آيو ته ڇو نه ڪتاب کي ڪجهه واڌارن سڌارا ڪري سنڌ سلامت تي آڻي ڇڏجي. ان سلسلي ۾ مون اڪبر لغاري صاحب، سيڪريٽري ثقافت کي اهڙي درخواست ڪئي ته ”سائين ڪتاب عام ڪرڻ لاءِ اجازت ڏيو ته ان کي سنڌ سلامت ويبسائيٽ تي اپ لوڊ ڪجي“. سائين خوشيءَ سان اجازت ڏني، جنهن لاءِ مان سندس شڪرگذار آهيان.

ڪتاب ۾ ڪجهه قدر اضافا ۽ سڌارا ڪيا ويا آهن ۽ ڪوشش ڪري 2020ع تائين اپ ڊيٽ ڪيو ويو آهي،پر بنيادي مواد ۽ ترتيب ساڳي رکيل آهي، البته ڪافي هندن تي مواد کي بهتر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. پر ان جي باوجود، اڃا به ڪافي گنجائش باقي آهي، جنهن سان ڪتاب کي بهتر ڪري سگهجي ٿو.

مختيار احمد ملاح
ڪراچي
23 اپريل 2021ع



# سنڌي ٻوليءَ ۾ ڊراما تي لکيل تاريخون

سنڌي جديد ڊرامي جي شروعات انگريزن جي دور ۾ ٿي، پر سنڌي ڊرامي جون ادبي تاريخون آزاديءَ کان پوءِ لکجڻ شروع ٿيون. انگريزن جي دور ۾ اسٽيج ڊرامي جو عروج هو، ان ڪري ڊرامي تي تنقيد به ڪافي هوندي هئي، جيڪا مختلف رسالن ۽ اخبارن ۾ شايع ٿيندي هئي. هتي سنڌ ۾ ڊرامي جون تاريخون گهٽيون ناهن لکيو ويون، پر هندستان ۾ ڊرامي بابت ڪتاب يا مضمون وڌيڪ شايع ٿيا آهن. سنڌي ڊرامي جي تاريخ لکڻ جو هڪ وڏو مسئلو اهو آهي ته انگريزن جي دؤر ۾ جيڪي ڊراما اسٽيج ٿيا يا ڪتابي صورت ۾ شايع ٿيا، اڄ اهي اڻ لڀ آهن. آزادي کانپوءِ جيڪي ڊراما مختلف صورتن ۾ سامهون آيا، اڄ اهي اسڪرپٽ ۾ موجود نه آهن. انهيءَ سبب ڪري سنڌي ڊرامي جي هڪ جامع تاريخ ۽ ان تي تنقيد ڪرڻ هڪ پيچيده مسئلو آهي. بهرحال هيٺ ڪجهه ڊرامي جي تاريخن جو مختصر جائزو ڏجي ٿو:

**سنڌي ڊراما ان جو فن تاريخ (مير محمد نظاماڻي):**

هي ڪتاب مير محمد نظاماڻيءَ جو لکيل آهي، نظاماڻي صاحب سنڌ يونيورسٽي ۾ اسسٽنٽ ڪنٽرولر اگزيمنيشن هو. هي ڪتاب سنڌي ڊرامي جي باري ۾ پهريون سنڌي ڪتاب هو. هن ڪتاب جا به ڇاپا آيل آهن، جنهن پهريون 1966ع ۾ شايع ٿيو. هن ڪتاب ۾ پنج باب آهن. پهرين باب ۾ ڊرامي ۽ ان جي اصليت تي بحث ڪيو ويو آهي ٻئي بابت ۾ مغربي ڊرامي جي فن جو جائزو ورتل آهي. ان کان علاوه سنسڪرتي ڊرامي جو به جائزو ورتل آهي. ٽئين باب ۾ ڊرامن جي ترتيب ڏنل آهي. چوٿين باب ۾ ٿيئٽر ۽ پنجين باب ۾ سنڌي ڊرامي جي مختصر تاريخ ڏنل آهي، جنهن ۾ فقط انگريزن جي دور جي ڊرامي جو ذڪر آهي. هي ڪتاب 1982 ۾ انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي پاران شايع ٿيو هو.

**ڊراما جي تاريخ ۽ تنقيد (پروفيسر حبيب الله مرزا)**

هي ڪتاب 106 صفحن تي مبني آهي، جيڪو 1967ع ۾ شايع ٿيو.

ان ۾ ڊراما جي فن ۽ بنيادي عنصرن جي معلومات ڏنل آهي. پهرين باب ۾ "ڊراما جي تاريخ"، ٻئي ۾ انگريزي ڊراما جي تاريخ، ٽئين باب ۾ قديم پاڪ وهند کنڊ ۾ ڊراما ۽ اسٽيج، چوٿين باب ۾ انگريزن جي دور ۾ سنڌي ڊراما، پنجين باب ۾ ڊراما جي وڌيڪ معلومات ڏنل آهن. ڪتاب جي ٻئي ڀاڱي ۾ ڊراما جي اهميت ۽ وسعت بابت باب آهن. جڏهن ته هي ڪتاب سنڌي ڊرامي بابت انتهائي مختصر معلومات مهيا ڪري ٿو.

**سنڌي ناٽڪ صدي (سووينئر)**

هي سووينئر "سنڌي ڊرامي جي هڪ صدي" (1880_1980)جي حوالي سان جاري ڪيو ويو هو. هي ڪتاب مهراڻ آرٽس ڪائونسل، حيدرآباد پاران 1980ع ۾ ڇپرو ڪيو هو. هن ڪتاب جو مرتب غلام نبي آگرو آهي . هن سووينيئر ۾ هيٺيان مضمون شامل آهن: سنڌي اسٽيج ڊرامو :هڪ مختصر جائزو (مراد علي مرزا)، سئو سالا جشن جي ڊرامن جو تعارف (عبدالقادر جوڻيجو)، اسٽيج ۽ سنڌي ڊرامو (ڊاڪٽر محمد يوسف پنهور)، حيدرآباد شهر (ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ)، سئو سالا جشن جي ڊرامن جو تفصيل (مير محمد نظاماڻي).

**سنڌي ناٽڪ جي اوسر (پريم پرڪاش)**

هي ڪتاب دراصل ڊاڪٽر پريم پرڪاش جي پي_ايچ ڊي ٿيسز لاءِ لکيل مقالو آهي، جنهن ۾ سنڌي ڊرامي جي هڪ صدي يعني 1880ع کان 1980ع جي ڊرامن جو ڀرپور جائزو ورتو ويو آهي. ڊاڪٽر پريم پرڪاش جو شمار هند ۾ سنڌي ڊرامن جي وڏن ڊرامن نگارن ۾ ٿئي ٿو. هن سنڌي ڊرامي لاءِ تمام گهڻو پتو ڙيو آهي. هي ڪتاب سنڌي ڊرامي جي ڀرپور معلومات مهيا ڪري ٿو، جنهن ۾ ٻڌايو ويو آهي ته انگريزن جي دور ۾ سنڌي ڊرامو ڪهڙن مرحلن مان پار ٿيو، سنڌ جو ناٽڪ منڊليون ڪيئن هونديون هيون، اداڪار ڪيئن هوندا هئا، تماشائي ڪير هوندا هئا ڊرامن جا موضوع ڪهڙا هوندا هئا، ڊراما نگار ڪير هوندا هئا وغيره وغيره. جڏهن ته آزاديءَ کان پوءِ هند جي سنڌي ناٽڪ جو جائزو به پيش ڪيو اٿس. ڊاڪٽر پريم پرڪاش جو هڪ ٻيو ڪتاب "سنڌي ناٽڪ" پڻ شايع ٿيل

آهي.

**سنڌي ناٽڪ جي چونڊ تنقيد (پريم پرڪاش)**

هي ڪتاب ڊاڪٽر پريم پرڪاش جو ترتيب ڏنل آهي، جنهن ۾ هن چونڊ ناٽڪ ۽ انهن تي تنقيد ڪئي آهي. هي ڪتاب 1980ع ۾ شايع ٿيو آهي. 2004ع ۾ پريم رڪاش جو ڪتاب ”ورهاڱي بعد سنڌي ناٽڪ، اوسر ۽ سمالوچنا“ پڻ شايع ٿيو.

**سنڌ ڊراما ايڪ صدي (آغا خالد سليم)**

هي ڪتاب اردو زبان ۾، اداره ثقافت پاڪستان طرفان 198ع ۾ سنڌ جي نالي واري اديب ۽ ڊراما نويس آغا سليم جو لکيل آهي، جنهن ۾ هن پوري هڪ صديءَ جي ڊرامي جي تاريخ انتهائي اختصار سان لکيل آهي. هڪ بهترين رفرنس بڪ چئي سگهجي ٿو.

**سنڌي ڊراما هڪ صدي (پي-ايڇ ڊي ٿيسز) غلام رسول بلوچ**

ڊاڪٽر غلام رسول بلوچ، سنڌي ٻوليءَ جو نالي وارو محقق ۽ استاد آهي، پاڻ ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي جي نگرانيءَ ۾ 1983ع ۾ ”سنڌي ڊراما جي هڪ صديءَ جو تاريخي ۽ تنقيدي جائزو“ لکي پي.ايڇ.ڊي ڪيائون. هيءَ هڪ بهترين ريسرچ آهي، جيڪا اجان تائين شايع ڪو نه ٿي آهي. بهرحال، هن ريسرچ ۾ ڊرامي جي فني، فڪري ۽ ادبي تاريخ جي لحاظ سمورا موضوع زير بحث آيل آهن.

**سنڌي ناٽڪ جي اوسر (ڊاڪٽر محمد يوسف پنهور)**

ڊاڪٽر محمد يوسف پنهور ايگريڪلچر يونيورسٽي ۾ پروفيسر هو پر بنيادي طور ڊرامي جو ماڻهو هو. هن جي ڊرامي سان خاص محبت هئي. هو نه فقط ڊراما لکندو هو، پر ڊرامن ۾ ڪم به ڪندو هو ۽ ڊرامن جو اهتمام به ڪندو هو. ان لحاظ سان سندس ڪتاب سنڌي ڊرامي جي ڀرپور ڄاڻ ڏئي ٿو. هن سنڌي اسٽيج ڊرامي جي انگريزن جي دور جي ڄاڻ ۽ آزادي ڪانپوءِ جي ڄاڻ به ڏني آهي. ان کان علاوه سنڌ جي ناٽڪ منڊلين جي معلومات، اداڪارن جي معلومات، 1980ع تائين ڊرامن جي لسٽ ۽ ٻيو گهڻو مواد ڏنو اٿس. هي ڪتاب 1992ع ۾

انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄامشوري پاران شايع ٿيو.

**ننڍي کنڊ ۾ ڊرامي جي تاريخ (غلام حيدر صديقي)**

هدايتڪار ۽ فلمساز غلام حيدر صديقي (2 نومبر 1936ع) لاڙڪاڻي ۾ حاجي امير علي صديقي جي گهر ۾ جنم ورتو. لنڊن اسڪول مان فلم اينڊ ٽي وي پروڊڪشن ۾ ڊپلوما ڪيائين. سنڌي فلمن گهونگهٽ لاهه ڪنوار، ڌرتي دل وارن جي، اربيلي، بادل ۽ 100 کان وڌيڪ ڊرامن جي ڊائريڪشن ڏيندڙ غلام حيدر جا ٻه ڪتاب ”ننڍي کنڊ ۾ ڊرامي جي تاريخ “(2008ع) ۽ ”سئنيما جي تاريخ“ ثقافت کاتي پاران شايع ٿيل آهن. هن پي ٽي وي سينٽر تان 100 کان مٿي ڊراما پروڊيوس ڪيا ۽ ڪي ٽي اين تي ڊراما سيريل ”جرم سزا“ ۽ ”ونودني“ جي ڊائريڪشن ڏني آهي. هن امر جليل جو لکيل ڊرامو اروڙ جو مست، قمر شهباز جو لکيل ڪاري شڪست، ڪنگلو ۽ علي بابا جو لکيل ٻاليشاهي ۽ ٻين جا ڊراما ڪيا آهن.

**سنڌي ناٽڪ جي ارتقا (سنڌيا چندر ڪندناڻي)**

هي ڪتاب پروفيسر سنڌيا چندر ڪندناڻيءَ جو لکيل آهي. جنهن ۾ هن ناٽڪ جي وصف، قسم ۽ روپ، پٽن، چارڻن جي قصن ڪهاڻين، سانگن ۽ ڪٺ پتلين جي ناٽڪن، لوڪ ناٽڪن، پڳت، راس ليلائن، رام ليلائن، گهٽين جي ناٽڪن، هڪ فصلن ناٽڪن، تجرباتي ائبسرڊ ناٽڪن، ٻال ناٽڪن، ڇايا ناٽڪن، سنگيت ناٽڪن کان وٺي اميچوئر ناٽڪ، پروفيشنل ناٽڪ، مني ناٽڪ، اشتهاري ناٽڪ، ريڊيو ناٽڪ، وڊيو ناٽڪ ۽ فلم بابت تفصيلي ڄاڻ ڏنل آهي .ان ڪانسواءِ ناٽڪ جي سفر اسڪرپٽ کان ڏسندڙن تائين، ناٽڪ جي فن، سنڌي ناٽڪ جي اوسر، سنڌي ناٽڪ جي دورن، ورهاڱي ڪانپوءِ جي ناٽڪ منڊلين، سلور جوبلي، گولڊن جوبلي، ايڪانڪي ناٽڪن جي مجموعن، وڏن ناٽڪن جي مجموعن کان وٺي هاڻو ڪي سنڌي ناٽڪ ۽ رنگ منچ جو مختصر ذڪر ڪيو ويو آهي. هي ڪتاب نيشنل ڪاليجيئيٽ بورڊ ممبئيءَ پاران 2010ع ۾ شايع ٿيو.

**سنڌي ڊرامي جي مختصر تاريخ (مختيار احمد ملاح)**

هي ڪتاب سنڌي ڊرامي بابت اوائلي دور کان معلومات مهيا ڪري ٿو. سڀ کان اول ڊرامي جا فني عنصر بيان ڪيا ويا آهن، جن ۾ مثال سنڌي ڊرامي جي

حوالي سان ڪنيا ويا آهن. سنڌي ڊرامي جي تاريخ ڪي انتهائي اوائل ڪان تلاش ڪيو ويو آهي. لوڪ قصن، ڪهاڻين، لوڪ شاعري، ميلن ملاڪڙن ۾ ملندڙ اهڃاڻن کي سنڌي ڊرامي جي تاريخ ۾ شامل ڪيو ويو آهي. رام ليلائن، ڪرشن ليلائن وغيره جي بہ تاريخي اهميت ڏني وئي آهي. انگريزن جي دور جي 30 کان مٿي ڊرامانگارن جي ڊرامي ۾ ڪيل خدمتن کي اجاگر ڪيو ويو آهي ۽ سندن هڪ هڪ ڊرامي جي موضوع ۽ وخوبيءَ جو الڳ الڳ احوال ڏنو ويو آهي. هي پهريون ڪتاب آهي، جنهن ۾ سنڌي ڊرامي جي موجوده دور تائين معلومات ملي ٿي. آزادي کانپوءِ سنڌي اسٽيج ڊرامو، ريڊيو ڊرامو، ٽي وي ڊرامو، ڪتابن ۾ شايع ٿيل ڊرامو، هندستان ۾ سنڌي ڊرامو وغيره جي تاريخ ڏنل آهي. سنڌي ڊرامي جي تاريخ ڪي پي ٽي وي ڪان وٺي ڪي ٽي اين، سنڌ ٽي وي وغيره تائين جي تاريخ ڪتاب ۾ آندي وئي آهي. سنڌ جي 60 ۽ هند جي 30 ڊراما نگارن جي ڊرامن جي سلسلي ۾ ڪيل خدمتن جو جائزو ورتل آهي. هي ڪتاب 2012ع ۾ ثقافت کاتي پاران شايع ٿيو.

**ٽيلي ناٽڪ ڪيئن ٺاهجي (ايوب گاد)**

هيءُ ڪتاب ناليواري ليکڪ ايوب گاد جو لکيل آهي، جنهن ۾ ٽيلي ناٽڪ جي فن بابت تفصيلي سمجهايو ويو آهي. هن ڪتاب کي ڪنول پبليڪيشن قنبر 2011ع۾ ڇپائي پڌرو ڪيو آهي.

**پوئٽڪس (ارسطو/ڊاڪٽر شير مهراڻي)**

ارسطو جي جڳ مشهور ڪتاب ”پوئٽڪس“ جو سنڌي ترجمو ڊاڪٽر شير مهراڻيءَ ” پوئٽڪس،شاعريءَ جو فن“ جي عنوان سان ڪيو آهي، جنهن کي 2017ع ۾ ثقافت کاتي شايع ڪيو آهي. هن ڪتاب ۾ پهريون ڀيرو ارسطو کُلي ڪري شاعري ۽ ناٽڪ جي فن تي پنهنجو رايو ڏنو آهي، پر هن ڪتاب جو محور ڊراما، خصوصي طور تي ٽريجڊيءَ جي فن بابت آهي. هن ڪتاب جو هڪ ٻيو ترجمو احمد شاڪر ”ڪوتا جي ڪلا“ جي نالي سان ڪيو آهي.

چنا شبير ناز پاڪستان ٽيليويزن ڪارپوريشن ۾ پروڊيوسر جي عهدي تي فائز هو ۽ ان ئي عهدي تان رٽائر ڪيائين. هن مختلف رسالن ۾ ٽي.وي ۽

ريڊيو ڊرامن جي ٽيڪنيڪي پهلوئن تي ڪافي مضمون لکيا، جن کي مرتب ڪجي ته هڪ الڳ ڪتاب جڙي سگهي ٿو. سنڌي ڊرامي جي تاريخ جي لحاظ کان ٻيا به ڪي اهم ڪتاب لکيا ويا آهن، جن مان ڪي هي آهن:

1. سنڌي ٽي وي ڊرامي جو تاريخي، ثقافتي ۽ سماجي اڀياس (پي۔ ايڇ. ڊي ٿيسز) ڊاڪٽر قاسم راڄپر
2. سنڌي ڊراما جي تاريخ۔آفتاب حسين ڪوهارو، 2012ع
3. ڊرامون (تاريخ ۽ هيئت) آغا ظفر 2014 ع

سنڌي ڊرامي جي تاريخ تي ڪيترائي مضمون ۽ مقالا به لکيا ويا آهن، جن مان ڪي هي آهن:

1. سنڌي ادب ۾ ناٽڪ نويسي، الله بخش سرشار عقيلي (نئين زندگي:اپريل 1954)
2. سنڌي ادب ۾ ڊراما، قريشي حامد علي خانائي (روزاني مهراڻ سالگره نمبر 15 جنوري 1962)
3. جديد ڊراما نگاري ، نور احمد بدوي (مقالو 1962 سنڌ يونيورسٽي)
4. ريڊيائي ناٽڪ، مراد علي مرزا (نئين زندگي: جنوري 1968)
5. قديم سنڌي ڊرامو ، ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي (نئين زندگي: جون 1969)
6. چار مقالا ، محمد اسماعيل عرساڻي، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو 1983 ع
7. سنڌي ڪهاڻي، ناٽڪ ۽ تنقيد (اي –جي –اتم)، ڪلپنا ڪتاب گهر، الهاس نگر، 1981ع، ص
8. سنڌي ڊرامي جي مختصر تاريخ ۽ ڊراما جي اوسر، حبيب الله مرزا (ڇهماهي سنڌي ادب: 1981)
9. ڊراما نويسيءَ جو فن، ميمڻ عبدالغفور سنڌي (ماهوار پيغام ، ڪراچي)
10. سنڌي ۾ ٽي وي ڊراما ، هدايت آخوند (سنڌي ادب ششماهي 1985)
11. سنڌي ڊرامن جي روشني ۾ سنڌي سماج جو مطالعو، ڊاڪٽر غلام علي الانا (مهراڻ 4۔1987)

12. سنڌي سنگيت ڊراما، ڊاڪٽر غلام رسول بلوچ (سنڌي ادب: مئي 1988)
13. سرحد جي هن پار سنڌي ڊراما، شوڪت حسين شورو (ماهوار ڪونج)

ان ڪان علاوه، ٻيا به ڪيترائي مضمون ۽ مقالا لکيا ويا آهن. موجوده دور ۾ ڊاڪٽر قاسم راڄپر ڪيترن ئي ڊرامانويسن تي نئين انداز ۾ مقالا لکيا آهن. اهڙيءَ طرح سنڌي ڊرامن جا ڪجهه مجموعا جن مان هندستان ۾ ته ڪافي شايع ٿيا آهن، پر هتي مرزا قليچ بيگ، ممتاز مرزا، امرجليل، قمر شهباز، قاضي خادم، طارق عالم ابڙو، شمشير الحيدري ۽ ٻين جا شايع ٿيا آهن. هنن مجموعن ۾ به ڊرامن جي تاريخ تي ڪي مضمون ملن ٿا، جيڪي پڻ اهم آهن.

سنڌي ڊراما جي تاريخ تي ايتري ڪم ٿيڻ جي باوجود، ائين ٿو محسوس ٿئي ته اڃان ڪافي ڪم رهيل هجي. ڊرامي جي ترقيءَ ۾ جن ناٽڪ منڊلين يا سوسائٽين ڪم ڪيو، انهن تي ڪا خاص تحقيق ڪو نه ٿي آهي. ڊرامن ڪي الڳ موضوعن ۾ ورهائي به الڳ تحقيق ڪانه ٿي آهي. بهرحال اڳتي هلي سنڌي ڊرامي جي مختلف رخن کان ڪم ٿيڻ جي اميد ڪري سگهجي ٿي.

## ڊراما جي تاريخ ، قسم ۽ ڊراما جا بنيادي جزا

علم و ادب جي سيني صنفن ۾ ڊرامي جي صنف سڀ کان آڳاٽي ۽ سڀ کان اتم سمجهي وڃي ٿي. جنهن عقيدت سان ڊرامي جي شروعات ٿي، ان تقدس سان ئي ان کي ڏٺو وڃي ٿو ۽ ان کي لکيو وڃي ٿو. عام طور تي اهو چيو وڃي ٿو تہ لفظ ”ڊرامو“ يوناني لفظ ”ڊرائو“ يا ”ڊراءِ“ مان نڪتل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ”عمل“ يا ”عمل ڪري ڏيکارڻ“. ڊرامي جي شروعات قديم يونان کان ٿي. يونان وارا ڊرامي کي ”اعليٰ شعر“ ”Great Poetry“ سڏيندا هئا. ڊرامو دنيا جي سمورين سڌريل، توڙي اڻ سڌريل ٻولين ۾ موجود آهي. اديب، ڊرامي جي ان بنيادي اهميت کان واقف هئڻ جي ناتي پنهنجي تخليقي ذميداري کي سمجهي ٿو. هو ڊرامي کي سماجي ڪارج لائق بنائڻ لاءِ، معاملن کي چٽو، واضح ڪري فوڪس ۾ آڻي پنهنجي موضوع ڏانهن عام ماڻهو جو ڌيان ڇڪائي ٿو. اهو ئي سبب آهي جو زندگيءَ جي هر پهلوءَ کي ڊرامي جو موضوع بڻائي سگهجي ٿو. ٻين لفظن ۾ ائين ڪٿي چئجي تہ هڪ ڊرامو لفظن جي ميلاپ سان مڪمل نہ ٿو ٿئي، بلڪ لفظن ۽ عملن جي ميلاپ جو نالو ئي ”ڊرامو“ آهي. موجوده دور ۾ ڊرامي جي اهميت اڃا بہ وڌي وئي آهي. اڄ ڊراما مذهبي، ڌرمي ۽ اخلاقي موضوعن کان اڳتي نڪري سائنسي، سماجي، مافوق الفطرت، فئنٽيسي، مستقبل بيني، ڪارٽونسٽ موضوعن وغيره تائين پکڙجي ويا آهن.

ڪيترن ئي فيلسوفن، ”انسان“ جي ڪردار ۽ ڪائنات جي اسٽيج سان ڀيٽ ڪئي آهي. ان خيال کان ڊرامي جي شروعات ڪائنات جي وجود ۾ اچڻ، مخلوقات جي پيدا ٿيڻ ۽ سندن هوش سنڀالڻ سان ٿئي ٿي. ان جو ثبوت پنج هزار سال آڳاٽي، سنڌو ماٿري جي تهذيب مان ملي ٿو. موهن جو دڙو جي کوٽائيءَ مان مليل نشانين ۾ ”نرتڪي“ جو هئڻ وڏي اهميت جو حامل آهي، جنهن مان آڳاٽي دور ۾ نرتيہ ناٽڪ جي وجود جي ڄاڻ پوي ٿي.

ڊرامي جي سڀ کان قديم تشريح **ارسطو** کان ملي ٿي. هن ڊرامي جي فن تي ”Poetics“ نالي ڪتاب لکيو. هي ڪتاب ان دور کان اڄ تائين ڊرامي جي

تشريح جي سلسلي ۾ بنيادي حيثيت رکي ٿو. هن ڪتاب ۾ ارسطو خاص طور تي ٽريجڊي کي تفصيل سان بحث ڪيو آهي. ارسطو موجب ”ڊرامو عمل جي نقالي (Imitation of an action) آهي“.[1] **شيڪسپيئر** جي چوڻ موجب، ”ڊرامو انساني عملن جو عڪس آهي. سماج جي بدل سدل جو عڪس، ان آرسي ۾ بخوبي ڏسي سگهجي ٿو. **جان ڊرائڊن** (1631 – 1700) لکيو ته ”هڪ ڊرامو اهڙو هئڻ گهرجي جو انسان ذات جي فطرت جو وٽندڙ عڪس هجي، جنهن ۾ ان جي مذاح ۽ احساس جو وستار هجي، جنهن ۾ انسانن لاءِ سبق ۽ سرور به هجي“.[2]

فرانسيسي ڊرامانگار **براندِ ميٿيو** (Brand Matthew) مطابق ”ادب جي سيني صنفن ۾ ڊرامو ان ڪري مختلف آهي، جو ان جو تعلق انسان جي ارادي جي جهاد سان آهي. هڪ دلچسپ ڊرامي لاءِ ڪشمڪش جو هجڻ نهايت ضروري آهي. هڪ ڊرامي جي سورمي (Hero) کي گهرجي ته ڪنهن ڳالهه جي تقاضا ۾ رهي ۽ ان لاءِ ترٿلو برپا ڪري“.[3] مشهور فرانسيسي اديب **وڪٽر هيوگو** موجب ”ڊرامو هڪ آئينو آهي، جنهن ۾ قدرت جو عڪس ڏسجي ٿو. مشهور انگريز شاعر ۽ نقاد **سيموئل ڪولرج** مطابق ”ڊرامو قدرت جي نقالي هرگز نه آهي، مگر تقليد آهي.“ ”ٿيئٽري آف ڊراما“ جي ليکڪ **اي نڪول** جو چوڻ آهي ته ”ڊرامو اصل ۾ ڪنهن به ڏسندڙن (Audience) کي ڪهاڻي ٻڌائڻ جو نالو نه آهي، بلڪ اداڪارن ۽ اداڪارائن پاران ڏسندڙن جي سامهون ڪهاڻيءَ جي تعبير ڪرڻ آهي.“

**پروفيسر منگهارام ملڪاڻي** لکيو آهي، ”... منهنجو متو آهي ته ساهت کي وندر سان ساٿ سکيا پڻ ڏيڻي آهي، ۽ منهنجو عقيدو آهي ته زندگيءَ جون خاميون تڙي ڪڍڻ ۽ انسان ذات کي خوشحال بڻائڻ لاءِ ناٽڪ ڪري ڏيکارڻ جهڙو ٻيو ڪو ڪارائتو ذريعو ڪونهي، ڇو جو زندگيءَ جا منظر اسٽيج تي اڪٽين ڏسڻ سان جو تاثير پيدا ٿئي ٿو، سو ڪتب خاني ۾ ويهي ڪتاب پڙهڻ سان ٿي ڪين سگهندو“.[4] جڏهن ته **مير محمد نظاماڻيءَ** بيان ڪيو آهي ته ”ڪهاڻي بيان ڪرڻ جا ڪيترائي طريقا آهن. ڊرامو به انهن مان هڪ طريقو آهي. آکاڻيءَ کي بيان ڪرڻ جا ٻيا سڀ طريقا حال کي ڪجهه قدر ماضيءَ ۾ پيش ڪندا آهن. مگر ڊرامو پنهنجي رقيب ناول کان هن ڳالهه ۾ مختلف آهي ته. ناول ۾ مصنف پاڻ آکاڻي

بيان ڪندو آهي، مگر ڊرامي ڪي اسٽيج تي اداڪار پيش ڪندا آهن“.[5] سنڌ جي نالي واري ڊراما نويس ۽ ڊراما جي محقق **پريم پرڪاش** مطابق ”ناٽڪ انساني انيڪ جو، ناٽڪ رچنا جو، منچ تي، اداڪارن جي اداڪاريءَ دئارا، درشڪن جي حاضريءَ ۾ پردرشن يا مظاهرو آهي. ناٽڪ جي فن جو منچ ڪافي وسيع آهي، ان ڪري ناٽڪ پر درشن ڪاري، ٻين فنن جو مرڪب فن بہ اچي سگهن ٿا، منچ جا ڪيترائي ٽيڪنڪي فن بہ لازمي طور جڙيل رهن ٿا. ناٽڪ جو پنهنجو مکيہ ۽ نج عنصر اداڪاري آهي“.[6]

ڊرامي جي باري ۾ رام جوهراڻي لکي ٿو تہ ”انسان پنهنجي جذبات ۽ احساسات جي اظهار لاءِ مخصوص رنگ ۽ ربط سان پنهنجا استو ملهائڻ لڳو، جنهن ۾ ناظرين اڳيان بهادري جي ڪارنامن ۽ مشاهدن ڪي بيان ڪري ڏيکاريو ويندو هئو. انسان طرفان ڪيل اهڙي ادائگي ڪي يوناني ٻولي ۾ ”ڊومنن“ ڪري سڏيو ويو. جيڪو پوءِ بدلجندي ”ڊراو“ ۽ آخر ۾ ”ڊراما“ (Drama) جي صورت تي پهتو، جو تہ ڊرامي جي معنيٰ آهي ”ڪرڻ“ يا ”ڪري ڏيکارڻ“. ڊراما نگاريءَ جي فن ۾ ڪردار ۽ سيرت نگاريءَ کي وڏي اهميت آهي. انهيءَ ڪري ڪردار نهايت پڪا ۽ پختا هئڻ کپن. ڊرامي جي ڪردار ۾ ٻن جذبن جو هئڻ تمام ضروري آهي. ”تقليد“ ۽ ”تحريڪ“. انهيءَ ڪري ڪردارن کي اهڙي نموني پيش ڪرڻ کپي جو تماشائي ٿوري وقت لاءِ انهيءَ کي حقيقت تصور ڪن. ڇاڪاڻ جو اهو اداڪار جي تخليقي قوت ئي آهي جيڪا ڪردار کي جاندار بنائيندي آهي. بهترين اداڪار ڊرامي ۾ پنهنجي هستيءَ کي ڊرامي جي ڪردار ۾ گم ڪري ڇڏيندا آهن. انهيءَ ڪري تماشائي هن جي هر ادا/ عمل کي سچو تصور ڪندا آهن“.[7] جڏهن تہ سنڌي ڊراما جي مورخ **پروفيسر محمد يوسف پنهور** چوڻ آهي تہ ”ڊرامو انسان جي خصلت ۽ فطرت جو گهڻي حد تائين ترجمان آهي، تڏهن تہ هن جو اثر مڙني ڏسندڙ، پوءِ انهن ۾ ٻڍا هجن يا ٻار هجن، پڙهيل هجن يا اڻ پڙهيل سيني تي يڪسان ۽ ڳوڙهو ٿئي ٿو“.[8]

**پروفيسر قاضي خادم** مطابق ”هڪ ڊرامانگار جو خاص مقصد ڏسندڙ (ٻڌندڙ) کي خوش ڪرڻ آهي. ڏسندڙ وري ڊرامو پنهنجي تجسس جي جذبي کي

مطمئن ڪرڻ لاءِ ڏسندا آهن. هنن کي هڪ سهڻي ڪهاڻي ڏسڻ جي توقع هوندي آهي. هو ڪردارن طرفان ٿيندڙ دلچسپ واقعا ڏسڻ چاهيندا آهن. صرف ابسن يا جارج برنارڊشا يا سنڌ ۾ محمد اسماعيل عرساڻي ۽ محمد عثمان ڏيپلائي جهڙا ٻيا ڊرامانگار ٿي گذريا آهن، جن ڊرامي کي سڌاري جو ذريعو سمجهيو آهي. ليڪن هو به پنهنجي ڊرامن ۾ ڪردارن ۽ واقعات کي اهڙو ته دلچسپ ۽ وڻندڙ ڪري پيش ڪن ٿا، جو عام ڏسندڙ به هنن کي پسند ڪري سگهي ٿو." [9] **ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي** لکيو آهي ته "ناٽڪ جو صحيح مقام اسٽيج آهي، ۽ نه فقط ڪتاب، بلڪ هيئن چئجي ته سٺو ناٽڪ اهو آهي، جيڪو ٻنهي ذريعن سان زنده رهي. اسٽيج ٿئي ته داد حاصل ڪري ۽ ڪتاب ۾ هجي ته ادبي زندگي ماڻي." [10]

مطلب ته ڊرامو هڪ قوم جي زندگيءَ جو عڪس آهي. قومي زندگي ۾ تبديليون ايندڙيون رهنديون آهن ۽ ان جا مقصد به تبديل ٿيندا رهندا آهن. ان سان گڏ ڊرامو تفريح به مهيا ڪندو آهي. پر ڊرامي جو اصل مقصد قوم کي درپيش مسئلن کي اجاگر ڪري انهن جو حل ٻڌائڻ ۽ قومي مفادن وٽان تبليغ ۽ تلقين جا فرائض بجا آڻڻ آهي. اڄ جڏهن کي پراڻيون هئيتون فنا ٿي رهيون آهن ۽ انهن جي جاءِ تي نوان رنگ ڍنگ رچي رهيا آهن، تڏهن به ڊرامو روز افروز ترقيءَ جي منزل طرف گامزن ٿيندو پيو وڃي ۽ ٽيڪنڪ ۾ وڌيڪ واڌارو ۽ چمڪ پيدا ٿيندي پئي وڃي. ڊرامي ۾ شاعريءَ ۽ موسيقيءَ جو هڪ ئي وقت امتزاج آهي ۽ اهو ئي آهي جو ڊرامي جو فن هر دور ۾ نه صرف زنده آهي، بلڪ ملڪ اندر ترقي به ڪندو رهي ٿو.

## يوناني ڊراما (Greek Drama)

ڊرامي جي شروعات قديم يونان کان ٿي. قديم يونان جا ماڻهو اوائلي دور کان تهذيب ۽ تمدن جا بانيڪار سمجهيا وڃن ٿا. اهو ئي سبب آهي جو علم و ادب جون اڪثر شاخون يونان وارن کان شروع ٿيون. سائنس، ادب، علم، آرٽ، فلڪيات، فلسفو، جاگرافي، منطق وغيره جون سيئي شاخون يونان وارن جي ذهني بصيرت جو ڪمال آهن.

يونان جا ماڻهو ڊرامي کي اعليٰ نظم (Great Poetry) سڏيندا هئا.

ڊرامو سنڌن زندگيءَ ۾ مذهبي اهميت رکندو هو. انهن ماڻهن جي رهڻي ڪهڻي سادي سودي هوندي هئي. سنڌن عام ڌنڌو رڍون ۽ ٻڪرين جا ڌڻ پالڻ ۽ چارڻ هوندا هئا. هو انتهائي مذهبي هوندا هئا ۽ زندگيءَ جي مختلف وهنوارن ۾ مختلف ديوتائن جي پوڄا ڪندا هئا. يونان جي ڊرامن جي شروعات انهن مارو ماڻهن ڪئي. اهي ماڻهو سڄي ڏينهن جي سخت محنت واري زندگي گذارڻ ڪان پوءِ شام ويلي پنهنجي مال کي واڙن ۾ واڙي هڪ ٻئي جي دل جوئي لاءِ بيت چوندا هئا. سنڌن هي آزاد معصوم تماشا بعد ۾ ڪن تبديلين سان ڊرامي جي روپ ۾ تبديل ٿي ويا.

جيئن ته قديم يونان جا ماڻهو فطرت جي عجيب و غريب شين جا پرستار هوندا هئا. تنهنڪري انهن هر هڪ عجيب شيءِ کي انساني روپ ڏيئي پنهنجو ديوتا بڻايو. مثال طور نيپچون (Neptune) پاڻي لاءِ, اپالو (Apallo) راڳ، ساز ۽ قسمت لاءِ, ڊائيونيسس (Dionysus) آبادي، زرخيزي ۽ موسم وغيره وغيره لاءِ اهم ديوتا هئا.

جيئن ته يوناني مارو ماڻهو هوندا هئا ۽ مال چارڻ سنڌن اهم ڌنڌو هو، ان ڪري زرخيزي جو ديوتا هنن لاءِ وڏي اهميت رکندو هو. اهو ئي سبب آهي جو يوناني ڊراما خاص طور تي الميه ڊراما (Tragedy) جي شروعات مذهبي ميڙاڪن ۾ ٿي. ٽريجڊي کي انهن ماڻهن ايجاد ڪيو، جيڪي ڊٿي ريمب (Dithyramb) يعني ”ٻڪري جو شعر“ چوندا هئا ۽ ڪاميڊي کي انهن ايجاد ڪيو جيڪي فالڪ (Phallac) يعني (لنگ جا پچن) ڳائيندا هئا.

يوناني ٽريجڊي هڪ مذهبي ڊرامو هو ۽ ڪڏهن به مذهب ڪان آزاد ٿي نه سگهيو. ان سلسلي ۾ يوناني ماڻهو پنهنجي ديوتا ”ڊائيونيسس“ جي احترام ۾ هڪ وڏي پنڊال جو اهتمام ڪندا هئا. انهن مذهبي رسمن ۾ دعائن سان گڏ هڪ گيت به ڳايو ويندو هو، جنهن کي ڊٿي ريمب (Dithyramb) يعني ٻڪري جو گيت چيو ويندو هو. اهوئي سبب آهي ته يونان ۾ ٽريجڊي جو مطلب آهي ”ٻڪريءَ جو گيت“. جيئن ته هن رسم ۾ ٻڪري کي قربان ڪيو ويندو هو ۽ ان ڪري اها رسم عبادت ۽ عقيدت سان گڏوگڏ المناڪ به هوندي هئي، ان ڪري ان کي

ٽريجڊي چيو ويندو هو.

ٻڪريءَ جي گيت ۾ ڪجهه ماڻهن تي مبني هڪ ڪورس (Chorous) ٺاهيو ويندو هو، جن ۾ هڪ اڳواڻ يعني اداڪار (Actor) هوندو هو. هو ان ڪورس ۾ پنهنجي ديوتا جي تعريف ۽ ثنا ڪندو هو. ان کان پوءِ عوامي مسئلن جي اپٽار ڪئي ويندي هئي. اهڙي طرح مسئلن جي حل ۽ رعايتن لاءِ دعائون گهريون ويندڙيون هيون. هيءَ مذهبي رسم هڪ ڊرامي جي صورت ۾ وڌندي رهي، جنهن ۾ اڳتي هلي سماجي ۽ معاشي مسئلن کي شامل ڪيو ويو. شروعات ۾ يوناني ڊرامي ۾ فقط هڪ اداڪار اڳتي ايندو هو. مگر ايڪسالس (Aecylus) پهريون ڊرامانگار هو، جنهن اداڪارن جو انگ هڪ مان وڌائي ٻن تائين ڪيو. مگر اڳتي هلي سوفوڪلس (Sophocles) اجا بہ وڌيڪ ڪردارن ۾ اضافو ڪيو. هن ڊرامي ۾ نوان لاڙا، فڪر، موضوع ۽ رجحان آندا. سندس مشهور ڊرامو King Oedipus اج تائين شاهڪار ڊرامو تصور ڪيو ويندو آهي.

يوناني ڊرامي جي تاريخ ۾ يوريپڊس (Euripides) پهريون ڊراما نويس هو، جنهن يوناني ڊرامي ۽ اسٽيج جي تنظيم بندي ڪئي. ڊرامن کي ديوين ۽ ديوتائن مان ڪڍي معاشي ۽ سماجي مسئلن ۾ آندو. ڪردارن کي ضرورت مطابق وڌائي ڇڏيو. اسٽيج کي رنگا رنگي بڻائي ڇڏيو. ان کان اڳ يوناني ڊرامي ۾ صرف ٽريجڊي جو رواج هو، مگر ڪجهه ٻين ڊراما نگارن ماسڪ (Masque) ايجاد ڪيو ۽ ڊرامي جو منڍ (Prologue) لکڻ جي شروعات ڪئي. سرڪار طرفان ڪاميڊي ڏيکارڻ جو سرڪاري طور تي اعلان ٿيو. هاڻي تماشائين جي وڌندڙ اثر تحت سماجي براين تي طنز ٿيڻ لڳي ۽ ڪاميڊي پڻ مشهور ٿي.

آهستي آهستي يوناني ڊرامو مذهبي رسمون لتاڙي، انساني رجحانن ۽ خيالن جو ترجمان ٿي پيو. يوناني ڊرامي ايتري تہ مقبوليت حاصل ڪئي جو يونان جون سرحدون پار ڪري پري پري تائين پکڙجي ويو.

يوناني ڊرامي سڄي دنيا جي ادب تي پنهنجي ڇاپ ڇڏي آهي. يوناني ڊرامو، دنيا ۾ ڊرامائي شعور ڏنو. اهڙو ذوق شوق جيڪو صرف ڪتابي دنيا ۾ محفوظ نہ هو، بلڪ منچ تي انساني مسرتن، تمنائن، خواهشن ۽ وقتي حالتن کي

سڌو سنئون ڏيکاريو. ان جو اثر بہ بروقت ڏسجي سگهيو ٿي. ڊرامي جي ادبي تنقيد بہ يونان وارن شروع ڪئي. افلاطون کان ارسطو ۽ لنجائنس تائين بهترين نقادن ڊرامي جي صنف تي تنقيد ڪئي. اهي تنقيدي ڪتاب اڄ بہ تنقيد جي علم ۾ مشعل راهہ سمجهيا وڃن ٿا.

**سنسڪرتي ڊراما (Sanskriti Drama)**

قديم دور کان برصغير جو خطو ڊرمي طور وڏو اهم رهيو آهي. ان ۾ ڏند ڪٿائون، لوڪ ڪهاڻيون، مذهبي ناٽڪن وغيره جو رواج عام هو. سنسڪرت جي صرف و نحو جي مؤجد پاڻيني (Panani) جيڪو 300 ق – م ۾ ٿي گذريو آهي، تنهن "نٽ شاستر" يعني ناچ بابت قاعدا لکيا هئا. ان مان اندازو ٿئي ٿو تہ ڊرامي جو فن هن خطي ۾ ڪيترو قديم هوندو. ڪن عالمن جي راءِ آهي تہ هندستان هن فن جي ڄاڻ يونان وارن کان حاصل ڪئي. ڇو جو، سڪندر اعظم جي زماني ۾ يوناني جڏهن هندستان ۾ آيا تڏهن هو پنهنجي تفريح لاءِ اسٽيج ناهي ڊرامو ڪندا هئا. ڪن روايتن موجب سڪندر اعظم جي جنرل سيليوڪس پنهنجي ڌيءَ جو سڱ مگده جي راجا چندر گپت کي ڏنو هو. ان قسم جي ٻين حوالن مان اهو ڇئي سگهجي ٿو تہ هندن کي يوناني ڊرامو ڏسڻ جو موقعو مليو هوندو، جن مان هنن بہ ڀرپور فائدو يا اثر ورتو هوندو. پر عجب جي ڳالهہ اها آهي تہ سنسڪرتي ڊرامو يوناني ڊرامي کان گهڻو مختلف آهي. سنسڪرتي ڊرامي جي ترتيب مختلف آهي، سنسڪرتي ڊرامي ۾ هيڪڙايون (Unities) نظر انداز هونديون آهن، سنسڪرتي ڊرامي ۾ خوشي ۽ غم جا موضوع هڪ ئي وقت موجود هوندا آهن، ڪورس، جيڪو يوناني ڊرامي جو روح آهي، اهو سنسڪرتي ڊرامي ۾ موجود نہ هوندو آهي.سنسڪرتي ڊرامي ۾ هنن ڳالهين جو هجڻ ضروري سمجهيو ويندو هو:

قصو اهم ۽ مشهور هجي.

1. آکاڻي ديو مالائي يا تاريخي هجي، پوءِ ڀلي ان ۾ فرضي واقعا بہ شامل هجن.
2. ڊرامي جو سورمو (Hero) راجا يا ديوتا هجڻ گهرجي.

3. ڊرامي جو موضوع فقط هڪ هجڻ گهرجي يعني عشق، جرئت، همت يا جهيڙو وغيره وغيره.
4. واقعات ۽ عمل هڪ ٻئي مان ڦٽي نڪرن.
5. آکاڻي جو زمانو وڌ ۾ وڌ هڪ ڏينهن ۾ ختم ٿئي يا چند ڏينهن ۾، يا وڌ ۾ وڌ هڪ سال ۾ ختم ٿئي.
6. ڊرامي جي ٻولي پاڪ ۽ مقدس هجڻ گهرجي.

سنسڪرتي ڊرامي جي تاريخ ۾ ڪاليداس جو ڊرامو ”شڪنتلا“ شاهڪار ڊرامو آهي. سنسڪرتي ڊرامن جو هندي ۽ اردو ڊرامن تي ڀرپور اثر پيو، ان کان پوءِ سنڌي ڊرامي به سنسڪرتي ڊرامي مان اثر قبوليو آهي. خاص طور تي انگريزن جي دور ۾ ڪيترائي سنسڪرتي ڊرامن جا سنڌي ۾ ترجما ٿيا ۽ اسٽيج تي آندا ويا. ننڍي کنڊ ۾ سنسڪرتي ڊرامن جي زوال کان پوءِ هندي ڊرامن پوءِ اردو ڊرامن عروج ماڻيو. هڪ اندازي مطابق 15 صدي ۾ اردو ڊرامي جي شروعات ٿي چڪي هئي. پورچوگيزن جڏهن هندستان جي سامونڊي ڪناري واري شهر گوا کي فتح ڪرڻ کان پوءِ مذهب جي پرچار لاءِ اسٽيج ڊرامي جو سهارو ورتو. چيو وڃي ٿو ته پهريون اردو ڊرامو ”اندر سيا“ هو. اردو ۽ هندي ڊرامن کي به عروج انگريزن جي دور ۾ مليو، جڏهن اسٽيج جو رواج عام وجام ٿيو.

## انگريزي ڊراما (English Drama)

انگلستان ۾ ڊرامو يوناني ۽ لاطيني اثر هيٺ آيو. پر اهو اثر تمام گهٽو پوءِ آيو. جنهن زماني ۾ روم وارن عيسائي مذهب اختيار ڪيو ۽ هنن ڏانهن پرچارڪ پادري موڪليائون، ان اثر تحت انگريزن کي ڊرامي جهڙي ادبي صنف جي خبر پئي. انگريزي ڊرامي 16 هين صدي عيسوي ۾ اوسر سان گڏ عروج حاصل ڪيو. ان کان اڳ مذهبي ڊرامو ۽ اخلاقي موضوعن وارا ڊراما انگريزن وٽ رائج هئا. جن جو مطلب عوام جي اخلاقيات ۽ مذهبي اقدار وڌائڻ هوندو هو. ان قسم جي ڊرامن جا قسم هيٺ ڏجن ٿا:

انگريزي ڊرامي جي تاريخ تي نظر وجهڻ سان خبر پوي ٿي ته سڀ کان اول معجزاتي موضوع وارا ڊراما لکيا ويا. اهڙي قسم جا ڊراما هميشه پادري ڏيکاريندا

هئا. هنن پادرين وٽ مخصوص قسمن جا گاڏا هوندا هئا، جن جي مٿان اسٽيج ٺهيل هوندي هئي. هو انهن گاڏن کي هڪ ڳوٺ کان ٻئي ڳوٺ ڪاهي ويندا هئا ۽ ماڻهن کي کيل ڪري ڏيکاريندا هئا. هنن ڊرامن ۾ اداڪاري پادري خود ڪندا هئا ۽ سندن موضوع مذهبي قدرن تي ٻڌل هوندو هو. هنن ڊرامن ۾ حضرت عيسيٰ کان علاوه ٻين وڏن وڏن پادرين جا معجزا ڏيکاريندا هئا. ان جو وڏو سبب اهو هوندو هو ته عام ماڻهن کي مذهبي طرح پابند ڪيو وڃي. انهن ڊرامن ۾ مذهبي پرچار کان علاوه ماڻهن کي چرچ جي ماتحت ڪرڻ به هوندو هو.

انگريزي ڊرامي جي اوسر ۾ معجزاتي ڊرامن کان پوءِ اخلاقياتي ڊراما وڏي اهميت رکن ٿا. هن قسم جا ڊراما مذهبي ۽ اخلاقي قدرن سان سرشار هوندا هئا. هن قسم جي ڊرامن 15 هين ۽ 16 هين صدي ۾ پوري يورپ ۾ وڏي مقبوليت حاصل ڪئي. هن قسم جي ڊرامن ۾ ازل کان انسان جي پنهنجي نفس سان جنگ کي موضوع بڻايو ويندو هو. ان کان علاوه نيڪي ۽ بدي جي وچ ۾ جنگ به هن قسم جي ڊرامن جو خاص موضوع هوندا هئا. هي ڊراما جيتوڻيڪ مذهبي نوعيت جا هوندا هئا، پر انهن ۾ نصيحت، تعليمي خيالات، سياسي ۽ سماجي مسئلن ۽ بدعتن تي طنز پڻ شامل هوندي هئي. اخلاقي ڊرامن ان وقت انگلينڊ ۾ وڏيڪ شهرت حاصل ڪئي، جڏهن هنن ۾ مذهبي پرچار کان وڌيڪ اخلاقيات (Morality) تي زور ڏنو ويو.

مطلب ته انگريزي ڊرامي جي اوسر پادرين جي هٿ ۾ ٿي، جنهن جو نمونو رام ليلا ۽ ڪرشن ليلا جهڙي طرز وارا ڊراما/ تماشا هوندا هئا ۽ بائيبل تان اخذ ڪيل ڪهاڻين کي ڊرامائي تشڪيل ڏيئي ڊراما جوڙيا ويندا هئا.

انگريزي ڊرامن جي ترقي ايلزبيٿ دور ۾ ٿي، جڏهن برطانيه جي انگريزن Renaissance Movement کان پوري طرح اثر قبوليو. هن دور کي انگريزي ادب جو ايلزبيٿ دور (1600 – 1500) به چيو ويندو آهي. هي دور انگريزي ڊرامي جي عروج جو دور آهي. هن دور ۾ شيڪسپيئر جهڙو جڳ مشهور ڊراما نگار ٿي گذريو آهي. هن دور ۾ انگريزي ڊرامي لاطيني ڊرامي جو به خوب اثر قبول ڪيو. هن دور جي ڊرامي ۾ للي (1606 – 1554)، ٿامس ڪائيڊ (1595

– 1558)، ڪرسٽوفرمارلو (1593 – 1564)، وليم شيڪسپيئر (1616 – 1564) ۽ بين جانسن (1637 – 1573) جهڙا عظيم ڊراما نگار پيدا ٿيا.

اڳتي هلي انگريزي ڊرامو ڀرپور ترقي جون منزلون پار ڪندو ويو ۽ ان قافلي ۾ ڪيترائي نوان ڊراما نگار پيدا ٿيندا ويا جن ۾ جان ويبسٽر (1626 1575)۔ جان فليچر (1625 – 1597)، جان ڊرائڊن (1700 – 1660) ۽ ٻيا ڪيترائي ڊراما نگار اچي وجن ٿا. انگريزي ڊرامي کي وڌڻ ويجهڻ لاءِ ڀرپور ماحول مليو آهي. سرڪاري سرپرستي، ادارا، ناٽڪ منڊليون، اليڪٽرانڪ ۽ نان اليڪٽرانڪ ميڊيا، ريڊيو، ٽي وي، فلم ۽ اسٽيج وغيره وغيره اڻويهين صدي ڊرامي جي لاءِ هڪ دفعو ٻيهر عروج کڻي آئي. شيڪسپيئر جي دور وانگر هڪ دفعو ٻيهر اهڙا ڊراما نگار پيدا ٿيا جن جي شهرت پوري دنيا ۾ ڦهلجي ويئي. اهڙن ڊراما نگارن ۾ جارج برنارڊشا (1950 – 1856)، آسڪروائلڊ (1933 – 1867)، وليم بٽلرٽس (1939 – 1865)، ٽي – ايس ايليٽ (1888 – 1970) ۽ ٻيا ڪيترائي شامل آهن.

مطلب ته انگريزي ڊرامو، جنهن جي شروعات يوناني ڊرامي جي اثر هيٺ شروع ٿي هئي ۽ لاطيني ڊرامي کان متاثر ٿي عروج حاصل ڪيو، اهو ڊرامو مذهبي ميڙاڪن مان نڪري انساني مسئلن ۽ ڪيفيتن تي اچي پهتو. انگريزي ٻولي اهڙا ڊراما نگار پيدا ڪيا، جن جي شهرت ملڪي نه پر بين الاقوامي ٿي، جنهن سان انگريزي زبان کي پڻ ٻين ٻولين تي فوقيت ملي. انگريزي ڊرامن ۾ هر قسم جا موضوع شامل ٿيا. ڪيترائي نوان قسم ڊرامن ۾ نمودار ٿيا. نوان لاڙا، رجحان ۽ موضوع ۽ تحريڪون پيدا ٿيون. ٽيڪنالاجي جي ڦهلاءَ سبب انگريزي ڊرامي سڄي دنيا ۾ پنهنجو مقام حاصل ڪيو. سڄي دنيا ۾ شيڪسپيئر جي نالي سان ادارا قائم آهن. انگريزي ڊرامي جي تاريخ تي، لکين ڪتاب شايع ٿي چڪا آهن.

**ڊراما جا قسم**

قديم يونان ۾ ڊرامن جا ٻه قسم: يعني غمگين/الميه (Tragedy) ۽ مزاحيه/طربيه (Comedy) هوندا هئا. ان زماني ۾ هي ڊراما هڪ ٻئي کان بلڪل

جدا هوندا هئا پر ڊرامي جي وڌندڙ شهرت سان ان ۾ ايترا تجربا ٿيا آهن جو ٻنهي کي جدا ڪرڻ مشڪل ٿي پيو آهي. ان ڪان علاوه ڊرامي جي وڌندڙ شهرت سبب ان جا نوان قسم پيدا ٿي پيا آهن. مگر غور ڪبو ته اهي ڊراما به انهن جون شاخون ئي آهن. اچو ته ڊرامن جي مختلف قسمن جو مختصر جائزو وٺون.

## غمگين/ الميه ڊرامو (Tragedy)

”ڊرامن جي سيني قسمن ۾ هي اتم سمجهيو ويندو آهي. هي سنجيده ماحول جي عڪاسي ڪندو آهي. هن جو سورمو (Hero) پوڳنائن جو شڪار ٿيندو آهي ۽ آخر ۾ سندس المناڪ پڇاڙي ٿيندي آهي. الميه ڊرامي جي وڏي خوبي اها هوندي آهي ته ان ۾ ڏک ڀريو داستان هوندو آهي، ڏسندڙ کي نهايت گنڀير ڪري ڇڙيندو آهي ۽ موت ۾ ٻئي جي ڏک کي پاڻ تي ارپي ڇڏيندو آهي. اهڙي طرح ٻئي جي ڏکن کي پنهنجو سمجهي پنهنجي دل هلڪي ڪندو آهي“.[11]

ارسطو موجب، الميه ڊرامي جو وڏو ڪم اهو آهي ته اهو ٻين جي دلين ۾ رحم ۽ ڊپ پيدا ڪري ٿو. الميه ڊرامو دراصل مرڪزي ڪردار (سورمي) جي عملن جو نتيجو هوندو آهي. هن ڊرامي جي ٻولي گنڀير ۽ حڪمت ڀري رکي ويندي آهي. ارسطو موجب مٿئين خوبين کان علاوه الميه ڊرامن جا مرڪزي ڪردار وڏا ماڻهو، بادشاهه، شهزادا، شهزاديون ۽ ٻيا اعليٰ مرتبي وارا ماڻهو هجڻ گهرجن. انگريزي ادب جي تاريخ تي نظر وجهڻ سان خبر پوي ٿي ته وليم شيڪسپيئر جا اڪثر ڊراما ارسطو جي ٻڌايل اصولن تحت آهن ان ڪري هن جا الميه ڊراما اڄ سوڌو ڪامياب آهن. اڳتي هلي الميه ڊرامي جي وڌندڙ شهرت سبب اڪثر ڊراما نگارن پنهنجا مکيه ڪردار عام ماڻهن مان ڪنيا پر ڊرامن جي آڪاڻي گنڀير رکيائون.

الميه ڊرامي جو هي هڪ اهڙو قسم آهي، جنهن جو مرڪزي خيال يا آڪاڻي بدلي وٺڻ تي منحصر هوندي آهي. هن ڊرامي ۾ ڪنهن جو ناحق خون ٿيندو آهي، جنهن جي نتيجي ۾ ڊرامي جو هيرو بدلي وٺڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. ڊرامي ۾ ”بدلو“ دراصل هڪ فريضو سمجهي ورتو ويندو آهي. اهڙي طرح خوف، هراس ۽ استحصال هن ڊرامي جي خاص خوبين مان هوندا آهن. آخر ۾ بدلي وٺندڙ هيري لاءِ

خاص همدردي پيدا ٿي پوندي آهي. وليم شڪسپيئر جا مشهور ڊراما Revenge Tragedy آهن، جهڙوڪ Hamlet، King Lear، Macebeth ۽ Othello وغيره.ان کان علاوه انگريز ڊراما نگارن ۾ جان ويبسٽر ۽ ٿامس ڪائڊ پڻ هن قسم جي ڊرامن ڪري مشهور ٿيا.

**مزاحيه /طربيه ڊراما (Comedy)**

طربيه ڊرامي جي پڇاڙي خوشي سان ٿيندي آهي ۽ ان جو وڏو مقصد تفريح مهيا ڪرڻ هوندو آهي. حقيقت ۾ طربيه ڊرامو زندگيءَ جي تقليد ڪري ٿو ۽ رسم و رواج جي عڪاسي ڪري سچائي جو اولڙو اڇلي ٿو. طربيه ڊرامي جي ظرافت جو دارومدار ڪنهن وقت، موقعي يا ڪنهن صورتحال تي يا ڪنهن مهل واري معنيٰ خيز مڪالمي تي هوندو آهي". (12)

مزاحيه ڊرامو دل کي خوش به ڪري ٿو ته وري دل آزاري به ڪري ٿو. ڇو جو هڪ مزاحيه ڊراما نگار نه رڳو پنهنجي آس پاس جي انهي حقيقت کي قبول ڪري ٿو ته ڇا ٿي رهيو آهي، بلڪه اهو به ٻڌائي ٿو ته ڇا نه ٿيڻ گهرجي. ان حساب سان سندس ڊرامو زندگيءَ ۾ تنقيد واري رجحان جي عڪاسي ڪري ٿو. تنقيد سان گڏوگڏ هو محسوس ڪري ٿو ته خوشي ءَ جي پيٽ ۾ ڏک وڏيڪ آهن، ان ڪري هو پنهنجي زندگيءَ جو مقصد اهو ٿو رکي ته اداس ڇهرن کي پائدار خوشي ڏجي. مزاحيه ڊرامن جي شروعات قديم يونان کان ٿي. مزاحيه ڊرامي جي برعڪس هن ڊرامي جي پڇاڙي خوشگوار ۽ وڻندڙ ماحول ۽ فضا ۾ ٿيندي آهي. مزاحيه ڊرامي ۾ وڏن ماڻهن جو هجڻ ضروري نه هوندو آهي. بلڪه ڪير به هن ڊرامي جو مرڪزي ڪردار ٿي سگهي ٿو. وليم شيڪسپيئر ڪيترائي مزاحيه/ طربيه ڊراما لکيا. جن مان مرزا قليچ بيگ ڪيترن ڊرامن جو سنڌي ۾ ترجمو ڪيو. امر جليل، سحر قريشي، يار محمد شاهه، قمر شهباز، رحمت الله ماجوٺي، شمشير الحيدري، آغا نادر، حفيظ ڪنير ۽ ٻين طربيه ڊراما لکيا آهن. مزاحيه ڊرامن جا هيٺيان قسم آهن:

**(i) طنزيه ـ مزاحيه ڊرامو (Satirical Comedy)**

طنزيه ڊرامي جو مقصد اهو آهي ته انسان کي، سندس بيهودن خيالن، بدعتن، چالاڪين، غلط حرڪتن تي سخت چوٽون ڪيون وڃن. اهو تڏهن ٿيندو آهي،

جڏهن ڪو انسان اخلاق يا عام سمجهه جا قاعدا ٽوڙيندو آهي. هي ڊرامو سماج جا اهي عيب چڱي طرح سان ظاهر ڪري ٿو، جيڪي عوام جي تڪليفن جو باعث بڻجن ٿا“.[13]

### (ii) ڪاميڊي آف مينرس (Comedy of Manners)

هن ڊرامي ۾ اڪثر ڊراما نگار معاشري جي ريتن رسمن تي طنز ڪندا آهن. هن ڊرامي جو وڏو دخل مڪالمن تي هوندو آهي. هي ڊراما اصل ۾ وڏن گهراڻن جي ريتن رسمن تي ٺٺولي هوندا آهن، جن ۾ اصول ۽ طرز زندگي جا ڪوڙا محل ٺهيل هوندا آهن. هنن ڊرامن کي سمجهڻ لاءِ سمجهدار ذهنن جو هجڻ ضروري هوندو آهي. انگريزي ڊرامي جي تاريخ ۾ جان ڊرائڊن هن قسم جو وڏو ڊراما نگار هو. سنڌي ڊرامي ۾ پڻ هن قسم جا ڪيترائي مثال موجود آهن، جن ۾ امر جليل جو ”مٽيءَ جا ماڻهو“، عبدالقادر جوڻيجي جو ”خانصاحب“ وغيره اهم آهن.

### (iii) رومانوي طربيہ ڊرامو (Romantic Comedy)

هن ڊرامي جو مقصد اهو آهي تہ ڊرامي جي آکاڻي ۾ محبت جو داستان هجي. ان کان علاوه کل، يوڳ، خوشي، ناچ گانو بہ ان ۾ شامل هجي. هن ۾ هڪ قسم جو رومانوي داستان هوندو آهي، جنهن جو انجام محبتي جوڙن جي شادي ۽ ميلاپ وغيره تي ختم ٿيندو آهي.

### الميہ – مزاحيہ ڊراما (Comedy – Tragic)

ڊرامي جي وڌندڙ شهرت ۽ الميہ ۽ مزاحيہ ڊرامي جي تاثير ڏيڻ خاطر هن ڊرامي کي جنم ڏنو ويو. موجوده دور ۾ هن قسم جا ڊراما رائج آهن. هي ڊراما شروع ۾ اداس ۽ غمگين ماحول سان شروع ٿيندا آهن، جن ۾ مرڪزي ڪردار هر تڪليف ۽ عذاب مان گذرندو آهي، پر آخر ۾ هن ڊرامي جي پڇاڙي خوشي سان ٿيندي آهي“.[14] هن ڊرامي جي شروع ٿيڻ جو ٻيو وڏو سبب اهو هو تہ ڏسندڙ طربيہ ۽ الميہ ڊرامن جي يڪسانيت کان بور ٿي چڪا هئا. قديم يونان ۾ هن قسم جي ڊرامي جي سخت مخالفت ڪئي ويندي هئي. البتہ انگريزي ۾ هن قسم جي ڊرامن تمام گهڻي شهرت حاصل ڪئي. انگريزي ڊرامي جي تاريخ ۾ مائونٽ ۽ فليچر هن قسم جي ڊرامي جا مؤجد آهن. جان ڊرائڊن پڻ هن قسم جا ڪافي ڊراما لکيا.

موجوده سنڌي ٽي وي ڊراما Comedy – Tragic ٿين ٿا.

**ميلو ڊراما (Melodrama)**

راڳي ڊرامو يا گيتن ڀري ڪهاڻي موجوده دور جو مشهور ڊرامو آهي. هن قسم جي ڊرامن ۾ ٻن مختلف حالتن يا قصن جي وچ ۾ ڪشمڪش ڏيکاري ويندي آهي. انهيءَ ڪي تفصيل سان پيش ڪرڻ سبب آڪاڻي ۾ گهٽي ڊيگهه تي ويندي آهي. هنن ڊرامن ۾ خود ڪلامي (Soliloquy) جو گهڻو استعمال هوندو آهي. ميلو ڊراما ۾ موسيقي جو وڏو دخل هوندو آهي. ڊرامي جي ڪهاڻي ۾ تجسس (Suspense) به گهٽو هوندو آهي. هنن ڊرامن جي پڇاڙي خوشگوار ماحول ۾ ٿيندي آهي". [15]

**چسو ڊرامو / مذاقي نقل (Farce)**

قديم فارس ڊراما، چرچ جي پيداوار آهن، جن ۾ ڪل جوڳن فرضي واقعن تي ٻڌل انساني خرابين تي نقل يا ويچارا ڪديا ويندا هئا. پر هاڻي هي ڊرامو مزاحيه موضوعن لاءِ استعمال ٿيندو آهي. هنن ڊرامن ۾ مزاحيه واقعا بيان ٿيل هوندا آهن.

فارس ڊرامو سنڌي ادب ۾ انتهائي آڳاٽو آهي. خاص طور تي سنڌي لوڪ ادب ۾ هي صنف گهڻي مشهور هئي. سنڌي لوڪ ادب ۾ جهيڙا يا مناظرا دراصل فارس آهن. سنڌ جا سگهڙ ميلن، ملاڪڙن، شادين مرادين تي، مولوين، ملن، موالن وغيره جي نقل ڪندا هئا ۽ تماشائين کي وندرائيندا هئا. ان ڏس ۾ هي مناظرا يا جهيڙا وڏيڪ مشهور هئا.

1. مناظرو دلي ۽ طالب جو
2. مناظرو سس ۽ ننهن جو
3. مناظرو ٽوپي ۽ پڳ جو
4. مناظرو فقير ۽ بخيل جو

**سنگيت / منظوم ڊرامو (Opera)**

هن قسم جا ڊراما شاعري ۾ هوندا آهن. هنن جو پلاٽ الميه يا مزاحيه ٿي سگهي ٿو. هنن ۾ موسيقي جو وڏو دخل هوندو آهي. وقت سان گڏوگڏ هن ۾ نوان نوان تجربا ٿيا هن ۾ قومي، سياسي، رومانوي موضوع شامل ڪيا ويا آهن. اڪثر

ڪري هي ڊرامو ٽن ائڪٽن تي مبني هوندو آهي. مرزا قليچ بيگ جو ”ليليٰ مجنون“ سنڌي زبان جو پهريون اوواوپيرا آهي. شيخ اياز جا ”دودي سومري جو موت“ ۽ ”رني ڪوٽ جا ڌاڙيل“ ارجن شاد جو ” ڏاهيون ڏک ڏسن“ بهترين اوپيرا آهن. ان کان علاوه سنڌي ڊرامي جي تاريخ ۾ ٻيا بہ ڪيترائي اوپيرا جا مثال موجود آهن.

ڊاڪٽر غلام رسول بلوچ مطابق ”سنگيت ڊراما جنهن کي انگريزي ۾ Opera چئبو آهي، سو ڊرامن جو اهو قسم آهي، جنهن ۾ مڪالمن کي نثر جي بدران نظم ۾ جوڙي سربستہ سرن سان ڳائڻ ۽ سازن سان رقص و موسيقي جي ذريعي اسٽيج تي پيش ڪيو ويندو آهي. سنڌي ۾ اهڙن ڊرامن کي اسين سنگيت ڊراما سڏيون ٿا“. (16)

## ايڪانڪي ڊراما (One Act Play)

هرهڪ ايڪٽ ۾ هڪ يا وڌيڪ منظر تي سگهن ٿا. يوناني ڊراما مسلسل هڪ مڪمل ايڪانڪي طور ڪيا ويندا هئا، جنهن ۾ وچ وچ ۾ ڪورس ۾ ڪجھ چيو ويندو هو. سمجهيو وڃي ٿو تہ هوريس اهو پهريون ماڻهو هو جنهن پنجن ايڪٽن واري ڊرامي تي زور ڏنو. نئين سجاڳيءَ واري دور ۾ ڪنهن مرحلي تي فرينچ ڊرامي نگارن انهيءَ کي عام اصول بڻائي ڇڏيو. شيڪسپيئر ۽ سندس همعصرن جي ڊرامن ۾ فطري وٿيون آهن، جن کي ايڪٽن واري ورهاست چئي سگهجي ٿو. انگلنڊ ۾ بين جانسن پنجن ايڪٽن واري ڊرامي جو بنياد وڌو. ان کان پوءِ ايڪٽن کي ڌار ڌار ڏيکارڻ لاءِ پردي ڪيرائڻ جو رواج پيو. ابسن (1828 _ 1906ع) ايڪٽن کي گهٽائي چار ڪيو. چيخوف (1860 _ 1904ع) جهڙن ڊراما نگارن بہ چار ايڪٽ رکيا، پر ويهين صديءَ جي ابتدائي سالن ۾ ٽن ايڪٽن جي ڊرامن کي ترجيح ملڻ لڳي، تنهن هوندي بہ ٻن ايڪٽن وارا ڊراما بہ لکبا هئا. جديد دور ۾ ايڪٽ ڪيترا بہ هجن، پردو صرف انٽرويل ۽ آخر ۾ ڪيرايو ويندو آهي. جديد ڊراما منظرن جي تسلسل سان پيش ڪيا ويندا آهن.

سنڌي ڊرامي ۾ انگريزن جي دؤر ۾ ايڪانڪي ڊرامن جو رجحان پروفيسر منگهارام ملڪاڻي وڌو، جنهن کي ايڪانڪي ڊرامن جو ابو بہ چيو وڃي ٿو.

## ائبسرڊ ناٽڪ (Theater of Absurd)

ناٽڪ نويسي ۾ ٻاهرين هوائن جي اثر بدولت نئين ناٽڪ، ائبسرڊ ناٽڪ جا تجربا پڻ سنڌي زبان ۾ ڪيا ويا آهن. يورپ ۾ ان کي واهياتپڻي ۽ بي ڍنگيءَ جو ٿيٽر ( Theater of Absurd) چوندا آهن. يورپ ۾ صنعتي انقلاب کانپوءِ واري صنعتي معاشري ۾ ماڻهوءَ جي جيڪا صورتحال وڃي بيٺي، ان کي واهياتپڻي ۽ بي ڍنگيءَ واري صورتحال چيو ويو.

ائبسرڊ ڊرامي جو هر ڪردار ڪنهن نه ڪنهن خوف ۾ ورتل هوندو آهي. ڪنهن وڏي طاقت جو خوف، جيڪو حقيقي يا خيالي ٿي سگهي ٿو. اهو خوف، انديشي ۽ ڊپ ۾ ورتل انسان عجيب حرڪتون ٿو ڪري، ۽ هن جي واهيات حرڪتن کي ڏسي کل ٿي اچي، جيڪا پڻ اجائي ۽ مهمل ۽ بي معنيٰ آهي. ڪنهن ڪنهن مهل ان کل جو آواز روئڻ جهڙو لڳندو آهي. سنڌي ڊرامي ۾ ڊاڪٽر پريم پرڪاش جا ”مورچابندي“ ۽ ”باهه، موتي پرڪاش جو“، ”رات هڪ طوفان جي“ ۽ ايم ڪمل جو ”ماچس ڪٿي آهي؟“ وغيره ائبسرڊ ڊرامن جا بهترين مثال آهن“.(17)

## ڊراما جا خاص ترڪيبي جزا

### (1) آکاڻي / سٽاءُ (Plot)

ارسطو مطابق آکاڻي (Plot) ڊرامي جو روح هوندو آهي. هڪ سٺي ۽ مضبوط آکاڻيءَ کان سواءِ ڊرامو ڪڏهن به ڪامياب ٿي نه ٿو سگهي. آکاڻيءَ جو دارومدار ڪهاڻي ۽ ڪردارن تي هوندو آهي .ڪنهن به ناٽڪ ۾ سٽاءُ اهم ترين عنصر آهي. هر ناٽڪ نويس کي ترتيب ۾ ڏاڍي خبرداري وٺڻي پوندي آهي جو ناٽڪ جي ڪاميابي/ ناڪاميابي جو مدار ئي ان خبرداري تي آهي. هر ناٽڪ نويس ٻين ناٽڪ نويسن جي ڀيٽ ۾ توڙي سنڌس ئي لکيل پهرين ناٽڪ جي ڀيٽ ۾، پنهنجي ناٽڪ جي ترتيب الڳ يا نئين ٻهارڻ جي ڪوشش ڪندو آهي، جيئن سنڌس ناٽڪ ۾ هڪ پاسي تازگي اچي ته ٻئي پاسي نواڻ.

### (2) ڪردار نگاري (Characterization)

ناول ۽ افساني وانگر هڪ ڊرامي جو عمل و دخل به ڪردار نگاريءَ تي هوندو آهي. اگر ڪنهن ڊرامي ۾ ڪردار ”فطري“ قسم جا نه هوندا ته اهو ڊرامو ڪامياب

سمجهيو نہ ويندو. اگر ڪنهن ڊرامي جا ڪردار مافوق الفطرت هوندا تہ چئبو تہ ڊرامي جي ڪردار نگاري صحيح ٿيل نہ آهي. ان ڪري هڪ سٺو ڊراما نگار ڪردارن جي ذهني سطح ۽ انهن جي سماجي حيثيت کي هميشہ سامهون رکندو آهي.

ارسطو ٽريجدي جي ڪردارن لاءِ وڏو تاڪيد ڪيو آهي. سندس خيال موجب ٽريجدي جا ڪردار وڏا ماڻهو هجڻ گهرجن. هو طبيعت ۾ درويش صفت نہ پر سٺا انسان هجڻ گهرجن. مطلب تہ ڪردارن جو آڪاڻيءَ تي وڏو اثر هوندو آهي. ڪردار نگاري جي اهميت ان ڪري بہ هوندي آهي تہ ڊرامي ۾ مرڪزي ڪردار هڪ اهڙو مثالي هجڻ گهرجي جو ان کي ڏسي دل ۾ يا تہ بزرگي، برتري ۽ عظمت جو احساس پيدا ٿئي يا وري نفرت ۽ ڌڪار پيدا ٿئي". [18] قديم يوناني ۽ هندستاني ڊرامن جا مرڪزي ڪردار ان ڪري اهميت وارا هوندا هئا جو اهي مخالف ماحول ۾ پنهنجي عمل سان نا ممڪن ڳالهين کي ممڪن ڪري ڏيکاريندا هئا ۽ ڏسندڙن جي دلين تي پنهنجي حشمت ۽ عظمت جو ڌاڪو ويهاريندا هئا. پر انهن يوناني ۽ هندستاني ڊرامن کان پوءِ يورپي ڊرامن جو دائرو تمام وسيع ٿيو ۽ پکڙجي ويو، جنهن ڪري انهن ڊرامن ۾ ڀرپور ڪردار ممڪن ٿي پيا.

### (3) ڊائلاگ/ مڪالما (Dialogues)

ڊرامي جي وڏي ۾ وڏي سجاڳپ مڪالما آهن. ڇو جو ڊرامي ۾ آڪاڻي بيان ڪرڻ جي بدران عملي طرح ڪري ڏيکاريل هوندي آهي. هڪ سٺي ڊراما نگار لاءِ ضروري آهي تہ ڪردارن جي ذهني سطح ۽ انهن جي سماجي حيثيت کي سامهون رکي مڪالما لکي. اهي ڊائلاگ ئي انهن ڊرامن ۾ ڪردارن کي زندگي بخشيندا آهن. سٺن مڪالمن جي ذريعي ئي هڪ ڊرامي جي ڪهاڻي دلچسپ ٿئي ٿي.

پروفيسر قاضي خادم مطابق "جديد ڊرامي ۾ ڊائلاگ يا گفتگو بيحد مختصر هوندي آهي. ان ڪري جو فنڪارن کي اهي ياد ڪرڻا پوندا آهن ۽ هو باقي ڪم آوازن جي لاهہ چاڙهہ کان (ريڊيو ۾) ۽ ائڪٽنگ ۽ چرپر کان (ٽي ويءَ) ۾ وٺندا آهن. پر جيڪڏهن هنن کي ڊگها ڊگها ڊائلاگ ڏنا ويندا تہ هو پنهنجو ڌيان صرف ڊائلاگ ياد رکڻ تي ڏيندا نہ ڪہ ائڪٽنگ ۽ صداڪاريءَ تي". (جديد ڊراما)

### (4) ڪشمڪش يا ڇڪتاڻ (Conflict)

ڊرامي جي ڪهاڻي جو اهڃتي وڏڻ جو دارومدار ڊرامي ۾ ڪشمڪش (Conflict) تي هوندو آهي. ان ڪري هڪ ڊرامي ۾ ٻن متضاد شين يا جذبن جي وچ ۾ ڪشمڪش جو هجڻ ضروري آهي. اها ڇڪتاڻ اڪثر ڪري نيڪي ۽ بدي جي وچ ۾ ڏيکاري ويندي آهي.

ڪشمڪش ڪنهن شيءِ، ڳالهه، خواهش يا ٻئي ڪنهن سبب جي ڪري پيدا ٿيندي آهي. ڪڏهن ڪڏهن اها ٻن ڪردارن جي وچ ۾ ڪنهن سبب يا مقصد لاءِ ٿيندي آهي. يا هڪ ئي ڪردار جي ٻن مقصدن، خواهش جي وچ ۾ ٿيندي آهي.

پروفيسر قاضي خادم مطابق ”ڊرامي جي ماضي تي نظر وجهبي ته نظر ايندو ته هر ڊرامي جي شروعات ڪشمڪش (Conflict) سان نظر ايندي. ايتري قدر جو ڊرامي ڪي ڪشمڪش جو متبادل لفظ ڪري سمجهيو ويندو هو. شيڪسپيئر جي ڊرامن تي نظر وجهبي ته هن جو هر ڊرامو ڪشمڪش سان شروع ٿيندو نظر ايندو. مئڪبٿ، هئمليٽ، ڪنگ ليئر، اوٿيلو جيڪو به ڊرامو پڙهبو ته ان جي شروعات انهيءَ ڪشمڪش سان نظر ايندي. ليڪن هن دور ۾ ڪيترائي ڪامياب ڊراما ريڊيو ۽ ٽي وي تي پيش ٿي رهيا آهن، جن جي ڪهاڻي ڪشمڪش سان نه پر عام طرح شروع ٿئي ٿي ۽ زندگيءَ جي وڏڻ واري انداز سان وڌندي نظر ايندي، ۽ ان ۾ ايندڙ لاها چاڙها ان کي پنهنجي منطقي انتها ڏانهن وٺي ويندا نظر ايندا“.(19)

ڇڪتاڻ/ ٽڪراءَ جا ٻه قسم ٿيندا آهن:

(i) **داخلي ڇڪتاڻ (Inner Conflict)**: اضطراب، مونجهارو، فيصلي نه ڪرڻ جي قوت وغيره اچي وڃي ٿو.

(ii) **بيروني ڇڪتاڻ (Outer Conflict)** ( هن ۾ ٻن ڌرين ۾ جهيڙو، بدلو، دشمنيون، رشتا ناتا، سماجي مسئلا وغيره.

### (5) عروج (Climax)

عروج اها منزل آهي، جنهن تي هڪ ڊرامو ترقي ڪري منزلون طئي ڪري پهچي ٿو. هي منزل حد درجي جي پيچيده ۽ اهم هوندي آهي، جتان پوءِ ڊرامي جي

پڇاڙي ٿيندي آهي. سولن لفظن ۾ ائين چئجي ته ڊرامو آهستي آهستي اهڙي منزل تي پهچندو آهي، جتي سڀ واقعا ۽ مسئلا منجهي پوندا آهن. اهو ئي ڊرامي جو عروج آهي.

**(6) ڊرامي جون هيڪڙايون (Unities of Drama)**

ارسطو مطابق هڪ ڊرامي ۾ ٽن قسمن جون هيڪڙايون (Unities) ضرور هئڻ گهرجن:

(1) **وقت جي هيڪڙائي : (Unity of Time)**وقت جي هيڪڙائي جو مطلب اهو آهي ته هڪ ڊرامو هڪ ئي وقت شروع ٿي ختم ٿئي. وڌ ۾ وڌ هڪ ڏينهن جيترو هئڻ گهرجي.

(2) **جاءِ جي هيڪڙائي(Unity of Place)** : جاءِ جي هيڪڙائي جو مطلب اهو آهي ته هڪ ڊرامو جنهن هنڌ شروع ٿيو هجي اهو ساڳي جاءِ تي ختم ٿئي.

(3) **عمل جي هيڪڙائي(Unity of Action)** :عمل جي هيڪڙائي جو مقصد اهو آهي ته هڪ ڊرامي ۾ هڪ وڏو يا خاص عمل هئڻ گهرجي، مطلب ته اگر ڊرامو مزاحيه (Comedy) آهي ته هڪ خسيس عمل هئڻ گهرجي اگر سنجيده (Tragedy) هجي ته ان ۾ گنڀير عملن کي پيش ڪيو وڃي.“ (20)

يوناني ڊرامن ۾ هنن هيڪڙاين تي سختي سان عمل ڪيو ويندو هو. پر انگريزي ادب ۾ ڊرامي جي وڌندڙ شهرت سبب انهن هيڪڙاين تي سختي سان عمل نه ڪيو ويو. شيڪسپيئر هنن هيڪڙاين کي مڪمل نظرانداز ڪيو آهي.

سنڌي ڊرامو جيئن ته انگريزي ڊرامي مان متاثر ٿيل آهي، ان حساب سان ان ۾ به هيڪڙاين تي پابندي سان عمل نه ڪيو ويو آهي. مثال طور تي وي ڊراما سؤ سؤ قسطن تي به ٿي سگهن ٿا. جيستائين جاءِ جي هيڪڙائي جو تعلق آهي، ان جو عمل ته سنڌي ڊرامي ۾ بلڪل نظرانداز ٿيل آهي، هڪ سين اگر ڪراچي ۾ آهي ته ٻيو خيرپور ۾ ٿي سگهي ٿو يا وري ٻيو سين ملڪ کان ٻاهر ٿي سگهي ٿو.

**(7) نظارا/ منظر (Act)**

هرهڪ ايڪٽ ۾ هڪ يا وڌيڪ منظر ٿي سگھن ٿا. يوناني ڊراما مسلسل هڪ مڪمل ايڪي طور ڪيا ويندا هئا، جنهن ۾ وچ وچ ۾ ڪورس ۾ ڪجھ چيو ويندو هو. سمجهيو وڃي ٿو ته هوريس اهو پهريون ڊراما نگار هو جنهن پنجن ايڪٽن واري ڊرامي تي زور ڏنو. نئين سجاڳيءَ واري دور ۾ ڪنهن مرحلي تي فرينچ ڊرامي نگارن انهيءَ کي عام اصول بڻائي ڇڏيو. ”شيڪسپيئر ۽ سندس همعصرن جي ڊرامن ۾ فطري وٿيون آهن، جن کي ايڪٽن واري ورهاست چئي سگھجي ٿو. انگلنڊ ۾ بين جانسن پنجن ايڪٽن واري ڊرامي جو بنياد وڌو. ان ڪان پوءِ ايڪٽن کي ڏار ڏار ڏيکارڻ لاءِ پردي ڪيرائڻ جو رواج پيو. ابسن (1906 _ 1828ع) ايڪٽن کي گھٽائي چار ڪيو. چيخوف (1904 _ 1860ع) جهڙن ڊراما نگارن به چار ايڪٽ رکيا، پر ويهين صديءَ جي ابتدائي سالن ۾ ٽن ايڪٽن جي ڊرامن کي ترجيح ملڻ لڳي، تنهن هوندي به ٻن ايڪٽن وارا ڊراما به لکبا هئا. جديد دور ۾ ايڪٽ ڪيترا به هجن، پردو صرف انٽرويل ۽ آخر ۾ ڪيرايو ويندو آهي. جديد ڊراما منظرن جي تسلسل سان پيش ڪيا ويندا آهن.ادب جو هڪ مضبوط ڪردار به سمجهي سگھجي ٿو.“(21)

### (8) پڇاڙي (End)

جڏهن ڊرامي جي آکاڻي (Plot) پنهنجي عروج تي پهچندي آهي ته ڊراما نويس منجهيل مسئلن جو حل آهستي آهستي پيش ڪندو آهي. تان جو وڃي سڄو ڊرامو پڇاڙي ڏانهن پهچندو. سڄي ڊرامي جو دارومدار پڇاڙي تي هوندو آهي. هڪ ڊراما نويس لاءِ اهو ڪم انتهائي مشڪل هوندو آهي ته جهڙي ڪاميابي سان ڊرامو شروع ڪيو هئائين، اهو اهڙي ڪاميابي سان ان کي ختم ڪري.

### ڊراما، ٿيئٽر ۽ تماشائي

ٿيئٽر يوناني ٻولي جو لفظ آهي، جنهن جي معني آهي ’ڏسڻ‘ يا ’نظارو پسڻ‘ ناٽڪ جي جاءِ، ناٽڪ گھر وغيره. ڊرامي ۽ ٿيئٽر جي اهميت بيان ڪندي مير محمد نظاماڻي لکي ٿو ته ”حقيقت ۾ ڊراما اسٽيج تي عملي طرح سان پيش ڪرڻ لاءِ لکيو ويندو آهي. انهيءَ ڪري ظاهر آهي ته اها جاءِ يعني ”ٿيئٽر“ جتي اهو پيش ڪيو وڃي ٿو، انهيءَ تي ضرور اثر پوندو. انهي ڪري ڪيترائي نقاد هن راءِ جا آهن

تہ ڊرامي جو ادب سان ايترو تعلق نہ آهي، جيترو فن اداڪاري سان آهي. جيڪڏهن هي ڳالهہ مڃي وڃي تہ "ڊرامو" نقالي آهن تہ پوءِ هي ڳالهہ بہ قبول ڪرڻي پوندي تہ هڪ بهترين فنڪار جي حيثيت ۾ ڊراما نگار هڪ بهترين تمثيل نگار آهي، جنهن جو درجو عام شاعر يا اديب کان البت بلند آهي. اهوئي سبب آهي جو ٿيئٽر کان سواءِ ڊرامو ڪڏهن بہ ترقي ڪري نہ ٿو سگهي". (22)

پروفيسر منگهارام ملڪاڻي مطابق "ياد رکڻ گهرجي تہ ناٽڪي فن، ٻين فنن وانگر پاڻ ۾ ئي پورو نہ آهي، جنهن کي صرف ڪتب خاني ۾ ويهي مطالعو ڪجي. ناٽڪ جو آخري مقصد تڏهن پورو ٿيل سمجهبو، جڏهن ناٽڪ گهر (Theater) ۾ اهو ڪري ڏيکاريو وڃي ۽ رنگ ڀومي (Stage) تي اداڪاري (Acting)، چترڪاري (Painting)، وسترڪاري (Consturning)، سنگيت (Music) ۽ ناچ (Dancing) جي ان کي پوري پوري واهر وٺڻي ٿي پوي". (23)

ڊرامي جو تعلق صرف ادب سان نہ آهي، بلڪہ ان ۾ اداڪار، تماشائي اسٽيج، ڊراما نگار، اداڪار وغيره اچيو وڃن ٿا. ان حساب سان ٿيئٽر کي اهڙو هئڻ گهرجي جو هن سيني ڳالهين جي پورائي ڪري. سنڌ ۾ انگريزن جي زماني ۾ ڪيترائي ٿيئٽر قائم هئا، جتي باقاعدگيءَ سان ڊراما رچايا ويندا هئا. ورهاڱي کان پوءِ ٿئيٽرن جي جاءِ تي سئنيما هال ٺهيا.

اڄ ڊرامي جي صنف ايتري قدر ترقي ڪري چڪي آهي، جو ٿيئٽر جي اداڪارن جي سڃاڻپ الڳ آهي. اڄ جتي سائنس ۽ ٽيڪنالاجي ترقي ڪئي آهي، اتي ڊرامي کي پيش ڪرڻ لاءِ مختلف ذريعا پيدا ٿي پيا آهن. ان حالتن ۾ ٿيئٽر ڊراما، فلم، ريڊيو ۽ ٽي وي جي اڳيان اهميت وڃائي ويٺا آهن. حقيقت ۾ اڄ ٿيئٽر جي اهميت وڌيڪ محسوس ٿئي ٿي. اڄ جڏهن اسان جي معاشري ۾ رشتا ناتا پنهنجي اهميت وڃائي ويٺا آهن. سماجي براين جهڙوڪ قبيلائي جهيڙا، ڪاروڪاري جا وڌندڙ واقعا، غير مساوي سلوڪ وغيره وڌي ويا آهن. اهڙين حالتن ۾ ٿيئٽر جي اهميت وڌيڪ محسوس ٿئي ٿي.

ٿيئٽر در حقيقت وهم گمان جو مقام هوندو آهي. جنهن وقت ڊرامو شروع ٿئي ٿو تہ اسان ٿيئٽر کي وساري ڇڏيون ٿا ۽ جيڪڏهن ڊرامي جي منظر ۾ ڪنهن خوبصورت نديءَ جو ذڪر آهي تہ اسان اتي پهچي ويندا آهيون. ٿيئٽر ۾ حقيقت پسندي جي نظري فريب کي مؤثر بنائڻ لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪئي ويندي آهي. جيڪڏهن ادب روح جو انڪشاف آهي تہ ٿيئٽر وري ناظرين جي روح ۾ لهي اجتمائي انڪشاف برپا ڪري ٿو ۽ انهيءَ سان گڏ ٿيئٽر فردن جي زندگين جي لڪيل اسرارن جي ڳولا ڪري ٿو.

”اسٽيج لاطيني ٻولي جو لفظ آهي جيڪو (سسٽيٽڪم، اسٽئٽس يا اسٽيئر) لفظ مان اخذ ٿيل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ’ٻيهڻ‘. جيئن ٿيئٽر جي هن حصي تي فنڪار بيهي فن جو مظاهرو ڪن ٿا، سو انهي مناسبت سان مٿس اسٽيج نالو رکيو ويو آهي. هڪ ڊرامي جو اصل مقام اسٽيج آهي ۽ اسٽيج تماشائين کان سواءِ ڪجهہ بہ نہ آهي. ڊراما هميشہ تماشائين جي سوچ، فڪر ۽ پسند مطابق لکيا ۽ اسٽيج ڪيا ويندا آهن. تماشائي هميشہ هڪ جهڙا نہ ٿيندا آهن. اهي پنهنجي پنهنجي خيالات، جذبات، سيرت ۽ سوچ ۾ مختلف هوندا آهن. اهڙي طرح شهري تماشائي ڳوٺ وارن تماشائين کان مختلف هوندا آهن. مثال طور ڪنهن جي سالگرهہ جي موقعي تي اگر ڪو ڊرامو اسٽيج ڪيو وڃي تہ اتي اهي تماشائي نہ هوندا، جيڪي انقلابي سوچن کي پسند ڪندا آهن“.[24]

**وڪٽر هيوگو** مطابق تماشائي ٽن قسمن جا هوندا آهن. هڪ اهي عام ماڻهو ۽ ٻار جيڪي ائڪشن ڏسڻ چاهيندا آهن. ٻيون عورتون جيڪي جذبات نگاري جون شوقين ٿينديون آهن. ٽيان، پڙهيل لکيل ماڻهو جيڪي ڪردار نگاريءَ ۾ دلچسپي وٺندا آهن. ٻين لفظن ۾ ڊرامي جا ڏسندڙ عام طرح ائڪشن ۽ جذبات نگاري ۾ دلچسپي ڏيکاريندا آهن ۽ ڪي صرف ڪردار نگاريءَ جا شوقين ٿيندا آهن.

تماشائي/ڏسندڙ هميشہ پنهنجي جذبات، سيرت ۽ خواهش ۾ بہ مختلف هوندا آهن. ڪڏهن ڪڏهن ڪو مزاحيہ ڊائلاگ ڪنهن کي ڪلاڪن ڪلاڪن کيرو ڪري وجهندو آهي تہ ڪڏهن ڪڏهن وري اهو ساڳيو مڪالمو ڪنهن کي سخت

ناگوار لڳندو آهي. اهو تماشائي ئي آهي، جنهن جي بدولت ٿيئٽر آباد رهن ٿا. ٿيئٽر سان وابسته ماڻهن جي روزي انهن سان رهي ٿي. اداڪار، ليکڪ انهن جي ڪري رزق ڪمائين ٿا.

**حوالا:**


1. ڊاڪٽر جميل جالبي :"ارسطو سي اليٽ تڪ"، نئشنل بوڪ فائونڊيشن ڪراچي، 1975 ع، ص 33
2. John Drydon: An Essay on Dramatic Poetry (Online book)
3. ڊاڪٽر جميل جالبي :"ارسطو سي اليٽ تڪ"، نئشنل بوڪ فائونڊيشن ڪراچي، 1975 ع،ص 190
4. پروفيسر منگهارام ملڪاڻي: "ادبي اصول"،سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد، 2007 ع، ص 18
5. مير محمد نظاماڻي: "سنڌي ڊراما ان جو ارتقا نظريو فن ۽ تاريخ"، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو،1982 ع، ص 6
6. پريم پرڪاش: "سنڌي ناٽڪ جي اوسر"، انڊين انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، 1993ع، ص 18
7. رام جوهراڻي: برطانوي دور ۾ سنڌي ڊراما نويسي (برطانوي دور ۾ سنڌي نثر، مرتب: ڊاڪٽر منوهرلعل متلاڻي ) ڊپارٽمنٽ آف سنڌي، يونيورسٽي آف ممبئي، 2003 ع، ص 106
8. ڊاڪٽر محمد يوسف پنهور: "سنڌي ناٽڪ جي تاريخ"، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو، 1992 ع، ص 7
9. قاضي خادم :"ادب ۽ روايتون"، سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد، 1992 ع، ص 58
10. ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو: سنڌي ادب جي مختصر تاريخ، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 1994 ع، ص 151
11. مختيار احمد ملاح: " ادبي اصطلاحن جي تشريحي لغت"،سنڌي لينگئيج اٿارٽي، حيدرآباد، 2015 ع، ص 44
12. ساڳيو حوالو، ص 241
13. غلام رسول بلوچ: "سنڌي ڊراما جي هڪ صدي ۽ تنقيدي جائزو"، 1983 ع، ص 34
14. Ecncylopeida Britanica Volume_I, p. 112

15. مختيار احمد ملاح: ” ادبي اصطلاحن جي تشريحي لغت“ ،سنڌي لينگيئج اٿارٽي، حيدرآباد، 2015ع، ص 338
16. ڊاڪٽر غلام رسول بلوچ: ”سنڌي سنگيت ڊراما“، سنڌي ادب مئي 1988ع، ص 94
17. مختيار احمد ملاح: ” ادبي اصطلاحن جي تشريحي لغت“ ،سنڌي لينگيئج اٿارٽي، حيدرآباد، 2015ع، ص 52
18. ڊاڪٽر جميل جالبي: ”ارسطو سي اليٽ تڪ“، نئشنل بوڪ فائونڊيشن ڪراچي، 1975ع، ص 26
19. قاضي خادم : ”ادب ۽ روايتون“، سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد، 1992ع، ص 62
20. حبيب الله مرزا: ” ڊرامي جي تاريخ ۽ تنقيد“، نسيم بوڪ ڊيپو 1967ع، ص 87
21. مير محمد نظاماڻي: ”سنڌي ڊراما ان جو ارتقا نظريو فن ۽ تاريخ“، انسٽيٽوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو،1982ع، ص 30
22. ساڳيو حوالو، ص 38
23. پروفيسر منگھارام ملڪاڻي: ”ادبي اصول“،سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد، 2007ع، ص 18
24. مختيار احمد ملاح: ” ادبي اصطلاحن جي تشريحي لغت“ ،سنڌي لينگيئج اٿارٽي، حيدرآباد، 2015ع، ص 36

## قديم سنڌ ۾ ناٽڪ نويسيءَ جا اهڃاڻ

سنڌي ادب جي تاريخ ۾ ڊرامي/ناٽڪ جي صنف نہ صرف انگريزي ادب جي اثر هيٺ آئي، بلڪ انگريزن جي آشيرواد سان انهن جي دور ۾ آئي. اهڙي طرح لفظ ڊرامو پنهنجي فن ۽ فڪر سميت سنڌي لغت ۾ هميشہ لاءِ رائج ٿي ويو آهي. سنڌي ڊرامي کي قديم دور کان ”ناٽڪ“ سڏيو ويندو هو. سنڌي زبان ۾ ناٽڪ جو مطلب آهي ”نقل ڪرڻ“. ناٽڪ جي تاريخ سنڌ ۾ ايتري قديم آهي، جيترو سنڌ جو لوڪ ادب قديم آهي. دراصل لفظ ”ناٽڪ“ هندي ٻوليءَ جي ”نرتڪ وديا“ مان نڪتل آهي، جنهن جو مطلب آهي تہ ڪنهن نہ ڪنهن نموني پنهنجي فن جو مظاهرو ڪرڻ، اهو پوءِ ڀلي اداڪاري وسيلي هجي يا سنگيت ۽ رقص وسيلي.

1925ع ۾ جڏهن سر جان مارشل موهن جي دڙي جي کوٽائي جو ڪم شروع ڪرايو تہ کوٽائيءَ مان هٿ آيل مهرن ۽ انهن تي اڪريل لڪت دنيا جي ماهر لسانيات کي حيران ڪري وڌو. ان لڪت، تحقيق لاءِ نوان دروازا کوليا، جنهن ۾ خود لڪت جي تاريخ، تهذيب ۽ تمدن بہ اچي وڃي ٿو. ڊاڪٽر غلام قادر سومري ان سلسلي ۾ لکيو آهي تہ : ” محققن جي راءِ آهي تہ سڀ کان اول ڊرامو قديم برصغير هند و پاڪ ۾ تيار ٿيو، جنهن جا اهڃاڻ اسان کي موهن جي دڙي جي 5 هزار سال قديم تهذيب جي کوٽيل نشانين مان هڪ ’ ناچڻيءَ ‘ جي پتلي لڌي آهي، جنهن مان انومان ملي ٿو تہ راڳ ۽ ناچ جي مدد سان ڊرامي تي اوائلي تجربا ڪيا ويا“.(1)

موهن جي دڙي ۾ لڌل ناچڻي ڇوڪري (Dancing Girl) جو مجسمو ظاهر ڪري ٿو تہ ناٽڪ، ناچ ۽ موسيقي جي تاريخ سنڌ ۾ قديم دور کان موجود آهي. موهن جي دڙي جي انهن نشانين مان اندازو ٿئي ٿو تہ ناٽڪ سنڌ ۾ موجود هو. ان سلسلي ۾ ليلور چنداڻي لکي ٿو تہ ”جڏهن موهن جي دڙي ۽ هڙاپا جي کنڊرن مان هٿ آيل ڪن مهرن تي اڪريل سازن ، نرتڪيءَ جي پتلي خوله نتراج جي پتلي ڏانهن نظر تي ڪجي، تڏهين معلوم ٿو ٿئي تہ سنڌ جي اوائلي لوڪن کي بہ گيت سنگيت جو نہ صرف شوق ۽ ذوق هو، پر ان جي پوري ڄاڻ بہ

هئن. ان حالت ۾ اهو بہ چئي سگهجي ٿو تہ انهن اوائلي سنڌين ڪجهہ نہ ڪجهہ بيت بازي بہ ڪئي هوندي. هڪ مهر ۾ ويڻا جي شڪل وارو هڪ ساز آهي. ٻيءَ مهر ۾ سرندي جهڙو ڪو ساز آهي. هڪ مهر ۾ هڪ ديويءَ جي اردگرد ڪي مرد ۽ مايون آهن، جي پوڄا جي مدرا ۾ نظر ٿيون اچن. اهي سڀ اوائلي سنڌي شاعريءَ ڏانهن اشارو ڪن ٿيون". (2)

دنيا جي عالمن سنڌ کي تهذيب ۽ ثقافت جو هندورو سڏيو ويو آهي تہ ڪڏهن وري ان کي مذهبن جي ماءُ سڏيو ويو آهي، جنهن ماءُ سمورن مذهبن کي جنم ڏنو هجي، اها ثقافتي طور ڪيتري خوشحال هوندي! اهو سمجهڻ ڏکيو ناهي. "هيءَ اها جنت هئي جت ڪو بک نہ مرندو هو، جتي انسان جي ذهن تان ڏک ۽ ڳڻتي ميسارڻ لاءِ ناچ، سنگيت، نقاشي، بت تراشي ۽ ماڪيءَ مان تهيل مڌ موجود هئا......جنهن ۾ مذهب جي نالي تي تنگدلي ۽ خونريزي وڏي ۾ وڏو گناهہ هو.... اها هئي موهن جي دڙي جي سنڌ ، سميري، سامي، بابلي ۽ مصري اُن سنڌ جي نالي جي مالا جپيندا هئا، ان سنڌ ۾ پنهنجي تمدن کي شاهوڪار ڪرڻ لاءِ اديبن ۽ فنڪارن جي مرحبا ٿيندي هئي". (3)

ان ڪان پوءِ دراوڙن ۽ آرين جي اچڻ سان هڪ نئين تهذيب جنم ورتو ۽ درياءِ سنڌ جي ڪناري تي ويد لکيا ويا. ان دور ۾ بہ ڪنهن نہ ڪنهن روپ ۾ سنڌي ڊرامو موجود هوندو. آريا اصل ڪٿان آيا؟ ان بابت عالمن جي راءِ ۾ هڪجهڙائي نہ آهي. رگ ويد ۾ اڻ آرين جي وچ ۾ جنگين بابت تمام گهڻو احوال ملي ٿو. بهرحال آرين جي ٻولي، ادب ۽ لکتن تي ڪيترن ئي عالمن تحقيق ڪئي آهي، انهن مان ڪيترن سنڌي ٻوليءَ کي بہ آريائي ٻولي ڄاڻايو آهي. سنڌ جو تهذيب يافتہ معاشرو علم وَ ادب کان ڪيئن خالي هوندو. نالي وارو محقق ليلور چنداڻي لکي ٿو تہ: "آريہ لوڪ جڏهين ڀارت ۾ گهڙيا، تڏهين هنن جو مڪاميلو جن ڏيهي جاتين سان ٿيو، انهن ۾ گنڌرو، يڪش، اپسر پڻ هئا. گنڌرو تہ راڳ جا پريمي ڄيا ويا آهن ۽ اپسر لوڪن ۾ نرتيہ لاءِ وڏيڪ چاهہ هو. اهي جاتيون سنڌو واديءَ ۾ ئي رهنديون هيون. خاص ڪري سنڌوءَ جي ڪناري وارين ايراضين ۾ ۽ انهن جو بہ سنڌو ماترجي سڀيتا جي اڏڻ ۾ گهڻو هٿ هو. انهن پنهجي گيت ، سنگيت ۽ نرتيہ

جي ڪلا سان سنڌو تمدن کي چار چنڊ لڳائي ڇڏيا. انهن کي انوقت جي سنڌي راجا سمبا ۽ گيت سنگيت جي شائق ورسي ونت ڪرشن گهڻو اتساهه ڏنو.“ (4)

اسٽوئرٽ پگٽ پنهنجي ڪتاب ”پري هسٽارڪ انڊيا“ ۾ ڄاڻائي ٿو ته ”اهو صاف پيو نظر اچي ته سنڌو واديءَ ۾ انوقت سرگم جا ست ئي سر قائم هئا.“ (5) هڙاپا جي کنڊرن مان پڻ ستن سوراخن واريون کي بنسريون هٿ آيون آهن. پرو جانند سوامي پنهنجي ڪتاب ”هسٽاريڪل ڊولپمينٽ آف انڊين ميوزڪ“ ۾ هڪ اهڙي لفظ جو ذڪر ڪيو آهي جو اهميت ڀريو آهي. اهو لفظ آهي ”ڏروا.“ هن جو چوڻ آهي ته ”گنڌرو لوڪ پنهنجا گيت گهڻو ڪري ڏرووا ۽ ٻين ناٽڪي گيتن جي روپ ۾ ڳائيندا هئا.“ (6)

”رگ ويد جي زماني جا رهواسي سنڌو نديءَ کي ديوتا ڪري مڃيندا هئا. جيئن اگني ۽ اندر ديوتا هئا. تيئن سنڌو ندي به ديوتا هئي. رگ ويد ۾ زندگي ڏيندڙ لفظن ۾ سنڌو نديءَ جي ساراهه ڪئي ويئي آهي. دل ۽ دماغ سرور پيدا ڪندڙ لفظن ۾ سنڌوءَ جي ساک ڀري ويئي آهي. سنڌو نديءَ جي تعريف ڪرڻ لاءِ شاندار شلوڪ چيا ويا آهن. جنهن مان سنڌو نديءَ جي ساراهه. واڪاڻ صاف ظاهر آهي.“ (7) مشهور ڊراما نگار اياز عالم ابڙو لکي ٿو ته ”سنڌ ڌرتي جي پوتر سيني تي کوهيرا ڪري وهندڙ وشال ”سنڌو“ جي سائي ستابي ڪپر تي ”پنجين ويد“ جي رچنا ٿي ۽ اهو ”پنجو ويد“. ”نٽ ويد“ جي نالي ”ناٽڪ“ ٻڌيو ۽ اهو ناٽڪ ڀڳن کان هلندو پيو اچي، ڊک، ناٽڪ، سک، ناٽڪ يا ٽريجڊي/ڪاميڊي جي بنياد تي.“ (8)

اگر قديم سنڌ جي آڳاٽي تاريخ جو جائزو وٺبو ته خبر پوندي ته سنڌ سميت پوري ننڍي کنڊ ۾ سنسڪرت زبان جو اثر هو. اهو سمورو دور ڌرمي ۽ ڏند ڪٿائن ۽ لوڪ ڪهاڻين جي ڪري مشهور هو. سنسڪرت زبان ۾ ناٽڪ جي تاريخ قديم آهي. فطري طور تي هن خطي جا اديب ۽ فنڪار پنهنجي جذبن جو اظهار ادب جي هن صنف ۾ ضرور ڪندا هوندا. ڊرامي ۽ موسيقي جو پاڻ ۾ قديم ۽ اڻٽٽ رشتو آهي. يوناني ڊرامن ۾ ڪورس گيت ڊرامن جو روح هوندا هئا.

مولائي شيدائي مطابق ”ناٽڪ پهريون دفعو ”ٻڌ“ جي دور ۾ تصنيف ٿيا. شاعر اسوا گهوشا جا ناٽڪ عيسوي ٻين صديءَ ۾ شايع ٿيا. ٽين صدي ڌاري ڀرت

جو نيتا شاستر ناٽڪ شايع ٿيو... سنڌ ۾ هندو پنهنجي ڏٽن تي راس مالا ۽ راس ليلا جا کيل ڪندا هئا ۽ ڪرڻ لڳا“.[9]

چندر گپت ثاني عام طور ’وڪر ماجيت‘ جي لقب سان مشهور آهي. سندس تختگاهه اجين هو مالوه، ڪاٺياواڙ ۽ سنڌ تي سندس سڪو هلڻ لڳو. سندس دربار ۾ سنسڪرت جا پنڊت، جوتشي ۽ شاعر رهندا هئا. جن مان ڪاليداس سنسڪرت جو وڏو عالم ۽ شاعر ٿي گذريو آهي. هن جا ناٽڪ شڪنتلا، ميگهه دوت، ”ڪمارسنڀور“ ۽ رگهو ونس مشهور آهن“.[10] ”چندر گپتا جي وزير حڪيم چاڻڪيه جو مشهور ناٽڪ ارٿ شاستر آهي، جيڪو مغربي نقادن جي فيصلي موجب سنسڪرت جو بهترين شاهڪار آهي“.[11]

راءِ ۽ برهمڻ حڪمرانن جي دور ننڍي کنڊ ۾ مذهبي دور هو ۽ سنڌ ۾ هندو حڪمران راڄ ڪري رهيا هئا، ان حساب سان ڏندڪٿائون، لوڪ ڪهاڻيون، مذهبي ناٽڪ، نظم ۽ نثر، مذهبي ڀڄن رائج هئا. فطري طور هن خطي جا اديب پنهنجي جذبن جو اظهار پنهنجي مقامي ٻوليءَ ۾ ڪندا هوندا. سياحن جي سفرنامن مان اها ڳالهه به واضح ٿئي ٿي ته سنڌي زبان هن دور ۾ لکي به توڙي ڳالهائي به ويندي هئي ۽ ان حساب سان هن دور جو ادب به ضرور ترقي يافته هوندو. ان سلسلي ۾ ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻي لکي ٿو ته: ”معاشري ۾ مقامي ٻوليءَ کي مرڪزي حيثيت حاصل هئي، جنهن جي ثابتي آثار قديمه مان ملي چڪي آهي ته وري عرب سياحن جي سفرنامن ۽ عرب مورخن جي تاريخن مان به اهڙي سند ملي چڪي آهي. سنڌي تحرير لکڻ جو رواج پايئه ثبوت کي پهتل هو، جنهن ڪري يقين سان چئي سگهجي ٿو ته سنڌ جو ادب ڪنهن نه ڪنهن پد تي ضرور پهتل هو. ننڍي کنڊ ۾ ديو مالا ڪان ڏرمي ادب جو ان وقت دور هو، جنهن کان هي خطو وانجهيل نه هوندو“.[12]

## قديم سنڌ ۾ ناٽڪ نويسيءَ جا اهڃاڻ

سنڌ جا ڳوٺ ۽ ٻهراڙيون سنڌ جي ثقافت جو مرڪز ليکيا وڃن ٿا. اوائلي حڪمرانن جا ڪيترائي درٻاري شاعر هوندا هئا، جيڪي بزرگن، بهادرن ۽ سخي مردن جا ڪارناما عوام آڏو اداڪاري ڪري ٻڌائيندا ۽ ڏيکاريندا هئا. هو

حڪمرانن کان انعام اڪرام بہ حاصل ڪندا هئا ۽ سندن مشهوري بہ ڪندا هئا. اوطاقن ۾ ڪچهريون، راڳ، ڳانا، سڪ، باس، سانگ، هولي وغيره سڀ سنڌي ناٽڪ جي وجود جي هجڻ جي نشاندهي ڪن ٿا.سنڌ جو لوڪ ادب ئي سنڌي ناٽڪ جي شروعاتي شڪل آهي ۽ سنڌ جي قديم تاريخي، توڙي نيم تاريخي قصن ڪي سنڌ جي پٽن، چارڻن ، منگتن ۽ مڱڻهارن، ڀُهيرن ۽ ڳالهيرن ڳائي وڄائي، ٻڌائي هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ ۽ هڪ نسل کان ٻئي نسل تائين منتقل ڪيو آهي. اچو تہ هتي سيني جو مختصر جائزو وٺون.

## رام ليلا ۽ ڪرشن ليلا

رام ليلا ۽ ڪرشن ليلا جي مڪين رچنائڻ جو رواج سنڌ جي هندن ۾ قديم دور کان رائج هيو. هنن ڪيلن کي هو ڏاڍي احترام سان اسٽيج تي پيش ڪندا هئا. هنن تماشن ۾ رنگا رنگي ويس کان سواءِ بهترين ڪوتا، موسيقي رقص جو ميلاپ هوندو آهي. ”رام ليلا“ جي ويجهي ۾ ويجهي معنيٰ ”معجزو“ وٺي سگهجي ٿي. هن ۾ هندو سري رامچندر ۽ سيتا ماتا جي ڪٿا کي ماڻهن اڳيان پيش ڪندا آهن. جڏهن تہ ”ڪرشن ليلا“ يا ”راس“ ۾ شري ڪرشن مهراج جي جمنا ڪناري تي گوپيچن سان راس رچائڻ جو منظر هوندو آهي.

قديم سنڌ ۽ قديم يونان جي قصن ۾ ڪيتريون ئي هڪ جهڙايون بہ ڏٺيون ويون آهن. مثال طور رام ليلا جي تماشي ۾ سري رامچندر جو قصو اسٽيج مٿان ڏيکاريو ويندو آهي. جهڙوڪ سندس بنواس ٿيڻ، سيتا جو کڄي وڃڻ ۽ ان کي حاصل ڪرڻ لاءِ سمنڊ پار ڪري لنڪا جي راجا راوڻ سان جنگ ڪرڻ ۽ آخرڪار فتح پائڻ ۽ سيتا ماتا کي حاصل ڪرڻ. هي قصو اسان کي قديم يونان جي مشهور جنگي آکاڻي The Dragon War جي ياد ڏياري ٿو، جنهن ۾ اسپارٽا جي هيلن کي پنهنجي وطن مان ڪٽي سمنڊ پار ٽراءِ جي شهر ۾ آندو وڃي ٿو ۽ ان کي حاصل ڪرڻ لاءِ وڏي خونخوار جنگ لڙي وڃي ٿي. خوله هي بہ مختلف آکاڻيون آهن، تاهم منجهن ڪي هڪجهڙايون بہ آهن. نيڪي ۽ بدي جي ڪشمڪش اڄ جي ڊراما نويسن جو اهم موضوع آهي. اها ڪشمڪش قديم دور کان موجود آهي. رام ليلا جي کيل ۾ سري رامچندر جي راوڻ سان جنگ ۽ فتح ۽ ڪرشن ليلا ۾

شري ڪرشن مهراج جي ڪنس پاپيءَ سان جنگ ۽ آخر فتح نيڪي جي ٿئي ٿي.

سنڌ ۾ عربن جي آمد کان اڳ ۽ پوءِ به 'رام ليلا' ۽ 'راس ليلا' جو رواج عام رهيو آهي، سنڌ جي هندن جي اها ڏرمي روايت هندستان جي ٻين حصن وانگر سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ صدين کان رائج رهي. هن قسم جي ڏرمي رسمن ۾ ماڻهن جا انبوهه ڪاهجي ايندا هئا. 'رام ليلا' ۾ هندو سري رام چندر ۽ سيتا ماتا جي ڪٿا ڪي ماڻهن اڳيان پيش ڪيو ويندو آهي، جڏهن ته 'راس ليلا' ۾ شري ڪرشن مهراج جي جمنا ڪناري تي گوپيچن سان راس رچائڻ جو منظر هوندو آهي. "دسهڙي کان اڳ، ڏهن ڏينهن لاءِ 'رام ليلا' ٿيندي هئي، جنهن ذريعي آدرشي راجڪمار رامچندر جي زندگيءَ جو اهو باب ڊرامي جي نموني پيش ڪيو ويندو آهي". (13)

## راس ليلا

ساوڻ جي مهيني ۾ هندن جو وڏو ڏينهن (ڏڻ) "تڏڙي) ايندو آهي، جنهن کي "ڪرشن مهراج جي جنم اشتمي" چوندا آهن. هندو عورتون ڏوئا ۽ راسوڙ (گيت) ڳائي نچنديون آهن ۽ مرد جدا حلقو / گهيرو ٺاهي ڏونڪن کي ٽڪرائيندا آهن. رسوڙا ڳائي ۽ نچڻ کي راس ليلا رمڻ / ڪيڏڻ سڏيو ويندو آهي. رئيس ڪريم بخش پنهنجي دور جي راس ليلا جو ذڪر ڪندي لکيو آهي ته "انهيءَ وقت "پوپا" هتي ايندا هئا، جيڪي ٻهراڙين جي ڳوٺن ۾ " "راس ليلائون" ڪيڏندا هئا ۽ ڊراما ڪندا هئا، جن مان خاص ڊراما"جسا اوڏڻ"، "پناڻ" ۽ "ايمان" مشهور هوندا هئا". (14)

## ڀڳت

ڀڳت دراصل سنڌي ڊرامي جو ابتدائي روپ آهي. ڀڳت ڪرڻ وارا ڀڳتي مرد هوندا هئا، جيڪي عورتن جو ويس ويڙهي، ساڙهي پائي ۽ پيرن ۾ گهنگهرو ٻڌي، متل محفلن ۾ "ڀڳت" وجهي حاضرين کي خوش ڪندا هئا. ڀڳت وجهندڙ کي ڀڳت (Actor) چيو ويندو هو. پريم پرڪاش مطابق "ڀڳت ۽ قديم يوناني ڊرامي ۾ ڪجهه قدر هڪجهڙائي ڏسڻ ۾ اچي ٿي، ليڪن ائين اتفاقيه ٿيو آهي، نه ته ٻنهي جي ترتيب يا ساخت هڪ ٻئي کان مختلف آهي. ٻنهي قسمن جي تماشن ۾

ڪليو ميدان منتخب ڪيو ويندو آهي. ٻنهي قسمن جي تماشن ۾ هڪ يا ٻه ڄڻا حاضرين جي اڳيان بيهي، هڪ انداز سان، اظهار بيان ڪندا آهن. البت پڳت صاحب (پڳت چوڻ وارو) ٻئي ماڻهو عموما ڪنهن بادشاه يا شهزادي جي تجربن جو بيان ڪندا آهن ۽ يوناني ريبدار نوجوان پنهنجن تجربن جو وستار ڪندو آهي. تاهم هن ٻنهي ۾ هڪجهڙائي ضرور هوندي آهي". (15)

پڳت پنهنجي پڳت وجهڻ کان اڳ "سر ڪلياڻ" مان هڪ پرارٿنا وجهندا هئا. جهڙي نموني قديم يونان ۾ ٽريجڊي کان اڳ ڪورس ۾ دعا پڙهي ويندي هئي ۽ ڏٽي جي واڪاڻ ڪندا هئا. اهڙي طرح ناچ به پڳت جو روح هوندو هو. پڳت ۾ ڪا ڪهاڻي، ڪو منظر، سوال، جواب وغيره جي صورت ۾ پيش ڪئي ويندي هئي. اهڙي نموني پڳت ڪندڙ اداڪار، اداڪاريءَ سان نچندو به هو. پڳت وجهندڙ اداڪارن جو انگ هميشه ٻه يا ٽي هوندو هو. اهي پڳت ستا ڳائٺا به هوندا هئا. پڳت کي وڌيڪ بيان ڪندي شوڪت حسين شورو لکي ٿو ته "جيڪڏهن ناٽڪ جي اتهاس ۾ پوئتي نظر ڪجي ته سنڌ ۾ پراڻي زماني کان ميلن ملاکڙن ۾ مسخرا مختلف ڪردار ادا ڪري ماڻهن کي وندرائيندا هئا. اهڙن مسخري وجهندڙن Comedian کي Street Player ۽ انهيءَ مسخريءَ کي Street Play چئي سگهجي ٿو جيڪو Folk Theatre جي ويجهو آهي. هڪڙو ٻئي قسم جو عوامي تماشو جنهن کي پڳت ڪري چوندا آهن، اهو به سنڌ ۾ گهڻو مقبول هوندو هو. پڳت کي ناٽڪ جي شروعاتي صورت چئي سگهجي ٿو. پڳت ۾ ڊائلاگ ۽ موسيقيءَ جو امتزاج هوندو آهي. پڳت صاحب پيرن ۾ گهنگهرو ٻڌي ڇم ڇم ڪندو آهي ته ان سان گڏ ڳائيندو به آهي. وري جڏهن ڳائڻ ختم ڪندو آهي تڏهن پا ڻ يا پنهنجي ساٿي نندي پڳت سان گفتگو (مڪالمو) ڪندو آهي يا پاڻ "ڳالهه" کي اڳتي ڪڍندو آهي. ڳالهه يا ڪهاڻي هڪ پڳت جو موضوع هوندو آهي. افسوس جي ڳالهه آهي ته ورهاڱي کان پوءِ سنڌ ۾ ناٽڪ جو اهو نج سنڌي نمونو ختم ٿي ويو. منهنجي خيال ۾ پڳت پڻ Folk theatre جو هڪ نمونو آهي". (16)

سنڌ ۾ ڀڳت هندو مسلم ايڪتا جو بهترين مثال رهيا آهن. ڀڳت ڪهاڻي اهڙي انداز سان ڪٽندا آهن جو ٻڌندڙ محسوس ڪندو ته سندس آڏو ڪي منظر اچي وڃي رهيا آهن. سنڌ ۾ ڀڳت نارو تمام مشهور ڀڳت رهيو آهي. هن شاهه جي ڪلامن کي عوام تائين منفرد انداز ۾ پهچائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو." ڀڳت ناروءَ جاڳايل مورا تمام لوڪ پريه هئا پر هو پنهنجي جوڙيدار ٽيڪوءَ سان گڏ ڪويل ڏيپچند ۽ سورٺ داستان پرجوش ۾ ڪٽندو هو. ... صوبو ڀڳت پنهنجو مٽ پاڻ هو. ڀڳت گوئند وڏو ۽ ان ڪانسواءِ جاڙا رام ڀڳت، پرسو ڀڳت، ستو ڀڳت، موٽڻ ڀڳت، ٺهليو ڀڳت، ڀڳت تيرٿ گر، ڀڳت ليلا رام وغيره سنڌ جا ناميارا ڀڳت هئا. .... شمن گڏي اسلامي ۽ هندو واٽيءَ جو ماهر هوندو هو. راڌي ڀڳتياڻي پڻ ڀڳت وجهندي هئي. پيسو مهتازي پڻ افسانه پيش ڪرڻ ۾ ماهر هوندو هو. ڀڳت صرف هندو سنڌين جو ورثو ڪونهي، پر اهو گڏيل هندو مسلم ڀڳتن جو ورثو آهي. الله ڏنو نوناري ۽ خيرو ميراثي مسلمان ڀڳتن به ڪافي شهرت حاصل ڪئي." (17)

**پتلين جو تماشو**

ڪاٺ، ڪپڙي يا پلاسٽڪ وغيره جي ٺهيل گڏن ۽ گڏين يعني پتلين کي سنهن ڌاڳن يا تارن وسيلي ناچ ڪرائڻ جو سانگ. هندن جي خوشيءَ جي موقعن تي تماشي وجهندڙ پنهنجن ڪرتبن ذريعي ماڻهن جي خوب دل وندرائيندا آهن .مداري ڪاٺ جي گڏن (پتلين) کي هڪ مخصوص انداز ۾ناچ ڪرائيندا آهن . پتلين جو کيل ڊرامي جو اوائلي اهڃاڻ آهي. هن کيل ۾ باقاعدي ڪردار ٺاهيا ويندا آهن.

ڊاڪٽر جيٺي لالواڻي پنهنجي ڪتاب ' ناٽڪ ڪلا جو وڪاس' ۾ تماشي ۽ پتلين جي ناچ کي ڌار ڌار فن ڄاڻايو آهي. هو لکي ٿو ته "جيئن اڄ مهاراشٽر پرانت (علائقي)۾ تماشو بيحد لوڪ پريه (مقبول) آهي. تيئن سنڌ ۾ به 'تماشو' ٿيندو هو. مسلمان اميرن جي شادين جي موقعن تي ڳائڻيون اچي ڳائينديون نچنديون هيون، جنهن کي 'تماشو' سڏيو ويندو هو. جيوٽي سنڌ جي لوڪ پريه ڳائڪا هوندي هئي، جيڪا ناچ به ڪندي هئي ۽ ڳائيندي به هئي.

تماشي ۾ وايون، ڪافيون وغيره ڳايون ويندڙيون هيون، هند جي سنڌين ۾ جيتوڻيڪ تماشو موجود ڪونهي، پر اڄ ڪلهه امير سنڌي شاديـن يا ٻين شين موقعن تي 'سنگيت محفل' ضرور مچائيندا آهن". [18]

## سانگ

سانگ جي معنيٰ آهي " نقل ڪرڻ". ارسطو مطابق به ڊرامو اصل جي تقليد آهي. رواجي طرح سانگ هر هڪ ماڻهو ڄاڻي ٿو. هي اهڙو ته مقبول ۽ مانوس آهي جو جڏهن انسان سمجهه لائق ٿئي ٿو، تڏهن کان سانگ شروع ڪري ٿو. دراصل انسان جي سڄي سکيا سانگ سان شروع ٿئي ٿي.

سانگ جي تاريخي اهميت ڪي قريشي حامد علي خانائي هئين بيان ڪيو آهي "سانگ جو درجو برصغير هند ۾ دراصل اهو ئي هو جهڙو يورپ وارن ۾ پنجيٺ جو، هندو پنهنجي خاص ڏڻن جي موقعي تي سانگ جلوس جي صورت ۾ بين – باجن سان ڪڍندا هئا. هيءُ رواج سنڌ ۾ به مروج هو ۽ اڃا تائين پارت ۾ پڻ اهو رواج جاري آهي". [19]

سانگ خوشي جي موقعن جهڙوڪ شادين وغيره جي خاص تقريبن ۾ سانگ کي اوليت ڏيندا هئا. انهيءَ رواج ايتري قدر ته مقبوليت ورتي جو هندن جي انهيءَ رواج کي مسلمان به پاڻ وٽ اپنائڻ لڳا. سانگ جي ڊرامي واري حيثيت لاءِ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ پنهنجي ڪتاب "مناظرا" جي مقدمي ۾ لکي ٿو ته "سانگ سنڌ جو ڊرامو آهي، جنهن جي شروعات آڳاٽي وقت کان ٿي. مڱڻهار، پٽ، شيدي ۽ ٻيا خاص حرفتي ۽ هنرمند گروهه شادين ۽ محفلن جي موقعن تي سانگ وجهندا هئا، جنهن ۾ مختلف ڪردارن جا روپ اختيار ڪري، واقعي يا سماجي منظر جي جيئري جاڳندي تصوير پيش ڪندا هئا. هنرمند عورتون وري عورتن جي مجلس ۾ سانگ وجهنديون هيون. اڃا تائين اهي سانگ رچايا وڃن ٿا". [20]

شيخ اياز جي ڪتاب "ڀڳت سنگهه کي ڦاسي" جي مهاڳ ۾ رشيد ڀٽيءَ لکيو آهي ته "اهي آهن منظوم داستان يا وير گاٿا ڪال جا قصا، يعني جنگيون ۽ انهن جا جوڌا انهن منظوم داستانن جو موضوع آهن. انهن لوڪ ادب جي شعرن جي ساخت اهڙي آهي، جو انهن کي پيچي، ڊائلاگ يا گفتا ڪري آسانيءَ سان ڊرامائي

تشڪيل ڏئي سگهجي ٿي. ٻي هڪ صنف اوپيرا ڪي ويجهي آهي سا آهي "سانگ". هئيت جي لحاظ کان اها بلڪل اوپيرا جهڙي آهي، پر مواد جي لحاظ کان فرق آهي. اوپيرا ۾ موضوع گهڻو ڪري الميہ (Tragedy) هوندو آهي، پر سانگ ۾ اهو طربيہ (Comedy) هوندو آهي. ان فرق مان سانگ کي سنڌي اوپيرا جي اوائلي صورت چئي سگهجي ٿو". (21)

سانگ ۾ سماجي منظرن کان سواءِ سنڌ جي رومانوي داستانن، قصن ۽ ڪهاڻين جهڙوڪ سهڻي ميهار، سسئي پنهون، نوري ڄام تماچي، ليلا چنيسر، عمر مارئي ۽ مومل راڻو وغيره مان بہ عجيب و غريب منظر پيش ڪيا ويندا هئا. انهن سانگن جي پيش ڪرڻ سان ڪنهن حد تائين زندگيءَ جي عڪاسي پيش ڪرڻ سان سماجي براين جي پاڙ پٽي ويندي هئي. انهيءَ لحاظ کان سانگ کي زندگيءَ جو بهترين نقاد چيو وڃي ٿو. چاڪاڻ جو طنز و مزاح جي واٽ ۾ سٺا سماجي سڌارا ايندا آهن.

سانگ کي سنڌي اوپيرا يا منظوم ڊرامي جي اوائلي صورت چئي سگهجي ٿو. هن ۾ مختلف ڪردار، تاثراتي ادائگيءَ جي صورت ۾ ماڻهن لاءِ تفريح جو سامان موجود ڪندا آهن .سانگ گهڻو ڪري مذهبي ڏڻن، شادين مرادين ۽ خوشيءَ جي موقعن تي وڏا ويندا آهن .سانگ سنڌي اوائلي معاشري ۾ تفريح جو اهم ذريعو هو .سانگ هندي ٻوليءَ جو لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ مسخري، راند ڪرڻ، کل ڀوڳ ڪرڻ آهي.

**مناظرا**

مناظرو لوڪ ادب جي شاعري جي هڪ مقبول صنف آهي، جنهن ۾ ٻن ڌرين، شخصن، شين جي وچ ۾ مڪالمو، بحث يا جهيڙو ڏيکاريو ويندو آهي. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ مطابق "مناظرن جي سٽاءَ ساڳي سانگ واري، يعني ڊرامائي آهي. ڪي مناظرا جڻ "هڪ منظرا" سانگ آهن، جن ۾ بہ ڪردار هڪ ٻئي سان مخاطب ٿين ٿا ۽ آخر ٽيون ڪردار (امين، چڱو مڙس يا قاضي) داخل ٿي فيصلو ڪري ٿو. ڪي مناظرا " بہ منظرا" سانگ آهن، جن جي پهرين منظر ۾ بہ ڌريون هڪ ٻئي جي منهن مقابل ٿين ٿيون، ۽ آخرڪار امين وارين ٿيون، جو موجود ڪونهي، ان بعد

ٻئي منظر ۾، ڏريون ۽ امين گڏجن ٿا ۽ نبيرو ٿئي ٿو“.[22]

بلوچ صاحب جي ڳالهه کي اڳتي وڌائيندي، ڊاڪٽر غلام قادر سومرو لکي ٿو تہ:

”سنڌي آڳاٽي لوڪ شاعريءَ ۾ مناظرو اهم صنف آهي. مناظرن ۾ اسان کي طنز ۽ مزاح، هجوَ ۽ هزل جو مواد ملي ٿو“.[23]

مناظري ۾ ٻہ ٻي جان شيون انساني روپ ۾ ڏيکاري هڪ ٻئي جي سامهون ٻهاريون ويٺيون آهن. اهي هڪ ٻئي جي خوبين ۽ خامين کي ظاهر ڪرڻ هڪ ٻئي تي برتري ڏيکارڻ جون ڪوشش ڪنديون آهن. سنڌي لوڪ ادب ۾ هيٺيان مناظرا مشهور آهن:

1. مناظرو دلي ۽ طالب جو
2. مناظرو سس ۽ ننهن جو
3. مناظرو ٽوپي ۽ پڳ جو
4. مناظرو فقير ۽ بخيل جو

خير شاهہ جي مناظري پڳ ۽ ٽوپيءَ جو هڪ مثال هيٺ ڏجي ٿو:

**پڳ** چي: ڪيئن پيچي پڳ پري، جا جڙي منجهہ جهان
پڳ بنا پرٽو ڪنهن کي ڪين سري
تو منجهہ رکن اڳڙيون، منجهان پاڻ پري
ڪچ ڪنهين سان ڪينڪي وچ تون ماٺ ڪري
نہ تہ ظاهر منجهہ ذري، پڙدو ڪندو سانءِ پڌرو.

**ٽوپي**چي: پڙدو ڪنديندءَ پڌرو، سو تہ مڙني ۾ آهي
سجهي اسان کي ڪا نہ ڪا، سينو جا ساهي
ڳالهہ تہ تنهنجي ڳوٺ ۾، ڪو راڄ نہ ٿو راهي
رسم اسان جي ڳوٺ ۾ نڪرن ڪئي ناهي
پوءِ لس وڌائون لاهي، تو کي آندن جهڙي اڄلي.

اهڙي طرح سنڌ جي لوڪ داستانن کي لوڪ سگهڙن ڪمال سان ڳائيو آهي. انهن جي گفتگوءَ کي مڪالمن جي صورت ۾ پيش ڪري ڊرامائي روپ ڏئي ڇڏيو آهي. اهو ئي سبب آهي تہ جڏهن انگريزن جي دور ۾ ڊرامو جديد روپ ۾ آيو تہ لوڪ

شاعري جي بنياد تي ليڪن لوڪ داستانن تي ڊراما لکيا، جن ۾ ڊائلاگ شاعري واري انداز ۾ ڏنل هوندا هئا. هيٺ سگهڙ الهڏنو ٻانهاڻي جو مثال ڏجي ٿو:

**سرتيون:**

سسئي صلاح اسان جي ياد ڪري ڇڏيڪي.
اڌ مان ڏئين ڇو انهن لئہ.
جن نينهن نڀايو نڪي.
پاڻهي ور وساري واپس ٿيندينءَ.
جڏهن ٿر ۾ پئينءَ ٿڪي
ڪيچ ڪشالو ٻڌندي سپ جا.
ڏوهہ وجن تا ڏڪي.
ميار متي توتي ڪانهي،
پاڻ پنهل دل ڪري ويو ٿي پڪي.
متان پوءِ چوين تہ حقي،
اديون اوهان نہ چيو الهڏنو چئي.

**سسئي:**

سرتيون انهيءَ صلاح سان پيم ڪين پڇاءُ.
عشق وارن جو اديون.
اوهان تک نہ ڏنو آ تاءُ.
هو ڪائن ڪڻ ڪين ڪي،
تہ بہ سک پڇن ساءُ
توڙي واڪا ڪري واءُ.
تہ بہ اهي نہ مڙن الهڏنو چئي.

سنڌ جو مشهور لوڪ رزمائي داستان دودو چنيسر سڄو ڊرامائي آهي، هن ڪهاڻي جي هر هڪ حصي ۾ ڊرامائي عنصر موجود آهن. هن داستان کي جنهن بہ ڳاتو، ان کي ڊرامائي انداز ۾ پيش ڪيو. دودي چنيسر جي گفتگو، گهر وارن سان ڳالهہ ٻولهہ، سردارن جا فيصلا، جنگ جي ميدان جو ذڪر، دودي جي شهادت وغيره

کي ڊرامائي انداز ۾ ڳايو ۽ پيش ڪيو ويو آهي. هن دور جي شاعرن جنگي سببن کان وٺي جنگ جي اختتام تائين جنگ جي منظر ڪشي ڪئي آهي. چون ٿا ته هڪ پيري گجرن سومرن تي ڪاهه نه ڪرڻ عيوض دودي جي ڀيڻ ”ٻاگهي“ جو سنگ گهريو هو. پر هن دلير دهليءَ جي سلطان کي پنهنجي ڀيڻ ته ٺهيو پر پنهنجي ”گولي“ ڏيڻ کان به انڪار ڪري ڇڏيو هو. ان تي چارڻ چيو آهي ته:

جر نه ڪتن ڪنگرين، راؤ نه ڳنڍين ويڻ،
گولي وجي گجرين، ته به چوندا دودي ڀيڻ.

هن ڳاهه ۾ گجرن جو لفظ ڇتي طرح استعمال ٿيل آهي، جنهن مان خبر پوي ٿي ته هو عورتن کي هٿ ڪرڻ ۾ ڪيتري دلچسپي رکندا هئا. اهڙي طرح هنن ”ٻاگهي“ جي سنگ گهرڻ لاءِ چيو هو ته:

پائر پرچو پاڻ ۾، ٻاگهي ڏيو مون،
ته سڀ پهرايان سومرا، ۽ جهجهيءَ ڏيان پون.

پونگر جي مرڻ پڄاڻان راجگديءَ جو مسئلو پيدا ٿيو. ٻاگهيءَ فيصلو ڏنو چنيسر راج گديءَ جو حقدار آهي. ان ڪري سومرن سردارن چنيسر کي چيو:

ويهه پڄاڻان پيءُ جي آءُ
چنيسر آءُ،
ٻاگ سٽائو تنهنجو
توکي پلي ڄڻيو ماءُ

چنيسر اهو ٻڌي کين چيو ته مان امڙ کان پڇي اچان. چنيسر گاديءَ تي ويهڻ لاءِ ماءُ کان پڇڻ ويو. ماءُ مٿس طنز ڪندي چيو:

مون ڄڻيو ماڻءِ پٽ ڪري،
پر تي پئين تون ڏيءُ،
ويهي آتڻ وچ ۾، پانڌيون
ڪتج ٿيهه!

مٿئين مختصر بحث مان اهو ثابت ٿيو ته ڊرامي سان ملندڙ جلندڙ هي فن سنڌي سماج ۾ موجود هئا. جنهن جو مطلب اهو ٿيو ته ڊرامي جو فن سنڌين لاءِ اوپرو نه

هئو. ادبي طور ۽ غير ادبي طور تي مذهبي طور ۽ غير مذهبي طور تي هي کيل تماشا سنڌي ڊرامي جا اهڃاڻ پيش ڪن ٿا. اهوئي سبب آهي تہ جڏهن ڊرامي جي فن کي سنڌي سماج ۾ پيش ڪيو ويو تہ ان کي مقبول ٿيڻ ۾ گهڻو وقت نہ لڳو. جنهن مان ثابت ٿئي ٿو تہ ڊرامي جو ذوق، شوق ۽ شعور سنڌي سماج ۾ اڳ ئي موجود هو، صرف ان کي ادبي ۽ جديد نموني پيش ڪرڻ جي دير هئي.

اهوئي سبب آهي تہ سنڌي ڊراما نگارن انهن ساڳين لوڪ قصن، رام ليلائن، ڪرشن ليلائن ۽ مناظرن کي جديد انداز ۾ پيش ڪيو. سنڌ جا لوڪ رومانوي داستان جهڙوڪ مومل راڻو، ليليٰ چنيسر، عمر مارئي، نوري ڄام تماچي ۽ رزمي داستان جهڙوڪ دودو چنيسر، دولهہ دريا خان، مورڙو ميربحر وغيره سنڌي ڊرامن جا خاص موضوع ٿي پيا. اڄ بہ انهن قصن کي بهتر کان بهترين نموني ٽي وي ۽ فلم ذريعي پيش ڪيو وڃي ٿو. اڳ پٽ ۽ پيان انهن کي عام ماڻهن ۾ اداڪاري ڪري پيش ڪندا هئا، هاڻي انهن کي ڊرامائي انداز ۾ ٽي وي ۽ فلم وسيلي ڊيڪاريو وڃي ٿو.

حوالا:

1. ڊاڪٽر غلام قادر سومرو: 'سنڌي ادب ۾ طنز ۽ مزاح'. ثقافت کاتو حڪومت سنڌ ڪراچي، 2013ع ، ص. 586
2. ليلارام رچنداڻي: "سنڌي نظم جي تاريخ"، گانڌي پور گجرات، 1988ع، ص 6_7
3. سراج، 'سنڌي ٻولي'، سنڌي لئنگيج اٿارٽي حيدرآباد. ڇاپو ٻيو، 2009، ص. 120
4. ليلارام رچنداڻي: "سنڌي نظم جي تاريخ"، گانڌي پور گجرات، 1988ع، ص 7
5. اسٽوئرٽ پگٽ: "پري هسٽارڪ انديا ٽو 1000 بي_ سي"، انديا، 1950ع، ص 63
6. پروجانند سوامي: "پري هسٽاريڪل ڊويلمينٽ آف انڊين ميوزڪ"، انديا 1973ع، ص 22

7. فقير محمد لاشاري: ”سنڌي ادب جو تاريخي جائزو“، ماهوار سنڌو، سيپٽمبر 1986ع
8. اياز عالم ابڙو: ناٽڪ تاريخي حوالن جي روشني ۾ روزانه هلال پاڪستان 13 مارچ 1982ع
9. رحميداد موالائي شيدائي: تاريخ تمدن سنڌ ، سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي ، صفحو 303
10. رحميداد مولائي شيدائي: جنت السنڌ سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي 2006ع
11. پروفيسر منگهارام ملڪاڻي: سنڌ هندستان جو دروازو، مهراڻ 1962ع
12. ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻي: ”سنڌي ادب جو تهذيبي ۽ تاريخي عمل جي روشني ۾ جائزو“ (مقالا) سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، 1988ع
13. ڊاڪٽر غلام قادر سومرو: ’سنڌي ادب ۾ طنز ۽ مزاح‘ ، ثقافت کاتو حڪومت سنڌ ڪراچي، 2013ع ص، 586
14. رئيس ڪريم بخش نظاماڻي: ”ڪيئي ڪتاب“ (جلد پهريون) اسٽار پرنٽرس، حيدرآباد، ص 81
15. پريم پرڪاش: ”سنڌي ناٽڪ جي اوسر“، انڊين انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، 1993ع، ص 36
16. شوڪت حسين شورو: سرحد جي هن پار سنڌي ڊراما، ماهوار ڪونج
17. ڇيتو لالواڻي :’ناٽڪ ڪلا جو وڪاس‘، ڇيتو لالواڻي پبلشرز، ڪبير نگر احمد آباد، 1982ع ، ص. 17،16
18. ڇيتو لالواڻي : ’ناٽڪ ڪلا جو وڪاس‘، ڇيتو لالواڻي پبلشرز ڪبير نگر احمد آباد، 1982ع، ص. 14
19. قريشي حامد علي خانائي: ”سنڌي ادب ۾ ڊراما“، روزانه مهراڻ 15 جنوري 1962ع، ص 72
20. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ: ، لوڪ ادب ’مناظرا‘، سنڌي ادبي بورڊ ، 1961ع .ص.19

21. رشيد ڀٽي: شيخ اياز جي ”ڀڳت سنگهہ کي ڦاسي“ جو مهاڳ، نيو فيلڊس حيدرآباد، 1986ع

22. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ: ، لوڪ ادب ’مناظرا‘، سنڌي ادبي بورڊ ، 1961ع .ص. 78

23. ڊاڪٽر غلام قادر سومرو :’ سنڌي ادب ۾ طنز ۽ مزاح‘ .ثقافت کاتو حڪومت سنڌ ڪراچي، 2013ع، ص. 351

## سنڌ ۾ جديد ڊراما نويسي جي اوسر ۾ ڊرائميٽڪ سوسائٽين جو ڪردار

سنہ 1843ع ۾ انگريزن جڏهن سنڌ تي قبضو ڪيو تہ ان وقت تائين اسان ڪي ڪو بہ انگريزي طرز جهڙو سنڌي ڊرامو نہ ٿو ملي ۽ نہ وري ڊراما نويس. ان ڪان علاوه اهو بہ چئي نہ ٿو سگهجي تہ سنڌ ۾ ڪا اسٽيج ٺاهي باقاعده ڪو ڊرامو بہ پيش ڪيو ويندو هو يا نہ. سنڌي لفظن ۾ بہ ڪو اهڙو لفظ ڪو نہ ٿو ملي، جو ٿيئٽر جي مترادف هجي. سنڌي ڊرامي ڪي قديم دور ڪان "ناٽڪ" سڏيو ويندو هو. سنڌي ۾ باقاعدي اسٽيج ٺاهي ڊرامو پيش ڪرڻ جو رواج 1843ع ڪان پوءِ پيو. البت انگريزن جي حڪومت ڪان گهڻو اڳ ڊرامي جهڙي هڪ صنف اسان وٽ موجود هئي، ان ڪي ڊرامي جو پيش رو سڏي سگهجي ٿو.

### انگريز عمدارن جون قائم ڪيل ڊرئميٽڪ سوسائٽيون

انگريزن، 1843ع ۾ سنڌ ڪي ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي قبضي هيٺ آندو تہ سنڌ ۾ انگريز عملدار رهڻ ۽ نوڪريون ڪرڻ لڳا. هنن اسڪول قائم ڪيا، چرچ قائم ڪيا، ڪراچي، حيدرآباد، سکر، لاڙڪاڻو، شڪارپور ۽ ٻين شهرن ۾علمي ۽ ادبي سوسائٽيون قائم ڪيائون. هنن پنهنجي وندر لاءَ ڪلب ۽ ڊرئميٽڪ سوسائٽيون بہ قائم ڪيون.

### دي رايل ٿيئٽر

انگريزن سڀ ڪان پهرين 1854ع ۾ پهريون "دي رايل ٿيئٽر" ( The Royal Theatre) جي نالي سان قائم ٿيو. دي رايل ٿيئٽر 6 ۽ 8 جون 1854ع تي جان ٿامس هئير جو مڪمل ميلو ڊراما The Austerlizor – Soldier's Bride پيش ڪيو ويو هو، جنهن ۾ انگلينڊ جي مهاراڻي جي 83 ريجمينٽ جي شوقيہ فنڪارن حصو ورتو هو. هي ڊرامو ڪراچيءَ جي ڇانوڻيءَ ويجهو قائم ڪيل ٿيئٽر هال ۾ ڏيکاريو ويو. ان ڪان علاوه، هڪ مزاحيہ ڊرامو "دي هيپي مين" (The Happy Man) پڻ پيش ڪيو ويو.

سنڌ جي سرزمين تي پيش ٿيل ان پهرين ڊراما جي ڏسندڙن لاءِ ٽڪيٽ جا اگهہ هن ريت مقرر ٿيل هئا: پهريون باڪس 2 روپيہ، ٻيو باڪس هڪ روپيو، زمين

تي ويهي ڏسڻ جا اٺ آنا، ۽ گيلري چار آنا. ٽڪيٽ ملڻ جا هنڌ: ريجمينٽ جو مين هائوس ، ڪلر سارجمينٽ، ريجنل پريس ۽ ٿيئٽر هئا. باڪس ۾ وهندڙن ڪي ڪرسيون پنهنجون آڻيون پونديون ۽ ٿيئٽر جا درواز 8 وڳي رات جو کلندا ۽ ساڍي اٺين وڳي اسٽيج جا پڙدا کڄڻ شروع ٿيندا". [1]

"دي رايل ٿيئٽر" ۾ هفتي ۾ ٻه ڏينهن ڊراما ڏيکاريا ويندا هئا، جيڪي گهڻو ڪري برطانوي فوج جي خوش طبعي لاءِ هوندا هئا ۽ انهن جا اداڪار ۽ لکندڙ اهي فوجي عملدار ۽ آفيسر هوندا هئا. هن ٿيئٽر پهريو ڊراما 13 ۽ 14 جون تي پيش ڪيو. اهو اسپينش زبان جي ڊراما "ڊان ڪيسر ڊي بزان" (Don Casar de Bazan) جو ترجمو هو. هي ڊراما مسٽر ڪاڪس جي هدايتڪاري هيٺ ڪاميابيءَ سان ڏيکاريو ويو هو. مسٽر ڪاڪس نہ صرف هڪ بهترين هدايڪار هو، پر ٿيئٽر جي مئنيجر جا فرائض بہ سرانجام ڏيندو هو. سندس رٽائر ٿيڻ سان هي ڊرئميٽڪ سوسائٽي بہ ختم ٿي وئي". [2]

اڳتي هلي ساڳي ٿئيٽريڪل سوسائٽيءَ ڪي نئين سر تشڪيل ڏنو ويو ۽ 19 جولاءِ 1854ع تي مهاراٽيءَ جي 86 ريجمينٽ جي شوقيہ فنڪارن طرفان نئون ڊرامو "روورس برائيڊ" (Rover's Bride) پيش ڪيو ويو. هي ڊرامو ايترو تہ پسند ڪيو ويو جو ڪيترائي دفعا ايمچوئر فنڪارن طرفان ڏيکاريو ويو". [3]

انهيءَ دوران ٿيئٽر ڪي ڪجهہ وقت لاءِ بند ڪيو ويو. 17 جنوري 1855ع تي نئين خوبصورت هال ۾، جنهن جي پٽين ڪي مختلف رنگن ۽ تصويرن سان چٽيو ويو. "مهاراڻيءَ جي 83 ريجمينٽ جي شوقيہ فنڪارن طرفان 16 جنوري 1855ع تي ڊراما "ني پلس ني مائنس" (Ni plus Ni Minus) کي هڪ نئين رنگ ۽ ڍنگ سان پيش ڪيو ويو. اهڙيءَ طرح فيبروري 1855ع ۾ ٻہ ميلو ڊراما "ميڊ آف ڪروئزي" (Maid of Croisssery) ۽ "هيڊس آر ٽيلس" (Heads or Tails) پيش ڪيا ويا. ٻئي ڊراما بيحد پسند ڪيا ويا". [4]

"دي رايل ٿيئٽر" جي مشهوري ڪراچيءَ ٻاهر بہ ٿيڻ لڳي. حيدرآباد جي آفيسرن جي فرمائش تي 20 ۽ 23 فيبروري 1855ع تي هن سوسائٽي جي اداڪارن حيدرآباد جي ڇانوڻيءَ ۾ بڪ اسٽون (Buck Stone) جي لکيل ٽن

ايڪٽن واري ڊراما ”ڊريم ائٽ سي“ (Dream at Sea) پيش ڪيو. ٻڪ اسٽون طنز، مزاح ۽ گنڀير وران ڊرامن جي ڪري مشهور هو.

7۽9 مارچ 1855 ع تي مهاراڻيءَ جي 22 ريجمنيٽ جي شوقيه اداڪارن طرفان وطن دوستن لاءِ فنڊ جمع ڪرڻ خاطر ٽن ايڪٽن وارو ڊراما ”دي ان چيل بيل“ (The Inshape Bell) ۽ ٻه ٻيا ڊراما ”دي ڊي آفتر دي فيئر“ ( The day after the Fair) ۽ ”ماءِ پريشيس بيوٽي“ ( My Preicious Beauty) نهايت ڪاميابيءَ سان پيش ڪيا ويا“.(5)

”رايل ٿيئرٽ“ جيتوڻيڪ ڪراچيءَ ۾ مقيم فوجين جي قائم ڪيل ناٽڪ منڊلي هئي ۽ ان جا اداڪار هو پاڻ ئي هوندا هئا. پر اڳتي هلي هتي ٻين ٻولين جا ڊراما به اسٽيج ٿيا. انهي ڏس ۾ ڪراچيءَ جا پارسي جيڪي ان دور ۾ واپار ۾ اڳتي هئا ۽ انگريزن کي ويجهو هئا، اهي اڳتي آيا. هنن گجراتي ڊراما ”رستم“ پيش ڪيو، جنهن ۾ ڪراچيءَ جا ٻيا شهري به مدوع ڪيا ويا. رستم جي ڪردار کي ڪراچيءَ جي تاريخ ۾ پهريون دفعو گجراتي ٻوليءَ ۾ پيش ڪيو ويو. ان ڪان علاوه، مختلف ڏينهن تي هيٺيان انگريز ڊراما پڻ پيش ڪيا ويا:

| No. | Drama | Nature | Producer | Date |
|---|---|---|---|---|
| 1 | Luke the Labourer | 3 Act Play | The Amateurs | 12 & 14 March 1855 |
| 2 | Raising the Wind | Farace | do | do |
| 3 | Practical Man | do | Gentleman Amateurs | 19 & 20 March 1855 |
| 4 | Out on the Loose | do | do | do |
| 5 | Eddy Stone Elf | 3 Act Play | H.H's 22nd Regiment | 11 April 1855 |
| 6 | The Bride of the Rover | Melo drama | Country Down Amateurs | 19 April 1855 |
| 7 | Black eyed | do | The | 23 & 24 |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| | Swan | | Amateurs of 83rd Regiment | April 1855 |

اهڙيءَ طرح رايل ٿيئٽر جي ڊرامن جو سلسلو ڪيتري وقت تائين هلندو هليو، جنهن ۾ سڀ شوقيه فنڪار هوندا هئا، جن ۾ اڪثر برطانوي فوج سان تعلق رکندا هئا. 21 ڊسمبر 1855ع تي پهريون دفعو برطانيه جي مشهور اداڪاره ميڊم نينا بيڪسٽر ڪي خاص مهمان طور گهرايو ويو. ”ڪراچيءَ جي رايل ٿيئٽر طرفان جيڪو پهريون فرينچ ڊراما 21 ۽ 23 ڊسمبر تي ڪاميابيءَ سان پيش ڪيو ويو، اهو

"Les Trois Saurs: Our Le Cousin Temple" (The Three Sistrers , or deceived Cousins)(6)

سنڌ جي سرزمين تي ڊرامن جي هڪ نئين روايت پئي، جنهن ۾ خاص طور تي ڪراچي جي آفيسرن ۽ شهرين جو تعاون حاصل هو. ڏسندي ڏسندي برطانوي آفيسرن ۽ ٻين يورپين ٻيون به ڊرئميٽڪ سوسائٽيون ۽ ڪلب جوڙي ورتا. ان سلسلي ۾ ڊاڪٽر محمد يوسف پنهور لکيو آهي ته ”رائل ٿيئٽر برپا ٿيڻ کان پوءِ جيئن جيئن ناٽڪ ڏسڻ جو رجحان وڌيو، ته پوءِ ڇاهه پٽاندڙ آهستي آهستي ڊرئميٽڪ سوسائيٽيون پڻ قائم ٿيڻ لڳيون هيون، جهڙوڪ:

1. The Karachi Friend in Need Society (1882)
2. Peni Readinding and Dramatic Society (1884)
3. Dramatic Club of Golster Regement (1884)
4. First battalion W.R. Dramatic Society (1885)
5. The Karachi immature Dramatic Soceity

ڊراما هنن ناٽڪ منڊلين جا لکيل هوندا هئا ۽ انهن جا اداڪار گهڻو ڪري انگريز فوجي آفيسر هوندا هئا“.(7)

21 مئي 1884ع تي ڪراچيءَ جي ”ڊئميٽڪ ڪلب آف دي گلوسٽر ريجمينٽ “ طرفان انگريزيءَ ۾ انگريزيءَ ۾ ڊرامو پيش ڪيو ويو. جنهن جو عنوان هو ”وليج ورچو“ٻئي ڏينهن تي به پيش ڪيو ويو . هيءَ ڊراما ڪلب فوجين جي

هوندي هئي ۽ تماشبين بہ فوجي ئي هوندا هئا.

**مقامي ناٽڪ منڊلين ۽ ڊرئميٽڪ سوسائٽين جي شروعات:**

سنڌي ٻوليءَ جي نفاذ سان سنڌ ۾ سنڌي ٻوليءَ ۾ تعليم لاءِ سرڪاري سطح تي سرگرميون شروع ٿي ويون. آخر فيصلو ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي ڊائريڪٽرن سنڌ جي تعليم ۽ سرڪاري لکت لاءِ عربي سنڌي لپيءَ جو ڪيو. 1852 ۾ بمبئي حڪومت سنڌ جي تعليم لاءِ ڏهہ هزار جي ساليانی بجيٽ منظور ڪئي. مارچ 1853ع ۾ اها رقم ڪراچيءَ جي ڪليڪٽر جي ڊسپوزل (اختيار) تي رکي ويئي. بمبئيءَ جي سرڪار جي منظوريءَ سان سنڌ ۾ اسڪول کلڻ شروع ٿي ويا. سنڌ ۾ جيئن ئي اسڪول ۽ ڪاليج قائم ٿيا تہ هنن اهڙو ادب ترجمو ڪرايو, جن ۾ اها ڳالهہ سمجهائڻ جي ڪوشش ڪنديون آهن تہ سنڌن حڪومت هنن مٿان خدا طرفان مقرر ٿيل آهي. ان سلسلي ۾ ڊاڪٽر غلام حسين پٺاڻ لکي ٿو تہ ”حاڪم قومون هميشہ محڪوم قومن کي اها ڳالهہ سمجهائڻ جي ڪوشش ڪندا آهن تہ هيءَ شهنشاهت سندن مٿان خدا طرفان مقرر ڪيل آهي. انگريزن بہ هتان جي عوام کي اها ڳالهہ ذهن نشين ڪرائڻ چاهي تہ سنڌ وارن تي هنن زوريءَ حڪومت نہ آندي آهي، بلڪہ قدرت سندن ڀلي لاءِ کين موڪليو آهي. حڪومت سان وفاداريءَ ۾ سندن ڀلو آهي“.(8)

**گجراتي ۽ پارسي ڊرئميٽڪ ڪمپنيون**

ان دور ۾ سموري سنڌ ۾، خاص طور تي ڪراچي شهر ۾ مختلف قومون ۽ مختلف مذهبن جا باشندا رهندا هئا. انهن ۾ گجراتي، پارسي، مرهٽا، انگريز, هندو سنڌي ۽ مسلمان سنڌي ۽ ٻيا رهندا هئا. واپار ۾ پارسي تمام اڳتي نڪري چڪا هئا. سنڌ ۾ جيڪي پارسي رهندا هئا، انهن جا بمبئي ۾ رهندڙ پارسين سان بہ ويجها تعلق هئا. بمبئيءَ ۾ پارسين جي ”گرانٽ روڊ ٿيئٽر“ تمام گهڻو مشهور هو. هو سنڌ ۾ بہ انهن ٿيئٽر ڪمپنين جون شاخون کڻي آيا. ان سلسلي ۾ ڊاڪٽر موتي پرڪاش مطابق ”ممبئي مان ڪيتريون پيشي واريون پارسي ۽ گجراتي ڪمپنيون سنڌ ۾ ناٽڪ پيش ڪرڻ ايندڀون هيون، جن سنڌين ۾ ناٽڪ لاءِ شوق پيدا ڪيو. سنڌ ۾ پوني مان رام ليلا پيش ڪرڻ واريون ٽوليون بہ اينديون هيون.

گجراتي گربو جڏهن پيش ڪيو ويندو هو تڏهن به ان موقعي تي ننڍا ناٽڪ ۽ ڇهڇٽا به پيش ڪيا ويندا هئا". [9] اهي ناٽڪ منڊليون، گجراتي، مرهٽي، مارواڙي، اردو، هندي باشندن جون هيون ۽ انهن جي زبان ۾ ڊراما پيش ڪنديون هيون. انهن ۾ هي منڊليون اهم هيون:

1. دکني ميوزڪ ڪلب (1910ع ۾ قائم ٿي)
2. سندر ولاس ٿيئٽريڪل ڪمپني (1910ع ۾ قائم ٿي)
3. دي ڪراچي ايمچوئر ڊرئيمٽڪ ڪلب (1918ع)
4. مراٺا ايمچوئر ڊرئيمٽڪ ڪلب (1919ع)
5. جمعدار جي ڪمپني
6. رازل جي ڪمپني
7. جميل ڪي ڪمپني
8. وديا ونود ناٽڪ سماج

سنڌ ۾ جيڪي پارسي ۽ گجراتي ڪمپنيون پنهنجا ناٽڪ کڻي اينديون هيون، انهن ۾ "پارسي اوريجنل اوپيرا ڪمپني" ۽ "روز ٽاورز ڪاميڊي ڪمپني" مشهور هيون. الله بخش عقيلي "سرشار" لکي ٿو ته "سنڌ ۾ جيڪي ٻاهر کان ايندڙ ڪمپنيون ناٽڪ اسٽيج ڪرڻ اينديون هيون، سي پاڻ سان گڏ عارضي اسٽيج ۽ ٻيو ناٽڪن جو سامان پڻ کڻي اچي، ناٽڪ رچائينديون هيون. ٻاهر کان ايندڙ انهن ناٽڪ ڪمپنين مان پهرين ڊرئميٽڪ ڪمپني هڪ پارسي سيٺ پٽن جي فرامڪي 1877ع ڌاري بمبئي قائم ڪئي. هن جي مرڻ کان پوءِ اها ڪمپني ٽٽي ٻه ڪمپنيون ٿيون. اصلي ڪمپني جو نالو "اوريجنل ٿئيٽريڪل ناٽڪ ڪمپني" هو، جنهن جي ٽٽڻ تي "خورشيد جي بالي والا وڪٽوريا ناٽڪ ڪمپني" ۽ "ڪائوسجي کٽائوان جي مقابلي ۾ الفريڊ ٿئيٽريڪل ڪمپني ڪڍي. ڪراچي ۾ انهن ڪمپنين جون شاخون جمعدار جي ڪمپني، رازل جي ڪمپني ۽ جميلا جي ڪمپني ڊراما پيش ڪنديون هيون". [10] ان سلسلي ڪي وڌائيندي ڊاڪٽر محمد يوسف پنهور لکيو آهي ته "انهن ڏنڌوڙي ناٽڪ ڪمپنين مان جميلا ۽ رازل ڪمپنين ڪراچي ۾ نيپئر روڊ تي پنهنجا ٿيئٽر قائم ڪيا هئا. اهي ٻئي

ڪمپنيون پڻ عورتون هلائيندڙيون هيون ۽ ناٽڪن ۾ زنانا پارٽ به پاڻ ڪنديون هيون.“ (11)

دي پارسي الفريڊ ٿيٽريڪل ڪمپني جو مالڪ بمبئيءَ جو ڪائوس. پي ڪٽائو هو. هن ڪمپنيءَ ڪراچيءَ ۾ ڪيترائي ڊراما ڪري ڏيکاريا، صرف 1910ع ۾ هن ڪمپنيءَ جيڪي ڊراما ڪري ڏيکاريا، تن جو وچور هن ريت آهي:

| نمبر | ڊرامي جو نالو | تاريخ |
| --- | --- | --- |
| .1 | علاءُالدين | 14 جولاءِ 1910ع |
| .2 | انتقام | 23 جولاءِ 1910ع |
| .3 | اسير حرص | 23 جولاءِ 1910ع |
| .4 | خون ناحق (شيڪسپيئر جي هيمليٽ جو ترجمو) | 24 جولاءِ 1910ع |
| .5 | شهيد ناز | 31 جولاءِ 1910ع |

هن ڪمپنيءَ کي پنهنجو وقتي ۽ عارضي ٿيئٽر به هوندو هو. هڪ ڊرامي جي ٽڪيٽ چئن آنن کان وٺي پنجن رپين تائين هوندي هئي. هن ناٽڪ منڊليءَ 1925ع تائين ڪراچيءَ ۾ خوب چڪر لڳايا“.(12) ان کان علاوه، ٻين پارسي ڪمپنين ۾ ”روز ٿاور ڪاميڊي ڪمپني“ ۽ ”پارسي اوريجنل اوپيرا ڪمپني“ به اهم هيون. پاڪستان ۽ هندستان ۾ جديد اسٽيج ڊرامن ۽ فلم سازيءَ جا باني به پارسي ئي آهن.

هنن ناٽڪ منڊلين ۽ ڪمپنين ۾ رومانوي داستانن ۽ ڌرمي موضوعن تي ڊراما ڏيکاريا ويندا هئا. هنن ڊرامن ۾ آغا حشر ۽ ماسٽر رحمت جا اوپيرا ناٽڪ مشهور هوندا هئا. اهڙن ڊرامن ۾ ”اندر سڀا“، ”راجا اندر“، ”خدا دوست“، ”خوبصورت بلا“، ”هرشچندر“، ”ليلا مجنون“، ”شيرين فرهاد“ ۽ ”شڪنتلا“ اهم هئا. هنن ڪمپنين جي پيش ڪيل ڊرامن تي تنقيدي نظر وجهڻ سان خبر پوندي ته اهي اڪثر ناٽڪ ڌرمي ۽ ديو مالائي ڪهاڻين يا سنسڪرت ناٽڪ ۾ آيل مضمونن جي آڌار تي جوڙيل هئا. البته رومانوي قصن وارا ناٽڪ وڌيڪ پسند ڪيا ويندا هئا.

ڏرمي ناٽڪن جي ڪري سنڌي ڊرامي جو گهڻو شوق پيدا ٿي نہ سگهيو، ڇو جو اهي هڪ مذهب جي عڪاسي ڪندڙ ناٽڪ هئا. اڳتي هلي جڏهن سنڌ ۾ ناٽڪ لکجڻ ۽ کيڏجڻ جو رواج پيو، تہ ناٽڪن ايستائين ترقي نہ ڪئي جيستائين انهن کي ڏرمي موضوعن کان آزاد ڪري سماجي موضوعن تي آندو ويو.

هتي اها ڳالهہ پڻ ڌيان جوڳي آهي تہ انهن پيشور ناٽڪ ڪمپنين جي ناٽڪن کي ڏسي، هئڻ تہ ائين گهربو هو تہ سنڌ واسي بہ اهڙي طرز تي ناٽڪ ڪمپنيون قائم ڪري، اسٽيج تي سنڌي ناٽڪ رچائين ها، پر نتيجو ان جي برعڪس نڪتو، ڇاڪاڻ تہ سنڌي ڊرامي شروعات کان ئي تعليمي ماحول ۾ اوسر ماڻي ۽ پڙهيل لکيل طبقي جي هٿن ۾ پروان چڙهيو.

**سنڌي ڊراما جي اوسر**

جيئن تہ انگريزن جي دور کان اڳ سنڌي زبان ۾ نثر نويسي باقاعده رائج نہ هئي، ان ڪري شاعري کي ڇڏي ڪري نثري ادب جهڙوڪ افسانہ، ناول، ڊراما وغيره جو رواج اجا نہ پيو هو. پهريون دفعو انگريزن سنڌ ۾ اهڙين ادبي صنفن جو رجحان وڌو. ٻئي طرف سنڌ جي مڪتب گهرن ۾ پڻ اهڙي علم کي شايد سٺو نہ سمجهيو ويندو هو. مير محمد نظاماڻي مطابق ”ديوي ۽ ديوتائن جي قصن ۾ يوناني ۽ هندو سڀ کان اڳ هئا، انهيءَ ڪري يونان ۽ هندستان ۾ مذهبي پوڄائن سان ڊرامي جي شروعاتي ٿي. سنڌ جا جيتوڻيڪ قديم زماني کان وٺي هندستان سان تمام گهرا تعلقات هئا، مگر انهيءَ هوندي بہ جيئن تہ هتي جي باشندن جي اڪثريت مسلمان هئي، انهيءَ ڪري سنڌ ۾ ڊرامي جي فن جا آثار گهڻو پوءِ نظر آيا“.[13] بهرحال گجراتي، پارسي ۽ انگريزي ناٽڪ ڪمپنين جي باوجود سنڌ واسي گهڻو متاثر ڪو نہ ٿيا. پر سنڌي ڊرامي شروعات کان ئي تعليمي ماحول ۾ اوسر ماڻي ۽ پڙهيل لکيل طبقي جي هٿن ۾ پروان چڙهيو.

**سنڌي عوام جون قائم ڪيل ڊرائميٽڪ سوسائٽيون ۽ ڪلب**

سنڌي ڊرامي جي ترقيءَ ۾ سنڌي تعليمي ادارن جو وڏو هٿ هو. جيئن جيئن اسڪول کلندا ويا، تيئن تيئن اتي تعليمي سکيا لاءِ ننڍا ننڍا مڪالما

(Dialogue) لکڻ ۽ انهن کي اسٽيج تي آڻڻ جو رواج پيو. ان سلسلي ۾ ڊاڪٽر محمد يوسف پنهور لکيو آهي تہ ”1894ع تائين سنڌي ناٽڪ رڳو ڇپيل صورت ۾ پڙدا ٿيا. پر ترت ئي سنڌي ناٽڪ کي اسٽيج جي زينت بڻايو ويو ۽ اها ابتدا بہ ناٽڪي پيشي وارن جي هٿان نہ، پر سنڌ جي پڙهيل طبقي ۽ سلجهيل ذهنن جي ڪوشش سان ٿي. سنڌي ناٽڪ زياده طور تعليمي ادارن جي احاطن ۾ يا وري پڙهيل طبقي جي سماجي تنظيمن جي پروگرامن ۾ ٿيندا رهيا. جن جو اسٽيج تي پيش ٿيڻ جو مقصد گهڻو ڪري تعليمي مقصد جي ترقي خاطر رهيو آهي“.(14)

1894ع ۾ سڀ کان پهرين ناٽڪ منڊلي ڏيارام ڄيٺمل ڪاليج ڪراچي ۾ ’Immature Dramatic Society‘ جي نالي سان وجود ۾ آئي. هن منڊلي پهريون ناٽڪ ڄيٺانند ڪلٽنداس پرياڻيءَ جو ٺيل ترجمو ”نل دمينتي“ پيش ڪيو. پوءِ منڊليءَ ٻيا بہ ڪيترائي ڊراما پيش ڪيا ”جيڪي اڪثر مذهبي نوعيت جا هئا. ناٽڪن جي وڌندڙ دلچسپيءَ جي ڪري سنڌ جي ننڍن وڏن شهرن ۾ ناٽڪ منڊليون کلنديون ويون جن ۾ ”ڌرم اپڪار ڊراميٽڪ سوسائٽي شڪارپور“ (1897ع) ”بندي ماترم ناٽڪ منڊلي حيدرآباد“ (1905)، ”چانڊڪا اميچوئر ڊراميٽڪ سوسائٽي لاڙڪاڻو“ (1907ع) ۽ ”اميچوئر ڊراميٽڪ سوسائٽي حيدرآباد“ (1912ع) ۽ ٻيون ڪيتريون ئي شامل آهن. هتي اسان مختلف شهرن جي حوالي سان جائزو وٺنداسين:

**ڪراچي شهر جو ڊرامي جي ترقيءَ ۾ حصو:**

ڪراچي شهر جو سنڌي ڊراما جي ترقي ۾ وڏو ڪردار آهي. ڪراچي هڪ تہ تجارتي لحاظ کان سنڌ جو وڏو شهر هو تہ ٻئي طرف ڪيترائي وڏا تعليمي ادارا هن شهر ۾ هئا. شروعاتي دور ۾ بمبئي کان ڪيتريون ئي ڊرامي جون پيشور پارسي ۽ گجراتي ڪمپنيون هن شهر ۾ اينديون هيون ۽ مذهبي ۽ اخلاقي موضوعن تي ڊراما ڏيکارينديون هيون. اهڙي طرح سڀ کان پهرين ”رائل ٿئيٽر“ جو بنياد 1854ع ۾ انگريزن خود ڪراچي ۾ وڌو. هن ناٽڪ منڊلي جا بانيڪار انگريزي فوجي هئا. اهڙي طرح 1894ع ۾ سڀ کان پهرين سنڌين طرفان ناٽڪ منڊلي ” ڊي. جي. سنڌ ڪاليج ايميچوئر ڊرئميٽڪ سوسائٽي“ جو ڪراچي ۾ ڊي. جي.

ڪاليج ڪراچي ۾ وڌو ويو.

ڪراچي شهر ۾ برپا ٿيل ناٽڪ منڊلين ڊرمي ناٽڪن کان ڊرامي جو آغاز ڪيو. اڳتي هلي سنڌ جي تعليمي، سياسي ۽ معاشي موضوعن تائين پهتو. هن شهر ۾ ڊرامي جي ترقي جو سهرو هندو اديبن ڏانهن وڃي ٿو. ڇو جو اڪثر ناٽڪ منڊلين جا مالڪ به اهي هئا، ڊراما لکندڙ به اهي هئا، اداڪار به اهي هئا، ڏسندڙ به اهي هئا. ڪراچي شهر جي ناٽڪ منڊلين جو سڀ کان وڏو ڪردار اهو آهي ته، انهن سان ٻين شهرن ۾ پڻ ڊرامي بابت شعور ۾ اضافو ٿيو. ڪراچي شهر جي منڊلين ڪي ڏسي ننڍين وڏن شهرن ۾ ناٽڪ منڊليون کلڻ شروع ٿي ويون. ان جو سڀ کان وڏو اثر حيدرآباد تي ٿيو، جتي ڊرامي بابت شعور انتها تي پهتل هو.

2 جولاءِ 1920ع ۾ ڪراچيءَ جي سب ڊويزنل ماجسٽريٽ ڊبليو اين رچرڊسن "شيوارام ٿيئٽر" جو افتتاح ڪيو. لڊبٽر روڊ تي قائم ڪيل هن ٿيئٽر جي عمارت تي ٻه لک رپيا خرچ آيو. هي ٿيئٽر هندستان جي ڪنڊڪٽرچ مان اينڊڙ ناٽڪ منڊلين ڪي ٺيڪي تي ڏنو ويندو هو. جنهن ۾ ڊراما اسٽيج ڪيا ويندا هئا.ڪراچيءَ ۾ فرالي ڪاميڊي ڪمپني (Frawley Comedy Co) نالي ناٽڪ منڊلي کلي جنهن ڪيترا ڏينهن مزاحيه انگريزي ڊراما اسٽيج ڪيا.

مطلب ته ڪراچي شهر سنڌي ڊرامي جي اوسر ۾ بنيادي ڪردار ادا ڪيو. آزاديءَ کان اڳ واري ڪراچي ۾ سنڌي ٻولي، ادب ۽ ثقافت جو مرڪز هئي، جتي سنڌي فنڪارن سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل ڊرامن کي وڏي پيماني تي اسٽيج ڪيو. ان وقت جي سڀني تعليمي ادارن ۾ ڊرئمٽڪ ڪلب ۽ سوسائٽيون قائم هيون، جتي هفتيوار ۽ ماهوار پروگرام ٿيندا هئا. اسڪولن ۽ ڪاليجن جا استاد ۽ شاگرد ڊرامن اسٽيج ڪرڻ ۾ ماهر ٿي ويا هئا. ٻين لفظن ۾ ڊراما اسٽيج ڪرڻ تعليمي ادارن جي ڪورس ۾ شامل هوندو هو. ان کان علاوه، ڏياري، هولي ۽ ٻين تهوارن تي ناٽڪ رچايا ويندا هئا. ڪراچي ۾ قائم ڪيل سوسائٽيون صرف ڪراچي ۾ نه پر ٻين شهرن ۾ به ڊراما اسٽيج ڪنديون هيون.

آزاديءَ کان پوءِ جيتوڻيڪ سنڌي اسٽيج ڊرامي ڪنهن نه ڪنهن نموني ڪراچي شهر ۾ هجڻ جو احساس ڏياريو آهي پر پنهنجو عروج وڃائي ويٺو آهي.

البت ڪراچي شهر ۾ اردو اسٽيج ڊرامو پنهنجي جوش و خروش سان اڄ بہ موجود آهي. ڪيترن ئي سنڌي ڊرامانگارن ۽ اداڪارن اردو ۾ سنڌي ماحول مطابق ڊراما لکي مڃتا ماڻي آهي.

**ڊي. جي. سنڌ ڪاليج ايميچوئر ڊرئميٽڪ سوسائٽي:** سنڌ جي پڙهيل ڳڙهيل طبقي جي تمام گهڻين ڪوششن کان پوءِ 17 جنوري 1887ع ۾ ڪراچي شهر ۾ ”سنڌ آرٽس ڪاليج“ جي نالي سان قائم ٿيو. ڪاليج، اڳتي هلي ڏيارام ڄيٺمل جي نالي سان منسوب ٿيو. ڊي. جي. ڪاليج سنڌ ۾ تعليم سان گڏ ادب ۽ ثقافت جي واڌاري ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. هتي ناٽڪ منڊليون قائم ٿيون، هتي علمي ادبي سوسائٽيون قائم ٿيون. اهڙيءَ طرح سنڌي اسٽيج ڊرامي جي شروعات بہ ڊي. جي ڪاليج کان ٿي. ڊي.جي ڪاليج جي ادبي ڪردار ۽ ڊرامن جي ترقيءَ جي سلسلي ۾ پروفيسر لعل سنگهہ اجواڻيءَ لکيو آهي تہ: ”سنڌين جي اوج، تعليم توڙي سنڌي نثر ۽ ناٽڪ نويسيءَ جي ترقيءَ ۾ ڪراچي ڊي.جي سنڌ ڪاليج جو اهم ڪردار آهي. هي ڪاليج پنهنجي قيام 1887ع کان 1921ع تائين سنڌ پرانت ۾ اوچ تعليم جو واحد ادارو هو. 1937ع ۾ هن ڪاليج جي شاگردن جو تعداد ، سنڌ جي ڪاليجن ۾ پڙهندڙن جي ڪل تعداد کان بہ وڌيڪ هو. ويهين صديءَ ۾ ڊي.جي سنڌ ڪاليج جي شاگردن سنڌي نثر ۽ ناٽڪ جي اوسر ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو ، ڇو تہ گهڻو ڪري سڀ سنڌي گريجوئيٽ هن ڪاليج جي پئدائش هئا. پنهنجي قيام جي پهرين ويهن سالن ۾، يعني 1887ع کان 1907ع واري عرصي ۾ هي ڪاليج نثر ۽ ناٽڪ جي ترقيءَ ۾ مددگار ٿيو.“ (15)

ان دور ۾ ڊي. جي ڪاليج علمي ۽ غير علمي سرگرمين جو مرڪز بڻجي چڪو هو، جتي سنڌ جي شاهوڪار ماڻهن جا ٻار اعليٰ تعليم حاصل ڪندا هئا. انهن ڏينهن ۾ ڪاليج ۾ هڪ لائبريري ۽ هاسٽل جي اڻاوت لاءِ پئسا گهربل هئا. هنن ڪاليج جي نئين عمارت ۾ منتقل ٿيڻ کانپوءِ شاگردن جو تعداد وڌڻ ڪري هاسٽل جوڙڻ جي سلسلي ۾ ڪاليج جي سامهون خالي پيل ميدان تي هاسٽل اڏڻ جي تجويز ڏني، ۽ رقم جي سلسلي ۾ صلاح ڏني تہ رقم جو بندو بست بہ ڪاليج جو وائيس پرنسيپال پروفيسر پادشاهہ ڪيو. هنن 15 هزار رپيا ديوان

ڏيارام گدو مل جي وڏي پاءُ ديوان ميٺا رام کان حاصل ڪئي ۽ خيرپور جي مير صاحب پڻ 5 هزار رپيا چندو ڏنو. ڪجهه چندو ڏيا رام گدومل پاڻ ۽ سندس دوستن به ڏنو. پر هاسٽل جي اڏاوت لاءِ اها رقم اڻپوري هئي. ان وقت ڪاليج ۾ پروفيسر بي. جي پادشاهه. جيڪو ڪاليج جي غير نصابي سرگرمين سان لاڳاپيل هو ۽ ڪاليج جو پرنسيپال پروفيسر جيڪسن، جيڪو خود به ڊراما نويس ۽ اداڪار هو.

ڊاڪٽر جان موسسز جيڪسن ڪاليج آف لنڊن ۽ سينٽ جان ڪاليج، آڪسفورڊ مان تعليم حاصل ڪيائين. انگلينڊ ۾ سندس تعليمي خدمتن ڪي ڏسندي، کيس 1888ع ۾ ڊي. جي. ڪاليج جو پرنيسپال مقرر ڪيو ويو ۽ 1905ع تائين ان عهدي تي رهيو. هڪ سال جي موڪل کان پوءِ وري 1906ع ۾ واپس آيو ۽ 1907ع تائين ڪراچيءَ ۾ رهيو. ڪراچيءَ ۾ پنهنجي ڪٽنب سميت رهندو هو. هتي کيس اولاد پيدا ٿيو ۽ شهر جي سماجي ۽ ادبي خدمتن ۾ حصو وٺندو هو ۽ کيس ڊرامي سان به شوق هوندو هو. انگريزن پاران قائم ڪيل ڊرئميٽڪ سوسائٽين ۾ ڪم ڪندو هو. تن ڪاليج جي باقي اسٽاف سان ويهي رٿ جوڙي ته چو نه وڏيڪ رقم حاصل ڪرڻ لاءِ ڊرئميٽڪ سوسائٽي قائم ڪئي وڃي، جنهن سان ڊراما اسٽيج ڪري ٽڪيٽ تي ڏيکاريا وڃن. اها رٿ سيني کي پسند آئي، پر هتي اسٽيج ڊرامي جو رواج ڪو نه هو ۽ اهو به ٽڪيٽ تي ڏيکارڻ جو بلڪل نئون تجربو هو.

**سنڌ ڪاليج ايميچوئر ڊرئميٽڪ سوسائٽيءَ جي انتظامي ڪاميٽي**صدر : ڊاڪٽر جان موسسز جيڪسن

نائب صدر: پروفيسر بي. جي پادشاهه

ميمبر: ڪنول سنگهه پوهومل ملڪاڻي، ڏيئلمل دولترام، اچلسنگهه ماڙڪ سنگهه آڏواڻي، جوت سنگهه هري سنگهه آڏواڻي ۽ ٻيا شامل هئا.

سنڌ ڪاليج ايميچوئر ڊرئميٽڪ سوسائٽيءَ جو افتتاح 13 مارچ 1894ع ۾ پرنسيپال جي آفيس ۾ ڪيو ويو. جنهن ۾ ڪاليج جي استادن ۽ ميمبرن شرڪت ڪئي. سوسائٽيءَ پاران 25 مارچ 1894ع ۾ پهريون ڊرامو ڇيتانند ڪلٽنداس پريائي جو لکيل "نل دمينتي" پيش ڪيو ويو. پروفيسر

منگھارام ملڪاڻي لکي ٿو تہ ”چيتانند جو هيءُ ناٽڪ عبارت ۽ ٻوليءَ جي لحاظ کان هڪ سٺو ڊرامو آهي ۽ اسٽيج تي ڪافي ڪامياب ويو. عجب آهي تہ سنڌي ناٽڪ جي تاريخ ۾ هيءُ هڪڙو ئي ڊرامو هو جنهن ۾ فقط هڪڙو رواجي راڳ وڌل هو، جو درگاداس آڏواڻيءَ دمينتيءَ جو پارٽ ڪندي ڳايو هو. هن ناٽڪ ۾ راجا نل جو پارٽ هيرانند سنتوڪرام وڪيل ڪيو هو، ستجڳ جو سجانسنگ جڳتياڻيءَ ۽ ڪلجڳ جو ڪنولسنگ ملڪاڻيءَ ادا ڪيا“.(16)

ڊي. جي. سنڌ ڪاليج ڊرئميٽڪ سوسائٽي ويهن سالن تائين ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ ناٽڪ پيش ڪيا. اهو چئي سگهجي ٿو تہ ان عرصي دوران سنڌي ناٽڪ سنڌ جي پڙهيل لکيل طبقي جي سرپرستيءَ هيٺ ترقيءَ جون منزلون طئي ڪيون. اهڙيءَ ريت چندا گڏ ڪري مينا رام هاسٽل جوڙائي وئي، جنهن جو افتتاح بمبئيءَ جي گورنر لارڊ نارٿ ڪوٽ 1900ع ۾ ڪيو. 1914ع ۾ هن سوسائٽيءَ جو پهريون دور ختم ٿيو.

بريا ٽيڻ کان لڳاتار ويهن سالن تائين هن ڊرئميٽڪ سوسائٽيءَ جو اوج رهيو، پر پوءِ ڏهہ ٻارهن سال ڊراما نہ ڏيکاريائين. هيءَ سوسائٽي ويهن سالن تائين ڪراچيءَ ۾ سنڌي ثقافت ۽ تمدن جو پرچار ڪندي رهي. هن سوسائٽي جي ٻيهر شروعات جي سلسلي ۾ مراد علي مرزا ، مرزا قليچ بيگ جي حوالي سان لکيو آهي تہ ”عجب جي ڳالهہ آهي تہ ان زماني ۾ اهي ڊراما نہ ذاتي نفعي خاطر لکيا ويندا هئا ۽ نہ وري ذاتي فائدي لاءِ اسٽيج ڪيا ويا. ڊراما نويس ۽ اداڪار ڪنهن نہ ڪنهن نيڪ مقصد ڪي آڏو رکي ڊراما لکندا هئا ۽ انهن ۾ رول ڪندا هئا. ان ڏس ۾ ڪيترائي مثال ملن ٿا. سن 1911ع ۾ ڊي. جي سنڌ ڪاليج ڊرئميٽڪ سوسائٽي ڪراچي پنتي پئجي وئي هئي. ان کي وري جيئارڻ لاءِ پروفيسر منگھارام ملڪاڻي، جيڪو ان وقت ڪاليج ۾ بي.اي جو شاگرد هو ۽ شاگردن طرفان ڪاليج جي ڊرئميٽڪ سوسائٽيءَ جو رڪن پڻ هو، سو ڪراچيءَ مان کهي تنبدي نوڙهي حيدرآباد ۾ مرزا قليچ وٽ آيو تہ ڪو ڊرامو ڏيو تہ اسٽيج ڪريون . پروفيسر ملڪاڻيءَ جي لکڻ مطابق ”مرزا صاحب کيڪار ڪري، ”شهزادو بهرام“

ڊرامي جي دستخطي نسخو ڪڍي منهنجي حوالي ڪيو تہ پلي وڃي ڇپايو ۽ ڪري ڊيڪاريو ۽ سوسائٽيءَ کي زنده رکو.“ [17]

1925ع ۾ ڪاليج جي ساليانِي جلسي ۾ خانچند درياڻيءَ جو ننڍو ڊرامو ”سچي سڪ“ پيش ڪيو ويو، جنهن جو هدايتڪار هو ڪاليج جو پروفيسر منگهارام ملڪاڻي ۽ اداڪار ڪاليج جا شاگرد هئا. ”پروفيسر منگهارام ملڪاڻي، ڊي جي سنڌ ڪاليج (ڪراچي) ۾ پهرين فيلو ۽ ليڪچرار ۽ پوءِ پروفيسر ٿيو. ڊي جي سنڌ ڪاليج ۾ ڪيس پنهنجي پسند جو سبجيڪٽ ڊراما انگريزيءَ ۾ پڙهائڻ جي لاءِ مليس. انهيءَ سان گڏ 1924ع ۾ پرنسيپال صاحب سنگهہ ڪيس ڪاليج جي ناٽڪ سوسائٽي وري شروع ڪرڻ لاءِ چيو، جيڪا ڪن سببن جي ڪري بند ٿي ويئي هئي. منگهارام اها ٻيهر شروع ڪئي ۽ چار سال ڪاميابيءَ سان هلائي، ڪيترائي ڪامياب ناٽڪ پيش ڪيائين.“ [18]

تنهن کان پوءِ ڪاليج جي پرنسيپال تيجومل شهاڻيءَ جي اتساهہ ڏيارڻ تي منگهارام ملڪاڻي 1928ع ۾ سنڌ ڪاليج ۾ نئين ناٽڪ سوسائٽي برپا ڪئي، جنهن ۾ خانچند درياڻيءَ جو لوڪ ڪهاڻيءَ تي ٻڌل ”مومل منڊو“ ناٽڪ رچايو ويو. هن ناٽڪ جو هدايتڪار منگهارام ملڪاڻي هو ۽ مکيہ اداڪار هئا: مڪند لالا، موتي جڳتياڻي، چندن ميرچنداڻي ۽ ڪشنو جڳتياڻي. هن نئين ناٽڪ سوسائٽيءَ جي برپا ٿيڻ کان ڏهہ سال پوءِ 1939ع ۾ سنڌ ڪاليج ۾ پرنسيپال شهاڻيءَ جي رٽائر ڪرڻ واري جلسي تي شيڪسپيئر جي مشهور ناٽڪ Midsummer Night's Dream تان ورتل دلسوز ’داستان‘ جي نالي سان پيش ڪيو ويو. هن ناٽڪ جي هدايتڪاري خود ليکڪ منگهارام ملڪاڻي ڪئي جڏهن تہ اداڪار ڪاليج جا شاگرد هئا.

**ڊي.جي. ڪاليج سنڌي سرڪل ڪراچي:** 1941ع ۾ ڊي ـ جي ڪاليج ڪراچي جي سنڌي استادن ۽ شاگردن جي قائم ڪيل سنڌي سرڪل ”ڊي. جي ڪاليج سنڌي سرڪل سوسائٽي“ جو پايو وڌو. هن سرڪل ۾ خاص طرح سوڀو گيان چنداڻي، شيخ اياز، ارجن شاد، شيخ عبدالرزاق راز ۽ رام پنجواڻي سرگرم حصو وٺندا هئا. هن سرڪل طرفان ٻين ادبي سرگرمين کان سواءِ سنڌي ڊراما بہ اسٽيج

ڪيا ويندا هئا. هن سرڪل رام پنجواڻي جا ٻه مشهور لوڪ ناٽڪ ”مومل راڻو“ ۽ ”پکي ۾ پدمڻي“ پيش ڪيا هئا جن ۾ حصو اڪثر ڪري ڪاليج جي شاگردياڻين ورتو هو. جن شاگردياڻين رول ادا ڪيا تن جا نالا هئا: ڪملا ڪرپالاڻي، مئنا واسواڻي، رڪي آڏواڻي، مورتي شهاڻي، موهني گدواڻي، مئنا منگهارام ملڪاڻي ۽ ڪملا وليرام ٿڏاڻي“.[19]

**ڊي جي. ڪاليج سرسوتي منڊلي، ڪراچي:** 1942ع ڌاري پروفيسر رام پنجواڻيءَ، چيٺانند ناگراڻي ۽ سندس سؤٽ ڪشنچند ناگراڻيءَ جي سرجوشي سان ڊي. جي سنڌ ڪاليج جي شاگردن ۽ استادن ”ڊي.جي ڪاليج سرسوتي منڊلي“ قائم ڪئي وئي. هن گروپ طرفان چيٺانند ناگراڻيءَ جا گامتو سلسلي وارا مزاحيه ڊراما: ”گامتو ايڊيٽر“، ”گامتو بئريسٽر“، ”گامتو ڊاڪٽر“، ”گامتو فلم ڪمپني“، ”گامتو ايم. ايل. اي“، ”گامتو گهوٽ“ وغيره پيش ڪيا ويا، جيڪي ليکڪ پاڻ رام پنجواڻيءَ جي سهڪار سان اسٽيج تي پيش ڪندو هو ۽ انهن ڊرامن جا خاص اداڪار ٻه چيٺانند ناگراڻي ۽ رام پنجواڻي هوندا هئا“.[20]

**ڊي. جي سنڌ ڪاليج مِسيلنيءَ جو سنڌي ڊرامي ۾ ڪردار:** 1901ع ۾ هڪ مخزن ”ڊي ـ جي ـ سنڌ ڪاليج مِسيلني“ شروع ٿي، جنهن جو باني ساڌو ٽانورداس واسواڻي هو. هيءَ انگريزي سنڌي ـ مخزن 1947 تائين، يعني اڌ صديءَ جي عرصي تائين ششماهي پرچا ڪڍندي آئي ۽ سنڌي ساهت جا گهڻا پريندي آئي. ڊي. جي ڪاليج جي مِسيلنيءَ ۾ ٻه ڪيترائي اهم ناٽڪ شايع ٿيا، جن مان ڪي هيٺ ڏجن ٿا:

| عنوان | ليکڪ | سال |
|---|---|---|
| تيليءَ مان ٽنپ | روپ چند ڪرپلاڻي | 1925ع |
| ناخلف | منگهارام ملڪاڻي | 1931ع |
| پاپ ڪين پج؟ | منگهارام ملڪاڻي | 1931ع |
| حسينا | وشنو گدواڻي | 1931ع |
| ٻه باهيون | منگهارام ملڪاڻي | 1932ع |
| سمنڊ جي گجڪار | منگهارام ملڪاڻي | 1932ع |

| | | |
|---|---|---|
| چٽ نہ چماٽ، وڃائين ٻي واٽ | نانڪرام ڌرمداس | 1933ع |
| منهنجي نورني | ڏيارام سياڻي | 1933ع |
| سمنڊ جي گجڪار | منگهارام ملڪاڻي | 1933ع |
| ميلاپ | منگهارام ملڪاڻي | 1939ع |
| دلسوز داستان | منگهارام ملڪاڻي | 1939ع |
| جهانگير ۽ نورجهان | ساوتري جهانگياڻي | 1939ع |
| ڪوڙي ڪلينڪ | منگهارام ملڪاڻي | 1940ع |
| جيون ناس | منگهارام ملڪاڻي | 1942ع |

آزاديءَ کان پوءِ اهي سرگرميون جهڙوڪ ختم ٿي ويون. آزاديءَ کان پوءِ ڊي. جي ڪاليج ۾ پڙهندڙ شاگرد ۽ استاد اهڙين سرگرمين کان آهستي آهستي پري ٿيندا ويا. ڪاليج مان جاري ٿيندڙ مسيلني بند ٿي وئي. آزاديءَ کان پوءِ ڪي سال منارام هاسٽل، سنڌي اديب شاگردن جي سرگرمين جو محور رهي، جتي ليڪچر، ڊراما اسٽيج ٿيا ۽ ادبي سنگت جون گڏجاڻيون ٿيون. اهڙيون سرگرميون بلڪل ختم ٿي چڪيون آهن.

**پريم ناٽڪ منڊلي، ڪراچي:** پريم منڊلي، سنڌي هندن جي هڪ غير فرقيوارنا تنظيم هئي جيڪا 1912 ۾ ڪراچيءَ ۾ قائم ٿي. اها انهي دور جي هر هڪ سماجي تنظيم جي حڪمت عملي هوندي هئي تہ اها "فري ريڊنگ روم" قائم ڪري ۽ جيڪڏهن مالي حساب سان ايترو ڪمزور نہ هجي تہ پوءِ لائبريري قائم ڪري. هيءَ تنظيم پنهنجي ميمبرن جي نظرياتي ۽ سماجي طور توڙي صحت جي حوالي سان پروگرام رٿيندي هئي ۽ ليڪچر پڻ ڪرائيندي هئي. پريم منڊلي جي پنهنجي "ڊبيٽنگ سوسائٽي" پڻ هوندي هئي جنهن طرفان ڊراما ڪرايا ويندا هئا ۽ وڏن ماڻهن جا ڏينهن ملهايا ويندا هئا".(21)

هيءَ منڊلي گهڻو ڪري ساليانن جلسن تي ڏرمي رنگ وارا ناٽڪ پيش ڪندي هئي، جن ۾ سندن "ڀڳت پرهلاد" گهڻو مشهور ٿيو هو.

**ينگ سنڌيز ايسوسيئيشن ڊراما ڪلب، ڪراچي:** 1912ع ۾ قائم ٿيل ڪراچيءَ جي سنڌي نوجوانن جي علمي ۽ ادبي جماعت "ينگ سنڌيز ايسوسيئيشن"

پنهنجن ساليانن جلسن تي سماجي ۽ قومي جاڳرتا وارا ناٽڪ هن ڊراما ڪلب طرفان پيش ڪندي هئي. هن ڪلب جو "ستي سشيلا" ڪافي مقبول ٿيو هو.

**عامل يونين ڊرئميٽڪ انسٽيٽيوٽ:** "سنڌ جي هندن ۾ هڪڙا هندو عامل هوندا هئا ۽ ٻيا پائيبند. "ڪراچيءَ جي سيوهاڻي عاملن پنهنجي ڪميونيٽي جي فلاح ۽ بهبود لاءِ 1912ع ۾ "سيوهاڻي عامل ايوسيئيشن" قائم ڪئي ۽ هن ايسوسيئشن جي جي نگرانيءَ ۾ ساڳي سال ۾ "عامل يونين ڊرئميٽڪ انسٽيٽيوٽ" قائم ٿيو، جيڪو هر سال ايسوسيئشن جي سالگرهه جي موقعي تي ٻه ڊراما پيش ڪندو هو. ڊرامن مان ٿيندڙ آمدنيءَ کي عامل جاتيءَ جي سماجي ۽ تعليمي ڪمن تي خرچ ڪيو ويندو هو. هن انسٽيٽيوٽ جو پهريون ڊراما "ڪملا" هو، جو 1912ع ۾ پيش ڪيو ويو هو". [22]

**سارسوت براهمڻ ڊرئميٽڪ سوسائٽي:** هي سوسائٽي ڪراچيءَ ۾ رهندڙ نصرپور جي هندن، 1917ع ڌاري قائم ڪئي، جنهن جي بعد ۾ هڪ شاخ حيدرآباد ۾ پڻ قائم ٿي. هن سوسائٽيءَ جو آنرري سيڪريٽري گمتمل پوهومل ۽ مکيه ناٽڪ نويس چاندومل کتري ۽ هرومل پريمچند هئا. سوسائٽيءَ پاران پيش ٿيندڙ سمورا ناٽڪ گهريلو زندگيءَ متعلق رچيل هوندا هئا، جن ۾ زندگي سڌارڻ جو پيغام هوندو هو. انهن ناٽڪن ۾ حالتن جي نسبت هٿيارن جي نمائش ۽ سماج ۾ رونما ٿيندڙ حادثن جي منظرڪشي پڻ ڪئي ويندي هئي. هن سوسائٽيءَ پاران هوتچند تيجورام، رام هيرا، ڌرمداس ماڻڪ ۽ ڏمڻ مهراج اهم اداڪار هوندا هئا". [23] هن سوسائٽيءَ پاران هر سال هڪ نئون ڊرامو پيش ڪيو ويندو هو.

**پريتم ڌرم سڀا ناٽڪ منڊلي، ڪراچي:** 1917ع ڌاري هندن جي ڌرمي جماعت "پريتم ڌرم سڀا" طرفان هيءَ ناٽڪ منڊلي برپا ٿي، جيڪا مختلف وقتن تي ڊراما پيش ڪندي هئي. انهن ناٽڪن ۾ گهڻو ڪري ڌرمي رنگ پريل هوندو هو. **نيوهاءِ اسڪول ڊرئميٽڪ سوسائٽي، ڪراچي:** تاراچند ڪندنمل شهاڻي، 1909ع ۾ ايم .اي ڪري آيو ۽ اچڻ سان ڪراچي ميونسپالٽيءَ جي بندر روڊ واري نئين آفيس ويجهو "نيوهاءِ اسڪول" قائم ڪيو. هن اسڪول ۾ چيتمل پرسرام هيڊ ماستر هو. جڏهن ته لالچند امرڏنومل، جهمتمل پاوناڻي، آسانند مامتوراءِ جهڙا

اديب هن اسڪول جا ماستر هئا. "1919ع ۾ هيءَ ڊرئميٽڪ سوسائٽي سنڌ جي برک عالم ۽ اديب لالچند امرڏنو مل جي ڪوشش سان قائم ٿي، جڏهن پاڻ نيو هاءِ اسڪول جو هيڊ ماستر هو. هن سوسائٽي ساڳئي سال قومي آزادي تي لالچند جو لکيل ڊرامو 'ڀارت جاوا اُٿ اُٿي جاڳ' اسٽيج تي پيش ڪيو. هن ڊرامي مان حاصل ٿيل آمدني اسڪول جي غريب شاگردن جي ڀلائي لاءِ ڪتب آندي وئي".[24] آسانند مامتوراءِ، جديديت جو مشهور ناول نگار ۽ ڪهاڻيڪار هو ۽ سندس ڊراما "اما ۽ ونايڪ" ۽ "پرم آدرشنا" اهميت وارا آهن.

**سوشل سروس ڊرئميٽڪ ڪلب:** ڪراچيءَ جي برجستہ ۽ باشعور رهاڪن 1922ع ۾ پهريائين هڪ سياسي جماعت "سوشل سروس ليگ" قائم ڪئي، جنهن جي اثر هيٺ "سوشل سروس ڊرئميٽڪ ڪلب" برپا ڪيائون. هن ڪلب جو سيڪريٽري چينراءِ قيمتراءِ هوندو هو. هن ڪلب ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ سماجي موضوعن تي ڪيترائي ڊراما پيش ڪيا".[25]

**رابندر ناٿ ٽئگور لٽرري سوسائٽي ۽ ڊرئميٽڪ ڪلب:** "بنگالي زبان جي عظيم شاعر، فلسفي ۽ تعليمدان رابندرناٿ ٽئگور ڪلڪتي (هندستان) ۾ هڪ بنگالي ڪٽنب ۾ جنم ورتو. سندس پيءُ ديوندر ناٿ ٽئگور، برهمو سماج جي ٻن ڏڍن مان هڪ ڏڍي جو رهنما هو. ٽئگور کي گهرو ماحول ئي اهڙو مليو جنهن ۾ هن جو ذهن اعليٰ قدرن واري سماج ڏانهن راغب ٿيو ۽ سندس سوچ اعليٰ شعور جي روپ ۾ اُسري. مغربي دنيا ۾ ٽئگور فلسفيءَ کان وڌيڪ شاعر جي حيثيت ۾ ڄاتو سڃاتو وڃي ٿو. ٽئگور بنگالي ادب ۾ ڪلاسيڪي سنسڪرت بجاءِ عوامي ٻولي بنگاليءَ جو استعمال ڪيو ۽ هندستاني معاشري جي ڪن خاص پهلوئن کي مغرب سان متعارف ڪرايو. ٽئگور جو فڪر مذهب ۽ فلسفي جي ميلاپ مان وجود ۾ آيل آهي. سندس ادبي سرمايي ۾ شاعريءَ جو وڏو حصو آهي، جيڪو لڳ ڀڳ ٻن هزارن کان مٿي گيتن تي مشتمل آهي ۽ سندس گيتن کي بنگالي ادب ۾ خاص جاءِ ڏني ويئي ۽ انهن گيتن کي 'رابندر سنگيت' جو نالو ڏنو ويو. پوءِ بہ هن ناول، افسانا، سفرناما، ڊراما ۽ ٻيا ڪوڙ مضمون لکيا آهن".[26]

برطانوي راڄ ۾ رابندر ناٿ ٽئگور، سنڌ ۾ تمام گهڻو مقبول هو، جيئن ئي سندس ڪو ناول، ڊرامو، ڪهاڻي،شاعري يا ڪو مضمون سنڌ پهچندو هو ته ڪنهن نه ڪنهن رسالي ۾ ان جو يڪدم ترجمو ٿي ويندو هو. ڊرامي جي دنيا سان وابسته اديب، رابندر ناٿ ٽئگور سان رابطي ۾ رهيا ۽ ڪائنس سنڌ اچڻ جي فرمائش ڪندا رهيا. ان ڏس ۾ ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ خاص گڏجاڻيون ٿيون، جن ۾ فيصلو ڪيو ويو ته رابندر ناٿ ٽئگور بابت ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ ٻه الڳ الڳ شاخون قائم ڪيون ينديون: هڪ "ڊرئميٽڪ ڪلب" هوندي ٻي "ادبي سوسائٽي" قائم ڪئي ويندي، جن جو مقصد سڪيا ۽ ادبي طور سندس شخصيت جي باري ۾ ڄاڻ ڪي عام ڪرڻو هوندو.

اپريل 1923ع ۾ ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ رابندر ناٿ ٽئگور لٽرري سوسائٽي ۽ ڊرئميٽڪ سوسائٽي جو بنياد وڌو ويو. "هن سوسائٽيءَ جي حيدرآباد واري شاخ جو افتتاح خود مها ڪوي رابندر ناٿ ٽئگور ڪيو هو. باقي ڪراچي شاخ جو افتتاح 15 مئي 1923ع تي فريئر هال ۾ جمشيد مهتا ڪيو هو." (27)

ڪراچي وارو پروگرام فريئر هال ۾ 21 اپريل 1923ع تي ٿيو هو، جنهن ۾ جمشيد مهتا، ڪراچي شهر جي ميونسپالٽيءَ جي طرفان آجياڻو ۽ صدارتي تقرير ڪئي هئي. ساڳي شام رابندر ناٿ ٽئگور جو مشهور ڊرامو "چترا" انگريزيءَ ۾ پيش ڪيو ويو هو. هن ڊرامي ۾ ڊي.جي ڪاليج جي پرنسيپال ڊاڪٽر جئڪسن، هيرانند مهراج، سر هينري، کانچند درياڻي، منگهارام ملڪاڻي ۽ ٻين حصو ورتو هو ،جو ٽئگور کي بيحد پسند آيو هو. هن ترجماڪار ۽ ٻين، ناٽڪ ۾ پارٽ ڪندڙ ڪلاڪارن کي پاڻ وٽ گهرائي ڪين شاباس ڏني هئي." (28) جڏهن ته هڪ ٻيو ڊرامو حيدرآباد ۾ مرزا قليچ بيگ جو ترجمو ڪيل "نيڪي ۽ بدي" پڻ اسٽيج ڪيو ويو هو.

**سوسائٽيءَ جا ميمبر:**

رابندر ناٿ ٽئگور لٽرري سوسائٽي اينڊ ڊرئميٽڪ ڪلب جا ميمبر، ان دور جا نالي وارا اديب، وڪيل، آفيسر، پروفيسر، سماج سڌارڪ ۽ واپاري طبقي سان تعلق رکندڙ هوندا هئا. ٽٽل ڦٽل رڪارڊ موجب، هيرانند پوڄراج آڏواڻي، رامچند تختررام، مولچند ليلارامسنگهه ۽ وليرام آئلمل، حيدرآباد سوسائٽي جا برجستا ميمبر هئا ته ٻئي طرف، خانچند درياڻي، منگهارام ملڪاڻي، پگوان رامچند، چندنمل واڌومل ۽ پهلاج سنگهه ڪراچيءَ شاخ جي لاءِ اهم ڪردار ادا ڪيو.

ڪراچي شاخ ۾ ڪي سرڪاري آفيسر پڻ اهم عهدن تي هن سوسائٽيءَ لاءِ ڪم ڪندا هئا. جن ۾ سال 28_1929ع دوران تولا سنگهه آڏواڻي (صدر)، سي. چيٽرجي (نائب صدر)، پهلاج سنگهه آڏواڻي (خزانچي)، موتيرام .ايل. لالواڻي ۽ چندنمل .اين. واڌواڻي (سيڪريٽري)، حاتم علوي، رامچند واسواڻي، بي. آر. رامچنداڻي ۽ جي.پي. آڏواڻي (ميمبر مينجنگ ڪاميٽي) هئا. جڏهن ته سال 32_1933ع ۾ سوسائٽي جا منتظمين ساڳيا هئا، صرف مئنيجنگ ڪاميٽيءَ جي ميمبرن ۾ ٽي.ايم. آڏواڻي، آچاريه گدواڻي، منگهارام ملڪاڻي ۽ چندن مل واڌواڻي شامل هئا. سال 33_1934ع ۾ تولاسنگهه (صدر)، سيٺ جهامنداس (نائب صدر)، جهمٽراءِ لالچند (خزانچي)، چندنمل واڌواڻي ۽ پهلاجسنگهه (سيڪريٽري)، منگهارام ملڪاڻي، خانچند درياڻي ۽ بي. آر. رامچنداڻي (خصوصي ميمبر)، ڊاڪٽر آوت شهاڻي، ٽانورداس ايسرداس، جي. زيڊ. چندرا (ميمبر) ۽ ايم. سي. سٽلاڻي (هانري آڊيٽر) هئا“.(29)

رابندر ناٿ ٽئگور لٽرري اينڊ ڊرئميٽڪ سوسائٽي، صرف ڊراما لکرائڻ ۽ انهن کي اسٽيج ڪرائڻ تائين محدود نه هئي، پر ان جو هڪ ٻيو اهم ڪم اهو به هو ته هن پاران هر پندرهين ڏينهن تي مختلف موضوعن تي ليڪچر ڪرايا ويندا هئا، جن ۾ استاد، شاگرد، سوسائٽيءَ جا ميمبر ۽ ٻيا چاهه رکندڙ شريڪ ٿيندا هئا. ليڪچرن جو اهو سلسلو هلندو رهيو. ڪجهه ليڪچر پروگرامن جو تفصيل هيٺ ڏجي ٿو:

| نمبر | ليڪچر جو موضوع | ليڪچر ڏيندڙ | تاريخ |
|---|---|---|---|
| .1 | ڪاليداس | مسٽر اي.ٽي. گدواڻي | 4 آگسٽ 1928ع |
| .2 | رابندر ناٿ ٽئگور | پروفيسر منگهارام ملڪاڻي | 4 آڪٽوبر 1928ع |
| .3 | ڪجهه نئون ڪري ڏيکارجي Something new to Dramatize | پروفيسر منگهارام ملڪاڻي | 4 نومبر 1928ع |
| .4 | Ambition as Tragedy & Comedy | مسٽر اِي. ايل پرائيس | 23 نومبر 1928ع |
| .5 | موليئر جي ڊرامي ۾ ڊاڪٽر جو ڪردار | مسٽر اِي. ايل پرائيس | 1 جنوري 1929ع |
| .6 | ڊرامن جو مستقبل | ڊاڪٽر جيمس ڪزنس | 16 جنوري 1930ع |
| .7 | George Guinevere Knight of the Air | پروفيسر ائنڊرين ڊيوئارٽ | 9 فيبروري 1930ع |
| .8 | Our life essentials with special reference to Gitanjali | صاحب سنگهه شهاڻي | 20 فيبروري 1930ع |
| .9 | فلم انڊسٽري | ايس .راما ڪمار | 6 جون 1932ع |
| 10 | The New Era — | ريونڊ يوهان | 7 ڊسمبر |

| | | | |
|---|---|---|---|
| | Economic, Social & Religions | يولي ريني | 1933ع |
| 11 | Art & Life | ڊبيلو .وي. وينڪٽس راما | 6 جنوري 1934ع |

**هندو ايڪيڊمي ڊرئميٽڪ سوسائٽي، ڪراچي:** 1925ع ڌاري هندو ايڪيڊمي پاران برپا ٿيل هن ڊرئميٽڪ سوسائٽيءَ پنهنجي ساليانو جلسي واري موقعي تي هڪ مشهور ڊرامو پيش ڪيو. هن سوسائٽيءَ 1925ع ۾ ”پنجاب ميل“ ڏيکاريو هو، جيڪو ڏاڍو مشهور ٿيو هو.

**پيرومل ٺاڪرداس ڊرئميٽڪ سوسائٽي، ڪراچي:**1926ع۾ ڊرئميٽڪ سوسائٽي، ڪراچيءَ جي ”پيرومل ٺاڪرداس ڪنياشالا“ جي منتظمين طرفان قائم ڪئي ويئي هئي. هن ڊراما منڊليءَ طرفان وقت بہ وقت مشهور ڊراما پيش ٿيندا رهندا هئا. 1926ع ۾ هن سوسائٽيءَ ”درگداس“ ڏيکاريو هو.

**شاهاڻي اسڪول ناٽڪ منڊلي، ڪراچي:**1927ع ڌاري شاهاڻي اسڪول طرفان قائم ٿيل هن ناٽڪ منڊلي اسڪول جي ساليانو جلسي ۾ ڏيتي ليتي جي موضوع تي پيرومل مهرچند جو لکيل پنگتي ناٽڪ ’مقدمو‘ پيش ڪيو. جنهن جو هدايتڪار منگهارام ملڪاڻي هو. هن ڊرامي ۾ چتر اُتمسنگهہ بهترين رول ادا ڪيو هو. اهڙيءَ طرح 1935ع جي ساليانو جلسي ۾ منگهارام ملڪاڻي پنهنجو لکيل ناٽڪ ’ٽي پارٽي‘ پنهنجي هدايتڪاري هيٺ پيش ڪيو هو جنهن ۾ سيئي ڪردار ڇوڪرين ادا ڪيا هئا“.(30)

**ڪراچي ديسي ناٽڪ ڪمپني:**1929ع ۾ پنهنجي وقت جي مشهور اداڪار موهن لالاهن ناٽڪ منڊليءَ جو پايو وڌو هو، جنهن سڀ کان پهرين کانچند درياڻيءَ جو مشهور ناٽڪ ’عجيب انصاف‘ پيش ڪيو. هن ناٽڪ جو هدايتڪار منگهارام ملڪاڻي ۽ اداڪار هئا: ڪماري نٿن ميرچنداڻي_ پڳوان رامچنداڻي، گاگنداس مورجاڻي، رام هيرا، کانچند درياڻي، روپچند ڪرپالاڻي ۽ منگهارام ملڪاڻي“.(31)

**ايميچوئرس ڊرئميٽڪ سوسائٽي، ڪراچي:**1932ع ۾ هيءَ ڊرئميٽڪ سوسائٽي ٽيڪمداس واڌومل ۽ پرمانند واسواڻي جي سرپرستيءَ هيٺ برپا ٿي. هيءَ واحد سنڌي سوسائٽي هئي جنهن سنڌ کان سواءِ بمبئي ۾ بہ سنڌي ڊراما پيش ڪيا هئا. 1933ع ۾ ڪرسمس جي موقعي تي هن سوسائٽي بمبئي ۾ 'مسٽر مجنون' ڊرامو پيش ڪيو جنهن ۾ مولچند لعلواڻي، نارائڻ شوداساڻي، قيمت شهاڻي، پرتاب سپاهيملاڻي، آتو لعلواڻي، سهجو لعلواڻي، گوپ ڪملاڻي، تيرٿ واڌواڻي، ۽ ڪشوءَ اداڪاري جا خوب جوهر ڏيکاريا هئا".[32]هن سوسائٽيءَ جي خاص ڳالهہ اها هوندي هئي تہ سنڌ کان سواءِ بمبئيءَ ۾ بہ ڊراما اسٽيج ڪندي هئي. 1932ع ۾ هن سوسائٽيءَ بمبئيءَ ۾ "زهري زندگي" پيش ڪيو هو.

**دي ٿلٽي ايميچوئرس ڊرئميٽڪ سوسائٽي:**هيءَ ڊرئميٽڪ سوسائٽي، ڪراچيءَ ۾ رهندڙ ٺلٽيءَ جي نوجوانن 1930ع ۾ قائم ڪئي. ڊي. پي ڪرمچنداڻي هن سوسائٽيءَ جو صدر هو ۽ جي .جي ڪرمچنداڻي سيڪريٽري جنرل هوندو هو. هن سوسائٽيءَ 1935ع ۾ نانڪرام ڌرمداس جو ڊراما "بي بها موتي" ڪري ڏيکاريو هو".[33]

**ڪاليداس ڊرئميٽڪ آرٽس ايسوسيئشن:**هيءَ ڊرئيمٽڪ ايسوسيئشن مشهور ڊرامانويس ڪاليداس جي نالي سان 1934ع ۾ ڪراچيءَ ۾ قائم ٿي. هن ايسوسيئشن جو اهم ڪم ڪاليداس جي ڪمن جي ڇاڻ ۽ سنڌس ڊرامن تي ليڪچر ڪرائڻ هو. هن ايسوسيئشن جي بنياد رکڻ ۾ جي.اين. ناگراڻي جو ڪردار هو، جنهن پنهنجي دوستن سان گڏجي 1935ع ۾ ان جو بنياد وڌو. هن ايسوسيئشن جي افتتاحي جلسي ۾ "گامتو ايڊيٽر" ۽ شڪنتلا" ڊراما پيش ڪيا ويا هئا.

**ينگ ڊرئميٽڪ سوسائٽي:**ڪراچيءَ ۾ 1934ع ۾ "ينگ ڊرئميٽڪ سوسائٽي" قائم ٿي. هن سوسائٽيءَ پاران "نئين زندگي" ۽ ابلاٿين" مشهور ٿيا هئا.

**حيدرآباد شهر جو ڊرامي جي ترقيءَ ۾ حصو**

سنڌي ڊرامي جي اوسر ڪراچي شهر کان ٿي پر ان جو عروج حيدرآباد کان ٿيو. جيڪي ڊرئميٽڪ ڪلب، سوسائٽيون يا منڊليون ڪراچيءَ ۾ قائم ٿيون

هيون، اهي حيدرآباد ۾ بہ اچي پنهنجا ڊراما اسٽيج ڪنديون هيون. اگر انگريز دور ۾ ڊرامي جي تاريخ ڏسبي تہ اڪثر مشهور ڊراما نگار، اداڪار، ناٽڪ منڊليون حيدرآباد ۾ نظر اينديون. خاص طور تي حيدرآباد جي وچولي هندو طبقي ڊرامي جي ترقي ۾ ڀرپور حصو ورتو. حيدرآباد ۾ ڊرامي جو شوق ايترو وڌيو جو زندگي جي هر طبقي سان واسطو رکندڙ ماڻهو شوقيہ طور تي ڊرامي ۾ حصو وٺندا هئا.

سنڌ جون اڪثر وڏيون ناٽڪ منڊليون حيدرآباد ۾ هيون. هتي هڪ ڳالهہ ڏيان ڇڪرائي ٿي تہ انگريزن جي دور ۾ جيڪي ڊراما گهڻو مشهور ٿيا، اهي حيدرآباد ۾ اسٽيج ٿيا هئا. حيدرآباد شهر جي خاص ڳالهہ اها هئي تہ ان ۾ شهري ۽ ڳوٺاڻي ٻئي جهلڪيون هيون. مشهور ڊرامانگارن جو تعلق گهڻو ڪري حيدرآباد سان هو. هن شهر ۾ ڊرامي جو شعور پنهنجي عروج تي پهتل هو. ان ڳالهہ جو وڏو ثبوت اهو آهي تہ رابندر ناٿ ٽئگور جهڙو مهان ڪوي حيدرآباد پنهنجي سر کهي آيو. حيدرآباد ۾ ڊراما ڏسندڙن جو هڪ وڏو حلقو موجود هوندو هو. تماشائي سٺن ڊرامن ڏسڻ لاءِ انتظار ڪندا هئا ۽ اڳواٽ سيٽون بڪ ڪرائيندا هئا.

آزاديءَ کان پوءِ جيتوڻيڪ سنڌي اسٽيج ڊرامي جو زوال ٿيو، پر حيدرآباد شهر ۾ ڪنهن نہ ڪنهن نموني ناٽڪ منڊليون ڪلنديون رهيون آهن ۽ اسٽيج ٿيندا رهيا آهن. آزادي کان پوءِ اگر سنڌي اسٽيج ڊرامن جو ڳڙهہ رهيو آهي تہ اهو حيدرآباد شهر آهي. هاڻي اچو تہ انگريزن جي دور ۾ ناٽڪ منڊلين جو حيدرآباد شهر ۾ مختصر جائزو وٺون:

**ڏيتي ليتي ناٽڪ منڊلي، حيدرآباد:** پروفيسر منگهارام ملڪاڻي لکي ٿو تہ ”ٻين ٻولين وانگر، جيتوڻيڪ اوائلي سنڌي وڏا ناٽڪ بہ ڏرمي هوندا آهن، پر اوائلي ننڍا ناٽڪ پنگتي ٿا ڏسڻ ۾ اچن. 19 صدي جي آخر ۾ ڏيتي ليتي جو مرض سنڌي سماج ۾ وڌندو ٿي ويو ۽ انجو علاج ڪرڻ لاءِ ”ڏيتي ليتي منڊلي“ برپا ٿي هئي. حيدرآباد، سنڌ جي گادي هوندي هئي، ۽ اُنجي سڏي شاهي بازار مشهور هئي. تختن واريءَ اسٽيج جو رواج اجا ڪونہ پيو هو، سو ڏيتي ليتي منڊليءَ وارن ڇا ڪيو جو بازار ۾، مشهور ”ڪڪڙ ڪمپني“ جي دڪان جي ڪڏ تي، ان روڳ جي برخلاف وندرائيندڙ ڇهڇٽا ڪري ڏيکاريندا هئا. جي انبوهہ ماڻهن جي وچ مان،

هيٺيان بازار مان پيا ڏسندا هئاسون“.[34]

**آس جون ٽوليون:** پروفيسر منگهارام ملڪاڻي لکي ٿو ته ”تن ڏينهين شراب خوريءَ جو روڳ به سماج ۾ وڌندڙ هو، تنهن کي روڪڻ لاءِ ساڌو هيرانند، اڪيڊمي اسڪول پاران ”آس جي ٽولي“ ٺاهي ۽ ديوان پرڀداس شيوڪرام، نؤديائي اسڪول پاران ٻي آس جي ٽولي ٺاهي، جي ٻئي پنهنجن اسڪول جي ساليانن جلسن تي راڳي با غ ۾ شراب خوريءَ جي برخلاف ڇهچٽا ڪري ڏيکاريندي هيون“.[35]

**بندي ماترم ناٽڪ منڊلي، حيدرآباد:** هيءَ ناٽڪ منڊلي، آزاديءَ جي وڌندڙ تحريڪ جي اثر هيٺ قائم ٿي. ”1905ع ڌاري لالچند امر ڏنومل جي اڳواڻيءَ هيٺ هيءَ ناٽڪ منڊلي برپا ٿي. هيءَ منڊلي قومي توڙي سماجي جاڳرتا تي ناٽڪ پيش ڪندي هئي. انهن ڊرامن ۾ خود لالچند امر ڏنو مل جا لکيل ”پارت ڇاوا اٿ اٿي جاڳ“ ۽ ”عملدار ڪي رعيت آزار“ مشهور ناٽڪ پيش ڪيل هئا“.[36] هيءَ منڊلي ڪلڱي ميدان ۾ پنج اٺ صندل ملائي سوديسي پرچار لاءِ ڇهچٽا ڪري ڏيکاريندي هئي. لالچند امرڏنومل پاڻ به اداڪاري ڪندو هو.

**پليڊرس ڪلب، حيدرآباد:** 1905ع ۾ حيدرآباد جي وڪيلن هيءَ ڪلب قائم ڪئي، جنهن پنهنجي شروعاتي سال کان ڏيارام ڄيٺمل سنڌ ڪاليج ايمچوئرس ڊرئميٽڪ سوسائٽي جي معيار جيترو پنهنجو ڌاڪو ڄمائڻ خاطر انهي ڊرئميٽڪ سوسائٽيءَ جا گهڻا مشهور ڊراما حيدرآباد توڙي ڪراچيءَ ۾ ڪري ڏيکاريندي هئي.

**ايميچوئرس ڊرئميٽڪ سوسائٽي، حيدرآباد:** 1912ع ۾ برپا ٿيندڙ هن ڊرئميٽڪ سوسائٽيءَ جو روح روان هيمنداس چنديرام هو. هيءَ منڊلي حيدرآباد توڙي ڪراچيءَ ۾ پنهنجا ڪامياب ڊراما پيش ڪندي هئي. هن سوسائٽيءَ جي اهم ڊراما نويسن ۾ نانڪرام ڌرمداس، خانچند درياڻي ۽ ٻيا هئا.

**نانڪرام ناٽڪ منڊلي، حيدرآباد:** 1921ع ڌاري حيدرآباد ايميچوئرس ڊرئيميٽڪ سوسائٽيءَ جي مکيه ليکڪ نانڪرام ڌرمداس علحدگي اختيار ڪري، پنهنجي الڳ ناٽڪ منڊلي قائم ڪئي، جنهن جي سهاري هيٺ ستي ساوتري پريم جي پتلي ۽ ليلا تي ناٽڪ پيش ٿيا. هنن ڊرامن ۾ فتحچند بجاسنگ

۽ ديال ڪرپالاڻي مکيه اداڪار هئا“.(37)

**ينگ سٽيزنس ڊرئميٽڪ سوسائٽي، حيدرآباد:** 1920ع ۾ هيءَ ڊرئميٽڪ سوسائٽي قائم ٿي، جنهن جو باني ليلارام ماڪيجاڻي هو. هن منڊليءَ ليکڪ ليلارام ماڪيجاڻي جا ڪيترائي ڊراما پيش ڪيا. جن ۾ ”دورنگي دنيا“ ، پريمي پتنگ“، بي وفا قاتل، ڪل جڳ جا ڪلور، ڪشور موهني، ليلاوتي وغيره اهم آهن. هن سوسائٽيءَ طرفان آوتراءِ ٺاڪرداس پڻ ڪي ڊراما لکيا، جن ۾ ”قهري قهر“ هڪ آهي.

**رابندر ناٿ لٽرري ۽ ڊرئميٽڪ ڪلب، حيدرآباد:** مشهور ليکڪ ۽ نوبل انعام ڪٽنڊڙ شاعر ۽ ڊرامانگار رابندر ناٿ ٽئگور حيدرآباد ۾ 1923ع ۾ سندس ئي نالي سان ٺهندڙ Rabendarnath Literary and Dramaic Club جي رونمائي ڪرڻ حيدرآباد آيو. ان سلسلي ۾ منگهارام ملڪاڻي لکي ٿو ته:”مون، خانچند درياڻيءَ، لالچند امرڏنيمل، ڄيٺمل پرسرام ۽ هيرانند آڏواڻي جي ساٿ ۽ سهڪار سان 1923ع ۾ ”رابندر ناٿ لٽرري ۽ ڊرئميٽڪ سوسائٽي“ برپا ڪئي. ان سنسٿا جو مهورت به گرديو ٽئگور پاڻ پنهنجن مبارڪ هٿن سان حيدرآباد ۾ اچي ڪيو. مون ان اتسو کي ڪامياب بنائڻ لاءِ ڏاڍي اتساهه ۽ امنگ سان مهينو کن خوب محنت ڪئي. خاص ڪري جيڪو گرديو کي آڻ ان وقت پنهنجي ٽندي محمد خان واري ٻني تي هوس، تڏهن به اها ذميواري منهنجي دل وٽان هئي. تنهنڪري مون پروگرام جي تيارين وارن ڏينهن ۾ اچي حيدرآباد ۾ ديرو ڄمايم“.(38)

ڊرامي جي حوالي سان رابندر ناٿ ٽئگور ڊرئميٽڪ ڪلب جو وڏو ڪردار آهي. هن ڪلب رابندر ناٿ ٽئگور جا ڪيترائي ڊراما سنڌي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪري اسٽيج ڪرايا، شايع ڪرايا ۽ اصلوڪن ڊرامن ۾ حقيقت نگاريءَ جو رواج وڌو. هن ڪلب جو پهريون بهترين ناٽڪ ’ملڪ جا مدبر‘ جيڪو ابسن(Ibsen) جي مشهور ناٽڪ Pillars of Society تان ورتل خانچند درياڻي سنڌ مسلم زندگيءَ ۾ بيهاريو هو. هي ناٽڪ حيدرآباد توڙي ڪراچي ۾ ڪيترين ئي راتين ڪاميابي سان ڪري ڏيکاريو ويو هو.

**نيشنل ڪاليج ڊرئميٽڪ سوسائٽي:** ڪراچي کان پوءِ حيدرآباد ۾ ڪاليج قائم ٿيڻ جو بندوبست ٿيو ، جنهن جي ڪولڻ جو سهرو ٿياسافيڪل سوسائٽي ڏانهن وڃي ٿو. ان وقت حيدرآباد ۾ چيتمل پرسرام، ديوان هيرانند سلوڪرام، ديوان ستنداس منگهارام وڪيل ۽ جهمتمل جڳتياڻي ۽ ٻيا ٿياسافيڪل سوسائٽيءَ جا اهم ميمبر هئا. حيدرآباد ۾ ٿياسافيڪل سوسائٽي جو بنياد وجهڻ، مس ائني بيسنت پاڻ حيدرآباد آئي. ان سلسلي ۾ موتيرام ايس. رامواڻي لکيو آهي ته "سنڌ اندر ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ ٿياسافيڪل سوسائٽيون قائم ٿيل هيون. 1917ع ۾ ڊاڪٽر ائني بيسنت جي سرجوشيءَ سان حيدرآباد ۾، ڦليلي جي سندر ڪناري تي، "سنڌ نيشنل ڪاليج" برپا ڪيو ويو. سنڌ نيشنل ڪاليج قائم ڪرڻ ۾ ڊاڪٽر بيسنت کي غلام محمد ڀرڳڙي، ستنداس منگهارام، ڊاڪٽر وليرام ۽ متارام گدومل جو پورو ساٿ هو." (39)

1918ع ۾ نيشنل ڪاليج ڊرئميٽڪ سوسائٽي قائم ٿي، جنهن ۾ اڪثر طور ڪاليج جا شاگرد ۽ استادن ۾ حصو وٺندا هئا. هن ڊرئميٽڪ سوسائٽي مشهور ليکڪ مرزا قليچ بيگ جا ٻه ناٽڪ، "جمشيد حميده" ۽ "موهني" پيش ڪيا، جن ۾ حصو وٺندڙ اداڪار هئا: ليلارام هيرانندڻي، پريتمداس شيوداساڻي، جڳو آڏواڻي، روپچند ڪرپالاڻي ۽ رامچند ڪلناڻي هئا". (40)

هن سوسائٽيءَ طرفان "آڏيءَ جو انصاف" مذاقي ناٽڪ آهي، جنهن جو رچيندڙ ايڇ. سي ٻلي وڪيل هو، ان کي 1942ع ۾ شايع ڪيو ويو. هي ڊرامو، ڊي. جي نيشنل ڪاليج جي 1942ع واري ٻوڏ سهائتا ڪميٽيءَ پاران ڇپائي پڌرو ڪيو ويو، جنهن جا ميمبر پرنسيپال ايڇ. ايس. پارواڻي پروفيسر. بي. ملڪاڻي، مس ڪملا ڊي ڪرپلاڻي، مس سروج ڊي، هيرانندڻي خود ليکڪ ۽ ٻيا هئا. ٻوڏ سهائتا ڪميٽيءَ کي اهو اختيار ڏنو هو ته هن ڪتاب جي سڄي ڪهاڻي ٻوڏ سهائتا فنڊ ۾ ڏني وڃي. هي ڊرامو اسٽيج ڪيو ويو ۽ ڏاڍو پسند ڪيو ويو. "آڏيءَ جو انصاف" هڪ تصوراتي عدالت جو نقشو پيش ڪري ٿو، جنهن ۾ تمبڪٽو حڪومت جي حڪم سان هر ڪارروائي شاعريءَ ۾ هلائڻي آهي. ان کان سواءِ اها ڪارروائي آڌي رات جو عمل ۾ اچڻي آهي، جو ته شاعري ڪومل ٿڌي

هئڻ سبب تيز ۽ تتل ڏينهن ۾ ننڊ جو ڪارڻ بڻجي ٿي. هن ڊرامي ۾ عدالت جو آنريبل جسٽس توائي سراپا آفريڪي شان ۽ پيڪيءَ سان عدالت ۾ گهڙي ٿو. سندس هٿ ۾ مڇيءَ جو ڪنڊيدار لڪڻ آهي ۽ ڪيس گائون بدران شاندار آفريڪي غاليچو پهريل آهي! هيءُ مذاقي ڊراما اشتهار وٽي ڇپايو ويو هو“.(41)

هن سوسائٽيءَ جي ٻين ڊرامن ۾ مرزا قليچ بيگ جو ”موهني“، پاڳسنگ جو ”گهماني گهمسان“، تيجومل شرما جو ”راڻو پرتاب سنگ“، وغيره اهم آهن.

1937 ع ڌاري نيشنل ڪاليج حيدرآباد جي اسٽيج تي هڪ ٻي ”يونائيٽڊ آرٽس ڊرئميٽڪ سوسائٽي“ قائم ٿي، جنهن جي افتتاحي تقريب ۾ منگهارام ملڪاڻيءَ جو مشهور ناٽڪ ’انار ڪلي‘ ڪري ڏيکاريو. هن ناٽڪ جا هدايتڪار هئا، مولچند لعلواڻي ۽ گاگنمل مورجاڻي ۽ رول ادا ڪندڙ ڇوڪريون هيون گوپي ملڪاڻي، ڪماري چندر منسڪاڻي ۽ چندني آڏواڻي.

**سنڌ سوشل لٽرري ڊرئميٽڪ ڪلب، حيدرآباد:** 1922ع ڌاري هندو اڪيڊمي پاران برپا ٿيل هن ڊرئميٽڪ سوسائٽيءَ پنهنجي ساليانى جلسي واري موقعي تي هڪ مشهور ڊرامو پيش ڪيو، جنهن جي آمدني ڪي اڪيڊمي جي ترقي تي خرچ ڪيو ويو. بعد ۾ ڪجهه عرصي تائين هيءَ سوسائٽي هر سال ناٽڪ پيش ڪندي رهي.

**حيدرآباد ناٽڪ منڊلي، حيدرآباد:** 1931ع ڌاري هيءَ منڊلي ناٽڪ جي فن سان چاهه رکندڙ حيدرآباد سنڌ جي شهرين ناهي، جيڪا عام طور ”حيدرآباد ناٽڪ منڊلي“ جي نالي سان مشهور ٿي. هن منڊليءَ تنهن وقت جي مشهور سنڌي شاعر ليکراج عزيز جا ناٽڪ جهڙوڪ: ”ڪمار اجيت سنگ“، ”مسٽر مجنون، ”هارجيت“ ۽ ”غريبان مار“ رچايا هئا.اديه ڪمار جهانگياڻيءَ جا ”قرباني“ ۽ ”انصاف“ ، ”جهانگير“ ۽ ”اڄڪلهه“ به رچايا. هن منڊلي گهٽي عرصي ڪان پوءِ م. ع ڏيپلائي جا مشهور ناٽڪ نورجهان جو پٽ، سڄائي موڙي ۽ ڪانگريس ۽ ايل. ايل ڏوڏيجا جو ’شادي جون ٻيڙيون‘ ناٽڪ اسٽيج تي پيش ڪيا هئا.

**دي ينگ مين ڊرئميٽڪ ڪلب:** 1932ع ۾ ڊرئميٽڪ ڪلب حيدرآباد جي نوجوان فنڪارن ناهي هئي. هن ڪلب ۾ رچايل ڊرامن ۾ مشهور ”سسئي پنهون“ هو، جيڪو منگل سنگ رامچنداڻيءَ لکي اسٽيج ڪرايو هو.

**ڪاليج اسٽوڊنٽس ڊرئميٽڪ ڪلب، ڪراچي:**1936ع ۾ جڳو آڏواڻي (بمبئي جو فلم ڊائريڪٽر) جي سرپرستي هيٺ ڪراچي جي ڪاليجي شاگردن هيءَ ڊرئميٽڪ ڪلب ٺاهي هئي. هن منڊلي لاءِ جڳو آڏواڻي پهريون ڊرامو ’افلاطون‘ لکيو هو. جنهن جا هدايتڪار جڳو آڏواڻي ۽ منگهارام ملڪاڻي هئا ۽ ان ۾ حصو وٺندڙ اداڪار هئا: جڳو آڏواڻي، خانومنسڪاڻي، منگل رامچنداڻي، ڪشنو جڳتياڻي ۽ لکي ملڪاڻي.“ (42)

**يونائيٽڊ آرٽسٽس ڊرئميٽڪ سوسائٽي، حيدرآباد:**1937ع ڌاري نئشنل ڪاليج حيدرآباد جي اسٽيج تي هن ڊرئميٽڪ سوسائٽيءَ پنهنجي افتتاحي تقريب ۾ منگهارام ملڪاڻيءَ جو مشهور ناٽڪ ’انارڪلي‘ ڪري ڏيکاريو.

**ڪجھ ٻين شهرن جو ڊرامن ۾ حصو:**

ڪراچي ۽ حيدرآباد ڪان علاوه سنڌ جي ٻين بہ ڪيترن ئي شهرن ۾ ڊرئميٽڪ سوسائٽين جو شعور ۽ شوق انتها تي پهتل هو. ننڍن وڏن شهرن ۾ سنڌي سڀاجهڙا ڊرامي جا ديوانہ ٿي پيا هئا. ڊرامي جو فن بلنديں تي پهتل هو. لاڙڪاڻو، شڪارپور، جيڪب آباد، دادو، خيرپور، نوابشاهه، ماتلي، سکر، ميرپور خاص، ٺٽو، نوشهروفيروز، مورو، بدين وغيره سنڌي اسٽيج ڊرامن ۾ نمايان هئا. هيٺ ڪجھ ڊرئميٽڪ سوسائٽن جو مختصر جائزو ڏجي ٿو.

**ڌرم اپڪار ايميچوئر ڊرئميٽڪ سوسائٽي، شڪارپور:** ڪراچي، حيدرآباد ڪان پوءِ، شڪارپور اهڙو شهر هو، جتي علمي ۽ ادبي سرگرميون چوٽ چڙهيل هيون. سنڌي اسٽيج ڊرامي هتي پنهنجي عروج کي ڇهيو، جڏهن ڊرئميٽڪ سوسائٽيون قائم ٿيون تہ انهن ۾ ”ڌرم اپڪار ايميچوئر ڊرئميٽڪ سوسائٽي، ديوان ٺاڪرداس ناگراڻيءَ شڪارپور ۾ 1897ع ۾ برپا ڪئي هئي، جنهن جو پهريون صدر ديوان ٺاڪر داس پاڻ ئي ٿيو، جيڪو پنهنجي وقت جو جج ۽ مشهور اداڪار هو. ۽ سوسائٽي باقاعدي رجسٽر ٿيل هئي. هن ڊرئميٽڪ سوسائٽيءَ جو جنرل سيڪريٽري مهراج بنسي رام هو. هن سوسائٽيءَ بهترين ڊرامن پيش ڪرڻ سان وڏي مشهوري ماڻي.هن ڊرئميٽڪ سوسائٽيءَ جي مکيہ قلمڪارن ۾ ديوان ٺاڪرداس، آغا غلام نبي المعروف’ آغا صوفي ‘۽ مهراج تيجڀانداس هئا. جڏهن

تہ ڊاڪٽر انور فگار هڪڙي مطابق:”هن سوسائٽيءَ جي جهوني اداڪار استاد هادي بخش ابڙي جو چوڻ آهي تہ سوسائٽي 96_1895ع ۾ برپا ٿي ۽ 1897ع ۾ رجسٽرڊ ٿي هئي. هن سوسائٽيءَ کي ترقي وٺرائڻ جي مد ۾ ان وقت شڪارپور جي هندو توڙي مسلمان سنڌي ڪامورن وڏي دلچسپي ورتي هئي. هن سوسائٽيءَ ٿوري ئي عرصي ۾ غير معمولي شهرت حاصل ڪري ورتي. هر مهيني چنڊ جي پهرئين آچر تي سوسائٽيءَ پاران ڪو نہ ڪو پروگرام پيش ڪيو ويندو هو. هن سوسائٽيءَ کي ٿئيٽر، با غ باغيچا، بيڊمنٽن هال، ٽيبل ٽينس هال وغيره پنهنجا هوندا هئا. هن ناٽڪ منڊلي پنهنجي وقت ۾ سنڌ جي اندر ڊرامن کي هٿي وٺرائيندي ان جي جوڳي خدمت ڪئي.“(43)

آغا حشر جو شڪسپيئر جي ناٽڪ King Lear جو ترجمو ”سفيد خون“ ڪنهن عرص دراز کان سنڌ ۾ مقبول ۽ مشهور هو ۽ مختلف شهرن ۾ اسٽيج ٿيندو رهيو. آغا حشر، هن ناٽڪ کي ترجمي جي بجاءِ هندستاني ماحول مطابق الٿو ڪيو هو ۽ سڀئي ڪردار هندستاني مسلمان هئا. هن ناٽڪ کي ”ڏرم اپڪار اميچوئر ڊرئميٽڪ سوسائٽي“ جي هڪ ليکڪ ۽ اداڪار پرسرام بولاخاڻيءَ 1911ع ۾ سنڌي ۾ ترجمو ڪري پنهنجي سوسائٽي طرفان پيش ڪيو. هي ناٽڪ ٽن ايڪٽن تي مبني هو، جنهن مان پهرين ايڪٽ ۾ پنج، ٻئي ۾ پنج ۽ ٽئين ۾ چار سين هئا.

هن ناٽڪ جو پلاٽ شهنشاهہ خاقان جو جلدبازيءَ جو فيصلو آهي، جڏهن هن پنهنجي ايماندار ڌيءُ جي ايمانداري برداشت نہ ڪئي. مگر جعلساز ۽ غدار وزيرن، مشيرن ۽ وڏين ڌيئرن جي قدم قدم سازش اقتدار جي حوس ۽ انهن جي بدبختي جو انجام سان لاڳاپيل آهن. هي ترجمو، شايع ٿيو هو يا نہ، ان لاءِ ادبي تاريخون خاموش آهن.

هن سوسائٽيءَ ۾ آغا غلام نبي صوفي ڊائريڪٽر ۽ هدايتڪار طور ننڊي عمر ۾ پنهنجي صلاحيتن جو ڀرپور مظاهرو ڪيو. هن ڊراما سوسائٽيءَ ڪيترائي ڊراما اسٽيج ڪيا جيڪي مقبول ٿيا. اهڙن ڊرامن ۾ مرزا قليچ بيگ جو ”شڪنتلا“، منڊليءِ جي صدر ديوان ناڪر داس جو ”چندرا ولي“ ۽ ”تريا چلتر“،

گاگن سنگ آتما سنگھ آڏواڻيءَ جو "شڪنتلا دشنيت" ۽ ٻيا ڪيترائي شامل آهن. هنن ڊرامن کي اسٽيج تي پيش ڪرڻ ۽ ڪامياب بڻائڻ ۾ پردي پويان ٻين دوستن سان گڏ آغا صوفيءَ جو به اهم ڪردار آهي ".(44)

1964ع ڌاري هن ناٽڪ منڊليءَ تان آخري ڊرامو "هير رانجهو" پيش ٿيو. هيءَ ناٽڪ منڊلي پنهنجا ڊراما شڪارپور کان سواءِ سکر، ڪراچي، حيدرآباد، چمن، ڪوئٽا وغيره ۾ به پيش ڪرڻ ويندي هئي. لوڪرام ڏوڊيجا لکي ٿو ته: مهراج ڀلاج سوردا جي پارٽ ۾ داس پري ديالا وري ڳائيندو هو ته پاڻ به روئيندو هو ته حاضرين کي به روئاري وجهندو هو. اڄڪلهه هن ناٽڪ منڊليءَ واري هنڌ تي افشان سئنيما قائم آهي.

**الهلال ڊرئميٽڪ سوسائٽي ، شڪارپور:**آغا غلام نبي صوفي جو جنم آغا گل حسن خان درانيءَ جي گهر ۾ شڪارپور ۾ ٿيو. هي گهراڻو علم، ادب ۽ تعليم جي لحاظ کان اتر سنڌ ۾ خاص مقام رکندڙ هو. هن خاندان، سنڌي سماج ۽ ادب جي خدمت لاءِ ڪي سوسائٽيون پڻ قائم ڪيون. گل حسن خان درانيءَ پينشن تي لهڻ کان پوءِ شڪارپور ۾ زميندارن جي فائدي لاءِ "گرين سيل سوسائٽي" جو بنياد وڌو. جنهن جو آغا صوفي آخر تائين صدر رهيو. آغا غلام نبي پاڻ بهترين شاعر هو ۽ "صوفي" تخلص استعمال ڪندو هو. آغا صوفي ڪيترائي ڊراما به لکيا ۽ ڊرئميٽڪ سوسائٽيون قائم ڪيون. پاڻ "الهلال ڊرئميٽڪ سوسائٽيءَ" جو بنياد 1924ع ۾ شڪارپور ۾ وڌو. هن ڊرئميٽڪ سوسائٽي ڪيترائي سنڌي ۽ اردو ڊراما اسٽيج ڪيا، جن ۾ سنڌس"دنيا دورنگي" ۽ "شان اسلام"، 'آغا حشر جو "مدهوش" ۽ ماسٽر رحمت علي جو" تصوير رحمت" نهايت محنت سان ڪري ڏيکاريا ويا، جيڪي ڏسندڙن ۾ تمام گهڻا مقبول ويا. انهن ڊرامن ۾ جيڪي اداڪار حصو وٺندا هئا، تن ۾ پيرل خان پٺاڻ (وِلين جو ڪردار ادا ڪندڙ) غلام حسين جهلڻ، عبدالغفار سومري کان علاوه پير محمد عرف پيرن جوڙيو 'مشتاق' جا نالا قابل ذڪر آهن، هيءَ ڊرئميٽڪ سوسائٽي 29-1928ع ڌاري بند ٿي وئي".(45)

آغا غلام نبي جن ٻه ٻين ڊرامن ۾ ”ڪرشن ڪرپا“، ”ڪاليج ڪا زمانا“، ”پهلا پيار“ وغيره اهم آهن. ”الهلال ايميچوئر ڊرئميٽڪ سوسائٽي“ جي هڪ ٻي شاخ لاڙڪاڻي ۾ پڻ قائم ٿي هئي.

**چانڊڪا ايميچوئر ڊرئميٽڪ سوسائٽي، لاڙڪاڻو:** برطانوي راڄ ۾ ڪي ناٽڪ منڊليون لاڙڪاڻي شهر تماشا ۽ ناٽڪ رچائينديون هيون. سڀ کان اول ”نارائڻداس ٿيئٽر“ قائم ٿيو هو. اڳتي هلي ڊرئميٽڪ سوسائٽيون قائم ٿيون، جن ۾ ”چانڊڪا ايميچوئر ڊرئميٽڪ سوسائٽي“ ۽ ”الهلال ايميچوئر ڊرئميٽڪ سوسائٽي“ اهم آهن.

چانڊڪا ايميچوئر ڊرئميٽڪ سوسائٽي جي سلسلي ۾ ڊاڪٽر محمد يوسف پنهور لکي ٿو ته ”1907 ۾ هيءَ ڊرئميٽڪ سوسائٽي قائم ٿي جنهن جو روح روان ڪشنچند بيوس هو. پنهنجي دور ۾ هن منڊليءَ جي تمام گهڻي مشهوري انهي ڪري ٻه هئي ته هيءَ پنهنجا لوڪ پسند ناٽڪ لاڙڪاڻي ۾ اسٽيج تي پيش ڪرڻ کان پوءِ جيڪب آباد، شڪارپور، سکر، حيدرآباد ۽ ڪراچي ۾ ٻه وقت ٻه وقت ڪري ڊيڪارينديي هئي. هن منڊليءَ جو مکيه ناٽڪ نويس ۽ هدايتڪار خود ڪشنچند بيوس هو، جنهن جا مقبول ناٽڪ جهڙوڪ ”خوبصورت بلا“، پهريون ناٽڪ، ”بلوا منگل“، ”راجا هرشچندر“، ”منوهر نانگڻ“، ”دروپدي“، ”پرت پوڄارڻ“، ۽ ”هارجيت“ وغيره تمام گهڻي ڪاميابيءَ سان پيش ٿيا هئا. آخر ۾ هن منڊلي ”شڪ جو شڪار“ پيش ڪيو هو، جنهن ۾ ڪشنچند بيوس رامايڻ جي هڪ ڪهاڻيءَ کي ناٽڪي صورت ۾ آندو هو. هن ناٽڪ منڊليءَ جا مشهور اداڪار هئا: مولچند پنجواڻي، ٿهلرام تنور ملاڻي، لڇيرام لاهوري، مهاراج ڪندن، گوبند ناٿاڻي، رام پنجواڻي، هرداس مل ايسراڻي ۽ گوبند رام سيوهاڻي“.(46)

**شنڪر ايميچوئرس ڊرئميٽڪ سوسائٽي:** 1930ع ۾ سکر ۾ ”شنڪر ايميچوئرس ڊرئميٽڪ سوسائٽي“ قائم ٿي، جنهن جو سرپرست خوشي مولاڻي هو، جيڪو پاڻ ئي هن منڊليءَ جو هدايتڪار ٻه هو. هن ڊرئميٽڪ سوسائٽيءَ مشهور ليکڪ خانچند درياڻيءَ، منگهارام ملڪاڻي، ليلارام ماکيجاڻيءَ جا مقبول ناٽڪ ’بک جو شڪار‘، ميلاپ‘ ۽ ’قاتل مسافر‘ پيش ڪيا.

**اسڪول ناٽڪ منڊلي، ميرپور خاص:** 1939ع ڌاري ميرپور خاص مدرسي ۾ هيءَ ناٽڪ منڊلي قائم ٿي، جنهن سڀ کان پهرين محمد اسماعيل عرساڻيءَ جو مشهور ناٽڪ "بدنصيب ٿري" پيش ڪيو. هي ڊرامو تعليم پکيڙيو واري تحريڪ جي روشنيءَ ۾ لکيل هو. هن ناٽڪ ۾ ٿري زندگيءَ جو چٽ مڪاني تلفظ ۽ محاوري ۾ چٽيل هو.

**ساهتي ڊرئميٽڪ سوسائٽي، نوشهروفيروز:** 1940ع ڌاري عثمان علي انصاري جڏهن ساهتي هاءِ اسڪول جو هيڊ ماستر هو، تڏهن سندس سرپرستيءَ هيٺ هيءَ ڊرئميٽڪ سوسائٽي قائم ٿي. هن سوسائٽيءَ انصاري صاحب جا ترجمو ڪيل شيڪسپيئرجا ٻه ڊراما "جرم وفا" ۽ "گمراهه دوست" اسٽيج تي پيش ڪيا هئا جن ۾ حصو وٺندڙ اداڪار اسڪول جا شاگرد هئا". (47)

**سنڌي اسٽيج ڊرامن جون ڪجهه دلچسپ حقيقتون**

سنڌي ڊرامي جي شروعات سنڌي اديبن انگريزن کان متاثر ٿي ڪئي. ان کان اڳ سنڌ ۾ اسٽيج جو ڪو اهتمام ڪو نه هوندو هو. جڏهن انگريزن سنڌ ۾ ڊراما رچايا ۽ ڪي ناٽڪ منڊليون سنڌ ۾ وجود ۾ آيون، تڏهن سنڌي اديبن ۾ ڊرامي جي شوقينن ڪي اسٽيج ۽ ناٽڪ منڊلين قائم ڪرڻ جو شوق ٿيو. جن سنڌي ڊرامي کي شروع ڪيو، انهن ۾ اڪثر اهي شخص هئا، جيڪي انگريزي علم و ادب سان سرشار هئا. هن دور ۾ اسٽيج اجان گهڻي ترقي ڪا نه ڪئي هئي نه وري سنڌي سماجهڙا جديد ٽيڪنالاجي سان سرشار هئا. اهوئي سبب آهي جو اسٽيج دوران ڪيتريون خاميون رهجي وينديون هيون.

1. سنڌي ڊرامي جي شروعات تعليمي اداري سنڌ ڪاليج، ڪراچي کان ٿي. ان آغاز کان پوءِ جيڪي ڊراما اسٽيج ڪيا ويا سي ان وقت جي ڏنڏوڙي ناٽڪ منڊلين جي عام بازاري طرز تي نه پر اهي تعليمي ادارن جي احاطي ۾ استادن ۽ شاگردن پاڻ ۾ گڏجي خاص اهتمام سان ڪيا ويا
2. ٿوري وقت ۾ سنڌي اسٽيج ايتري نه ترقي ڪئي جو هر ننڍي وڏي شهر ۾ ناٽڪ منڊليون قائم ٿي ويون. ڪراچي، حيدرآباد، شڪارپور ۽ لاڙڪاڻو اسٽيج ڊرامن جو مرڪز هئا.

3. ناٽڪ منڊليون ايتري تہ ترقي ڪري ويون جو هال ڀريل هوندا هئا ۽ ماڻهو اڳوات ٽڪيٽون حاصل ڪندا هئا. مزاحيہ ڊراما اسٽيج ڪي وڌيڪ دلچسپ بڻائي ڇڏيندا هئا.
4. اسٽيج ڊرامن جي خاص ڳالهہ اها هوندي هئي تہ انهن ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪ مزاحيہ ڪردار هوندو هئو، جيڪو تماشائين ڪي وندرائيندو هئو.
5. اڪثر ڊراما شعرن، مذهبي گفتن، حمد، نعت وغيره سان شروع ٿيندا هئا.
6. زنانا رول ادا ڪرڻ لاءِ زائفائون ڪو نہ هيون. ان ڪري اهي لسڙات ڇوڪرن کي ادا ڪرڻا پوندا هئا. پهرين نوجوان ڇوڪري جنهن ناٽڪ ۾ رول ڪيو. سا هئي نئن مير چنداڻي، جنهن منگهارام ملڪاڻيءَ جي ”انارڪلي“ ناٽڪ ۾ انارڪلي جو پارٽ ادا ڪري ڏسندڙن کي منڊي ڇڏيو. ان بعد ٻيون ڇوڪريون اسٽيج تي آيون. جن ۾ مکيہ هيون گوپي ملڪاڻي، چندرا منسڪاڻي، چانڊني آڏواڻي وغيره.
7. وڏن ناٽڪن ۾ نہ فقط گانا پيش ڪيا ويندا هئا پر منجهن ناچ بہ پيش ڪيا ويندا هئا. جيڪي بہ زنانا پارٽ ڪندڙ ڇوڪرا ڏاڍي ناز انداز سان پيش ڪندا هئا. ناٽڪ پيش ٿيڻ بعد اهڙن ڇوڪرن جو بازار يا گهٽيءَ مان لنگهڻ وڏو رونشو هوندو هو. وله وله جاني، وڃائي ڇڏيئہ. يار توسان عشق تي ويو آهي . . . معشوق، خميسون مون ڪان سبائجان ۽ بلڪل مفت . . . تولاءِ ائين ٽوڪري رکي آهي . . . وله جي ايڪٽنگ ڪيئي.
8. ناٽڪن ۾ ڪلائڻ لاءِ هڪ باءِ پلاٽ بہ رکيو ويندو هو، جنهن جو لاڳاپو ناٽڪ جي مکيہ ڪردارن يا مرڪزي خيال سان يا تہ ڪو نہ هوندو هو يا تہ دور جو هوندو هو.
9. اسٽيج تي ڪي بہ سيٽ وغيره نہ رکيا ويندا هئا، رنگين، چٽيل پردا هوندا هئا، جن جو ناٽڪ سان ڪو لاڳاپو ڪو نہ هوندو هو. مثال طور نظاري ۾ ديوان يا زميندار وينو هاري ناري سان گفتگو ڪندو يا ڪيس چنڊ ڪيندو تہ پٺيان پردي تي نانگ بلائون ڇپيا پيا هوندا هئا. نظارا، پردي جي لاهڻ چاڙهڻ سان بدلجندا رهندا هئا.

10. تن ڏينهن ۾ وڏن شهرن کي ڇڏي ڳوٺن ۾ بجلي به ڪا نه هئي. مائيڪ جو ته ڪنهن نالوئي ڪو نه ٻڌو هو. اداڪارن جي آواز کي اوچو ڪرڻ لاءِ اڳيان خالي دلا ۽ مٽڪا رکيا ويندا هئا. جيئن آواز پڙاڏو بنجي ٻڌندڙن تائين پهچي. ائڪٽرن جو آواز گهگو نه ٿي پوي ان لاءِ ناٽڪ پيش ٿيڻ کان هفتو کن اڳ کين کاڌي جي پرهيز ڪرڻ جون سخت هدايتون هونديون هيون ڏڌ ۽ کٽاڻ ڪائڻ تي بندش هئي.

انگريز دور جي سنڌي اسٽيج ڊرامي لاءِ پروفيسر محمد يوسف پنهور لکي ٿو ته "سنڌي ناٽڪ جو ماضي نهايت شاندار ليکجي ٿو. سو انهي ڪري ته هنن ڊرامن جا ليکڪ توڙي هدايتڪار ۽ اداڪار ڌنڌوڙي (Professionals) نه هئا، بلڪه هنن معاشري ۾ پنهنجو خاص مرتبو رکندي به سنڌي ناٽڪ کي وڏي ترقي ڏياري. انهيءَ ڪري ماضيءَ جي ناٽڪن ۾ گهڻو ڪري تعليمي ماهر، وڪيل، برک دانشور ۽ وڏا واپاري حصو وٺندا هئا ۽ سندن بي لوث ڪوشش سان ماضيءَ ۾ سنڌي ناٽڪ عروج تي پهتل هو". (48)

**حوالا**


1. The Kosid, Karachi (Volume –I), No. 2, Tuesday, 6 June 1954, p. 1
2. The Kosid, Karachi (Volume –I), No. 5, Tuesday, 22 June 1954, p. 3
3. The Kosid, Karachi (Volume –I), No. 2, Tuesday, 6 June 1954, p. 1
4. The Kosid, Karachi , 13 February , 1855, p. 3
5. The Kosid, Karachi , 9 March , 1855, p. 4
6. The Kosid, Karachi , 21 December 1855, p. 3
7. ڊاڪٽر محمد يوسف پنهور: سنڌي اسٽيج ڊرامي جو ماضي ۽ حال، ماهوار پيغام آڪٽوبر 1983ع، ص 31
8. ڊاڪٽر غلام حسين پناڻ:"سنڌي ناول جي ارتقا"،انسٽيٽوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو، 1986ع، ص 151،152
9. ڊاڪٽر موتي پرڪاش:" ورهاڱي کان اڳ سنڌ ۽ پوءِ هند ۾ سنڌي ناٽڪ"(سنڌ ماضي حال ۽ مستقبل) شاهه عبداللطيف چيئر، ڪراچي، 2006ع، ص 62
10. الله بخش عقيلي "سرشار" : سنڌي ادب ۾ ناٽڪ نويسي، نيئن زندگي، اپريل 1954ع

11. پروفيسر منگھارام ملڪاڻي: ”سنڌي نثر جي تاريخ“، روشني پبليڪيشن، حيدرآباد 1993، ص 108
12. ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ: ”ڪراچي ضلعي جو سنڌي ادب جي ترقيءَ ۾ ڪردار“، (قلمي)، ص 211
13. مير محمد نظاماڻي: ”سنڌي ڊراما ان جو ارتقا نظريو فن ۽ تاريخ“، انسٽيٽوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو،1982 ع، ص48
14. ڊاڪٽر محمد يوسف پنهور: ”سنڌي ناٽڪ جي تاريخ“، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو، 1992 ع، ص 21
15. لعل سنگهه اجواڻي (ترجمو: هيروشيوڪاڻي) : ”سنڌي ادب جي تاريخ“، سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد، 2007 ع، ص 244، 245
16. پروفيسر منگھارام ملڪاڻي: ”سنڌي نثر جي تاريخ“، روشني پبلڪيشن، حيدرآباد 1993، ص 112
17. مراد علي مرزا: ”قلم جنين هٿ ۾“، ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ، 2014 ع، ص 97، 98
18. يوسف سنڌي: ” سنڌي ادب هڪ سئو سنڌي اديب“،سچائي اشاعت گهر، دڙو، 2011 ع، ص 421
19. ڊاڪٽر محمد يوسف پنهور: ”سنڌي ناٽڪ جي تاريخ“، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو، 1992 ع، ص 39
20. ساڳيو حوالو، ص 40
21. مختيار احمد ملاح: ” ادبي سوسائٽين جو سنڌي علم ۽ ادب جي ترقيءَ ۾ ڪردار“، ريڪائون پبليڪيشن، ڪراچي، 2021 ع، ص 294
22. Daily Sind Gazettee Karachi, dated 9_6_1916, p.4
23. ڊاڪٽر محمد يوسف پنهور: ”سنڌي ناٽڪ جي تاريخ“، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو، 1992 ع، ص 28
24. مختيار احمد ملاح: ”ادبي سوسائٽين جو سنڌي علم ۽ ادب جي ترقيءَ ۾ ڪردار“، ريڪائون پبليڪيشن، ڪراچي، 2021 ع، ص 162
25. Daily Sind Gazettee Karachi, dated 5_1_1922, p.5
26. انسائيڪلوپيڊيا _ سنڌيانا (جلد_2)، سنڌي لئنگويج اٿارٽي، حيدرآباد، 2010 ع، ص 498

27. محمد اسماعيل عرساڻي: "چار مقالا" سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، 1983 ع، ص 47

28. مختيار احمد ملاح: " ادبي سوسائٽين جو سنڌي علم ۽ ادب جي ترقيءَ ۾ ڪردار"، ريڪائون پبليڪيشن، ڪراچي، 2021 ع، ص 150

29. Dr. Dur Muhammad Pathan: "Rabindranath Tagore Literary & Dramatic Club of Sindh", Gul Hayat Institute Website

30. ساڳيو حوالو، ص 36

31. انسائيڪلو پيڊيا سنڌيانا (جلد پنجون)، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد، 2012 ع، ص 227

32. گل حسن ڪلمتي: "ڪراچي سنڌ جي مارئي" ، نئون نياپو اڪيڊمي، ڪراچي (ٻيو ڇاپو)، 2014 ع، ص 350

33. غلام رسول بلوچ: "سنڌي ڊراما هڪ صديءَ جو تاريخي ۽ تنقيدي جائزو" ، 1983 ع، ص 158

34. پروفيسر منگهارام ملڪاڻي: "سنڌي نثر جي تاريخ"، روشني پبليڪيشن، حيدرآباد 1993، ص 167

35. ساڳيو حوالو، ص 167

36. ڊاڪٽر محمد يوسف پنهور: "سنڌي ناٽڪ جي تاريخ"، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو، 1992 ع، ص 24،25

37. ڊاڪٽر محمد يوسف پنهور: "سنڌي ناٽڪ جي تاريخ"، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو، 1992 ع، ص 32

38. اي. جي. اتم : (حيدرآباد منگهارام ملڪاڻيءَ جي نظر ۾)، حيدرآباد جي تاريخ (مرتب حسين بادشاهه)، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، 2000 ع

39. موتيرام ايس راماڻي: "سنڌ ۽ اسان جو ورثو" (جلد 2 )، شارڊا پرڪاشن بمبئي، 1987 ع،ص 120، 121

40. ڊاڪٽر محمد يوسف پنهور: "سنڌي ناٽڪ جي تاريخ"، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو، 1992 ع، ص 28، 29

41. انسائيڪلو پيڊيا سنڌيانا (جلد ٽهريون)، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد ، 2009، ص 42

42. ڊاڪٽر محمد يوسف پنهور: ”سنڌي ناٽڪ جي تاريخ“، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو، 1992ع، ص 38،39
43. ڊاڪٽر انور فگار هڪڙو: ”شڪارپور شهر جو سنڌي ادب ۾ حصو“،انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو، ص 498
44. ڊاڪٽر مخمور بخاري: ” آغا غلام نبي صوفي، سچل سائينءَ جو شارح“، عوامي آواز ميگزين، 26 جولاءِ 2015ع
45. ساڳيو حوالو
46. ڊاڪٽر محمد يوسف پنهور: ”سنڌي ناٽڪ جي تاريخ“، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو، 1992ع، ص 26
47. مختيار احمد ملاح: ” ادبي سوسائٽين جو سنڌي علم ۽ ادب جي ترقيءَ ۾ ڪردار“، ريڪائون پبليڪيشن، ڪراچي، 2021ع، ص 384،385
48. پروفيسر محمد يوسف پنهور: سنڌي اسٽيج ڊرامي جو ماضي ۽ حال، ماهوار پيغام آڪٽوبر 1983ع، ص 31

# انگريزن جي دور جي ڊراما جو جائزو

1980 ع ۾ سنڌي ڊراما جي هڪ صدي ملهائي وئي، جنهن جو بنياد مرزا قليچ بيگ جي 1880 ع ۾ لکيل ”ليلا مجنون“ کي بنايو ويو آهي. پر سنڌ جي مختلف عالمن جا سنڌي ڊرامي جي شروعات بابت اختلاف آهن. سنڌي ڊرامي جي شروعات جي باري ۾ جنيت ريلواڻيءَ پنهجي ڪتاب ۾ انڪشاف ڪيو ته ”سن 1875 ع کان اڳ سنڌي ناٽڪ ڏسڻ ۾ نه ٿو اچي. ان سال مس ميري ڪارپينٽر سنڌ ۾ آئي هئي. حيدرآباد ٽرئينگ ڪاليج جي هيڊ ماستر هڪ کهاڻي تان ناٽڪ تيار ڪري شاگردن کان پيش ڪرايو هو پر اهو ڇپيو ڪو نه هو.“ (1)

ڊاڪٽر غلام علي الانا ”ڪليات خادم“ جي حوالي سان لکيو آهي ته ”خادم صاحب هي ڪتاب حيدرآباد ۾ غالباََ 1879 ع ۾ لکيو هو، جيڪڏهن اهو سن درست سمجهيو وڃي ته پوءِ سنڌي ادب ۾ پهريون ڊرامو امام بخش ”خادم“ جو ”هير رانجهو“ ئي ٿي سگهي ٿو ۽ نه مرزا قليچ بيگ وارو ”ليليٰ مجنون“ جو 1880 ع ۾ لکيو ويو هو.“ (2) ساڳيو موقف رکندي ڊاڪٽر ميمڻ عبدالغفور سنڌي لکيو آهي ته ”شڪارپور جي بدوي خاندان مان محترم جناب امام بخش بدوي (1861 ـ 1918) سال 1879ع ۾ ”هير رانجهو“ نالي هڪ ڊرامو به لکيو جيڪو اڄ تائين اسٽيج تي نه اچي سگهيو آهي.“ (3)

مير محمد نظاماڻي لکيو آهي ته ”ٻئي طرف شمس العلماءُ مرزا قليچ بيگ جا اوائلي ڊراما ”ليليٰ مجنون“ ۽ ”خورشيد“ اٽڪل هڪ سو سال اڳ شايع ٿيا ۽ ان وقت کان وٺي سنڌي ڊرامي جي تاريخ بلڪ سنڌي ادب جي تاريخ ۾ نهايت اهم مقام حاصل ڪري چڪا آهن انهيءَ ڪري هي حقيقت آهي ته مرزا قليچ بيگ مرحوم سنڌي ڊرامي جو باني آهي ۽ سندس لکيل ڊراما ”ليليٰ مجنون“ ۽ ”خورشيد“ سنڌي زبان جا اوائلي ڊراما آهن.“ (4) اي جي اتم پنهنجي راءِ ڏيندي لکي ٿو ته ”ناٽڪ جي صدي جي موقعي تي سنڌ توڙي هند ۾ پهرين سنڌي ناٽڪ مرزا قليچ بيگ جي ”ليلا مجنون“ تي رواد ٿيو آهي ته ان کان اڳ پهريون ناٽڪ

”هير رانجهو“ هو جيڪو شاعر امام بخش خادم 1879ع ۾ لکيو هو. ان هوندي به سنڌي ناٽڪ جو ابو ته مرزا قليچ بيگ ئي سڏبو، جنهن جي هڪ ٻئي پنيان 30 ننڍا وڏا ناٽڪ لکي ان جي پيڙهه پختي ڪئي.“ (5)

امام بخش خادم (1861 – 1918)، ”هير رانجهو“ 1879ع ۾ موضوع هير رانجهي واري رومانوي داستان تي ٻڌل آهي. لطف الله بدوي صاحب ’خادم‘ جي هن تصنيف بابت وڌيڪ لکيو آهي ته، مڪالمن کي ڪافي دلڪش بنائڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي، پر هن هڪ نئين فن کي روشناس ڪندي، ڊرامي ۾ داستان گوئيءَ جي جهلڪ اچي ويئي آهي. مگر ان هوندي به ڊراما نويس سندس تصنيف مان هڪ داستان (سين) ڏجي ٿو، جنهن مان سندس اسلوب بيان ۽ طرز تحرير جي خبر پئجي ويندي:

داستان نائون

جهنگ سيال جو ڳوٺ

(هير ۽ دائي)

هير: منهنجي ليکي ته سڄي مجلس ڪيڙي جي هئڻ ڪري ڄڻ گره ۾ هئي، پر رانجهن سائين ان کي وري روشن ڪيو بيٺو هو. سو ويو ٻاهر ته ساڳي اونداهي ڇانئجي وئي. پوءِ تاريڪيءَ ۾ وهڻ جو ڪهڙو ضرور؟

دائي! مجلس برخواست ٿي يا نه؟

دائي: گهڻو ڪري سڀ هليا ويا آهن، باقي ڪي اچا وينا آهن. پر بي بي، تون ڇو غمگين پئي نظر اچين؟

هير: دائي! موت ۽ ملاقات اوچتي ٿيندي آهي، پر اترواري ڪنڊ ۾ چوکر بيٺو هو، سو تو سڃاتو ته ڪير هو؟

دائي: نه بي بي ، مون ته ڪو نه سڃاتو.

هير: توکي هڪڙي ڳالهه ٻڌايان، پر سا رکج دل ۾. هيترا ڏينهن پنهنجي دل جو راز پنهنجي اندر سانديو اٿم. پر ڪنيز جي نهائين چو نه ڪيتري به ڏکيل هجي، پر ان جي ڄر ضرور ايندي آهي. اهو اڄ توکي لاچار سلڻ پيو اٿم. اهو نوجوان هزارا جو وينل آهي، سندس نالو رانجهو آهي ۽ اسان وٽ ميهار ٿي بيٺو آهي. ان نينگر منهنجي

دل کسي پاڻ وٽ سوگهي ڪري رکي آهي.“[6]

امام بخش خادم جي هڪ قصي ”حاتم طائي“ جي سلسلي ۾ شفيع احم علويءَ لکيو آهي ته ”حاتم طائي جو وڏو قصو سنڌيءَ ۾ عام مشهور آهي، سو مرحوم حاجي امام بخش خادم بدويءَ لکيو آهي. هن قصي کي ڊراما جي صورت ۾ آڻڻ جو ڪم مرزا نادر بيگ سرانجام ڏنو.“[7]

سنڌي ناٽڪن جو علمبردار مرزا قليچ لڳ ڀڳ ٽيهه ڊراما لکي سنڌي ڊرامي جي پيڙهه پڪي ڪئي. سندس پهريون ڊرامو 1880ع ۾ ”ليلا مجنون“ نالي هڪ راڳ ناٽڪ (Opera) شايع ٿيو ۽ تنهن کان پوءِ 1885ع ۾ ”خورشيد“ ناٽڪ لکيائين، جيڪو هڪ گجراتي ناٽڪ ”خورشيد“ جو ترجمو هو. سنڌي ناٽڪ نويسي ۾ ٽيون نالو ڪوڙومل چندن مل جو آهي، جنهن 1888ع ۾ سنسڪرت جي راجا هريش جي ڊرامي جو ترجمو ”رتنا ولي“ جي نالي سان ڪيو. انهي کان پوءِ 1894ع ۾ مرزا قليچ جو ٽيون ناٽڪ ”گل بڪاولي“ ڇپيو.

سنڌ جي نالي وارن محققن جهڙوڪ پريم پرڪاش، محمد اسماعيل عرساڻي، الله بخش سرشار عقيلي، مير محمد نظاماڻي، اي.جي اتم، محمد يوسف پنهور ۽ ٻين مرزا قليچ بيگ کي سنڌي ڊراما جو ابو سڏيو آهي.

هن دور ۾ سنڌي ڊراما لکندڙن ۾ هندو ۽ مسلمان سنڌي اديبن جو گڏيل سهڪار هو، پر هندو اديبن جو ڪردار اڳ کان اڳرو هو. مسلم ڊراما نويسن ۾ شمس العلماءُ مرزا قليچ بيگ گهڻي ۾ گهڻا ڊراما لکيا، جنهن کان پوءِ احمد علي چاڳلا، عثمان علي انصاري، آغا غلام نبي، محمد اسماعيل عرساڻي، محمد عثمان ڏيپلائي ڊراما لکيا. باقي ڊراما نويس هندو هئا، انهن ۾ ماستر چيتانند ڪلنداس پرياڻي، ليلارام وطمل، ڪوڙومل ڪلناڻي، پيرومل مهر چند، ليلارام ماکيجاڻي، ڪشنچند بيوس، خانچند درياڻي، ڄيٺمل پرسرام، پرنسپال تيجومل شهاڻي، پرنسپال موتومل گدواڻي، ليکراج عزيز، پروفيسر منگهارام ملڪاڻي، ڊاڪٽر ليلارام ڦيرواڻي، پروفيسر رام پنجواڻي، پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻي، لالچند امرڏنو مل، آسانند مامتورا، پروفيسر خوشيرام واسواڻي، هوندراج دکايل ۽ چيتانند ناگراڻي سنڌي ٻوليءَ جا مشهور معروف اديب، شاعر ۽ ڊراما نويس هئا. انهن سيني

ڊراما نويسن، مسلمان توڙي هندو، مذهب، معاشرتي تعليم، سياست، ڏيتي ليتي، گهرو مسئلن مطلب تہ پنهنجي زماني جي هر اهم مسئلي تي سنڌي ۾ ڊرامن لکڻ جي ڪامياب ڪوشش ڪئي.

پروفيسر منگهارام ملڪاڻي لکيو آهي تہ "1894ع کان 1947ع تائين يعني 53 سالن جي عرصي ۾ ڪل 112 طويل (وڏا) ناٽڪ ۽ 88 ايڪانڪي (One Act plays) اسٽيج تي پيش ٿيا. ڊاڪٽر پريم پرڪاش، جنهن سنڌي ناٽڪ تي مقالو لکي ممبئي يونيورسٽي مان پي-ايچ-ڊي جي سند ورتي آهي، تنهن جي ڳڻ ڪيل تفصيلن موجب اٽڪل 145 ناٽڪ لکيا ويا، جن مان 77 ناٽڪ خود ساختہ يا لوڪ ڪهاڻين تي رچيل هئا، 33 انگريزي تان، 3 سنسڪرت تان، 4 گجراتي تان، 8 اردوءَ تان، 6 هندي تان، 8 مهاڀارت تان، 2 راماڻ تان، 1 مراٺي تان ترجمو ڪيل هئا. اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ اصلوڪا ناٽڪ گهٽ ۽ ترجمو ڪيل وڌيڪ هئا. ڊاڪٽر محمد يوسف پنهور پنهنجي ڪتاب "سنڌي ناٽڪ جي تاريخ" ۾ 228 ڊرامن جو شاندار تفصيل ڏنو آهي.

| سال | ناٽڪ | ناٽڪ نويس | مختصر جائزو | رچائيندڙ يا ڇپائيندڙ |
|---|---|---|---|---|
| 1880 | ليليٰ مجنون | مرزا قليچ بيگ | هندستاني "ليليٰ مجنون" تان ورتل | ماستر هريسنگ پبلشرز، سکر |
| 1885 | خورشيد | مرزا قليچ بيگ | گجراتي ناٽڪ "سونا نا مول ني خورشيد" تان ورتل | سرڪاري بڪ ڊيپو، ڪراچي |
| 1888 | رتنا ولي | ڪوڙو مل چندن مل | سنسڪرتي ناٽڪ جو ترجمو | رتن ساهتيہ منڊل، ڪراچي |
| 1894 | نل دمينتي | چيتانند ڪلڊداس پرياڻي | سنسڪرت "هرشچندر" جو ترجمو | سنڌ ڪاليج ناٽڪ منڊلي، ڪراچي |
| 1894 | بڪاولي | مرزا قليچ بيگ | اصلوڪو وڏو ناٽڪ | ماستر هريسنگ پبلشرز، سکر |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| 1895 | هرشچندر | ليلا رامسنگ وطڻ مل | مهاڀارت تان ورتل | سنڌ ڪاليج ناٽڪ منڊلي، ڪراچي |
| 1895 | لوڀي ۽ ٺوڳي | مرزا قليچ بيگ | اصلوڪو ننڍو ناٽڪ | سنڌ ڪاليج ناٽڪ منڊلي، ڪراچي |
| 1896 | موهن تارڪا | ليلا رامسنگ وطڻ مل | اصلوڪو ڦهريون سماجي ناٽڪ | سنڌ ڪاليج ناٽڪ منڊلي، ڪراچي |
| 1896 | شڪنتلا | مرزا قليچ بيگ | ڪاليداس جي ناٽڪ تان ورتل | سنڌ ڪاليج ناٽڪ منڊلي، ڪراچي |
| 1896 | انڪوائري آفيسر | مرزا قليچ بيگ | گوگول جو "انسپيڪٽرجنرل" | سنڌ ڪاليج ناٽڪ منڊلي، ڪراچي |
| 1896 | نورجهان ۽ جهانگير | مرزا قليچ بيگ | اصلوڪو وڏو ناٽڪ | ماستر هريسنگ پبلشرز، سکر |
| 1897 | حسنا دلدار | مرزا قليچ بيگ | شيڪسپيئر جو Merchant Venice of | سنڌ ڪاليج ناٽڪ منڊلي، ڪراچي |
| 1897 | نيم طبيب خطره جان | مرزا قليچ بيگ | اصلوڪو ننڍو ناٽڪ | سنڌ ڪاليج ناٽڪ منڊلي، ڪراچي |
| 1897 | سورجن راڏا | ليلا رامسنگ وطڻ مل | سماجي ناٽڪ | سنڌ ڪاليج ناٽڪ منڊلي، ڪراچي |
| 1897 | رام بنواس | ڏيئو مل گاگنمل | رامايڻ تان ورتل (قافيہ دار نثر ۾) | سنڌ ڪاليج ناٽڪ منڊلي، ڪراچي |
| 1897 | شڪنتلا دشينت | گاگنسنگ آڏواڻي | هندي ناٽڪ تان ورتل | ڌرم اپڪار ڊرئميٽڪ سوسائٽي، |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| | | | | شڪارپور |
| 1897 | نادر شاهه | مرزا قليچ بيگ | اصلوڪو وڏو ناٽڪ | ماستر هريسنگ پبلشرز، سکر |
| 1898 | رامايڻ | ليلا رامسنگ وطڻ مل | رامايڻ تان ورتل | سنڌ ڪاليج ناٽڪ منڊلي، ڪراچي |
| 1899 | شيخ چلي ۽ اگڻ مسخرو | مرزا قليچ بيگ | اصلوڪو ننڍو ناٽڪ | سنڌ ڪاليج ناٽڪ منڊلي، ڪراچي |
| 1900 | شاهه ايليا | مرزا قليچ بيگ | شيڪسپيئر جو King Lear | سنڌ ڪاليج ناٽڪ منڊلي، ڪراچي |
| 1901 | چندرا ولي | ديوان ٺاڪرداس | اصلوڪو وڏو ناٽڪ | ڌرم اپڪار ڊرئميٽڪ سوسائٽي، شڪارپور |
| 1902 | ڪشينت | شيواسنگ اجواڻي | شيريڊن جو Pizzaro | سنڌ ڪاليج ناٽڪ منڊلي، ڪراچي |
| 1903 | نشائن ڪي نصحيت | لوڪسنگ وطڻ مل | اصلوڪو نصيحت آميز ناٽڪ | سنڌ ڪاليج ناٽڪ منڊلي، ڪراچي |
| 1904 | مها انڌير | گاگنسنگ آڏواڻي | اصلوڪو ڌرمي ناٽڪ | ڌرم اپڪار ڊرئميٽڪ سوسائٽي، شڪارپور |
| 1905 | فيروز دل افروز | مرزا قليچ بيگ | لارڊلٽن جو and Night Morning تان ورتل | سنڌ ڪاليج ناٽڪ منڊلي، ڪراچي |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| 1905 | دروپدي | ليلا رامسنگ وطڻ مل | مهاڀارت تان ورتل | سنڌ ڪاليج ناٽڪ منڊلي، ڪراچي |
| 1905 | سنگ جو پرسنگ | ڪوڙو مل چندن مل | اصلوڪو نديو ناٽڪ | سنڌ ڪاليج ناٽڪ منڊلي، ڪراچي |
| 1905 | پارت چاوا ات اٿي جاڳ | لعل چند امرڏنو مل | اصلوڪو نديو ناٽڪ | بندي ماترم ناٽڪ منڊلي، حيدرآباد |
| 1906 | ڪرشن جي گوپي | موٽو مل گدواڻي | اصلوڪو نديو ناٽڪ | ڏيتي ليتي ناٽڪ منڊلي، حيدرآباد |
| 1906 | سيڻ ڪي ويڻ | لعل چند امرڏنو مل | اصلوڪو نديو ناٽڪ | ڏيتي ليتي ناٽڪ منڊلي، حيدرآباد |
| 1907 | خوبصورت بلا | ڪشنچند بيوس | آغا حشر جي اردو ناٽڪ تان ورتل | چاندڪا ايميچوئرس ڊرئميٽڪ سوسائٽي، لاڙڪاڻو |
| 1908 | شمشاد مرجانه | مرزا قليچ بيگ | شيڪسپيئر جو Cymbeline | سنڌ ڪاليج ناٽڪ منڊلي، ڪراچي |
| 1908 | گشت ڪي ڪشت | مرزا قليچ بيگ | اصلوڪو نديو ناٽڪ | سنڌ ڪاليج ناٽڪ منڊلي، ڪراچي |
| 1908 | شاه عادل خان | ليلا رامسنگ وطڻ مل | اصلوڪو نديو ناٽڪ | سنڌ ڪاليج ناٽڪ منڊلي، ڪراچي |
| 1908 | لوپي لاڪيٽا | ليلا رامسنگ وطڻ مل | اصلوڪو نديو ناٽڪ | سنڌ ڪاليج ناٽڪ منڊلي، ڪراچي |
| 1908 | بلوا منگل | ڪشنچند بيوس | آغا حشر جي اڙدو ناٽڪ تان ورتل | چاندڪا ايميچوئرس |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| | | | | ڊرئميٽڪ سوسائٽي، لاڙڪاڻو |
| 1909 | راجا هرشچندر | ڪشنچند بيوس | مهاڀارت تان ورتل | چانڊڪا ايميچوئرس ڊرئميٽڪ سوسائٽي، لاڙڪاڻو |
| 1909 | گلزارِ گلناز | مرزا قليچ بيگ | شيڪسپيئر جي Romeo and Juliet تان | سنڌ ڪاليج ناٽڪ منڊلي، ڪراچي |
| 1909 | عزيزِ شريف | مرزا قليچ بيگ | شيڪسپيئر جو Two Gentlemen of Verona | سنڌ ڪاليج ناٽڪ منڊلي، ڪراچي |
| 1910 | لک ڏيڍ ڪي لت | لعلچند امر ڏنو | اصلوڪو ننڍو ناٽڪ | ڏيتي ليتي ناٽڪ منڊلي، حيدرآباد |
| 1911 | نيڪيءِ بدي | مرزا قليچ بيگ | آغا حشر جو "خوبصورت بلا" | سنڌ ڪاليج ناٽڪ منڊلي، ڪراچي |
| 1911 | حرڪت مان برڪت | لعلچند امر ڏنو | اصلوڪو ننڍو ناٽڪ | سنڌ ڪاليج ناٽڪ منڊلي، ڪراچي |
| 1911 | نقد ڏرم | لعلچند امر ڏنو | اصلوڪو ننڍو ناٽڪ | ڏيتي ليتي ناٽڪ منڊلي، حيدرآباد |
| 1912 | سوديش | ڪوڙو مل چندن مل | سوديشي هلچل تي ننڍو ناٽڪ | ڏيتي ليتي ناٽڪ منڊلي، حيدرآباد |
| 1912 | حرص جو شڪار | پيرومل مهرچند | شيڪسپيئر جو King John | سنڌ ڪاليج ناٽڪ منڊلي، ڪراچي |
| 1912 | ڪملا | جهمٽ مل ٽڏاڻي | اصلوڪو سماجي ناٽڪ | عامل يونين ڊرئميٽڪ |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| | | | | انسٽيٽيوٽ، ڪراچي |
| 1913 | تريا چلتر | ديوان ٺاڪرداس | شيڪسپيئر جو Hamlet | ڏرم اپڪار ڊرئميٽڪ سوسائٽي، شڪارپور |
| 1914 | شهزادو بهرام | مرزا قليچ بيگ | شيڪسپيئر جو Hamlet | سنڌ ڪاليج ناٽڪ منڊلي، ڪراچي |
| 1914 | فريبي فتنو | نانڪرام ڌرمداس | ميري ڪاريلي جو Vendetta | ايميچوئرس ڊرئميٽڪ سوسائٽي، حيدرآباد |
| 1915 | پرهيز جي ٽولي | مرزا قليچ بيگ | اصلوڪو ننڍو ناٽڪ | سنڌ ڪاليج ناٽڪ منڊلي، ڪراچي |
| سال | ناٽڪ | ناٽڪ نويس | مختصر جائزو | رچائيندڙ يا ڇپائيندڙ |
| 1915 | ڊاڪٽر شام نارائڻ | گاگنسنگ آڏواڻي | اصلوڪو سماجي ناٽڪ | ڏرم اپڪار ڊرئميٽڪ سوسائٽي، حيدرآباد |
| 1916 | نيڪ | نانڪرام ڌرمداس | اردو ناٽڪ "خواب هستي" ترجمو | ايميچوئرس ڊرئميٽڪ سوسائٽي، حيدرآباد |
| 1917 | چندر | چاندومل ڪتري | اصلوڪو وڏو ناٽڪ | ڏرم اپڪار ڊرئميٽڪ سوسائٽي، |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| | | | | شڪارپور |
| 1917 | مهجور | چاندومل کتري | اصلوڪو وڏو ناٽڪ | ڌرم اپڪار ڊرئميٽڪ سوسائٽي، شڪارپور |
| 1917 | مسوهر موهني | چاندومل کتري | اصلوڪو وڏو ناٽڪ | سارسوت براهمڻ ڊرئميٽڪ سوسائٽي، ڪراچي |
| 1918 | شهريار شهر بانو | مرزا قليچ بيگ | اصلوڪو وڏو ناٽڪ | سنڌ ڪاليج ناٽڪ منڊلي، ڪراچي |
| 1918 | شيرين فرهاد | مرزا قليچ بيگ | اصلوڪو وڏو ناٽڪ | سنڌ ڪاليج ناٽڪ منڊلي، ڪراچي |
| 1918 | بدرمنير ۽ بينظير | مرزا قليچ بيگ | اصلوڪو وڏو ناٽڪ | سنڌ ڪاليج ناٽڪ منڊلي، ڪراچي |
| 1918 | نول لڪمشي | هرومل پريمچند | اصلوڪو وڏو ناٽڪ | سارسوت براهمڻ ڊرئميٽڪ سوسائٽي، ڪراچي |
| 1918 | وهمي وڪار | چاندومل کتري | اصلوڪو سماجي ناٽڪ | سارسوت براهمڻ ڊرئميٽڪ سوسائٽي، ڪراچي |
| 1918 | جمشيد حميده | مرزا قليچ بيگ | شيڪسپيئر جو As you like it | نيشنل ڪاليج ڊرئميٽڪ سوسائٽي، حيدرآباد |
| 1918 | سورداس | ٿهلرام چاندواڻي | آغا حشر جو ”بلوا منگل“ | ٿهلرام چاندواڻي پبلشرز ڪراچي |
| 1918 | نل دمينتي | چاندومل | ”هرشچندر“ تان | سارسوت براهمڻ |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| | | ڪتري | ورتل | ڊرئميٽڪ سوسائٽي، ڪراچي |
| 1919 | گلاب جو گل | خانچند درياڻي | اصلوڪو سماجي ناٽڪ | ڏيتي ليتي ناٽڪ منڊلي، حيدرآباد |
| 1920 | پتي شيوا | نانڪرام ڌرمداس | انگريزي Silver King | ڏيتي ليتي ناٽڪ منڊلي، حيدرآباد |
| 1920 | ڦهري مان ڦهر | آوترام ٺاڪرداس | اصلوڪو وڏو ناٽڪ | ينگ سٽيزنس ڊرئميٽڪ سوسائٽي، حيدرآباد |
| 1920 | دورنگي دنيا | ليلارام ماکيجاڻي | اصلوڪو سماجي ناٽڪ | ينگ سٽيزنس ڊرئميٽڪ سوسائٽي، حيدرآباد |
| 1920 | پريمي پتنگ | ليلارام ماکيجاڻي | اصلوڪو وڏو ناٽڪ | ينگ سٽيزنس ڊرئميٽڪ سوسائٽي، حيدرآباد |
| 1920 | بي وفا قاتل | ليلارام ماکيجاڻي | اصلوڪو سماجي ناٽڪ | ينگ سٽيزنس ڊرئميٽڪ سوسائٽي، حيدرآباد |
| 1921 | ڪشور موهني | ليلارام ماکيجاڻي | اصلوڪو سماجي ناٽڪ | ينگ سٽيزنس ڊرئميٽڪ سوسائٽي، حيدرآباد |
| 1921 | بزازين جو | پيرومل | اصلوڪو مزاحيه | سنڌ ڪاليج ناٽڪ |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| | ناٽڪ | مهرچند | ننڍو ناٽڪ | منڊلي، ڪراچي |
| 1921 | عملدار ڪي رعيت آزار | لعلچند امر ڏنو مل | اصلوڪو ننڍو ناٽڪ | بندي ماترم ناٽڪ منڊلي، حيدرآباد |
| 1921 | ستي ساوتري | نانڪرام ڌرمداس | اصلوڪو سماجي ناٽڪ | نانڪرام ناٽڪ منڊلي، حيدرآباد |
| 1921 | وڻيشيا | تيجورام روچيرام شرما | اصلوڪو وڏو ناٽڪ | سناتن ڌرم سڀا پبلشرز، ڪراچي |
| 1922 | ڪلجڳ جا ڪال | ليلارام ماکيجاڻي | اصلوڪو سماجي ناٽڪ | ينگ سٽيزنس ڊرئميٽڪ سوسائٽي، حيدرآباد |
| 1922 | ليلاوتي | ليلارام ماکيجاڻي | اصلوڪو سماجي ناٽڪ | ينگ سٽيزنس ڊرئميٽڪ سوسائٽي، حيدرآباد |
| 1922 | پريم جي پتلي | نانڪرام ڌرمداس | اصلوڪو سماجي ناٽڪ | نانڪرام ناٽڪ منڊلي، حيدرآباد |
| 1923 | ليلاوتي | نانڪرام ڌرمداس | اصلوڪو سماجي ناٽڪ | نانڪرام ناٽڪ منڊلي، حيدرآباد |
| 1923 | موتئي جي مکڙي | خانچند درياڻي | اصلوڪو سماجي ناٽڪ | ڏيتي ليتي ناٽڪ منڊلي، حيدرآباد |
| 1923 | پريم پڳتي | نانڪرام ڌرمداس | آغا حشر "بلوا منگل" | ايميچوئرس ڊرئميٽڪ سوسائٽي، حيدرآباد |
| 1923 | ملڪ جا | خانچند | ابسن جو | رابندر ناٿ لٽرري ۽ |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| | مدبر | درياڻي | of Pillars Society | ڊرئميٽڪ ڪلب، حيدرآباد |
| 1923 | پدمڻي | خانچند درياڻي | اصلوڪو سماجي ناٽڪ | سنڌ سوشل لٽرري ۽ ڊرئميٽڪ ڪلب، حيدرآباد |
| 1923 | هئمليٽ | چيتمل پرسرام | شيڪسپيئر جو Hamlet | چيتمل نئين سنڌ لائبرري، حيدرآباد |
| 1923 | طوفان | چيتمل پرسرام | شيڪسپيئر جو Tempest | چيتمل نئين سنڌ لائبرري، حيدرآباد |
| 1923 | فاسٽ | چيتمل پرسرام | گوئٽي جو Faust | چيتمل نئين سنڌ لائبرري، حيدرآباد |
| 1923 | پريم پريڪشا | خانچند درياڻي | ”پول نہ پوڳ“ | ايميچوئرس ڊرئميٽڪ سوسائٽي، حيدرآباد |
| 1924 | غلط فهمي | خانچند درياڻي | مسز هينري ورڊ، East Lyane | رابندر ناٿ لٽرري ۽ ڊرئميٽڪ ڪلب، ڪراچي |
| 1924 | رتنا | خانچند درياڻي | اصلوڪو گهريلو ناٽڪ | رابندر ناٿ لٽرري ۽ ڊرئميٽڪ ڪلب، ڪراچي |
| سال | ناٽڪ | ناٽڪ نويس | مختصر جائزو | رچائيندڙ يا ڇپائيندڙ |
| 1924 | ٻليدان | خانچند درياڻي | اصلوڪو سماجي ناٽڪ | رابندر ناٿ لٽرري ۽ ڊرئميٽڪ ڪلب، ڪراچي |
| 1925 | سچي سڪ | خانچند | اصلوڪو ننڍو | سنڌ ڪاليج ناٽڪ |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| | | درياڻي | ناٽڪ | منڊلي، ڪراچي |
| 1925 | مڙس جي مڙسي | پيرومل مهرچند | اصلوڪو سماجي نندو ناٽڪ | سنڌ ڪاليج ناٽڪ منڊلي، ڪراچي |
| 1925 | منوهر نانگڻ | ڪشنچند بيوس | اصلوڪو وڏو ناٽڪ | چانڊڪا ايميچوئرس ڊرئميٽڪ سوسائٽي، لاڙڪاڻو |
| 1925 | دروپدي | ڪشنچند بيوس | مهاڀارت تان ورتل | چانڊڪا ايميچوئرس ڊرئميٽڪ سوسائٽي، لاڙڪاڻو |
| 1925 | پرت پوڄارڻ | ڪشنچند بيوس | مهاڀارت تان ورتل | چانڊڪا ايميچوئرس ڊرئميٽڪ سوسائٽي، لاڙڪاڻو |
| 1925 | هار جيت | ڪشنچند بيوس | مهاڀارت تان ورتل | چانڊڪا ايميچوئرس ڊرئميٽڪ سوسائٽي، لاڙڪاڻو |
| 1925 | پرتري | ڀاڳسنگ آڏواڻي | مهاڀارت تان ورتل | نيشنل ڪاليج ڊرئميٽڪ سوسائٽي، حيدرآباد |
| 1925 | گماني گهمسان | ڀاڳسنگ آڏواڻي | شيڪسپيئر جو Othelo | نيشنل ڪاليج ڊرئميٽڪ سوسائٽي، حيدرآباد |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| 1925 | عجيب انصاب | خانچند درياڻي | گجراتي ”مت هيڻ ناري“ تان ورتل | رابندر نات لٽرري ۽ ڊرئميٽڪ ڪلب، ڪراچي |
| 1925 | عمر مارئي | لعلچند امر ڏنو مل | لوڪ ڪهاڻي تي ٻڌل | رابندر نات لٽرري ۽ ڊرئميٽڪ ڪلب، ڪراچي |
| 1925 | سسئي پنهون | لعلچند امر ڏنو مل | لوڪ ڪهاڻي تي ٻڌل | رابندر نات لٽرري ۽ ڊرئميٽڪ ڪلب، ڪراچي |
| 1925 | سهڻي ميهار | لعلچند ۽ ڊنگو مل | لوڪ ڪهاڻي تي ٻڌل | رابندر نات لٽرري ۽ ڊرئميٽڪ ڪلب، ڪراچي |
| 1925 | تيليءَ مان ٽنب | روپچند ڪرپلاڻي | انگريزي Treasure Chest | سنڌ ڪاليج مسلني مخزن، ڪراچي |
| 1926 | جيئري تي جيئري | خانچند درياڻي | اصلوڪو سماجي ناٽڪ | ايميچوئرس ڊرئميٽڪ سوسائٽي، حيدرآباد |
| 1926 | راڻو پرتابسنگ | تيجومل شاهاڻي | اصلوڪو تاريخي ناٽڪ | نيشنل ڪاليج ڊرئميٽڪ سوسائٽي، ڪراچي |
| 1926 | مکر | جهمٽ مل ٽڏاڻي | موليئر جو Love is the Best Doctor | اين ايچ پنجابي پبلشرز، ڪراچي |
| 1926 | رڃ | چيتمل | چيخوف جي | چيتمل نئين سنڌ |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| | | پرسرام | ناٽڪ تان ورتل | لائبرري، حيدرآباد |
| 1926 | موهڻي وينا | چيتمل پرسرام | اصلوڪو سماجي ناٽڪ | چيتمل نئين سنڌ لائبرري، حيدرآباد |
| سال | ناٽڪ | ناٽڪ نويس | مختصر جائزو | رچائيندڙ يا ڇپائيندڙ |
| 1926 | رستم زليخا | چترومل ٻنيجا | ايراني محبت ڪهاڻي تي ٻڌل | چيتمل نئين سنڌ لائبرري، حيدرآباد |
| 1926 | رت ياترا | آسودو مل گدواڻي | ٽئگور جو Car of Time | چيتمل نئين سنڌ لائبرري، حيدرآباد |
| 1927 | وسنت لڪشمي | موٽو مل گدواڻي | اصلوڪو سماجي ناٽڪ | نيشنل ڪاليج ڊرئميٽڪ سوسائٽي، حيدرآباد |
| 1927 | ديش صدقي | خانچند درياڻي | مئٽرلنڪ جو Monna Vanna | رابندر ناٿ لٽرري ۽ ڊرئميٽڪ ڪلب، ڪراچي |
| 1927 | قسمت | منگهارام ملڪاڻي | نابلاڪ جي ناٽڪ تان ورتل | رابندر ناٿ لٽرري ۽ ڊرئميٽڪ ڪلب، ڪراچي |
| 1927 | پنگتي مقدمو | پيرومل مهرچند | اصلوڪو سماجي ناٽڪ | شاهاڻي اسڪول ناٽڪ منڊلي، ڪراچي |
| 1928 | مومل مينڌرو | خانچند درياڻي | ”مومل راڻو“ داستان تي ٻڌل | سنڌ ڪاليج ناٽڪ منڊلي، ڪراچي |
| 1928 | زميناري ظلم | خانچند درياڻي | اصلوڪو سماجي ناٽڪ | ايميچوئرس ڊرئميٽڪ سوسائٽي، |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| | | | | حيدرآباد |
| 1929 | زماني جي لهر | خانچند درياڻي | اصلوڪو سماجي ناٽڪ | رابندر نات لٽرري ۽ ڊرئميٽڪ ڪلب، ڪراچي |
| 1929 | ايڪتا جو الاپ | منگهارام ملڪاڻي | زئنگول جو Melting Pot | رابندر نات لٽرري ۽ ڊرئميٽڪ ڪلب، ڪراچي |
| 1930 | ڪن جي خطا | منگهارام ملڪاڻي | اصلوڪو سماجي ناٽڪ | رابندر نات لٽرري ۽ ڊرئميٽڪ ڪلب، ڪراچي |
| 1930 | مايا جو انڌ | خانچند درياڻي | اصلوڪو سماجي ناٽڪ | رابندر نات لٽرري ۽ ڊرئميٽڪ ڪلب، ڪراچي |
| 1930 | امانت ۾ خيانت | خانچند درياڻي | بئنڪ ڏيوالي موضوع تي ٻڌل | رابندر نات لٽرري ۽ ڊرئميٽڪ ڪلب، ڪراچي |
| 1930 | اما ۽ ونايڪ | آسانند مامتورا | ٽئگور جو ننڍو ناٽڪ | قلواڙي مخزن، حيدرآباد |
| 1930 | پاپ جو ڪيتو | منگهارام ملڪاڻي | اصلوڪو ننڍو ناٽڪ | قلواڙي مخزن، حيدرآباد |
| 1930 | سئبريڪا جو پيش پوڻ | محمد حنيف صديقي | سڪندر اعظم جي سنڌ ۾ ناڪاميءَ تي ٻڌل ناٽڪ | قلواڙي مخزن، حيدرآباد |
| 1931 | شڪ جو شڪار | ڪشنچند بيوس | اصلوڪو سماجي ناٽڪ | چاندڪا ايميچوئرس ڊرئميٽڪ |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| | | | | سوسائٽي، لاڙڪاڻو |
| 1931 | قاتل مسافر | ليلارام ماکيجاڻي | اصلوکو سماجي ناٽک | ينگ مين ڊرئميٽک ڪلب، حيدرآباد |
| 1931 | ڪمار اجيت سنگ | ليکراج عزيز | اصلوکو تاريخي ناٽک | حيدرآباد ناٽک منڊلي، حيدرآباد |
| 1931 | غريبان مار | ليکراج عزيز | اصلوکو سماجي ناٽک | حيدرآباد ناٽک منڊلي، حيدرآباد |
| 1931 | انسان کي شيطان | خانچند درياڻي | ميري ڪارلي جي ناول of Sorrow Satan تان ورتل | ايميچوئرس ڊرئميٽڪ سوسائٽي، حيدرآباد |
| 1931 | ناخلف | منگھارام ملڪاڻي | اصلوکو ننڍو ناٽک | سنڌ ڪاليج مسلني مخزن، ڪراچي |
| 1931 | پاپ کي پچ | منگھارام ملڪاڻي | اصلوکو ننڍو ناٽک | سنڌ ڪاليج مسلني مخزن، ڪراچي |
| 1932 | بک جو شڪار | خانچند درياڻي | اصلوکو سماجي ناٽک | رابندر ناٿ لٽرري ۽ ڊرئميٽڪ ڪلب، حيدرآباد |
| 1932 | اولاد | منگھارام ملڪاڻي | اصلوکو گھريلو ننڍو ناٽک | رابندر ناٿ لٽرري ۽ ڊرئميٽڪ ڪلب، ڪراچي |
| 1932 | سسئي پنھون | منگلسنگ رامچنداڻي | لوڪ ڪھاڻي تي ٻڌل | ينگ مين ڊرئميٽڪ ڪلب، |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| | | | | حيدرآباد |
| 1932 | هارجيت | ليکراج عزيز | اصلوڪو سماجي ناٽڪ | حيدرآباد ناٽڪ منڊلي، حيدرآباد |
| 1932 | قرباني | اڏو جهانگياڻي | اصلوڪو سماجي ناٽڪ | ڪاليج اسٽوڊنٽس ڊرئميٽڪ ڪلب، حيدرآباد |
| 1932 | واندو وڪيل | اڏو جهانگياڻي | اصلوڪو سماجي ناٽڪ | ڪاليج اسٽوڊنٽس ڊرئميٽڪ ڪلب، حيدرآباد |
| 1932 | ٻہ ڀاهيون | منگهارام ملڪاڻي | اصلوڪو گهريلو ننڍو ناٽڪ | سنڌ ڪاليج مسلني مخزن، ڪراچي |
| 1933 | چٽ نہ چماٽ وڃائين ٻي واٽ | نانڪرام ڌرمداس | اصلوڪو مزاحيہ ننڍو ناٽڪ | سنڌ ڪاليج ناٽڪ منڊلي، ڪراچي |
| 1933 | مسٽر مجنون | ليکراج عزيز ۽ جڳو آڏواڻي | اصلوڪو مزاحيہ ناٽڪ | حيدرآباد ناٽڪ منڊلي، حيدرآباد |
| 1933 | انصاف | اڏو جهانگياڻي | اصلوڪو سماجي ناٽڪ | ڪاليج اسٽوڊنٽس ڊرئميٽڪ ڪلب، حيدرآباد |
| 1933 | منهنجي نئڙني | ڏيارام سپاڻي | هريندر ناٿ جو Evening Lamp | سنڌ ڪاليج مسلني مخزن، ڪراچي |
| 1933 | فسادي ڦوڪٽو | چيتانند ناگراڻي | اصلوڪو مزاحيہ ناٽڪ | ڪوڙومل ساهت منڊل، حيدرآباد |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| 1933 | سمنڊ جي گجڪار | منگهارام ملڪاڻي | اصلوڪو گهريلو نثري ناٽڪ | سنڌ ڪاليج مسلني مخزن، ڪراچي |
| 1934 | خوني | احمد علي چاڳلا | رچرڊ روس جي ناٽڪ تان ورتل | رابندر ناٿ لٽرري ۽ ڊرئميٽڪ ڪلب، حيدرآباد |
| 1934 | دنيا دورنگي | آغا غلام نبي | اصلوڪو سماجي ناٽڪ | رابندر ناٿ لٽرري ۽ ڊرئميٽڪ ڪلب، ڪراچي |
| سال | ناٽڪ | ناٽڪ نويس | مختصر جائزو | رچائيندڙ يا ڇپائيندڙ |
| 1934 | ميلاپ | منگهارام ملڪاڻي | اصلوڪو سماجي نثري ناٽڪ | شنڪر اميچوئرس ڊرئميٽڪ سنستا، سکر |
| 1934 | انڌيري دنيا | اڌو جهانگياڻي | اصلوڪو سماجي ناٽڪ | ڪاليج اسٽوڊنٽس ڊرئميٽڪ ڪلب، حيدرآباد |
| 1934 | ضعيف انسان | منگهارام ملڪاڻي | اصلوڪو سماجي نثري ناٽڪ | سنڌو مخزن، شڪارپور |
| 1935 | ٽي پارٽي | منگهارام ملڪاڻي | اصلوڪو سماجي نثري ناٽڪ | شاهاڻي اسڪول ناٽڪ منڊلي، ڪراچي |
| 1935 | بي بها موتي | نانڪرام ميرچنداڻي | اصلوڪو سماجي ناٽڪ | ٽلٽي ايمچوئرس ڊرئميٽڪ سوسائٽي، ڪراچي |
| 1935 | ڪاليج | اڌو جهانگياڻ | اصلوڪو سماجي ناٽڪ | ڪاليج اسٽوڊنٽس ڊرئميٽڪ ڪلب، |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| | | ي | | حيدرآباد |
| 1935 | جهانگير | اڏو جهانگياڻ ي | تاريخي ناٽڪ | ڪاليج اسٽوڊنٽس ڊرئميٽڪ ڪلب، حيدرآباد |
| 1935 | دل ۽ دماغ | منگهارام ملڪاڻي | اصلوڪو سماجي ننڍو ناٽڪ | سنڌو مخزن، شڪارپور |
| 1935 | سيتا بنواءِ | پارومل ڪيولراماڻ ي | رامايڻ تان ورتل | رتن ساهتيه منڊل، ڪراچي |
| 1936 | پريم | اڏو جهانگياڻ ي | اصلوڪو سماجي ناٽڪ | ڪاليج اسٽوڊنٽس ڊرئميٽڪ ڪلب، حيدرآباد |
| 1936 | افلاطون | جڳتراءِ آڏواڻي | موليئر جو Impostures of Escapin | ڪاليج اسٽوڊنٽس ڊرئميٽڪ ڪلب، ڪراچي |
| 1936 | هڪڙي رات | ليلارام ڦيرواڻي | ليلا چنيسر داستان تي ٻڌل | ڦيرواڻي پبلشر، برنس روڊ، ڪراچي |
| 1936 | راڻين جو راڄ | اي ايس مير چنداڻي | اصلوڪو سماجي ناٽڪ | سندر ساهتيه رسالو، حيدرآباد |
| 1936 | مهاراجا ڏاهرسين | ٺاڪرداس ورما | اصلوڪو تاريخي ناٽڪ | ٺاڪرداس پبلڪيشن، حيدرآباد |
| 1936 | وڪيل | ايل ايل ڏوڏيجا | اصلوڪو سماجي ننڍو ناٽڪ | رتن رسالو، ڪراچي |
| 1936 | جوانيءَ جو انڌ | موتي منسڪاڻي | اصلوڪو سماجي ناٽڪ | موتي پبلشرز، حيدرآباد |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| 1937 | نئين سجاڳي | ليلارام ماکيجاڻي | اصلوڪو سنجيده ناٽڪ | ينگ ستيزنس ڊرئميٽڪ سوسائٽي، حيدرآباد |
| 1937 | انارڪلي | منگهارام ملڪاڻي | تاريخي ناٽڪ | رابندر ناٿ لٽرري ۽ ڊرئميٽڪ ڪلب، ڪراچي |
| 1937 | اميد | اڏو جهانگياڻ ي | اصلوڪو سماجي ناٽڪ | ڪاليج اسٽوڊنٽس ڊرئميٽڪ ڪلب، حيدرآباد |
| 1937 | ديش ڀڳتي | رمڻ لعل شرما ۽ رامچندر | اصلوڪو سماجي ناٽڪ | ڪوڙومل ساهيته منڊل، حيدرآباد |
| 1937 | پريت جي ريت | منگهارام ملڪاڻي | اصلوڪو سماجي ننڍو ناٽڪ | اين جي وي هاءِ اسڪول مخزن، ڪراچي |
| 1937 | ٻٽئي | منگهارام ملڪاڻي | اصلوڪو سماجي ننڍو ناٽڪ | سنڌو مخزن، شڪارپور |
| 1938 | سچي | اڏو جهانگياڻ ي | اصلوڪو سماجي ناٽڪ | ڪاليج اسٽوڊنٽس ڊرئميٽڪ ڪلب، حيدرآباد |
| 1938 | اڪيلي دل | منگهارام ملڪاڻي | اصلوڪو سماجي ننڍو ناٽڪ | ”پنگتي پردا“ مجموعو. رتن ساهيته منڊل، ڪراچي |
| 1938 | ٻي زال | منگهارام ملڪاڻي | اصلوڪو سماجي ننڍو ناٽڪ | ”پنگتي پردا“ مجموعو. رتن |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| | | | | ساهتيہ منڊل، ڪراچي |
| 1938 | ٻہ پينر | منگھارام ملڪاڻي | اصلوڪو سماجي ننڍو ناٽڪ | "پنگتي پردا" مجموعو. رتن ساهتيہ منڊل، ڪراچي |
| 1938 | ماتا جي مامتا | منگھارام ملڪاڻي | اصلوڪو سماجي ننڍو ناٽڪ | سنڌو مخزن، شڪارپور |
| 1938 | ڏوهي ڪير؟ | خوشيرام واسواڻي | ڏيتي ليتي بابت ننڍو ناٽڪ | سنڌو مخزن، شڪارپور |
| 1938 | آزادي جي ڪوڏي | پيرومل مهرچند | ٽنگور جو "ٽپال گھر" | رتن ساهتيہ منڊل، ڪراچي |
| 1939 | دلسوز داستان | منگھارام ملڪاڻي | شيڪسپيئر جو Midsummer Night's Dream ترجمو | سنڌ ڪاليج ناٽڪ منڊلي، ڪراچي |
| 1939 | ليڊيز ڪلب | منگھارام ملڪاڻي | اصلوڪو سماجي مزاحيہ ننڍو ناٽڪ | رابندر ناٿ لٽرري ۽ ڊرئميٽڪ ڪلب، ڪراچي |
| 1939 | ديوداس | اڌو جھانگياڻي | اصلوڪو سماجي ناٽڪ | ڪاليج اسٽوڊنٽس ڊرئميٽڪ ڪلب، حيدرآباد |
| 1939 | بدنصيب ٽري | محمد اسماعيل عرساڻي | اصلوڪو سماجي ناٽڪ | اسڪول ناٽڪ منڊلي، ميرپورخاص |
| 1939 | ڪرشن سڏامو | نانڪرام ڌرمداس | مهاڀارت تان ورتل | انڊلٽ سندر ساهتيہ منڊل، |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| | | | | ڪراچي |
| 1939 | دروپدي | نانڪرام ڏرمداس | مهاڀارت تان ورتل | اندلٽ سندر ساهيتہ منڊل، ڪراچي |
| 1939 | جهانگير ۽ نورجهان | ساوتري جهانگياڻي | تاريخي ننڍو ناٽڪ | سنڌ ڪاليج مسلني مخزن، ڪراچي |
| 1939 | بڪ هڙتال | جڳت آڏواڻي | ناڪاره حيدرآباد جو ناٽڪ (ترجمو) | ڪهاڻي ماهوار رسالو حيدرآباد |
| 1939 | جگري قرباني | ڪشنچند بيوس | "پنا دائي" واري قصي تي ٻڌل | اندلٽ سندر ساهيتہ منڊل، ڪراچي |
| سال | ناٽڪ | ناٽڪ نويس | مختصر جائزو | رچائيندڙ يا ڇپائيندڙ |
| 1939 | پوڙهي جو پرٽو | ڪشنچند بيوس | اصلوڪو سماجي ننڍو ناٽڪ | اندلٽ سندر ساهيتہ منڊل، ڪراچي |
| 1939 | آنرري مئجسٽريٽ | ميلارام واسواڻي | پنڊت سدرشن جو تاريخي ناٽڪ (ترجمو) | اندلٽ سندر ساهيتہ منڊل، ڪراچي |
| 1939 | راجپوت جي شڪست | ميلارام واسواڻي | پنڊت سدرشن جو تاريخي ناٽڪ (ترجمو) | اندلٽ سندر ساهيتہ منڊل، ڪراچي |
| 1939 | ڇايا | مولوي دلدار حسين | پنڊت سدرشن جو ناٽڪ (ترجمو) | رتن ساهيتہ منڊل، ڪراچي |
| 1939 | پتا جو پاپ | منگهارام | پيءُ جي پاپ | سنڌو مخزن، |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| | | ملڪاڻي | سبب پيڻ پاڻ جو پيار | شڪارپور |
| 1940 | اڄ ڪلهه | اڏو جهانگياڏي | اصلوڪو سماجي ناٽڪ | ڪاليج اسٽوڊنٽس ڊرئميٽڪ ڪلب، حيدرآباد |
| 1940 | گمراهه دوست | عثمان علي انصاري | شيڪسپيئر جو Two Gentlemen of Verona ترجمو | ساهتي اسڪول ڊرئميٽڪ سوسائٽي، نوشهروفيروز |
| 1940 | ڪوڙي ڪلينڪ | منگهارام ملڪاڻي | اصلوڪو سماجي ناٽڪ | سنڌ ڪاليج مسلني مخزن، ڪراچي |
| 1940 | بئراج | منگهارام ملڪاڻي | اصلوڪو سماجي ناٽڪ | سنڌو مخزن، شڪارپور |
| 1940 | نل دمينتي | ڪشنچند بيوس | سنسڪرت "هرشچندر" تان ورتل | "رنگ برنگي ڪيل" — سندر ساهتيه منڊل، ڪراچي |
| 1940 | پگهت نرسو | هوندراج دکايل | ڌرمي نندو ناٽڪ | "رنگ برنگي ڪيل" — سندر ساهتيه منڊل، ڪراچي |
| 1940 | چترا | تيرٿ وسنت | ٽئگور جو "چترا" ترجمو | سنڌو مخزن، شڪارپور |
| 1942 | جرم وفا | عثمان علي انصاري | شيڪسپيئر جو Cymbelime | ساهتي اسڪول ڊرئميٽڪ سوسائٽي، شڪارپور |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| 1942 | مومل راڻو | رام پنجواڻي | لوڪ ڪهاڻي تي ٻڌل | ڊي جي ڪاليج سرسوتي منڊل، ڪراچي |
| 1942 | ماءُ جو فخر | ڏرمداس ماٽڪ | اصلوڪو سماجي ناٽڪ | "ٻه پردا" ڪتاب، آشا ساهت منڊل، ڪراچي |
| 1942 | آڏيءَ جو انصاف | ايچ سي بلي | منظوم مزاحيه ناٽڪ | ڪاليج اسٽوڊنٽس ڊرئميٽڪ ڪلب، حيدرآباد |
| 1943 | گامتو ايڊيٽر | چيتانند ناگراڻي | سماجي مزاحيه ننڍو ناٽڪ | ڊي جي ڪاليج سرسوتي منڊل، ڪراچي |
| سال | ناٽڪ | ناٽڪ نويس | مختصر جائزو | رچائيندڙ يا ڇپائيندڙ |
| 1943 | گامتو بيريسٽر | چيتانند ناگراڻي | سماجي مزاحيه ننڍو ناٽڪ | ڊي جي ڪاليج سرسوتي منڊل، ڪراچي |
| 1943 | مڪت ڌارا | چوهڙمل هندوجا | ٽئگور جو Water fall | رتن ماهوار، ڪراچي |
| 1943 | پڪيءَ پدمڻي | رام پنجواڻي | رام پنجواڻي | ڊي جي ڪاليج سرسوتي منڊل، ڪراچي |
| 1944 | گامتو ڊاڪٽر | چيتانند ناگراڻي | سماجي مزاحيه ننڍو ناٽڪ | ڊي جي ڪاليج سرسوتي منڊل، ڪراچي |
| 1944 | گامتو فلم ڪمپني | چيتانند ناگراڻي | سماجي مزاحيه ننڍو ناٽڪ | ڊي جي ڪاليج سرسوتي منڊل، |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| | | | | ڪراچي |
| 1944 | شانتا | منگھارام ملڪاڻي | مئٽرلنڪ جو Pelleas and Milesande | رتن ساهيته منڊل، ڪراچي |
| 1944 | نورجهان جو پٽ | م. ع. ڏيپلائي | انقلابي ننڍو ناٽڪ | رتن ساهتيه منڊل، ڪراچي |
| 1944 | گامتو ايم ايل اي | چيتانند ناگراڻي | سماجي مزاحيه ننڍو ناٽڪ | ڊي جي ڪاليج سرسوتي منڊل، ڪراچي |
| 1945 | گامتو گھوٽ | چيتانند ناگراڻي | سماجي مزاحيه ننڍو ناٽڪ | ڊي جي ڪاليج سرسوتي منڊل، ڪراچي |
| 1945 | استري آزادي | خوشيرام واسواڻي | اصلوڪو سماجي ناٽڪ | سنڌو مخزن، شڪارپور |
| 1945 | نئين دنيا | حبيب الله پٽو | ڪولمبس جو آمريڪا لڀڻ بابت ننڍو ناٽڪ | مهراڻ مخزن، ڪراچي |
| 1946 | سچائي موڙي | م. ع. ڏيپلائي | سماجي ننڍو ناٽڪ | حيدرآباد ناٽڪ منڊلي، حيدرآباد |
| 1946 | ڪانگريس | م. ع. ڏيپلائي | سياسي ننڍو ناٽڪ | حيدرآباد ناٽڪ منڊلي، حيدرآباد |
| 1946 | شاديءَ جون پيڙيون | ايل ايل ڏوڏيجا | آتري جي مرهٽي ناٽڪ تان ورتل | حيدرآباد ناٽڪ منڊلي، حيدرآباد |
| 1946 | بسنتي ديوي | لعلچند امرڏنو مل | سماجي ننڍو ناٽڪ | نيشنل ڪاليج ڊرئميٽڪ سوسائٽي، حيدرآباد |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| 1946 | سهڻي ميهار | نانڪرام ڌرمداس | نانڪرام ڌرمداس | ماهوار ”پارت جيون“ حيدرآباد |
| 1946 | پوت | احمد غلام علي چاڳلا | ابسن جو Ghosts | مهراڻ مخزن، ڪراچي |
| 1946 | سبحان جي سڪ | لعلچند امرڏنو مل | سسئي بابت اڻ پڌل آڪاٽي ننڍو ناٽڪ | مهراڻ مخزن، ڪراچي |
| 1947 | سسئي رل مئي | لعلچند امرڏنو مل | شاهه جي ڪلام تي پڌل ناٽڪ | مهراڻ مخزن، ڪراچي |
| 1947 | ميران | تيرٿ وسنت | اڪبر بادشاهه ۽ ميران ٻائي بابت پڌل ناٽڪ | ”قليلي“ ڪاليج مخزن، حيدرآباد |
| 1947 | شڪنتلا | ڪلياڻ آڏواڻي | ڪاليداس جو هندي ناٽڪ | |
| 1947 | گانڌي | لعلچند امرڏنو مل | انقلابي ننڍو ناٽڪ | نيشنل ڪاليج ڊرئميٽڪ سوسائٽي، حيدرآباد |
| 1947 | وچن | لعلچند امرڏنو مل | انقلابي ننڍو ناٽڪ | نيشنل ڪاليج ڊرئميٽڪ سوسائٽي، حيدرآباد |
| 1947 | خورشيد | م. ع. ڏيپلائي | گجراتي ناٽڪ تان ورتل | اسلاميه دارالاشاعت، حيدرآباد |
| 1947 | ماڳ جي محبت | مرزا گل حسن | ”مارئي ۽ ملير“ جي موضوع تي | مهراڻ مخزن ڪراچي |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| | | ڪربلائي | ناٽڪ | |
| 1947 | ويراپمينو | دوارڪا پرساد شرما | مهاڀارت تي ٻڌل ناٽڪ | وير ساهتيه مندر، ڪراچي |
| 1947 | پنا جو پيار | ٽيڪم داس پڳتاڻي | پنادائي جي ڪهاڻي تي ٻڌل ناٽڪ | چرچ مشن پبلشرز، ڪراچي |
| 1947 | ٻارهن هزار روپيا | جيوت چاولا | هرموهن جها جو ناٽڪ (ترجمو) | ماهوار نئين دنيا |

1910ع کان پوءِ سنڌي ڊرامي ۾ نون رجحانن ۽ لاڙن جنم ورتو، سنڌي ناٽڪ مذهبي موضوعن ۽ فلسفن مان نڪري سماجي مسئلن جي عڪاسي ڪرڻ لڳو. منجهس معاشرتي حماقتن تي سخت طنز ڪري اصلاحي پهلو رکيو ويو. ٻيو ته سٺي ڊرامي ۽ خراب ڊرامي ۾ تميز ٿيڻ لڳي. اهڙي طرح رسالن ذريعن ڊرامن تي ادبي تنقيد (Literary Criticism) جو رواج پيو. 30 آگسٽ 1933ع تي ”هوپ ڦل انگلش اسڪول (Hopefull English School) رام باغ ۾ ”سينٽرل لٽرري گروپ“ جي اهتمام سان ليڪچر پروگرام ٿيو، اي ايم عباسيءَ ” سنڌي ڊراما “ جي موضوع تي ليڪچر ڏنو. هن ليڪچر ۾ ڪيترن ئي شاگردن، استادن ۽ ڊرامانگارن حصو ورتوهو. ٿيون ته، انگريزي ڊرامن جا ترجما ٿيا جن ۾ اڪثر شيڪسپيئر جا شامل هوندا هئا. ترجمو ٿيل ڊرامن کي سنڌي ماحول جو ويس پهرايو ويندو هو. جيئن اهي سنڌي معاشري جي عڪاسي ڪن. چوٿون ته، سنڌ جي لوڪ ڪهاڻين کي ڊرامائي تشڪيل ڏيئي اسٽيج تي پيش ڪري دلڪش بڻايو ويندو هو.

رام جوهراڻي مطابق ”برطانوي دور ۾ جيڪي ڊراما ڏيکاريا ويا، انهن ۾ اهم مقصد تعليم، تهذيب ۽ ثقافت جو ڦهلاءُ ئي هيو. تعليمي ادارا پنهنجي ساليانه جشن ۽ اهم ڏينهن تي يا ناتال جي موڪلن ۾ پڻ سنڌي ڊرامن کي منچ تي آڻيندا هئا. عام ماڻهن ۾ شرڌا ۽ سندن ڌرم ۽ تقدير ۾ وشواس هئڻ خاطر ڊرامن ۾ به ڌرم، مذهب جو گهڻو اثر رهيو. اجا تائين سنڌي سماج ۾ ايتري سجاڳي ڪو

نه آئي هئي، جنهن سبب سنڌي عورت، گهر جي چار ديواريءَ مان نڪري سنڌي ناٽڪ کي صحيح روپ ڏيڻ کان کوهين ڏور هئي. ان شروعاتي دور ۾ سنڌي ناٽڪن ۾ عورتن جا ڪردار مجبور ٿي، مرد ئي ميڪ اپ ڪندي ادا ڪندا هئا".(8)

هن دور جي ڊرامن ۾ ڪردارن جي زباني ڪرايل گفتگو لاءِ ٻولي جو خاص خيال رکيو ويندو هئو، جيئن اداڪار اهڙي نموني استعمال ڪن، جيڪا اصل ۾ روزمره جي زندگيءَ ۾ ڪتب آندي ويندي آهي.

انگريز دور جي ڊرامن جي عنوانن ۾ انفراديت آهي. هن دور جي عنوانن کي ٽن حصن ۾ ورهائي سگهون ٿا. هڪڙا اهي نالا، جيڪي لوڪ داستانن تي مبني آهن. مثال طور مومل راڻو، سهڻي ميهار، عمر مارئي وغيره. هي ڊراما عشقيه موضوعن تي هئا، جن ۾ قديم دورن جا قصا شامل هوندا هئا. انهن ڊرامن جي اهم ڪردارن جا نالا انهن عاشقن جي نالن جا اصلي نالا هوندا هئا ۽ سچن قصن کي ڦيرڦار سان پيش ڪيو ويندو هو.

ٻئي قسم جي نالن ۾ جيڪي ان دور جي حالتن مطابق رکيا ويندا هئا. مثال طور "دنيا دورنگي"، "گماني گهمسان"، "فسادي ڦوڪٽو" وغيره هوندا هئا. انهن ڊرامن جي نالن مان معلوم ٿئي ٿو ته ان دور جا ليکڪ زماني جي ٻي ڍنگي رفتار، ملڪي حالتن وغيره کي مد نظر رکندا هئا. هنن ڊرامن ۾ اڪثر طنز ۽ مزاح شامل هوندي هئي، جنهن جو خاص مقصد اصلاح هوندو هو. ٽئين قسم ۾ اهي نالا آهن، جيڪي سسپينس، سنسني خيز ۽ قتل وغيره تي مبني هوندا هئا. مثال طور "بي وفا قاتل"، "مايا جو انڌ"، "پاپ جو ڪيتو"، "قاتل مسافر" وغيره آهن. چوٿين قسم ۾ اهي ڊراما هئا، جيڪي مهاڀارت ۽ ٻين ڌرمي موضوعن تي مبني هوندا هئا. مثال طور "هرشچندر"، "شڪنتلا"، "منوهر نانگڻ" وغيره.

سنڌي ڊرامي جي تاريخ ۾ ليلا رام ماکيجاڻي ۽ چاندومل کتري نئين نوعيت جا ڊراما لکيا. هن ڊرامن ۾ پرتشدد موضوع آندا ۽ اسٽيج تي گولين ۽ چاقن جي چمڪ کي متعارف ڪرايو.

هن دور جي ناٽڪن جي ٻي اهم ڳالهه هئي "ايڪانڪي ڊراما" (One Act Plays) . هن قسم جي ڊرامن جو ابو پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ کي چيو وڃي

ٿو.

انگريزن جو دور دراصل سنڌي ڊرامي جي تاريخ ۾ ترجمي جو دور هو. هن دور ۾ ڪيترائي اهڙا ڊراما لکيا ويا يا ترجمو ڪيا ويا، جيڪي سنڌي سماج جي ترجماني نہ ڪندا هئا. مثال طور ”ليلا مجنون“، ”خورشيد“، ”نادر شاهہ“، ”شيرين فرهاد جهانگير“ ۽ ”نورجهان“ وغيره وغيره. اهڙن ڊرامن ۾ داستان گوئي جو دخل وڌيڪ هوندو هو. اهي ڊراما سنڌي معاشري جي عڪاسي ڪان ڪي قدر دور هئا.

عشقيہ داستان ڊرامي جو روح هوندا آهن. سنڌي ڊرامي جي تاريخ کي ڏسبو تہ اهو عشقيہ موضوعن سان ڀرپور آهي. هر ڊرامي ۾ پلي اهو کھڙي بہ موضوع تي هجي ان ۾ عشقيہ قصو، واقعو ضرور سمايل هوندو. هن دور ۾ هڪ طرف سنڌ جا قديم لوڪ داستان ڊرامن تي حاوي هئا تہ ٻئي طرف دور جديد جي حساب سان بہ عشقيہ ڊراما لکيا ويا. ان حالتن ۾ ڪتي ڪتي ڊراما وڌيڪ دلڪش تہ ڪتي بلڪل بي چسا ٿي پوندا هئا.

هن دور ۾ ڪيترائي ڊراما يورپي ٻولين مان ترجما ٿيا جن ۾ ڪيترن ئي شيڪسپيئر جا ڊراما پنهنجي پنهنجي حساب سان ترجما ڪيا. انهن ۾ مرزا قليچ بيگ King Lear مان ”شاهہ ايليا“، Hamlet مان ”شهزادو بهرام“ Merchant of Venice مان ”حسنا دلدار“ وغيره ترجما ڪيا ۽ ٻين ۾ عثمان علي انصاريءَ Two Gentlemen of Verona مان ”گمراهہ دوست“ ۽ Cymbeline مان ”جرم وفا“ ترجمو ڪيا. ڪاڪي ڀيرومل King John جو ”حرص جو شڪار“ جي نالي سان ترجمو ڪيو. ڄيٺمل پرسرام Hamlet جو ”هئملٽ“ جي نالي سان ترجمو ڪيو. ٻاڳچند آڏواڻي ”آٿيلو“ جو انهيءَ نالي سان ترجمو ڪيو. هنن ترجمن ۾ مرزا صاحب جا ترجما اهم آهن. هن انهن کي سنڌي ماحول ۾ پيش ڪيو. سندس ڊرامي ”حسنا دلدار“ ۾ هندو مسلم اتحاد ڏيکاريو ويو آهي، جو اصل ڊرامي يهودي ۽ عيسائي نفاق تي ٻڌل هو. جنهن کي مرزا صاحب ڦيرائي پنهنجي ماحول ۾ آندو. انهن ترجمن ۾ ڄيٺمل ۽ ٻاڳنچند جا اهڙا بہ ڊراما آهن جي اصل ڪان بہ مشڪل آهن.

هن دور ۾ ڪيترائي اهڙا ڊراما ملن ٿا، جن تي ڪيترن ئي ڊراما نگارن

طبع آزمائي ڪئي. هن قسم جي ڊرامن ۾ لوڪ داستان ۽ شيڪسپيئر جا ترجما سر فهرست آهن. ساڳين موضوعن ۽ ڊرامن کي مختلف ليکڪن پيش ڪري ان جي اصليت ئي بگاڙي ڇڏي. مثال طور شيڪسپيئر جي ڊرامن کي جڏهن مرزا قليچ بيگ ترجمو ڪندو هو ته ان کي سنڌي ماحول مطابق پيش ڪندو هو. اگر ساڳئي ڊرامي کي جيٺمل پرسرام ترجمو ڪندو هو، ان کي اصل کان به وڌيڪ مشڪل بڻائي ڇڏيندو هو. اهڙي طرح هڪ لوڪ داستانن کي ڪيترن ئي ليکڪن مختلف رنگن ۾ پيش ڪيو.

هن دور ۾ ڊرامن جي خاص ڳالهه اها هوندي هئي ته انهن ۾ وڏ ۾ وڏ گيت رکيا ويندا هئا. بدلجندڙ منظر جي حساب سان گيت هوندو. ڪي ڊراما ڇهه ڇهه ڪلاڪن جا هوندا هئا، جن ۾ 40 تائين گيت رکيا ويندا هئا. ڪيترن ڊرامن جي شروعات حمد سان ٿيندي هئي يا شاهه جي ڪلام سان. ان کان پوءِ موضوع جي حساب سان پڻ گيت شامل ڪيا ويندا هئا.

هن دور جي ڊرامن جي هڪ خصوصيت اها به هوندي هئي ته انهن ۾ مزاحيه ڪردار ۽ مزاحيه موضوع ضرور شامل ڪيا ويندا هئا. عوام جي پسند کي سامهون رکي، سماجي براين کي طنزيه انداز ۾ پيش ڪيو ويندو هو ، جيئن عام ماڻهو ان مان سبق به حاصل ڪري ته وندر به حاصل ڪري. گهٽ ۾ گهٽ هڪ اهڙو ڪردار ضرور هوندو هو، جيڪو سڄي ڊرامي ۾ تماشائين جي دل وندرائيندو هو.

هتي هڪڙي ڳالهه ڌيان ڇڪرائي ٿي ته هن دور جي ڊرامن ۾ سنجيده ڪردار مزاحيه ڊائلاگ ڪو نه ڇوندا هئا. سندن رويو شروع کان آخر تائين سنجيده هوندو هو.

هن دور جي خصوصيت ۾ اها ڳالهه آهي ته اڪثر ڊرامن جو انداز ناصحانه آهي. مثال طور مرزا قليچ بيگ جيترا به ڊراما لکيا يا ترجمو ڪيا، انهن جي ديباچي ۾ لکندو هو ته سندس اصل مقصد اخلاقي درس ڏيڻ آهي. ان رجحان مان معلوم ٿئي ٿو ته سنڌي ليکڪ يوناني ڊرامي جي پيروي ڪندا هئا. ڊرامن ۾ نيڪي ۽ بدي جي وچ ۾ ازلي جنگ ڏيکاري ويندي هئي. آخر ۾ نيڪي جي فتح ۽ بدي جي شڪست ٿيندي هئي. اهڙي طرح سماج جا اهڙا ڪردار مثال طور

شرابي، رشوت خور، ظالم وغيره آخر ۾ پڇتاءَ سان نيڪ ٿيو پون. سيرت جي لحاظ کان ڊراما ٻن حصن ۾ ورهايل هوندا هئا. ڊرامي ۾ هڪ سورمو (Hero)، ٻيو شودو (Villian). ٻنهي جي ڪردار ۽ سيرت ۾ واضح فرق هوندو هو. انهن مان هڪ حق ۽ سچ جي تبليغ ڪندڙ نظر ايندو هو ته ٻيو وري ان ۾ رڪاوٽون وجهندڙ هوندو هو.

حقيقت هي آهي ته ورهاڱي کان اڳ ڪيترائي ناٽڪ ڪتابي صورت ۾ ۽ اسٽيج تي آندا ويا پر انهن ۾ ڪي ٿورا ادبي شاهڪار آهن. باقي سب وقتي ثابت ٿيا. انهن ڊرامن مان طبعزاد بلڪل ٿورا يا قطعي ڪو نه هئا. اڪثر ڪري سيئي ٻين ملڪن تان حرف بحرف ترجمو ٿيل هئا، جن ۾ تهذيب، رسم رواج پڻ ڌاريو هو، تنهنڪري سنڌين جي دلچسپيءَ جو باعث هرگز ڪين بڻيا. ان سلسلي ۾ ڊاڪٽر عبدالمجيد ميمڻ جو به ساڳيو خيال آهي ته ”سنڌي ڊراما نگارن جيتوڻيڪ سياسي، سماجي ۽ تاريخي مضمون پئي آندو آهي ۽ ان ۾ گهڻي ڀاڱي ڪامياب ويا آهن. ان هوندي به ڪو به شيڪسپيئر يا برناڊشا پيدا ڪري ڪو نه سگهيا“.(9)

**حوالا:**


1. جنيت ريلواڻي:”سنڌ ڪڇ ۽ ڪاٺياواڙ جا سيپتڪ ناتا“، سنڌ ڀارتي پبليڪيشن، راجڪوٽ، 2008ع، ص 387
2. ڊاڪٽر غلام علي الانا :”سنڌي نثر جي تاريخ“، زيب ادبي مرڪز، حيدرآباد، 1977ع. ص 87ڊاڪٽر ميمڻ عبدالغفور سنڌي: ”ڊراما نويسيءَ جو فن“، ماهوار پيغام، اطلاعات کاتو، حڪومت سنڌ، ڪراچي، 1986ع
3. مير محمد نظاماڻي: ”سنڌي ڊراما ان جو ارتقا نظريو فن ۽ تاريخ“، انسٽيٽوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو،1982ع، ص 55
4. اي ـ جي اتم : ”سنڌي ڪهاڻي، ناٽڪ ۽ تنقيد“، ڪلپنا ڪتاب گهر، الهاس نگر، 1981ع، ص 31
5. لطف الله بدوي: ”ڪليات خادم “، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1958ع
6. مير شفيع احمد علوي: ”سنڌي ادب ۾ جهونا داستان“، ماهنامو نئين زندگي، ڪراچي، آڪٽوبر 1961ع
7. رام جوهراڻي: برطانوي دور ۾ سنڌي ڊراما نويسي (برطانوي دور ۾ سنڌي نثر، مرتب: ڊاڪٽر منوهرلعل متلاڻي) ڊپارٽمنٽ آف سنڌي، يونيورسٽي آف ممبئي، 2003ع، ص 109

8. ڊاڪٽر ميمڻ عبد المجيد سنڌي: "سنڌي ادب جو تنقيدي ابياس"، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، 1996ع، ص 525

# انگريزن جي دور ۾ سنڌي ڊراما جا خاص موضوع

انگريزن جو سنڌي اسٽيج ڊراما جي عروج جي دور هو، جنهن ۾ هر قسم جا ڊراما لکيا ويا يا ترجمو ڪيا ويا. هن دور ۾ جيڪي ڊراما لکيا ويا يا ترجمو ٿيا، انهن کي هيٺين موضوعن ۾ ورهائي سگهجي ٿو:

**هندو ڌرمي ناٽڪ**

سنڌ ۾ جيڪي ڌرمي ڊراما تريجمو ٿيا، اهي بنيادي طور ”ناٽڪ“ هئا، ڇو ته انهن جو بنياد قديم هندو ڌرم ۽ سورمن تي مبني آهي. انهن ناٽڪن جو موضوع تقدير جي بي وسي آهي. اڪثر ناٽڪ مها ڀارت، ڪاليداس ۽ ٻين سنسڪرتي ناٽڪن تان ترجمو آهن. ان سلسلي ۾ آغا حشر ۽ ماسٽر رحمت جا اوپيرا ناٽڪ مشهور هوندا هئا. اهڙن ناٽڪن ۾ ”اندر سڀا“، ”راجا اندر“، ”خدا دوست“، ”خوبصورت بلا“، ”هريش چندر“ ، ”ليلا مجنون“ ، ”شيرين فرهاد“ ۽ ”شڪنتلا“ وغيره اهم هئا. اهي اڪثر ناٽڪ ڌرمي ۽ ديو مالائي ڪهاڻين يا سنسڪرت ناٽڪ ۾ آيل مضمونن جي آڌار تي جوڙيل هئا. ڌرمي ناٽڪن جي ڪري سنڌي ناٽڪ جو گهڻو شوق پيدا ٿي نه سگهيو، ڇو جو اهي هڪ مذهب جي عڪاسي ڪندڙ ناٽڪ هئا. اڳتي هلي جڏهن سنڌ ۾ ناٽڪ لکڻ ۽ ڪيڏڻ جو رواج پيو ته ناٽڪن ايستائين ترقي نه ڪئي جيستائين انهن کي ڌرمي موضوعن کان آزاد ڪري سماجي موضوعن تي آندو ويو.

سنڌ ڪاليج منڊليءَ ۾ جيڪو پهريون ناٽڪ ڪري ڏيکاريو هو سو هو ”نل دمنتي“.جنهن 1894ع ۾ پهريون ناٽڪ ڄيٺانند ڪلٽنداس ٻريائي جو لکيل ’نل دمينتي‘ پيش ڪيو. سال 1888ع ۾ ڪوڙو مل ڪلناڻيءَ جو ”رتناولي“ ناٽڪ ڇپيو.ساڳي سال ۾ ماستر ڄيٺانند جو ترجمو ٿيل ناٽڪ ”انڌير نگري“ شايع ٿيو. اڻويهين عيسوي صديءَ ۾ مرزا قليچ بيگ ان دؤر ۾ ”ڪاليداس“سنسڪرت ناٽڪ ”شڪنتلا“ 1896ع جو ترجمو هو. ليلارام وطڻمل جا ”هريش چندر“ 1895ع، ”مهن تارڪا“ ۽ ڏيئومل گاگن مل جو لکيل ”رام بنواس“ 1897ع

وغيره آهن. انهن کان علاوه هري سنگهہ ڏنگومل ”اندر سڀا“ 1890ع ۽ ”خدا دوست“ 1890ع، ماستر چيتانند جو ناٽڪ ”ستي سهاڳڻ“ (1896ع) اهم ناٽڪ ليکيا وڃن ٿا. ليلارام وطڻمل ”خاڪي“ مهاڀارت تان ورتل ڊرامو ”هرشچندر“ جيڪو سال 1895ع ۾ لکيائين. سندس ٻن قسطن ۾ لکيل ناٽڪ ’رامائڻ‘ کي 1898ع ۾ پيش ڪيو ويو.

گاگسنگ آتما سنگ جو ”شڪنتلا دشينت“ بہ اهم آهي. ڪلياڻ آڏواڻيءَ بہ ”شڪنتلا“ جو ترجمو ڪيو آهي. مشهور شاعر ڪشنچند بيوس جا بہ اڪثر ناٽڪ ڏرمي آهن. هن قسم جي ناٽڪن جو تعداد تمام گهٽ آهي. ڏرمي ناٽڪن ۾ ڏرمي ڪلام بہ شامل ڪيا ويندا هئا. مثال طور ”دروپدي“ ۾ 44 راڳ ڏنل آهن. هن قسم جا ناٽڪ شروع ٿي ڏرمي ناٽڪن سان ٿيندا هئا.

هن دور جي ناٽڪن جي فلسفي تي پروفيسر منگهارام ملڪاڻي لکيو آهي تہ ”هندستان ۽ ايران ۾ شهيدن جا ناٽڪ، اسان جي ياڳ پري سنڌڙيءَ ۾ تہ 19 صدي جي آخر ڌاري جڏهن هندو مت ويساهہ ۽ اعتقاد جي جاءِ تي عقل ۽ سمجهہ جو راڄ جاري ٿي ويو، تڏهن ڏرمي ناٽڪن سان آرنڀ ٿيو. انهن ڏرمي ناٽڪن کي باريڪ نظر سان جاچجي ٿو تہ هي ڳالهہ پڌري ٿئي ٿي تہ مکيہ مسئلي جي اپٽار ٿيل آهي تہ ”انسان هڪ بيوس ضعيف وٿ آهي ۽ زبردست بيترس تقدير سدائين مٿس غالب پئجي ٿي وڃي ۽ کيس عذاب ٿي سهرائي“.(1) بهرحال، ڏرمي ناٽڪ سنڌ ۾ مشهور ٿي نہ سگهيا.

**شيڪسپيئر جا رومانوي ڊرامن جا ترجما**

ڊرامي جي صنف انگريزي ادب ۾ پراڻي ۽ وڏي حيثيت واري رهي آهي. انگريزي ڊرامي جي دنيا ۾ وليم شيڪسپيئر، ڪرسٽوفر مارلو، جانسن، جان ڊرائڊن، جان ويبسٽر، برنارڊ شا ۽ آسڪر وائلڊ وغيره اهم مقام رکن ٿا. سندن سڃاڻپ ادبي دنيا ۾ آفاقي آهي. 1880ع ۾ جڏهن مرزا قليچ بيگ سنڌي زبان ۾ پهريون ڊرامو لکيو، تڏهن انگريزي زبان جا مشهور ڊراما نگار جارج برنارڊشا، آسڪر وائلڊ، جان گالسوردي ۽ ٽي ايس ايلٽ ۽ ٻيا اڃا زنده هئا. سندن فن فڪر دنيا جي ٻين خطن سميت سنڌ ۾ بہ مشهور هو.

هڪ اندازي مطابق اٽڪل 33 ڊراما انگريزن جي دور ۾ انگريزي زبان جا سنڌي ۾ ترجمو ڪيا ويا، جن مان گهڻا شيڪسپيئر جا هئا. ڊاڪٽر حبيب الله مرزا لکي ٿو تہ ”موجوده سنڌي ڊرامو انگريزي ڊرامو آڏو رکي لکيو ويو آهي ۽ انگريزي ڊرامي جي ساخت (جوڙجڪ) ساڳي يوناني ڊرامي واري رکي ويئي آهي، جو ارسطو جي مقرر ڪيل قواعد جو پابند سڏجي ٿو. اهڙي طرح ايئن چئجي تہ سنڌي ڊرامي جو بنياد قديم رواج ۽ ان جي شروعات انگريزن واري دور ۾ ٿي هئي، تہ پڪ سان ان جو بنياد قديم يوناني ڊرامي ۾ پختو پيل آهي، يا ايئن چئجي تہ بنياد اهو ئي آهي، ليڪن اوساري انگريزي ڊرامي واري آهي“.[(2)] جيتوڻيڪ مرزا قليچ بيگ، ڪشنچند بيوس، خانچند درياڻي ۽ ٻيا سنڌي ڊرامي ۾ نوان نوان موضوع کڻي آيا پر پيشڪش جي لحاظ کان اهي سڀ انگريزي ڊرامي جي اسٽائيل تي آڌاريل هئا.

وليم شيڪسپيئر نہ صرف انگريزي زبان ۾، پر سڄي دنيا جي ادب ۾ اوچو مقام رکي ٿو. شيڪسپيئر جي فن، فڪر ۽ حياتيءَ تي هزارين ڪتاب دنيا جي مختلف ٻولين ۾ لکيل آهن. شيڪسپيئر جا ڊراما دنيا جي اڪثر ٻولين ۾ شايع ٿي چڪا آهن، جيڪو خود هڪ ادبي رڪارڊ آهي.”وليم شيڪسپيئر 23 اپريل 1564 ع ۾ اسٽارٽ فورڊ ايوان ۾ پيدا ٿيو. وليم شيڪسپيئر جي ننڍ پڻ جي باري ۾ ڪا گهڻي خبر نہ ٿي پوي. اهو بہ هڪ راز آهي تہ هن ڪيتري تعليم حاصل ڪئي هئي، ڪهڙن حالتن ۾ هو لنڊن پهتو ۽ اسٽيج جي پهريائين نوڪري پوءِ اداڪاري شروع ڪيائين. انهن سيني لاءِ روايتون ٻڌايون ويون آهن“.[(3)]وليم شيڪسپيئر گهٽ ۾ گهٽ ستٽيهہ ناٽڪ ۽ بيشمار نظم لکيا، جن ۾ ”وينس ۽ ايڊونس“(Venice and Adonis) ۽ ”ريپ آف لڪريشيا“ (The Rape of Lucree) گهڻو مشهور آهن. انهن کان علاوه 154 سانيٽ بہ لکيائين..هن 37 ڊراما لکيا. شيڪسپيئر پنهنجا پويان ڏينهن پنهنجي اباڻي ڳوٺ وچي گذاريا هئا. هو 23 اپريل 1616 ع تي ٻاونجاهہ ورهين جي ڄمار ۾ وفات ڪري ويو. کيس سندس ڳوٺ واريءَ ديول ۾ پوريو ويو.

سنڌي ڊرامي تي وليم شيڪسپيئر جي ڊرامن جو وڏو اثر اوڻويهين صديءَ کان شروع ٿيو. ۽ جنهن زماني ۾ سنڌي ڊرامن جو رواج پيو تڏهن سنڌي اديبن

شيڪسپيئر جي ڊرامن کي وڏي پيماني ترجمو ڪرڻ شروع ڪيو. انهن ۾ نوان نوان تجربا ڪيا. ڪيترن ئي سنڌي ليکڪن سندس ساڳين ڊرامن جو مختلف نموني ترجمو ڪيو. اي جي اتم لکي ٿو تہ "سنڌي ناٽڪن جي ٻئي دور کي شيڪسپيئر جي ڊرامن جو دور چوڻ ئي ٺيڪ ٿيندو. هي دور 22 سال هليو. شيڪسپيئر جا ناٽڪ اڳيئين دور جي ڪرامتي ۽ ڌرمي واقعن جي ڀيٽ ۾ ڪردار نگاري وارا ناٽڪ هئا. انهن ۾ سماجڪ مسئلن ۽ قدرن جي ڪشمڪش ڏيکاريل هئي. پر ٻنهي دورن جي ڊارا رومانيت واري هئي، جنهن ۾ حقيقي زندگيءَ بدران ڪلپنا ۽ جذبات تي زور ڏنل هو. انهن ناٽڪن جون اڪثر ڪهاڻيون ديوتائن، راجائن، پرين، شهزادن ۽ نوجوانن بابت هيون".[4]شيڪسپيئر جي ڊرامن جي ترجمن سان سنڌي ڊرامو ڌرمي ۽ فلسفي ڊرامن مان بہ آزاد ٿيو. ان سلسلي ۾ پروفيسر منگهارام ملڪاڻي لکي ٿو تہ: "شيڪسپيئر زندگيءَ جي ان نموني فلسفي جي برخلاف هو تہ انسان تقدير جو ٻڌو ٻانهو آهي ۽ سندس ڪا بہ ڪوشش نرڙ جي لکڻي کي ميٽي نہ ٿي سگهي. شيڪسپيئر هڙئي ناٽڪ هن نئين اصول تي ٻڌا تہ انسان جي قسمت سندس سيرت ۾ سمايل آهي ۽ هو پنهنجي ڪرتوتن جي برڪت سان گهڻي قدر پنهنجي قسمت بڻائي سگهي ٿو. توڻي ڪن حالتن ۾ سيرت مٿان تقدير غالب پئجيو وڃي ۽ آخر نتيجو مقدر جي وس ٿيو پوي".[5]

شيڪسپيئر جي ڊرامن جا جن اديبن سنڌي ۾ ترجما ڪيا. انهن ۾ مرزا قليچ بيگ سر فهرست آهي، هن کي سنڌي ڊرامي جو شيڪسپيئر بہ چيو ويندو آهي، ٻين ۾ ڄيٺمل پرسرام، پيرومل مهرچند، نانڪرام ميرچنداڻي، تيرٿ بسنت، ديوان ٽاڪرداس، ڀاڳسنگ آڏواڻي، منگهارام ملڪاڻي، عثمان علي انصاري،لطف الله بدوي، حبيب الله مرزا ، تيرٿ بسنت ۽ ٻيا شامل آهن. شيڪسپيئر جو شايد ئي ڪو اهڙو ڊرامو هجي. جنهن جو سنڌي ۾ ترجمو نہ ڪيو ويو هجي. مرزا صاحب، جيڪي ڊراما سنڌي ۾ ترجمو ڪيا، انهن جا ڪردار ۽ ماحول ئي تبديل ڪري سنڌي ۾ آندو. ڪي ڊراما پنهنجي اصليت وڃائي وينا ۽ ڪي جڻ اصلوڪا سنڌي ٿي پيا، آهن ڪن مترجمن انهن کي اصلي روپ ۾ ترجمو ڪيو آهي. هتي اسان ڪجهہ ترجمو ٿيل ڊرامن جو جائزو ڏيون ٿا:

**شهزادو بهرام (مرزا قليچ بيگ) :**مرزا قليچ بيگ هي ڊرامو وليم شيڪسپيئر جي مشهور ڊرامي Hamlet جو ترجمو ڪيو. مرزا صاحب هن ڊرامي کي سنڌي ماحول ۽ مسلم زندگيءَ ۾ "شهزادو بهرام" جي عنوان سان 1914ع ۾ ترجمو ڪيو.

**تريا چلتر (ديوان ٺاڪرداس ناگراڻي) :**ديوان ٺاڪرداس ناگراڻي جو تعلق شڪارپور سان هو. هن 1914ع ۾ "تريا چلتر" ناٽڪ لکيو. جيڪو شيڪسپيئر جي هئلمٽ جو ترجمو آهي. "تريا چلتر" ترجمو اصل کان بہ ڏکيو هو. جنهن جي ڪري مرزا قليچ بيگ جي ترجمي شهزادي بهرام جيتري شهرت حاصل ڪري نہ سگهيو.

**هئمليٽ (چيتمل پرسرام) :**چيتمل پرسرام گلراجاڻي شيڪسپيئر جي مشهور ڊرامي Hamlet جو ترجمو "هئمليٽ" جي عنوان سان 1923ع ۾ ڪيو.

**شاهہ ايليا :**مرزا قليچ بيگ جو شاهہ ايليا ڊرامو اصل ۾ انگريزي ادب جي ڊرامانويس ۽ شاعر شيڪسيئر جي ڊرامي (KING LEAR ) جو ترجمو آهي. جيڪو مرزا صاحب سال 1900ع ۾ ترجمو ڪيو هو. هن ڊرامي جو ڇهريون ڇاپو ادبي بورڊ طرفان سال 1959ع ۾ شايع ٿيو. هن ڊرامي ۾ سيرت جي هيٺائيءَ جي موضوع کي ڪنيو ويو آهي.

**حسنا دلدار (مرزا قليچ بيگ) :** هيءُ شيڪسپيئر جي مشهور ناٽڪ "Merchant of Venice" جو ترجمو آهي ، جنهن کي مرزا قليچ سال 1897ع ۾ ترجمو ڪيو ۽ ان ڊرامي کي سنڌ ڪاليج ڊراميٽڪ سوسائٽيءَ طرفان ڪاميابيءَ سان اسٽيج تي پيش ڪيو ويو. هي ناٽڪ سيرت جي موضوع تي آهي.

**گلزار ۽ گلناز (مرزا قليچ بيگ) :**مرزا صاحب شيڪسپيئر جي رومانوي ڊرامي The Romeo and Juliet جو ترجمو وري نئين انداز ۾ " گلزار ۽ گلناز" جي نالي سان 1909ع سنڌي صورت ۾ الٿو ڪيو ويو. اصل ڊرامي ۾ نوجوانن جو شيلن عاشقن جو دکدار انت ڏيکاريل آهي، پر ان ناٽڪ ۾ ان جي موتمار پڇاڙي کي مرزا صاحب عام ماڻهن جي دلپسنديءَ لاءِ ڦيرائي، پريمن جو ميلاپ ڪرايو هو.

**شمشاد مرجانہ (مرزا قليچ بيگ) :**مرزا قليچ بيگ جو "شمشاد مرجانہ" 1908ع شيڪسپيئر جي مشهور ڊرامي Cymbeline جو ترجمو هو ۽ نهايت ڪامياب

ٿيو هو. هن ناٽڪ ۾ ڪردار جي ڪچائي اها ڏيکاريل آهي ته پورڙو هيرو، هيروئن (Heroine) جي ٻڌل بيوفائيءَ ۾ سٽروئي ويساهه ڪري ٿو وجي ۽ بنا تحقيق جي ڪڍي ٿو ڇڏيس. جنهن جي سزا اها ٿو پائي جو پڇتاءُ ۽ بعد ۾ وڇوڙي جا عذاب سهڻا تا پونس.

**جرم وفا** (عثمان علي انصاري)**:**عثمان علي انصاري شيڪسپيئر جي سمبلائين (Cymbeline) جو "جرم وفا" جي نالي سان سان ڪيو. هن ڊرامي جا ڪردار ۽ ماحول تبديل ڪري سنڌي ۾ اخذ ڪيا هئا. پر انصاريءَ صاحب نه متن ۾ تبديلي آندي نه ڪردارن ۾ ڦيرڦار ڪئي، "جرم وفا" 184 صفحن تي، ميرپور خاص پرٽنگ پريس مان 1937ع ۾ شايع ڪرايو.

**نيڪي بدي** (مرزا قليچ بيگ)**:**مرزا قليچ بيگ جو بهترين ناٽڪ "نيڪي بدي" 1911ع ۾ اسٽيج تي پيش ٿيو. جيڪي آغا حشر جي مشهور ڪيل "خوبصورت بلا" تان ترجمو ڪيل هو. مرزا صاحب پنهنجي ناٽڪ جي ديپاجي ۾ ڄاڻايو آهي ته اهو اصل شيڪسپيئر جي ڪنهن ناٽڪ تان ترجمو هو. جنهن جو اصل مترجم نالو ڪونه ڄاڻايو هو.

**جمشيد حميده** (مرزا قليچ بيگ)**:**مرزا قليچ بيگ هي ناٽڪ 1918ع ۾ شيڪسپيئر جي Mecbeth ناٽڪ تان التو ڪيو. جيڪو بعد ۾ شايع ٿيو.

**حرص جو شڪار** (**پيرومل مهرچند**)**:**ڪاڪي پيرومل مهر چند آڏواڻي سال 1912ع ۾ شيڪسپيئر جي ڊرامي ڪنگ جان (King John) جو ترجمو "حرص جو شڪار" جي نالي سان ڪيو. هيري نڪر موجب هن جي ناٽڪ اردو ترجمي تان ورتو هو. جو ڪتابي صورت ۾ ته شايع ٿيو. پر اسٽيج تي ڪو نه آيو."(6)

**حسابي حساب** (چينمل پرسرام گلراجاڻي)**:**چينمل پرسرام گلراجاڻيءَ ڪيترن ئي ڊرامن جا ترجما ڪيا. ساڳي نموني هن شيڪسپئير جي Measure for Measure جو ترجمو "حسابي حساب" جي نالي سان ڪيو. جنهن ڪي پڻ ناول واري انداز ۾ ترجمو ڪيائين.

**چٽ نه چماٽ، وڃان ئي ٻي واٽ:**نانڪرام ڌرمداس 1922ع ۾ شيڪسپيئر جي ڊرامي "Taming of the Shrew" جو "چٽ نه چماٽ، وڃان ئي ٻي واٽ" جي

نالي سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو. هن ڊرامي ۾ ڏنگي زال سنئين ڪرڻ واري موضوع کي کنيو ويو آهي.

**عزيز ۽ شريف:** مرزا قليچ بيگ شيڪسپيئر کي سنڌي ۾ متعارف ڪرائڻ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيو. هن Two Gentlemen of Verona جو ترجمو "عزيز ۽ شريف" جي نالي سان 1909ع ۾ ڪيو، جنهن کي سنڌ ڪاليج ناٽڪ منڊلي طرفان پيش ڪيو ويو.

**گمراهه دوست:** عثمان علي انصاري شيڪسپيئر جي Two Gentlemen of Verona جو ترجمو "گمراهه دوست" جي نالي سان 1838ع ۾ ڪيو. هي ڊرامو به بهترين نموني ترجمو ٿيل آهي. انصاري صاحب ڊرامي جا نالا جيتوڻيڪ اصل رکيا پر ڪردان جا نالا ساڳيا مغربي آنڊائين مگر سندس ٻولي سهڻي ۽ سلوڻي آهي.

پروفيسر منگهارام ملڪاڻي شيڪسپيئر جي مذاقي ناٽڪ Mid Summer Night's Dream جو ترجمو "دلسوز داستان" جي نالي سان ڪيو هو، جو 1939ع ۾ ڊي.جي ڪاليج ۾ پيش ڪيو ويو هو.

مراز قليچ بيگ جو ڊرامو "فيروز دل افروز" به رومانوي آهي، جيڪو هن اردو ڊراما "ليل و نهار" تان ترجمو ڪيو هو. هن ڊراما جي ڪهاڻي ايراني ماحول تي ٻڌل آهي. مرزا قليچ بيگ جا "شمشاد مرجانا" ۽ "عزيز ۽ شريف" به شيڪسپيئر جي رومانوي ڊرامن جا ترجما آهن.

**سنڌ جي لوڪ داستانن تي مبني رومانوي ڊراما**

شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ ۾ ناٽڪ جي پهريون پيرو نشاندهي ڊاڪٽر هوتچند گربخشاڻيءَ ڪئي هئي. هن شيڪسپيئر جي ناٽڪن جي حوالي سان شاهه جي سورمين ۽ سورمن جي ڪردار نگاريءَ کي ناٽڪي ڪوٺيو آهي. هو لکي ٿو ته "شاهه جو نمونو به انگريزي شاعر شيڪسپيئر وانگي ناٽڪ جهڙو آهي. هي هڪ نئون نمونو آهي، جو سنڌ جي ڪنهن ٻئي شاعر استعمال ۾ نه آندو آهي. انهيءَ شعر ۾ شاهه جي شعور جون ڪل خوبيون نڪري نروار ٿين ٿيون".[7]

ڊاڪٽر هوتچند گربخشاڻي شاهه جي شاعريءَ جي ناٽڪي رخ جي نشاندهي ڊي جي ڪاليج ڪراچيءَ ۾ پڙهائڻ دوران پنهنجي تقريرن، مضمونن ۽ مقالن ۾ ڪئي هئي. جنهن ڪانپوءِ شاهه سائين جي شاعريءَ جي ڊرامائي روپ کي نظر ۾ رکندي شاعريءَ جي پس منظر ۾ سنڌي ناٽڪ لکڻ جي شروعات سنڌي ناٽڪ ۾ حقيقت نگاريءَ جي باني خانچند درياڻيءَ 1922ع ۾ ڪئي. هن سر مومل راڻي تي پهريون ناٽڪ "مومل مينڌرو" لکيو. جنهن جو بنياد شاهه سائين جي شاعريءَ تي هو. هن ناٽڪ کي حقيقي روپ ڏيڻ لاءِ هنڌ هنڌ تي شاهه ڀٽائيءَ جي شاعري ڪتب آندي. جنهن سندس ان ڪامياب تخليق کي وڌيڪ دلچسپ بڻايو. اهو ناٽڪ پهريان سنڌي ساهت سوسائٽيءَ شايع ڪرايو. جنهن ڪانپوءِ اهو ناٽڪ پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ جي هدايتن هيٺ "ڊي جي سنڌ ڪاليج ناٽڪ منڊلي ڪراچيءَ" پاران اسٽيج ڪيو ويو. ان ناٽڪ ۾ اداڪاري ڊي جي ڪاليج جي ساگردن ڪئي. ناٽڪ جي هدايتڪار پروفيسر منگهارام ملڪاڻي ان ناٽڪ جو احوال ڏيندي لکي ٿو ته " ان ۾ بيت ۽ ڏوهيڙا شاهه صاحب جا ڪم آندل هئا ۽ ڪردارن جي زباني اهي ٺهڪندڙ هئا .. هن ۾ مومل جو ڪردار ڪاليج جي هڪ ڇوڪري مڪند لالا ڏاڍي نفيسائي ۽ اُتساهه وچان ڪيو هو ۽ ڪافيون ۽ ڏوهيڙا ميناج ڀريا ڳايا هئا، راڻي جو پارٽ موتي جڳتياڻيءَ ڪيو هو".(8)

ان ڊرامي ڪانپوءِ لعل چند امر ڏني مل عمر مارئيءَ جي قصي تي "عمر مارئي" لوڪ ناٽڪ لکيو، جيڪو رابندر ناٿ ڊرئمٽيڪ ڪلب حيدرآباد پاران 1925ع ۾ اسٽيج ٿيو. اهو ناٽڪ حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ ۾ ساڳئي ناٽڪ منڊليءَ ور ور ڏئي ڏهه ٻارهن ڀيرا اسٽيج ڪيو هو. ساڳئي سال لعل چند امر ڏني ٻيو ناٽڪ "سهڻي ميهار" لکيو، پر اهو اسٽيج تي نه اچي سگهيو. جنهن ڪانپوءِ هن "سسئي پنهون" ناٽڪ ڊنگو مل سان گڏجي لکيو، پر اهو به اسٽيج نه ٿي سگهيو ۽ نه وري شايع ٿي سگهيو. 1932ع ۾ مزاحيه اداڪار منگل سنگهه رامچنداڻيءَ "سسئي پنهون" ناٽڪ لکيو هو. جيڪو "ينگ سٽيزنس ڊرئميٽڪ سوسائٽي، حيدرآباد" پاران اسٽيج تي آندو ويو. ان ۾ به شاهه جون ڪافيون ۽ وايون ڏنل هيون. ڊاڪٽر ليلا رام ڦيرواڻيءَ 1936ع ۾ "ليلا چنيسر" جي لوڪ داستان تي ناٽڪ "هڪڙي رات"

جي نالي سان لکيو. هي ناٽڪ اسٽيج تي ڪونه آيو پر ڪتابي صورت ۾ شايع ٿيو. جنهن جو مهاڳ پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ لکيو.

ڊاڪٽر ليلا رام سنگهه جو جنم شڪارپور ۾ ٿيو. ڊاڪٽر ليلا رام ڏرم اپڪار ڊرئميٽڪ سوسائٽي جو ميمبر هو. هن صاحب پهرئين جنوري 1936ع تي هڪڙو ڊرامو ”هڪڙي رات عرف ليلا چنيسر“ نالي لکيو. جيڪو هندستان پرنٽنگ پريس، ڪراچي طرفان شايع ٿيو. ڊاڪٽر ليلا رام شاهه لطيف جي سر ليلا چنيسر جي پس منظر ۾ لکيل هي ڊرامو پنهنجي مربي ۽ پاءُ سنڌ جي ناميارى دانشور پروفيسر شيوارام ڦيرواڻي جي نالي ارپيو آهي.

”هڪ رات عرف ليلا چنيسر“ جي مهاڳ ۾ ڪاڪو ڀيرومل آڏواڻي لکي ٿو ته ”هن ناٽڪ جو نالو هڪڙي رات ڏسي پهريائين دل ۾ آيم ته اهو ڪاتي ان جي بدران ’ليلا چنيسر ناٽڪ‘ نالو رکان. ته هر ڪو نالي منجهان ئي سمجهي ته هي ڪيل کهڙي قصي تي بڌل آهي، پر پوءِ اتي ئي هٺ جهليم جو ڏٺو ته اهو نالو به وڏي معنيٰ وارو آهي. هن دنيا ۾ انسان گويا هڪ رات لاءِ مهمان آهي“ هو وڌيڪ لکي ٿو ته ”اهي ڳالهيون ڳڻي ڪتاب جو اصلوڪو نالو قائم رکيم. ڪتاب ۾ مون رڳو ڪن ٿورن هنڌ ضروري ڦيرڦاريون ڪيون آهن، نه ته سڄو ناٽڪ جيئن ڊاڪٽر ڦيرواڻي پاڻ لکيو هو تيئن قائم رکيم ته پلي ٻولي توڙي خيال پڙهي، پڙهندڙ امين ٿي چون ته هي ناٽڪ ڪيتري قدر دلچسپ، پر اثر ۽ نزاڪت ڀريو آهي ۽ هي ڳالهه به وجائين ته ڊاڪٽر ڦيرواڻي انسان سياء جو ڪيتري قدر اڀياس ڪري زنانا وهم ۽ اندر جا امنگ هن ناٽڪ ۾ اتڪل سان آندا آهن. ڊاڪٽر ڦيرواڻيءَ ڪي ڏٺي شعر جوڙڻ جي ذات به ڏني آهي ۽ راڳ مان به واقف آهي، ته پل سندس شعر جون خوبيون توڙي خاميون پڙهندڙ پاڻ ويچارين، مون ڪي پڪ آهي ته هر ڪو قبول ڪندو ته جيڪو شاگرد پهرئين ڪوشش سان هھڙو ڪتاب لکي تنهن هر طرح جس لهڻي“.(9)

شاهه جي شاعريءَ جي بنياد تي سنڌيءَ ۾ لوڪ ناٽڪ لکڻ جي پختي روايت سدا حيات پروفيسر رام پنجواڻيءَ وڌي. هن 1941ع ۾ ڊي جي سنڌ ڪاليج جي پرنسپال ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جي چوڻ تي ڪاليج جي غريب شاگردن جي مالي

سهائتا لاءِ هڪ ناٽڪ ”مومل راڻو“ هڪ اندر لکي اسٽيج تي آندو. هن ناٽڪ ۾ مومل جو ڪردار ڪاليج جي شاگردياڻي مئنا واسواڻيءَ ادا ڪيو هو. جنهن شاهه جا بيت ۽ وايون سريلي آواز ۾ ڳايون. رام پنجواڻيءَ شاهه جي شاعريءَ جي روشنيءَ ۾ ٻيو ناٽڪ لوڪ داستان ”عمر مارئي“ تي ”پکي ۽ پدمڻي“ جي نالي سان لکيو. جيڪو 1943ع ۾ ڪاليج جي شاگردياڻين پنجواڻي صاحب جي ”سنڌي سرڪل“ جي پليٽ فارم تان سندس ئي هدايتڪاريءَ ۾ ڪري ڏيکاريو. ورهاڱي کان اڳ 1946ع ۾ نانڪرام ڌرمداس لوڪ ناٽڪ ”سهڻي ميهار“ لکيو. جيڪو ماهوار ”پارت جيون“ حيدرآباد ۾ شايع ٿيو. ورهاڱي کان اڳ سنڌ ۾ آخري لوڪ ناٽڪ ”سسئي رُل مئي“ لعل چند امر ڏني مل 1946ع ۾ لکيو. جيڪو ”مهراڻ مخزن“ ڪراچيءَ ۾ شايع ٿيو.

سنڌي ناٽڪ ۾ جديديت جي حساب سان سندر اگناڻي لکي ٿو ته ”پارت ۾ خوله ورهاڱي کان اڳ سنڌي ناٽڪ ۾ وقت به وقت نوان تجربا ٿيندا رهيا آهن. پنهنجي وقت ۾ مرزا قليچ بيگ، خانچند درياڻي، ڪشنچند بيوس، لالچند امرڏنو مل ۽ منگهارام ملڪاڻيءَ نوان نوان موضوع کڻي ناٽڪ لکيا هئا پر پيشڪش جي لحاظ کان انهن ۾ نواڻ گهٽ هئي. ڇاڪاڻ ته انهن تي پارسي ٿيئٽر يا شيڪسپيئر جي ٿيئٽر جو اثر ڇانيل هئو. پر ان کان هٽي ڪري لالچند امر ڏني شاهه لطيف جي شعر جو استعمال ڪري ”عمر ـ مارئي“ ناٽڪ جوڙيو. جيڪو هڪ ڪامياب تجربو هو. ساڳي طرح ليلارام ڦيرواڻي ”هڪ رات“ ناٽڪ ۾ پريم ڪي عشق جي مزاج جي سطح کان مٿي کڻي نفيس پيار ڪري ڪو نه ڏيکاريو هئو پر ان ۾ شاهه صاحب جو شعر خوبصورتيءَ سان اڻيو هئو. جنهن ڪري نئون تجربو ڇيو وڃي ٿو.“ (10)

## تاريخي ڊراما

اهو ڊرامو. جنهن ۾ تاريخ مان ورتل ڪردار، واقعا، حڪمرانيءَ جا حالات وغيره ڊرامي جي روپ ۾ ڏنل هجن، يا اسٽيج تي پيش ڪيا وڃن. هنن ڊرامن جي هڪ تاريخي حقيقت هوندي آهي ۽ ڪردار ۽ واقعا سچا هوندا آهن. دنيا جي ادب ۾ تاريخي ڊرامن جو هڪ وڏو مقام آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ به ڪيترائي تاريخي

ڊراما لکيا ويا آهن. انگريزن جي دور ۾ هڪ طرف شيڪسپيئر جا تاريخي ڊراما ترجمو ٿيا، ٻئي طرف مها ڀارت ۽ هندستاني تاريخي ڪردارن تان ڊراما لکيا ويا يا ترجمو ڪيا ويا.

انگريزن جي دور ۾ ڪيترائي تاريخي ڊراما لکيا يا ترجمو ڪيا ويا. پر انهن ۾ اڪثر ڌرمي ڊراما هئا، جيڪي هندو ڌرمي ڪتابن، ڪٿائن ۽ سورمن تي آڌاريل هئا. مثال طور ڪشنچند بيوس جو ”هرش چندر“، تيجومل شهاڻيءَ جو ”راڻو پرتاب سنگ“ ۽ ٻيا ڪيترائي شامل آهن. ٺاڪرداس آسواڻي جي سنڌ جي اوائلي تاريخ تي ”راجا ڏهرسين“ (1923ع) تمام گهڻي مقبوليت حاصل ڪئي. ڪجهه تاريخي ڊراما هندستاني تاريخ تي آڌاريل آهن مثال طور ”جهانگير“، منگهارام ملڪاڻيءَ جو ”انارڪلي“ ان ڏس ۾ ڄڻي سگهجن ٿا. شيڪسپيئر تاريخي ڊرامن کي سنڌي ٻوليءَ نئين انداز ۾ پيش ڪيو ويو آهيجن ۾ ”ڪنگ جان“، ”قلوپطره“، ”جوليس سيزر“وغيره اهم آهن. ”سنڌ جي ماڻهن جي سورهيائي تي ڀريون ناٽڪ ’سئبريڪا جو پيش پوڻ‘ محمد حنيف صديقيءَ 1930ع ۾ لکيو هو. جيڪو سڪندرِاعظم جي سنڌ ۾ ناڪاميءَ جي پس منظر ۾ لکيل هو.

**سماجي ۽ حقيقت نگاري وارا ڊراما**

ڊاڪٽر غلام علي الانا مطابق ”سنڌي ڊرامي ۾ ڪو نه ڪو مقصد رکيل آهي. ڊراما نويس انهن ۾ روزانه زندگيءَ جي مسئلن کي بيان ڪيو آهي. سنڌي ڊراما نگار پنهنجي ڊرامن کي اسٽيج، ريڊيو يا ٽي وي تي تفريح لاءِ يا وقت ڪاٽڻ لاءِ نه ٿو لکي، پر هن جي آڏو ڪو مقصد آهي. هن جو مقصد پيسو ڪمائڻ نه آهي، پر هو سماج ۾ اصلاح آڻڻ ٿو چاهي، هو پنهنجي اندر جو آواز ٻين تائين پهچائڻ ٿو چاهي. بهرحال سنڌي ڊرامن جي مطالعي کان پوءِ انهن م سنڌي سماج متعلق جيڪي مسئلا نظر آيا آهن يا جيڪي مسئلا ڊراما نگارن بيان ڪيا آهن يا انهن نشاندهي ڪئي آهي، اهي هي آهن: تقدير جو فلسفو، سماجڪ ڪشمڪش جو فلسفو، ڏيتي ليتي جو مسئلو، هندن ۾ جيٺري تي جيٺري شادي جو مسئلو، دولت جي انڌ جو مسئلو، خود غرضي ۽ ويسله گهاتيءَ جو مسئلو، ڪٽنبي جيوت جو مسئلو، تنگدل مائٽن ۽ نئين زماني جي آزادي پسند جوانن جو مسئلو، ٻک ۽

بيروزگاري جو مسئلو، پيار جي شاديءَ جو مسئلو، وڏيرن سمڪ ڪرڻ جي ۽ سنڌن عاشقن جو مسئلو، ڇڄڻ، وڪيلن ۽ ڪورٽن جا مسئلا، شراب نوشيءَ مان خرابين جو مسئلو، رشوت، رسائي ۽ لاپي جا مسئلا، ڪامورن جا ڦهر، قومي آزادي، هندو مسلم ايڪتا، بنا شادي ڪرڻ مان اگرا نتيجا، پوڙهن جو ننڍين نيتين سان پرڻجڻ، ماتيجي ماءُ جي رويي جا مسئلا، سڪڻو هٽ ۽ نمائش، زميندارن جا ظلم، ڪلبن ۾ ويندڙ عورتن جا مسئلا ۽ اهڙا ڪئين مسئلا آهن جن جي ڊراما نگارن نشاندهي ڪئي آهي.“ (11)

ڊاڪٽر پريم پرڪاش مطابق ”سماج ۾ ڪيترا اهڙا دائمي مسئلا هوندا آهن جيڪي سماج خلاف ٽي بي ۽ ڪينسر جو ڪم ڪندا آهن. ادب ۾ اهي ور ور موضوع طور کنيا ويندا آهن. پل جن لاءِ لڳندو هجي ته بيماري جي نگري آهي، نه لٽي آهي ۽ نه لهڻ جا آثار آهن، تڏهن به دوا ڪندو رهڻ لازمي هوندو آهي. اهڙن مسئلن وارن موضوعن تي سنڌي ناٽڪن جو اندازو چڱو آهي.“ڊاڪٽر پريم پرڪاش سنڌي ڊرامن جي روشني ۾ ڊرامن جي موضوعن کي ٽن قسمن ۾ ورهايو آهي.

پهريون قسم : انگريزن جو ظلم ۽ غير انساني سختيون انگريزن خلاف تمام تحريڪون آزاديءَ جي هلچل، سوديش ـ پٽيءَ جي طلب، مديرن جون غلط ڪاريون ، زميندارن جا روز نوان ظلم، سرڪار شاهي جي عام ماڻهن سان روش، پهرين ۽ ٻي مهاڀاري لڙائي، رشين انقلاب جو پڙاڏو، جاتيءَ جي جدا جدا ڪيترن ۽ غير ماڻهپي طرف بيداري، جيون جا آرٿڪ، سماجي، سياسي مسئلا، وقت به وقت ٿيندڙ گهٽنائون وغيره.

**ٻيو قسم :** انگريزي تهذيب جو وڌندڙ دخل ۽ مرض ، نئين زماني جا فيشن ۽ برايون، وڏي عمر وارن ٻڍن جون ننڍي عمر جي ڇوڪرين سان شاديون، زميندار جي حوس، ڏيتي ليتي جا نتيجا ۽ جدا جدا ٿيندڙ قصا، مذهبي ڪٽرپڻي جا روز سامهون ايندڙ نتيجا، مذهبي زور دستيون، قومي تنگدليون، غير سماجڪ عناصرن جون ڪار گذاريون وغيره .

**ٽيون قسم:** ڌرم جو پاکنڊ، مذهبي ڪٽرپڻو، عام ماڻهن ۾ درمياني طبقي

جي بنيادي ضرورتن لاءِ ڪشمڪش مزدور، هارين ۽ ٻين محنت ڪش مزدورن جون پيڙيل زندگيون، سماج ۾ استرين جو درجو ۽ سماج جو ان طرف رخ، ڏيتي ليتي ۽ ٻيون ڪيتريون— رسمون ، طاقتور طبقي جو ڪمزور طبقي تي ظلم، آرٿڪ نا برابري، تعليمي ۽ سياسي پيٽ، اتي لتي اجهي لاءِ ڪشمڪش ، شهر ۽ ڳوٺن وچ ۾ ڪاهي، غلام سنڌ".[12]

ملڪ جي نين حالتن، وڌندڙ سياسي ڪشمڪش، سوشلزم، ڪميونزم، مارڪسزم، مذهبي لاڙن ۽ تحريڪن جي ڪري سنڌي ناٽڪ ۾ حقيقت نگاري (Social Realism) جو رجحان وڌندو ويو، جن ۾ پڙهيل ڳڙهيل نوجوان ڊراما نگاريءَ جي دنيا ۾ داخل ٿيا، هي سڀ ملڪي ۽ غير ملڪي حالتن ۽ واقعن کان آگاهه هئا. اهڙن ۾ خانچند درياڻي، منگهارام ملڪاڻي، ڪشنچند بيوس، احمد علي چاڳلا، ليکراج عزيز، ليلارام ڦرواڻي، رام پنجواڻي جهڙا ڊراما نگار شامل هئا. هن دور جي ڊرامن لاءِ اي_ جي_ اتم لکيو آهي تہ "هن دور ۾ سنڌي سماج ۽ زندگيءَ جي مسئلن جو چٽر پيش ڪيو ويو. انهن ۾ رومانيت جي بدران حقيقت نگاري جي ڌارا پيش ڪئي ويئي جنهن جو جنم داتا هو خانچند درياڻي".[13]

هن دور جي ڊرامن ۾ سماجي مسئلن جهڙوڪ ڏيتي ليتي، هندن ۾ جيئري تي جيئري شاديءَ جو مسئلو، زميداري ظلم جو مسئلو، مسلمان زميندارن ۾ هارين جي نوجوان ڌيئر سان شاديءَ جو مسئلو، نئين زماني جي آزادي پسند جوانن جو مسئلو، پيار جي شاديءَ جو مسئلو، قومي آزادي، هندو— مسلم اتحاد، ڪلبن ۾ ويندڙ عورتن جا مسئلا وغيره اهم موضوع آهن.ان کان علاوه پهرين دور جي ناٽڪن ۾ جيئن ڏيکاريو ويو تہ تقدير انسان جي قسمت تي غالب آهي، پر هن پوئين دور جي ڊرامن ۾ ڏيکاريو ويو تہ "انساني پوڙنا سندس ئي اعمالن جو نتيجو آهي". خانچند درياڻي ڊرامن ۾ سماجي براين تي نهايت بيباڪي سان لکيو. شاديءَ جي مسئلن، ڏي وٺ جي بري رسم، جيئري تي جيئري جهڙن موضوعن تي لکندو رهيو. پروفيسر منگهارام ملڪاڻي پڻ الميہ ۽ مزاحيہ ڊراما لکيا جن ۾ "اڪيلي دل"، "بنئي"، "ٻہ پينر" ۽ ٻيا ڪيترائي شامل آهن. محمد اسماعيل عرساڻيءَ جو ٿر جي زندگيءَ تي لازوال ڊرامو "بدنصيب ٿري" پهريون دفعو ورهاڱي

ڪان اڳ منظرعام تي آيو.

**مذاقي ڊراما**

سنڌ ۾ ناٽڪ منڊليون ايتري تہ ترقي ڪري چڪيون هيون جو هال ڀريل هوندا هئا ۽ ماڻهو اڳواٽ ٽڪيٽون حاصل ڪندا هئا. ان جو اصل ڪارڻ اهو هو تہ سماجي ناٽڪن کي ماڻهو پسند ڪندا هئا. سنڌي ڊرامن ۾ مزاحيہ ناٽڪن اسٽيج کي وڏيڪ دلچسپ بڻائي ڇڏيو. اهڙن ڊرامن ۾ مرزا قليچ جا ”لوڀي ۽ ٺوڳي“، ”انڪوائري آفيسر“، ”نيم حڪيم خطره جان، نيم ملان خطره ايمان“. لالچند امر ڏني مل جو ”ولائتي جوءِ“ وغيره شامل آهن. هنن ڊرامن ۾ مزاح ۽ طنز سان سماجي برائين جي نشاندهي بہ ڪئي ويندي هئي ۽ انهن جا حل بہ ٻڌايا ويندا هئا. ڪشنچند بيوس جا اڪثر ڊراما مهاڀارت تان ترجمو آهن پر هن سماجڪ سڌارڪ ۽ مزاحيہ ڊراما بہ لکيا جن ۾ ”پوڙهي جو پرڻو“ ۽ ”شڪ جو شڪار“ اهم آهن. هنن کان علاوه ڇيڻا نندناگراڻي، محمد عثمان ڏيپلائي ۽ ڄيٺانند رگهومل بہ هن دور ۾ نندين ۽ وڏن ڊرامن کي اوج ڏنو. سماجي برائين تري ٽٽول ڪيل موٽومل گدواڻيءَ جو ”ڪرشن گوپي“ (1906ع) هڪ مذاقي نقل آهي، جنهن ۾ ”رامن جي ماءُ“ جو ڪردار ڪلائيندڙ آهي.

اهڙي طرح ليکراج عزيز جو مزاحيہ ڊرامو ”غريبان مار“ هارين جي مسئلن جي خوب عڪاسي ڪئي. پروفيسر منگهارام ملڪاڻي لکي ٿو تہ:”1926 ۾ جهمتمل ڀاوناڻي اداڪار مان قري ناٽڪ ڪار ٿي پيو. هن صاحب مشهور مذاقي ناٽڪ نويس موليئر جي ڪيلن کي سنڌي لباس پهرائڻ شروع ڪيو. سنڌس پهريون ألتوڪيل ناٽڪ هو ”مڪر“ جو اين_ ايچ پنجابيءَ وارن ڇاپيو هو ۽ Love is the Best Doctorتان ورتل هو. ڀاوناڻيءَ موليئر جو ٻيو مکيہ ناٽڪ The Miser بہ ڏيهي حالت ۾ بهاريو هو، جنهن جو نالو هو ”موذي“، پر اجا دستخط ۾ پيو آهي. عجب آهي تہ اهڙا ٻئي ڪلائيندڙ ناٽڪ ڇو ڪين ڪرڻ ۾ آيا آهن“.(14)

1936 ۾ ٻئي هڪ پرجستي ائڪٽر جڳو آڏواڻيءَ (جو پوءِ بمبئي جو فلم ڊائريڪٽر بنيو) ساڳئي موليئر جي ٻئي هڪ مذاقي ناٽڪ Impostures of Escapin کي ”افلاطون“ نالي سان سنڌيءَ ۾ الٿو ڪيو، جو ڪاليجي شاگردن

جي هڪ ناٽڪ منڊليءَ ڪان ڪراچي فريئر هال ۾ مون ڪري ڏيکاريو هو ۽ ڪافي ڪامياب ويو هو. منجهس جڳوءَ پاڻ مکيہ مذاقي پارٽ ڪيو هو، خانو منسڪاڻيءَ نائڪا جو پارٽ ۽ منگل رامچنداڻي، ڪشني جڳتياني ۽ لڪي ملڪاڻي ۽ ٻيا ڪلائيندڙ پارٽ ڪيا هئا.

اي.ايس ميرچنداڻيءَ جو سماجي طنز ڪيل ”راڻين جو راڄ“ (1936ع) ۾ نهايت مذاقي طور پيش گوئي ڪئي وئي آهي تہ هڪ دور ايندو، جنهن ۾ مرد ۽ زال جو رشتو الٽ ٿي پوندو يعني زال، ذات جو راڄ قائم ٿيندو ۽ مرد زالن ۽ گهر ٻار جي چاڪري ڪندا. ايل ايل ڏوڏيجا مزاحيہ ڊرامو ”وڪيل“ لکيو، جنهن ۾ وڪيلن جي اڙتين ڦڙتين ۽ چالاڪين تي طنز ٿيل آهي. ڄيٺانند ناگراڻيءُ جا ”گامتو“ سلسلي وارا سيئي ڊراما مذاقي آهن. جڳت آڏنواڻيءَ هڪ مزاحيہ ڊرامو ”بک هڙتال“ ڪنهن انگريزي ڊرامي تان ترجمو ڪيو جيڪو 1939ع ۾ شايع ٿيو. لٽينداس ڏوڏيجا جو ”شاديون جون ٻيڙيون“ ۾ بہ سماجي طنز آهي.

**حوالا:**


1. پروفيسر منگهارام ملڪاڻي: ”سنڌي نثر جي تاريخ“، روشني پبليڪيشن، حيدرآباد 1993، ص 111،112
2. ڊاڪٽر حبيب الله مرزا: ”سنڌي ڊرامي جي مختصر تاريخ ۽ ڊراما جي اوسر“ ، سنڌ يونيورسٽي، ڄامر شورو، ڇهماهي سنڌي ادب: 1981
3. Encyclopedia Wikipedia (Online)
4. اي _ جي اتم: ”سنڌي ڪهاڻي، ناٽڪ ۽ تنقيد“، ڪلپنا ڪتاب گهر الهاس نگر، 1981ع، ص 31
5. پروفيسر منگهارام ملڪاڻي: شيڪسپيئر_سنڌ ۽ سنڌي ۾ ، نيئن زندگي سيپٽمبر 1964ع، ص 21
6. هيرو ٺڪر: ”پيرومل مهرچند“،فيونڪس بوڪس، حيدرآباد، 2007، ص 77
7. ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي:” شاهہ جو رسالو“ ، ثقافت کاتو حڪومت سنڌ، 2012:ص. 61
8. پروفيسر منگهارام ملڪاڻي: ”سنڌي نثر جي تاريخ“، روشني پبليڪيشن، حيدرآباد 1993، ص 158
9. پيرومل آڏواڻي (”هڪ رات عرف ليلا چنيسر“، ليلارام ڦيرواڻي)

10. سندر اگناڻي: ”هند ۾ جديد سنڌي ناٽڪ جي اوسر_ نوان تجربا “(سنڌ ماضي حال ۽ مستقبل) شاهه عبداللطيف چيئر، ڪراچي، 2006ع، ص 202
11. ڊاڪٽر غلام علي الانا: ”سنڌي ڊرامن جي روشني ۾ سنڌي سماج جو مطالعو“، مهراڻ 4 _ 1987ع، ص 58، 59
12. ڊاڪٽر پريم پرڪاش: ”سنڌي ناٽڪ جي اوسر“، انڊين انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، 1993ع، ص 199،200
13. اي _ جي اتم: ”سنڌي ڪهاڻي، ناٽڪ ۽ تنقيد“، ڪلپنا ڪتاب گهر، الهاس نگر، 1981ع، ص 35
14. پروفيسر منگهارام ملڪاڻي: ”سنڌي نثر جي تاريخ“، روشني پبليڪيشن، حيدرآباد 1993، ص 163

# انگريزن جي دور جا ڪي مشهور ڊراما نگار

## مرزا قليچ بيگ (1853_1929ع)

مرزا قليچ بيگ ولد مرزا فريدون بيگ جو جنم ٽنڊي ٺوڙهي، ضلعي حيدرآباد ۾ ٿيو. مرزا قليچ بيگ بمبئيءَ جي ايلفسٽن ڪاليج مان تعليم حاصل ڪئي. روينيو کاتي ۾ نوڪري ڪري ڊپٽي ڪليڪٽر جي عهدي تي رٽائرڊ ڪيائين. شايد ئي ڪا ادب جي صنف هجي، جنهن ۾ مرزا صاحب نه لکيو هجي. سندس ادبي خدمتن جو قدر ڪندي، انگريز سرڪار کيس ”قيصر هند“ جو تمغو ۽ شمس العلماءُ جي لقب سان نوازيو ويو.

مرزا قليچ بيگ کي سنڌي ناٽڪ جو علمبردار ۽ سنڌي ناٽڪ جو شيڪسپيئر چيو وڃي ٿو. جڏهن مرزا صاحب 1880ع ۾ پهريون ڊرامو ”ليلا مجنون“ لکيو هو ته ان وقت سنڌ ۾ ڪا به ناٽڪ منڊلي موجود ڪا نه هئي، پر اها مرزا صاحب جي تخليقي عمل جي قوت هئي، جو ان شروعات سان سنڌي ناٽڪ بي انتها ترقي ڪئي. مرزا صاحب هڪ طرف طبعزاد ڊراما لکيا، ٻئي طرف دنيا جي شاهڪارن، خاص طور وليم شيڪسپيئر جي ڊرامن جا ترجما ڪيا ته ٽئين طرف هن نون اڀرندڙ ڊراما نگارن جي ڀرپور همت افزائي ڪئي.

شيڪسپيئر ڊرامن جي دنيا ۾ اداڪار ۽ اسٽيج جي ملازم جي حيثيت سان آيو هو. پر پنهنجي خداداد صلاحيتن سان هن وڏو نالو ڪيو ۽ انگريزي ڊرامي کي بين الاقوامي شهرت ڏني. مرزا قليچ به ان وقت سنڌي ڊرامي جي تخليقي قوت هئي، جنهن ڪٽي مان کيچ ڪري سنڌي ڊرامي جو پختو بنياد وڌو ۽ سنڌي ڊرامي لاءِ هن شيڪسپيئر واروئي ڪردار ادا ڪيو.

| سال | ناٽڪ | مختصر جائزو | رچائيندڙ/ ڇپائيندڙ |
|---|---|---|---|
| 1880ع | ليليٰ مجنون | هندستاني ”ليلا مجنون“ تان ورتل | ماستر هريسنگهه سکر |
| 1885ع | خورشيد جو نيلا | گجراتي ناٽڪ تان ورتل | سرڪاري بڪ ڊيپو ڪراچي |

| | | | |
|---|---|---|---|
| 1894ع | گل بڪاولي | اصلوڪو | ماستر هريسنگهه سکر |
| 1894ع | لوڀي ۽ ٺوڳي | اصلوڪو (ننڍو ناٽڪ) | سنڌ ڪاليج ناٽڪ منڊلي ڪراچي |
| 1896ع | شڪنتلا | ڪاليداس جي هندي ناٽڪ تان ورتل | سنڌ ڪاليج ناٽڪ منڊلي ڪراچي |
| 1896ع | انڪوائري آفيسر | گوگول جي ”انسپيڪٽر جنرل“ تان ورتل | سنڌ ڪاليج ناٽڪ منڊلي ڪراچي |
| 1896ع | نورجهان ۽ جهانگير | اصلوڪو | ماستر هريسنگهه سکر |
| 1897ع | نادرشاهه | اصلوڪو | سنڌ ڪاليج ناٽڪ منڊلي ڪراچي |
| 1897ع | حسنا دلدار | شيڪسپيئر جي Merchant of Venice تان ورتل | سنڌ ڪاليج ناٽڪ منڊلي ڪراچي |
| 1897ع | نيم حڪيم خطره جان، نيم ملا خطره ايمان | اصلوڪو (ننڍو ناٽڪ) | سنڌ ڪاليج ناٽڪ منڊلي ڪراچي |
| 1899ع | شيخ چلي ۽ اگڙ مسخرو | اصلوڪو (ننڍو ناٽڪ) | سنڌ ڪاليج ناٽڪ منڊلي ڪراچي |
| 1900ع | شاهه ايليا | شيڪسپيئر جي King Lear تان ورتل | سنڌ ڪاليج ناٽڪ منڊلي ڪراچي |
| 1900ع | ڪامسن ۽ ڪروپ | رومانوي ڪهاڻي | |
| 1905ع | فيروز دل افروز | لارڊلٽن جي Night & Morning تان ورتل | سنڌ ڪاليج ناٽڪ منڊلي ڪراچي |

| | | | |
|---|---|---|---|
| 1908ع | شمشاد مرجانه | شيڪسپيئر جي Cymbeline تان ورتل | سنڌ ڪاليج ناٽڪ منڊلي ڪراچي |
| 1908ع | گشت کي ڪشت | اصلوڪو (ننڍو ناٽڪ) | سنڌ ڪاليج ناٽڪ منڊلي ڪراچي |
| 1909ع | گلزار ۽ گلناز | شيڪسپيئر جي Romeo & Juliet تان ورتل | سنڌ ڪاليج ناٽڪ منڊلي ڪراچي |
| 1909ع | عزيز ۽ شريف | شيڪسپيئر جي Two of Gentlemen Verona تان ورتل | سنڌ ڪاليج ناٽڪ منڊلي ڪراچي |
| 1911ع | نيڪي ۽ بدي | آغا حشر جي ”خوبصورت بلا“ تان ورتل | سنڌ ڪاليج ناٽڪ منڊلي ڪراچي |
| 1911ع | حرڪت مان برڪت | اصلوڪو (ننڍو ناٽڪ) | سنڌ ڪاليج ناٽڪ منڊلي ڪراچي |
| 1914ع | شهزادو بهرام | شيڪسپيئر جي Hamlet تان ورتل | سنڌ ڪاليج ناٽڪ منڊلي ڪراچي |
| 1915ع | پرهيز جي ٽولي | اصلوڪو (ننڍو ناٽڪ) | حيدرآباد نيشنل ڪاليج ڊراميٽڪ |
| 1915ع | سندر وديا | اصلوڪو (ننڍو ناٽڪ) | رومانوي ڪهاڻي |
| 1915ع | ٻه ننڍڙا انسان | اصلوڪو (ننڍو ناٽڪ) | رومانوي ڪهاڻي |
| 1915ع | اميد شاهه ۽ شرابديو | ا (ننڍو ناٽڪ) | رومانوي ڪهاڻي |
| 1918ع | جمشيد حميده | شيڪسپيئر جي | نيشنل ڪاليج ڊرئميٽڪ |

| | | | |
|---|---|---|---|
| | | Mecbeth تان ورتل | سوسائٽي، حيدرآباد |
| 1918ع | شهريار ۽ شهربانو | اصلوڪو | سنڌ ڪاليج ناٽڪ منڊلي ڪراچي |
| 1918ع | بدرمنير ۽ بينظير | اصلوڪو | سنڌ ڪاليج ناٽڪ منڊلي ڪراچي |
| 1923 | فرهاد ۽ شيرين | اصلوڪو | سنڌ ڪاليج ناٽڪ منڊلي ڪراچي |
| 1924ع | موهني | اڙدو ڊرامي ”شريميتي منجري“ تان ورتل | حيدرآباد نيشنل ڪاليج ڊراميٽڪ |

مرزا صاحب جا سيئي ڊراما اصلاحي، تدريسي ۽ سماجي آهن. هن ڊرامي وسيلي معاشري جي براين تي سخت چوٽون ڪيون آهن. ان ڪري ڪيس حقيقت نگار ڊراما نويس به چيو ويندو آهي. مرزا صاحب جي ڊرامن جي هي خوبي اها آهي ته هن ترجمو ڪري ڊرامن کي سنڌي ماحول ۾ پيش ڪيو. ان سلسلي ۾ شيڪسپيئر جا ڊراما وڏي اهميت رکن ٿا. اهو ئي سبب آهي جو ڪيس ”سنڌي ڊرامن جو شيڪسپيئر“ چيو وڃي ٿو. مرزا صاحب جي ڊرامن جو خوبين تي تبصرو ڪندي ڊاڪٽر غلام علي الانا لکيو آهي ته ”سنڌي ڊرامانگارن ۾ شمس العلماءُ مرزا قليچ بيگ جو نالو انهن بزرگن جي صف ۾ شمار ڪيو ويندو آهي، جن سنڌي زبان ۾ گهڻي ۾ گهڻا ڊراما لکيا، اهي هن گهڻو ڪري ترجمو ڪيا. مرزا صاحب سيرت جي مسئلي تي، هندو — مسلم ايڪتا جي مسئلي تي، رشوت جي مسئلي ۽ ٻين سچن اصلوڪن مسئلن تي گهڻو لکيو. حالانڪ مرزا صاحب گهڻو ڪري سڀ ڊراما ترجمو ڪيا، پر انهن ترجمو ٿيل ڊرامن کي اهڙي نموني، اهڙي رنگ ۽ ڍنگ ۾ پيش ڪيائين جو اهي ڊراما ترجمو ٿيل گهٽ ۽ اصلوڪا وڌيڪ لڳن“.(1)

**ليليٰ مجنون:** مرزا صاحب سڀ کان پهريائين هڪ منظوم اوپيرا ناٽڪ ” ليليٰ مجنون “ لکيو جو، هندستاني زبان ۾ هو. مرزا صاحب پنهنجي ناٽڪ جي ديباچي ۾ لکي ٿو ته“ گهڻن ڏينهن کان مونکي دل ۾ هئي ته سنڌي زبان ۾ ڪو

ناٽڪ جو ڪتاب لکجي، جو سنڌ جي ڪنهن به ڏيهي ٻوليءَ ۾ اهڙو ڪتاب ڪونه ڏسڻ ۾ آيو آهي. اگرچه ٿورا ڏينهن ٿيندا جو "ليليٰ مجنون" جو قصو انهيءَ ڍول تي جوڙيو هو ۽ دوستن کي پيش ڪيو هو، پر اهو سچو ٿي شعر ۽ راڳ تي ٻڌل آهي، تنهنڪري جن ماڻهن کي راڳ جي خبر هئي انهن کي وڻندو، ٻين کي مزو نه ڏيندو. انهيءَ سبب اهو پور دل ۾ پيم ته نثر ۾ ڪو اهڙو ڪتاب لکجي." (2)

مرزا قليچ بيگ صاحب جو هي ڊرامو سنڌي زبان جو پهريون منظوم (اوپيرا) ڊرامي آهي، جيڪو سال 1880ع ۾ لکيو ويو. هن منظوم ڊرامي کي مرزا صاحب ائڪٽ ۽ سين جي بجاءِ، بابن ۽ پردن ۾ ورهايو آهي. پوري ڊرامي جو مضمون نهايت ئي وڻندڙ ۽ دل لڀائيندڙ آهي. مثال طور هيءَ ٽڪرو پيش ڪجي ٿو:

**مجنون:** لب سين لب اي لال رو مون کي ملائڻ ڏي ذرو،
داغ حسرت جو ڪپي دل تان ڪڍائڻ ڏي ذرو،
شمع رو جي آهين تون، تان پڻ آهيان پروانو آءٌ
پنهنجي محفل ۾ جلاين کي جلائڻ ڏي ذرو.

**ليليٰ:** آءٌ به مجنون جان و دل سان تو تي قربان آهيان،
پر امان جي ظلم کان لاچار اي جان آهيان، ٿين
جدا جنهن ڏينهن م کان حال ٿيو منهنجو تبله،
چئم گريان سر به عريان سينه بريان آهيان.

مرزا قليچ بيگ صاحب جو هيءُ ڊرامي "ليلا مجنون"، منظوم هجڻ سبب فني نقطهٔ نظر کان البت اسٽيج تي پيش ڪرڻ ڏاڍو مشڪل هو، انهيءَ ڪري ڪنهن به ڊراميٽڪ سوسائٽي هن ڊرامي کي اسٽيج تي پيش ڪرڻ جي ڪوشش ئي نه ڪئي. پوري هڪ سؤ سال گذرڻ کان پوءِ پهريون ڀيرو سنه 1980ع ۾، "سنڌي ڊرامي جي سؤ ساله جشن" جي سلسلي ۾ ٽن ڪلاڪن جي هن "فل لينٿ" ڊرامي جا چند منظر اڌ ڪلاڪ جي وقت اندر اسٽيج تي اهڙيءَ طرح سان پيش ڪيا ويا جو ڪهاڻيءَ جي تسلسل ۾ ڪجهه فرق نه آيو جنهن ۾ ياسمين ليليٰ جو ڪردار ادا ڪيو ۽ ثاقب انور نظاماڻي مجنونءَ جو ڪردار نهايت ئي شاندار نموني ۾ ادا

ڪيو.

**خورشيد** :مرزا قليچ بيگ صاحب جو سنڌي نثر ۾ پهريون ناٽڪ ”خورشيد“ آهي ، جيڪو مرزا صاحب سنہ 1887ع ۾ ترجمو ڪيو ۽ ساڳي سال ۾ ڇپيو. مرزا قليچ بيگ هيءُ ناٽڪ گجراتي زبان مان بهرام جي فردون جي مرزبان جي ساڳي عنوان واري ناٽڪ تان ترجمو ڪيو هو، جيڪو نئين تحقيق موجب، شيڪسپيئر جي ”سيمبلائين“ جو گجراتي ۾ الٿو هو. ترجمي دوران ايتري تہ تبديلي ٿي چڪي هئي جو جڏهن مرزا قليچ بيگ ”شمشاد مرجانہ“ ترجمو ڪري رهيو هو تہ ڪيس گمان ٿي نہ رهيو تہ هن ساڳي ناٽڪ جو ترجمو اڳ ڪري چڪو آهي. مرزا قليچ بيگ پنهنجي ترجمي ڪي سوڌي سنواري سنڌي ٻوليءَ ۾ آندو ۽ ڪٿي ڪٿي پنهنجي طرفان بهرام جي فردون جي مرزبان جي ترجمي ۾ تبديليون آندائين ۽ شعر بہ شامل ڪيائين.

جيتوڻيڪ ”ڏيارام ڄيٺمل سنڌ ڪاليج ايمچوئر ڊراميٽڪ سوسائٽي، ڪراچي“ سال 1894ع ۾ وجود ۾ اچي چڪي هئي، تنهن هوندي بہ اوائلي ناٽڪ ڪي پهريون ڀيرو سال1905ع ۾ حيدرآباد پليڊرس ڪلب طرفان اسٽيج تي ڪاميابيءَ سان پيش ڪيو ويو. هن ناٽڪ نسبت مرزا صاحب ديپاچي ۾ لکيو هو: ”منهنجو مطلب هو تہ پڙهندڙن يا ٻڌندڙن ڪي، حورن ۽ پرين ۽ جنن ۽ ملائڪن ۽ جادوءَ جي ڏيکن ۽ ٻين ناشدنيءَ جهڙين ڳالهين سان واهپو نہ رکرايان، پر اهڙي ڪا ڳالهہ سندن هٿن ۾ ڏيان، جنهن ۾ دنيا جو وهنوار ۽ ٻي عام رواجي هلي چلي چڱيءَ طرح ڏيکاريل هجي.... اگرچ هي قصو، اڳوڻن بادشاهن ۽ قديم زماني جي رواج بابت رٿيل آهي ۽ تنهن ڪري ڳالهائڻ يا هلڻ چلڻ جي طرز بہ اڳوٽي ڏيکارڻ جي ضرورت هئي، پر تڏهن بہ ڪوشش ڪري، اهڙي تجويز ڪئي ويئي آهي، جو سڀ ڳالهيون، گهڻو ڪري، هاڻوڪي وقت سان بہ لاڳو ٿي سگهن“.(3)

مرزا صاحب پنهنجي هن ناٽڪ کي بہ ”ائڪٽ“ ۽ ”سين“ جي بجاءِ بابن ۽ پردن ۾ تقسيم ڪيو آهي . هن ناٽڪ ۾ ڪل پنج باب آهن ۽ هر هڪ باب ۾ اٽڪل پنج پردا آهن. ناٽڪ جي ٻولي نهايت وڻندڙ آهي ۽ مڪالما پڻ موزون آهن. مثال مثال طور ”خورشيد“ جو خود ڪلاميءَ وارو هي مڪالمو پيش ڪجي ٿو :

خورشيد : اي آسمان جا خوفناڪ چرخ ! دنيا جي زالن مان رلائي خراب ڪرڻ لاءِ توکي مون کان سواءِ ٻي نہ ٽي ملي ڇا، جو تون مونکي ورائي ورائي پيو ستائين ۽ عذاب ڏين؟ جبل جهڙو پهلوان مڙس بہ تنهنجي هنن حادثن جي آفتن جي سٽ نہ جهلي سگهي ٿو، تڏهن آءٌ نازڪ بدن شهزادي، حرمخانن ۾ پليل کهڙي طرح هي ڏک جو بار سر تي کڻي سگهندي. منهنجي عجب قسمت آهي، جڏهن مٿا مونا هٽي اچا ڪنهن خوشيءَ ڪي ويجهي ٿي اچان، تہ قسمت جو سخت واءُ مونکي ڌڪيو وري وڃيو عذابن ۾ وجهي. خدا ڪي خبر، تہ نيت منهنجي نصيب ۾ ڇا لکيل آهي. (اتي آسمان تي گوڙ ۽ ڪنوڻ ٿئي ٿي) اڄ آئون رلندي رلندي ڪٿي اچي بيٺي آهيان. سانوڻ جي جهڙ بہ مٿان چگي اچي ڇانو ڪئي آهي، هاڻي ڪيڏانهن وڃان؟ چوڌاري اوندهہ ٿي ويئي آهي رستي جي بہ تہ خبر ڪانہ ٿي پوي. (گوڙ ۽ ڪنوڻ ذري ذري پئي ٿئي) ".[4]

"خورشيد جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو تہ مرزا صاحب هڪ قابل ڊراما نويس هو جي حيثيت ۾ هڪ طرف تہ ڊراما ۽ ڪيترين ئي حڪمت ڀريل ڳالهيون ۽ نصحيت آميز نڪتا پنهنجي قلم جي نوڪ سان نروار ڪيا آهن تہ ٻئي طرف شائستا چرچا ۽ خوش طبعي جا گفتا مناسب جاين تي استعمال ڪري ڪتاب کي سنڌي ادب جو شاهڪار بڻائي ڇڏيو آهي".[5]

**گل بڪائولي:** هي بہ مرزا قليچ جو هڪ سنگيت ناٽڪ آهي، جيڪو هن مولوي الاهي بخش جي لکيل هندي ناٽڪ تان 1894ع ۾ ترجمو ڪيو. هي ناٽڪ گل بڪاوليءَ جي مشهور قصي تي آڌاريل آهي. هن ناٽڪ کي بہ مرزا صاحب سنڌي ماحول ۾ آڻي پيش ڪيو. هن ڪتاب ۾ مرزا صاحب ماحول مطابق تصويرون بہ ڏنيون. هن ڊرامي جي ڪردارن ۾ آدمزاد سان گڏ پريزادن يعني پرين، ديون توڙي طلسماتي معجزن کي آڻي سنڌيءَ ۾ معجزاتي ۽ پراسرار ناٽڪن جي ابتدا پئي ڪئي.

**شڪنتلا:** هي ناٽڪ جڳ مشهور ناٽڪ نويس ڪاليداس جي مشهور ناٽڪ "شڪنتلا" تان سال 1896ع ۾ مرزا صاحب ترجمو ڪيو. "شڪنتلا" جا

دنيا جي ڪيترين ئي ٻولين ۾ ترجما ڪيا ويا آهن. مرزا قليچ بيگ کان علاوه ٻين ٻه هن ناٽڪ کي سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو، مگر مرزا قليچ بيگ جو هي ترجمو سڀني کان اعليٰ آهي. هن ناٽڪ لاءِ پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ لکيو آهي ته”هن ناٽڪن جي دؤر جو آخرين کيل هو ڪاليداس جو جڳ_ پر سڌ شاهڪار ”شڪنتلا“، جنهن جي صرف اصلوڪي رتا قائم رکي، مرزا قليچ بيگ 1896 ع اُن کي سنڌي لباس ڍڪائي نئين سر لکيو هو، ۽ ساڳئي سال ڪاليج سوسائٽيءَ ڪري ڏيکاريو هو. هن هندڪي ناٽڪ ۾، هن مسلم عالم، اهڙا ته سرل هندي لفظ ۽ اصطلاح ڪم آندا هئا، جو ناٽڪ نويسيءَ جو اهم اصول ثابت ڪري ڏيکاريائين ته ناٽڪ جي پاترن واتان ٻولي اها ڳالهرائڻ کپي جا اهي سياويڪ طرح پنهنجي جيوت ۾ ڳالهائڻ تي هريل هجن، ۽ نه اها جنهن ۾ خود لکندڙ کي قابليت حاصل هجي. هن ناٽڪ ۾ ٻه شڪنتلا، راجا دشينت وٽان مليل منڊي، هڪ ڪروڌي رشيءَ جي سراپ ڏيڻ ڪري وڃائي تي وهي، جنهن ڪارڻ ئي ڪيس تقدير جي چپيٽ لڳي تي ۽ ڏک ڏولاوا سهڻا تا پون. هيءَ ناٽڪ ڪافي ڪامياب ٿيو هو جنهن ۾ خوشيرام ساڌواڻيءَ مينڪا اَپڇرا جو پارٽ هو ٻهو زباني آواز ۽ نزاڪت سان ڪيو هو، ۽ شڪنتلا جو پارٽ هڪ نئين ڳيروءَ موتي ڪرپالاڻيءَ ڪيو هو، جو پوءِ نائڪن جا پارٽ ڪندو هو“.(6)

**نورجهان ۽ جهانگير:** مرزا قليچ بيگ جو سڀ پهريون طبعزاد ڊرامو ”نورجهان“ هو، جيڪو پاڻ 1896 ع ۾ لکيائون. هن تاريخي ڊرامي جي باري ۾ پيش لفظ ۾ لکيو اٿائون ته ”مون هي ڪتاب ”تاريخ فرشته“ ، ”تذڪره جهانگيري“ ۽ ٻين فارسي توڙي انگريزي ڪتابن مان جوڙي لازوال عشق جو قصو پڙهي، ان کان متاثر ٿي جوڙيو آهي“.(7) هي ڊرامو مغل حڪمران جهانگير ۽ نورجهان جي عشق تي ٻڌل آهي.

**حسنا دلدار:** هيءُ شيڪسپيئر جي مشهور ناٽڪ ”Merchant of Venice“ جو ترجمو آهي ، جنهن کي مرزا قليچ سال 1897 ع ۾ ترجمو ڪيو ۽ ان ناٽڪ کي، جنهن کي سنڌ ڪاليج ڊراميٽڪ سوسائٽيءَ طرفان ڪاميابيءَ سان اسٽيج تي پيش ڪيو ويو. هي ناٽڪ سيرت جي موضوع تي آهي. ناٽڪ ۾ سنڌي ماحول

کي پيش ڪيو ويو آهي ۽ ڪردار، مقصديت پڻ سنڌي ماحول جي جهلڪ کي ظاهر ڪن ٿا. هن ناٽڪ ۾ سيرت جو مسئلو اهو ڏيکارو ويو آهي ته وياج خور جي پيسي جي پوڄا سندس تباهي تي آڻي ۽ عاشق دلدار جي ادار دلي ڪيس سياڻي ۽ بردبار معشوقه حسنا سان ميلاپ تي ڪرائي.

مرزا صاحب جي هن ناٽڪ جي باري ۾ پروفيسر منگهارام ملڪاڻي لکي ٿو ته "قليچ بيگ هن ناٽڪ جو ڏيهي زندگيءَ ۾ التو اهڙي ته ڪاريگريءَ سان ڪيو هو جو بنهه اصلي پئي لڳو. هي ناٽڪ جڏهن پهريون ڀيرو اسٽيج تي آيو هو، تڏهن ڪيترن هندو بزرگن کي ڏاڍي ٿامڻي لڳي هئي انهيءَ جو ڪارڻ هو ته Shylock وياج خور کي مرزا صاحب يهوديءَ مان ڦيرائي هريداس مارواڙي بڻائي ڇڏيو هو ۽ ڪرستان واپاريءَ Antonio کي لالا منسک لعل بڻائي اهڙيءَ ريت پيش ڪيو هئائين جو هو هندو رڳو نالي ۾ ٿي لڳو. سندس دوستي مسلمان دلدار (Bassanio) سان هئي ۽ هن جو اٿڻ ويهڻ مسلمان سان ٿي ٿيو. انهيءَ سمي جي ڪٽر هندن واري ڇوت ڇات منجهس هئي ڪانه. اهڙي طرح سان مرزا صاحب هن رومانوي ناٽڪ مان هندو_مسلم ميلاپ جو ترقي پسند مطلب ڪڍي ورتو ۽ يهودي_ عيسائي نفاق وارو اصلوڪو مطلب ڪڍي ڇڏيائين". (8)

**نيم حڪيم خطره جان، نيم ملان خطره ايمان:** مرزا صاحب پنهنجي هن اصلوڪي ننڍي ناٽڪ کي سال 1896ع ۾ لکيو. هيءُ هڪ مزاحيه ناٽڪ آهي، جنهن کي ڪيترائي ڀيرا ڪاميابيءَ سان اسٽيج تي پيش ڪيو ويو ۽ هر دفعي پسند ڪيو ويو. هن ناٽڪ ۾ مرزا قليچ بيگ معاشري جي اوڻاين تي طنز ڪيو آهي، خاص طور تي عطائي ڊاڪٽرن يا حڪيمن جي ڪرتوت ظاهر ڪيا آهن، جيڪي بغير ڪنهن ڄاڻ جي اپوهجن ماڻهن کي ڦريندا رهن ٿا ۽ سندن زندگين سان ڪيڏندا رهن ٿا. هن ناٽڪ ۾ هڪ هنڌ اچي ٿو ته

"بيمار جي نبض ڏسي ٿو ۽ وات پٽائي ڏسيس ٿو، ٻاهران ڳوڙهي کي هٿ لائي ڏسي ٿو ۽ پڇي ٿو ڪاڏو ڇا اٿس؟

ڀڏو: سائين ويچارو ڇا ٿو ڪائي. اسين هاري ماڻهو ، ڀلا ڇا ڪائينداسين جوار جي مانيءَ جو هيترو ڳيو ۽ لسيءَ ڇڪو.

طبيب: ائين ناهي، هن وليون ڇريون آهن، سو نڙيءَ ۾ ڪو پتو اٽڪي پيو اٽس ". (9)

**شيخ چلي ۽ اڱڻ مسخرو:**هيءُ مرزا قليچ جو اصلوڪو مزاحيه ننڍو ناٽڪ آهي، جنهن ڪي سال 1900 ع ۾ هري سنگهه سکر واري شايع ڪيو. هيءُ ننڍو ناٽڪ ڪيترائي ڀيرا ڪاميابيءَ سان اسٽيج تي پيش ڪيو ويو. مرزا قليچ بيگ جو هي ناٽڪ سنڌي فارس جهڙو نقل آهي. هن ناٽڪ ۾ معاشري جي ڪن اوڻاين ۽ اڻنگين ڳالهين جي نه صرف نشاندهي ڪئي وئي آهي، مگر انهن جا حل به ٻڌايا ويا آهن. اهڙي طرح ڪجهه ڪردارن به تنقيد ڪئي وئي آهي. مان هڪ نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

(نواب صاحب جي ڪچهري)

نواب صاحب ويٺو آهي . پاسي ڪان ٻه ٽي امير واڃا آهن .اڱڻ مسخرو به سامهون ويٺو آهي .

پري نواب صاحب جا نوڪر به ويٺ آهن)

نواب صاحب : ڪئين اڱڻ ڪهڙي خيال ۾ ويٺو آهي.؟

اڱڻ مسخرو: قبلا شعر ٺو چاهيان.

نواب صاحب : ڪهڙي مضمون تي؟

اڱڻ مسخرو: قبلا اجا مضمون ڪو نه رٿو اٿم ". (10)

**نادر شاهه :**هيءُ اصلوڪو تاريخي ناٽڪ ، مرزا قليچ 1897 ع ۾لکيو جنهن کي هريسنگهه سکر واري شايع ڪيو. هن ڪتاب جي باري ۾ مرزا قليچ بيگ لکيو آهي ته " هندستان جي تاريخ ۾ نادرشاهه ايران جي بادشاهه جي دهلي تي ڪاهه ڪرڻ جو مفصل بيان ڏنل آهي . نادر شاهه جي حياتي جو احوال يا سوانح عمري ڏار پارسي ۽ اردو زبان ۾ ڏنل آهي . انهيءَ ساڳئي تاريخي مضمون تي هڪڙو اردو قصو به ڏسڻ ۾ آيو. اهو مضمون گهڻن ڳالهن ڪري دلچسپي جهڙو هو تنهڪري مون انهن مان بنائي هي ناٽڪ لکيو. انهيءَ جي لکڻ ۾ منکي خاص پوئين

ڏيکاريل ڪتاب مان گهڻي مدد ملي. ڏسڻ ۾ ايندو تہ گهڻو ڪري سڀ احوال سچو آهي . ماڻهن جا نالا بہ اڪثر سچا ڏنا ويا آهن نہ رڳو انهيءَ وقت جي مشهور درٻاري ڪڃري نور ٻائي کي بہ وساري نہ ڇڏيو آهي. هندن جا راڳ بہ داخل ڪيا ويا آهن. اهو هندستان ۽ ايران جي ماڻهن جي ميلاپ جو زمانو هو تنهنڪري ضرور جاڻي ڪي پارسي ۽ اڙدو غزل ۽ بيت بہ ڪم آندا ويا آهن. اميد تہ هن ناٽڪ جي پڙهڻ مان انهيءَ وقت جي هلت چلت ۽ قومي حالت جي چڱي طرح معلوم ٿيندي ۽ هن ملڪ جي ماڻهن کي انهي مان گهڻي خوشي حاصل ٿيندي". (11)

**انڪوائري آفيسر :** مرزا قليچ بيگ صاحب هي ناٽڪ روسي زبان جي مشهور ڊراما نگار گوگول (1809_1852ع) جي مزاحيہ ڊرامي (The Government Inspector) جو سنڌي زبان ۾ ترجمو ڪيو. هي ناٽڪ پهريان انگريزي زبان ۾ ترجمو ڪيو ويو هو جتان مرزا صاحب ان کي سنڌي زبان ۾ الٿو ڪيو. مرزا صاحب پنهنجي روايتي ترڪيب مطابق هن ناٽڪ کي مقامي رنگ ڏنو آهي. روسي نالن ، ماڳن ۽ مسئلن کي سنڌي سماج مطابق پيش ڪيو آهي. ڪردارن کان مڪالما ائين چورايا اٿس جڻ اهي سنڌي ماڻهن لاءِ گوگول لکيا هئا."هن ناٽڪ ۾ غلط فهمي جي بنياد تي ٻهراڙيءَ جي سرڪاري ڪامورن ۽ هڪ اخباري خاطيءَ جي وچ ۾ ٿي گذريل واقعات ، جيڪي هونئن غير متوقع ڏيکاريل آهن. ڪامورا اخباري خاطيءَ کي سرڪار جو مخفي "انڪوائري آفيسر" سمجهي هراسجي وڃن ٿا ۽ پريشانيءَ جي حالت ۾ پنهنجي پنهنجي ظلمن ۽ غلط ڪمن ڪارين جو اقرار ڪن ٿا ۽ ڪوشش ڪن ٿا تہ "انڪوائري آفيسر" کي ڏيکاريو وڃي تہ سڀ ٺيڪ ٺاڪ آهي ۽ انتظام ۾ ڪٿي ڪا بہ خرابي نہ آهي."انڪوائري آفيسر" کي خوش ڪرڻ جي ڪوشش ۾ پاڻ ڦرائي ويهن ٿا. آخر ۾ مٿن صحيح حقيقت ظاهر ٿئي ٿي، آيل همراه ڪامورو نہ هو تڏهن ڪين پشيماني ٿئي ٿي". (12)

هي ڊرامو تنقيدي ۽ مزاحيہ آهي، جنهن ۾ معاشرتي برائين کي ڏيکاريو ويو آهي. هن ڊرامي رستي آفيسرن طرفان ڪيل ڪلور، اقربا پروري، رشوت خوري واري ماحول کي ڀرپور نموني پيش ڪيو ويو آهي. هي ڊرامو ڪيترائي دفعا اسٽيج ڪيو ويو آهي. پر هر دفعي هن ڊرامي کي وڏيڪ پسند ڪيو ويو. ان مان ثابت ٿئي

ٿو ته مرزا صاحب هڪ سماجي نبض شناس اديب آهي، جيڪو مذاق ۾ ڪڙو سچ پياري حقيقتن تان پردو کڻي ٿو.

**شاهه ايليا :**وليم شيڪسپيئر جي مشهور ناٽڪ "ڪنگ ليئر" (King Lear) جو الٿو مرزا قليچ بيگ "شاهه ايليا"جي عنوان سان 1900 ع ۾ ڪيو. هن ناٽڪ ۾ سيرت جي هيٺائيءَ جي موضوع کي کنيو ويو آهي. هن ناٽڪ جو مضمون ڏکن ڏاکڙن سان ڀريل آهي. شاهه ايليا جي خوشامند پسند طبيعت سندس زوال جو سبب بڻجي ٿي. اهڙي دردناڪ ناٽڪ کي مرزا صاحب سنڌي ماحول ۾ آڻي سندس نثر جي سونهن کي ڀيٽو ڪري ڇڏيو آهي. بدنصيب بادشاهه شاهه ايليا وڏي عمر ۾ پهچڻ باوجود هڪ صحتمند زندگي گذاري ٿو. هو بنيادي طرح خوشامد پسند سوچ جو مالڪ آهي. هو پوڙهي ٿيڻ کان پوءِ چاهي ٿو ته پنهنجي حڪومت پنهنجي ڌيئرن ۾ ورهائي ڇڏي. هو پنهنجو راڄ ڌيئرن ۾ اهڙي طرح ورهائڻ چاهي ٿو جيترو پيار سندس ڌيئر هن سان ڪن ٿيون، ان حساب سان هو حڪومت جو حصو انهن ۽ سندن مڙسن کي ورهائي ڏيندو.سندس سڀ ڌيئر هن جي بي انتها خوشامد ڪن ٿيون ۽ هن لاءِ وڏي محبت ڏيکارين ٿيون. سندس ننڍي ڌيءَ شهزادي صوفيه جيڪا ڀين جي ڀيٽ ۾ خوبصورت ۽ ذهين آهي، اها روايتي خوشامد نه ٿي ڏيکاري. مثلاً ائڪٽ پهرين جي پردي پهرين ۾ صوفيا پنهنجي پيءُ شاهه ايليا کي چوي ٿي ته:

> "منهنجي زبان، سٽيي نه آهي ۽ مون کي خوشامد ڪرڻ جو هنر نه ٿو اچي، جو دل ۾ هڪڙي رڪان ۽ وات سان ٻي چوان. اهڙي ڪوڙي زبان ۽ اهڙي طمع واري اک مون کي جيئن نه هجي تيئن چڱي. اگرچ ان ڪري مون کي دنيائي نقصان ۽ اوهان جي ڪاوڙ سهڻي پوي ٿي". [13]

اهڙي طرح عاليشان پر ضعيف طبيعت بادشاهه پنهنجي ٻچاڙين ڌيئرن جي خوشامد تي پلجي پنهنجي سموري ملڪيت سندن لوڀي مڙسن کي ڏئي ڇڏي ٿو پر اندر جي سچار ۽ سچ چئي ڏيندڙ ڌيءَ صوفيه کي ڪاري ڪوڏي به نه ڏني ۽ کيس فرانس جي بادشاهه سان شادي ڪرائي ڪڍي ڇڏي ٿو، جيڪو صوفيه جي سندس اخلاق ۽ ڪردار جي ڪري گهڻي عزت ڪري ٿو. سندس وڏيون ڌيئرون اهو

فيصلو ڪنديون آهن ته هو والد کي واري واري سان هڪ مهينو پوري شان سان رهائينديون، مگر اڳتي هلي پيءُ کي گهران ڪڍي ڇڏين ٿيون. جنهن تي بادشاهه کي صوفيه جي سچي محبت جو قدر ٿئي ٿو. آخر ڪار صوفيه جو مڙس سندس پيءُ جي ملڪ تي ڪاهه ڪري ٿو ۽ دغاباز ڌيئرن کان نجات ڏياري ٿو. سندس ننڍي ڌيءَ صوفيه ڪيس سهارو ڏئي ٿي. هوءَ پيءُ جي خدمت ڪندي تڪليفون سهي گذاري وڃي ٿي ۽ بادشاهه پڻ بري حالت ۾ مري وڃي ٿو.

هي ناٽڪ انساني طبيعت جي ڪمزوريءَ جي موضوع تي ٻڌل آهي. هي ناٽڪ شيسڪپيئر جي بهترين ناٽڪن ۾ شمار ڪيو ويندو آهي. هن ناٽڪ جو ترجمو مرزا قليچ اهڙو ته اکري پابنديءَ وارو ڪيو آهي جو ڪردارن ۽ شهرن جا نالا ڦيرائي مڪاني رکيا آهن. بادشاهه جون دردناڪ زبانيون، چريائپ جي حالت ۽ وفادار ڌيءَ جي لاش واري منظر کي اصلوڪو ڪري ڏيکاريو آهي. مرزا قليچ سليس ٻولي استعمال ڪري ان ناٽڪ ۾ اهڙيون خوبيون بيان ڪيون آهن جڻ اهو اصلي معلوم ٿئي ٿو. ڪردار نگاري توڙي مڪالمن جي لحاظ کان هي ناٽڪ سنڌي ادب ۾ اهم جڳهه والاري ٿو.

**گلزار ۽ گلناز:** مرزا صاحب شيڪسپيئر جي رومانوي ڊرامي Romeo & Juliet جو ترجمو وري نئين انداز ۾ ڪيو. اصل ڊرامي ۾ نوجوانن جوشيلن عاشقن جو دکدار انت ڏيکاريل آهي، پر ان ناٽڪ جي ”گلزار ۽ گلنار“ 1909ع جي نالي سنڌي صورت ۾، ان جي موتمار پڇاڙي کي مرزا صاحب عام ماڻهن جي دلپسنديءَ لاءِ ڦيرائي، پريمن جو ميلاپ ڪرايو هو. جنهن ڪري اڀرن بي تحمل عاشقن کي سزاياب ڪرڻ جو ناٽڪي مطلب دفع ٿي ويو. هن ڊرامي ۾ بهترين نظارا ۽ عاشقن جون آهون شامل آهن.

**شمشاد مرجانه:** مرزا صاحب جو ”شمشاد مرجانه“ 1908ع شيڪسپيئر جي مشهور ڊرامي Cymbeline جو ترجمو هو ۽ نهايت ڪامياب ٿيو هو. هن ناٽڪ ۾ ڪردار جي ڪچائي اها ڏيکاريل آهي ته پورڙو هيرو هيروئن (Heroine) جي ٻڌل بيوفائيءَ ۾ سٽروئي ويساهه ڪري ٿو وڃي ۽ بنا تحقيق جي ڪڍي ٿو ڇڏيس، جنهن جي سزا اها ٿو پائي جو پڇتاءَ ۽ بعد ۾ وڇوڙي جا

عذاب سهڻا تا پونس.

**فيروز دل افروز:** مرزا صاحب لارڊلٽن جي ڪتاب Night and Morning تان ورتل اردو ناٽڪ ”ليل و نهار“ جو سنڌي زبان ۾ ”فيروز دل افروز“ (1905ع) جي نالي ترجمو ڪيو هو. هن ڊرامي ۾ سنڌ جي سماجي زندگيءَ جا جيڪي منظر چٽيا آهن، تن هن ڊرامي کي حقيقت نگاريءَ واري يا سچي زندگيءَ وارين خوبين سان پري چڙهيو. مرزا صاحب هوندي به هڪ حقيقت نگار هو. مختلف پلاٽن ۽ پردن کي روزانه زندگيءَ جو روپ ڏيئي، وڏيڪ عوام پسند بنائي ڇڏيو آهي. مرزا صاحب جي هن ڊرامي جي باري ۾ پروفيسر ملڪاڻي لکي ٿو ته: ”هن ناٽڪ ۾ رومانيت سان گڏوگڏ حقيقي زندگيءَ جا ڪارناما پڻ چٽيل هئا، جنهن ڪري ان کي حسنا دلدار کان پوءِ مرزا صاحب جو بيو حقيقت نگاريءَ وارو ڊرامو چئي سگهجي ٿو.“[14] هن ڊرامي ۾ مرزا قليچ بيگ جي گهريلو ٻوليءَ جو مثال ڏي اعليٰ آهي:

فيروز: انور صبر ڪر! هل مونسا گهر. نه هلندين ته سگهوئي پڇتائيندي...!

”وڃ ڙي ڪريل، لئي مان وڃي ڪلڻ پيچ، دور ٿي ، ٻاهر وڃ، نڪر هن گهر مان! پنهنجي منهن وڃ ، وڃ ڙي..... وڃ ڪر، وڃي ٻر، ٻاهر وڃ، نڪر هن گهر مان“.[15]

**شهزادو بهرام:** مرزا قليچ بيگ هي ڊرامو وليم شيڪسپيئر جي مشهور ڊرامي Hamlet جو ترجمو ڪيو. هي ڊرامو زندگي جي فلسفي، انساني ڪردار، انساني چالاڪين ۽ حماقتن جي پيشڪش جي لحاظ کان شيڪسپيئر جي مڙني ڊرامن ۾ وڏي اهميت رکي ٿو. مرزا صاحب هن ڊرامي کي سنڌي ماحول ۽ مسلم زندگي ۾ ” شهزادو بهرام “ جي عنوان سان 1914ع ۾ ترجمو ڪيو. هن ڊرامي جي مرڪزي ڪردار ۾ بيحد سوچڻ ۽ ٻڏتر ۽ عمل نه ڪرڻ جي عادت ڪري خونخوار نتيجا ڏيکاريا ويا آهن.

هي ڊرامو بادشاهن جي روايتي دشمني، قتل ۽ تخت جي قبضي سان شروع ٿئي ٿو ۽ خون جي بدلي تي ڪهاڻي ٻڌل آهي. ڊرامي جي آڪاڻي مقتول بادشاهه جي روح جو روز رات جي وقت نمودار ٿيڻ سان اڳتي وڌي ٿي. مرحوم بادشاهه جو روح پنهنجي پٽ يعني شهزادي بهرام کي موت جو راز ٻڌائي ٿو ۽ ڪهڙي نموني ڪيس زهر ڏئي ماريو ويو هو.

شهزادو بهرام جيڪو پنهنجي والد جي موت جي صدمي سبب بي حال ۽ پاڻ اڪيلو محسوس ڪري رهيو هو. ڇو جو سندس چاچي فتح شاهه تخت تي ناجائز قبضو ڪيو هو ۽ سندس والده راڻي قمر النساءِ فتح شاهه سان شادي ڪري ڇڏي هئي. اهو ئي سبب آهي جو هو عورت ذات کي بي وفا سمجهي ٿو. هو دنيا جي ان دوکي بازي تي اچان حيران ۽ پريشان ٿي هو ته چاچي جي هٿان پيءُ جي موت جي حقيقتن کيس برداشت کان ٻاهر ڪري ڇڏيو. هو بدلي جي آڳ ۾ جلندو رهيو ۽ چرئي هجڻ جو روپ ڌاري بدلي وٺڻ لاءِ منصوبا ٺاهڻ لڳو. پر سندس طبيعت ۾ ارادي جي غير پختگي جي ڪري بدلي وٺڻ ۾ دير ٿي ويئي. "ٿيڻ گهرجي يا نه ٿيڻ گهرجي" جي وچ ۾ هو اهڙي طرح ڦاسي ويو جو حالتون سندس قابو مان نڪري ويون. نتيجي طور تي پنهنجي جان جي بازي تي کيس بدلو وٺڻو پيو. شهزادو بهرام ان جنگ ۾ آخر خود به مارجي ويو.

ترجمي جي لحاظ کان هي ڊرامو مرزا قيلچ بيگ جو بهترين ڊرامو آهي. هن ترجمي ۾ مرزا صاحب اصلي انگريزي بادشاهي ماحول کي سنڌي ويس پهرايو آهي. اصلي انگريزي شعرن جي جاءِ تي سنڌي شعر استعمال ڪيا اٿس، جنهن سان ترجمي ۾ اچان به خوبصورتي اچي ويئي آهي. وڻندڙ ۽ آسان ٻولي، ٺهڪندڙ پهاڪا ڊرامي جي حسن کي اچان به وڌائين ٿا.

**بدر منير ۽ بينظير:** 1918ع ۾ "بدر منير ۽ بي نظير" نالي اصلوڪو ڊرامو لکيائين. هي ڊرامو رومانوي هجڻ سان گڏ و گڏ سماجي به هو. هي هڪ ميلو ڊراما آهي.

**نيڪي بدي:** مرزا قليچ بيگ جو بهترين ناٽڪ "نيڪي بدي" 1911ع ۾ اسٽيج تي پيش ٿيو، جيڪي آغا حشر جي مشهور ڪيل "خوبصورت بلا" تان ترجمو ڪيل هو. آغا حشر King John جو الٿو ڪندي، ان کي گهڻو هندستاني ماحول ۾ تبديل ڪري ڇڏيو هو. مرزا صاحب پنهنجي ناٽڪ جي ديپاجي ۾ اهو نه ڄاڻايو آهي ته اهو اصل شيڪسپيئر جي ڪهڙي ناٽڪ تان ترجمو هو. پر هاڻي اهڙي تصديق مرزا اعجاز علي بيگ پنهنجي ڪتاب Annotated Bibliography of Mirza Kalich Beg's books جي صفحي نمبر

25 تي ڪئي آهي. هن ناٽڪ جي ترجمي جي سلسلي ۾ مرزا قليچ بيگ لکيو آهي تہ ”هن ناٽڪ جو اصل قصو انگريزيءَ جي مشهور قديم شاعر شيڪسپيئر جي هڪڙي ناٽڪ مان ورتل آهي، جو هڪڙيءَ ناٽڪ واريءَ ڪمپنيءَ هندستاني ٻوليءَ ۾ لکيو هو: انهيءَ ۾ وري ڦيرگهير ڪئي ويئي آهي ۽ منجهس مزي جهڙا نقل ماڻهن کي کلائڻ ۽ خوش ڪرڻ لاءِ گڏيا ويا آهن ۽ گهڻن هنڌن تي راڳ بہ داخل ڪيا ويا آهن. اميد آهي تہ ڪتاب جي پڙهندڙن ۽ ناٽڪ جي ڏسندڙن کي انهيءَ مان گهڻي خوشي حاصل ٿيندي“.[16] هن ناٽڪ ۾ هيٺيان ڪردار شامل آهن:

مرزا قليچ بيگ هن ناٽڪ ۾ سيرت نگاري جي مسئلي کي پش ڪيو آهي. ”نيڪي“ ۽ ”بدي“ جا بہ تمثيلي روپ ڏنا ويا آهن، جيڪي پاڻ ۾ گفتگو ڪري پنهنجي پرک اهڙي نموني ڪرائين ٿا، جو نيڪ ۽ بد جو فرق ظاهر ٿيو پوي. هن ناٽڪ جن ڪهاڻي فرخ آباد ملڪ جي گرد گهمي ٿي ۽ جتي جي بادشاهہ، هرمز جي پٽ اصعر کي سندس چاچي شاهہ ۽ بانو دغا سان تخت ۽ تاج کان محروم ڪري ڇڏيو آهي. آخر شاهہ هرمز جي وفادار ساٿين ۽ سردارن شفيق خان ۽ سهراب خان جي جدوجهد ۽ دانشمنديءَ سان شهزادي اصغر کي تخت ۽ تاج واپس ملي ٿو.

مرزا قليچ بيگ پنهنجي ٻين ناٽڪن وانگر هن ناٽڪ ۾ بہ مقفيٰ نثر ڪم آندو آهي، جنهن سان ڊرامي جي عبارت کي رنگين ۽ پرڪشش ٿي وڃي ٿي:

**شاهہ بانو:** آءٌ نٿي سمجهان تہ نيڪي ڪهڙي چيز آهي، جا توکي ۽ توجهڙن ٻين کن بيوقوفن کي اهڙي عزيز آهي!

**شفيق:** نيڪي هڪڙو پاڪ نور آهي، جو انسان جي لاءِ نهايت ضرور آهي؛ نيڪي هڪڙو خدا جي هٿ جو جڙيل ڪوٽ آهي، جو شيطاني فوج سان وڙهڻ لاءِ انسان جي پناهہ ۽ اوٽ آهي.

**شاهہ بانو:** ديوانو ٿيو آهين!

**شفيق:** برابر، ديوانو آهيان، مگر شڪر آهي ته حرص جو ٻانهو ۽ خدا کان بيگانو نه آهيان، يا شيطان جو غلام، بيرحم تمام، خوني خون آشام، ۽ نيڪحرام نه آهيان!

**شاهه بانو:** بس ڪر، اي بدنام، منهنجي روبرو بي ادبيءَ جو اهڙو ڪلام!

**شفيق:** آءٌ انهن ماڻهن مان نه آهيان، جي ڪنهن جي پرپٺ گلا ڪندا آهن: آءٌ بهادر آهيان ۽ بهادر هميشه منهن تي ڏک هڻندا آهن ۽ وڙهندا آهن!

صاف دل ماڻهو آهي، سچ تا چون جي صاف صاف،

آرسي جهڙيءَ طرح سچ چئي ٿي منهن تي صاف صاف! ".(17)

گوبند مالهيءَ آغا حشر جي "خوبصورت بلا" ۽ مرزا قليچ بيگ جي "نيڪي ۽ بدي" جي ترجمن کي پيتندي لکيو آهي ته "مون پنهنجي ڳوٺ ۾ هڪ گهومو ٿئيٽريڪل گروپ طرفان ٿيل آغا حشر جي اردو ناٽڪ کي ڏٺو. مونکي بيحد وڻيو ۽ مون اهو ٻيهر ڏٺو. پوءِ هڪ ناٽڪ جي ڇاڻوءَ، جنهن اردو خواه سنڌيءَ ۾ پئي ناٽڪ ڏٺا هئا، هن جو چوڻ هو ته مرزا ڪيترن ئي هنڌن تي آغا کان گوءِ کڻي ويو آهي".(18)

**موهني:** 1924ع ۾ مرزا صاحب منشي رياض الدين احمد دهلوي جي ڊرامي جو ترجمو "موهني" جي نالي سان ڪيو. هن ڊرامي لاءِ مرزا صاحب پاڻ لکيو ته "مضمون جي نظر تي هن زماني ۾ هندن ۽ مسلمانن جي پاڻ ۾ اتفاق ۽ اتحاد بابت جيڪا ڪوشش ڪرڻ ۾ پئي اچي، تنهن ۾ اميد آهي ته هي ناٽڪ گهڻي مدد ڪندو.

مرزا صاحب جي ڊرامن جي ٻي اهم خوبي هي آهي ته سندس مزاحيه ۽ طنزيه ڊراما سماجي تنقيد سان ڀرپور آهن ۽ عام ماڻهوءَ جي زندگي جي عڪاسي ڪن ٿا. هو ڪل ۽ ٻوڳ ۾ ماڻهن کي ڪڙو سچ پياري ٿو. ان سلسلي ۾ سندس ڊراما "انڪوائري آفيسر"، "لوپي ۽ ٺوڳي"، "شيخ چلي ۽ اگڻ مشخرو" وڏي اهميت رکن ٿا.

مرزا صاحب جي اسلوب ۽ لفظن جي چونڊ به شاندار هوندي هئي. ان سلسلي

۾ پروفيسر منگهارام ملڪاڻي سنڌس ڊرامي ”ڪاليداس“ تي تبصرو ڪندي لکيو آهي تہ ”هن هندي ناٽڪ ۾ هن مسلم عالم اهڙا تہ سولا هندي لفظ ۽ اصطلاح استعمال ڪيا آهن جو ناٽڪ نويسي جو اهم اصول ثابت ڪري ڏيکاريائين تہ ناٽڪ پا ترن واتان ٻولي اها ڳالهائڻ تي هريل هجن“.

مرزا صاحب جي سنگيت ڊرامن لاءِ ڊاڪٽر غلام رسول بلوچ لکي ٿو تہ ”مرزا صاحب جي منظوم ڊرامن تي مجموعي طرح تنقيدي نگله وجهڻ سان چئي سگهجي ٿو تہ سنڌس اٺوهين صديءَ جي پڇاڙي وارن سنگيت ڊرامن ۾ هڪ واضح تبديلي موجود آهي. سنڌس شاعراڻي مزاج جو موجن پريو مهراڻ هنن پوين ڊرامن ۾ مست چوليون هڻندو نظر اچي ٿو. سنڌس شعر وڏيڪ پختو، شيرين ۽ ستہ لڳي ٿو. منجهنس نہ صرف تشبيهن استعارن جو سهڻو استعمال نظر اچي ٿو پر معنوي خوبيون بہ خوب سميٽيل آهن“.(19)

ان کان علاوه مرزا قليچ بيگ جيڪي ناول لکيا ۽ ترجمو ڪيا، انهن مان اڳتي هلي PTV لاءِ ڊراما سيريل جي صورت ۾ نشر ٿيا. انهن ۾ ”زينت“، ”گلن جي ٽوڪري“، ”ايرڪ“,”انڪوائري آفيسر“ وغيره شامل آهن.

**ديوان ڪوڙومل (1844 – 1916ع)**

راءِ بهادر ديوان ڪوڙومل چندن مل کلناڻي جو جنم تعلقي پريا ضلعي نوشهرو فيروز ۾ ٿيو. سنڌس اصل نالو پريتم هو. هو مثالي استاد هو، ادبي ۽ علمي خدمتن ۾ سيني کان اڳتي هو. تمام وسيع مطالعو رکندڙ هو. سرڪاري ادارن ۾ ترجمان (Translator) جي حيثيت سان بہ ڪم ڪيائين. سنڌس وڏي ۾ وڏو ڪارنامو اهو آهي تہ هن ”سامي جا سلوڪ“ گمنامي مان ڪڍي شايع ڪرايا. ان کان علاوه، پنهنجي شهر پريا ۾ ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جي تعليم لاءِ اسڪول قائم ڪيائين. سنڌس ڪتابن جو تعدار پنجاهہ کان بہ مٿي آهي، جنهن ۾ هر قسم جا ڪتاب اچي وڃن ٿا. پان ان دور جي تقاضا مطابق ڊراما بہ لکيائين، جن مان ڪي هي آهن:

**رتنا ولي:** ديوان ڪوڙيمل چندن مل سنہ 1888ع ۾ سنسڪرت زبان جي مشهور ناٽڪ نويس راجا هريش ديو جي مشهور ناٽڪ ”رتناولي“ جو سنڌي زبان ۾ ترجمو

ڪيو، جنهن کي هريسنگهه سکر واري طرفان ساڳي سال ليٿو ۾ شايع ڪيو. هي سنڌي زبان جو ٽيون نمبر اوائلي ناٽڪ آهي. ديوان ڪوڙو مل هن ناٽڪ جي مهاڳ ۾ لکي ٿو ته "ناٽڪ جو ڪتاب اڳي سنڌيءَ ۾ ڪونهي ۽ انهيءَ قسم جا ڪتاب اڳي جنهن نه پڙهيا هوندا تنهن کي ان جي سمجهڻ ۾ البت اوکائي ٿيندي، تنهن لاءِ هن ناٽڪ جو مختصر مطلب پڙهندڙ جي سولائيءَ ڪارڻ هيٺ لکجي ٿو." (20)

"رتناولي" ۾ لنڪا جي راجڪماري ۽ ڀارت جي هڪ راجا جي پريم ڪهاڻيءَ جو رومانوي ڍنگ ۾ ورنن ڪيل هو. هيءُ هڪ بهترين ترجمو آهي، جنهن جي ٻولي پڪي ۽ پختي ۽ مڪالما نهايت ئي اثرائتا آهن، مگر منجهس سنسڪرت جا ثقيل لفظ ڪثرت سان استعمال ٿيل آهن، اهو ئي سبب آهي جو هن ناٽڪ کي ڪڏهن به اسٽيج تي پيش نه ڪيو ويو. مثال طور يوگنڌ رايڻ جي هڪ مڪالمي مان هيءُ ٽڪرو پيش ڪجي ٿو:

"ٻڌڻ ۾ ٿو اچي، سوآئون ڄاڻان ٿو ته ڪامديو جي اتشب ڪري ، پرجا جو آنند ۽ خوشي ٿي ڪري، تن جي ڏسڻ ڪاڻ مهاراجا به پنهنجي راڄ مندر مان پڌاريو آهي. اڙي هائو! مهاراجا ڪچهريءَ ۾ به اچي سهڙيو آهي. جڏ جي ورتائن ڪان ڪک تي ۽ پرجا جي دل وٺڻ ۾ پنهنجو جس ڄاڻي، پنهنجي پريتم بسنتڪ سان آنند ڏسڻ ڪاڻ، ڪامديو وانگيان اچي ويٺو آهي. هيءُ ڪارج پلي پانت سڌ ٿئي، تنهن جي اپاءَ جو آءٌ گهر وجي ٿو ويچار ڪريان". (21)

**سنگ جو پرسنگ** :هن صاحب سنڌي ناٽڪ جي هن دؤر ۾ هڪ ننڍو اصلوڪو "سنگ جو پرسنگ" جي نالي سان سال 1899ع ۾ لکيو، جنهن کي ساڳي سال ڏيارام ڄيٺمل سنڌ ڪاليج ايميچوئر ڊراميٽڪ سوسائٽيءَ طرفان شايع ڪيو ويو. "هي ناٽڪ اسڪولي شاگردن لاءِ نصيحت آميز، سٺي سنگت رکڻ لاءِ لکيو ويو هو. هن ناٽڪ ۾ قرض جي مرض ۽ ڪسنگ جي خرابين تي مزاحيه انداز ۾ طنز ڪيل آهي. ڪاڪو پرسرام اوطاق ۾ ويٺو آهي ۽ ٽڏا شوڪارا پيري چوي ٿو:

سمو ڏاڍو ڀاري لڳو آهي، ننڍ وڏائيءَ جو سنڌو سيڙهو رهيو ئي ڪونهي. سيڪو آپي خان آهي. ڇوڪرا جي هاڻي آني مان ڦٽا آهن تن جي آڪڙ ڪنهن جي ڪٽڻ

جي نہ آهي. گھر ۾ غرقي نہ ٿي، دم نوڙهيءَ جو ، مائٽ ويچارا مٺا مونا هٺي جيئن تيئن پيا پن پرين، ڇورن کي نہ اڏيءَ جي نہ ڪتيءَ جي".[22]

ديوان ڪوڙومل ان دور ۾ سنڌي ڊرامي جي ترقي ۾ حصو ورتو جڏهن هي فن سنڌي ادب ۾ اجان نئون نئون پنهنجو وجود قائم ڪري رهيو هو. سندس ڊراما پنهنجي دور جا ڪامياب ڊراما هئا.

## ليلارام وطڻمل "خاڪي" (1867ـ1941ع)

ديوان ليلارام وطڻمل لعلواڻي جو جنم حيدرآباد ۾ ٿيو. هو بهترين شاعر، نقاد ۽ ڊراما نويس هو. ديوان ليلارام جو پتا غريب ماڻهو هو. انڪري سندس تعليم مکي ڏنو راج جي خرچ تي ٿي. ليلارام حيدرآباد مان ميٽرڪ ڪرڻ کانپوءِ 1886ع ۾ بمبئيءَ مان بي۔ اي جون ڊگريون حاصل ڪيون. شوق سبب وڪالت جو پيشو اختيار ڪيائين ۽ بعد ۾ جج بہ مقرر ٿيو. 1918ع ۾ نوڪريءَ تان رٽائر ڪيائين. محمد صديق ميمڻ سندس تعارف هن ريت ڪرايو آهي: "ديوان ليلارام سنگ حيدرآباد سنڌ جو لعلواڻي عامل حيدرآباد جي پارسي خواندن ديوانن مان هڪڙو هو. هو انگريزي، سنسڪرت، هندي، پنجابي ۽ سرائڪي ٻوليءَ ۾ ماهر ۽ جڊيشيل ڪاتي ۾ سول ڪورٽ جو جج هوندو هو. هو صوفيانہ خيالن وارو ويدانتي ۽ نانڪ پنٿي هو. اول ديوان ليلارام نالو هوس ۽ پوءِ حيدرآباد شهر جي نانڪ پنٿين جو اڳواڻ ليکبو هو ۽ انهيءَ پنٿ جون قيمتي خدمتون ڪيائون".[23] هو اعليٰ قسم جو شاعر پڻ هو. شاعريءَ ۾ "خاڪي" تخلص ڪتب آڻيندو هو. سندس وڏي سڃاڻپ اها آهي تہ هو شاهہ جو شارح هو. 1890ع شاهہؒ تي شاعري، حياتي ۽ فڪر تي سندس انگريزي ۾ ڪتاب Life, Religion and Poetry of Shah Latif ۾ شايع ٿيو.

ان کان علاوه هيءُ صاحب سنڌ جو بانيڪار ڊرامہ نويس پڻ آهي، جنهن ڪافي سارا اسٽيج ڊراما تحرير ڪيا. جن مان ڪافي ڊراما ڊي.جي سنڌ ڪاليج جي اميچوئر ڊراميٽڪ سوسائٽي سال 1895ع کان 1905ع جي وچ ۾ ، ۽ حيدرآباد پليڊرس ڊراميٽڪ ڪلب وارن سال 1905ع کان 1908ع جي عرصي ۾ اسٽيج تي پيش ڪيا. مير محمد نظاماڻي لکي ٿو تہ "هن صاحب سنڌي ادب جي تمام گھڻي خدمت ڪئي.

سندس ڪيترائي انگريزي ۽ سنڌي ڪتاب مشهور آهن. هن صاحب ڪيترائي سنڌي ناٽڪ پڻ لکيا. انهن ناٽڪن ۾ اڪثر مقفيٰ نثر ٿيل آهي ۽ سندس لکڻي نهايت ئي وڻندڙ ۽اثرائتي آهي".[24]

**هرشچندر:** سندس پهريون ناٽڪ مهاڀارت تان ورتل ڊرامو "هرشچندر" جيڪو سال 1895ع ۾ لکيائين. هن ناٽڪ ۾ جيتوڻيڪ سنسڪرت الفاظ استعمال ٿيل آهن، انهيءَ هوندي بہ مقفيٰ وڻندڙ لکڻي هئڻ سبب هيءُ هڪ سٺو ناٽڪ آهي. هي ناٽڪ ٽنهن ڪان پوءِ 1900ع ۾ ڇپايو ويو. سندس ناٽڪ "هرشچندر" لاءِ ڊاڪٽر پريم پرڪاش لکي ٿو تہ "هرشچندر، رشي وشوامتر جو ناٽڪ ۾ دسرٿ ، راڻي ڪيڪئيءَ ڪي اهڙا وچن تا ڏيئي وڃن جو ڪين بعد ۾ ڪافي تباهي ٽي ڏسڻي پوي".[25]

**رامائڻ:** سندس ٻن قسطن ۾ لکيل ناٽڪ 'رامائڻ' ڪي 1898ع ۾ پيش ڪيو ويو. هن ناٽڪ ۾ لوڪومل وطڻمل سندس ٻله ٻيلي هو. هن ناٽڪ پڻ ڪافي ڪاميابي حاصل ڪئي. "رامائڻ" ۾ رسيلي راڳيندڙ حشمتراءِ لوڪسنگ (ديوان جي پائٽي) رام جو پارٽ ڪيو هو، ٻنهي ۾ اڻ ڇاتل وچن ڪي پاٽي ڏيڻ ڪري ڌرين ڪي تقدير رولا ٽي ڪارائي: هرشچندر رشي واشوامتر ڪي ۽ دسرٿ راڻي ڪيڪئيءَ ڪي انڌا وچن تا ڏين ۽ نتيجو اهو نڪتو نڪري جو هرشچندر راجا وڃائي دربدر ٿو ٿي ۽ رام چوڏهن ورهيہ بنواس ٿو پوڳي".[26] سندس ڊرامن هرشچندر ۽ رامائڻ لاءِ پريم پرڪاش لکي ٿو تہ "پهرين ناٽڪ ۾ هرشچندر، رشي وشوامتر جو ناٽڪ ۾ دسرٿ، راڻي ڪيڪئيءَ ڪي اهڙا وچن تا ڏيئي وڃن تا جو ڪين بعد ۾ ڪافي تباهي ٽي ڏسڻي پوي".[27]

**مهن تارڪا:** هي سندس اصلوڪو ناٽڪ آهي جيڪو سال 1896ع ۾ لکيو هيءُ هڪ سٺو سماجي ناٽڪ آهي. هن ناٽڪ ۾ هڪ بيوه جي مڪيہ مسئلي ڪي پيش ڪيو ويو آهي.

**سورجن راڌا:** "سورجن راڌا" سندس اصلوڪو ناٽڪ آهي جيڪو جيڪو 1897ع ۾ لکيو ويو، هن ۾ مذهب متائڻ يعني هندو مان مسلمان ٿيڻ جي مسئلي ڪي ڪنيو ويو آهي. ڊي.جي سنڌ ڪاليج اميچوئر ڊراميٽڪ سوسائٽي پاران هي ناٽڪ 1895 ۾

پيش ڪيو هو. اهو ناٽڪ جو ڪتاب به ڇاپيل صورت ۾ موجود آهي. هي ناٽڪ ڇهه ڇهڇٽن ۽ 106 صفحن تي مشتمل آهي. ان ۾ مڪالما راڳڻ ۽ ڪافين ۾ ڏنل آهن. ڪٿي هجويه انداز به ملي ٿو. مثال طور:

قاضي_ خاوند بيشڪ صد لعنت آهي اهڙي خبيث تي. هي پليت اسان مومنن تي داغ آهي. (اتو سنگ جو نوڪر اچي ٿو)

نواب: ڌوڙ پئي ڏٽيءَ پرتي تي! ڇائي پيئي هن شيطان الهه پرتي تي! هن بدمعاش لاءِ رڳو قاسي بس ناهي قاضي صاحب قاسيءَ تي چاڙهڻ کان اڳ هن احمق کي سنگسار ڪرائيندا وڃجو". [28]

پيرو مل لکيو آهي ته "مرزا قليچ بيگ توڙي ديوان ليلارام سنگهه جا ڊراما پڙهيل طبقي ۾ تمام مقبول هئا". [29]

**دروپدي** : ليلارام جو "دروپدي" 1905ع ۾ شايع ٿيو. هي مهاڀارت تان ورتل هو. هن ڊرامي کي ڏيارام ڇيتمل ايميچوئر ڊرئميٽڪ سوسائٽي طرفان پيش ڪيو ويو. هن ڏرمي ناٽڪ ۾ يڌشٽر جي ڀاري جي راند ۾ پنهنجو راڄ ڀاڳ ۽ گهر ٻار جوئا ۾ هارائي وهي ٿو. بعد ۾ ڪيترن ئي مشڪلاتن جو منهن ڏسڻو پويس ٿو.

**شاهه عادل خان** : هي اصلوڪو ڊرامو 1908ع ۾ شايع ٿيو. "شاهه عادل خان"مزاحيه ڊراما هو.

**لوڀي لاڪيٽا**:"لوڀي لاڪيٽا" هڪ ننڍو اصلوڪو ڊرامو هو. جيڪو ساڳئي سوسائٽي طرفان 1908ع ۾ شايع ٿيو."لوڀي لاڪيٽا" مزاحيه ڊرامو هو. لوڀي لاڪيٽا ۾ وڪيلن جي ڪارنامن جا پول پڌرا ڪيل هئا، ته به وڪيل اندرئين خاني ۾ پاڻ ملي ڀڳت ڪن ٿا ۽ ٻنهي ڌرين کان ناهه ڪرائڻ خاطر پئسا وصول ڪن ٿا ۽ پاڻ ۾ ورهائي کڻن ٿا. هي ناٽڪ 24 صفحن تي مشتمل آهي ۽ ٽن ڇهڇٽن تي مبني آهي. تحرير مزاح سان ڀرپور آهي. مثال طور:

"هري پرشاد_ادا! وڪالت ڪجي ته سچ ۽ ايمان سان، قابليت ۽ محنت جو ڦل ڪائجي، نه ڪوڙ ۽ ڪپت جو. ٻڌو ڪين اٿئي ته ڪوڙي جي ڊوڙ ڪڌ تائين. ايمان نيث ايمان آهي.

وشنو پرشاد_ سو آءُ وري بي ايمان آهيان ڇا؟ لعنت آهي بي ايمان کي.آءُ

پائي جيڪو ڪم ڪريان سو ظاهر ظهور ۽ ٺڪي ٺوڪي اصيلن جي مجتا وٺي پوءِ پير ڪٺان. پوءِ بہ چوندين بي ايمان؟“ .[30]

سندس باري ۾ پريم پرڪاش لکي ٿو تہ ”ديوان وطڻمل پهريون هندو ليکڪ هو، جنهن ناٽڪ ڪي، پنهنجي وقت جي عوامي زندگيءَ سان جوڙيو ۽ اهو ثابت ڪيو تہ صحيح ناٽڪ پنهنجي سمي جي مڪاني اسٽيتن جي عڪاسي ڪري ٿو ۽ پنهنجي زمين جي پاڙن تي بيهي ٿو. ليلارام وطڻمل جي ڊرامن ۾ جا خاص ڳالهہ هوندي هئي تہ موجوده دور جي فلمن وانگر پنهنجي ڊرامن ۾ گيت وجهرائيندو هو. هن جي ڊرامن جا گيت سندس وڏي ڀاءُ لوڪسنگ جا جوڙيل هوندا هئا ۽ ڊرامن جي ڇپيل ڪتابن ۾ گفتگو سان گڏ ڇپيل هوندا هئا“ .[31]

## لوڪسنگ وطڻمل (1864_1933ع)

ديوان لوڪسنگ ولد وطڻمل ٽيڪواڻي جو جنم حيدرآباد ۾ ٿيو. هو ليلارام وطڻمل جو وڏو ڀاءُ هو. هو خود بہ سٺو شاعر ۽ ڊراما نويس هو. هن هڪ طرف ڊراما لکيا تہ ٻئي طرف انهن ۾ اداڪاري ڪئي ۽ ٽئين طرف ڊرامن لاءِ گيت بہ لکيا. سندس ٻہ ڊراما ”مڏر ڪوي“ (1902ع) ۽ ”نشائين کي نصيحت“ (1903ع) ڏاڍا مقبول ٿيا. ”**نشائين کي نصيحت**“ هڪ نصيحت آميز ڊرامو هو، جنهن ۾ نشي ڪري پيدا ٿيندڙ خرابين ۽ معاشري تي پوندڙ اثرن جو چٽ چٽيل هو. ”**مڏر ڪوي**“ هڪ شاعر جي زندگي ۽ فن بابت ننڍو ناٽڪ هو. لوڪسنگ وطڻمل سڌي طرح سنڌي ڊرامي جي ترقي ۾ حصو ورتو. هو اسٽيج جي فن سان وابستہ رهيو. ان اوائلي دور ۾ سندس خدمتون قابل تعريف آهن.

## چيتانند ڪلڏداس مامتاڻي

ماستر چيتانند ڪلڏداس مامتاڻي، پريا، ضلعي نوشهروفيروز جو رهاڪو هو. هو ناٽڪ نويس ۽ ڌرمي موضوعن تي مضمون لکندو هو. هو ڪراچيءَ جي اسڪول ۾ استاد هو. شاعريءَ ۾ ”پريائي“ تخلص استعمال ڪندو هو. هن نہ صرف ناٽڪ لکيا، پر پنهنجن ۽ ٻين جي ناٽڪن لاءِ راڳ بہ لکيا. ان کان علاوه ڪيترائي درسي ڪتاب ۽ آکاڻيون بہ لکيائين. ڪوڙيمل چندن مل جي صحبت ۾ علمي ۽ ادبي خدمتون سرانجام ڏنائين، جيڪو سندس ڪتابن جي درستگي بہ ڪندو هو.

چيتانند ڪلڊاس جو ناٽڪ "نل دمينتي" مها ڀارت تان ورتل ڪهاڻيءَ تي مبني آهي.هندو ڏند ڪٿا ۾ هن ڪهاڻي کي وڏي اهميت حاصل آهي. دنيا جي ڪيترن ئي ٻولين ۾ هي ناٽڪ ترجمو ٿي چڪو آهي. سنڌي زبان ۾ به هن ناٽڪ کي ڪيترن ئي ترجمو ڪيو آهي. سال 1884 ع ۾ "هرشچندر" جي سنسڪرت ناٽڪ "نل دمينتي" کي پيش ڪيو ويو. هن ناٽڪ کي "ڏيارام ڄيٺمل سنڌ ڪاليج اميچوئر ڊريميٽڪ سوسائٽي" اسٽيج تي پيش ڪيو. اها سنڌ جي پهرين ڊريمٽڪ سوسائٽي هئي.

پروفيسر منگهارام ملڪاڻي لکي ٿو ته "چيتانند جو هيءُ ناٽڪ عبارت ۽ ٻوليءَ جي لحاظ کان هڪ سٺو ڊرامو آهي ۽ اسٽيج تي ڪافي ڪامياب ويو. عجب آهي ته سنڌي ناٽڪ جي تاريخ ۾ هيءُ هڪڙو ئي ڊرامو هو جنهن ۾ فقط هڪڙو رواجي راڳ وڌل هو. جو درگداس آڏواڻيءَ دمينتيءَ جو پارٽ ڪندي ڳايو هو. هن ناٽڪ ۾ راج نل جو پارٽ هيرانند سنتوڪرام وڪيل ڪيو هو، ستجڳ جو سجانسنگ جڳتياڻيءَ ۽ ڪلجڳ جو ڪنولسنگ ملڪاڻيءَ ادا ڪيا". (32)

چيتانند ڪلڊاس، شيڪسپيئر جي ناٽڪ Twelfth Night تان "قصو دل جي وندر يا ڀل چڪ" الٿو ڪيو هو، جيڪو 52 صفحن تي مبني هو ۽ ليٿو ۾ 1916 ع ۾ شايع ٿيو. هي ناٽڪ سڌي ريت انگريزي تان ترجمو ڪو نه پر ڪنهن هندستاني ٻوليءَ تان ترجمو ٿيل هو. ان ڪري اصل ناٽڪ جو اختصار به هو ته ماحول ۽ ڪردار به هندستاني ڪيل هئس. ان ڪان علاوه، هن ناٽڪ کي قصي جي سٽاءَ ۾ الٿو ڪيو هو ۽ ڪردارن جا نالا به مقامي استعمال ڪيا هئائين.

سندس ٻين ڪتابن ۾ ڊرمي قصو " ست هرشچندر ڪٿا"، 1891 ع ۾ ڪراچي پنٽنگ پريس مان شايع ٿيو. هي ڪتاب 74 صفحن تي مبني هو. "استري اپديش" 1891 ع ۾ شايع ٿيو. هن قصي ۾ عورتن کي اخلاقي ۽ ڊرمي طور نصحيت ٿيل آهي. چيتانندڪلڊاس ڪيترائي درسي ڪتاب لکيا، جن ۾ "ديسي حسابن جو ڪتاب" (1891 ع)۽ "جدول" (1896 ع شامل آهن ۽ ٻين ڊرمي ڪتابن ۾ "عجيب داستان"، "جنم ساکي ڏهن پاتشاهن" (1901 ع) وغيره اهم آهن.

## ديوان ٺاڪرداس ناگراڻي

ديوان ٺاڪرداس ولد گوبندرام جو تعلق شڪارپور سان هو ۽ هو شڪارپور جي سيشن ڪورٽ جو جج هو. ڪيس ڊرامي ۽ موسيقي سان عشق هو. هن پنهنجي ساٿين سان گڏجي شڪارپور شهر ۾ ”ڌرم اپڪار ايميچوئر ڊرئميٽڪ سوسائٽي“ جو بنياد وڌو، جنهن لاءِ هو نہ صرف پاڻ ڊراما لکندو هو پر اداڪاري بہ ڪندو هو. سندس ڊرامن ۾ ”چندرالي“ (1901ع) ۽ ”تريا چلتر“ (شيڪسپيئر جي هيملٽ جو ترجمو، 1914ع) اهم آهن.

**چندراولي**: هن صاحب 1901ع ۾ ”چندراولي“ نالي ڊرامو لکيو، جنهن کي انهيءَ سوسائٽيءَ جي طرفان پيش ڪيو ويو. چندراولي ۾ تاريخي موضوع هئڻ باوجود ان جو ماحول سنڌي ماحول مطابق آندل هو. هن ڊرامي جي ٻولي نج سنڌي بہ ڪو نہ هئي.

**تريا چلتر** : ديوان ٺاڪرداس ناگراڻيءَ شيڪسپيئر جي مشهور جي ناٽڪ ”هيمليٽ“ جو ترجمو ”تريا چلتر“ جي نالي سان ڪيو ، جيڪو 1914ع ۾ ۾ ”ڌرم اپڪار ايميچوئر ڊرئميٽڪ سوسائٽي“ پاران اسٽيج ڪيو ويو ۽ سوسائٽيءَ طرفان ڪتابي صورت ۾ بہ شايع ٿيو. هي ناٽڪ بادشاهن جي روايتي دشمني، قتل ۽ تخت جي قبضي سان شروع ٿئي ٿو ۽ خون جي بدلي تي ڪهاڻي ٻڌل آهي. ان کان علاوه، هيءُ ناٽڪ زندگيءَ جي فلسفي، انساني ڪردار، انساني چالاڪين ۽ حماقتن جو صحيح عڪس پيش ڪري ٿو ۽ پيشڪش جي لحاظ کان شيڪسپيئر جي مڙني ناٽڪن ۾ وڏي اهميت رکي ٿو. پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ مطابق”شڪارپور ۾ ”ڌرم اپڪار ايميچوئر ڊرئميٽڪ سوسائٽي“، ديوان ٺاڪرداس ناگراڻيءَ 1897ع ۾ برپا ڪئي هئي، جنهن جي روح روان ديوان ٺاڪر داس بہ شيڪسپيئر جو شاهڪار Hamlet، ”تريا چلتر“ سري سان سنڌيءَ ۾ آندو هو ۽ 1914ع ۾ ڪري ڊيڪاريو هو. هن کيل جي باءِ پلاٽ ۾ مهاراج تيجبانداس مسخري جو پارٽ قابليت سان ڪيو ۽ ڏسندڙن کي کلائي کلائي کيرو ڪري ڪيو هئائين. تيجبانداس شڪارپور منڊليءَ جو پراڻو مذاقي ائڪٽر هئڻ کان سواءِ هدايتڪار پڻ هوندو هو ۽ انهن ٻنهي حيثيتن ۾ ڪاليج

سوسائٽيءَ جي جي.ايڇ. بي آڏواڻي جون سڪون لاهيندو هو.“[33]

## گاگسنگهه آتمارام آڏواڻي (1863_1915)

گاگسنگ ولد آتما سنگ آڏواڻي جو تعلق شڪارپور سان هو. هو بہ هن سوسائٽيءَ سان وابستہ هو. جنهن جو ”شڪنتلا دشنت“ (1897 ع)، اسٽيج ٿيو. اهو ڊرامو اڳتي هلي 1898ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو. ”مهاانڌير“ (1904ع) ۽ ”ڊاڪٽر شام نارائڻ“ (1915 ع) اهم ڊراما هئا.

**شڪنتلا دشنت:** 1897ع ۾ هندي ناٽڪ ”شڪنتلا“تان ترجمو ڪيائين، هي ناٽڪ ڌرم اپڪار اميچوئر ڊرئميٽڪ سوسائٽي، شڪارپور پيش ڪيو هو. هن ڊرامي ۾ هندستاني، مرهٽي، انگريزي ۽ سنڌي طرزن تي ڪيترائي راڳ وڌا ويا هئا.

**مها انڌير:** هي ڊرامو آگسٽ 1904ع ۾ لکيو ويو . هن صاحب جي ڊرامن تي مذهبي رنگ گهٽونظر اچي ٿو. ڊرامي **”مها انڌير“** ۾ هڪ خيالي ڌرمي ڪهاڻي ڏيکاري وئي آهي، جنهن ۾ مسلمانن ۽ هندن ۾ هڪ ٻئي لاءِ نفرت پيدا ڪرڻ جو ٻج سمايل آهي، ۽ پوري ڪهاڻي، هندو ڌرمي پرچار سان ڀرپور آهي.

**ڊاڪٽر شام نارائڻ** : 1915 ع ۾ هن هي نالي ڊرامو لکيو. هن ڊرامي لاءِ ڊاڪٽر پريم پرڪاش لکيو آهي تہ ”هن ناٽڪ ۾ سنڌي جي مذاقي ڇهچٽن کي ٻن مسخريءَ جا پارٽ ادا ڪندڙ تيجا نداس ۽ تليداس نند پيش ڪيو هو.“[34]

## ليلارام ماکيجاڻي (مرتيو 1937ع)

ليلارام ولد ٺارو مل ماکيجاڻي جو تعلق حيدرآباد سان هو. هن جي ڊرامن غير معمولي شهرت حاصل ڪئي. هن جي ڊرامن جي خاص ڳالهہ اها آهي تہ اهي اصلوڪا ۽ تشدد سان ڀرپور هوندا هئا. سندس ”ڊرامن ۾ دورنگي دنيا“ (1920)، ”پريمي پتنگ“ (1920)، ”بي وفا قاتل“ (1921)، ”ڪشور موهني“ (1921)، ”ڪلجڳ جا ڪلور“ (1922) ”ليلا وتي“ (1922)، ”قاتل مسافر“ (1931)، ”نئين سجاڳي“ (1937) ۽ ”وطني وفائي“ اهم آهن.

ليلارام سنڌي ڊرامي ۾ اهو ڪردار ادا ڪيو جيڪو انگريزي ڊرامن ۾ جان ويبسٽر (1580 – 1625) ادا ڪيو هو. هن پر تشدد موضوع اسٽيج تي پيش ڪيا.

ان سلسلي ۾ پروفيسر منگهارام ملڪاڻي لکي ٿو ته ”سنڌس ناٽڪ اگرچه مڙئي چالو زماني بابت هئا، پر ٽڪائوڪي منجهن حد کان ٻاهر هئي. اهڙا ڪي ورلي ناٽڪ هوندا. جن ۾ خنجر يا پستول ڪان ڪم ورتو نه هوندو. ليلارام هڪڙو ئي ناٽڪ ”نئين سجاڳي“ لکيو هو جو سنجيده ۽ گنڀير سماجي ناٽڪ هو“.(35)

**وطني وفائي:** هي ڊرامو هندي ناٽڪ سمراٽ اشوڪ تان اخذ ڪيائين. هي ڊرامو ٽن بابن تي مشتمل آهي. انتهائي سنسني خيز آهي. مثال هيٺ ڏجي ٿو:

**ويرو**۔ مگر سائين، انهيءَ مان مون کي ڇا ملندو؟

**ڏنو**۔ جيڪي منهنجي نصيب ۾ ايندو تنهنجو اڌون حصو توکي به پيو ملندو. مگر ها، انهيءَ جي عيوض توکي سچو ڪم خبرداريءَ سان ڪرڻو پوندو!

**ويرو**۔ مگر سائين چوندا آهن ته سچ سير، ڪاريءَ ٻڪري جو کير....

**ڏنو**۔ ڇپ ڪر کير جا سڪا. اڄ ڪلهه کير به سواءِ ملاوٽ جي مشڪل ٿو ملي. مطلب ته خوشامد جي هر هنڌ ياري آهي. بلڪ خوشامد تي خود خدا به راضي آهي“.(36)

ليلارام ماکيجاڻيءَ جا اڪثر ڊراما ”ينگ سينٽر ڊراميٽڪ سوسائٽي“ حيدرآباد طرفان پيش ٿيا. سنڌس ڊرامو ”ڪشور موهني“ مڪالمن سان شعر، رباعيون ۽ بيتن سان ڀرپور هو. ٽن بابن تي مشتمل 154 ع صفحن تي پکڙيل ڪتاب هو. سنڌس ڊرامن جي پهرين خوبي اها آهي ته اهي سڀ اصلوڪا هئا. ٻي خوبي اها هئي ته انهن ماڻهن جي پسند مطابق نواڻ هئي. اهي ڏرمي ۽ هڪ داستانن جي موضوعن کان آجا هئا. عام ڏسندڙ پڻ نواڻ چاهيندا هئا. سنڌس ڊرامن ۾ تفريح جو سامان مهيا ٿيل هوندو هو. سنڌس ڊرامن جو موضوع پرتشدد، جاسوسي، مڪاري، بيوفائي، سازش وغيره تي مبني هوندا هئا. هن جا ڊرامي وڏي شوق سان ڏٺا ويندا هئا، ڇو جو ان زماني ۾ جاسوسي ناول پڻ پنهنجي عروج تي هئا. ”بي وفا قاتل“، قاتل مسافر وغيره جهڙا جاسوسي ڊراما وڏا مقبول هئا.

**آغا غلام نبي صوفي (1889 – 1938ع)**

آغا غلام نبي صوفي جو جنم آغا گل حسن خان درانيءَ جي گهر ۾ شڪارپور ۾ ٿيو. هي گهراڻو علم، ادب ۽ تعليم جي لحاظ کان اتر سنڌ ۾ خاص مقام رکندڙ

هو. هن خاندان، سنڌي سماج ۽ ادب جي خدمت لاءِ ڪي سوسائٽيون پڻ قائم ڪيون. گل حسن خان دراني ءَ پينشن تي لهڻ کان پوءِ شڪارپور ۾ زميندارن جي فائدي لاءِ ”گرين سيل سوسائٽي“ جو بنياد وڌو. جنهن جو آغا صوفي آخر تائين صدر رهيو. 1933ع ۾ هن سوسائٽي ءَ پاران آغا غلام نبي صوفي ءَ جو ڪتاب ”سچل سرمست“ شايع ٿيو هو.

آغا غلام نبي پاڻ بهترين شاعر هو ۽ ”صوفي“ تخلص استعمال ڪندو هو. آغا صوفي ڪيترائي ڊراما به لکيا ۽ ڊرئميٽڪ سوسائٽيون قائم ڪيون. پاڻ ”الهلال ڊرئميٽڪ سوسائٽي ءَ“ جو بنياد 1924ع ۾ شڪارپور ۾ وڌو، هن ڊرئميٽڪ سوسائٽي ڪيترائي سنڌي ۽ اردو ڊراما اسٽيج ڪيا، جن ۾ سنڌس”دنيا دورنگي“ ۽ ”شان اسلام“، 'آغا حشر جو ”مدهوش“ ۽ ماسٽر رحمت علي جو ”تصوير رحمت“ نهايت محنت سان ڪري ڏيکاريا ويا، جيڪي ڏسندڙن ۾ تمام گهڻا مقبول ويا. انهن ڊرامن ۾ جيڪي اداڪار حصو وٺندا هئا، تن ۾ پيرل خان پٺاڻ (وِلين جو ڪردار ادا ڪندڙ) غلام حسين جهلڻ، عبدالغفار سومري کان علاوه پير محمد عرف پيرن جوڙيو 'مشتاق' جا نالا قابل ذڪر آهن، هي ءَ ڊرئميٽڪ سوسائٽي 1928_29ع ڌاري بند ٿي وئي.“[37]

آغا غلام نبي جن به ٻين ڊرامن ۾ ”ڪرشن ڪرپا“،”ڪاليج ڪا زمانا“، ”پهلا پيار“ وغيره اهم آهن. ”الهلال ايميچوئر ڊرئميٽڪ سوسائٽي“ جي هڪ ٻي شاخ لاڙڪاڻي ۾ پڻ قائم ٿي هئي.

آغا غلام نبي صوفي، ان وقت جي اتر سنڌ جي اديبن ۾ هڪ اهم ڊراما نويس هو، جنهن ڪي نه صرف ڊرامن لکڻ سان شوق پر اسٽيج جوڙي، انهن ڊرامن کي پاڻ اسٽيج تي پيش ڪرڻ جو به شوق هو. سندس ڊراما ان دور جي سياسي ۽ سماجي پسند مطابق لکيل آهن. سندس ڊرامن جي اها به خصوصيت آهي ته هن ان دور ۾ سنڌي ءَ سان گڏ اردو ٻولي ءَ ۾ ڊراما تحرير ڪيا. سندس ڊرامن ۾ ”دنيا دورنگي عرف عشق نيرنگي“ (1914ع) اهم آهي. آغا دراني ءَ جو هي ڊرامو جڏهن پهريون دفعو ”ينگ مين ايميچوئر ڊرامٽڪ سوسائٽي“ شڪارپور طرفان اسٽيج تي پيش ڪيو ويو ته گهڻو مقبول ٿيو. جنهن کان پوءِ ڪيترائي دفعا اسٽيج ڪيو ويو. ان جي

مقبوليت کي محسوس ڪندي ٿانورداس تاجر ڪتب طرفان 1914ع ۾ هن ڊرامي کي ڪتابي صورت ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو ويو. جنهن جو ٻيو ڇاپو ورهاڱي کان پوءِ 1960ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ ۽ ٽيون ڇاپو 1970ع ۾ ساڳي اداري پاران شايع ڪيو ويو.

**دنيا دورنگي** :سندس ڊرامي "دنيا دورنگي"۾ نيڪي ۽ بدي جي وچ ۾ ابدي ڪشمڪش ڏيکاريل آهي. انسان جي ان ٻن ذهني لاڙن جي سلسلي ۾ مک ڪردار ملهقا جو پاءُ جميل خود غرض ۽ زرپرست طور ڏيکاريو ويو آهي. جڏهن ته سندس پيڻ جو ڪردار بي غرض ڏيکاريل آهي.

هن ڊرامي جي شروعات هڪ باغ جي منظر سان ٿئي ٿي. بلڪل شروع ۾ هڪ گيت آهي، جنهن جي منڍ ۾ الله تعاليٰ جي حمد ۽ ثنا بيان ڪيل آهي ۽ ان کان پوءِ گيت ۾ منظر چٽيل آهي، جيڪو مک ڪردار "ملهقا" جي زباني چورايل آهي. پراڻن ڊرامن جي اها خصوصيت هوندي هئي، ته ان ۾ هڪ يا ٻه مزاحيه ڪردار ضرور هوندا هئا، جيڪي مک ڪردارن سان گڏ هوندا هئا. سندس ڊرامي ۾ پيش ايندڙ ڪردارن ۽ واقعن جي لحاظ کان آغا صاحب ڏکي موضوع لاءِ شعر جي سنگلاخ زمين ۾ نهايت رواني ۽ آساني سان طبع آزمائي ڪئي آهي، آغا صوفي نهايت فصاحت ۽ بلاغت سان قافيه پيمائي ڪئي آهي. هڪ مثال هيٺ ڏجي ٿو:

**ممتاز:** آهيان مان اهو گل، جو گلستان کان جدا آ،
پروان جيئن شمع فروزان کان جدا آ،
ساغر جي آه و نالان کي تون سمجھ ساقيا،
هي جام رهيو جو لبِ جانان کان جدا آ.

آغا صوفي دنيا دورنگي ۾ مزاح جو ٻه نهايت نفيس ۽ دلڪش عنصر آندو آهي. . هن ڊرامي ۾ ٻه "ٽمبڪٽو" اهڙوئي ڪردار آهي، جيڪو پنهنجي هلت چلت گفتن جي ذريعي محفل وندرائيندو رهي ٿو. ٽمبڪٽو:

آءُ خنجر زهري پالو هان، آءُ مرد صفا متوالو هان،
رڳڙي جهڳڙي جي هندبي جو، آءُ گرما گرم مصالحو هان،
رمزن جي آءُ ريل گاڏيءَ جو، انٽرميجيٽ گاڏو هان،

حرڪت شرڪت حڪمت ۾، آءُ شيطان پيو ڏاڏو هان،
اوهان مون کي مار سمجهو، لچن جو سردار سمجهيو،
دنيا جو آزار سمجهيو، شيطان جو يار سمجهيو.

هن ڊرامي جي خاص خوبي هيءَ به آهي ته ان ۾ نيڪي ۽ بدي جي ڪشمڪش ڏيکاريل آهي، جيڪا انساني زندگيءَ جي بنيادي ڳالهه آهي. عام زندگيءَ ۾ اسان کي اهڙا ڪردار به نظر ايندا. جيڪي نيڪي جا مجسما هوندا آهن ۽ انسان ذات سان چڱائي ڪري روح جي راحت حاصل ڪندا آهن. ڪي انسان وري اهڙا هوندا آهن. جيڪي خود غرض ۽ حوس پرست هوندا آهن ۽ پنهنجي فائدي لاءِ هر ڪم ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويندا آهن. هن ڊرامي ۾ اهڙن ٻنهي قسمن جي ڪردارن جي عڪاسي سندن مڪالمن ذريعي ظاهر ڪئي ويئي آهي. مک ڪردار ”ملهقا“ جو پاءُ ”جميل“ خود غرض ۽ زرپرست انسان ڏيکاريو ويو آهي. ڊراما نويس جميل جي ڪردار جي عڪاسي سندس مڪالمن ذريعي چٽيءَ طرح ڏيکاري آهي. سندس ڀيڻ ملهقا جڏهن کيس چوي ٿي ته:

”آءُ پاڪباز آهيان، تڏهن کيس مخاطب ٿي چوي ٿو. ”خير، منهنجو تنهنجي پاڪائي سان ڇا؟ آءُ آهيان زر جو طالب، نيڪ ۽ بد جي پڇاڻ رهي، يا نه رهي، دين ويندو رهي. ايمان رهي، يا نه رهي.“

آغا صوفي جي ڊرامي ۾ جتي بي شمار خوبيون ۽ خاصيتون نظر اچن ٿيون، اتي ڪي اوڻايون به اپري بيهن ٿيون. پلاٽ، ڪردار توڙي بيان ۾ ڪي سڪتا ۽ سقم موجود آهن. مزاح ۽ ظرافت ۾ ڪٿي ڪٿي غير شائسته لفظن جو استعمال به ملي ٿو، جن ۾ ’پڙوو‘، ’پڙوت‘ ۽ رنڊي جهڙا لفظ ٽمبڪٽو ۽ سندس زال جي واتان مسخري وجهندي ڳالهرايا ويا آهن.

هن ڊرامي جي خوبين ۽ خامين تي تبصرو ڪندي بشير مورياڻي ۾ لکي ٿو ته ”هن ڊرامي ۾ اسان جي پراڻن، روايتي ڊرامن جون سڀ وصفون موجود آهن. منجهس محبت، مزاح ۽ شاعريءَ جو پورو پورو دخل آهي. گيت ۽ غزل وغيره ڊرامانگار جي ئي زور قلم جو نتيجو آهن، انهن مان ڪي ٿورا معياري چئي سگهبا. پائنجي ٿو ته انهن جي لکڻ وقت مصنف ڪي تماشائين جي تفريح ۽ طبع

جو خيال هو. جي انهن جي افادي پهلو تي نظر وجهجي ٿي تہ مايوس ٿيڻو پوي ٿو. ڪردارنگاري بہ خاص ڪا نہ آهي. رڳو مسخري ٽمبڪٽو جو ڪردار اڀري سگهيو آهي. هن ڊرامي جي وڏي خوبي ان جو نثر آهي. دنيا دورنگي، اهڙي وزندار نثر ۾ لکيل آهي، جنهن ۾ تمام ٿورا ڪتاب سنڌيءَ ۾ لکيل نظر اچن ٿا. تنهن ڪري اهڙي ڪتاب جو قدر ڪرڻ انتهائي لازمي آهي. ”دنيا دورنگيءَ“ جي ٻي خوبي ان جا ڊائلاگ آهن جي ڪٿي تمام زوردار آهن. ڪٿي وري شعر جو مزو پيا ڏين! مصنف، مختصر مڪالما لکڻ جي ڪوشش ڪئي آهي“.(38)

**شان اسلام:** آغا غلام نبي صاحب جو هي ڊرامو اسلام جي شان ۽ تاريخي پسمنظر بابت هو.

اهڙي طرح هن ٻيا بہ ڪيترائي ڊراما لکيا، جيڪي ان دور ۾ مشهور ۽ مقبول ٿيا. پر سندس ڊرامو ”دنيا دورنگي“ هر لحاظ کان بهترين آهي.

**پيرومل مهرچند آڏواڻي (1875 – 1950ع)**

ڪاڪو پيرومل مهر چند آڏواڻيءَ جو جنم حيدرآباد ۾ ٿيو. ننڍي هوندي کان ئي کيس علم و ادب سان چاهہ هوندو هو.ڪاڪي پيرومل کي انگريزي توڙي هندستان جي ڪيترن ئي ٻولين تي دسترس حاصل هئي، اهو ئي سبب آهي تہ هن ڪيترائي ڪتاب ترجمو پڻ ڪيا. سندس ڪتابن جو تعداد ستر (70) کان مٿي آهي.

هن صاحب سنڌ جي هندو توڙي مسلمانن جي سماجي، معاشي ۽ سياسي مسئلن کي پنهنجي ڊرامن جو موضوع بڻايو ۽ معاشرتي براين تي سخت چوٽون پڻ ڪيون. جنهن زماني ۾ پيرومل مهرچند ڊراما لکڻ شروع ڪيا، ان زماني ۾ هندو اديبن خاص طور تي رامائڻ، مهاڀارت، رام ليلا ۽ ڪرشن ليلائن جي آڌار تي ڌرمي ڊراما لکيا ۽ اسٽيج بہ ڪرايا. ان ئي لوڪ پسند کي خيال ۾ رکندي ڪاڪي پيرومل ”درو ڀڳت“ (1919) ۽ ”گوپچند“ (1940) جهڙا ڌرمي ڊراما لکيا. انهن ڊرامن جو مرڪزي خيال بہ ان زماني جي عوام جي دلين کي ڇهندڙ ان فلسفي جي پٺاندڙ هو تہ انسان هڪ بيوس جيوت آهي ۽ قدرت مٿس هميشہ غالب آهي. اها ئي کيس سختيون سهائي ٿي. پر جيت هميشہ

انهن جي ٿيندي جيڪي صبر ڪندا. اهو ئي سبب آهي جو ٻيرومل سماج سڌارڪ (Social Reformer) وارو مقصد سامهون رکي پنهنجا ڊراما لکيا، ٻين لفظن ۾ ائين چئجي ته سندس ڊراما معاشرتي سٽ (Social Satire) وارا ڊراما آهن، جن ۾ طنز ۽ مزاح به سهڻي، اثرائتي ۽ ڪارائتي انداز ۾ آندي وئي آهي.

ان دور ۾ ڪاڪي ٻيرومل، عوامي پسند ۽ هلندڙ رجحان موجب ڪيترائي اصلوڪا ۽ ترجمو ڪيل ناٽڪ لکيا، جن ۾ سنڌ جي هندو توڙي مسلمانن جي سماجي ۽ سياسي مسئلن کي پنهنجي ڊرامن جو موضوع بڻايو ۽ معاشرتي براين تي تنقيد ڪئي. سندس ڊرامن ۾ هيٺيان شامل آهن:

**بلبل بيمار:** "بلبل بيمار" جو پهريون ايڊيشن 1894ع ۾ مصطفائي پريس لاهور مان شايع ٿيو، جنهن ۾ 32 صفحا هئا. هن ناٽڪ جو ٻيو ايڊيشن "گلشن بي خار عرف بلبل بيمار" جي نالي سان ساڌو مل جشن مل 1902ع ۾ مصطفائي پريس لاهور مان ڇپرائي سگهر نئين مان پڌرو ڪيو.هيءُ ناٽڪ اردو مان سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيل آهي. ٻيرومل مهرچند آڏواڻي ناٽڪ جي مهڙ ۾ ڪردارن جا ادا ڪيل رول ڏنل آهن.

**علي بابا چاليهه چور:** هي ناٽڪ به ڪاڪي ٻيرومل قوهه جواني واري دور ۾ ترجمو ڪيو. "علي بابا چاليهه چور" 1894ع ۾ مصطفائي پريس لاهور مان شايع ٿيو، جنهن ۾ 68 صفحا هئا. هي ناٽڪ علي بابا واري قصي تي مبني آهي، جنهن ۾ مزاح ۽ طنز به شامل آهي. هن ناٽڪ جو ٻيو ايڊيشن 1903ع ۾ ٿيو.

**گوپيچند** جنهن زماني ۾ ڪاڪي ٻيرومل مهرچند ناٽڪ لکڻ شروع ڪيا هئا، ان دور ۾ معاشي ۽ معاشرتي موصوعن کان وڌيڪ هندو ڌرمي موضوعن تي ناٽڪ لکيا ويندا هئا. ان زماني ۾ هندو اديبن خاص طور تي رامائڻ ، مهاڀارت ۽ رام ليلا ۽ ڪرشن ليلا تي آڌاريل ناٽڪ لکيا ۽ ترجمو ڪيا. ان لوڪ پسند مطابق "گوپيچند" لکيو، جنهن کي 1894ع ۾ مصطفائي پريس لاهور مان شايع ٿيو، جنهن ۾ 36 صفحا هئا. هن ناٽڪ جو ٻيو ايڊيشن 1940ع ۾ شايع ٿيو.

**ڌرو ڀڳت:** ڌرمي موضوع ۽ هندو ڌرم جي شخصي ڪردارن تي ٻيو ناٽڪ "ڌرو ڀڳت" 1919ع ۾ پريميئر پرنٽنگ پريس حيدرآباد مان شايع ڪيائين. هن

ناٽڪ جي فلسفي ۾ سمايل هو تہ انسان هڪ بيوس جيوت آهي ۽ قدرت مٿس هميشہ غالب آهي، جيڪا سندس مٿان سختيون ۽ پريشانيون آڻي ٿي، پر جيت انهن جي ٿيندي آهي، جيڪي صبر ڪندا آهن.

**بزارين جو ناٽڪ :**ڪاڪي پيرومل جو سڀ کان مشهور مزاحيہ ناٽڪ "بزارين جو ناٽڪ"، 1921ع ۾ پرگتي شيوامنڊلي حيدرآباد طرفان اسٽيج بہ ٿيو تہ شايع بہ ٿيو. هن ناٽڪ ۾ ڪاڪي پيرومل ڊيڪاريو آهي، تہ ڪيئن ڪپڙو وڪڻڻ وارا گھوريئڙا در در تي وڃي، چالاڪيءَ سان مٺي زبان استعمال ڪري عورتن کي پنهنجي ڳالهين تي ٿا ۽ ڪين ڪپڙو وٺڻ تي مجبور ڪن ٿا. هيري نڪر هن ناٽڪ لاءِ لکيو آهي تہ "هي ناٽڪ گھر جي چيدي سنڌيءَ ۾ تمام روچڪ ڍنگ سان لکيل آهي ۽ اهڙو وندرائيندڙ آهي جو پنهنجي زماني ۾ ڏاڍو لوڪپريہ ٿيو ۽ گھڻن ئي ناٽڪ منڊلين پاران اسٽيج تي پيش ڪيو ويو".(39)

**مڙس جي مڙسي :**پيرومل جو ٻيو هڪ ننڍڙو پنگتي ناٽڪ "مڙس جي مڙسي" 1925ع ۾ شايع ٿيو ۽ تمام گھڻو مشهور ٿيو. ايتري قدر جو پروفيسر منگھارام ملڪاڻي جهڙي ڄاڻو جي نگرانيءَ ۾ ڊي.جي ڪاليج ڪراچيءَ ۾ 1925ع ۾ هڪ ساليانو جلسي ۾ پنهنجي هدايتڪاريءَ ۾ پيش ڪيو هو. هن ناٽڪ ۾ زنانا ڪردار بہ مردن ڪيا هئا. پنگتي ڊرامن لاءِ پيرومل مهرچند جو نظريو سماجي براين تي ٻڌل هو. پروفيسر منگھارام ملڪاڻي لکي ٿو تہ " "مڙس جي مڙسي" جو ڪراچي ڪاليج جي 1925 واري جلسي تي مون پيش ڪيو هو ۽ منجهس هيري سپاهيملاڻي ۽ جڳو آڏواڻيءَ زنانا پارٽ ڪيا".(40)

**وڏو پنگتي مقدمو:**پيرومل مهرچند آڏواڻي جو مزاحيہ ناٽڪ "وڏو پنگتي مقدمو"، 1925ع ۾ گوپالداس ليکراج، حيدرآباد ۾ شايع ڪيو. هي هڪ فارس (Farce) آهي، جنهن جي منڍ ۾ هڪ نقلي (Mock) ڏيتي ليتي ۽ پڇاڙي ۾ ان ائڪٽ جي بنياد تي ناٽڪي مقدمو هلايو ويو. هن ناٽڪ ۾ عدالتي نظام تي بہ تنقيد ٿيل هئي. هي ناٽڪ مختلف ناٽڪ منڊلين ۾ جدا جدا ۽ مختلف اداڪارن سان پيش ڪيو آهي ۽ هر دفعي مقبولي ماڻي. پروفيسر منگھارام ملڪاڻيءَ پڻ ان ناٽڪ کي ڪراچيءَ جي شهاڻي اسڪول جي ساليانے

جلسي ۾ پيش ڪيو هو. جنهن ۾ رامن ماءُ واري جو ڪردار چترو اتمسنگھ مزيدار نموني ڪيو هو.

**ڏيتي ليتي ائڪٽ:**1928ع ۾ پيرومل مهرچند، سرڪار طرفان عوام تي نافذ ڪيل ٽيڪس جي ائڪٽ تي هڪ ڊرامو "ڏيتي ليتي ائڪٽ" لکيو ، جيڪو مختلف ناٽڪ منڊلين ۾ ڏيکاريو ويو. هن ڊرامي جي معرفت، سرڪار جي پاليسن تي طنز ڪئي وئي ۽ نياڻين جي شادين ۾ ڏاج وارين رسمن تي سخت چوٽون ڪيو ويون. هيءَ اها رسم هئي، جنهن ۾ معاشري جو غريب فرد پنهنجي نياڻين کي پرڻائڻ لاءِ بليڪميل ٿيندو هو. ڪاڪي پيرومل هن ناٽڪ ۾ ان رسم کي نه صرف ننديو آهي، پر معاشري جي ٺيڪدارن کي اپيل ڪئي آهي ته اها هٺرادو رسم ختم ٿيڻ گهرجي. هي ناٽڪ جيترا دفعا اسٽيج ٿيو ته شهرت حاصل ڪيائين.

**حرص جو شڪار :** ڪاڪي پيرومل شيڪسپيئر جي ناٽڪ "ڪنگ جان" جو ترجمو "حرص جو شڪار" جي نالي سان ڪيو. هن ترجمي جو پورو نالو "حرص جو شڪار عرف شنجر اقبال" آهي، جنهن کي ماهوار 'ناول' اخبار ڪراچي 1916ع ۾ لڙڪاڻي ۾ شايع ڪيو ۽ هٿ اکر خوشيرام موٽومل هيراننداڻي جا هئا. ساڳيو ناٽڪ ٻيو دفعو 1929ع ۾ ڇپيو. پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ پنهنجي هڪ ياد کي سارينديءَ لکيو آهي ته "هڪ ڏينهن اوچتو صفحي مان، لنبي پتلي سربرار وارو دادو ٻاهر نڪري آيو ۽ مونکي هٿ کان وٺي چيائين ته ڪتاب لکي پورو ڪيو اٿم، اچ ته ان مان هڪ آڪاڻي پڙهي ٻڌايانءِ. مان اندر وڃي دادي جي ڪٽ جي پيرانديءَ کان اِيس تي ويٺس ۽ دادي Arthur ۽ Hurbet وارو، شهزادي جي اکين ڪڍڻ جو دلسوز نظارو مون کي پڙهي ٻڌايو، جنهن ناٽڪي صورت ۾ هئڻ ڪري مون کي ڏاڍو متاثر ڪيو، ڇو ته ناٽڪن جو شوق مون ۾ ننڍي هوندي کان هوندو هو. پوءِ خبر پيم ته اهو نظارو شيڪسپيئر جي "ڪنگ جان" مان ورتل هو، جنهن جو ترجمو پيرومل صاحب "حرص جو شڪار" نالي سان ڪيو هو ۽ ان جو ناشر صاحب پوڪرداس هن صديءَ جي شروعات ۾ لڙڪاڻي ۾ ڇپايو هو، پر اهو ناٽڪ ڪڏهن

اسٽيج تي ڪو نہ آيو. الاجي ڇو. شايد لٺو ۾ ڇپيل هئڻ ڪري، ڪنهن بہ ڌيان ۾ ئي ڪو نہ آيو.“ (41)

هن ناٽڪ جو اردو ترجمو مشهور ايڪٽر ۽ ڊراما نگار آغا حشر ڪاشميريءَ پڻ ”خوبصورت بلا“ جي نالي سان 1908ع ۾ ڪيو هو. آغا حشر ترجمي ڪرڻ وقت ان جي سٽاءَ توڙي ڪردارن کي ڪافي حد تائين تبديل ڪري هندستاني ماحول سان ٺهڪايو هو. هي ناٽڪ تاريخي حقيقتن تي ٻڌل آهي، جنهن کي ڀيرومل مهرچند مسلمانڪي ماحول سان ٺهڪايو آهي ۽ ان ۾ هڪ پاءُ حرص جو شڪار ٿي تخت ۽ تاج حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجي جگري پاءُ جو قتل ڪرائي ۽ تخت ماڻڻ لاءِ پنهنجي پائٽي کي خون جي ڏوهہ ۾ قيد ٿو ڪرائي ۽ پائٽيي کي پيءُ جي خون جي ڪيس ڦاسائي ٿو. آخر ۾ نتيجو اهو نڪري ٿو تہ سندس امير ۽ پادري هن جي خلاف بغاوت ڪن ٿا.

**آزاديءَ جي ڪوڏي:** ڪاڪي ڀيرومل ، آزاديءَ جي موضوع تي بنگالي زبان جي عظيم شاعر، فلسفي، تعليمدان، ناول نگار، ناٽڪ نويس ، نوبل لاريٽ رابندرناٿ ٽئگور جي مشهور ناٽڪ ”پوسٽ آفيس“ جو ترجمو ڪيو، جيڪو ”آزاديءَ جي ڪوڏي“ جي نالي سان رتن ساهتيہ، ڪراچيءَ پاران 1935ع ۾ شايع ٿيو. ياد رهي تہ هن ناٽڪ جا سنڌي ٻوليءَ ۾ ٻين بہ ترجما ڪيا هئا. ڪاڪي ڀيرومل، هي ڪتاب پنهنجي ننڍي ڌيءُ ستي جي نالي ڪيو هو.

ڪاڪي ڀيرومل جي ناٽڪ نويسيءَ لاءِ پروفيسر منگهارام ملڪاڻي لکيو آهي تہ ”منهنجي دوست ۽ همڪار ناٽڪ نويسيءَ جي اصولن جي تعريف جوڳي پيروي ڪئي آهي. مضمون بہ عمدا آهن. ڪنهن بہ ناٽڪ ۾ گهرو حالتن جو نقشو چٽيل تہ ڪنهن ۾ وري سٽ (Satire) آهي. پنگتي ڪيلن جي مراد ئي اها آهي تہ پنگت ۾ جيڪي اوڻايون هجن سي ڏيکاري، سڌاري جي واٽ ٻتائجي.“ (42) ڪاڪو ڀيرومل هڪ سماج سڌارڪ ناٽڪ نويس هو، جنهن ڌرمي موضوعن کان علاوه، سماجي مسئلن تي زور ڏنو. سندس مزاحيہ طرز بيان کي ساراهيندي ڪيرت ٻاٻاڻي لکيو هو تہ ”مون ڪو نہ سمجهو هو تہ ڪاڪي ڀيرومل جهڙو گنڀير نثر نويس ڪو مذاقي طرز بيان ڪري سگهندو. پر سندس بہ ناٽڪ ”ٻزارين جو ناٽڪ“

۽ ڏيتي ليتي ائڪٽ" پڙهي دنگ رهجي ويس. نہ رڳو مزاق لکي اٿائين پر خوب لکي اٿائين".[43]

مطلب تہ ڪاڪي پيرومل ڪيترائي ڊراما لکي سنڌي ڊرامي جا جهول ڀريا هن جا ڊراما هر پليٽ فارم تي مقبول ٿيا، ڇو جو انهن ۾ سماج جي دلين کي ڇهندڙ موضوع هئا.

**لالچند امرڏنو مل جڳتياڻي (1885 – 1954ع)**

لالچند امر ڏني مل جڳتياڻي جو جنم حيدرآباد ۾ ٿيو ۽ سندس دهانت بمبئي ۾ ٿيو. وصيت مطابق، هن جي جسم خاڪ سنڌو درياهہ ۾ وهائي وئي هئي. مرڻ گهڙي تائين سنڌي ادب لاءِ پتوڙيندو رهيو. لالچند هڪ ماستر جي حيثيت ۾ پنهنجي ادبي زندگيءَ جي شروعات ڪئي ۽ هڪ بلند پايہ اديب ۽ مصنف جي حيثيت ۾ هن جهان کي ڇڏيائين. ادب جي هر صنف ۾ ڪتاب لکيائين. سنڌي زبان، شاهہ لطيف، تصوف، گهرو زندگي، سماجي معاملات کان سواءِ ناول، ڊراما، ڪهاڻيون ۽ مضمون بہ لکيائين. پاڻ هڪ پختو فنڪار سليس ۽ سهڻي زبان لکندڙ ۽ ظرافت آميز عبارت جو صاحب هو. لالچند جا ڪيترائي ڪتاب شايع ٿيل آهن.

لالچند امر ڏني مل جون سنڌي ڊرامي جي سلسلي ۾ بيشمار خدمتون آهن. هن ڪيترائي ڊراما لکيا، ڊرامن جي موضوعن کي نوان موڙ ڏنا. هن ٻين اديبن کي ڊرامن لکڻ لاءِ همٿايو ۽ ڊرامن جي ڪتابن جا مهاڳ لکيا. هن جي رهبري ۾ ناٽڪ منڊليون قائم ٿيون. لالچند کي ڊرامن جو شوق ننڍ پڻ کان ئي هو. جڏهن هو حيدرآباد ۾ هيرانند اڪيڊمي ۾ ماستر ٿيو، تنهن زماني ۾ شاگردن لاءِ ننڍا ننڍا ڊراما لکندو هو ۽ حيدرآباد ۾ ۾ اسٽيج ٿيندڙ ڊرامن ۾ اداڪاري ڪندو هو. سندس باري ۾ ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي لکيو آهي تہ "لالچند جڳتياڻي پهريون ناٽڪ نويس آهي، جنهن سنڌي لوڪ ڪٿائن مان هڪ وشيہ چونڊي، انهيءَ تي ناٽڪ لکي ڪاميابيءَ سان اسٽيج تي پيش ڪري ڏيکاريو".[44]

1905ع ۾ لالچند "بندي ماترم ناٽڪ منڊلي" حيدرآباد ۾ قائم ڪئي. هن منڊليءَ قومي توڙي سماجي جاڳرتائي ناٽڪ پيش ڪيا. 1919ع ۾ هن صاحب

”نيو هاءِ اسڪول ڊرئميٽڪ سوسائٽي“، ڪراچي ۾ قائم ڪئي. ان اسڪول ۾ هو هيڊ ماستر هو. 1923ع ۾ لالچند، خانچند درياڻي ۽ منگهارام ملڪاڻي سان گڏجي حيدرآباد ۾ ”رابندر ناٿ لٽرري ۽ ڊرئميٽڪ ڪلب“ قائم ڪيو. هن جي اداري جي مهورت خود رابندر ناٿ ٽئگور ڪرڻ آيو هو.

لالچند امر ڏني مل، ٽي وڏا ڊراما ”عمر مارئي“ (1925ع)، ”سهڻي ميهار“ (ڊنگومل ٽنڌاڻيءَ سان گڏ 1939ع)، ۽ ”ميران“ (سندس ديهانت کان پوءِ قسطوار 1954ع ۾ شايع ٿيو) ۽ ڪيترائي ننڍا ڊراما لکيا. پر جيڪا شهرت سندس ”عمر مارئي“ کي ملي، اها ڪنهن ٻئي کي نه ملي آهي. سندس ڊرامن جو مختصر احوال ڏجي ٿو:

لالچند پهريون سنڌي ليکڪ هو، جنهن قومي ناٽڪ لکڻ جي شروعات ڪئي ۽ انهن کي اسٽيج تي آڻي عوسامي جاڳرتا جو بنياد رکيو. پاڻ ان سلسلي ۾ لکيو اٿائين ته ”ٻري ڏيڊ صدي نبري ويئي آهي، پاڻ اسان وٽ رهي چڱائي منگو ڇا ماڻيا اٿن. اسان کي رڳو انسانيت جا معمولي حق به نصيب نه ٿيا آهن. قومي تعصب ڏار، رنگ روپ جو ڀيدوار، اسان جي نه ڪو ٿو ٻڌي ڪو نه ڪو سڻي! وري انڌير ڪهڙا! مٿي جيجل جو هي حال ڏسي ٻڌي اسان مان ڪو واتون حرف ڪڍي ٿو ته مٿس راڄڌاني وهي جي تهمت ڏري ٿي وڃي“.(45)

**ڀارت ڇاوا ٿي جاڳ:** قومي رنگ ۾ سندس ڊرامن ۾ ”ڀارت ڇاوا ٿي جاڳ“ ۾ سياسي شعور جو سڏ آهي. حق جي لاءِ وڙهڻ جي تلقين آهي. هي ڊرامو هن ڪراچي ۾ نيو هاءِ اسڪول ۾ ماستريءَ واري زماني ۾ 1905ع ڌاري لکيو هو.

**سو ديسي :** ڊرامي ۾ هڪ وطن پرست جي آزادي لاءِ جدوجهد جي ڪهاڻي آهي. هي ڊرامو 1912ع ۾ لکيو ويو.

**بسنتي ديوي:** 1946ع ۾ هڪ تاريخي ڪردار کي پيش ڪري حب الوطني جو درس ڏنو ويو آهي.

**گانڌي:** هيءُ 1947ع ۾ گانڌي جي سياسي جدوجهد کي خراج تحسين پيش ڪيل آهي.

**وچن:** هيءُ 1947ع ۾ دراصل ڌرتي ماءُ سان وفاداري، پنهنجي عقيدي سان

وفاداري ۽ پنهنجي قوم سان وفاداري جو وچن ڪيل آهي.

لالچند امر ڏني مل جي ڊرامن جو ٻيو وڏو موضوع سماجي مسئلا رهيو. هن پنهنجن ڊرامن وسيلي سنڌي سماج جي انيڪ مسئلن کي نہ صرف نروار ڪيو پر انهن جا حل بہ ٻڌايا آهن.

**سيٺ ڪي ويڻ:** 1906ع ۾ هندو سماج جي تمام وڏي مسئلي "ڏيتي ليتي" کي موضوع بڻايو ويو آهي.

**لک ڏيڻ کي لت (1910ع)"** هڪ ننڍوءِ مزاحيہ ڊرامو آهي.، جنهن ۾ شادي ۽ پيسي جي فرق کي واضح ڪيو ويو آهي.

**نقد ڏرم** (1911ع): هڪ ننڍو ڊرامو آهي، جنهن ۾ مايا جي موهہ کي ننديو ويو آهي، ۽ سنڌي سماج جي "ڏيتي ليتي واري اهم مسئلي تي سخت چوٽون ڪيون ويون آهن.

**عملدار ڪي رعيت آزار (1921ع):** ۾ انهن ڪامورن جي ڏاڍ ۽ اقربا پروري کي چٽيو ويو آهي، جن اٻوجهہ، غريبن ۽ سادن ماڻهن کي لٽيو ۽ ڦريو آهي. هن ۾ رشوت خوري، شراب نوشي، ۽ ڪاموڙڪي ڪلورن جي داستان قلمبند آهي. هن ڊرامي ۾ ظنز ۽ مزاح ۾ سماجي براين تان پردو کنيو ويو آهي. مثال طور :

خز_ ڇاڇت؟ گهٽو نہ ڳالهايان! ڀائين ٿو تہ ڪاردار مسلمان آهي تہ بس ڪئين ؟ اهڙو اندريون لاپڙيون هٽندو سانءِ جو پيو سهڪندين.

ع_ ڇُپ ڪر واڻيا واڻئي جا پٽ نہ تہ ڪريانءِ نہ سنئون. (وري ناس جون چپٽيون ٿو ڏي)

خز_ ڇٽ جو دماغ تہ ڏس! ڏاڙهي پٽي ٿو هٿ ۾ ڏيانس.

ع_ ڳوهہ کي جڏهن ڪُتي ڪٽي تڏهن شڪارين جا گهر ڳولي. توکي بہ واڻيا ڏسي ٿو لڳن ۾ ڪوهن تي پئي آهي(اتي ٿڦڙ ٿو وجائيس) ها ڀلا جهل پيٽڙو.... ".(46)

حيدرآباد سنڌ (1946ع): هي ڊرامو مهراڻ جي 1946ع واري پرچي ۾ شايع ٿيو هو. هي ڊرامو گهريلو ماحول تي مبني آهي. هن ڊرامي ۾ لالچند جي ڪاريگريءَ جو نمونو ڏجي ٿو:

مائٽين واري: مائي ڇوڪري ڪو آهي! شهجادو آهي شهجادو! جهڙي ڪان جي مورت! ڏسڻو وائسڻو. اتڻو وهڻو. سلڇڻو سياڻو. ڦهميدو. مائي ڀاڳن واري آهين، جو اهڙو، نولکو ناٽي سهجيئي مليئي.

ڪنوار ماءُ: ها، پر آئون بہ ڪ ڳالھ چوريان. اتي پسند پوي.

مائٽين واري: پسند ڇو نہ پوندي؟ آڪاهتا آهن. ڪوهري ڳاجري ڪينهن.

ڪنوار ماءُ: (ٿورو خيال ڪري) ڇڱو، منهنجي تہ پڪ اٿيئي. گهر بہ ڪري ڳالھ تي بهاربن". (47)

لالچند امر ڏني مل سنڌ جي لوڪ داستانن کي زنده ڪري ڊرامائي روپ ۾ پيش ڪيو. هن لوڪ قصن، ڪهاڻين ۽ گيتن کي جياري ڇڏيو. سنڌي ڊرامن ۾ هيءَ هڪ نواڻ هئي. سنڌي ڊرامن کي ڌرمي موضوعن کان آزاد ڪري عوامي موضوعن تي آندو.

**عمر مارئي:** 1925ع ۾ مشهور داستان "عمر مارئي" تي ڊرامي کي رابندر ناٿ ڊراميٽڪ ڪلب حيدرآباد طرفان پيش ڪيو ويو. "عمر مارئي" حيدرآباد شاخ وارن ڪراچي ٿياسافيڪل هال ۾ "انڊين گرلس اسڪول" جي ساهتا لاءِ ڪري ڏيکاريو، جنهن ۾ موسيقي، هدايتڪاري، برک سنگيت ماهر احمد چاڳلا ڪئي هئي ۽ راڳن سان طرح طرح جا ساز اهڙا رچايا هئائين جو ناٽڪ ئي ڪجهي پيو هو.

پروفيسر منگهارام ملڪاڻي لکي ٿو تہ "لالچند صاحب جو "عمر مارئي" پهريون لوڪ ناٽڪ هو جو 1925ع ۾ بيحد ڪاميابي سان ڪري ڏيکاريو. هي کيل حيدرآباد توڙي ڪراچي ۾ ور ور ڏيئي جملي 10 — 12 راتيون ڪرڻ ۾ آيو، جنهن جهڙي فتحيابي ٻئي ڪنهن بہ سنڌي ناٽڪ حاصل ڪا نہ ڪئي. منجهس استاد جي دستوري خيالن ۽ ٻوليءَ جون ادبي خوبيون بيشڪ هيون، پر ٽئگور جي "گارڊنر" جا شاعراڻا ويچار جي سنڌي ڳوٺاڻن عاشقن جي مک ۾ وڌا هئائين. سي اسپاويڪ تي پاسيا. لنبين زبانين ۽ اينگهندڙ گفتگوين ڪري بہ ناٽڪي فن جي جيڪي سو ڪمي هئي. پر تنهن هوندي بہ هن ناٽڪ ايڏي ڪاميابي انهيءَ ڪري پاتي جو هدايتڪار استاد هيرانند ڳوٺاڻا نظارا، ملير جي کوهہ ۽ عمر جي ڪوٽ وارا، اهڙا پورا پيش ڪيا، ۽ پاترن کي ۽ خاص ڪري ساهيلين جي سٽي کي،

پوشاڪون اهڙيون تہ ڳوناٽيون ۽ رنگا رنگي ڀهريائين جو هيءُ کيل نمائش جو شاهڪار بنجي پيو.“ (48)

**سسئي پنهون:** ڊرامو پڻ سال 1927ع ۾ ئي لکيائين جنهن کي پڻ رابندر ناٿ ڊرئميٽڪ ڪلب طرفان شايع ڪيو ويو. هي ڊرامو، سسئي ۽ پنهون جي لوڪ داستان تي مبني هو، جنهن کي لالچند شاندار نموني پيش ڪيو هو.

**سهڻي ميهار** (1939ع): هي ڊرامو، لالچند امرڏنيمل ڏنگومل ڪندنمل سان گڏ لکيو هو، جيڪو 1939ع ۾ شايع ٿيو. ڊرامي لکڻ ۾ وڏو ڪردار ڏنگومل ڪندنمل جو هو، پر ان جي ٻولي، بيهڪ ۽ اصلاح لالچند ڪئي هئي ۽ ڊرامي تي ”ٻہ اکر“ بہ لکيا هئائين. هي ڊرامو مشهور لوڪ داستان سسئي پنهون تي آڌاريل آهي.

**سهجان جي سڪ:** هي ڊرامو مهراڻ رسالي جي 1946ع واري پرچي ۾ شايع ٿيو هو، جنهن ۾ سهجان نالي سوناري ڪاهري ٻيلي ۾ پنهون کي ڏسي مٿس عاشق ٿي پيئي. سان سندس پيچو ڪندي پنيور ۾ پهتي:

پنهون: ڏس سهجان، مون توکي ڪاهري ٻيلي ۾ سمجهايو، وري هينئر بہ توکي چوان ٿو تہ انهيءَ ڳالهہ تان لهي وڃ. مون کي سچ تون ياد بہ ڪو نہ آهين.

سهجان: (ٽڏو شيڪارو پري) پر مون کان تہ لڏڻ، تون وسرين ڪو نہ ٿو. تنهجي مٿا هڪڙي هڪڙي ڳالهہ منهنجي چت ۾ پئي چٽڪي. هاڻ ڏس. آئون تنهنجي سام تي پوان (وري بہ گوڏا تي ڪوڙي(. منهنجو ننگ رک. راهون منهنجون رد نہ ڪر. مون کي ٻيو اوچڻ نہ آجڪو، دنيا اڪيون ڦاڙيون، ڏينهن رات، منهنجي اگهاڙپ ڏي پئي نهاري، منهنجو ڍڪ ڍڪ، مون ملهہ مرڪ. مون کي پنهنجي حرم جو شرف ڏي. مون کي ستاءِ نہ.“ (49)

**سسئي رل مئي:** لالچند صاحب سسئي پنهونءَ جي ڪهاڻيءَ تي هڪ ٻيو ننڍو ناٽڪ ”سسئي رل مئي“ نالي لکيو جو پڻ ”مهراڻ“ ۾ سال 1946ع ۾ شايع ٿيو. هن ڊرامي جي پيش ڪش انتهائي شاندار نموني ٿيل آهي.

**ميران:** هي لالچند جو وڏو ڊرامو آهي، جيڪو ڳچ وقت سندس ڪتنب وٽ پيل هو. سندس ديهانت کان پوءِ سندس نياڻيءَ ديويءَ آڪٽوبر 1954ع کان بمبئيءَ مان

نڪرندڙ "روح رهاڻ" رسالي ۾ شايع ڪرايو. آخري پرچو اپريل 1955ع ۾ شايع ٿيو هو. ان بعد اهو رسالو بند ٿي ويو. ڊرامي جا ٽي سين شايع ٿي چڪا هئا، پر پوءِ به قسطون رهجي ويون ۽ ڊرامو اڌورو رهجي ويو. هن ڊرامي ۾ ڀڳتياڻي ميران ٻائي جي زندگيءَ جا ڪجهه واقعا پيش ڪيل آهن. سمورو ڊرامو تاريخي هئڻ سان گڏوگڏ ويدانت جي به جهلڪ پسي ٿو.

لالچند امر ڏني مل جڳتياڻي صاحب جا سڀ ننڍا توڙي وڏا ڊراما ٻولي ۽ ڪردارن جي لحاظ کان ڪامياب ڊراما آهن. ڪٿي ڪٿي مڪالما ڊگها ڏنل آهي، سندس ڪيترن ڊرامن ۾ قومي ۽ سماجي روايتن جو نقشو پڻ چٽيل آهي. سندس سمورن ڊرامن ۾ سنڌي سماج ۽ شاهه جي عشق جي جهلڪ پسي سگهجي ٿي. هو سنڌي ٻوليءَ جو ٽريندسيٽر ڊرامانويس هو.

## ڄيٺمل پرسرام گلراجاڻي (1885 – 1948)

ڄيٺمل ولد پرسرام گلراجاڻيءَ جو جنم حيدرآباد ۾ ٿيو. پاڻ مشهور شاعر، ڪهاڻيڪار، صحافي، مترجم، مؤرخ، قومي ڪارڪن ۽ ٿيسافسٽ هو. هو هڪ تعليم يافته اديب هو، ان ڪري سندس ادب ۾ گهرائي ۽ مطالعي جو عڪس جا بجا موجود آهي. 1914ع ۾ هن صاحب لالچند امر ڏني سان گڏجي سنڌي ساهت سوسائٽي جو بنياد وڌو. 1922ع ۾ "نئين سنڌي لائبريري" ۽ "سستو عمدو ساهت مالا" جي نالن سان ادارا پڻ قائم ڪيائين. هڪ روزانه اخبار "ڀارت واسي" پڻ جاري ڪيائين. هن صاحب ڪانگريس جي پليٽ فارم تان سياست ۾ به حصو ورتو. ڄيٺمل پرسرام هڪ بهترين اديب هو. هن اٽڪل 40 ڪتاب لکيا، جن ۾ مذهب، شخصيات، فلسفو، ڊراما، افسانوي ادب، تاريخ ۽ تهذيب جهڙا موضوع اچي وڃن ٿا.

هو هڪ ترقي پسند اديب هو هن جا ڊراما سندس انهي ذهني لاڙي جي ترجماني ڪن ٿا. هن جا اڪثر ڊراما ترجمو ٿيل آهن. هن شيڪسپيئر جي ڪيترن ئي ڊرامن جو ترجمو پڻ ڪيو. مرزا قليچ ۽ هن جي ترجمن ۾ وڏو فرق اهو آهي ته مرزا صاحب ترجمن دوران ڊرامن جي اصلي روپ کي مٽائي سنڌي روپ ڏيندو هو. جڏهن ته ڄيٺمل انهن کي اصلوڪي روپ ۽ ماحول ۾ ترجمي کي ترجيح ڏيندو هو.

ڇيتمل جي ترجمن جي ٻي خاص ڳالهه اها هوندي هئي تہ انتهائي مشڪل زبان ۾ ترجمو ٿيل هوندا هئا، جنهن سبب ڪري شايد اسٽيج تي بہ اچي نہ سگهيا.

**هئمليٽ** :ڇيتمل پرسرام شيڪسپيئر جي مشهور ناٽڪ Hamlet جو ترجمو "هئمليٽ" جي نالي سان 1922ع ۾ ڪيو. هن ناٽڪ جي لاءِ ڇيتمل پرسرام لکيو آهي تہ "شيڪسپيئر هڪ اتم رشي آهي. هن هئمليٽ ۾ اهي امر آتما ۽ دنيا جي اندرين مخلوقات جون ڳالهيون کوليون آهن، جي رشين جي اپنشدن، گيتا ۽ ٻين شاسترن ۾ ٿا ڏسون. اهي اندريون ڳجهارتون، آڪاٽين ۽ ناٽڪن جي اندر داخل ڪيون اٿس. ٻاهرينءَ جاچ جو تہ هو صاحب آهي. انسان جي سياءَ جي اندران تہ هو پيهي نڪتو آهي . نہ رڳو انسان پر ٻي قدرت جو بہ هن اندريون ۽ ٻاهريون، پورو اپياس ڪيو آهي. هر انسان جي اندر ۾ هو لنگهيو وڃي ۽ سير ڪري، ۽ اتي پاڻ کي هن سمايو ڇڏي. اهو وقت هن جهڙو ٿيو پوي ۽ پوءِ ناٽڪن ۾ هن جو هوبهون تصويرون ٿو ڇڪي، مورتيون ٿو چٽي، جي پڙهيو حيرت ۾ اچيو وڃي". (50)

ڇيتمل پرسرام جا مڪالما ننڍا ننڍا ۽ ماحول سان مطابقت رکندڙ آهن. مثال طور بادشاهه ۽ راڻيءَ جي گفتگو کي هن ريت پيش ڪيو اٿائين:

**بادشاهه**: هنن ٿڌن ساهن، هنن اونهن شوڪارن ۾ ڪا مٽيئي معنيٰ آهي، انهيءَ جو مطلب ٻڌاءِ: ضروري آهي تہ انهن کي سمجهون. ڪٿي آهي تنهنجو فرزند؟

**راڻي**: (گلڊ ۽ راس کي ٿي چوي) اسان کي ڪجهہ وقت خلاصو ڇڏيو (ٻئي وڃن ٿا).

اڙي منهنجا پيارا سائين، ڇا نہ مون کي اڄ ڏٺو اٿئي

**بادشاهه**: ڇا گرترود؟ هئميلٽ جو ڪهڙو حال آهي؟

**راڻي**: اهڙو مستانو جهڙو سمنڊ ۽ طوفان جڏهين هڪ ٻئي سان جڏ ڪن تہ زور ڪيرـ ٻي سمجهئي جي جوالن ۾، پردي پٺيان ڪجهہ چندو ٻڌائين، ڪڍندي ئي خنجر آواز ڪيائين، ڪٺو ڪٺو! ۽ انهيءَ مغز جي ٻي سمجهيءَ ۾ اشراف بزرگ کي ماري وڌائين". (51)

چيتمل پرسرام گلراجاڻيءَ جي هن ناٽڪ جي ترجمي جي ٻولي ۽ عبارت جي سلسلي ۾ ڊاڪٽر غلام علي الانا لکيو آهي ته ”چيتمل صاحب هن ڊرامي ۾ اصطلاحي زبان ۽ عبارت ڪم آندي آهي، جنهن ڪري شيڪسپيئر جهڙي مصنف جي ترجمي ۾ گهڻي قدر ڪامياب ٿيو آهي. ايتري قدر جو پڙهڻ وقت ڪو به ماڻهو ائين چئي نه ٿو سگهندو ته ڪو هي ڊرامو ترجمو ٿيل آهي. گلراجاڻي صاحب نظماڻي نثر ڪم آڻڻ جي ڪوشش ڪئي آهي“.[52]

**رڇ:** چيتمل پرسرام جو هي ننڍو ناٽڪ 1926ع ۾ روسي ناٽڪ نويس چيخوف جي ناٽڪ جو ترجمو هو. هن ڊرامي جي سڄي ڪهاڻي هڪ روسي بيوه جي اردگرد گهمي ٿي. هي سڄو ڊرامو معاشرتي عڪاسي ڪري ٿو. ليڪڪ جو اصل مقصد اهو هو ته روسي سماج جي روشني ۾ هندستاني عورت کي حوصلو ۽ اعتماد ڏئي.

**موهني وينا** :پرسرام نالي ڊرامو پڻ 1926ع ۾ لکيو. هي سندس اصلوڪو ڊرامو هو، جنهن ۾ هندو سماج جي عڪاسي ملي ٿي.

**مونا وانا** :گلراجاڻيءَ ڪارمارس مئٽرلنڪ جي مشهور ڊرامي ”مونا وانا“ کي، پنهنجي نموني ۾ پيش ڪيو آهي. دراصل اصلوڪو ڊرامو وڏو آهي، جنهن کي هن هڪ ڪهاڻيءَ ۾ پيش ڪيو آهي. هيءَ ڪهاڻي، وطن جي جذبي ۽ دماغ ۾ روشني پيدا ڪندڙ خيالن سان سينگاريل آهي. ان ڊرامي لاءِ ڊاڪٽر غلام علي الانا لکي ٿو ته ”ڪهاڻيءَ جو سڄو تت آهي وطن جي حب“. مسٽر چيتمل بيان ڪيو آهي ته وطن جي صدقي پنهنجي عصمت، عزت ۽ غيرت قربان ڪرڻ لاءِ سڌ ٿئي، ته پنيان نه هٽجي. ڪهاڻيءَ ۾ اتليءَ جي پسا پرڳڻي جي هڪ من موهڻي، شيرين گفتار، سندر ناري، ”وانا“ جو بيان ٿيل آهي. پسا جي، ٻئي پرڳڻي ”فلورينس“ سان لڙائي لڳي. فلورينس جي لشڪر جو مهندار ”پرنزي“ هو ۽ پسا جي لشڪر جو مهندار ”وانا“ جو مرد، ”گيوڊو“، هو. ”پسا“ وارن جو اناج کٽي ويو ۽ عوام بيحال ٿي پيو. آخرڪار صلح لاءِ سفيد جهنڊو چاڙهيو ويو. ۽ فلورينس جي سردار کان اناج ۽ بارود جي گهر ڪئي ويئي. هو انهيءَ شرط تي رضامند ٿيو ته رات جي چند گهڙين لاءِ ”مونا“ وطن خاطر قرباني ڏيڻ لاءِ تيار ٿي. برنزي ”مونا“ جي قربانيءَ کان متاثر ٿي، لڙائيءَ تان هٿ کڻي ويو. ۽ پسا وارن کي مدد ڏنائين.

هن ڪهاڻيءَ کي اهڙن نظرين سان پيري ڇڏيو اٿس. نہ فقط امنگ ۽ وطني جذبي لاءِ جوش ڏياريندڙ نثر ڪم آندو اٿس، پر سيرت نگاري ۽ فطرت نگاريءَ ۾ بہ ڪمال ڪيو اٿس. ”واڻا“، ”گيوڊو“، ”پرتزي“ ۽ ”مارڪو“ جي ڪردار نگاريءَ مان ان جو اندازو بخوبي لڳائي سگهجي ٿو.

**فائوسٽ:** ڄيٺمل پرسرام 1923ع ۾ ڄيٺمل پرسرام، گوئٽي جي مشهور ڪتاب (DR. FAUST) کي سنڌي ناٽڪ جو روپ پهرائي ”فائوسٽ“ جي نالي سان ڪيو. هي سنڌي زبان ۾ گوئٽي جي مشهور ناٽڪ جو پهريون ترجمو هو. هن ڊرامي جا ڪيترائي ڇاپا ڇپجي چڪا آهن. هي ڊرامو ادبي دنيا ۾ آفاقي حيثيت رکي ٿو. سڄو ڊرامو انساني علمي حاصلات تي مبني آهي. مگر بي حد علمي صلاحيت، انسان کي گمراهہ ڪري ڇڏي ٿي. جيئن قاضي قادن چيو هو تہ:

سيئي سيل ثيام، پڙهيام جي پاڻ لئہ

اکرا ڳيان اپري، واڳون تي وريام

هي ڊرامو گوئٽي ڪرسٽو فرمارلو جي ڊرامي Dr. Tragic Story of Faustus کان متاثر ٿي لکيو هو. ڊاڪٽر فائوسٽ اڻ کٽ علمي حصول لاءِ شيطان سان معاهدو ڪري ٿو ۽ ڪيس پنهنجو روح وڪڻي ڏئي ٿو. ڊاڪٽر فائوسٽ جي ڪهاڻي ۾ سندس مغفرت نہ ٿي هئي مگر هن ڊرامي ۾ فائوسٽ جي آخر ۾ مغفرت ٿئي ٿي. هن ڊرامي لاءِ خود پرسرام ڄيٺمل لکيو آهي تہ ”هن گرنٿ پڙهڻ سان، دل تي هڪ عجيب اثر ٿو پيدا ٿئي. مون تي تہ اهو اثر پيدا ٿيو آهي تہ گوئٽي هڪ مهاپرش آهي. هر گرنٿ ٻاهران ناٽڪ جي صورت ۾ آهي پر هن ۾ اندر جي وڏي ڪوج ٿيل آهي. انسان جي اندر جي لڙائي، هن ۾ حيرت جي قلم سان چٽيل آهي. آکاڻي جي آڪاڻي، ۽ سمجهاڻي جي سمجهاڻي! آءٌ پڙهندڙ کي صلاح ڏيندس تہ هي گرنٿ پڙهي پوءِ سنڌ جي روحل جو گرنٿ ”من چت واد“ نالي بہ پڙهن. ڪي ٽڪرا تہ هوبهو ساڳيا آهن. سچ پچ تہ هي اعليٰ انسان، جهاد اڪبر يعني ذرم جڌ مان لنگهي نفس يعني من جي سيني حالتن کان واقف ٿين ٿا ۽ پوءِ شاعراڻي نوع ۾، رنگين عبارت ۾، اهي پنهنجا تجربا پڌرا ڪن ٿا“.(53)

ڄيٺمل پرسرام جو ترجمو اهم تہ آهي، پر ٻولي جي لحاظ تمام مشڪل آهي.

**طوفان:** هن شيڪسپيئر جي ناٽڪ Tempest جو ترجمو ”طوفان“ جي نالي سان ڪيو. جيڪو ڪوڙي مل سنڌي ساهت منڊل ڪاهي روڊ حيدرآباد مان بلوتسڪي پريس مان1926ع ۾ ڇپرايو. هن ناٽڪ کي هن پنهنجي حساب سان ترجمو ڪيو. اصل ناٽڪ جي ڊرامائي حيثيت ختم ڪري ناول جي روپ ۾ آڻي ڇڏيو. ڄيٺمل پرسرام، هن ترجمي کي ايڪٽن ۽ نظارن مان ڪڍي مختلف بابن ۾ ورهايو آهي، مثال طور: ”طوفان“، ”ايريل جي ڪرامت“، ”ٻيٽاڻي راڄ دربار“، ”ٻيو منصوبو“، پريم پريکيا“، ”پاپن جي پڇا“، ”پريم جو قول“ ۽ ”دکن پٺيان سک“.

ترجمي جي شروع ۾ ڄيٺمل پرسرام ناٽڪ جي پسمنظر کي بيان ڪيو آهي. مثال طور هو لکي ٿو تہ:”نيپلس جو راجا آلنسو هو. راجا جي راڄ ۾ مِلن جي رياست هئي، جنهن جو حاڪم شهزادو پراسيرو هو. پراسيرو آڇجوان ماڻهو هو. هن جي دل عجيب هئي. هو ڳجهن گپت وديائن ۾ ماهر هو. پراسيرو جو ڀاءُ هو، جنهنجو نالو هو ائنٽونيو. هن ائنٽونيو جي من ۾ ڪپٽ هئي، پراسيرو اندرئين ڪوج ۾ رڌل هو، سندس ڀاءُ ڳجها منصوبا ٻڌي، آخر اهڙي منزل تي پنهنجي ڊوهہ جي تجويز کي آندو، جو رياست جون واڳون پراسيرو جي هٿان ڪسي ڇڏيائين“.(54)

هن ناٽڪ ۾ هڪ ٻيٽ تي ملان جي نواب ۽ مرنڊا نالي ڇوڪري بابت آهي. نيپلز جي بادشاهہ ۽ پراسپرو (اصل بادشاهہ) ۽ هن جي ڪوڙي ڀاءُ مرنڊا ۽ اينتونيو جي ڪهاڻي آهي ۽ پراسپرو ۽ سندس ڌيءُ کي ٻيٽ تي اڪيلي زندگي گذارڻي پوي ٿي، پر نيٺ حالتون ڏورانهين ٻيٽ تي پراسپرو جي موافق وڃن ٿيون. جادو جي زور تي پراسپرو جا دشمن ان ٻيٽ تي اچن ٿا ۽ پراسپرو کان معافي وٺن ٿا. فرنالنڊ نيپلز بادشاهہ جو پٽ آهي، جو مرنڊا سان پيار ڪري ٿو ۽ دشمني ختم ٿي وڃي ٿي.

**حسابي حساب:** ڄيٺمل پرسرام گلراجاڻيءَ ڪيترن ئي ناٽڪن جا ترجما ڪيا. هن شيڪسپيئر جي Measure for Measure جو ترجمو ”حسابي حساب“ جي نالي سان 1926ع ۾ ڪيو. هن ناٽڪ کي هن پنهنجي حساب سان ترجمو ڪيو آهي ۽ اصل ناٽڪ جي ڊرامائي حيثيت ختم ڪري ناول جي روپ ۾ آڻي ڇڏيو آهي. ان سلسلي ۾ پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ لکيو آهي تہ ”1926ع ۾

چيتمل پرسرام Tempest ”طوفان“ نالي سان سنڌيءَ ۾ آندو ۽ Measure for Measure ”حسابي حساب“ نالي سان. پر انهن ٻنهي ۾ ڪن ناٽڪي گفتگو وارن ڇهڇڻ سان گڏ، ناول جي طرز ۾ ڪيترائي بياني ٽڪرا به وڌا هئائين، جنهن ڪري، اهي ٻئي ناٽڪ اسٽيج تي آڻڻ لاءِ رٿيل ئي ڪين هئا، ۽ صرف آڪاڻيءَ طور پڙهڻ لاءِ هئا“.[55]

هن ناٽڪ جو خاص موضوع انساني سياڻن جهڙوڪ انصاف جو حصول، رحم، اخلاقي قدر تي ٻڌل آهي. هي ناٽڪ ويانا جي هڪ نواب جي طرز حڪومت ۽ سندس نائب اينجليو جي استحصالي ۽ انصاف جي عيوض فاحشي خواهشن تي ٻڌل آهي. هن ناٽڪ مان اهو به معلوم ٿئي ٿو ته ان دور جا بادشاهه ويس بدلي عوام جا مسئلا معلوم ڪندا هئا. مترجم، هن ناٽڪ کي اصل ڪردارن ، ماحول ۽ منظرن سان پيش ڪيو آهي، پر ناٽڪ جي آڪاڻيءَ بياني انداز ۾ پيش ڪيو آهي.

ناٽڪ جي آخر ۾ نواب هڪ وڏي عوامي هجوم سان ويانا ۾ واپس پنهنجي منصب تي پهچي وڃي ٿو ۽ اينجليو جي عتاب جو شڪار ٿيل عورتون ڪائنس انصاف جي گهر ڪن ٿيون. نواب سندن خواهشن مطابق انصاف جون تقاضائون پوريون ڪري ٿو ۽ جهڙي ڪرڻي تهڙي ڀرڻي جي قاعدي مطابق ”حسابي حساب“ ڪري ٿو. ناٽڪ جي پڄاڻي خوشي جي ماحول ۾ ٿئي ٿي.

چيتمل پرسرام، جيئن ته ناٽڪ جي مڪالمن گهٽائي، بياني طريقو استعمال ڪيو آهي، اهڙي نموني ايڪٽن ۽ منظرن جي بجاءِ ڪتاب کي بابن ۾ ورهايو آهي، جن ۾ ”پائي جي مڙهي“، ”ڪم نصيب ڪلاڊيو“، ”اينجليو ۽ آسابيلا“، ”راجا جي چمڙا پوشي“، ”اندر ڪارو، ٻاهر اڇو“، ”پيڻ جو ستر وڌيڪ ڪين پاءُ جو ساهه وڌيڪ“، ”پيڻ ۽ پاءُ“، ”ٻاهر فرشتو اندر ابليس“، ”مريانا جي گهر ڏانهن ويندي ويچار“، ”اينجليو جو انذير“، ”راجا جي آجيان“ ۽ ”آخري پردو“ شامل آهن.چيتمل پرسرام جي ترجمي جون ڪيتريون ئي خوبيون آهن، جن ۾ ڪردارن جي زباني آسان ۽ مختصر ڪري پيش ڪيل آهي. مثال طور:

**راجا** : ٻڌاءِ پنهنجي فرياد. ڪيئن؟ ڪنهن؟ توري ۾ چئج. اڇهو شهزادو اينجليو ويٺو آهي، اهو توکي انصاف ڏيندو. ڳالهه کولي پڌري ڪر.

**اينجليو:** قبلا، آءُ ڀانيا ٿو تہ هن نينگر جو مٿو ڃاءِ تي نہ آهي. هيءَ مون وٽ پنهنجي ڀاءُ جي ڀاران رحم گهرڻ آئي هئي، پر انصاف روءِ هن کي سزا ڏئي وئي.

**آسابيلا:** انصاف روءِ!

**اينجليو:** هاڻ هي تکو ڳالهائيندي ۽ عجيب غريب ڳالهيون ڪندي.

**آسابيلا:** بلڪل عجيب غريب! پر سچيون! هي اينجليو ڪوڙو آهي!اها ڳالهہ عجيب ڪين آهي؟ هي اينجليو خوني آهي، سا ڳالهہ عجيب ڪين آهي هي اينجليو شهوتي چور آهي. پاڪدامن ۽ ڪنيائن جو ستر ٽوڙيندو آهي، اها ڳالهہ عجيب ڪين آهي؟

**راجا:** بلڪل عجيب! بلڪل عجيب". (56)

چيتمل پرسرام صاحب انهن ڊرامن جي ترجمن جو انتخاب ڪيو. جيڪي پنهنجي دور جا شاهڪار ۽ ترقي پسند فڪر تي مبني هئاهن صاحب " فائوسٽ " جهڙن عظيم ڊرامن کي سنڌي ادب ۾ متعارف ڪرايو.

**ڪشنچند "بيوس" (1885– 1947ع)**

ڪشنچند تيرٿ داس کتري 'بيوس'، جديد سنڌي شاعريءَ کي نئون موڙ ڏيڻ وارو شاعر هو. هن لاڙڪاڻي ۾ جنم ورتو. هو لاڙڪاڻي ۾ تعليم ۽ تدريس سان وابستہ هو. هن جديد سنڌي شاعريءَ جو بنياد رکيو. ٽئگور کان متاثر ٿيو ۽ سندس شاعريءَ جي مطالعي لاءِ انگريزيءَ جي ڄاڻ حاصل ڪيائين ۽ لاڙڪاڻي جي گيان باغ ۾ 1940ع کان 1947ع تائين هفتيوار ادبي ڪلاس هلائي، ٽئگور جي شخصيت ۽ شاعريءَ تي ليڪچر ڏيندو رهيو. اسٽيج ڊرامي کي عام ڪرڻ ۾ نالي واري شاعر ڪشنچند بيوس جو نالو اهم آهي. پاڻ "چانڊڪا ايميچوئر ڊرئميٽڪ سوسائٽي" قائم ڪري، ڏرمي سکيا وارا ڊراما پيش ڪيائين. بيوس جي ڊرامن جي خاص ڳالهہ اها هوندي هئي تہ هن گهڻا مذهبي موضوع تي هئا، ڇو جو ان دور اهڙن ڊرامن جو رواج هو. بيو، هن مزاحيہ ڊراما بہ لکيا، جيڪي تمام گهڻا پسند پيا. ٽيون، هو پنهنجي ڊرامن ۾ وڏ ۾ وڏ گيت شامل ڪندو هو. سندس ڊرامي "منوهر نانگڻ" ۾ 40 گيت شامل هئا.

ڪشنچند بيوس جيتوڻيڪ ڪيترائي اصلوڪا سماجي ڊراما لکيا، پر هن

جي ڊرامن تي ڌرمي رنگ پڻ غالب آهي. ان سلسلي ۾ ”خوبصورت بلا“ (1907)، ”منوهر نانگڻ“، ”بلومنگل“ (1908)، ”راجا هريش“، ”پرت پوڄارڻ“ وغيره اهم آهن. هي ڊراما يا تہ مهاڀارت تان ورتل آهن يا آغا حشر جي ڊرامن جو ترجمو آهن.

**خوبصورت بلا:** آغا حشر، شيڪسپيئر جي ڪنهن ناٽڪ تان اردوءَ مان سنڌي ۾ ”خوبصورت بلا“ ترجمو ڪيو هو، جنهن کي 1907ع ۾ ڪشنچند بيوس سنڌي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪري چانڊڪا ڊرئمنيڪ سوسائٽي پيش ڪيو هو. هن ناٽڪ لاءِ ڊاڪٽر پريم پرڪاش لکيو آهي تہ ”سنڌيءَ ۾ هن ناٽڪ جو الٿو سهڻو بيٺو هو، جنهن ۾ راڳ، مذاقي چهچٽا ۽ واقعا پڻ وڌا ويا هئا. اردو تان سنڌي ۾ آيو هو، يعني اردو واري ترجمي ۾ اڳ ۾ آغا حشر ، ڪافي مصالحا پريا هئا. هن ناٽڪ کي پيش بہ ڪاميابيءَ سان ڪيو ويو هو. ”چانڊڪا “ ناٽڪ منڊلي جي برپا ٿيڻ سان ٿي 1907ع ۾ اهو ناٽڪ ڏيکاري ويو هو. چانڊڪا لاڙڪاڻي جو بہ پهريون ناٽڪ هو تہ ”بيوس“ صاحب جو بہ“.(57) جتي مرزا قليچ بيگ، هن ناٽڪ کي الٿو ڪندي مسلمانڪو ماحول آندو، اتي ڪشنچند بيوس ناٽڪ ۾ هندڪي ماحول مطابق الٿو ڪيو.هن ناٽڪ ۾ مولچند پنجواڻي، ٿهلرام ٽنورملاڻي، لڇيرام لاهوري، مهاراڄ ڪندن ۽ ٻين اداڪاري ڪئي هئي.

ڪشنچند بيوس جي ترجمي جي تعريف ڊاڪٽر غلام رسول بلوچ هن ريت ڪئي آهي: ”مرزا صاحب جي ترجمي کان سواءِ آغا حشر جي ”خوبصورت بلا“ جو سنڌ جي برک شاعر ڪشنچند ”بيوس“ پڻ 1907ع ۾ سنڌي ۾ ترجمو ڪيو هو. ڪشنچند ”بيوس“ جيئن تہ سنڌيءَ جو لاثاني ليکڪ ۽ بهترين شاعر آهي، انهيءَ ڪري سندس ڊرامن ۾ فن کان وڌيڪ فڪر ۽ شاعريءَ جا بلند خيال پسجن ٿا. سندس هن ڊراما کي ٻوليءَ عبارت جي منفرد ۽ اوچن خيالن سان سينگاريل هئڻ ڪري سنڌي ادب ۾ اهو بلند مقام مليو آهي، جيڪو شايد اردو ادب ۾ آغا حشر جي طبعزاد ڊراما کي بہ نہ مليو هجي“.(58)

**بلوا منگل:** ڪشنچند بيوس هي تاريخي ڊرامو آغا حشر جي ” سورداس عرف بلوامنگل“ تان ترجمو ڪيو هو. جيتوڻيڪ هي هندو ڌرمي ڊراما هو، پر ان ۾ انڌن

عاشقن کي سڌارڻ جو سماجي بيان ٿيل هو. جيڪي خراب عورتن جي پويان پاڻ کي وڃائين ٿا.

**راجا هرشچندر:**1909ع ۾ ڪشنچند بيوس مذهبي رنگ ۾ رنگيل ڊراما "راجا هرشچندر" لکيو هو. جنهن کي هن کان اڳ 1895ع ۾ ليلارام وطڻمل قافيدار نثر ۾ لکي چڪو هو. بيوس ڊراما جي سٽاءَ ۾ ڪو به فرق نه رکيو. البته اصلاحي پهلو آڻي ۽ ڪردارن نالا تبديل ڪري ڇڏيا.

**جڳري قرباني**: پنا دائي جي زندگي جي مشهور واقعي تي ٻڌل ناٽڪ آهي. هي ڊرامو اصل ۾ هندو راجپوتن جي لڙاين تي مبني آهي. هي ڊرامو ٽن پردن ۽ ٻارهن صفحن تي مشتمل آهي.

جڳري قرباني هن جي سياسي ۽ قومي جذبي جي عڪاسي ڪن ٿا. ان دور جي سياسي مسئلن کي به پنهنجي ڊرامن جو موضوع بڻايو. هو بنيادي طور تي ڪانگريس پارٽيءَ جو ڪارڪن هو

**نل دمينتي:** هرشچندر جي سنسڪرت ناٽڪ جو الٿو هو. بيوس صاحب دراصل اهو وڏو ناٽڪ ڪري لکيو هو ۽ منچ تي پيش ڪيو هو." نل دمينتي شايع به ٿيو هو. جنهن ۾ ناٽڪي وصفون گهٽ ۽ شعري تقاضا وڌيڪ پوري ٿيل هئي.

**شڪ جو شڪار**: اهڙي طرح هن جو ڊرامو "شڪ جو شڪار" (1931) سماجي ۽ نفسياتي موضوع جي نشاندهي ڪري ٿو.

**پوڙهي جو پرڻو** :ڪشنچند بيوس ڪيترين ئي سماجي براين خلاف طنزيه ۽ مزاحيه ڊراما لکيا. سندس ڊرامو "پوڙهي جو پرڻو" (1941) ۾ شايع ٿيو. هي ڊرامو 18 صفحن تي مشتمل آهي. ڊرامي مان مثال هيٺ ڏجي ٿو:

گرداس_ سائين! پهريائين ته ايترا پئسا ٻڌي وات پاٽي پاٽي ٽيڻ لڳس، پرپوءِ وري ڦيري ڪائي چوڻ لڳو ته ڪير ڪراڙي ڪاسائي اڳيان ڪچڙو حلواڻ ڪسڻ لاءِ ڪڍي ڏيندو؟

ڪنور_ بيوقوف هو. تو چو نه چيس ته هيڪاري جوان بيوفا ۽ منچلا ٿيندا آهن.نئين ڪنوار کي نوائي جي نون ڏينهن کان پوءِ ليکين به ڪونه. وتندا در در دوستي لائيندا. ٻيا ڇيڙهالا ٿيندا آهن. مرندي مري ويندا. پر جوءِ جي جند نه

چڙيندا، چلهہ ۾ اماڙي، تہ بہ ٻڍي کي جوءِ پياري، جي سڪي سڪي وٺندا، سي قدر بہ اوڏو ڪندا. ڪيئن ٿو ڀائين؟

گرداس_ بيشڪ سائين! پر ڪهڙي ڪنوار خوشيءَ سان هنن اڇن خشڪ چانورن (اڇي ڏاڙهيءَ تي هٿ رکي) جا ڦڪ پرڻ قبول ڪندي؟".(59)

هن ڊرامي لاءِ ڊاڪٽر غلام علي الانا لکي ٿو تہ "سنڌ ۾ اهو بہ ڏٺو ويو آهي تہ دولت جي لالچ ۾ يا بدي جي رواج سبب يا پنهنجن ڪان ٻاهر نہ نڪرڻ سبب يا ڪنهن ٻئي سبب ڪري پوڙهن جي پرڻجڻ جو پڻ رواج آهي. ان حالت ۾ پوڙهو مرد سورهن ورهين جي نوجوان ڪنوار سان لائون لهندو. اهڙيءَ حالت ۾ هن جو هڪ پير قبر ۾ هوندو آهي تہ ٻيو ڪيلي جي ڪل تي. اهڙي شاديءَ کي "اٺ پنيان گهنڊڻي ٻڌڻ" سڏيو ويو آهي. ڪن حالتن ۾ پوڙهي زال، نوجوان گهوٽ سان پرڻبي بہ ڏسبي آهي. هن مسئلي تي "پوڙهي جو" نالي هڪ مزاحيہ سماجي ناٽڪ مسٽر ڪشنچند "بيوس" لکيو هو. هن ڊرامي ۾ مسٽر بيوس اهڙي شاديءَ جي نتيجن کي اجاگر ڪيو هو".(60)

هري دلگير پنهنجي ڪتاب "ڪشچند بيوس" ۾ لکي ٿو تہ "بيوس جي مڙني ناٽڪن ۾، ڌرمي ڪٿائن سان گڏ آتمڪ وڪاس جا نڪتا، پوتر پريم جون جهلڪيون ۽ اوچي اخلاق جون هدايتون ملن ٿيون. سندس ناٽڪ ڏسندي سماجڪ ڪرسمن بابت وويڪ ۾ تڪيون مڏيون ڇهنڊڙيون پون ٿيون. ڪڏهن مذاق ۾، ڪڏهن ملامت طور، پنهنجي ناٽڪن جي معرفت "بيوس" ٽوٽڻ ڦيٽڻ، ڌرم ۾ پاکنڊ ۽ انڌ وشواس جي خلاف جنگ جاري ڪئي. سندس ناٽڪ ۾ ڌرم جي ٺيڪيدارن جا خوب پول پڌرا ڪيا ويا".(61)

بيوس جي ڊرامن جي خاص ڳالهہ اها هوندي هئي تہ هو انهن ۾ وڏ ۾ وڏ گيت شامل ڪندو هو. صرف هڪ ئي سندس ناٽڪ "منوهر نانگڻ" ۾ 40 کن گيت شامل هئا پر اسٽيج تي گهٽ ڳايا ويا هئا.

ڊرامي جي ترقي ۾ بہ ڪشنچند بيوس جون خدمتون فراموش نہ ٿيون ڪري سگهجن. عبدالستار پيٽي لکي ٿو تہ "بيوس شاعر ڪان سواءِ نثر نويس بہ هو. سال 1907ع ۾ چانڊڪا اميچوئر ڊرئميٽڪ سوسائٽي جو مکيہ اڳواڻ بہ هو. سندس

ڪيترائي ڊراما اسٽيج تي پيش ٿيا. جهڙوڪ ”موهن تارڪا“، ”هرشچندر“، ”شڪنتلا“، ”چندراولي“ ۽ ”سسئي پنهون“ شامل آهن. سسئي پنهون ڊرامي لاءِ اسٽيج اڄوڪي ”نگار“ سئنيما وٽ ٺهي هئي. اهڙي طرح ”انڊلٽ“ ڪتاب ۾ ستن ڊرامن مان ٻه ”دروپدي“ ۽ ”آنرري مئجسٽريٽ“ به هن جا لکيل هئا. گهڻو ڪري ٻئي ڊراما اردو ۽ هندي تان سنڌي ۾ ترجمو ڪيا هئا. هن صاحب لاڙڪاڻي ۾ ڊراما نويسي کي گهڻو مقبول بڻائيندي زور وٺرايو“.(62)

## احمد علي چاڳلا (1902 – 1953ع)

احمد علي غلام علي چاڳلا جو جنم ڪراچي ۾ تجارت پيشه خاندان ۾ ٿيو. سندس والد غلام علي چاڳلا ڪنهن وقت ۾ ميونسپالٽي جو صدر ۽ ڪراچي پورٽ جو ٽرسٽي به رهيو. احمد علي چاڳلا هڪ قابل قدر موسيقي جو ماهر هو ايراني، ترڪي ۽ مغربي موسيقي جو به ڄاڻو هو. سندس وڏي ۾ وڏو ڪارنامو پاڪستان جي قومي تراني جي ڌن ٺاهڻ آهي.

احمد علي چاڳلا کي رومي، اقبال، شيڪسپيئر ۽ شاهه لطيف جي ڪلامن جو به گهرو مطالعو هو. هن کي سنڌي ۽ انگريزي تحرير تي به دسترس حاصل هئي. ڪراچي ۾ هن جو ميل مشهور لکڻ وارن سان رهيو. مثلا لالچند امر ڏنومل جنهن سان هن ٽئگور ڊرئميٽڪ ڪلب جي ڊرامن جي پيشڪش ۾ مدد ڪئي. پروفيسر گربخشاڻي سان شاهه جي رسالي ۾، ايچ جي آڏواڻي سان ڪهاڻين ۽ ڊرامن ۾ شرڪت ڪئي. انگريزيءَ ۾ هن ڪيترن ئي رسالن جي لاءِ مضمون لکيا ۽ السٽريٽڊ ويڪلي آف انڊيا جو ٻارن لاءِ ڪهاڻين جو هڪ مستقل ليکڪ هو.

سنڌي ڊرامي جي سلسلي ۾ چاڳلا صاحب جون وسيع خدمتون آهن. هن تي مشهور ناروي جي ڊراما نگار هينرڪ ابسن (1826 – 1906) جو گهرو اثر هو. هن ابسن جا ڊراما نه صرف ترجمو ڪيا، پر ان وانگر تاريخ، تمدن، سماجي مسئلن ۽ طبقاتي موضوعن تي ڊراما لکيا. سندس مشهور ڊرامن ۾ ”پوت“، ”گڏيءَ جو گهر“، ”ديس جو دشمن“، ”جيڪا تقدير“ ۽ ”خوني“ آهن. 1930ع ڌاري جڏهن اسٽيج ڊرامن جي جاءِ ديسي فلم ورتي، تڏهن ڪيترن ئي فلمن لاءِ ڪهاڻيون به لکيائين. انهن ۾ ”طلسمي گهوڙا“ ۽ ”پتي پتني“ تعريف جوڳيون آهن. هو ڪجهه

عرصو بمبئي اجتنا فلم ڪمپني ۾ ميوزڪ ڊائريڪٽر به رهيو.

موسيقي جي ماهر هجڻ جي حيثيت ۾ هن ڊرامن ۾ موسيقي جو بنياد وڌو. هن سان ڊرامن ۾ دلڪشي اچي ويئي. ماحول ۽ حالتن مطابق موسيقي سان ڊرامن ۾ ماڻهن جي دلچسپي اجا به وڌي وئي. ان سلسلي ۾ سڀ کان پهريون مثال ”عمر مارئي“ نالي ڊرامي ۾ شروع ٿي. سندس اهم ڊراما جيتوڻيڪ ترجمو آهن پر انهن کي سنڌي ماحول ڏيئي اصل بڻائي ڇڏيائين.

**خوني** :سندس ڊرامو ”خوني“ هڪ الميه ڊرامو Tragedy آهي، جو جيترا دفعا به اسٽيج تي آيو ته تماشائين کي روئاري وڌائين. ڪيس شاهه لطيف سان بي انتها محبت هئي. سندس اڪثر ڊرامن ۾ شاهه صاحب جا شعر موجود هوندا آهن. سندس مشهور ڊرامو ”خوني“ شاهه جي هن شعر سان شروع ٿئي ٿو.

اڄ پڻ ڏانهون ڏانهن، واڏوڙڪي مينهن
ويچ ورائي ٻانهن، چوري چاڪ نهاريا

چاڳلا صاحب استنبول (ترڪي) ۾ هو، جتي ڊرامو ”قاتل“ نالي اسٽيج تي ڏٺائين. اهو ترڪي ڊرامو خود هڪ جرمن ڊرامي تان ترجمو ٿيل هو ۽ مشهور ڊراما نويس رچرڊ وومن جو لکيل هو. هن ڊرامي احمد چاڳلا کي اهڙو ته متاثر ڪيو جو وطن اچي ان ڊرامي کي سنڌي لباس پهرائي ”خوني“ جي عنوان سان 1931ع ۾ شايع ڪرايائين ۽ حيدرآباد سنڌ جي ”ٽئگور ڊرئيمٽڪ ڪلب“ ان کي اسٽيج ڪيو.

ڊرامو نهايت ئي درد انگيز آهي. رفيق هڪ شريف انسان آهي، جيڪو قتل جي ڏوهه ۾ بيگناهه جنم ٽيپ ڪائي ٿو. الزام هو ته هن پنهنجي سيٺ کي قتل ڪري، ان جي تمام ملڪيت ۽ جواهرات چورايا آهن. ڪورٽ هن کي ڏوهي ٺهرائي ٿي. هو پندرهن سال سزا ڀوڳي ٿو. تنهن کان پوءِ اصلي خوني پاڻ ڏوهه قبول ڪري ٿو ۽ رفيق کي آزاد ڪيو وڃي ٿو. رفيق جي جيل وڃڻ کان پوءِ، سندس ٻه ٻار لطيفي ۽ شمسي ۽ سندس زال بتول بک ۾ ڏتڙجي وڃن ٿا. نيٺ ياروءَ نالي هڪ شخص، بتول جي حسن تي فدا ٿي ڪين، پناهه ڏئي ٿو. آزاد ٿيڻ کان پوءِ، مئجسٽريٽ ۽ پوليس جي مدد سان، رفيق کي سندس ٻچن جي خبر پوي ٿي ۽ هوٽل ۾ روبرو

اچي، هو سنڌن تمام حالات کان واقف ٿئي ٿو. يارو شمسيءَ جي ڀاڻهن "رمزو" نالي پنهنجي دوست کي وڪڻي ٿو. بتول مخالفت ڪري ٿي. يارو بتول کي ماري ٿو. تنهن وچ ۾ رفيق ڪيس پنيان پڪڙي وٺي ٿو ۽ زال کي بچائي ٿو.

چاڳلا صاحب جي عبارت پنهنجي مٽ پاڻ آهي. هيٺ ڏنل ٽڪرن مان چاڳلا صاحب جي پختي عبارت جي خبر پوي ٿي:

"رفيق: (دلسوزيءَ سان)، سائين، دنيا ۾ عدل آهي؟ بلڪ الله وٽ انصاف آهي؟ مون تي جيڪا ٻري آئي، مون سان جيڪو نڌر ٿيو، آءُ ڏسو ٿا، منو ڪوڙو، سهان وينو. پر جڏهن خيال ٿو ڪريان ته ويچارن ٻارڙن ۽ سنڌن ماءُ جو مون کان پوءِ ڪهڙو حال ٿيو هوندو، تڏهن دل چاڪ چاڪ ٿيو پوي. اهو درد آءٌ سهي نه ٿو سگهان. چوان ويچارا ناز جا نپايل، ڪهڙن واڳن جي وات پيا هوندا! سائين هي به ڪو انصاف چئبو جو هڪڙي جي گناهن جي سزا ٻيا پيا پوڳين؟ هي به ڪو عدل چئبو، جو گنهگار وتن چڙواڳ ڦرندا ۽ بيگناهه وتن عذاب سهندا؟ ".[63]

**پوت :**احمد علي چاڳلا ، *هينرڪ اِبسن* جي رچيل Gengangare جي انگريزي ترجمي Ghosts جو *سنڌي* ترجمو "پوت" جي نالي سان ڪيو. جيڪو مهراڻ رسالي جي ڊسمبر، جنوري ۽ فيبروري 1946ع واري پرچي ۾ "ديوانه" جي نالي سان شايع ٿيو هو. اصل ڊرامو ابسن 1851ع ۾ لکيو هو ۽ 1852ع ۾ اسٽيج ٿيو هو. هن ڊرامي ۾ هينرڪ ابسن 19 صديءَ جي ڪرنڌڙ اخلاقي قدرن تي تنقيد ڪئي آهي. ان دور جي جهالت ۽ خوف ۽ سماجي مسئلن کي چٽيو ويو آهي. هن ترجمي پڙهڻ سان معلوم ٿئي ٿو ادب حياتيءَ جو آئينو آهي. مترجم لکيو آهي ته "اهي انساني نمونا، اهي گهاڙت جي حقيقت تي ٻڌل آهن، سي عزارئيل وانگر ، ازل کان وٺي موجود آهن ۽ وري وري ڦيرا ڏيو ، نون نون روپن ۾ پيا ظاهر ٿين. ڦوءِ انهيءَ ۾ عجب ڪهڙو ته گيانين جي دلين ۾ اهي خواهه مغرب جا هجن خواهه مشرق جا، انهن جو واسو ٿئي ۽ اهي آزاد خيالي گياني وري انهن امر گهاڙتو کي، پنهنجي پنهنجي آزمودي ۽ تجربي جي رنگ ۾، پنهنجي زماني جي قياسي شڪلين ۾، جڳ آڏو پيش ڪن، يعني جڳ جا روپ وري جڳ کي موٽائي ڏين".[64]

ڊرامي جي ترجمي ۾ احمد علي چاڳلا لکيو آهي ته ”تون؟ تون به پلي اتي منهنجو همراهه ٿيءُ. پر رڳو نالي خاطر. نه نه ، توکي ڏکيائي مور ڪا نه ٿيندي ۽ پوءِ ارادو اٿم ته دڪان سان گڏ ڪو پت جو ڪارخانو به کوليان. توکي ڪي به تڪليف ڏبي ڪا نه. تون رڳو خاندان مان وڃي ڪم وٺي اچجئين ۽ پوءِ ، پوءِ ڪڏهن ڪو من سٽيو گراهڪ ور چڙهي وڃي. (نزديڪ اچي) ڏس! نينگر هوش رک. سيٺياڻي تنهنجي پڙهائڻ تي هيڏو خرچ ڪيو، انهيءَ کي برباد ٿيڻ نه ڏي“.[65]

هينرڪ ابسن جي ناٽڪ Ghost جو پيو ترجمو هند جي ناميار ناٽڪ ڪار، ڪهاڻيڪار ۽ نقاد هريڪانت جيٺواڻي (1935 – 1994ع) ”پوت پوت“ جي نالي سان ڪيو آهي. هن ڪتاب کي ساهتيه اڪيڊمي نئين دهليءَ پاران 1988ع ۾ ڇپايو هو.

**گڏيءَ جو گهر :** هينرڪ ابسن جي ٻئي مشهور ڊرامي Doll's House جو ترجمو احمد علي چاڳلا ”گڏيءَ جو گهر“ جي نالي سان ڪيو. هي ٽن ايڪٽن تي مبني هڪ درديلو ڊرامو آهي، جيڪو پهريون دفعو 1891 ۾ شايع ٿيو هو. هن ڊرامي ۾ انسان جي اندروني احساسن جي اپٽار ڪئي وئي آهي. هن ڊرامي ۾ طبقاتي فرق ۽ ڪشمڪش جي ڪهاڻي ڏنل آهي. هن ڊرامي جا دنيا جي ڪيترن ٻولين ۾ ترجما ٿي چڪا آهن. ڊرامي جي ڪهاڻي ۽ هڪ بد نصيب شادي شده عورت جي ڪهاڻي تي مبني آهي، جيڪا مرداڻي سماج ۾ نفساني خواهشن جو شڪار ٿئي ٿي. هن ڊرامي ۾ اسڪول جي غريب ٻينرن جي احساس جي ڪهاڻي به ڏنل آهي ، جنهن ۾ امير ڇوڪرين جي گڏين جا گهر ڏسي احسا ڪمتريءَ جو شڪار ٿين ٿيون. چاڳلا صاحب، هن ڊرامي جو شاندار ترجمو ڪيو آهي.

**ديس جو دشمن :** احمد علي چاڳلا سندس ٽئين ڊرامي ( An Enemy of the People) جو ترجمو ”ديس جو دشمن“ جي نالي سان ڪيائين. اصل ڊرامو 1882ع ۾ شايع ٿيو . هي ڊرامو، ابسن دراصل عوام طرفان سندس ڊرامي Ghost تي ڪيل احتجاج جي جواب ۾ لکيو، جنهن ۾ هن وڪٽورين اخلاقي قدرن تي تنقيد ڪئي هئي. هن ڊرامي جي ڪري عوام جنس جي موضوع تي کلي عام بحث ڪرڻ جو رجحان وڌيو.

**جيڪا تقدير:** اهڙي طرح سندس ڊرامو ”جيڪا تقدير“ هڪ ٽريجڊي آهي، جنهن ۾ انتهائي دڪائڪ انداز ۾ ڪهاڻي بيان ڪئي وئي آهي. قسمت هميشه انسان تي غالب رهي ٿي واري فلسفي تي پيش ڪيو ويو آهي.

احمد علي چاڳلا جيترو پلو موسيقار هو، اوترو پلو ڊراما نگار هو. سندس ڊراما سنڌي سماج جي هر پهلو جي عڪاسي ڪن ٿا. پاڻ مرزا صاحب جي ويجهن ساٿين ۾ هو. سندس ئي چوڻ تي مرزا قليچ شيڪسپيئر جي ڊرامي ”هئملٽ“ جو ترجمو ”شهزادو بهرام“ جي نالي سان ڪيو. خود چاڳلا صاحب سنڌي ڊرامي کي نوان موڙ ڏنا.

**خانچند درياڻي (1898_1962ع)**

”سنڌي ڊراما نويسيءَ جي عظيم ليکڪ، اداڪار، پهرين سنڌي فلم ڪمپنيءَ جي پايي وجهندڙ فلمساز، ڊراما نگار، خانچند شامداس درياڻيءَ، حيدرآباد ۾ جنم ورتو. خانچند درياڻيءَ جون سنڌي ادب ۾ خاص طور تفريحي ۽ سبق آموز ڊرامن لکڻ، اسٽيج ڪرڻ، ڊائريڪشن ڏيڻ ۽ ڊرامن ٺاهڻ سميت فلمن ٺاهڻ ۽ انهن کي مقبول ڪرڻ لاءِ وڏيون خدمتون آهن. هن جا سنسني خيز ناٽڪ ته تمام گهڻو مقبول ٿيا. خانچند درياڻي زرعي کاتي ۾ ملازم هو، جتان 43 سالن جي ڄمار ۾ استعيفا ڏئي، سنڌي سئنيما جي دنيا سان لاڳاپجي ويو. سندس ڪوشش سان 1923ع ۾ حيدرآباد ۾ ”رابندرناٿ لٽرري ڊرئميٽڪ سوسائٽيءَ“ جو مهورت بنگال جي عظيم شاعر رابندرناٿ ٽئگور خود سنڌ ۾ اچي ڪيو هو.“ (66)

خانچند درياڻيءَ جا 25 کن اصلوڪا ۽ ترجمو ڪيل ناٽڪ آهن، جن ۾ هن حقيقت نگاريءَ (Realism) جو رنگ ڀريو. هن پنهنجن ڪيترن ئي ڊرامن ۾ خود به ڪردار طور ڪم ڪيو ۽ سندس ڊراما ٻين ٻولين ۾ ترجمو ٿيا ۽ انهن تي فلمون به ٺهيون. هن ڪلب جو پهريون بهترين ناٽڪ ”ملڪ جا مدبر“ جيڪو ابسن (Ibsen) جي مشهور ناٽڪ Pillars of Society تان ورتي خانچند درياڻي سنڌ مسلم زندگيءَ ۾ بيهاريو هو. درياڻيءَ جا ٻيا مشهور ناٽڪ جيڪي هن ناٽڪ سوسائٽيءَ پيش ڪيا سي هئا: ”غلط فهمي“، ”عجيب انصاف“ ۽ ”ديش صدقي“.

اهڙي ريت هن ڪلب کانچند درياڻي جا ٻيا جيڪي اصلوڪا ناٽڪ پيش ڪيا سي هئا: ”رتنا“، ”ٻليدان“، ”زماني جي لهر“، ”مايا جو انڌ“، ”بک جو شڪار“ ، ”امانت ۾ خيانت“ وغيره اهم آهن.

کانچند درياڻيءَ جي ناٽڪن لکڻ جو مقصد هو ته ناٽڪن ذريعي سماجي اوڻاين کي ننگو ڪجي ۽ سماج ۾ سڌارو آڻڻ جي ڪوشش ڪجي. ڊاڪٽر غلام علي الانا ڪيس نئين ناٽڪ جو پايو وجهندڙ سڏيو آهي. سندن خيال آهي ته ”کانچند جي ڊرامن ۾ هندو سماج جي اڻگن ريتن رسمن، ڏيتي ليتي جهڙي موذي مرض، مايا جي موهه، هندن ۾ جيئري تي جيئري شادي ۽ ٻين ڪيترن ئي اوڻاين جي نشاندهي ڪئي آهي.“ (67)

هن ڪيترائي ڊراما لکيا جن مان اصلوڪن ۾ ”گلاب جو گل“ (1920)، ”موتئي جي مکڙي“ (1923)، ”رتنا“ (1924)، ”ٻليدان“ (1924)، ”سچي سک“ (1925)، ”عجيب انصاف“ (1925)، ”زماني جي لهر“ (1929)، ”مايا جو انڌ“ (1930)، ”امانت ۾ خيانت“ (1930)، ”بک جو شڪار“ (1932)، ”زميناري ظلم“ (1928)، ”جيئري تي جيئري“ ۽ ”پتي شيوا“ اهم آهن. سندس ترجمن ۾ هينرڪ ابسن جي ڊرامي Pillars of Society جو ”ملڪ جا مدبر“ (1923)، گجراتي ٻول نه ٻوڳ جو ”پريم پريڪشا“ (1924)، مسز هينري روڊ جي East Lyane جو ”غلط فهمي“ (1924)، مئترلڪ جي Monna Vanna جو ”ديش صدقي“ (1927) ۽ ”انسان ڪي شيطان“ اهم آهن.

**گلاب جو گل:** هي سندس پهريون اصلوڪو ڊرامو هو. ”گلاب جو گل“ ۾ سس ۽ نُنهن جي رشتي تي ڏاڍي حقيقت پسندي واري انداز ۾ روشني وڌي آهي. ڊرامي جي ڪهاڻي هڪ وچولي طبقي جي ڪٽنب جي ڪهاڻي آهي، جنهن ۾ هڪ لالچڻ سس ۽ فيشن واري نڻان مظلوم نونهن تي ظلم ڪن ٿيون. ڊرامي جي حقيقت پسندي جي ڪري هڪ ميلو ڊراما بڻجي ويو. پروفيسر منگها رام ملڪاڻي لکي ٿو ته ”سيني ڪان وڌندڙ ڏيتي ليتيءَ جو روڳ هو، جنهن ڪري درياڻيءَ هڪ ’ڏيتي ليتي ڪاميٽي‘ برپا ڪئي ۽ ان لاءِ ’گلاب جو گل‘ نالي ناٽڪ لکي ورتائين. ڏيتي ليتيءَ جي برخلاف هي پهريون مڪمل ناٽڪ هو، جنهن ۾

گھرو جيوت جا واقعا ڏيکاريل هئا، ۽ سس ۽ نراڻ جي لالچي ڪارنامن جا چٽ اهڙا تہ هوبهو چٽيل هئا، جو لوڪن جنسي ڊِڪ پي پريا". (68)

**مومل ميندرو:** سندس هي ڊرامو (1922)، سنڌ جي مشهور لوڪ داستان مومل راڻو تي ٻڌل هو. پروفيسر منگھا رام ملڪاڻيءَ لکيو آهي تہ "اڪثر ائين سمجھيو ويندو آهي تہ سنڌي لوڪ ڪهاڻين کي ناٽڪي روپ ڏيڻ جي نئين واٽ لالچند امر ڏنو مل ڳولهي ڪڍي، پر اها ڳالهہ اتهاس جي ورڌ آهي. حقيقت ۾ سماجڪ ناٽڪ وانگر، لوڪ ناٽڪ جو پايو بہ سنڌي ادب ۾ خانچند درياڻيءَ وڌو. جڏهن 1922 ۾ سندس 'مومل ميندرو' سنڌي ساهت سوسائٽيءَ وارن ڇپايو هو". (69)

**موتئي جي مکڙي:**1923ع ۾ سندس ڊرامو "موتئي جي مکڙي" منظر عام تي آيو. هن ۾ ننهن تي سس جي سورن وارو موضوع ڪنيل هو. ان کان علاوہ ٻين سماجي براين کي پڻ نروار ڪيو ويو هو. هن ڊرامي ۾ ڏيکاريل هو تہ نئين زماني جي ننهن، سس جا سور سهي سهي بردبار بنجي تي پوي ۽ مڙس پنهنجي پاسي ڪري، سس سان مقابلو تي ڪري ۽ آخر ڪيس سڌو تي ڪري. درياڻي صاحب هن ناٽڪ ۾ بہ ڏيتي ليتيءَ جي ڪڌي رسم تي طنز ڪئي هئي. هن ناٽڪ ۾ درياڻيءَ پاڻ بہ اداڪاري ڪئي. ڊرامي ۾ هن 'راڏان' جو ڪردار ادا ڪيو.

**پدمني:** هي هڪ اعليٰ ڊرامو آهي، جنهن ۾ هندو مسلم اتحاد تي گھڻو زور ڏنل آهي. ان کان علاوہ انگريزن کان نفرت پڻ ڏيکاريل آهي. هن ڊرامي ۾ پدمني نالي نوڪرياڻي مسلمان مالڪ جي جان بچائي ٿي. انگريزن خلاف "هندستان ڇڏيو" هلچل دوران لکيل ان ناٽڪ ۾ سنڌ ۾ هندو مسلم ٻڌيءَ تي زور ڏنو ويو هو. هيءَ بہ درياڻيءَ جو طبعزاد سماجي ناٽڪ هو. جيڪو سنڌ سوشل لٽرري ڊرئميٽڪ سوسائٽي، حيدرآباد، پاران اسٽيج ڪيو ويو.هي ڊرامو هڪ اسڪول جي مالي سهائتا لاءِ فيبروري 1923ع ۾ لکيو. سندس ناٽڪن جي ڪاميابيءَ جو اندازو ان ڳالهہ مان لڳائي سگھجي ٿو تہ ان ناٽڪ جون ٽڪيٽون اڳواٽ ئي هٿو هٿ وڪامي ويون هيون.

**جيئري تي جيئري** :سندس ڊرامو "جيئري تي جيئري" سنڌي ادب جو شاهڪار آهي. جنهن ۾ نہ صرف هندن ۾ "جيئريءَ تي جيئري" شاديءَ جي خلاف قلم ڪنيو

ويو آهي، پر ٻڍن جو ننڍين نينگرين کي پاڻ سان گڏ شاديءَ ۾ اڙائڻ جهڙيءَ بد رسم خلاف به لکيو ويو آهي. درياڻيءَ جيٺري تي جيٺري يا "دکايل ديوي" ڊرامي جي منڍ ۾ هيئن لکيو آهي ته: "ڪيترن ڏينهن کان منهنجي خواهش هئي ته هي جو اڄڪلهه اسان جي شهرن ۾ جيٺريءَ تي جيٺري شاديءَ جا مثال پيا ٻڌجن، سو جيڪر انهيءَ تي ناٽڪ ٺاهجي ته چڱو. تازو هڪ مثال اخبارن دوران ٿي منهنجي ڪن پيو، ۽ منهنجو ستل جوش وري لهرون کائڻ لڳو ۽ هي ناٽڪ هٿ ۾ ڪنيم. هن ڊرامي ۾ نه صرف هندن ۾ جيٺريءَ تي جيٺري شاديءَ جي خلاف قدم کنيو ويو آهي، پر ٻڍن جو ننڍين نينگرين کي پاڻ سان گڏ شاديءَ ۾ اڙائڻ جهڙيءَ بد رسم خلاف به لکيو ويو آهي". (70)

ڊرامي ۾ سيٺ رتنچند پنهنجي پٽ "ارجن" کي سندس مرضيءَ جي خلاف ان ٻانهن سان شادي ڪرائي ٿو، جنهن مان هو خوش نه آهي. ڪجهه عرصي کان پوءِ جڏهن ارجن پنهنجي زال مان بيزار ٿئي ٿو، تڏهن هو ٻي شادي يعني جيٺري تي جيٺري شادي، ڪرڻ لاءِ تيار ٿئي ٿو. چيتانند جي ڌي "موهني" سان ڪراچي ۾ سول شادي ڪري، ڪلڪتي هليو وڃي ٿو. جيتوڻيڪ سندن پيءُ ظاهر ۾ مخالف هو، پر دولت جي خاطر اندروني طور، رضامند ٿئي ٿو. انهيءَ غم کان "ديوي" جو پاءُ "موهن" وفات ڪري وڃي ٿو. ديوي ساهرن جو گهر ڇڏي وڃي ٿي. ڏکن پٺيان ڏک، موهن جي وفات، گلاب جو انتقال، پٽ جي ولادت ۽ وفات، ڪيس زندگي مان بيزار ڪن ٿا. نيٺ ناري شالا ۾ وڃي سڪون حاصل ڪري ٿي.

ٻئي طرف، موهني جو پيءُ چيتانند، ٻڍاپڻ ۾ ريجهومل جي ياٺتي جمني سان شادي ڪري ٿو، جنهن جو نتيجو نيٺ خراب ٿو نڪري. ديوي جون آهون ۽ دانهون مالڪ جي حضور ۾ قبول پون ٿيون. قدرت هر هڪ کان انتقام وٺي ٿي. رکي کي ڇڏي، ريجهومل ٻي شادي ڪري ٿو، موهني زهر کائي مري ٿي؛ چيتانند مان بيزار ٿئي ٿي؛ آخر ارجن ۽ ٻيا ديوي کان معافي وٺن ٿا.

ڊاڪٽر غلام علي الانا هن ناٽڪ کي ساراهيندي لکي ٿو ته "هن ڊرامي جون خوبيون انهيءَ دعويٰ لاءِ ڪافي دليل آهن، پلاٽ، زبان، ڪردار نگاري، جذبي ۽ جوش ڪانسواءِ مڪالما به اصليت اجاگر ڪن ٿا....خانچند صاحب جي دل ۾ سماج

جي اڏنگين روشن، ريتن رسمن، ڏيتي ليتي جهڙي موذي مرض، مايا جي موهه ۽ دنيا جي نقلي ڏيک لاءِ نفرت هئي. .... سماج خلاف ڪردارن جي واتان جيڪا گفتگو ڪرائي اٿس.“ (71)

**زميني ظلم:** خانچند درياڻيءَ هڪ ٻيو ناٽڪ ”زميني ظلم“ جي نالي سان لکيو هو. هن ڊرامي ۾ زمينن ۽ واپارين جي ظلمن جو نقشو چٽيو ويو آهي. ڳوٺاڻن هارين نارين سان زميندار ۽ واپاري جيڪي ويل وهائين ٿا، درياڻيءَ انهن جو چٽو عڪس ڏنو آهي. هن ڊرامي ۾ ڏيکاريو ويو آهي ته زميندارن جي ظلمن کان تنگ اچي”دلمراد“ نالي هاري شاهوڪارن ۽ زميندارن جو دشمن بڻجي بدلي وٺڻ لاءِ جذبي جي ڪري چريو ٿي ٿو پوي. هي ڊرامو ترقي پسند تحريڪ جي اثر هيٺ لکيو ويو، جنهن ۾ قومي ۽ معاشي موضوع کي به پيش ڪيو ويو آهي ۽ ، ان ۾ پهريون ڀيرو ’ڏاج‘ جي مسئلن جي اپٽار ڪندي اهڙي قدم کي ننديو ويو هو. مرزا قليچ بيگ هن ناٽڪ جي مُنڍ ۾ لکي ٿو ته ”وعظن ۽ مصنفن جي خشڪ نصيحتن ۾ ايترو اثر ڪونهي، جيترو ناٽڪ ۽ سئنيمائن ۾ آهي، جو گويا گونگا ناٽڪ آهن. انهن ۾ ماڻهو پنهنجا عيب پاڻ ڏسي، ٻين تماشبين سان گڏجن ته پاڻ تي کلندا آهن، انهيءَ ڪري ته قديم وقت کان ڊراما يا ناٽڪ نقل نظير علم جي هڪڙي وڏي ڪمائتي شاخ شمار ۾ آيل آهي. ناٽڪ گويا هڪڙي آرسي آهي، جنهن ۾ چڱو توڙي بڇڙو پنهنجا عيب معلوم ڪري سگهي ٿو.“ (72)

**زماني جي لهر:** خانچند درياڻيءَ ”زماني جي لهر“ نالي ڊرامي ۾ پراڻن خيالن وارن تنگدل مائٽن ۽ نئين زماني جي آزادي پسند جوان جوڙن جي وچ ۾ گهرو جيوت ۾ ذري پرزي تان جيڪي متڀيد ۽ نفاق ٿين ٿا، تن جو وچوروار نقشو چٽيو آهي. هن ڊرامي ۾ ڄاڻايل آهي ته تازو پرڻيل گهوٽ کي پراڻي زماني جا مائٽ، سندس نووَرني ڪنوار سان ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۽ گهمڻ ڦرڻ جي آزادي نٿا ڏين ۽ سندس زندگي زهر ڪري ٿا ڇڏين. آخر هو مائٽن جي تنگدلي ۽ ظلمن ڪري، گهر مان بيزار ٿيو پوي ۽ خوش رهڻ لاءِ شراب نوشي ۽ جوئا ۾ وڃيو ڦاسي ۽ آخر چريو ٿيو پوي. مثال طور:

گووند ماءُ _ ٻر مَنيس! جيڪو منهنجو داد فرياد ٿيو سو ته گهوريو، مورڳوئي

مون تي ٿو ڏند ڪڍي! پٽ پيءُ ٻئي ٽا هٿ وٺي چوريءَ کي شڪرو ڪن ته پاڻ کي پورو ڪي ڇڏيان ته چڱو. ڏس ته سهين چوري نرلجي، سئون سڌو سينو هڻي ويهي رهي آهي. (نشيلا ڏک ۾ اٿي هلي ٿي وڃي) ".[73]

جيٺمل پرسرام هن ناٽڪ تي تنقيد ڪندي لکيو آهي ته "منهنجي خواهش نه آهي ته آءُ مسٽر درياڻيءَ جي جوش تي برف جو ڇنڊو وجهان. ائين هو ڊرڪڻ وارو نه آهي. هڪ ته آءُ سندس قدر ڪرڻ لاءِ تيار آهيان ته هو مڇڏ مڙس آهي. ... مسٽر درياڻيءَ ۾ چڱو گڻ آهي، پر منڊل جي ڪار پردازن کي کپي ته اول رول (قاعدو) ٺاهي ڇڏين ته کيل جو لکيو وڃي، تنهن جي لکڻ ڪانپوءِ گهٽ ۾ گهٽ ٽي مهينا منڊليءَ وارا مٿس نڪته چيني ڪن، اُن جو جزو جزو جانچين. پوءِ ناٽڪ جي تياريءَ ۽ دؤر تي به ڳچ سمو لڳائين. باقي جي ڏيڍ هفتي ۾ ناٽڪ ڇٽبو به، نپائبو به، ته قصو ڪو نه ٺهندو".[74]

**بک جو شڪار** : درياڻيءَ بک ۽ بيروزگاريءَ واري مسئلي تي به لکيو آهي. هن جو ڊرامو "بک جو شڪار" جيڪو هن 1932ع ۾ لکيو هو، انهيءَ موضوع تي لکيل آهي. "بک جو شڪار" ۾ درياڻيءَ بيروزگاري واري مسئلي کي موضوع بڻايو آهي. بيروزگاري سبب هڪ گهر ۾ ڦاڪا ۽ افلاس آهي. هي هڪ ٽريجڊي هو. هڪ طرف ٻارن جا لاش ۽ ٻئي طرف عورت جي بيوسي ۽ عزت بچائڻ خاطر قتل ٿي ڪري. هن ڊرامي ۾ ڪورٽ جو منظر به ڏيکاريل آهي. ناٽڪ پنجن ڇهڇٽن ۽ 112 صفحن تي مشتمل آهي. ان ۾ سماجي طنز جو جهلڪون بهترين آهن. مثال طور:

پر اڄ ته اسان جي مائي صاحب ويٺي هئي خوشين ۾. سو پاڻي قرب سان چيائين "پوهو تون ته زيان خور هاٿي ٿي پيو آهن. "مان ته اوڏي مهل ئي ٽپا ڏيڻ لڳس ته نيٺ منهنجو قدر ٿيو. او گڏهه مان ڪتو، ڪتي مان ڍڳو، ڍڳي مان اٺ، اٺ مان نيٺ هاٿيءَ جي درجي تائين به پهچايائون نه. ته چئبو ته آهي،بيشڪ آهي، سورهن ئي آنا آهي، او جهڙو چئجي تهڙو پوهوءَ ماءُ جي پٽ جو قدر آهي".[75]

هن ڊرامي بابت پروفيسر منگهارام ملڪاڻي سنسار سماچار اخبار جي 22 آگسٽ 1933ع واري پرچي ۾ م. پ. آ. نالي سان لکيل ڊرامي جو حوالو ڏيندي لکي ٿو ته "جيڪڏهن هر هڪ نر ۽ ناريءَ کي ڪن ڪان وٺي بک جو شڪار ناٽڪ

ڏيکارجي ته جيڪر پارت ۾ ٿوري ئي سمي اندر بک جو ڏڪار پئجي وڃي. ”بک جو شڪار“ ۾ پارت جي اڃوڪي ڏکي ۽ ڪنگال اوستا جو هوبهو فوٽو کينچيل هو، جنهن لاءِ ان جي ڪاريه ڪرتا مسٽر درياڻي مبارڪون لهڻيون“.[76]

**ملڪ جا مدبر:** خانچند درياڻي پڻ هينرڪ ابسن جي ڊرامي ”دي پلرز آف سوسائٽي“ (The Pillars of Society) جو سنڌي ۾ 1923ع ۾ شاندار نموني ترجمو ڪيو. هي ترجمو نه پر الٿو ڪري سنڌي مسلم زندگيءَ جي موضوع ۾ تبديل ڪيو هو. هي ناٽڪ حيدرآباد توڙي ڪراچي ۾ ڪيترين ئي راتين ڪاميابي سان اسٽيج ڪري ڏيکاريو ويو هو. پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ هن ڊرامي جو جائزو هن ريت ورتو آهي. ”جنهن ناٽڪ فن ۾ انقلاب آڻي ڇڏيو سو ’ملڪ جا مدبر‘ 1923 ۾ کيل هو، جو يورپ ۾ ناٽڪ حقيقت نگاريءَ جي اَبي Ibsen جي نامياري کيل Pillars of Society تان ورتي، منجهس گهڻي ڦير ڦار ڪري، درياڻيءَ سنڌي مسلم زندگيءَ ۾ بيهاريو هو.... انهي ناٽڪ ۾ اداڪار ٿورا ۽ بلڪل ضروري هئا (نه شيڪسپيئر جي ۽ جهونن اردو ناٽڪن وانگر 25۔ 30) پردن جي لهه چڙهه واجبي هئي (نه 5۔ 10 منٽين پردا پيا لهن چڙهن ۽ نظارا بدلجن) ۽ راڳ به جڳائيندڙ هنڌن تي 2۔ 3 مس پيل هئا (نه جيئن اڳي ٽپ ٽپ تي بيت بازيءَ 30۔ 35 گانن جي ڏوم لڳي پيئي هوندي هئي) هن ناٽڪ جو مسئلو به نئون هو، جنهن ۾ شاهوڪار شاهيءَ جي بي رحميءَ جو دردناڪ چٽر چٽيل هو“.[77]

ڊرامي جو پلاٽ هڪ خود غرض دوست جي ڪهاڻيءَ تي مشتمل آهي، جو پنهنجي دوست جي وصيت نامي کي لڪائي، ان جي پٽ جي دولت ڦٻائڻ لاءِ سئون سٽي ٿو ۽ سازشون ڪري ٿو. ”قاسم محمود“ اهو شخص آهي، جنهن کي ”شير جنگ“ هڪ ايماندار ۽ وفادار دوست سمجهي، پنهنجي پٽ جي ٻانهن سندس حوالي ڪري ٿو ۽ وصيت نامي ۾ ڪيس پنهنجي پٽ ”دلير“ ۽ سندس ملڪيت جو سنڀاليندڙ ٺهرائي ٿو. اهڙي طرح ٻئي دوست نادر بيگ تي به اهو فرض رکي ٿو. ڪجهه عرصي ڪان پوءِ شير جنگ ۽ نادر بيگ وفات ڪري وڃن ٿا ۽ قاسم محمود دوست جي ملڪيت هٿ اچڻ ڪري وقت جو شاهوڪار ماڻهو، دولتمند انسان ۽ ملڪ جو مدبر

ٻڌجي وڃي ٿو. شاهوڪار هجڻ ڪري ڪيئي خوشامدڙا، وقت جا سلامي سندس چوڌاري ڦرندا رهن ٿا. دولت ڪي هميشہ لاءِ ڦٻائڻ جي نيت سان هو "دلير" ڪي مارائڻ جا گهاٽ گهڙي ٿو، پر قاسم محمود ان جو ڪيو لوڙهي ٿو.قاسم محمود جهڙا دوکيباز ماڻهو پاڻ کي ڏاڍو چالاڪ سمجهي، پنهنجن خوشامندڙن جي سامهون پاڻ کي پڏائيندا آهن ۽ پنهنجي ساراهہ ڪندا آهن ۽ ٻڌندا آهن. قاسم محمود پنهنجي چالاڪ هجڻ جي دعوا هن ريت ٿو ڪري:

"اڄ منهنجي دوست شير جنگ جي موت کي پورا تيرهن سال ٿي ويا. کهڙي نہ حرفت سان "دلير" کي ان واقف ڏسي مون هن جي سموري املاڪ کي پنهنجي ڪم ۾ لڳائي، جهاز وغيره گنهي، پنهنجو واپار وڌايم. جنهن جو نتيجو اهو ٿيو جو آءٌ پاڻ کي اڄ خانبهادر ۽ ملڪ جو مدبر ٿو سڏايان".(78)

**رتنا:**"سندس ڊرامو هي (1924ع) ۾ پنهنجي همعصر سماجي زندگيءَ جو خاڪو پيش ڪري ٿو. پروفيسر منگهارام ملڪاڻي صاحب مطابق "تنهن ۾ هاڻوڪي ڪٽنبي جيون ۾ مرد ۽ زال جي جوابدارين جو نقش نڪتل هو ۽ هڪ ديريني عورت ۽ ٻي فئشنيبل ڇوڪريءَ وچ ۾ ضد ڏيکاريل هو، پر آخر سمجهو زال جي، ڏک – ڏولاوا سهي، سوڀ ڏيکاريل هئي".(79)

**ديش تان صدقي:**خانچند درياڻي "ديش تان صدقي" جي نالي سان 1927ع ۾ ڪيو. هي ترجمو نہ پر التو هو ۽ اٽليءَ جي ماحول کي راجپوت جيوت تي بهاريو ويو هو. ان سلسلي ۾ منگهارام ملڪاڻي لکي ٿو تہ:"هن ۾ هڪ راجپوت راڻي، ديش کي دشمنن جي حملي ۽ تباهيءَ کان بچائڻ لاءِ پنهنجي عصمت قرباني ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ٿئي، پر اندر جي سچائيءَ ۽ آتمڪ ٻل سان سندس عصمت توڙي ديش جو بچاءُ، دشمن جي دل ۾ ڦيرو اچڻ سان، ٿي ٿو پوي. هيءَ ناٽڪ ڪلب جي ڪراچي شاخ ڪيو هو. جنهن ۾ بہ مون ۽ ڪشوءَ نائڪ. نائڪا جا پارٽ ادا ڪيا هئا. ۽ اسان جو جوڙو بہ ڪجهہ وقت لاءِ ناليرو ٿي ويو هو. ڪاهيندڙ دشمن راجا جو رول عالم گدواڻيءَ نهايت دٻدٻي ۽ شان شوڪت سان ڪيو هو. جنهن ڪري هو، ڏيئلمل ڪانپوءِ، ٻيون نمبر برجستو اداڪار شمار ڪيو ويندو هو. پيرسن راجا جا پارٽ، ديوان ليلارام سنگ جي فرزند جيٺمل ٻئريسٽر، نهايت سنجيدگيءَ سان

ڪيو هو، جو سمجهدار ائڪٽر بہ هوندو هو تہ هندستاني موسيقي ۾ بہ ماهر هوندو هو ۽ ڪيترن ناٽڪن جا راڳ ڳائيندو ۽ سيکاريندو هو. درياڻي خود هن ناٽڪ ۾ خبيث جو رول بخوبيءَ ادا ڪيو هو.“ (80)

**مايا جو انڌ:** هن ڊرامي (1930ع) ۾ شاهوڪاري ۽ غريبي جو نقش ڏنل آهي. هن ڊرامي جي ڪهاڻي شهري ماحول مان ورتل آهي، جنهن ۾ مل جي مالڪن ۽ مزدورن جي موضوع کي ڪنيو ويو آهي. مل مالڪن جي ڪڌن ڪرتوتن کي خوب ڏيکاريو ويو آهي.

**امانت ۾ خيانت :** (1930ع) ۾ بئنڪ جي ڏيوالي نڪرڻ واري مسئلي کي ڏيکاريو ويو آهي ۽ ڪن معزز شهرين جي ڪارنامن جي اوگهڙ ڪئي وئي آهي.

**غلط فهمي:** خانچند درياڻي مسز هينري ووڊ جي مشهور جذباتي سماجي ناول جو سنڌي ۾ ڊرامائي ترجمو ”غلط فهمي“ جي نالي سان 1924ع ۾ ڪيو. هن ڊرامي جا ڪردار سنڌي ماحول ۾ آندا ويا.

**عجيب انصاف عرف مت هيڻ ناري:** هي نالي ڊرامي 1925ع ۾ گجراتي ڊرامي تان ترجمو ڪيائين. اهڙي طرح سندس ڊرامو ”ديش صدقي“ بيلجيم جي نوبل پرائز حاصل ڪندڙ مئٽرلنڪ جي ڊرامي Monna Vanana جو ترجمو هو، جنهن ۾ هڪ راجپوت راڻي ديش کي دشمنن جي حملي ۽ تباهي کان بچائڻ لاءِ پنهنجي عصمت قربان ڪرڻ لاءِ تيار ٿي پئي. پوءِ سندس عصمت ۽ ملڪ ٻئي بچي وڃن ٿا.

**انسان ڪين شيطان :**(1931) هي ناٽڪ درياڻي صاحب ميري ڪاريليءَ جي ناول Sorrows of Satan تان الٿو ڪيو هو. سندس هي ناٽڪ اڳوڻن ناٽڪن کان گهڻو مختلف هو. جيڪو اڻ ڏٺل ڪرامتي واقعن تي ٻڌل هو، پر ان ۾ اخلاقيات جو چڱو درس ڏنل هو .

سنڌي ناٽڪ کي نوان رخ ۽ لاڙا ڏيندڙ درياڻي صاحب ناٽڪ جي سمورن اصولن جو ڄاڻو هو. جنهن سبب سندس ناٽڪن ۾ ڪا بہ فني کوٽ نہ هوندي هئي. سندس ناٽڪن جا پلاٽ نہ رڳو حقيقي پر دلچسپ هوندا هئا. هو ڪردار نگاري، مڪالمن، ناٽڪ جي ايڪائين، پلاٽ ۾ چاڙهہ، لاٿ ۽ انجام جو بہ پورو پورو خيال رکندو

هو. خانچند درياڻيءَ جي لکڻي گهڻين ئي خوبين سان مالا مال آهي. مڪالمن ۾ هر طرز ادا ڪئي اٿس، ۽ اهو ئي سبب آهي جو سندن ڊرامن ۾ اصليت گهڻي قدر نمايان آهي. منظر نگاري، سلاست، عام فهم ۽ پختي زبان توڙي رواني ڪري، مسٽر درياڻي جي طرز تحرير وڻندڙ آهي. پاڻ ڪوشش ڪري اصطلاحي زبان ڪم آندي اٿس، جنهن ڪري سندس ٻولي ۾ رنگيني هيڪاري وڌي ويئي آهي. جيتوڻيڪ ڪٿي ڪٿي ڏکيا سنسڪرت جا لفظ بہ ڪم آندا اٿس، پر اهي بہ ڪردار جي لحاظ ڪان موزون آهن. مڪالمن جي وچ ۾ راڳ بہ ڏنا اٿس، جي سندس ڊرامن کي مرزا قليچ بيگ جي ڊرامن جهڙو رنگ ڏين ٿا.

**نانڪرام ڏرمداس(مرتيو 1946)**

نانڪرام ولد ڏرمداس مير چنداڻي حيدرآباد ۾ نولراءِ هيرانند اڪيڊمي ۾ انگريزيءَ جو استاد هو. هو ناول نگار، ڪهاڻيڪار، ڊراما نويس ۽ مترجم هو. سندس ڪيترائي ڪتاب شايع ٿيل آهن. نانڪرام کي ڊرامي سان بي حد محبت هئي. هن نہ صرف ڊراما لکيا پر ناٽڪ منڊلين جو بہ بنياد رکيو. هن اصلوڪن ڊرامن سان گڏو گڏ ترجما بہ ڪيا.

**فريبي فتنو :**مشهور ناول نگار، ڊراما نويس ۽ مترجم نانڪرام ڏرمداس، ميري ڪوريلي جي ناولن جي خاص مطالعو ڪيو هو. هن ميري ڪوريلي جي ناول Vendetta!; Or, The Story of One Forgotten کي”فريبي فتنو“جي نالي سان ترجمو ڪري ڊرامائي روپ ڏنو. هن ناٽڪ کي ايمچوئر ڊريميٽڪ سوسائٽي، حيدرآباد طرفان 1915 ع ۾ شايع ٿيو. ميري ڪوريليءَ جو اصل ناول 1886 ع ۾ شايع ٿيو هو. جنهن ۾ ڪالرا جي وبا ڦهلجڻ ۽ ان مان هزارن ماڻهن جي موت جي ڪهاڻي ڏنل آهي. نانڪرام ڏرمداس، هن ناٽڪ کي دراصل الٽو ڪيو ۽ سنڌ ۾ پليگ جي ڦهليل وبا جي حوالي سان پيش ڪيو.

**نيڪ انجام :**نانڪرام ڏرمداس، اخلاقي ۽ اصلاحي واقعن تي مبني ڊراما ”نيڪ انجام“ 1911 ع ۾ آغا حشر جي اردو ڊراما ”خواب هستي“ تان ترجمو ڪيو. هن ڊرامي ۾ هڪ رئيس ۽ سندس نافرمان پٽ جي ڪهاڻي بيان ٿيل آهي، جيڪو پنهنجي دوستن سان گڏجي پيءَ جي دولت کي عياشيءَ ۾ اڏائي ٿو. ايتري قدر جو

پيءُ دولت جي لالچ ۾ مارائڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. آخر ڪيس پڇتاءُ ٿئي ٿو.

**پتي شيوا** :سندس ڊرامن ۾ هڪ ”پتي شيوا“ آهي، جيڪو آغآ حشر جي ڊراما Silver King تان 1920ع ۾ ترجمو آهي. هي ڊرامو حيدرآباد اميچوئر ڊرئميٽڪ سوسائٽيءَ طرفان پيش ٿيو هو. هن ڊرامي ۾ هڪ شرابي مڙس ۽ نيڪ زال جي ڪهاڻي ڏنل آهي. هوءَ پنهنجي ثابت قدميءَ ۽ محبت سان پنهنجي بگڙيل مڙس کي سڌارڻ ۾ ڪامياب وڃي ٿي.

**پڳتي**: سندس اصلوڪو ڊرامو هو، جنهن جو موضوع وطن پرستي ۽ سياسي منظر جي منظر ڪشي ڪري ٿو.

**پريم پڳتي** : نانڪرام 1923ع ۾ آغا حشر جي اردو ناٽڪ ”بلوا منگل“ جو سنڌيءَ ۾ ”پريم پڳتي“ نالي ناٽڪ ترجمو ڪيو. هن ناٽڪ ۾ وئشيائن ۽ انهن جي عاشقن کي سڌارڻ جو سماجي مسئلو پيش ڪيل هو.

**چٽ نہ چماٽ وچان ٿي ڀي وات**: نانڪرام ڏرمداس ميرچنداڻيءَ، شيڪسپيئر جي مشهور ڪاميڊيءَ Taming of the Sherw کي ”چٽ نہ چماٽ، وچائي ڀي وات“ جي نالي سان ڪيو آهي، جيڪو 1913ع ۾ سنڌي ساهتيہ سوسائٽيءَ طرفان شايع ٿيو هو. ناٽڪ جو ٻيو ڇاپو اين ايچ پنجابي ڪمپني، ڪراچي پاران 1933ع ۾ شايع ٿيو، ان کان پوءِ ناٽڪ جي اشاعت جي معلومات نہ ٿي ملي.هي ناٽڪ اختصار سان الٿو ٿيل آهي، جنهن ۾ مترجم موضوع کي هن سٽ مان کنيو آهي تہ:

يلي ياڻ آئي سا بہ نہ يلي
چٽ نہ چماٽ، وچائي ڀي وات

هن ناٽڪ جي باري ۾ پروفيسر منگهارام ملڪاڻي لکي ٿو تہ ”هن دؤر جو پهريون لکندڙ ”حيدرآباد اميچوئر ڊرائميٽڪ سوسائٽي“ جو مکيہ ناٽڪ نويس نانڪرام ڏرمداس هو، جنهن 1922 ۾ شيڪسپيئر جي Taming of the Sherw تان ورتل ”چٽ نہ چماٽ، وچائي ڀي وات“ لکيو ۽ ”سنڌي ساهت سوسائٽي“ ڇپايو هو. ڏنگي زال کي سئين ڪرڻ جي موضوع تي آهي. هيءَ ننڍو ناٽڪ نهايت وندرائيندڙ هو، ۽ 1933 ۾ ڪراچي ڪاليج جي ساليانی جلسي تي

ڪاميابيءَ سان ڪري ڏيکاريو ويو هو. جنهن ۾ پروفيسر رام پنجواڻيءَ زنانو پارٽ ڪيو هو جڏهن ايا ڪاليجي شاگرد هو. هيءُ ناٽڪ ڪجهه پوءِ حيدرآباد ڪاليج ناٽڪ منڊلي وارن به ڪاميابيءَ سان ڪري ڏيکاريو هو. جنهن ۾ ڄيٺي لعلواڻي، رامي ڪلناڻيءَ ۽ روپي مهتاڻي چڱو نالو ڪڍيو هو." (81)

هي ناٽڪ ۾ سيئي ڪردار مقامي ۽ ماحول به سنڌ جو ڏنل آهي. خاص ڪردارن ۾ موهنا، ڪرشنا، ابوجهسنگ، مشتاق، خوشحال، فردوس، ديال ۽ ڪي ٻيا شامل آهن.

**ستي ساوتري:** هندو سماج ۾ "ستي" جي حيثيت ڪي ڏرمي رنگ ڏيئي بدليو ويو آهي. سندس خواهشن ۽ حسرتن ڪي نظر انداز ڪيو ويو آهي. ڏرمداس "ستي ساوتري" ۾ "ستي" ڪي همدردانه انداز ۾ پيش ڪيو آهي. هي ناٽڪ ٽن بابن ۾ 74 صفحن تي مشتمل آهي. هڪ مثال هيٺ ڏجي ٿو:

سڪينا _ تون ته ڪو وڏو اُلو آهين!

چندرسين _ ڇو، پنهنجي ساک ٻڏي توکي حجاب ٿو ٿئي، تنهنجي مٽي پوليءَ جي ته مون اڳيئي هاک ٻڏي آهي.

سڪينا _ ته تڏهن هتي ترسي ڏوڙ پائڻ جو ڪهڙو ضرور اٿئي؟

چندرسين_ سهڻي ڪکر ڪي ڏاڄي ۾ ٻڏي اڏائڻو اٿم ". (82)

**بخيل:** نانڪرام جو 76 صفحن تي مشتمل ڊرامي "بخيل" ۾ دولت جي پوڄارين تي طنز ملي ٿي. مثال:

ڪالي_ چوندو آهيان ته زالن جو عقل ڏائي ڪڙيءَ ۾، خبر اٿئي دنيا جون ٿي پٽيون بيماريون رڳو ڪاڏي مان ٿين ٿيون. پوءِ به هيڏو خرچ ڪريان. آءُ مسڪين پئسو ڪٿان آڻيان. شڪر ڪر جو اهو اٽيو اٿو به اوهان جي نصيب ٿئي ٿو.

اما _ پئسو پئسو ڪري الاجي مسڻ ڪٽي وجبو. الاجي ڪير پٽيان ماڻيندو، حال نه هوندي موذي خلق پيو ڪلائين. پنهنجا ڪپڙا ڏس، شڪل ڏس، جتي ڏس، اندر پيون سونيون مهرون سڙن ". (83)

ڏرمداس جا ڪيترائي ڏرمي موضوعن تي ڊراما لکيل آهن. اهڙن ۾ "پريم پتلي"، "ليلا وتي"، "ڪرشن سڏامو"، "دروپدي"، مهاپارت تان آڌاريل آهن. اهي

سيئي ڊراما ان دور جي عام پسند موجب هندو ڌرم جي هيروز، فڪر ۽ خوف خاطر هر هندو اديب لکيا، جن مان ڌرمداس به هڪ هو.

**سهڻي ميهار:** ڌرمداس جو سنڌي لوڪ داستانن جي حساب سان "سهڻي ميهار" 1946ع ۾ پيش ٿيو. هي ڊرامو مشهور رومانوي داستان سهڻي ميهار تي ٺهيل هو.

"**نيڪ انجام**" هن 1916ع ۾ اردو ڊرامي خواب هستي تان ترجمو ڪيو. مطلب ته ڌرمداس جا سيئي ڊراما سنڌي سماج جو عڪس آهن. هن هر موضوع تي بيشمار ڊراما لکيا. هن جا اصلوڪا ڊراما ۽ ترجما بهترين آهن.

هن ڌرمي موضوعن کان سماجي موضوعن تائين رومانوي قصن کان لوڪ داستانن تائين ڊرامي جو موضوع رکيا. هن جن ڊرامن جو ترجمو ڪيو آهي به منفرد ۽ بهترين آهن. هن جي ڊرامن جا ڊائلاگ، منظر نگاري ۽ ٻولي پڻ بهترين هوندا هئا.

**ليکراج ڪشنچند "عزيز" (1898 – 1971ع)**

ليکراج ولد ڪشنچند "عزيز" ميراڻيءَ جو جنم حيدرآباد ۾ ٿيو. بنيادي طور تي شاعر هو. پر ادبي دنيا ۾ ان کان علاوه بهترين مضمون نگار، نقاد ۽ ڊراما نويس جي حيثيت ۾ نالو ڪمايائين. ذاتي زندگيءَ ۾ هو زميندار هو. سندس ڪيترائي ڪتاب شايع ٿيل آهن. سندس ڊرامن جي سلسلي ۾ اي.جي .اتم لکيو آهي ته "ليکراج عزيز 1931ع کان ٽن سالن ۾ هڪ ٻئي جي پٺيان وڏا ناٽڪ ڪمار اجيت سنگهه" (1931ع)، "غريب مار" (1931ع) "مسٽر مجنون" (1933ع) لکيا ۽ اسٽيج تي پيش ڪيا. انهن ٽنهي ناٽڪن جي ٻولي نهايت سليس ۽ سيپڪ سنڌي اصطلاحن سان ڀرپور ۽ عبارت اهڙي سڌي سئين سهڻي ۽ دلڪش دلچسپ آهي جو جو عجب پيو لڳي ته انهن ناٽڪن لکڻ کان پوءِ عزيز اهڙو ڪيئن ۽ کهڙو ڦيرو آيو جو "ڪليات عزيز" (1938ع) ۾ گهڻن هنڌ سخت پارسي ۽ عربي آميز ٻولي ۽ عبارت ڪم آندي اٿس. مسٽر مجنون ناٽڪ جڳو آڏواڻيءَ جي شراڪت سان جڙيل هو، جيڪو پوءِ بمبئيءَ ۾ وڏو فلمڪار بڻيو هو".[84] ليکراج عزيز چوٿون ڊرامو "هار جيت" (1932ع) لکيو، جيڪو ون ايڪٽ پلي آهي ۽

رومانوي موضوع تي آڌاريل آهي.

**”ڪمار اجيت سنگهه**: راجپوتن جي تاريخ تي آڌاريل هو، جنهن ۾ تاريخي حوالن سان ڪمار اجيت سنگهه جي شخصيت ۽ ڪردار کي اڀاريو ويو هو. هن ڪتاب جي مهاڳ ۾ عزيز لکيو آهي ته ”نيڪيءَ جي بديءَ تي فتح ڏيکارڻ، زماني جي ٽوٽن جو عجيب رنگ ڍنگ ظاهر ڪرڻ ۽ ديس ڀڳت سيناپتيءَ جي تياڳ جي سٺي نتيجي پڌري ڪرڻ جي پنهنجي ٻل ٻڌيءَ آهر ڪوشش ڪئي اٿم“.[85]

**غريب مار**: پڻ هڪ سماجي ڊرامو هو، جنهن کي عشقيه گيتن سان خوبصورت بڻايو ويو هو. ڊرامو ”غريبان مار“ سنڌي سماج جي اهم مسئلي يعني وڏيري جي ظلم ۽ هاريءَ جي مظلوميت بابت آهي. ڳوناٺين هارين ۽ نارين سان زميندار جيڪي ستم ڪن ٿا، ڪشنچند عزيز انهن جو چٽو عڪس ڏنو آهي.

غريبا مار لاءِ خود ”عزيز“ لکيو آهي ته سنڌ جي غريب ڪڙمي ۽ زميندار شاهي جو نقشو، ڳوناٺي ٻوليءَ ۾ چٽي ظاهر ڪيو ويو آهي ته جيئن زبانيون مکان ۽ حال موافق لڳن.

**مسٽر مجنون**: هڪ سماجي ۽ مذاقي ڊرامو هو، جنهن کي عزيز جڳت آڏواڻي سان گڏجي لکيو هو. هن ڊرامي ۾ نئين زماني جي فيشنئبل عاشقن تي طنز ٿيل هئي. هن ڊرامي جا راڳ ليکراج عزيز پاڻ لکيا هئا. هن ڊرامي جو پسمنظر ڪاليج واري زندگيءَ تي مبني آهي. هي ڊرامو 88 صفحن تي پکڙيل آهي. مثال هيٺ ڏجي ٿو:

فقير_ مون توکي اڳيئي چيو. (سندس اکين ۾ وري ٿوچ سان نهاري) تون مجنونءَ جيان ڪنهن ليليٰ جي عشق ۾ گرفتار آهين، بيقرار آهين، سرد آهون پيو پرين، فراق ڪنان اندر جا چاڪ پيا چڪنئي. برابر پر اوهان کي نالي جي ڪيئن خبر پئي؟“.[86]

اي.جي اتم هن ڊرامي بابت لکيو آهي ته ”مسٽر مجنون“ مذاق سان گڏ هڪ سماجي مقصد سان پيريل هو ۽ اهو پيار ۽ شاديءَ جو مسئلو ناٽڪ ۾ شادي، گڏي گڏيءَ جو کيل نه، پر هڪ پوتر سبنڌ ڪري ڏيکاريل آهي. جيئن ناٽڪ جي نائڪا (ليلا)، ناٽڪ جو مجنون (چندر) کي گهر مان لکي پڇي هلي شادي ڪرڻ جي

خواهش جي خوب کل اڏائيندي چوي ٿي:

شادي ڪا گڏي گڏيءَ جي راند ڪانهي، يا ڪو ٺيڪو ڪونهي جو صحي پائڻ سان بحال ٿي پوندو. شادي هڪ اهو پوتر سبنڌ آهي، جنهن کي موت ڏارنن ڪنهنکي ٽوڙڻ جي سمرتي ڪانهي". (87)

مجموعي طور تي ليکراج عزيز جا سيئي ڊراما سماجي، تاريخي ۽ اقتصادي موضوعن تي آهن، جن جي ٻولي مائيدار ۽ محاريدار آهي.

## اڏو جهانگياڻي

اڏو جهانگياڻي جو تعلق حيدرآباد سان هو. هن "ڪاليج اسٽوڊنٽس ڊرئميٽڪ ڪلب"، حيدرآباد طرفان ڪيترائي ڊراما لکيا ۽ پيش ڪيا. اها ڊرائميٽڪ سوسائٽي 1932ع ۾ اڏو جهانگياڻي ۽ سندس دوستن قائم ڪئي هئي. اڏو جهانگياڻي ڊرامن ۾ "قرباني" (1932ع)، "واندو وڪيل" (1932ع)،"انصاف" (1933ع)، "انڌيري دنيا" (1935ع)، "حسينا" (1934ع)، "ڪاليج" (1935ع)، "جهانگير" (1935ع)، "پروفيسر" (1936ع)، "اميد" (1937ع)، "سچي" (1938ع)، "ديوداس" (1939) ۽ "اڄ ڪلهہ" (1940ع) اهم آهن. انهيءَ ڪان سواءِ هن صاحب ٽيهہ کن هڪ ايڪٽ ڊراما ۽ ٻہ انگريزي ڊراما بہ لکيا. هو ڊرامانگاريءَ جي فن ۾ وڏو ڄاڻو هو. سندس ڪاميڊي ڊراما وڏيڪ مشهور ٿيا.

سندس باري ۾ ڊاڪٽر پريم پرڪاش لکي ٿو تہ "هن جا سيئي ناٽڪ چالو زماني جي ناٽڪ جهڙا سطحي هوندا هئا. انهن مان وري قرباني ۽ انصاف ناٽڪن جي وشيہ جو قدر سماجڪي هو. جهانگير تاريخي داستانن تي ٻڌل هو. سندس وڏيڪ "لوڪپرين" ۽ سنڌ ۾ وڏ ۾ وڏ منچ تي آيل 20 دفعا "اڄڪلهہ" ناٽڪ هو". (88)

## چيتانند نانگراڻي (1903_1985ع)

چيتانند نانگراڻي جو جنم شڪارپور ۾ ٿيو. هو نہ صرف سٺو ڊراما نگار هو پر سٺو اداڪار ۽ پروڊيوسر پڻ هو. چيتانند ناگراڻيءَ کي جيڪڏهن "سنڌ جو چارلي" سڏجي تہ ڪوبہ وڌُ اءِ نہ ٿيندو. شاعريءَ ۾ "مولائي" تخلص اختيار

ڪيائين. پاڻ "سنڌي سڌار سوسائٽي" جي باني ميمبرن مان هڪ هو. انهيءَ نسبت سان حڪيم فتح محمد سيوهاڻيءَ جو به ساٿي ٿي رهيو.

هن ڊرامي جي سلسلي ۾ پنهنجو الڳ اسٽائيل پيدا ڪيو. هن جي پهرين ڊرامي "فسادي ڦوڪٽو" 1933ع ۾ وڏي شهرت حاصل ڪئي. 1942ع ۾ هن صاحب پروفيسر رام پنجواڻي سان گڏجي "ڊي جي ڪاليج سرسوتي" قائم ڪئي. هن منڊلي طرفان ڄيٺانند جا "گامتو" سلسلي وارا طنزيه ۽ طربيه ڊراما پيش ڪيا. انهن ڊرامن ۾ "گامتو ايڊيٽر" (1942ع)، "گامتو ڊاڪٽر" (1943ع)، "گامتو فلمي ڪمپني" (1942ع)، "گامتو ايم – ايل – اي" (1944ع) ۽ "گامتو گهوٽ" (1944ع)، "گامتو بئرسٽر"، "گامتو ٻانيڻ" اهم هئا.

هنن ڊرامن تي نظر وجهڻ سان خبر پوي ٿي ته زندگيءَ جي هر شعبي سان تعلق رکندڙ پيشي تي مزاحيه انداز ۾ سچ چيو آهي. هن سماجي براين تي سخت چوٽون ڪيون آهن. ان سلسلي ۾ هڪ ڊاڪٽر، ايڊيٽر يا بئريسٽر جو ڇا ڪردار هجڻ گهرجي. پروفيسر منگهارام ملڪاڻي مطابق "هن دور ۾ ڄيٺانند نانگراڻيءَ جا گامتو سلسلي وارا ناٽڪ، ڪلائيندڙ ۽ اصلوڪا ليکيا وڃن ٿا، جيڪي لکندڙ پاڻ ڪري ڏيکاريندو هو ۽ منجهن رام پنجواڻي جوڙيدار ٿي مکيه پارٽ بخوبي ادا ڪندو هو". (89)

ڄيٺانند نانگراڻي ورهاڱي کان پوءِ هندستان هليو ويو، جتي پڻ ساڳي سلسلي جا ٻيا به ڊراما لکيائين. سندس ڊرامن جو ڪتاب "چورنگي" 1950ع ۾ شايع ٿيو. هن ڪتاب لاءِ ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو لکي ٿو ته "هن ۾ گامتو ڊاڪٽر ۽ گامتو گهوٽ آنڌل آهن. ڊراما اسٽيج ٿيل آهن. نانگراڻيءَ جو سماجي اوڻاين کي ظاهر ڪرڻ ۽ انهن تي تنقيد ڪرڻ جو اندازو تکو ۽ مزاحيه آهي". (90)

انهن سيني مزاحيه ڊرامن لاءِ نانگراڻي پاڻ چيو هو ته "ڊرامو زندگيءَ جي تصوير آهي، مگر ڪا هڪ زنده دلي جي." هئي ڪي رئارئڻ سولو مگر ڪلائڻ ڏکيو. منهنجو موٽو Motto آمريڪن جرنلسٽ Bernard Macfadden وارو:

Laugh and the world laughs with you weep, and you weep alone.

سندس ڊرامي گامتو بئرسٽر مان مثال ڏجي ٿو:

رامچند_ منهنجي نصيب جو هي ڦاٽڪ بند ٿي ويو. گانڌيءَ وڏو آهي گوڙ، قصو تنگ ٿي ويو. وڪيل وڏي ويا. نہ اصيلن جو ڪو چاڙهو، اف گامتو وڪيلن جو گند ٿي ويو. God bless my stars جي ويهين صدي تہ نہ آهي صرف موچڙن کائڻ جو سمو آهي.Commrade کهڙي نہ افسوس جي ڳالهہ آهي جو مون جهڙو قابل، جهانديده ۽ آزمود گار وڪيل جي آفيس ۾ گذريل ٽن سالن ۾ ڪنهن ڪمبخت اصيل پير ئي ڪو نہ پاتو آهي. تنهن ڪري لاچار دل پرچائڻ لاءِ گهر ۾ ٻجبو پائي پيتين اڳيان تقريرون ڪندو آهيان". (91)

## چاندومل ڪتري (1880_1950ع)

چاندومل منگهن مل ڪتري جو جنم شڪارپور ۾ ٿيو.چاندومل ڪتري سنڌ جي انهن ناٽڪ نويس مان هو، جن اتر سنڌ ۾ ناٽڪ نويسي کي مقبول ڪيو. هن ڌرم اپڪار ڊرئميٽڪ سوسائٽي شڪارپور طرفان ڪيترائي ڊراما پيش ڪيا. هن اڪثر اصلوڪا ڊراما لکيا. سندس ڊرامن ۾ "چندرا" (1917ع)، "مهجور" (1917ع)، "منوهر موهني" (1917ع)، "وهمي ڪمار" (1918ع)، "نل دمينتي" (1919ع)، "نول ڪشور" (1918ع) شامل آهن.

سندس ڊراما همعصر دور جي عڪاسي ڪن ٿا. سندس وڏو مقصد ڏسندڙن کي طنز و مزاح ۾ حقيت ڏيکارڻ هو. سندس اڪثر ڊراما طربيہ هئا، جن وسيلي هن تماشائين کي خوب کلايو. پروفيسر منگهارام ملڪاڻي مطابق "اهي ناٽڪ نالي ڪري برابر پنگتي هئا، پر ساڌارڻ جيوت جو چٽ منجهن ڪو چٽيل هو، جنهن مان ڪي پرائجي، باقي پستول بازي يا پيا هولناڪ حادثا منجهن جام هوندا هئا". (92)

## عثمان علي انصاري ( 1901_ 1962ع)

عثمان علي انصاري ولد هدايت علي جو جنم شڪارپور ۾ ٿيو. سندس سڄاڻپ گهڻ رخي آهي. هو شاهہ ۽ سچل جو شارح هئڻ سان گڏوگڏ مضمون نگار، افسانہ نگار، ترجمي نگار ۽ ڊراما نويس هو.عثمان انصاري شيڪسپيئر جي ناٽڪن کان وينڊي فلسفي جا ڪتاب ترجمو ڪيا. انصاري صاحب شيڪسپيئر جي ناٽڪ Cymbline جو ترجمو "جرم وفا" (1937ع) ۽ Two

Gentlemen of Verona جو ترجمو ”گمراھ دوست“ جي نالي سان ڪيو. عثمان علي انصاري تعليم ۾ ناٽڪ جي اهميت کان واقف هو. ان سلسلي ۾ ڊاڪٽر محمد يوسف پنهور لکي ٿو تہ ” ”1940ع ڌاري عثمان علي انصاري جڏهن ساهتي هاءِ اسڪول جو هيڊ ماستر هو، تڏهن سندس سرپرستيءَ هيٺ ”ساهتي ڊرئميٽڪ سوسائٽي“ قائم ٿي. هن سوسائٽيءَ انصاري صاحب جا ترجمو ڪيل شيڪسپيئر جا ٻہ ناٽڪ ’جرم وفا‘ ۽ ’گمراھ دوست‘ اسٽيج تي پيش ڪيا هئا جن ۾ حصو وٺندڙ اداڪار اسڪول جا شاگرد هئا“.(93)

پاڻ شيڪسپيئر جي ناٽڪ Cymbeline جو ترجمو ”جرمِ وفا“ جي نالي سان ڪيائين. عثمان علي انصاريءَ هن ناٽڪ جي ترجمي جو نالو جيتوڻيڪ مضمون مطابق رکيو آهي، پر سنڌ تاءَ توڙي ڪردارن جي نالن ۾ ڪا بہ ڦير ڦار ڪا نہ ڪئي اٿس، ايتري قدر جا ڪردار جا ساڳيا مغربي نالا رکيا اٿس. هن ۾ پنج ائڪٽ (Acts) آهن ۽ هر هڪ ۾ مختلف سين (Scene) آهن. شيڪسپيئر جو اصل ناٽڪ بہ پنجن ائڪٽن تي مشتمل آهي. 184 صفحن تي، ميرپور خاص پرٽنگ پريس مان 1937ع ۾ شايع ٿيو.

عثمان علي انصاريءَ مڪالما نهايت آسان زبان ۾ لکيا آهن. ناٽڪ تمام سليس ۽ دلچسپ بنجي پيو آهي. ڊاڪٽر پريم پرڪاش لکيو آهي تہ ”سليس ٻولي، دلچسپ ۽ عام فهم عبارت ۽ معقول ڪردارنگاريءَ جي خيال کان سڄو الٿو هو ۽ پڻ منجهس ڪيترن اخلاقي نڪتن تي روشني وڌي ويئي هئي، جيئن قوم، ۽ ملڪ تان قربان ٿيڻ، آزادي لاءِ چاھ وغيره“.(94) جڏهن تہ ڊاڪٽر غلام رسول بلوچ لکيو آهي تہ ”عبارت جي لحاظ هيءُ ڊراما نهايت سليس، سهنجو ۽ دلپسند ٻولءَ ۾ لکيل آهي. هر هنڌ اصطلاح ۽ چوڻيون ۽ پهاڪا ڪم آندل آهن، جن ڊراما جي سونهن ۾ اضافو آندو آهي. گفتگو ۽ طرز تحرير جي لحاظ کان هيءُ ڊراما بيمثل آهي. وقت ۽ ماحول موجب ڪردارن کان گفتگو ڪرائي وئي آهي، ۽ مختلف اخلاقي ۽ اصلاحي نقطن مثال طور قومي جذبو، آزاديءَ تمنا، قوم لاءِ قرباني وغيره جي اپٽار سهڻيءَ سنڌيءَ ۾ ڪيل آهي“.(95)

عثمان علي انصاري Two Gentlemen of Verona جو ترجمو ”گمراھ دوست“ جي نالي سان 1838ع ۾ ڪيو. هي ناٽڪ بہ بهترين نمونی ترجمو ٿيل آهي. عثمان علي انصاري ناٽڪ جي نالي ۾ تبديلي آندي آهي، پر ڪردان جا نالا ساڳيا مغربي آندا اٿائين. سندس ٻولي سهڻي ۽ سلوڻي آهي.

هن ترجمي لاءِ پروفيسر منگهارام ملڪاڻي لکيو آهي تہ:”هن صاحب ناٽڪن جا نالا جيتوڻيڪ ڏيهي رکيا، تہ بہ انهن جي ڪردارن جا نالا ساڳيا مغربي رکيائين. عبارت جي لحاظ کان هي ڪيل پڙهڻ وٽان آهي ۽ انصاري صاحب جي نظر هيٺ ٻئي سهاتيءَ ۾ اسڪولي شاگردن ڪري ڏيکاريا هئا۽ چڱا پسند پيا هئا“.(96)

هي ناٽڪ درصل وئلنتائين ۽ پروٽيوئس جي دوستي جي ڪهاڻي آهي، جنهن ۾ وئلنتائين هڪ سچو ۽ کرو دوست جڏهن تہ پروٽيوئس کي گمراھ دوست ڄاڻايو ويو آهي. ناٽڪ جي پهرين سين ۾ وئلنتائين ۽ پروٽيوئس جي هڪٻئي کان الڳ ٿيڻ کي مترجم هن ريت پيش ڪيو آهي:

انصاري صاحب، ٻنهي ڊرامن جي رٿائن کي هوبهو شيڪسپيئر جي انگريزي ڊرامن وانگر بهاريندي، مغرب جي هن عظيم ڊراما نگار جي اعليٰ ۽ آدرشي خيالن کي سنڌيءَ خوب پلٽيو آهي. ڪيئي نصحيت ڀريون ڳالهيون ۽ اخلاقي توڙي اصلاحي نڪتا سٽائن ۾ نروار ڪيا اٿس.

**جهمتمل ٽڏاڻي**

جهمتمل وليرام ٽڏاڻي جو تعلق ڪراچي سان هو. هن سنڌي ڊرامي جي ترقي ۾ پڻ پنهنجو خوب حق ادا ڪيو. هن ڪجھ اصلوڪا ڊراما لکيا ۽ ڪجھ انگريزي مان ترجمو ڪيائين. سندس ڊرامن ۾ ”ڪملا “ (1935ع)، ”مڪر“ (1926ع)، ۽ ”موذي“ شامل آهن. ”ڪملا“ هڪ پنگتي عورت جي زندگيءَ تي ٻڌل چڱو ڊرامو آهي. ”مڪر“ انگريزي مان Love is the Best Doctor جو ترجمو آهي. هي هڪ مزاحيہ رومانوي ڊرامو آهي. ”موذي“ انگريزي تان The Miser جو ترجمو آهي.

**خوشيرام واسواڻي (1911– 2002ع)**

خوشيرام جو جنم ضلعي نوشهرو فيروز ۾ ٿيو. هن ٽي اهم ڊراما لکيا، جن

۾ ”ڏوهاري ڪير“ (1938ع)، ”استري آزادي“ (1944ع) ۽ ”عجيب آهي هيءَ ڪاليج ايڊيوڪيشن“ (1938ع) شامل آهن. ”ڏوهاري ڪير“ هڪ سماجي موضوع تي ڊرامو آهي. جنهن ۾ ڏيتي ليتي واري مسئلي کي هڪ نئين انداز ۾ پيش ڪيو ويو آهي. ”استري آزادي“ عورت جي تعليم، سنڌي سماج جي دقيانوسي رسمن مان آزادي تي لکيو ويو آهي.”استري آزادي“ ٽن ڇهڇٽن وارو ٿورو وڏو ناٽڪ هو استري واري اهم مسئلي تي ناٽڪ هو، پر منجهس پڇاڙي ۾ سنسنيخيز عنصر پريل هو.

”عجيب آهي هي ڪاليج ايڊويوڪيشن“ پنهنجي نالي مان موضوع جي سڃاڻپ ڪرائي ٿي. ڪاليج جي پڙهائي، هاسٽل جي آواره زندگي، آزادي وغيره سڀ ان ۾ اچي وڃن ٿا.

**پروفيسر رام پنجواڻي (1911 – 1987ع)**

پروفيسر رام پرتاب راءِ پنجواڻيءَ جو جنم لاڙڪاڻي شهر ۾ ٿيو. هو ڊي ـ جي ڪاليج ڪراچيءَ ۾ ”سنڌي ادب“ جو پروفيسر هو. رام پنجواڻي اعليٰ درجي جو ناول نويس، ڪهاڻيڪار، ناٽڪ نويس، مضمون نگار ۽ شاعر هو. ان کان علاوه افسانن ۽ مضمونن جا به ڪيترائي ڪتاب شايع ٿيل اٿس. پروفيسر پنجواڻي جون سنڌي ڊرامي جي ترقي ۾ به تمام وسيع خدمتون آهن. هڪ طرف هن ڊي ـ جي ڪاليج ۾ استادن ۽ شاگردن سان گڏجي ناٽڪ منڊليون قائم ڪيون، ٻئي طرف هن اسٽيج ڊرامن ۾ بحيثيت اداڪار ۽ گلوڪار طور ڪم ڪيو. ٽئين طرف هن ڪيترائي ڊراما پڻ لکيا.

ڊاڪٽر قاسم راڄپر لکي ٿو ته ”شاهه جي شاعريءَ جي بنياد تي سنڌيءَ ۾ لوڪ ناٽڪ لکڻ جي پختي روايت سدا حيات پروفيسر رام پنجواڻيءَ وڌي. هن 1941ع ۾ ڊي جي سنڌ ڪاليج جي پرنسپال ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جي چوڻ تي ڪاليج جي غريب شاگردن جي مالي سهائتا لاءِ هڪ ناٽڪ ”مومل راڻو“ هڪ اندر لکي اسٽيج تي آندو. جنهن جون هدايتون ڪاليج جي استادن هيرانند ۽ منگهارام ملڪاڻيءَ ڏنيون. هن ناٽڪ ۾ مومل جو ڪردار ڪاليج جي شاگردياڻي مئنا واسواڻيءَ ادا ڪيو هو، جنهن شاهه جا بيت ۽ وايون سريلي آواز

۾ ڳايون. راڻي جو ڪردار ڪملا ڪرپلاڻيءَ مرداڻي انداز ۾ ڪيو. رُڪَ آڏواڻي سومل بڻي. رام پنجواڻيءَ شاھ جي شاعريءَ جي روشنيءَ ۾ ٻيو ناٽڪ لوڪ داستان ”عمر مارئي“ تي ”پکي ۽ پدمڻي“ جي نالي سان لکيو. جيڪو 1943ع ۾ ڪاليج جي شاگرديائڻين پنجواڻي صاحب جي ”سنڌي سرڪل“ جي پليٽ فارم تان سنڌس ئي هدايتڪاريءَ ۾ ڪري ڏيکاريو. جنهن ۾ عمر جو ڪردار مئنا، مارئي جو ڪردار ڪملا ٿڌاڻيءَ ادا ڪيو هو. هن ناٽڪ ۾ رام پنجواڻيءَ ڀڳت جي روپ ۾ ڀٽائيءَ جي شاعري موهيندڙ انداز ۾ ڳائي هئي. ننڍي کنڊ جي ورهاڱي جي هلچل تيز ٿيڻ سبب هن دؤر ۾ ناٽڪ سرجڻ گهٽجي ويا ۽ ورهاڱي کان اڳ 1946ع ۾ نانڪرام ڌرمداس لوڪ ناٽڪ ”سهڻي ميهار“ لکيو. جيڪو ماهوار ”ڀارت جيون“ حيدرآباد ۾ شايع ٿيو. ورهاڱي کان اڳ سنڌ ۾ آخري لوڪ ناٽڪ ”سسئي رُل مئي“ لعل چند امر ڏني مل 1946ع ۾ لکيو. جيڪو ”مهراڻ مخزن“ ڪراچيءَ ۾ شايع ٿيو. هند ۾ سنڌي ناٽڪ کي ٻيهر جيئارڻ جي ڪوشش بہ لطيف جي نالي سان رام پنجواڻيءَ ڪئي. هن سنڌ ۾ شاھ جي سٽن ئي سورمين تي لکيل پنهنجا ناٽڪ پناهگير ڪئمپن ۾ آباد سنڌين کي هٿ جي ٺهيل اسٽيج تي ڪري ڏيکاريا. ايئن لطيف جي ڪلام وسيلي وندرائي هن سنڌين جي ڏکن جو بار هلڪو ڪيو. ورهاڱي کانپوءِ ڀارت ۾ سنڌي ناٽڪن جو پهريون مجموعو رام پنجواڻيءَ جو ”سنڌ جون ست ڪهاڻيون“ 1952ع ۾ شايع ٿيو. جيڪو گهڻي ڀاڱي سنڌ ۾ ئي لکيو ويو هو. ان ۾ شاھ جي سٽن ئي سورمين کي سنڌس ڪلام جي روشنيءَ ۾ ڊراما ئي روپ ۾ اسٽيج تي پيش ڪرڻ جو بندوبست ڪيو ويو. ساڳئي سال جئہ هند ڪاليج سنڌي سرڪل، بمبئيءَ پاران اهي ست ئي سورميون اسٽيج تي بہ آيون“. (97)

سندس ٻين ڊرامن ۾ ”يورپ جاتي“، ”ياد ڪندا“ (1968ع)، ”تياڳ ۽ مڪتي“ (1968ع)، ”آيو نئون زمانو“ (1976ع) جهڙا شاهڪار ڊراما لکيائين. هنن ڊرامن لاءِ پريم پرڪاش لکي ٿو تہ ”هنن ناٽڪن ۾ پنجواڻي صاحب جي طرفان ناٽڪي رنگ، قصي جي ترتيب ۽ اوسر ڪردار زنده ڪرڻ ۽ ڪردار نگاري،

گفتگو ۽ ان جو نثر يعني ٻولي ۽ عبارت ۽ ان کان سواءِ جت جت اصل ڪهاڻي ۾ يا شاهه جي شعري ڪهاڻي، ناٽڪي رنگ ڏيندي، ڪنهن بدل سدل جي ضرورت محسوس ٿي آهي. هن ڪئي آهي "تياڳ ۽ مڪتي" (1978ع) ۾ ٻڌ مذهب جي ڦهلاءُ جو سمورو ذڪر ڪيو آهي. گوتم ٻڌ جي زندگيءَ جو خاڪو پيش ڪيو آهي. هن ڊرامن کي پڙهڻ کان پوءِ گوتم ٻڌ جي زندگي ۽ مذهبي ويچار آساني سان سمجهه ۾ اچي ويندا. اهڙي طرح سندس ڊرامو "آيو نئون زمانو (1978ع)" نئين زماني جي روش تي ٻڌل آهي". (98)

## پروفيسر منگهارام ملڪاڻي (1896_1980ع)

"پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ جو جنم حيدرآباد سنڌ ۾ ٿيو. سنڌي ڊرامي جي ترقيءَ ۾ سندس تمام وڏو ڪردار آهي. هن شاگرديءَ جي زماني ۾ ڊي. جي ڪاليج ڊرئميٽڪ سوسائٽيءَ کي ٻيهر جياريو. حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ ۾ ڪم ڪندڙ سيني ڊراما جي ڪلبن سان سندس تعاون هوندو هو. 1930ع ۾ سنڌي ننڍو ناٽڪ نئين روپ ۾ سامهون آيو. جنهن کي يڪ فصلو يا ايڪانڪي طور سڃاتو ويو. سنڌي ننڍي ناٽڪ جو اهو روپ هنديءَ جي يڪبابي ۽ انگريزيءَ جي (One Act Play) جهڙو ئي هو. فني توڙي عملي حوالي سان حقيقت جي گهڻو ويجهو هو. ان نئين انداز جو باني منگها رام ملڪاڻي هو. خانچند ۽ منگهارام، بزرگ اديبن لالچند امرڏنومل، ڄيٺمل پرسرام ۽ هيرانند آڏواڻيءَ جي ساٿ ۽ سهڪار سان 1923ع ۾ "رابندر ناٿ لٽرري ۽ ڊرئميٽڪ ڪلب" حيدرآباد ۾ برپا ڪئي. جنهن جو مهورت رابندر ناٿ ٽئگور پاڻ پنهنجن هٿن سان ڪيو". (99) پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ خوب محنت ڪئي. ان ۾ ٽئگور جون ڪوتائون پڙهيون ويون ۽ ٽئگور جي مشهور ناٽڪ "چترا" جو هڪ نظارو ڏيکاريو ويو ۽ سنڌي مزاحيه ڇهچٽو به ان پروگرام ۾ شامل ڪيو ويو. جنهن ۾ هن پاڻ پارٽ ادا ڪيو. جلسو ڪامياب ويو ۽ ٽئگور کيس پاڻ وٽ گهرائي، سندس ائڪٽنگ جي ساراهه ڪئي. رابندر ناٿ لٽرري ۽ ڊرئميٽڪ سوسائٽي، اهو پروگرام اڪيڊمي اسڪول جي جيڪب هال حيدرآباد ۾ ٽئگور جي آڏو پيش ڪيو. منگهارام ملڪاڻيءَ جي چوڻ موجب "ٽئگور جهڙي اعليٰ هستيءَ جي اڳيان ڪلچرل

پروگرام ڊيڪارڻ لاءِ جگر ڪپندو هو. پردو متي ڪنيو تہ پوءِ ڇا ٿيو، ان جي منگھارام کي ڪا خبر نہ پئي. اسمر پنيان اسم ٿيندو رهيو ۽ هال ۾ تاڙين جو ٺهڪو پوندو رهيو. ٻئي ڏينهن ڇيتمل پرسرام، منگھارام کي نياپو موڪليو تہ ٽئگور توسان ۽ ٿهلرام آڏواڻيءَ سان ملڻ چاهي ٿو. ٿهلرام ناٽڪ ۾ زنانو ڪردار ادا ڪيو هو. ٽئگور ٻنهي جي ڪم جي ساراهہ ڪئي ۽ ڪين پاڻ سان گڏ نيرن بہ ڪرائي. ڪچهري ڪندي گرديو ڪين چيو تہ، "اوهان جو سنڌيءَ ۾ ڪلائينڊڙ نقل بہ پسند پيم. ٻوليءَ سمجهڻ ڪانسواءِ بہ مطلب سمجهي ويس ۽ خوب ڪليم حيدرآباد جي ماڻهن ڪان موڪلاڻي ڪندي چيائين: شال ناٽڪ منڊلي وڌي ويجهي، منهنجي آسيس اٿوَ." (100)

هن ڪلب لاءِ، منگھارام ملڪاڻي ڪيترائي ڊراما لکيا. جنهن جا مشهور ريل وڏا ناٽڪ چار هئا جهڙوڪ: قسمت، ايڪتا جو آلاپ، ڪن جي خطا ۽ انارڪلي اهم آهن. پروفيسر منگھارام ملڪاڻيءَ، صرف ڪلب تائين محدود ڪو نہ هو. پر سوسائٽيءَ طرفان جيڪي ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ ليڪچر پروگرام ٿيندا هئا، انهن ۾ بہ سندس ڪردار اڳرو هوندو هو. هن ڊرامي بابت ڪيترائي ليڪچر ڏنا، ورڪشاپ ڪرايا ۽ شاگرد پيدا ڪيا.

لالچند امرڏنو مل جڳتياڻي سڄي عمر سنڌي ادب جي خدمت ڪيائين. جڏهن ٽئگور، حيدرآباد ۾ آيو تہ لالچند امرڏنو مل، ان پروگرام ۾ پيش پيش هو. هو ٽئگور ڪان انتهائي متاثر هو ۽ سندس ڪتاب "سدا گلاب" ٽئگور جي ڪتاب "باغبان" (Gardner) جي نثري نظمن جو نثري ترجمو آهي. هن ڪلب لاءِ لالچند امرڏنومل پڻ 'عمر مارئي' ڊرامو لکيو جيڪو 1925ع ۾ ڏهہ ٻارهن راتيون ڏيکاريو ويو هو. سندس ٻين ڊرامن ۾ "سسئي پنهون" (1925ع)، "سهڻي ميهار" (1925ع)، پڻ هن ڪلب طرفان پيش ٿيا. ان ڪان سواءِ هن ڪلب لاءِ احمد غلام علي چاڳلا 'خوني' ۽ آغا غلام نبي 'دنيا دورنگي' ڊراما بہ ڪلب طرفان بار بار استيج ٿيا. غلام علي چاڳلا، هن ڪلب جو موسيقيءَ جو هدايتڪار ۽ برڪ سنگيت ڪار هو. صاحب سنگهہ چندا سنگهہ شهاڻي 1896ع ۾ ڊي جي ڪاليج ۾ انگريزيءَ جو پروفيسر هو. 1917 ڪان 1927ع تائين ڪاليج جو پرنسيپال

رهيو. ڊرامي جي ترقيءَ لاءِ گهڻيون ڪوششون ڪيائين ۽ هو ٽئگور سوسائٽيءَ جو ميمبر هو ۽ ڪيترائي ليڪچر ڏنائين.

. سندس ڊرامن ۾ "ايڪتا جو آلاپ" (ڊرامو، ترجمو)، "جوانيءَ جا جذبا ۽ پيري جون يادون" (1973ع)، "ڪن جي خطا" (ڊرامو)، "انارڪلي" (ڊرامو)، "پنج ننڍا ناٽڪ" (1938ع)، "پنگتي پردا" (ننڍا ناٽڪ)، "جيون ڇهڇٽا" (ننڍا ناٽڪ 1957ع)، "پاپ ڪين پڇ" (ڊراما 1962ع)، "ڪڙ ڪيڙتا پيا تمڪن" (ڊرامو 1967ع)، "آخرين پيٽ" (ڊراما 1975ع) ۽ "سمنڊ جي گجڪار" (ڊرامو) ڊراما شامل آهن.

پروفيسر منگهارام ملڪاڻي ناٽڪ منڊليون بہ قائم ڪيون، ڊراما بہ لکيا، انهن ۾ اداڪاري بہ ڪئي، ڊرامن تي تنقيد بہ لکيائين. سڀ کان وڏي ڳالھ اها آهي تہ هن وڏن ڊرامن جي جاءِ تي ايڪانڪي ڊراما (One Act Plays) جو سنڌي ۾ بنياد وڌو. ان نسبت سان پروفيسر صاحب پاڻ پنهنجي ڪتاب "سنڌي نثر جي تاريخ" ۾ ورهاڱي کان اڳ واري ننڍي ناٽڪ بابت لکي ٿو، ". . . آءٌ سمجهان ٿو تہ ننڍي ناٽڪ جي ميدان ۾ آءٌ اڪيلو لکندڙ آهيان، جنهن گنڀير طور گهرو، پنگتي ۽ قومي مسئلن تي 20 – 25 ننڍا ناٽڪ جوڙي، سنڌي يڪ فصل ناٽڪ کي سماجي سڌاري جو واهڻ بڻايو آهي. منجهن بناوت جي قاعدن جي بہ پوري پوئواري ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي، جيئن ٿوري ۾ ٿورن واقعن، نظارن ۽ ڪردارن ۽ ننڍين سياويڪ زبانن مان صرفي سان ڪو خاص ڪنيل مطلب چٽي اچي." هو وان ۾ وڌيڪ لکي ٿو تہ پنهنجن ناٽڪن "مان ڪي مون اسٽيج تي بہ ڪري ڏيکاريا هئا، جن ۾ پاڻ بہ پارٽ ڪندو هوس ۽ جن کي ڪي ناظرين بردباريءَ سان سماجي نڪتچيني ڪرڻ لاءِ ساراهيندا هئا، تہ ڪي بي شرمائيءَ ۽ اگهاڙپ لاءِ حرف بہ چٽيندا هئا". (1001)

سندس ڊرامن ۾ "قسمت" (1927ع)، "ايڪتا جو الاپ" (1929ع)، "ڪن جي خطا" (1930ع)، "پاپ جو ڪيتو" (1930ع)، "نا خلف" (1931ع)، "اولاد" (1932ع)، "بہ باهيون" (1933ع)، "سمنڊ جي گجڪاد" (1933ع)، "ميلاپ" (1934ع)، "ضعيف انسان" (1934ع)، "ٽي پارٽي" (1935ع)، "دل ۽ دماغ" (1935ع)، "انارڪلي" (1937ع)، "پريت جي ريت" (1937ع)، "بٽئي"

(1937ع)، ”اڪيلي دل“ (1938ع)، ”ٻي زال“ (1938ع)، ”ٻه ڀينر“ (1938ع)، ”ماتا جي مامتا“ (1938ع)، ”دلسوز داستان“ (1939ع)، ”ليڊيز ڪلب“ (1939ع)، ”پتا جو پاپ“ (1939ع)، ”ڪوڙي ڪلينڪ“ (1940ع)، ”ٻئراج“ (1940ع)، ”شانتا“ (1943ع) وغيره اهم آهن. ورهاڱي کان پوءِ به ڪيترائي ڊراما لکيائين.

سندس ڊرامن لاءِ ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي لکيو آهي ته ”ملڪاڻي هن فن جو يگانو آهي. هندستان ۾ ٻيا به ناٽڪ لکن ٻيا پر انهن جي فن توڙي مسئلن جي چنبچاڻ جي لحاظ کان ڪو به ملڪاڻي صاحب جي مقابلي جو نه آهي. ”ملڪاڻي صاحب جي ڊرامن جي گهڻائي سماجي مسئلن تي مبني آهن. هن جي ڊرامن جي خاص ڳالهه معاشري جا سچا ڪردار آهن. هي ڪردارن جي گهرن ۾ گهڙي ٿو. گهرن ۾ ٿيندڙ ننڍا ننڍا جهيڙا ۽ ساڙ به هن جو موضوع ٿين ٿا. جڏهن ڪردار جي ذاتي زندگي ۾ گهڙي ٿو ته ماٽيجي ماءُ جو ورتاءُ، سڪڻو هٺ ۽ نماءُ، پٽ جي شاديءَ کان پوءِ زال جو ٿي وڃڻ، سس نڻان جو جهيڙو، ٻي شادي، عورتن ۾ حسد ۽ ٻيا ڪيترائي موضوع هن جي ڊرامن جو حصو آهن.“ (102)

**ٻي زال**: منگهارام ملڪاڻيءَ ”ٻي زال“ جي عنوان سان هڪ ڊرامو لکيو هو. هن ڊرامي ۾ ڄاڻائي ٿو ته هڪ ڪراڙو نوجوان نينگري سان شادي ٿو ڪري. هو نه فقط پنهنجن ننڍن ٻارن کي دکي ٿو بنائي، پر نوجوان پٽ هوندي، نوجوان زال گهر ۾ آڻڻ سان وڏو خطرو اهو ٿو ٿي سگهي، جو ماءُ ۽ ماٽيجو پٽ هڪ ٻئي سان پيار ۾ ڦاسجي وڃن ٿا. ماٽيجي ماءُ جي ورتاءَ، سڪڻو هٺ ۽ نماءُ ڪرڻ، پٽ پرڻيو ته زال جو مڃو ٿيڻ ۽ اهڙن ٻين موضوعن تي منگهارام ملڪاڻيءَ پنج ناٽڪ چونڊي هڪ مجموعي جي صورت ۾ ڇپايا هئا. اهي ڊراما هئا: ”پاپ ڪين پڇ“، ”ٻه باهيون“ (هن ۾ ماٽيجي جي ماءُ کي اگري نموني ڏيکاريو ويو آهي) ۽ ”ٽي پارٽي“. ڊرامي ۾ سڪڻي هٺ ۽ ٺانءِ جو اظهار ڪيل آهي ۽ سڪڻي ڏيک – ويک جو منظر ڏيکاريل آهي. اهڙيءَ طرح ”پريت جي ريت“ ۾ ڏيکاريل آهي ته پٽ پرڻيو ۽ زال جو مڃو ٿيو. زال ڇڪيندي مڙس کي ۽ ماءُ چوندي، ”ڇورو ڇوڪريءَ ڇڪي پنهنجو ڪري ڇڏيو“. سنڌي سماج ۾ اهڙا ڪئين مثال ملن ٿا.

**ٻه پينر:** سنڌي ڊرامن ۾ هڪ مسئلو هي به اٿاريو آهي، جنهن ۾ ٻڌايو ويو آهي ته گهرن ۾ اچي ڇوڪرين کي ٽيوشن ڏيندڙ ماسترن ۽ ڇوڪرين ۾ ميل جول وڌي ٿو. ان ڏس ۾ هن ڊرامي ۾ هن مسئلي تي لکيو ويو آهي، جنهن ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته ماستر، جيڪي گهرن ۾ اچي ڇوڪرين کي تعليم ڏين ٿا ۽ ساڻن لهه وچڙ ۾ اچن ٿا، انهيءَ مان انيڪ مسئلا پيدا ٿين ٿا، ڇو ته سڀ ماستر سنت ته ڪونهن، پر اهي به عام انسان آهن، جن جي اندر دليون آهن. پوءِ پاڙهيندي ۽ پڙهندي، جي استاد ۽ شاگرديائيءَ جون دليون اٽڪي ويون ته ان ۾ ڪا اربع خطا ڪانهي، بشرطيڪ مائٽ اڪيون پوري نه ويهن ۽ آگاهه هجن ته اهڙو سنڌ سچو ۽ ابرودار آهي يا صرف جسماني ڪشش وارو. هي مسئلا اڄ به آهن ۽ اڄ به سماج جو موضوع بڻيل آهي.

**اولاد:** سندس ڊرامي "اولاد" ۾ وچولي طبقي جي جوڙي جي گهڻن ٻارن ڄڻڻ واري مسئلي کي ڏيکاريو ويو آهي. "ميلاپ" ۾ سنڌين خلاف غير سنڌين جي پيد ڀاءَ کي ڏڪ هڻڻ لاءِ خاص طور ۽ عام طور جدا جدا حياتين ۾ ميلاپ جي اهميت جي ٻرندڙ مسئلي کي کنيو ويو آهي. هن ڊرامي ۾ هڪ سنڌي پنهنجي ڌيءُ کي غير سنڌي سان پرڻائڻ مجبورا قبول ڪري ٿو. ليڪن اها شادي ٻن دلين جو ميلاپ آهي.

**ايڪتا:** ساڳيوئي مسئلو هن پنهنجي ڊرامي "ايڪتا" ۾ کنيو آهي. جنهن ۾ هڪ پنجابي پنهنجي ڌيءُ سنڌي جوان کي پرڻائي ڏئي ٿو.

**پريت جي ريت:** هڪ گهريلو ڊرامو آهي، جنهن ۾ هڪ پرڻيل پٽ اهو نه ٿو فيصلو ڪري سگهي ته هو ماءُ جو حڪم مڃي يا زال جو؟ "ٻٽئي" ۾ مسلم هارين جي مسئلي کي کنيو ويو آهي ته ڪيئن نه زميندار غريب هاريءَ جو حصو به ڪٽي ٿو وڃي.

**اڪيلي دل:** ۾ هڪ مرد مجبور ٿي ٻيئري ئي شادي ڪرڻ جو فيصلو ڪري ٿو.

ملڪاڻي صاحب 1945ع تائين پنجويهه ننڍا ناٽڪ گنيير، گهرو، پنگتي ۽ قومي مسئلن جي حقيقت نگاريءَ تي لکيا." پنهنجي ڊرامن جي باري ۾ خود پروفيسر ملڪاڻي صاحب لکيو آهي ته "انساني جيوت کي پيش ڪرڻ ۽ ان کي بهتر بنائڻ لاءِ ڪوشش ڪيم، منهنجو مت آهي ته ساهت وندر سان گڏ سکيا پڻ

ڏني آهي ۽ منهنجو عقيدو آهي تہ زندگي جون خاميون ترڙي ڪڍڻ ۽ انساني ذات ڪي خوشحال ڪرڻ لاءِ ناٽڪ ڪري ڏيکارڻ جهڙو ڪو بيو ڪارائتو واهڻ ڪونهي. چو جو زندگي جا منظر اسٽيج تي اکئين ڏسڻ سان تاثير پيدا ٿئي ٿو. سو ڪتب خاني ۾ ڪتاب پڙهڻ سان ڪو بہ سمجهي نہ سگهندو.“ (103)

منگهارام ملڪاڻيءَ ميٽرلنڪ جي ڊرامو ”شانتا“ 1943 ۾ ”رتن ساهتيہ منڊل وارن“ ڇپايو. هي ڊرامو مئٽرلنڪ جي Pelleas and Melisande تان هندستاني جيوت ۾ الٿو ڪيل هو. ۽ بي پيار ۽ بي جوڙ شاديءَ جي مسئلن تي ۽ ان جي دکدائڪ نتيجن تي هڪ جذباتي ڊرامو هو. پر ڪڏهن بہ اسٽيج تي ڪرڻ ۾ ڪونہ آيو.

**حوالا:**


1. ڊاڪٽر غلام علي الانا: ”سنڌي ڊرامن جي روشني ۾ سنڌي سماج جو مطالعو“، مهراڻ4 ـ 1987ع، ص 59
2. مرزا قليچ بيگ: ” ليليٰ مجنون “،ماستر هري سنگ، سکر، 1880ع
3. مرزا قليچ بيگ: ” خورشيد “،سرڪاري بوڪ ڊيپو، ڪراچي سنڌ، 1887ع (ديپاچو)
4. ساڳيو حوالو
5. غلام رسول بلوچ: ”سنڌي ڊراما جي هڪ صديءَ جو تاريخي ۽ تنقيدي جائزو“ (پي.ايڇ.ڊي جو مقالو)، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو، 1983ع، ص 190
6. پروفيسر منگهارام ملڪاڻي: ”سنڌي نثر جي تاريخ“، روشني پبليڪيشن، حيدرآباد 1993، ص 112
7. مرزا قليچ بيگ:”نورجهان ۽ جهانگير“ ، ماستر هري سنگ تاجر ڪتب ، سکر، 1896ع، ص 1
8. پروفيسر منگهارام ملڪاڻي: ”سنڌي نثر جي تاريخ“ ، روشني پبلڪيشن، حيدرآباد 1993، ص 115،116
9. مرزا قليچ بيگ: ” نيم حڪيم خطرہ جان، نيم ملان خطرہ ايمان “،سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، ص 3
10. مرزا قليچ بيگ: ” شيخ چلي ۽ اڳن مسخرو“ هري سنگ، سکر، 1899ع
11. مرزا قليچ بيگ: ” نادرشاهہ “،هريسنگہ سکر وارو، 1900ع (پڙهندڙن جي خدمت ۾)

12. مختيار احمد ملاح: ”سنڌي ادب جي تاريخ جو جديد مطالعو، نيو ڪاٺياواڙ اسٽور ڪراچي، 2006 ع ، ص 942
13. مرزا قليچ بيگ: ”شاهه ايليا“ (قليچ ڊراما اينٿالاجي شمس العماء مرزا قليچ بيگ جا طبعزاد ۽ ماخوذ ڊراما“، مرتب نصير مرزا“، شمس العماء مرزا قليچ بيگ چيئر، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو، 2020 ع، ص 426
14. پروفيسر منگهارام ملڪاڻي: ”سنڌي نثر جي تاريخ“، روشني پبلڪيشن، حيدرآباد 1993، ص 118
15. مرزا قليچ بيگ: ” فيروز دل افروز “،سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، 1976 ع، ص 82
16. مرزا قليچ بيگ: ”نيڪي بدي“ (قليچ ڊراما اينٿالاجي شمس العماء مرزا قليچ بيگ جا طبعزاد ۽ ماخوذ ڊراما“، مرتب نصير مرزا“، شمس العماء مرزا قليچ بيگ چيئر، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو، 2020 ع، ص 685
17. ساڳيو حوالو، ص 691
18. گوبند مالهي: ”مرزا قليچ بيگ جا ناٽڪ“ سورٺ ادبي رسالو، بمبئي، (سمپادڪ واسديو نرمل)، 1981 ع، ص 4
19. ڊاڪٽر غلام رسول بلوچ: سنڌي سنگيت ڊراما، سنڌي ادب مئي 1988 ع، ص 99
20. ڪوڙومل چندمل : ”رتناولي“،هريسنگهه ، سکر 1888 ع
21. ساڳيو حوالو
22. ڪوڙومل چندمل : ” سنگ جو پرسنگ“،ڪي هريسنگهه ، سکر 1899 ع، ص 34
23. محمد صديق ميمڻ:”سنڌ جي ادبي تاريخ“، مهراڻ اڪيڊمي، شڪارپور، 2005 ع، ص 544
24. مير محمد نظاماڻي: ”سنڌي ڊراما ان جو ارتقا نظريو فن ۽ تاريخ“، انسٽيٽوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو، 1982 ع، ص 63
25. ڊاڪٽر پريم پرڪاش: ”سنڌي ناٽڪ جي اوسر“، انڊين انسٽيٽوٽ آف سنڌالاجي، آڏيپور، 1993 ع،ص 155
26. پروفيسر منگهارام ملڪاڻي: ”سنڌي نثر جي تاريخ“، روشني پبلڪيشن، حيدرآباد 1993، ص 114
27. ڊاڪٽر پريم پرڪاش: ”سنڌي ناٽڪ جي اوسر“، انڊين انسٽيٽوٽ آف سنڌالاجي، آڏيپور، 1993 ع،ص 105
28. ليلارام وطڻ مل لعلواڻي: ”سورجن راڻا“، 1896 ع، ص 100، 101

29. Bherumal Maharchand: "Sindhi Literature and its Pioneers, 1940
30. ليلارام وطڻ مل لعلواڻي: "لوپي لاکيٽا"، ليلارام سنگ حيدرآباد، 1930ع، ص 2
31. ڊاڪٽر پريم پرڪاش: "سنڌي ناٽڪ جي اوسر"، انڊين انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، 1993ع، ص 105
32. پروفيسر منگھارام ملڪاڻي: "سنڌي نثر جي تاريخ"، روشني پبلڪيشن، حيدرآباد 1993، ص 112
33. پروفيسر منگھارام ملڪاڻي: "سنڌي نثر جي تاريخ"، روشني پبلڪيشن، حيدرآباد 1993، ص 124، 125
34. ڊاڪٽر پريم پرڪاش: "سنڌي ناٽڪ جي اوسر"، انڊين انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، 1993ع، ص 107
35. پروفيسر منگھارام ملڪاڻي: "سنڌي نثر جي تاريخ"، روشني پبليڪيشن، حيدرآباد 1993، ص 134
36. ليلارم ٺارومل ماکيجاڻي: "وطني وفائي"، مهرله هربرام ٽي. شرما، 1932ع، ص 18
37. ڊاڪٽر مخمور بخاري: " آغا غلام نبي صوفي، سچل سائينءَ جو شارح"، عوامي آواز ميگزين، 26 جولاءِ 2015ع
38. بشير مورياڻي: دنيا دورنگيءَ تي تبصرو، مهراڻ 14/ 1962
39. هيرو ٺڪر: "ڀيرومل مهرچند آڏواڻي": ساهتيه اڪادمي دهلي 1990ع ص
40. پروفيسر منگھارام ملڪاڻي: "سنڌي نثر جي تاريخ"، روشني پبليڪيشن، حيدرآباد 1993، ص 170
41. پروفيسر منگھارام ملڪاڻي: "ساهتڪارن جون سمرتيون"، سنڌي ٽائيمس پبليڪيشن، الهاس نگر، 1979ع، ص 46، 47
42. پروفيسر منگھارام ملڪاڻي : "پنج ننڍڙا ناٽڪ"، 1937ع
43. ڪيرت ٻاٻاڻي : "ڪاڪو ڀيرومل مهرچند" ماهوار سنڌو، مئي 1955ع
44. ڊاڪٽر مرليڌي جيتلي: "لالچند امرڏنومل"، ساهتيه اڪادمي، نيو دهلي، 1985ع، ص 105
45. لالچند امرڏنو مل جڳتياڻي: "**ڀارت جاوا تي جاڳ**"، **1905ع**
46. لالچند امرڏنو مل جڳتياڻي: "عملدار ڪي رعيت آزار"، سنڌي ساهت سوسائٽي، 1921ع، ص 5

47. لالچند امر ڏنو مل جڳتياڻي: ”حيدرآباد سنڌ“، مهراڻ، 1946 ع، ص 45
48. پروفيسر منگهارام ملڪاڻي: ”سنڌي نثر جي تاريخ“، روشني پبليڪيشن، حيدرآباد 1993، ص 158
49. لالچند امر ڏنو مل جڳتياڻي: ”سهجان جي سڪ يا پنهون جي پرڪا“، مهراڻ، 1946 ع، ص 27
50. چيتمل پرسرام گلراجاڻي: ”هئمليٽ“، ناٽڪ جو ديباچو، چيتمل نئين سنڌي لئبريري، حيدرآباد، 1922 ع، ص 1، 2
51. ساڳيو حوالو، ص 97
52. ڊاڪٽر غلام علي الانا: ”سنڌي نثر جي تاريخ“، زيب ادبي مرڪز، 1977 ع، ص 126
53. چيتمل پرسرام : ”فائوسٽ“،سنڌي ساهت سوسائٽي، 1923 ع
54. چيتمل پرسرام گلراجاڻي: ”طوفان“، بلئوٽسڪي پريس، حيدرآباد، 1926 ع، ص 1
55. پروفيسر منگهارام ملڪاڻي: ”شيڪسپيئر – سنڌ ۽ سنڌيءَ ۾“، ماهوار نئين زندگي، سيپٽمبر 1964 ع، ص 24
56. چيتمل پرسرام : ”حسابي حساب“، بلئوٽسڪي پريس، حيدرآباد، 1926 ع، ص 86
57. ڊاڪٽر پريم پرڪاش: ”سنڌي ناٽڪ جي اوسر“، انڊين انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، 1993 ع، ص 163
58. غلام رسول بلوچ: ”سنڌي ڊراما جي هڪ صديءَ جو تاريخي ۽ تنقيدي جائزو“ (پي.ايڇ.ڊي جو مقالو)، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو، 1983 ع، ص 224
59. ڪشنچند بيوس: ”پوڙهي جو پرڙو“ (انڊلٽ، ست ڇهچٽا)، سندر ساهتيه پستڪ نمبر 15، 1939، ص 14، 15
60. ڊاڪٽر غلام علي الانا: ”سنڌي ڊرامن جي روشني ۾ سنڌي سماج جو مطالعو“، مهراڻ4 – 1987 ع
61. هري دلگير: ”ڪشنچند بيوس“، ساهتيه اڪادمي، نيو دهلي، 1982 ع، ص 100
62. عبدالستار پيرزادو: ”لاڙڪاڻو امر شخصيتون“،لاڙڪاڻو ريسرچ اڪيڊمي، 2000 ع
63. احمد علي غلام علي چاڳلا: ”خوني“ ، رابيندرناٿ ٽئگور لٽرري سوسائٽي، 1934 ع
64. احمد غلام علي چاڳلا: ”پوت“، سنڌي ادب (ساهت) لاءِ مرڪزي صلاحڪاري بورڊ، ڪراچي، 1948 ع
65. ساڳيو حوالو

66. مختيار احمد ملاح: " ادبي سوسائٽين جو سنڌي علم ۽ ادب جي ترقيءَ ۾ ڪردار"، ريڪائون پبليڪيشن، ڪراچي، 2021 ع، ص
67. ڊاڪٽر غلام علي الانا :"سنڌي نثر جي تاريخ"، زيب ادبي مرڪز، حيدرآباد، 1977 ع. ص 186
68. پروفيسر منگهارام ملڪاڻي: "سنڌي نثر جي تاريخ"، روشني پبليڪيشن، حيدرآباد 1993، ص. 137
69. ساڳيو. ص. 157
70. خانچند درياڻي: "جيئري تي جيئري" (ڪتاب جو پيش لفظ)
71. ڊاڪٽر غلام علي الانا :"سنڌي نثر جي تاريخ"، 1979 ع، زيب ادبي مرڪز، حيدرآباد، 1977 ع. ص. 185 کان 187
72. مرزا قليچ بيگ : "زميندار ي ظلم"،، منڌ، پبلشر ليڪ پاڻ، سنڌ 1928 ع، ص. 2
73. ساڳيو حوالو، ص 35
74. پرسرام ڄيٺمل، درياڻيءَ جي ناٽڪن تي تنقيد، پرڪاش اخبار، حيدرآباد، 23 آڪٽوبر 1929 ع
75. خانچند درياڻي:"بک جو شڪار"، ليڪ پاڻ، 1932 ع
76. پروفيسر منگهارام ملڪاڻي: سنسار سماچار اخبار ،22 آگسٽ 1933 ع
77. ساڳيو حوالو
78. خانچند درياڻي:"ملڪ جامدبر"، ليڪ پاڻ، 1932 ع
79. پروفيسر منگهارام ملڪاڻي: "سنڌي نثر جي تاريخ"، روشني پبليڪيشن، حيدرآباد 1993، ص 145
80. ساڳيو حوالو، ص 142
81. روفيسر منگهارام ملڪاڻي: "سنڌي نثر جي تاريخ"، روشني پبلڪيشن، حيدرآباد 1993، ص 171
82. نانڪرام ڌرمداس ميرچنداڻي: "ستي ساوتري"، امر پرنٽنگ پريس، سکر، 1924 ع، ص 4
83. نانڪرام ڌرمداس ميرچنداڻي: "بخيل"، سنڌ سڌابهار منڊل، صدر بازار، حيدرآباد، 1937 ع، ص 12، 13
84. اي.جي .اتم :"ليکراج عزيز، ساهتيه اڪيڊمي، دهلي، 1985 ع، ص 12
85. ليکراج ڪشنچند عزيز: " ڪمار اجيت سنگهه"، 1931 ع، ص 2

86. ليکراج ڪشنچند عزيز: "مسٽر مجنون"، نيشنل پرنٽنگ پريس، حيدرآباد، 1933 ع، ص 50
87. اي. جي. اتم: "ليکراج عزيز، ساهتيه اڪيڊمي، دهلي، 1985 ع، ص 14
88. ڊاڪٽر پريم پرڪاش: "سنڌي ناٽڪ جي اوسر"، انڊين انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، 1993 ع، ص 205
89. پروفيسر منگهارام ملڪاڻي: "سنڌي نثر جي تاريخ"، روشني پبليڪيشن،حيدرآباد، ڪنڊيارو۔1993 ع،ص 175
90. ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو: "سنڌي ادب جي تاريخ" (جلد ٽيون)، سنڌي لينگئيج اٿارٽي، حيدرآباد، 2006 ع، ص 66
91. ڄيٺانند ناگراڻي: "گامتو بئرسٽر" (انڊلٽ، ست ڇهڇٽا)، سندر ساهتيه پستڪ نمبر 15، 1939 ع، ص 130، 131
92. پروفيسر منگهارام ملڪاڻي: "سنڌي نثر جي تاريخ"، روشني پبليڪيشن، حيدرآباد 1993، ص 134
93. ڊاڪٽر محمد يوسف پنهور: "سنڌي ناٽڪ جي تاريخ"، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو، 1992 ع، ص 39
94. ڊاڪٽر پريم پرڪاش: "سنڌي ناٽڪ جي اوسر"، انڊين انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، 1993 ع، ص 161
95. غلام رسول بلوچ: "سنڌي ڊراما جي هڪ صديءَ جو تاريخي ۽ تنقيدي جائزو" (پي. ايڇ. ڊي جو مقالو)، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو، 1983 ع، ص 281
96. پروفيسر منگهارام ملڪاڻي: "سنڌي نثر جي تاريخ"، روشني پبلڪيشن، حيدرآباد 1993، ص 190
97. ڊاڪٽر قاسم راڄپر: " شاهه جي شاعريءَ جي پس منظر ۾ لکيل سنڌي ناٽڪ"،تحقيقي جرنل "ڪلاچي"،شاهه لطيف چيئر، ڪراچي يونيورسٽي، ڊسمبر 2015ع
98. ڊاڪٽر پريم پرڪاش: "سنڌي ناٽڪ جي اوسر"، انڊين انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، 1993 ع، ص 144
99. مختيار احمد ملاح: " ادبي سوسائٽين جو سنڌي علم ۽ ادب جي ترقيءَ ۾ ڪردار"، ريڪائون پبليڪيشن، ڪراچي، 2021 ع، ص
100. ساڳيو حوالو، ص

101. پروفيسر منگھارام ملڪاڻي: ”سنڌي نثر جي تاريخ“، روشني پبلڪيشن، حيدرآباد 1993، ص 180
102. ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو: ”سنڌي ادب جي تاريخ“ (جلد ٽيون)، سنڌي لينگئيج اٿارٽي، حيدرآباد،2006ع، ص 61
103. پروفيسر منگھارام ملڪاڻي: ”سنڌي نثر جي تاريخ“، روشني پبلڪيشن، حيدرآباد 1993، ص 180

# آزادي کان پوءِ سنڌي ڊراما جو تاريخي جائزو

1947ع ۾ هندستان جي ورهاڱي سبب سنڌ جا هندو اديب ۽ ڊراما نويس هندستان لڏي ويا، جنهن سان سنڌي ادب عموما ۽ سنڌي ڊرامن جو خصوصا زوال ٿيو. ڇو ته سنڌي پريس ۽ ٿيئٽر، اسٽيج گهڻو ڪري سنڌي هندن جي هٿن ۾ هئا. ان وقت، سنڌي ڊراما نگار، ڊرامن جي اشاعت جا ادارا، اداڪار، فنڪار، گلوڪار وغيره ۾ گهڻائي سنڌ جي هندن جي هئي. سندن وڃڻ کان پوءِ سنڌي پريس ۽ ٿيئٽر اهڙن ماڻهن جي ور چڙهي ويا، جن کي سنڌي زبان سان ڪا به همدردي نه هئي. ڇاپخانن ۾ غير سنڌي ڪتاب ڇپجڻ لڳا ۽ سنڌي ٿيئٽر سئينما هال بڻجي ويا. ٿوري عرصي ۾ سنڌ جي ڪجهه اديبن، اهل علم ۽ گهڻ گهرن جي ڪوشش سان ڊرامي لکجڻ جو هڪ دفعو ٻيهر رواج پيو.

آزاديءَ کان پوءِ سنڌي ڊرامي جي گهڻي همت افزائي نه هئڻ جي باوجود تمام گهڻي ترقي ڪئي آهي. سنڌي ڊرامن جي ارتقا رومانوي داستان کان شروع ٿي ۽ سماجي مسئلن تي عروج تي پهتي آهي. آزاديءَ کان کان پوءِ سنڌي ڊراما ۾ نوان تجربا ٿيا آهن، جتي سنڌي ڊراما جي اسٽيج ٿيڻ جو زوال آيو، اتي، ڪتابي صورت ۾ يا ٽي.وي ۽ ريڊيون وسيلي نت نوان موضوع متعارف ٿيا آهن ۽ ڊراما نگارن ملڪ جي بدلجندڙ حالتن مطابق ڊرامي رستي سماجي حالتن جي عڪاسي ڪئي آهي. ان سلسلي ۾ ڊاڪٽر غلام علي الانا لکي ٿو ته ”سنڌي ڊرامن ۾ ڪو نه ڪو مقصد رکيل آهي. ڊراما نويسن انهن ۾ روزانه زندگي جي مسئلن ۽ فلسفن کي بيان ڪيو آهي. سنڌي ڊراما نگارن پنهنجي ڊرامن کي اسٽيج، ريڊيو يا ٽي_ وي تي تفريح لاءِ يا وقت ڪاٽڻ لاءِ نه ٿو لکي. پر هن جي آڏو ڪو مقصد آهي. هن جو مقصد پيسو ڪمائڻ نه آهي. پر هو سماج ۾ اصلاح آڻڻ چاهي ٿو، هو پنهنجي اندر جو آواز ٻين تائين پهچائڻ چاهي ٿو.“ (1)

سنڌي ڊرامو هند ۽ سنڌ ۾ الڳ الڳ لکجڻ لڳو، پر هند ۾ ڊرامي جي اسٽيج واري حيثيت ڪافي حد تائين قائم رهي. آزاديءَ کان پوءِ سنڌي ڊراما ۾ جتي نوان لاڙا متعارف ٿيا آهن، اتي غير سنڌي ڊرامن جي ترجما وڏي پيماني تي گهڻيا،

اسٽيج جو رواج گھٽيو ۽ ڊراما ڪتابي صورت ۾ اچڻ گھٽا. ان جي برعڪس سنڌي ڊراما، سنڌ جي تاريخ، تهذيب، قومپرستي جهڙن نج سنڌيت وارن موضوعن سان سرشار ٿيا آهن. رومانوي ۽ سماجي ڊراما بہ بيشمار لکيا ويا آهن. آزاديءَ کان پوءِ سنڌي ڊرامن کي ٽين طريقن سان پيش ڪيو ويو آهي. هڪڙا اهي ڊراما آهن، جيڪي صرف ڪتابي صورت ۾ آيا يا وري رسالن ۽ اخبارن ۾ شايع ٿيا آهن. ٻيو اهي ڊراما آهن جيڪي اسٽيج ٿيا آهن. هن قسم جي ڊرامن جو تعداد تمام گھٽ آهي. ٽيون، اهي ڊراما آهن، جن کي ريڊيو تان نشر ڪيو ويو ۽ چوٿون اهي ڊراما آهن جيڪي ٽيليويزن تي پيش ٿيا آهن، اهڙن ڊرامن کي غير معمولي شهرت حاصل ٿي آهي. هتي اسان مختصر طور تي انهن چئني قسمن جي ڊرامن جائزو وٺنداسين:

**رسالن ۽ ڪتابي صورت ۾ شايع ٿيل ڊراما**

آزادي ڪانپوءِ سنڌ ۾ جيئن جيئن رسالا، اشاعتي ادارا ۽ اخبارون شايع ٿيڻ لڳيون. تيئن تيئن نندا نندا ڊراما لکجڻ شروع ٿيا. ان سلسلي ۾ مهراڻ، نئين زندگي، پيغام، روح رهاڻ، سهڻي ۽ ادارن ۾ سنڌي ادبي بورڊ وغيره جو اهم ڪردار آهي. سنڌ جا بزرگ اديب، جن ڊراما جي ترقيءَ ۾ حصو ورتو هو، انهن هڪ دفعو ٻيهر ڊرامن جي ترقيءَ ۾ ڪردار ادا ڪيو، انهن ۾ محمد عثمان ڏيپلائي نشابنر هيو.

**خرشيد جو نيلام**: هي ڊرامو 1947ع ۾ اسلاميہ دارالاشاعت حيدرآباد طرفان ڪتابي صورت ۾ شايع ٿيو. هي هڪ گجراتي ڊرامي جو ترجمو هو، جنهن کي اڳ ۾ مرزا قليچ بيگ بہ ترجمو ڪري چڪو هو. ساڳي اداري ڏيپلائيءَ جو 1949ع ۾ ”اسلام تي مقدمو“ شايع ڪيو.

**پنا جو پيار**: هي ڪتاب ٽيڪمداس پگهتياڻي جو ”پنا جو پيار“ ڪرسچن لٽرري سوسائٽيءَ پاران 1947ع ۾ ڪراچيءَ مان شايع ٿيو. هي ڊرامو پنا دائيءَ جي قربانيءُ جي ڪهاڻيءُ تي ٻڌل آهي.

**شهنشاهہ اڪبر جو دوست** :آزاديءَ کان پوءِ ڊرامي جي باقاعده شروعات 1950ع ۾ ٿي. جڏهن جي_اين قاضي جو ڊرامو ”شهنشاهہ اڪبر جو دوست“، ادارا طلوع ادب

طرفان شايع ٿيو. هي ڊرامو مغل شهنشاهہ اڪبر جي زندگيءَ ۽ طرز حڪومت جي باري ۾ آهي. سندس نظر ۾ سڀ شهري برابر آهن. انهن ۾ مذهب، ذات ۽ رانگ جي بنياد تي فرق نہ ٿو ڪري سگهجي. ڊرامي جا مرڪزي ڪردار رامداس، ڪملا ۽ شهنشاهہ اڪبر آهن.

**زميندار شاهي عرف ڪمدار جا ڪارناما:** آزاديءَ ڪان پوءِ وڏي ڊرامي لکڻ جو سهرو هاري اڳواڻ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئيءَ جي سر تي آهي. "سندس هيءَ لکيل هڪ طويل ڊرامو آهي جنهن ۾ هن سنڌي هارين تي زميندار شاهيءَ جي ظلمن جو تفصيل سان ذڪر ڪيو آهي ۽ ڄاڻايو آهي تہ زميندار شاهيءَ جو مضبوط ٿنيو ڪمدار، پنهنجي مالڪ جو ڪاڻائو پٽ هئڻ جي صورت ۾، هارين تي ڪهڙا ڪهڙا ظلم روا رکي ٿو. ڪامريڊ حيدربخش جتوئيءَ جو هي ناٽڪ، پهريون ڀيرو 1953ع ۾ ڇپيو هو. ان جو ٻيو ڇاپو 1955ع ۾ شايع ٿيو، جڏهن تہ ان جو ٽيون ڇاپو، حيدر پبليڪيشن بکو ديري، لاڙڪاڻي پاران، 21 مئي 1990ع تي ڇپائي پڌرو ڪيو ويو." (2)

**ڊزن ڊائلاگ ۽ دلڪشا:** محمد اسماعيل عرساڻي جو ڊراما "**بدنصيب ٽري**" ورهاڱي کان اڳ ئي گهڻي شهرت حاصل ڪئي هئي. ان کان علاوه سندس ڊرامن جا ڪيترائي مجموعا پڻ شايع ٿيا، جن ۾ "ڊزن ڊائلاگ" ۽ "دلڪشا" اهم آهن. "ڊزن ڊائلاگ" ڊرامن جو مجموعو آهي، جيڪو 1953ع ۾ آر.ايچ.احمد برادرس وارن حيدرآباد مان شايع ٿيو. هن جا اڪثر ڊراما تعليمي ۽ تفريحي موضوعن تي آهن، جن ۾ شاگردن جي سکيا وارا موضوع ڏنل آهن.

**آزاديءَ ڏانهن:** ان دور جي نوجوان ۽ جوشيلي اديب محمد ابراهيم جويي جو لکيل هڪ ننڍو ڊرامو "آزادي ڏانهن" 1950ع ۾ ٽريننگ ڪاليج فار مين ڊرئميٽڪ سوسائٽيءَ طرفان اسٽيج ٿيو. جيڪو بعد ۾ 1956ع ۾ مهراڻ جي پرچي ۾ شايع ٿيو. هن ڊرامي ۾ علم جي اهميت کي اجاگر ڪيو ويو آهي.

**هائڊروجن بم ڪانپوءِ** : سنڌي ٻوليءَ جي مشهور ڪهاڻيڪار ابن حيات پنهور (1920_2003) ڪرشن چندر جي مشهور ڊرامي جو ترجمو "هائڊروجن بم ڪانپوءِ"جي نالي سان ڪيو. هي ڊرامو هائڊروجن بم جي ايجاد ۽ تباهين جي باري

۾ هو. هي ڊرامو نئين زندگيءَ رسالي ۾ 1955ع ۾ شايع ٿيو.

**شڪنتلا ۽ نل دمينتي:** رشيد احمد لاشاري (1922-1970) جو شمار سنڌي ادب جي باڪمال شاعرن ۽ نثر نويسن ۾ ٿئي ٿو. هن صاحب ڊرامن جي سلسلي ۾ به خدمتون سرانجام ڏنيون. هن مهاڪوي ڪاليداس جي ٻن ڊرامن ”شڪنتلا“ ۽ ”نل دمينتي“ جو سنڌي ۾ عاليشان ترجمو ڪيو. ”نل دمينتيءَ“ کي سنڌي ادبي بورڊ 1959ع ۾ شايع ڪرايو. هي منظوم ترجمو آهي. جڏهن ته ”شڪنتلا“ کي ساڳي اداري 1955ع ۾ شايع ڪرايو هو. هي ٻئي ترجما سنڌي ادب ۾ تمام وڏي اهميت رکن ٿا.

**قلوپطره :** آزاديءَ کان پوءِ شيڪسپيئر جي ناٽڪن جا جيڪي سنڌي ۾ ترجما ٿيا، انهن ۾ حبيب الله بخاريءَ جو اڙدو مان ترجمو ڪيل ”قلوپطره“ اهم آهي. سيد حبيب الله ولد الله بخش شاهه بخاريءَ جن جنم 10 فيبروريءَ تي 1926ع ۾ ٽنڊو محمد خان ۾ ٿيو. 1957ع ۾ سندس هڪ ٻيو ترجمو ”سفرنامه ابن بطوطه“ پڻ شايع ٿيو هو. ان کان علاوه به ڪي ٻيا ڪتاب ترجمو ڪيا هئائين. هن ناٽڪ جي ترجمي جي سلسلي ۾ غلام رسول بلوچ پنهنجي پي.ايڇ.ڊي ٿيسز ۾ لکيو آهي ته ”قلوپطره جي نالي سان ترجمو سنڌ جي هڪ نوجوان ليکڪ حبيب بخاريءَ ڪيو. جيڪو اداره سنڌي ادب ٽنڊو محمد خان طرفان 1955ع ۾ شايع ٿيو. هن ڊراما ۾ سڪندريه (مصر) جي ملڪ قلوپطره جي دٻدٻي سان حڪومت هلائڻ افسطوئيءَ سان عشق ۽ آخر ۾ قيصر سان جنگ جو احوال ۽ قلوپطره جو نانگ کان ڏنگائي مرڻ تائين آندل آهي. هي ڊراما مرزا قليچ بيگ جي ترجمي وانگر هڪ انمول ادبي اضافو آهي، جنهن ۾ مترجم اصل خيالات جون خوبيون آڻيدي جذبات سان گڏ دلچسپي پڻ پيدا ڪئي آهي“.(3)

**فاتح سنڌ:** شيخ عبدالرزاق راز جو ”فاتح سنڌ“ 1955ع ۾ شايع ٿيو. هن ڊرامي ۾ محمد بن قاسم جي سنڌ تي ڪاهه ۽ راجا ڏاهر جي ظلمن جو داستان بيان ڪيو ويو آهي.

**دودو چنيسر:** مشهور محقق لطف الله بدوي جو ڊراما ”دودو چنيسر“ 1956ع ۾ آر.ايڇ.احمد برادرس پاران ڪتابي صورت ۾ شايع ٿيو. هي تاريخي ڊرامو حب

الوطني جي جذبي کي اڀاري ٿو. جنهن ۾ دودو سومري جي سورهيائي بيان ڪئي وئي آهي.

**قاضيءَ جو انصاف:** سنڌ جي نالي واري اديب ساقي سجاولي‌ءَ جو تاريخي ڊرامو ”قاضيءَ جو انصاف“ ايوان ادب، ٻنون پاران 1957ع ۾ شايع ٿيو. هن ڊرامي ۾ خليفي منصور جي دور جي قاضيءَ وٽ هڪ فريادي انصاف پلئه وجهڻ لاءِ ڪورٽ ۾ اچي ٿو جوابدار جي حيثيت ۾ مٿس مقدمو هلائي ٿو.

**عجيب شادي:** سنڌ جي نالي واري تعليمدان ۽ ناول نگار الله بخش ٽالپر جو سماجي ڊرامو ”عجيب شادي“ 1958ع ۾ آر.ايڇ.احمد برادرس، حيدرآباد مان شايع ٿيو.

**نوراني جاسوس:** محمد سومار شيخ جي ڊرامن جا ڪيترائي ڪتاب شايع ٿيا، جن ۾ ”نوراني جاسوس“ (1958) اهم آهي. هي ڊرامو جاسوسي موضوع تي ٻڌل هو. سندس ٻين ڊرامن ۾ ”چڳو ۽ مدو“، ”گهوگهو چوهاڻ“ اهم آهن. آخري ڊرامو تاريخي موضوع تي آهي. هن ڊرامي ۾ هندستان جي ليجنڊ گهوگهي چوهاڻ جي شخصيت ۽ ڪارنامن کي اجاگر ڪيو ويو آهي.

**قلوءَ جي شادي:** هي ڊرامو محمد الياس جوکيو لکيو، جيڪو آر. ايڇ برادرس پاران 1959ع ۾ شايع ٿيو. هي ڊرامو اٺن پردن ۽ 21 صفحن تي مشتمل آهي. هي اخلاقي ڊرامو آهي. هي ڊرامو لاڙي ۽ ڪوهستاني لهجي ۾ رچيل آهي.

**روزانه هلال پاڪستان جو ڊراما نمبر:** ون ايڪٽ ڊرامن جو هڪ مجموعو روزانه هلال پاڪستان حيدرآباد پاران 1958ع ۾ شايع ٿيو. جنهن ۾ مختلف ليکڪن جا طبعزاد اصلاحي، سياسي، تاريخي ۽ سماجي ننڍا ڊراما ترتيب ڏئي شايع ڪيا ويا، جيڪي ۾ هي آهن: ”جڏهن رئيس.... (محمد خان غني)، ”آخري سهارو“ (مرزا گل حسن ڪربلائي)، ”نوري ڄام تماچي“ (بشارت حسين انصاري)، ”قمر النساءِ بيگم“ (سليم سولنگي)، ”غريب جي آه“ (قلندر بخش نثار)، ”سريت جي ڏيءُ“ (غلام علي ڪوکر)، ”نوڪر“ (ماستر وريل ناز)، ”سرزمين سنڌ“ (احمد خان اختر)، ”هاريو پر ڪنهن“ (لالا آنند پرڪاش)، ”اهيئي پنج“ (محمد دائود بلوچ)، ”دعوت“ (محمد عثمان راهي)، ”ماستر“ (خواجه غلام علي الانا)، ”بادشاهت جو خاتمو“

(فخرالدين منشي)، ”واپار“ (نذير احمد مقبول) ۽ ”باغيچي“ (نذير احمد مقبول) شامل آهن.

**سچائيءَ جو سڏ** :محمد دائود سولنگيءَ جو ڊرامو 1960ع ۾ اداره سنڌي ادب ٽنڊو محمد خان طرفان شايع ٿيو، جنهن ۾ هڪ باڪردار ڇوڪريءَ جو قصو بيان ڪيو ويو آهي.

**جيڪا تنهنجي مرضي:** سيد مقبول شاهه موسوي As you like it جو ترجمو ”جيڪا تنهنجي مرضي“ جي نالي سان ڪيو. هي ڊرامو دراصل تعليمي نصاب خاطر ترجمو ڪيل هو. هن ڪتاب جي باري ۾ پروفيسر حامد علي خانائي لکيو آهي ته:”شاهه صاحب اصل ڪتاب ۾ انگريزي زبان جا جيڪي لفظ ۽ اصطلاح استعمال ڪيا ويا آهن ، تن جو معنائون پڻ ڏنيون آهن. هيءُ ڪتاب سن 1960ع ۾ راما پاڪ بوڪ ڊيپو ، حيدرآباد طرفان ڇپرو ٿيو. هن ڪتاب جا 173 صفحا آهن ۽ 27 صفحن تي لفظن جي معنيٰ ڏني وئي آهي“.(4)

**جيڪا تنهنجي مرضي (پروفيسر انوار هاشمي)**

شيڪسپيئر جي ناٽڪ As you like it جو ٻيو ترجمو ”جيڪا تنهنجي مرضي“ جي عنوان سان پروفيسر محمد انوار هاشمي ۽ بيگم صابراه انوار هاشمي گڏجي ڪيو. جيڪو ڪانياواڙ اسٽور لاڙڪاڻي طرفان شايع ٿيو. هي ڪتاب شاگردن جي سهولت خاطر لفظ به لفظ ترجمو ڪيو ويو آهي. ساڳي مترجم هن ڪتاب جو اردو ”جيسا آپ پسند ڪرين“ جي عنوان سان ترجمو ڪيو هو. هي ناٽڪ، ڪاليج سائيڊ تي لازمي انگريزي مضمون جي ڪورس ۾ ڪيترائي سال رهيو آهي. ان ڪري هن ناٽڪ جي اهميت سنڌي ٻوليءَ ۾ اجا به وڌيڪ رهي آهي. پروفيسر انوار هاشمي، لاڙڪاڻي ڪاليج ۾ انگريزي ادب جو پروفيسر هو ۽ سندس گهرواري بيگم صابره انوار هاشمي به ساڳي ڪاليج ۾ پروفيسر هئي، هنن گڏجي شاگردن جي سهوليت خاطر شيڪپيئر جي ناٽڪ کي ترجمو ڪيو.

حليم بروهي جو لکيل مزاحيه ڊرامو ”مجبوري“ تمام گهڻو مقبول ٿيو. ڊاڪٽر نواز علي شوق ڪيترائي ڊراما لکيا آهن. سندس ڊراما جهڙوڪ، ”نصيب“ ”سو سالن کان پوءِ“، ”پوري ٻڪري“، ”ٻچڙي بيماري“وغيره ماهوار پيغام شايع ٿيا.

**مهراڻي ميناڌرا :** ظهور انصاري (14 آگسٽ 1939) جو اصل نالو علي احمد انصاري ولد محمد رحيم انصاري آهي. سندس شمار اوائلي ناللي وارن ڊراما نگارن ۾ ٿئي ٿو. سندس ڊرامن جا موضوع گهڻو ڪري انقلابي ۽ سجاڳي آڻيندڙ آهن. سندس ڊرامن ۾ ”مهراڻي ميناڌرا“ (1960) ۽ ”جن جهونا ڳڙهه جلايو“ (1964) شامل آهن. سندس ڊراما ڪتابي صورت ۾ پڻ شايع ٿيل آهن. هن جا ڊراما تاريخي ۽ انقلابي پسمنظر ۾ آهن، جن جو اصل مقصد سنڌ ۾ سياسي شعور ڏيڻ هو.

**شهزادي تهمينه:** محمد هاشم سومرو ”لاوطن“ (1903 _ 1963ع) جو جنم ڳوٺ غلام نبي شاهه، ضلعي عمرڪوٽ ۾ ٿيو. پنهنجي دور جو ڪهاڻيڪار ۽ مترجم هو. محمد هاشم لاوطن 1960ع ۾ ”شهزادي تهمينه“ ڊرامو ڪتابي صورت ۾ شايع ڪرايو. ڊرامي جي ستاءَ ۾ اصل ڊرامي جي هر ائڪٽ پٺيان هڪ ائڪٽ وارو ٻيو ڊرامو ”زوري تعليم“ جو شامل آهي. ائين ٿو لڳي ته ڊراما نگار ڪنهن اسڪول ۾ انهيءَ ترتيب سان هي ڊرامو اسٽيج ڪرايو هجي.

**چنا شبير ناز:** جا ڪيترائي ڊراما پاڪيٽ سائيز ۾ شايع ٿيا. سندس ڊرامن ۾ ”نئون صبح“ (1959)، ”انقلاب“ (1955) ”سچا سيج پلنگ“ (1964)، ”دريا خان“ (1965)، ”فراق جي وادي“ (1965) ۽ ”ويئي رات وهامي“ اهم آهن.

**پاچا ۽ پڙلاءُ:** ريڊيو ڊرامن جوهڪ مجموعو ”پاچا ۽ پڙلاءُ“ اداره آواز ادب حيدرآباد 1965ع ۾ شايع ڪيو. هيءُ ڪتاب رسول بخش ”خمار“ جو ترتيب ڏنل آهي.هن ۾ اهي ڊراما ڇپيل آهن، جيڪي ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تان نشر ٿيا. هن مجموعي ۾ نالي وارن ڊراما نگارن جا ڊراما شامل آهن.

**ڪنوارو ڪلارڪ: محمد حسين ”ڪروڙ پتي“ (1923 _ 1985ع)** ولد غلام حسين اعواڻ سنڌي مزاحيه ادب جي دنيا ۾ ”ڪروڙپتي“ جي نالي سان سڃاتو وڃي ٿو. سندس جنم ٽنڊي آدم ضلعي سانگهڙ ۾ ٿيو. ڪروڙپتي لکڻ جي شروعات ورهاڱي کان اڳ ڪئي هئي. سندس ڪاوشون 1950_1960ع وارن ڏهاڪن ۾ عروج تي پهتل هيون. سندس مزاحيه افسانن جا مجموعا ”ماسي ۽ مجيد“ (1984ع) ۽ ”نبض شناس“ (1987ع) جي عنوان سان شايع ٿيل آهن. هن ڪيترائي مزاحيه ڊراما لکيا، جن ۾ ”ڪنوارو ڪلارڪ“ ۽ ”قسمت“ بيحد پسند

ڪيا ويا. ”ڪنوارو ڪلارڪ“ 1950 ع واري ڍاڪي ۾ شايع ٿيو هو ۽ بعد ۾ به ان جو ٻيو ڇاپو آيو. اهو هڪ مزاحيه ۽ سماجڪ سڌارڪ ڊرامو آهي.

**مئڪبٿ:** حبيب الله مرزا سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو ۾ شعبي سنڌي جو پروفيسر هو. هن 1966 ع ۾ شيڪسپيئر جي مشهور ڊرامي Macbeth جو سنڌي ۾ ترجمو ڪيو. هن کي ترجمي جو سنو ڏانءُ هو. انگريزي شيڪسپيئر جي ڊرامي کي سهڻي نموني سنڌي ۾ آندو. مرزا صاحب لکي ٿو ته ”مئڪبٿ جو ڪردار هڪ ظالم انسان جو هو. هن ظلم، قتل و غارت جي بازار گرم ڪري ڇڏي هئي ۽ آخر ۾ هن ظالم مٿان خدا جو عذاب نازل ٿئي ٿو ۽ هو ڪيفر ڪردار تي پهچي ٿو. ميڪبٿ خوني هو. ان جو انجام برو ٿيو.“[5] مرزا صاحب جو اصلوڪو ڊرامو ”ڳالهوڙو“ 1965 ع ۾ ماهوار نئين زندگيءَ ۾ شايع ٿيو. هي دراصل مزاحيه ڊرامو هو. ”ڊرامي جي تاريخ ۽ تنقيد“ (تنقيد 1965)۽ ٻيا ڪتاب شامل آهن. سنڌي زبان ۾ ڊرامي جي فن ۽ تاريخ بابت هي بهترين ڪتاب آهي.

**عاشق زهر پياڪ:** رشيد ڀٽي (1933ـ 1988): رشيد ڀٽي ڪجهه ڊراما به لکيا، جيڪي پنهنجي موضوع، فڪر ۽ پيشڪش جي لحاظ کان شاندار آهن. هن سياسي ۽ تاريخي موضوعن کي پنهنجي ڊرامن جو موضوع بڻايو. سندس ڊرامو ”وڍيا جي ويڄن“ 1977ع ۾ پرک رسالي ۾ شايع ٿيو. رشيد ڀٽي جو اهم ڊرامو ”عاشق زهر پياڪ“ 1968ع ۾ مهراڻ پبلشرز طرفان شايع ٿيو. ”عاشق زهر پياڪ“ ۾ هندستان جي مغليه حڪمران اورنگزيب جي حڪمراني بابت جو شاندار شاهڪار آهي. هن ڊرامي ۾ هندستان جي تاريخ، تهذيب، تصوف، مذهبي حالتن جو به پورو جائزو ورتو ويو آهي. اورنگزيب کان سهوڳڙه وٺ شهزادو دارا شڪوه سنڌ ۾ پناهه لاءِ آيو ته هتي سندس وڏي آجيان ڪئي وئي. پر بکر جي امير ترخانن کيس مدد جي دوکي ۾ قيد ڪري دهلي پهچايو. جتي کيس اورنگزيب بيدردي سان قتل ڪرايو. دارا شڪوه، اورنگزيب بادشاهه جو سڳو ڀاءُ هو. رشيد ڀٽي دارا ۽ اورنگزيب جي ڪشمڪش کي موضوع بنائي هي ڊرامو پنجن ائڪٽن تي لکيو. هي ڊرامو سنڌ جي مشهور ڊرامن مان هڪ آهي.

**شيخ اياز(1923ع – 1997ع) جا سنگيت ڊراما:** شيخ اياز سنڌي زبان جو سڀ کان

وڏو شاعر آهي. بحيثيت ڊراما نويس هن جي سڃاڻپ نہ آهي، پر شيخ اياز ”دودي سومري جو موت“، ”رني ڪوٽ جا ڌاڙيل“ ۽ ”ڀڳت سنگهہ کي ڦاسي“ نالي سنگيت ڊراما (Opera) لکيا. هي ڊراما ڪتابي صورت ۾ بہ شايع ٿيا آهن تہ اسٽيج بہ ٿيا آهن. ”**دودي سومري**“ جو موت هڪ علامتي ڊرامو آهي، جنهن جا ڪردار پراڻا بہ آهن تہ هاڻوڪا بہ آهن. هي ڊرامو قومي جدوجهد جي پڌر تي زندگي ۽ موت بابت ٻن مختلف نظرين جي عملي اظهار جو ڊرامو آهي. هي ڊرامو سنڌ جي تاريخ جو اهم باب آهي. ”**رني ڪوٽ جا ڌاڙيل**“ لاءِ محمد ابراهيم جويو لکيو آهي تہ ”هي پڻ هڪ علامتي ڊرامو آهي، جنهن ۾ پڻ طبقاتي جدوجهد جي پڌر تي زندگي ۽ موت جي ساڳين ٻن متضاد نظرين جو عملي اظهار ٿيل آهي. ان جا ڪردار، ولجها ۽ وينگس ۽ آڏو، ڪاڏو ۽ ڏاڏو بہ ڪي رڳو پراڻي جڳ جا يا ڪي لڪل ڪردار نہ آهن. پڙهڻ سان چوڌاري هرڪو انهن کي پنهنجي آس پاس ڏسي ۽ سڃاڻي سگهي ٿو. وينگس کي سنڌ جي سونهن ۽ سوڀيا ۽ ولجهار کي سنڌ جي آباديءَ ۽ خوشحالي ۽ آڏي، ڪاڏي ۽ ڏاڏي کي انهن جي دشمن ڪردارن ۽ خوشحالي مثلاً سامراج، جاگيردار ۽ سرمايہ دار جي صورت چئي سگهجي ٿو“.(6)

شيخ اياز جو ٽيون سنگيت ڊرامو ”**ڀڳت سنگهہ کي ڦاسي**“ ڀڳت سنگهہ هندستان جي تاريخ ۾ اهو سورمو آهي، جنهن انگريزن جي خلاف بغاوت ڪئي ۽ وڙهندي موت جي سزا ڪائي ويو. رشيد ڀٽي مطابق ”اياز جي سنگيت ڊرامن جو موضوع نہ رڳو اسان جي تاريخي ۽ ثقافتي ورثي جو لافاني ۽ امر حصو آهي، پر اهي ڪهاڻيون ۽ واقعا آهن جي اڄ بہ اسان جي رڳ رڳ ۾ ۽ لونءَ لونءَ ۾ سمايل آهن. شروع ۾ اهي موضوع ۽ ڪردار نئين ۽ غير ناموس هجڻ جي ڪري، عجيب و غريب ٿا لڳن، پر هڪ دفعو پڙهڻ شروع ڪرڻ کان پوءِ اهي سڀ واقعا، پنهنجي اکين ڏٺا ڪردار ڄاتل سڃاتل ٿا لڳن. هڪ سهڻي، سيبتي، ڪليل ۽ چٽي، ڪردار کي اجاگر ڪندڙ منظوم مڪالمہ نگاري ۽ هڪ سنجيده ۽ امر، پرفعال، ڪهاڻي، اياز جي سنگيت ناٽڪ جي خوبي آهن. ڀڳت سنگهہ جي ناٽڪ ۾ بہ اسان کي اهي خوبيون بہ رجہ ملن ٿيون.

**حريص پٽلو عرف وفا جي ديوي**: سنڌ جي ڪهنہ مشق شاعر ۽ اديب عبدالنبي

صاحب "عليگ" (1903_1976) جو لکيل ڊرامو آهي. هيءُ ڪتاب 1969ع ۾ شايع ٿيو. 'حريص پتلو' انهي لحاظ کان به اهم آهي ته ڪردارن ۽ پلاٽ کان علاوه هن ۾ سلوڻي ۽ صاف اترادي سنڌي ڪم آيل آهي. موزون جاين تي سهل ۽ روان نظم، غزل ۽ شعر ڏنا ويا آهن ۽ اڪثر نثر مقفيٰ به ڪم آندو ويو آهي. ڪٿي مڪالما دلچسپ ۽ ڪلائيمڪس آهن، جن ۾ طنز ۽ مزاح جو عنصر ملي ٿو. مثال طور:

ڪريم _ پاندو؟ اڙي نا معقول کهڙو پاندو؟ ڇا جو پاندو، صبر ڪر نه ته رکندو سانءِ ڇپ تي ٿاندو.

آچر_ حضور ڪم ڪڏا ڪن هڪڙا، ڇپ سڙي غريب آچر جي

**ڳاڙهو لاليٽن** :مشهور افسانه نگار ڊاڪٽر نجم عباسي (1927_1995) چيني انقلاب بابت Red Lantern جو سنڌي ۾ "ڳاڙهو لاليٽن" جي نالي سان 1974ع ۾ ترجمو ڪيو. هي ڊرامو به علامتي آهي. ڳاڙهو لالٽين علامت آهي اميد جو، روشن خياليءَ جو، ثابت قدميءَ جو ۽ انقلاب جو. رسول بخش پليجي مطابق "ڳاڙهو لالٽين" هن دور جي انقلابي چين جي ڪروڙين عوام اڳيان اسٽيج توڙي فلم وسيلي پيش ڪيو ويو. ان جو دنيا جي ڪيترن ئي ٻولين ۾ ترجمو ڪيو ويو آهي. مناسب آهي ته سنڌي عوام به دنيا جي عظيم انقلابي ادب جي هنڌن شاهڪارن کان واقف ٿئي". (7)

**تاريخي افسانا ۽ ڊراما**: سنڌي ادب جي عالم غلام محمد گرامي جا پڻ ڪجهه ڊراما "سندس ڪتاب "تاريخي افسانا ۽ ڊراما" مجموعي ۾ سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد طرفان 1977ع ۾ شايع ٿيا. هن مجموعي ۾ 14 افسانن سان گڏ 5 تاريخي ڊراما:"ڇايا"، "رضيه سلطانه"، "تخت طائوس"، "سڏارٿ" ۽ "ڪلياڻي" شامل آهن. هي سيئي ڊراما تاريخي اهميت ۽ ٻوليءَ جي حوالي سان شاندار آهن.

**مونجهارو**:مراد علي مرزا ، سنڌي ٻوليءَ جو هڪ نالي وارو ليکڪ، مترجم، ڊرامانويس، ناول نگار ۽ ڪهاڻيڪار هو. سندس ڪيترائي ڪتاب شايع ٿيل آهن. هن مصري اديب توفيق الحڪم جي سڀ کان وڌيڪ مشهور ڊرامي The Sultan Dilemma جو ترجمو "مونجهارو، جي نالي سان ڪيو، جيڪو

1977ع ۾ سنڌي اديبن جي سهڪاري سنگت پاران شايع ٿيو هو ۽ تمام گهڻو مشهور ٿيو.

**انسان اڻ انسان:** هي هڪ ننڍو ڊرامو آهي، جيڪو نعيم دريشاڻي لکيو آهي، ان کي ڊرامڙو سڏيو آهي. هي ڊرامو ننڍي کنڊ جي سياست تي لکيل آهي.

**ناٽڪ:** آزادي کانپوءِ سنڌي ڊراما کي ترقي ڏيارڻ ۾ محمد عثمان ڏيپلائي ۽ محمد اسماعيل عرساڻي جو وڏو هٿ هو. محمد عثمان ڏيپلائي ڪيترائي ڊراما لکيا، جن ۾ "سچائيءَ جي موڙي"، "ڊاڪٽر"، "ڪورٽ"، "ڪانگريسي چار" وڏي اهميت رکن ٿا. اڳتي هلي سندس ڊرامن جو هڪ مجموعو "ناٽڪ" جي عنوان سان انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي طرفان، 1975ع ۾ شايع ٿيو. هن جي ڊرامن ۾ سماجي عڪاسيءَ سان گڏ مزاحيہ انداز بہ هو.

**گليلو:** سنڌي جي ڏاهي اديب محمد ابراهيم جويي صاحب جو برٽالٽ بريخت جو ترجمو ٿيل وڏو ڊرامو "گليلو" 1977ع ۾ شايع ٿيو. هي هڪ تاريخي ڊرامو آهي، جنهن ۾ سترهين صدي جي جڳ مشهور سائنسدان گليلو گليلي جي شاندار شخصيت ۽ عملي ڪارنامن، رومي ڪيلسا جي مذهبي چريائپ ۽ علم دشمني، وقت جي حاڪمن ۽ امير طبقي جي ماڻهن جي خود پسندي ۽ علم ناشناميءَ، بي قدريءَ هوس ۽ لالچ جي تصوير چٽيل آهي. گليلو جرمن ناٽڪ نويس برٽالٽ بريخت جي ڊرامي Galelio جو ترجمو آهي، جنهن ۾ نيئن زندگي جي نئين معنيٰ جي تشريح ٿيل هئي.اهڙي طرح محمد ابراهيم جويي جا "آزادي ڏانهن" (1950)، هاري ۽ تعليم (1953)اهم جاءِ ولارين ٿا. هي ڊراما ترجمو هجڻ سان گڏ و گڏ تعليمي هئا.

**آخري رات:** ممتاز مرزا پنهنجي ريڊيو ۽ ٽي وي ڊرامن کي "آخري رات" جي عنوان سان 1979ع ۾ شايع ڪرايو. هن مجموعي ۾ ريڊيو ۽ ٽي وي 9 ڊراما ڏنل آهن. سندس ڊراما سنڌ جي تاريخ ۽ تهذيب جي عڪاسي جي لحاظ کان شاندار آهن.

**اسٽيج ڊراما:** پروفيسر محمد يوسف پنهور پنهنجي اسٽيج ڊرامن کي "اسٽيج ڊراما" جي عنوان سان 1980ع ۾ شايع ڪرايو. هن مجموعي ۾ هي ڏهہ ڊراما: "سنڌڙي تان صدقي"، هوشو، ڪاڪ محل"، سسئي پنهون، ابولاحسن، پرمتڙيو،

گويہ اعظم، اڇا ڪي آهين ۽ مهمان شامل آهن.

**لڙڪ لڙڪ زنجير** :قاضي خادم جي ٽي وي ۽ ريڊيو جي ڊرامن جو هي مجموعو انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄام شوري پاران (1981ع) ۾ شايع ٿيو. هن مجموعي ۾ 5 ريڊيو ڊراما: احساس، فاصلن جو موت، پيار ۽ سپنا، روپ بهروپ ۽ رشتو ۽ 4 ٽي.وي ڊراما: سک جو سپنو، لڙڪ لڙڪ زنجير، منزلون ۽ مسافر ۽ شڪست ڏنل آهن.

**واچوڙن ۾ لاٽ**: قمر شهباز جي ريڊيو ۽ ٽي وي ڊرامن جو مجموعو "واچوڙن ۾ لاٽ" 1987ع ۾ شايع ٿيو. هن مجموعي ۾ سندس ريڊيو لاءِ لکيل ڊرامن مان، واچوڙن ۾ لاٽ، ڪاري، قرض، مرض، فرض، رشتا، تنهنجون ڳالهيون سڄڻ، مان ۽ منهنجو ساٿي ڏنل آهن. جڏهن تہ ٽيليويزن ڊرامن ۾ راهون جدا جدا، واريءَ سندو ڪوٽ ۽ شڪست ڊراما شامل آهن.قمر شهباز ريڊيو ۽ ٽيليويزن لاءِ تمام گهڻو لکندي بہ پنهنجي لکڻ جو معيار برقرار رکيو آهي. هن ڪتاب ۾ ڏنل سڀ ناٽڪ مواد توڙي پيشڪش جي لحاظ کان بهترين ناٽڪن مان آهن.

**ڪاڪ محل** :شمشير الحيدريءَ جو ٽي وي ڊرامو "ڪاڪ محل" هڪ عوامي ڪهاڻي آهي. ڪاڪ محل 1987ع ۾ شايع ٿيو. هر نندي توڙي وڏي جي ڏنل ۽ ٻڌل آهي. ان هوندي بہ پنهنجي سگهڙپائيءَ سان شمشير هن کي ٽي_وي لاءِ اهڙي تہ سانچي ۾ پلٽايو آهي جو ڊرامي جا سمورا ضروري جزا نهايت ئي خبرداريءَ سان نباهيل صاف نظر پيا اچن.

**وڏ چريو جزيرو**: انور پنهور هي جو ڊرامو 1998ع ۾ شايع ٿيو. هي سڄو ڊرامو علامتي هو هن ۾ موجوده سنڌي سماج جي حالتن جي اپٽار سهڻي نموني ڪئي وئي. هن ڊرامي جي پيشڪش بلڪل منفرد آهي. هن ڊرامي جا ڪردار اسڪول جا ٻار آهن، جيڪي غير معمولي، موضوع تي گفتگو ڪري رهيا آهن. ڊرامي جو موضوع مختيار نالي هڪ شاگرد هيئن ٻڌائي ٿو:

مختيار: اياز توهان کي خبر آهي، تہ اسان جي پاڙيسري ملڪ، وڏ جزيري جو دنيا سان رابطو ڪٽجي ويو آهي.هن ڊرامي کي سئفٽ جي سفر نامي Gulliuer's Travells وانگر پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي.

**ڪاڪ ٽيل پارٽي** :ڊرامن جي ترجمن جي لحاظ ڊاڪٽر بدر اڄڻ ٽي ايس ايلٽ جي مشهور ڊرامي جو ترجمو ”ڪاڪ ٽيل پارٽي“ جي نالي سان ترجمو ڪيو، جيڪو سنڌ ريڊرس فورم پاران 1998ع ۾ شايع ٿيو. هي هڪ منظوم ڊرامو آهي، ۽ هي ڊرامو يوناني ديو مالائي ڪي جديد انداز ۾ پيش ڪيل آهي.

**ڊراما:** مشهور ڪهاڻيڪار، ڊراما نويس ۽ ناول نگار جي مختلف ڊرامن ٽي.وي. اسٽيج ۽ ريڊيو ڪي گڏ ڪري سنڌي ادبي بورڊ پاران 2009ع ۾ شايع ڪيو ويو.

**فيڊليو:** جرمن اديب ۽ موسيقار لڊ وگ وان بيٿون جو اوپيرا ناٽڪ Fidelio 1802ع ۾ شايع ٿيو ۽ بيحد گهڻو مشهور ٿيو. هن ناٽڪ جو ترجمو امان الله شيخ، جرمن ٻوليءَ مان سڌي ريت ”فيڊيليو“ جي نالي سان ترجمو ڪيو، جيڪو فيڊرڪ نيومن فائونڊيشن طرفان 2010ع ۾ شايع ٿيل آهي. هي ناٽڪ آزاديءَ جي تحريڪ تي ٻڌل آهي، هن ۾ اسپيني نواب امير ’فلورين‘، سندس زال ’ليئنورا‘، اسپين جو وزير اعظم ’ڊون فرنيڊو‘، جيل جو گورنر ’پزارو‘، چيف جيلر ’روڪو‘، روڪو جي ڌيءُ ’مرسيلينا‘، ناٽڪ جو هيرو ۽ ’مرسيلينا‘ جو چاهيندڙ جيڪوئن، هن ناٽڪ جا اهم ڪردار آهن. هن ناٽڪ جا سيئي قيدي پاڻ ۾ متحد آهن ۽ فرد جي آزادي ماڻڻ ۽ انصاف جو غلبو ٿيڻ لاءِ جدوجهد ۾ مصروف آهن. هن ناٽڪ ۾ انتهائي جذباتي منظر به ڏنل آهن، جيڪي مترجم انتهائي اصليت سان چٽڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

**”آب حيات“ :** گوئٽي جي ساڳئي مشهور ناٽڪ ”فائوسٽ“ جو ترجمو رحيم خان جوڪئي ”جرس“،اردو زبان جي نامياري ليکڪ صهبا اختر جي اردو منظوم ترجمي تان”آبِ حيات“ (2006ع) جي نالي سان ڪيو آهي. اردو ترجمو ”تاب دوام“رسالي ”ماهِ نور“ ۾ 1957ع ۾ شايع ٿيو هو. شاعر رحيم خان جوکيو ”جرس“ بنيادي طور استاد آهي. جوکيو صاحب هي ترجمو 1960ع ۾ مڪمل ڪيو. ان صاحب ڪي سروس مان رٽائرڊ ٿيڻ کان پوءِ شايع ڪرايو. هن ترجمي جي لاءِ ڊاڪٽر محمد علي مانجهي لکيو آهي ته گوئٽي شاعريءَ جا اڪيچار ڪتاب پڙهندڙن کي ڏنا. تنهن کانسواءِ هن جرمن شاعريءَ جا رسمي ۽ روايتي اصول جوڙيا. هن رومانويت ۽ جرمن ڪلاسيڪيت کي ڇهيو. سندس شاعريءَ کي موسيقيءَ سان

موزارٽ ۽ ماهلر (Mahler) جهڙن وڏن موسيقارن ملايو ۽ ان کي مشهور ڪيو. هاڻي، جرمنيءَ ۾ گوئٽي هڪ ثقافتي سگهه ۾ تبديل ٿي چڪو آهي. هُن پنهنجي نثر توڻي نظم ۾ جرمنيءَ جي لوڪ رسمن رواجن کي جوڙيو، انهن کي دائميت ڏني“.(8)

**هيملٽ :** هيملٽ جو سنڌي ۾ ترجمو 2017ع ۾ وحيد لاشاري ڪيو آهي. هن ترجمي کي اصل نالن ۽ ماڳ مڪانن سان پيش ڪيو ويو آهي. هن ڊرامي جي تعارف جي سلسلي ۾ مترجم لکيو آهي ته:”هيملٽ: ڊرامو ڊينمارڪ جي شهزادي جي ڪهاڻي آهي. هيملٽ (مرڪزي ڪردار) ڊينمارڪ جي بادشاهه ڪيلاڊيس جو ڀائٽو ۽ بادشاهه ڪلاڊيس جي زال ۽ راڻي گرٽريوڊ جو پٽ هو. جيڪو ولايت ۾ پڙهندو هو ۽ پيءُ جي موت جي خبر ٻڌندي ئي ديس اچي وڃي ٿو ۽ پنهنجي پيءُ جي موت جا سبب معلوم ڪرڻ ۾ لڳي وڃي ٿو. هيملٽ: کي شڪ ٿي پوندو آهي ته سندس پيءُ کي ڪنهن ماريو آهي، پوءِ پيءُ جي موت جو بدلو وٺڻ لاءِ آتو هوندو آهي. هيملٽ: ڊرامو نهايت ئي اهم ۽ ڪارائتو آهي ۽ هن ڊرامي ۾ سڀ جا سڀ ڪردارَ نهايت ئي اهم آهن“.(9)

**ڏاهو ناٿن:** جرمن اديب ۽ ڊراما نگار گوٿولڊ ايفريئم ليسنگ (1729_1781ع) جو ڊرامو ”Nathan the Wise“ ادبي دنيا ۾ وڏو مقام رکي ٿو. هي ڊرامو 1779ع ۾ شايع ٿيو هو. هن ڊرامي ۾ مذهبي رواداري لاءِ هڪ قسم جي جستجو ڏيکاريل آهي. اهو ڊرامو پهريون ڀيرو 1783 ع ۾ برلن جي دوببلاٿنسز ٿيٽر ۾ پيش ڪيو ويو. سنڌي ٻوليءَ ۾ Nathan the Wise کي ذولفقار راڄپر ”ڏاهو ناٿن“ جي نالي سان ترجمو ڪيو آهي، جيڪو 2012ع ۾ فريڊرڪ نيومن فائونڊيشن، اسلام آباد طرفان شايع ٿيو. هن ڊرامي ۾ مذهبي رواداريءَ جي مسئلي کي پيش ڪيو ويو آهي ۽ لبرلزم جي پرچار ڪئي وئي آهي. هي ڊرامو نه ته ڪاميڊي آهي نه وري ٽريجڊي آهي، بلڪ روشن خيالي جي فڪر لاءِ سنجيدگي واري موضوع تي مبني آهي.

**چنڊ رهين ٿو دور:** طارق عالم ابڙي 22 ڊرامن تي مبني ڪتاب ”چنڊ رهين ٿو دور“ امرتا پبليڪشن پاران 2015ع ۾ شايع ٿيو. طارق عالم رنگين مزاج انسان هو

سندس لکيل ڊراما بہ عاليشان ۽ رومانوي آهن. سندس پيھريون ٽي. وي ڊرامو ”چنڊ رهين ٿو دور“ 1974ع ۾ پي ٽي وي تان نشر ٿيو.

**83 جا ٽي ناٽڪ:** نوجوان ليکڪ پرواني سيوهاڻيءَ جو اصل نالو منظور علي سومرو ولد گل محمد سومرو آهي. سندس پيدائش 21 جولاءِ 1963ع تي سيوهڻ ۾ ٿي. پرواني سيوهاڻيءَ جو ٻاراڻي ادب ۾ وڏو مقام آهي. سندس ڪيترائي ڪتاب شايع ٿيل آهن، جن ۾ ڊرامن جا ”ٽياسيءَ جا ٽي ناٽڪ“ بہ اهم آهي، جنهن ۾ هن 1983ع واري سال جا ٽي ڊراما شامل ڪيا آهن.

**ماهتاب (سانگ ناٽڪ) ۽ گام جي عزت (سماجي ناٽڪ):** منظور ڪوهيار ڪھاڻين جي ڪتابن کان علاوه ڪيترا ئي اسٽيج ڊراما، ٽي وي ڊراما، ادبي ڪالم ۽ ڊاڪيومينٽريز ۽ سفرناما لکيا آهن. ۽ هن کي مختلف طور ڪيترا ئي ايوارڊ مليا چڪا آهن. سندس هي ڊراما ڪتابي صورت ۾ شايع ٿيل آهن.

**چنڊ رهين ٿو دور:** طارق عالم ابڙي جي ٽي.وي ڊرامن جو ڪتاب ”چنڊ رهين ٿو دور“ جي عنوان سان 2015ع ۾ امرتا پبليڪيشن، حيدرآباد پاران شايع ٿيو آهي، جنهن ۾ سندس 15 ڊراما ڏنل آهن

**تنهنجي تند تنوار:** هي ڪتاب مشهور عالم ۽ اديب سراج ميمڻ جي شاعري ۽ ڊرامن جو ڪتاب آهي. هي ڪتاب سراج انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز پاران 2015ع ۾ شايع ٿيو آهي. هن ڪتاب ۾ سراج جي ڇهہ ڊراما ڏنل آهن. سراج الحق ميمڻ جو جنم ٽنڊو ڄام ۾ ٿيو. سراج صاحب مقابلي جو امتحان CSS پاس ڪري انڪم ٽيڪس آفيسر مقرر ٿيو. بعد ۾ نوڪري ڇڏي صحافت جي دنيا ۾ آيو ۽ ڪيترائي سال ”هلال پاڪستان“ سان وابستہ رهيو. سراج ميمڻ جو شمار تمام وڏن ليکڪن ۾ ٿئي ٿو. ناول، ڊراما، افسانا، مضمون ۽ لسانيات وغيره تي سندس ڪيترائي ڪتاب شايع ٿي چڪا آهن. سنڌي ادب جي مشهور ناول نگار سراج ميمڻ جا پڻ ڪيترائي تاريخي ۽ سماجي ڊراما مختلف رسالن ۾ شايع ٿيا آهن. انهن ۾ ”مورڙو ۽ مانگر مڇ“، ”گهاتو گهر نہ آيا“ ۽ ”اڪبر جي حياتيءَ جو هڪ ڏينهن“ اهم آهن. سندس هن ڪتاب ۾ شامل ڊرامن ۾ اڪبر جي حياتي جو هڪ ڏينهن 1956ع ۾ شايع ٿيو هو. هي ڊرامو اصل انگريزي زبان جي ليکڪ نورا

رچرڊس جي ڊرامي جو ترجمو آهي. هن ڊرامي ۾ فتح پوري سڪري ۾ اڪبر بادشاهه، راجا توڏرمل، ۽ ٻين ڪيترن ئي ڪردارن جي وچ ۾ مغل بادشاهه اڪبر جي هڪ ڏينهن جي زندگي کي چٽيو ويو آهي. هي ڊرامو ٻن ايڪٽن تي مشتمل آهي. هن ڊرامي ۾ اڪبر جي انصاف، عدل و احسان کي وڏي شان و مان سان پيش ڪيو ويو. "گهاتو گهر نہ آيا" مورڙي ۽ مانگر مڇ تي مبني لوڪ ڪهاڻي، جيڪا 1960ع ۾ مهراڻ ۾ شايع ٿي. هن ڊرامي جا ڪردار مورڙو ميربحر ۽ سندس پيائر آهن. مورڙي جي بهادري ۽ دانائي هن ڊرامي جو مرڪزي خيال آهي. "پوچا ڏنم پيرَ، ڊڪڻ مئي ڊول جا" ماهوار بادل مئي 1969 ۾ شايع ٿي. هي ڊرامو مشهور لوڪ داستان ليلاچنيسر تي مبني آهي. هن تاريخي ڊرامي کي سراج صاحب نئين انداز ۾ تاريخي ماڳن ۽ ڪردارن سميت پيش ڪيو آهي. هن ڊرامي ۾ ڪيترائي دفعا ڊگها ڊگها ڊائلاگ بہ چورايا اٿس. ان کان علاوه "جر ۾ ڦوٽو جيئن" (1963)، "پروفيسر" (1964)، "ويران اڪيون"، "زخمي" ۽ ٻيا ڪيترائي ڊراما لکيا آهن. سراج صاحب جي ڊرامن تي نظر وجهڻ سان خبر پوي ٿي انهن مان ڪي لوڪ رومانوي داستانن تي مبني آهن، تہ ڪي تاريخي پسمنظر ۾ لکيل آهن تہ وري ڪي همعصر مسئلن تي آڌاريل آهن.

**زخم زندگيءَ جا (امرجليل جا اسٽيج، ريڊيو ۽ ٽي وي ڊراما)** امرجليل سنڌي ٻوليءَ جو نالي وارو ڪهاڻيڪار ۽ ڊرامانويس آهي. سندس ڪيترائي ڊراما لکيل آهن. هي ڪتاب مختيار احمد ملاح جو ترتيب ڏنل آهي، جنهن ۾ امرجليل جا اسٽيج، ريڊيو ۽ ٽي. وي جا ڊراما شامل آهن. هي ڪتاب 2015ع ۾ سنڌ ثقافت کاتي پاران شايع ٿيل آهي. هن ڪتاب ۾ هيٺيان ڊراما شامل آهن:

| نمبر | ڊرامي جو نالو | سال |
|---|---|---|
| .1 | انسان | اسٽيج ڊرامو |
| .2 | درياهہ توتي دانهن | ريڊيو ڊراما (1967) |
| .3 | سڄڻ سفر هليا | ريڊيو ڊراما (1968) |
| .4 | زخم زندگيءَ جا | ريڊيو ڊراما (1970) |
| .5 | اوندهہ ۽ روشني | ٽي. وي ڊراما جون 1970 |

| | | |
|---|---|---|
| 6. | مٽيءَ جا ماڻهو | ٽي. وي ڊراما نومبر 1970 |
| 7. | عيد | ٽي. وي ڊراما نومبر 1971 |
| 8. | هوندا سي حيات | ٽي. وي ڊراما مارچ 1972 |
| 9. | عيد ٿي وئي | ٽي. وي ڊراما مارچ 1972 |
| 10. | دوزخ | ٽي. وي ڊراما آگسٽ 1972 |
| 11. | ماءُ | ٽي. وي ڊراما 1972 |
| 12. | فرمانبردار | ٽي. وي ڊراما ڊسمبر 1972 |
| 13. | سير سوا سير | ٽي. وي ڊراما ڊسمبر 1973 |
| 14. | فنڪشن | ٽي. وي ڊراما 1974 |
| 15. | امتحان جي تياري | ٽي. وي ڊراما جنوري 1974 |
| 16. | ناٽڪ | ٽي. وي ڊراما ڊسمبر 1975 |
| 17. | اروڙ جو مست | ٽي. وي ڊراما آڪٽوبر 1974 |
| 18. | زندگي جو سفر | ٽي. وي ڊراما آڪٽوبر 1974 |
| 19. | ڳولهيان ڳولهيان مَ لهان | ٽي. وي ڊراما مئي 1976 |
| 20. | عيد مبارڪ | ٽي. وي ڊراما نومبر 1976 |
| 21 | ماسي مستاني | ٽي. وي ڊراما فيبروري 1977 |
| 22. | بزدل | ٽي. وي ڊراما جولاءِ 1977 |
| 23. | شڪست ڪانپوءِ | ٽي. وي ڊراما 1978_1979 |

**اڇي رات ڪارو چنڊ:** محمد علي پٺاڻ سنڌي ٻوليءَ جو نالي وارو شاعر، ڪهاڻيڪار ۽ ڊرامانويس آهي. سندس ڪيترائي ڪتاب شايع آهن.هن ڪيترا ڊراما لکيا آهن. جن مان: ”اڇي رات ڪارو چنڊ“ ۽ ”انصاف“ ڊراما سيريز ڪان سواءِ 20 کن سولو پلي مختلف چئنلن تان ٽيليڪاسٽ ٿيا آهن. جن ۾ هڪ ڊرامو” وهڪرو“ نالي سان ڊائيلاگن ڪان سواءِ بہ شامل آهي. سندس قسطوار ن ٽي وي ڊرامو ”اڇي رات ڪارو چنڊ“ 2016ع تي شايع ٿيل آهي.

**قمر شهباز جا ڊراما:** هي ڪتاب قمر شهباز جي نياڻي سبينا شهباز عيساڻيءَ جو سهيڙ ڪيل آهي، جيڪو سنڌ ثقافت کاتي پاران 2017ع ۾ شايع ٿيو. هن ڪتاب ۾ مختلف موضوعن تي قمر شهباز جا 10 ڊراما: قاتل ڪير، محمد بن قاسم، گلدستو (ٽي قسطون)، ٻيو گهاءُ، پريت جي ريت، مان ۽ منهنجو ساٿي، پريت پراڻي، گهاءُ نئون ، زخم زندگيءَ جا، هينئڙو هيرڻ پن الا، ۽ انڌريو اجالو ڏنل آهن.

**قليچ ڊراما اينٿالاجي:** مرزا قليچ بيگ جا ڪجهه ڊراما ته اڳيئي سنڌي ادبي بورڊ جي طرفان شايع ٿيل آهن، پر مرزا قليچ بيگ جي ڇيڙٽ پاران نصير مرزا جو مرتب ڪيل ڪتاب ”قليچ ڊراما اينٿالاجي “ شمس العماءَ مرزا قليچ جا طبعزاد ۽ ماخوذ ڊراما“ (اوليوم پهريون) 2020ع ۾ شايع ٿيو آهي. جنهن ۾ ڏهه ڊراما: ليلا مجنون، موهني، حسنا دلدار، انڪوائري آفيسر، شاهه ايليا، فيروز دل افروز، عزيز شريف، نيڪي ۽ بدي ۽ شهزادو بهرام ڏنل آهن.

مختلف رسالن ، جهڙوڪ نئين زندگي ۽ مهراڻ ۾ ۾ ٻيا به ڪيترائي ڊراما شايع ٿيل آهن، جن مان ڪي هي آهن:

| سال | نالو | ڊراما نگار | نوعيت | ڇپائيندڙ |
|---|---|---|---|---|
| 1947 | فرعون جي دل | محمد احسن ’مشتاق‘ | تاريخي ناٽڪ | ماهورا نئين زندگي (فيبروري)، ڪراچي. |
| 1947 | ماڳ جي محبت | مرزا گل حسن ڪربلائي | ’مارئي ۽ ملير‘ جي موضوع تي ناٽڪ | مهراڻ مخزن، ڪراچي. |
| 1950 | آزادي ڏانهن | محمد ابراهيم جويو | انقلابي ناٽڪ | ٽريننگ ڪاليج فارمين ڊرئميٽڪ سوسائٽي حيدرآباد |
| 1955 | شاهدي | م. ع. ڏيپلائي | سماجي ننڍو ناٽڪ | سماهي مهراڻ(اونهارو) حيدرآباد. |
| 1955 | نجومي | م. ع.ڏيپلائي | سماجي ننڍو ناٽڪ | سماهي مهراڻ (سرءُ) حيدرآباد. |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| 1955 | هٽڊروجن بم ڪان پوءِ | ابن حيات پنهور | ڪرشن چندر جي ناٽڪ جو ترجمو | سماهي مهراڻ (سرءُ)، حيدرآباد. |
| 1956 | واپيڙو | م. ع. ڏيپلائي | سماجي ننڍو ناٽڪ | سماهي مهراڻ (1)، حيدرآباد. |
| 1953 | هاري ۽ تعليم | محمد ابراهيم جويو | سماجي ننڍو ناٽڪ | زمينداري شاهي، ڪتاب – هاري دارالاشاعت حيدرآباد. |
| 1958 | ڪلندي ڪلندي مري ويو | چنا شبير 'ناز' | چيخوف جو ناٽڪ (ترجمو) | سماهي مهراڻ (3 ـ 4)، حيدرآباد. |
| 1958 | بانسري | الاهي بخش دودا پوري | بنگالي ناٽڪ جو ترجمو | ماهوار نئين زندگي (سيپٽمبر)، ڪراچي. |
| 1956 | ڪمدار | ڪشور جيون | سماجي ننڍو ناٽڪ | سماهي مهراڻ (1)، حيدرآباد. |
| 1956 | اڪبر جي حياتي..... | سراج | نورا رچرڊس جو ناٽڪ ( ترجمو) | سماهي مهراڻ(3) ، حيدرآباد. |
| 1957 | مومل راڻو | اياز قادري | لوڪ ڪهاڻي تي ٻڌل منظوم ناٽڪ (قسطوار) | ماهوار نئين زندگي( سيپٽمبر)، ڪراچي. |
| 1958 | اي ڪپهه جا گوگڙا | محمد خان جمالي 'آواره' | گوربخش سنگھ جو ناٽڪ (ترجمو) | سماهي مهراڻ (3 ـ 4)،حيدرآباد. |
| 1959 | ايمان جي قيمت | ماهتاب منور عباسي | سماجي | نئين زندگي، فيبروري |
| 1960 | انقلاب | چنا شبير'ناز' | ريڊيائي ناٽڪ | ماهوار نئين زندگي (نومبر)، ڪراچي. |
| 1960 | گهيتو | خواجہ گلزار | سماجي ناٽڪ | ماهوار ڳوٺ سڌار، |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| حِيدرآباد. | | علي | | |
| محڪمه اطلاعات، حيدرآباد. | بنيادي جمهوريت بابت | مظفر حسين جوش | منزل | 1960 |
| سماهي مهراڻ (3 ـ 4)، حيدرآباد | ’موهن جو دڙو ۾ مانگر مڇ‘ لوڪ ڪهاڻي تي ٻڌل | سراج | گهاتو گهر نه آئيا. | 1960 |
| نئين زندگي (اپريل)، ڪراچي. | سماجي ناٽڪ (قسطوار) | ابن فقير | هن ڪن ۾ | 1960 |
| نئين زندگي (ڊسمبر) ،ڪراچي. | مزاحيه ننڍو ناٽڪ پيري ڪارنيلي The Liar جو ترجمو | غالب لطيف | ڪامياب ڪوڙو | 1960 |
| سماهي مهراڻ (1)، حيدرآباد . ’ | شيڪسپيئر جي ناٽڪ جو ترجمو | محبوب علي جوکيو | انصاف | 1959 |
| سماهي مهراڻ (2 ـ 3) حيدرآباد. | اصلوڪو ننڍو ناٽڪ | سندري اُتم ،چنداڻي | وڻجارا | 1959 |
| سماهي مهراڻ (4)، حيدرآباد. | اصلوڪو ننڍو ناٽڪ | موهن ڪلپنا | جهڪنڊڙ اوچايون | 1959 |
| ماهوار نئين زندگي(فيبروري) | اصلوڪو ناٽڪ | ماهتاب محبوب | ايمان جي قيمت | 1959 |
| ماهوار نئين زندگي(مارچ)، ڪراچي. | انقلابي ننڍو ناٽڪ (قسطوار) | چنا شبير’ناز‘ | نئون صبح | 1959 |
| ڳوٺ سڌار جنوري | مزاحيه | خواجه گلزا علي | گهيٽر | 1960 |
| سماهي مهراڻ (2)، حيدرآباد | انقلابي ننڍو ناٽڪ | ڪيرت ٻاٻاڻي | هندستان ڇڏي وڃو | 1962 |
| سماهي مهراڻ (4)، | سماجي ناٽڪ | ڪيرت ٻاٻاڻي | دعوت نامو | 1962 |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| | | | | حيدرآباد. |
| 1962 | مهورت | رميش چاچاڻي | سماجي ننڍو ناٽڪ (ترجمو) | ماهوار نئين زندگي (مارچ)، ڪراچي. |
| 1962 | ٻوءِ | نسيم کرل | اصلوڪو سماجي ننڍو ناٽڪ | ماهوار نئين زندگي(آڪٽوبر)، ڪراچي. |
| 1963 | پرمتڙيون | محمد يوسف پنهور | مزاحيه ننڍو ناٽڪ | زرعي ڪاليج سنڌي ڊرئميٽڪ سوسائٽي ٽنڊوڄام |
| 1961 | ٽپال گهر | الاهي بخش بلوچ | ٽئگور جو ’ٽپال گهر‘ (ورتل) | سماهي مهراڻ (2 ـ 3) حيدرآباد. |
| 1961 | چوڙيلڻ | رائچند هريجن | اصلوڪو ننڍو ناٽڪ | سماهي مهراڻ (4)، حيدرآباد. |
| 1961 | انٽرويو | رميش چاچاڻي | سماجي ننڍو ناٽڪ (ترجمو) | ماهوار نئين زندگي (مئي)، ڪراچي. |
| 1961 | ميجر باربرا | مهرالنسا عبدالله | برناڊشا جي ناٽڪ (ترجمو) | ماهوار نئين زندگي (جولاءِ)، ڪراچي. |
| 1961 | ڏيتي ليتي | ڪيول ٽي. موٽواڻي | سماجي ننڍو ناٽڪ | ماهورا نئين زندگي (ڊسمبر)، ڪراچي. |
| 1963 | گونگي زال | الهه بچايو لغاري | موليئر جو The Dumb Wife تان ورتل | سنڌ ٿيئٽرس، حيدرآباد. |
| 1963 | تعبير | ممتاز مرزا | بينش سليمي جي اڙدو ناٽڪ جو ترجمو | سماهي مهراڻ (1 – 2)، حيدرآباد. |
| 1963 | سورج مکي | ممتاز مرزا | سجاد حيدر جي اڙدو ناٽڪ جو | سماهي مهراڻ (3 ـ 4)، حيدرآباد. |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| | | | ترجمو | |
| 1963 | جرم ڦوٽو جيئن | سراج | سماجي ننڍو ناٽڪ | ماهوار نئين زندگي (مارچ) ڪراچي. |
| 1963 | ويهن ورهين ڪان پوءِ | مراد علي مرزا | سماجي ننڍو ناٽڪ | ماهوار نئين زندگي (اپريل)، ڪراچي. |
| 1963 | پوچا ڏنم پير...... | سراج | سماجي ننڍو ناٽڪ | ماهوار نئين زندگي (جولاءِ ۽ سيپٽمبر)، ڪراچي. |
| 1963 | مرشد | غالب لطيف | مزاحيه ننڍو ناٽڪ | ماهوار نئين زندگي (ڊسمبر)، ڪراچي. |
| 1964 | گل چنو گلنار جو | آغا سليم | سورٺ راءِ ڏياچ داستان تي ٻڌل ٽيبلو | گورنمينٽ ڪاليج ڊرئميٽڪ سوسائٽي، حيدرآباد. |
| 1964 | ابوالحسن | محمد يوسف پنهور | اصلوڪو مزاحيه ناٽڪ | زرعي ڪاليج سنڌي ڊرئميٽڪ سوسائٽي ٽنڊوڄام. |
| 1964 | هاءِ پيري | عبدالحق ابڙو | مزاحيه ننڍو ناٽڪ | |
| 1964 | معزز طوائف | غلام نبي ميمڻ | زان پال سارتر جي ناٽڪ جو ترجمو | سماهي مهراڻ (1)، حيدرآباد. |
| 1964 | چوراهو | مراد علي مرزا | ريڊيائي ناٽڪ | سماهي مهراڻ (2،3) حيدرآباد. |
| 1964 | روپ بهروپ | آغا سليم | ريڊيائي ناٽڪ | سماهي مهراڻ (3 ـ 2) حيدرآباد. |
| 1964 | موسم ۽ محبت | مصطفيٰ قريشي | سليم احمد جي اڙدو ناٽڪ جو ترجمو | سماهي مهراڻ (4)، حيدرآباد. |
| 1964 | مياڻيءَ جي | مرزا گل حسن | اصلوڪو | ماهوار نئين زندگي |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| | جنگ | ڪربلائي | تاريخي ناٽڪ | (اپريل)، ڪراچي. |
| 1946 | شهزادا | محمد دائود سولنگي | سماجي ننڍو ناٽڪ | ماهوار نئين زندگي (جون)، ڪراچي. |
| 1964 | پروفيسر | سراج | سماجي ننڍو ناٽڪ (قسطوار) | ماهوار نيئن زندگي (ڊسمبر)، ڪراچي. |
| 1965 | سنگهارن جي سار | غالب لطيف | شاهه جي ڪلام تي ٻڌل ناٽڪ | ماهوار نئين زندگي (جون)، ڪراچي. |
| 1965 | انسان | امر جليل | سماجي ننڍو ناٽڪ | ماهوار نئين زندگي(آڪٽوبر)، ڪراچي. |
| 1965 | آخري رات | ممتاز مرزا | طبعزاد، موهن جو دڙو دور تي ٻڌل ريڊيو ناٽڪ | سماهي مهراڻ (2 ـ 1) حيدرآباد. |
| 1966 | ڦڙي ڦڙي تلاءُ | چنا شبير 'ناز' | سماجي ننڍو ناٽڪ | ماهوار نئين زندگي (جنوري)، ڪراچي. |
| 1966 | انصاف جو ملهه | قاضي خادم | سماجي ننڍو ناٽڪ | ماهوار نئين زندگي (مئي)، ڪراچي. |
| 1966 | ملاقات | عبدالحق خادم | سماجي ننڍو ناٽڪ | ماهوار نئين زندگي (نومبر/ ڊسمبر)، ڪراچي. |
| 1967 | واٽون ۽ نيڻ | ممتاز مرزا | طبعزاد ريڊيو ناٽڪ | سماهي مهراڻ (4)، حيدرآباد. |
| 1967 | سي ئي جوين ڏينهن | ممتاز مرزا | طبعزاد ريڊيو ناٽڪ | ماهوار نئين زندگي (فيبروري ـ قسطوار)، ڪراچي. |
| 1968 | ڳالهوڙو | حبيب الله مرزا | مزاحيه ننڍو ناٽڪ | ماهوار نئين زندگي(مارچ)، ڪراچي. |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| 1968 | تند ڪتارو ڪنڌ | عبدالڪريم بلوچ | سورٺ راءِ ڏياچ، داستان تي ٻڌل | ماهوار نئين زندگي (مئي)، ڪراچي. |
| 1968 | پنرو بدام | ممتاز مرزا | اصلوڪو ريڊيو ناٽڪ | سماهي مهراڻ (1)، حيدرآباد. |
| 1968 | موت ۾ مفاصلو | قاضي خادم | ايڊگرالن پو جي ڪهاڻي تي ٻڌل | سماهي مهراڻ (2)، حيدرآباد. |
| 1968 | اداس پاڇا | مراد علي مرزا | اصلوڪو ريڊيو ناٽڪ | سماهي مهراڻ (3)، حيدرآباد. |
| 1970 | پڙاڏو سو سڏ | ممتاز مرزا | سماجي ريڊيو ڊرامو | سماهي مهراڻ (1 ـ 2)، حيدرآباد. |
| 1970 | ڪاريگر شاعر | چنا شبير 'ناز' | سماجي ناٽڪ | سماهي مهراڻ (1 ـ 2)، حيدرآباد. |
| 1970 | ليڪ | نور شاهين | مزاحيه ننڍو ناٽڪ | ماهوار نئين زندگي (مئي)، ڪراچي. |
| 1970 | جوڳي | عبدالڪريم بلوچ | سماجي ننڍو ناٽڪ | ماهوار نئين زندگي (نومبر)، ڪراچي. |
| 1970 | عيدن خان جي عيد | عبدالڪريم بلوچ | مزاحيه ننڍو ناٽڪ | ماهوار نئين زندگي ( ڊسمبر)، ڪراچي. |
| 1971 | اونده ۾ روشني | امر جليل | سماجي ٽي وي ناٽڪ | سماهي مهراڻ (1)، حيدرآباد. |
| 1971 | مٽي جا ماڻهو | امر جليل | سماجي ٽي وي ناٽڪ | سماهي مهراڻ (3)، حيدرآباد. |
| 1975 | ٻوءِ بهار جي | شوڪت حسين شورو | سماجي ريڊيو ناٽڪ | سماهي مهراڻ (1)، حيدرآباد/ ڄامشورو |
| 1975 | مٽيءَ جا رانديڪا | انور بلوچ | سجاد حيدر جو اڙدو ريڊيو ناٽڪ (ترجمو) | سماهي مهراڻ(1)، حيدرآباد/ ڄامشورو |
| 1976 | فيصلو | شوڪت حسين | سماجي ريڊيو | سماهي مهراڻ (1) ـ |

| | | شورو | ناٽڪ | حيدرآباد/ ڄامشورو |
|---|---|---|---|---|
| 1977 | لهرين لک لباس | مراد علي مرزا | توفيق الحڪيم جو ناٽڪ (ترجمو) | ’پرک‘ سنڌ يونيورسٽي، ڄام شورو. |
| 1977 | وديا جي ويڄن | رشيد ڀٽي | سماجي ناٽڪ | ’پرک‘ سنڌ يونيورسٽي، ڄام شورو |
| 1977 | دنگي منجھ دريا | علي بابا | سماجي ٽي وي ناٽڪ | سماهي مهراڻ(1 ـ 2) ، حيدرآباد/ڄام شورو. |
| 1978 | ڪارونجھر جي ڪور | علي بابا | ٽي وي ناٽڪ | سماهي مهراڻ(1)، حيدرآباد/ڄامشورو. |
| 1978 | ڏات جي ڏيهہ ۾ | اياز عالم ابڙو | سماجي ٽي وي ناٽڪ | سماهي مهراڻ(4)، حيدرآباد/ڄامشورو. |
| 1979 | مقروض جو موت | نواز علي ’شوق‘ | سماجي ٽي وي ناٽڪ | ماهوار پيغام (جنوري)، ڪراچي. |
| 1980 | بدنصيب | نوازعلي’شوق‘ | سماجي ننڍو ناٽڪ | ماهوار پيغام (مئي/جون)، ڪراچي. |

سنڌي ادب جي وڏي بدقسمتي اها آهي تہ ادارن جي سر پرستي نہ هئڻ سبب ڪيترائي ڪتاب ڇپجڻ کان اڳ ئي گم ٿي ويا. خاص طور تي ڊراما اهڙي روش جو شڪار ٿيا آهن. ان کان علاوه ڪيترن ئي اديبن جا ڊراما ڪتابي صورت جي بجاءِ مختلف رسالن ۽ اخبارن ۾ قسطوار شايع ٿيا آهن. انهن ڊرامن کي ڪتابي صورت ۾ آڻي محفوظ ڪرڻ گهرجي.

**آزاديءَ کان پوءِ اسٽيج ڊراما**

ڊراما جو اصل ۾ صحيح مقام اسٽيج آهي ۽ نہ فقط ڪتاب. بلڪ هيئن چئجي تہ سٺو ناٽڪ اهو آهي جيڪو ٻنهي ذريعن سان زنده رهي. اسٽيج ٿئي تہ داد حاصل ڪري ۽ ڪتاب ۾ هجي تہ ادبي زندگي ماڻي. سنڌي ڊرامو ورهاڱي کان

پوءِ اسٽيج تي ڪا خاص ترقي ڪري نہ سگهيو آهي.ان جو وڏو سبب اڳ ۾ بيان ڪيو ويو آهي تہ ڊرامن لکندڙن ۾ گهڻائي هندو اديبن جي هئي ۽ اڪثر ناٽڪ منڊليون پڻ انهن جون ئي هيون. سنڌن لڏي وڃڻ کانپوءِ هتي سنڌ جا اديب غريب هئڻ ڪري نيون ناٽڪ منڊليون جوڙائي نہ پئي سگهيا. اڳ موجود ناٽڪ منڊلين ۾ سئنيما هال جڙي ويا، جتي سنڌي فلمن جي جاءِ تي ٻين ٻولين جون فلمون هلڻ لڳيون.

ڊاڪٽر محمد يوسف پنهور مطابق ”اسٽيج ڊرامو هن وقت لکڻ ۽ وري انهيءَ کي ادبي معيار مطابق اسٽيج تي پيش ڪرڻ نهايت اوکو ڪم پائنجي پيو. اهو انهيءَ ڪري بہ جو هن دور جو ليکڪ لکڻ وقت سڀ کان پهرين پنهنجي قلم جو اثر ڏيکارڻ تہ چاهي ٿو. جيڪا سندس فطري جبلت آهي، مگر انهيءَ جي اثر جو اجورو بہ ذهن ۾ رکي ٿو ۽ اهو هاڻ هڪ طرح سان سندس جائز حق بہ آهي، ڇاڪاڻ تہ اڄ جتي ٽي وي ۽ ريڊيو جهڙا نشرياتي ذريعا ڪنهن بہ ليکڪ جي ڊرامي کي پيشڪش جي قابل سمجهي انهيءَ ليکڪ کي معقول اجورو ڏين ٿا تہ پوءِ اتي اهو ليکڪ اسٽيج ڊارمي لکڻ کي ريڊيو ۽ ٽي وي جي مقابلي ۾ فوقيت ڪيئن ٿو ڏئي سگهي.“ (10)

آزاديءَ کان اڳ سنڌ جا شهر ۽ ٻهراڙيون ثقافتي سرگرمين جا ڳڙهہ رهيون آهن. مختلف شهرن ۾ ڊراما ڏيکاريا ويندا هئا. آزادي کانپوءِ جڏهن هڪ دفعو ٻيهر اهڙيون سرگرميون شروع ٿيون تہ سڄي سنڌ جو نوجوان چست، سرگرم ۽ سماجي براين کان پاڪ هوندو هو. ان دور ۾ جوا، دهشتگردي، اقربا پروري، مذهبي جنونيت، لساني جهڳڙا وغيره نہ هوندا هئا. توڙي جو غربت گهڻي هئي، پر ماڻهن ۾ ميل محبت گهڻي هوندي هئي. اسٽيج ڊرامن ۾ عام ماڻهن جي مسئلن کي بيان ڪيو ويندو هو. جن ۾ مزاح بہ هوندو تہ طنزيہ سماجي براين جي اپٽار بہ هوندي هئي. حيدرآباد سنڌ جي ناٽڪ منڊلين جو مرڪز هئي. آزادي کانپوءِ جي اسٽيج ڊرامن لاءِ شوڪت حسين شورو لکي ٿو تہ: ”سنڌ ۾ ناٽڪ تہ گهڻا لکيا ويا آهن ۽ اهي رسالن ۾ يا ڪتابن ۾ ڇپيا بہ آهن. پر انهن مان ڪي اهڙا ٿورا خوشنصيب ناٽڪ آهن، جيڪي اسٽيج تي اچي سگهيا آهن. ورهاڱي کان پوءِ سنڌ ۾ ناٽڪ

کي نئين سر جيئارڻ جون ڪوششون ٿيون ۽ ان ڏس ۾ نيون ناٽڪ منڊليون بہ ٺهيون، پر اهي مستقل بنيادن تي ڪم نہ ڪري سگهيون. هر ناٽڪ منڊلي هڪ ڪان وٺي وڌ ۾ وڌ ڇهن ستن تائين ناٽڪ ڪري سگهي آهي. انهن ٻين سان گڏ مرزا قليچ بيگ، عثمان ڏيپلائي، منگهارام ملڪاڻي، رميش ڄاڄاڻي، آغا سليم، قمر شهباز جهڙن مشهور ليکڪن جا ناٽڪ اسٽيج تي آندا. ڪجهہ سالن ڪان پوءِ اهي ناٽڪ منڊليون گم ٿي ويون“.(11)

آغا سليم جا اسٽيج لاءِ لکيل تاريخي ڊراما ”دودو چنيسر“، ”دولهہ دريا خان“ ۽ ”گل چنو گرنار جو“ شايد ئي ڪنهن ڪان وسري سگهن. هن ڊرامن لاءِ ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي لکيو آهي تہ ”1970ع ۾ ڪي معياري ۽ اعليٰ درجي جا ناٽڪ ڪيڏيا بہ ويا آهن. تن ۾ آغا سليم جا ٻہ ناٽڪ ”دودو چنيسر“ ۽ ”دولهہ دريا خان“ بالترتيب ڪيڏيا ويا. ڏسڻ وارن ٻنهي کي تمام گهڻو پسند ڪيو. جيڪو جوش و خروش نظر آيو ان مان اهو اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ اسان جا ماڻهو ناٽڪ لاءِ آتا آهن. رڳو ڪا ڊرئميٽڪ سوسائٽي هجي جو ناٽڪن کي ڪتابن مان ڪڍي اسٽيج تي آڻي“.(12)

ان ۾ ڪو شڪ ڪونهي تہ سنڌ ۾ ناٽڪ جو شوق گهڻو آهي. ان ڪري ننڍين ننڍين شهر ۾ بہ مختلف نالن سان ناٽڪ منڊليون ٺهيل آهن، جيڪي سال ۾ هڪ بہ پيرا ڪو ناٽڪ آڻيندڀون آهن. انهن ناٽڪن جا ليکڪ، ڊائريڪٽر ۽ آرٽسٽ شوقين ۽ سيڪڙاٽ ئي هوندا آهن. ناٽڪ منڊلين جي حوالي سان خاص طور حيدرآباد، لاڙڪاڻي، دادو ۽ ٺٽي ۾ ڪجهہ گروپ وڌيڪ سرگرم آهن. پر جڏهن ڪان سنڌي ٽي وي چينلن ”ڪي ٽي اين“، ”سنڌ ٽي وي“ ”ڌرتي“، ”ڪشش“، ”مهراڻ“ ۽ ”آواز“ شروع ٿيا آهن تہ انهن ناٽڪ منڊلين جي سرگرمي متاثر ٿي آهي. ڪارڻ اهو آهي تہ اسٽيج جي ڪلاڪارن هلندڙ ٽي وي ڊرامن ڏانهن رخ ڪيو آهي. ڪي ڊرئميٽڪ گروپ وري وڊيو فلمون ٺاهڻ لڳا آهن. آزاديءَ ڪان پوءِ سنڌ ۾ مختلف دورن ۾ ڪي ڊرئميٽڪ سوسائٽيون، ڪلب، منڊليون وغيرہ قائم ٿيون، پر گهٽيون ڪامياب ٿي نہ سگهيون. ڪجهہ اهم سوسائٽين ۽ ڪلبن جو تعارف ڏجي ٿو:

**اتحاد آرٽ ڪلب، حيدرآباد:** 1955ع ۾ هيءَ ڊرئميٽڪ ڪلب ڪوڪر محلي

حيدرآباد جي نوجوان فنڪارن جي سرجوشيءَ سان قائم ٿي، جنهن طرفان سڀ کان پهرين ميناررام هال ۾ ”سسئي پنهون“ ناٽڪ پيش ڪيو ويو هو.

**ڪوهه نور ڊرئميٽڪ ڪلب، حيدرآباد:** 1956ع ۾ برپا ٿيندڙ هن ڊرئميٽڪ ڪلب جو باني ستار نوحاڻي هو، جنهن جي نگرانيءَ هيٺ مشهور ڊراما ”مومل راڻو“ ۽ ”درد دل“ رچايا ويا هئا.

**مهراڻ آرٽ سرڪل، حيدرآباد:** 1957ع ۾ هن ڊرئميٽڪ سرڪل جو پايو ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جي اديبن ۽ فنڪارن جي ڪوشش سان رکيو ويو هو. هن ڊرئميٽڪ سرڪل طرفان سنڌ يونيورسٽي، ايلسا قاضي اولڊ ڪئمپس جي اسٽيج تي پهريون ناٽڪ ”ليلان چنيسر“ پيش ڪيو ويو.

**سٽيزن ڊرئميٽڪ سوسائٽي، شڪارپور**

هن سوسائيٽءَ جي سلسلي ۾ آغا سليم لکيو آهي ته ”سنڌي زبان جي مشهور شاعر، اديب ۽ ڊرامانويس آغا صوفي جي فرزند آغا ضياءُ الدين خان درانيءَ شڪارپور ۾ ” سٽيزن ڊرئميٽڪ سوسائٽي“ قائم ڪئي. آزاديءَ کان اڳ ۾ شڪارپور ۾ قائم ”ڏرم اپڪار اميچوئر سوسائٽي“ جو قائم ٿيل آڊيٽوريم خوش قسمتيءَ سان اڄان سئنيما هال ۾ تبديل نه ٿيو هو، اتي ڊراما اسٽيج ٿيا، ان ۾ ڳانن جي پرمار ۽ معاشرتي منظرن هوندا هئا. هيءَ سوسائٽيءَ معاشي بحران جي ڪري ختم ٿي وئي“.(13)

**گورنمينٽ ڪاليج ڊرئميٽڪ سوسائٽي، حيدرآباد:** هن سوسائٽيءَ جي آزاديءَ کان اڳ به هڪ وڏي تاريخ آهي، پر 1960ع کان گورنمينٽ ڪاليج (ڦليلي) حيدرآباد ۾ هڪ دفعو ٻيهر سنڌي ڊرئميٽڪ سوسائٽي برپا ڪئي، جنهن جا اداڪار ۽ فنڪار استاد ۽ شاگرد هئا. ڊاڪٽر غلام علي الانا لکيو آهي ته .”هن ڪاليج ۾ پيش ٿيندڙ ڊراما، ڪاليج اندر ثقافتي سرگرمين جي جان هوندا هئا. مون کي ياد آهي ته پروفيسر قلباڻيءَ هن ڪاليج جي اسٽيج تان جڏهن مرزا قليچ بيگ جو ڊرامو ”انڪوائري آفيسر“ پيش ڪيو تڏهن سڄي حيدرآباد ۾ هلچل مچي وئي. اهڙيءَ طرح قلباڻيءَ صاحب هن ڪاليج جي اسٽيج تان خانچند درياڻيءَ جو ورهاڱي کان اڳ پيش ڪيل ڊرامو ”ملڪ جا مدبر“ وري پيش ڪيو. هن ڊرامي

حيدرآباد واسين کي ڏاڍو متاثر ڪيو.“ (14)

**سنڌ ٿيئٽر، جيڪب آباد:** جيڪب آباد به سنڌ جي ثقافتي سرگرمين جو محور رهيو آهي. غالب لطيف جي ڪوشش سان جيڪب آباد ۾ ”سنڌ ٿيئٽر“ جو بنياد پيو. هتان، جيڪب آباد سميت اتر سنڌ جي ڪيترن ڊراما نگارن جا ڊراما اسٽيج ڪيا ويا. هن ٿيئٽر جي قيام ۾ غالب لطيف جو وڏو ڪردار هو. هن ٿيئٽر سڀ کان پهرين ”گونگي زال“ اسٽيج ڪيو هو. ان کان پوءِ مرزا قليچ بيگ جو ”انڪوائري آفيسر“ پڻ اسٽيج تي آندو. آغا سليم جو ”دودو چنيسر“ به هتي اسٽيج ٿيو.

**گرين هال، نوابشاهه:** گرين هال نوابشاهه طرفان ڪيترائي يادگار ڊراما پيش ٿيا، مشهور افسانه نگار ۽ ڊراما نويس امر جليل جو ڊرامو ”پڙاڏو“ پڻ هتان اسٽيج ٿيو.

**زرعي ڪاليج ڊرئميٽڪ سوسائٽي، ٽنڊو ڄام:** 1962ع ۾ سنڌ زرعي ڪاليج ٽنڊو ڄام جي استادن ۽ شاگردن هيءَ ڊرئميٽڪ سوسائٽي ٺاهي هئي، جنهن بعد ۾ ڪاليج جي پرنسپال پروفيسر عبدالغني پيرزادي صاحب جي سرپرستي هيٺ هر سال ڊراما فنڪشن ۾ بهترين ڊراما پيش ڪيا بعد ۾ زرعي ڪاليج زرعي يونيورسٽي ٿي ويو. هن سوسائٽيءَ جو وڏي ۾ وڏو ڊراما نويس محمد يوسف پنهور هو، جنهن تمام گهڻا ڊراما لکي، هن سوسائٽيءَ کي آباد رکندو آيو.

**پرياٽ آرٽ سرڪل، حيدرآباد:** 1960ع واري ڏهاڪي دوران حيدرآباد ۾ ”لطيفي لٽرري سوسائٽي“، ابن حيات پنهور، نثار حسيني ۽ غلام نبي جي سرجوشيءَ سان قائم ٿي. هن سوسائٽي، شمس العلماءُ مرزا قليچ بيگ ۽ ٻين شاعرن جون ورسيون ملهايون. اڳتي هلي آرٽ ۽ ڊراما نويسي جي فن کي فروغ ڏيڻ لاءِ هن سوسائٽيءَ پاران 1964ع ۾ ”پرياٽ آرٽ سرڪل“ قائم ڪيو ويو. هن سرڪل جي قيام جي سلسلي ۾ ناز ڀٽي لکيو آهي ته ”جيئن ته لطيفي سوسائٽي صرف ادبي سرگرمين تائين محدود هئي، ان ڪري سنگت جو خيال ٿيو ته ادب سان گڏ ثقافت ڏانهن به قدم وڌائجي. اها ڳالهه ڳٽي جنوري 1964ع ۾ ”پرياٽ آرٽ سرڪل“ جي نالي سان ثقافتي ۽ ادبي ادارو قائم ڪيو ويو. ورهاڱي بعد اسان جي سنڌ ۾ اهڙي قسم جي ادرن جي واقعي ڪمي پئي رهي آهي، خاص طور سان اهڙي دور ۾ جڏهن ته آمرانه قوتون بام عروج تي هجن ۽ لکڻي پڙهڻي، ٻولي توڙي گيتن تي

ٻہ پهرا هجن، تڏهن هڪ خاص قومي پروگرامن کي کڻي استيج تي اچڻ هڪ جرئت جو ڪم آهي“.[15]

هن اداري سنڌي ادب ۽ ثقافت جي ترقي ۽ ترويج توڙي ادب جي صحتمند قدرن کي نئين سر اجاگر ڪرڻ لاءِ وڏي لڳن سان ڪم ڪيو آهي. هن سرڪل جي باني ڪار ۽ هدايتڪار نثار حسيني استيج تي پنهنجي وقت جا يادگار ڊراما پيش ڪيا. هن اداري جي استيج ڪيل ڊرامن ۾ ڪي هن ريت آهن:

| نمبر | ڊرامو | ليکڪ |
|---|---|---|
| 1. | انڪوائري آفيسر | مرزا قليچ بيگ |
| 2. | منشي | مرزا قليچ بيگ |
| 3. | حرڪت مان برڪت | مرزا قليچ بيگ |
| 4. | ڪوڙو نوٽ | مرزا قليچ بيگ |
| 5. | نيم حڪيم نيم ملان | مرزا قليچ بيگ |
| 6. | آزاديءَ ڏانهن | محمد ابراهيم جويو |
| 7. | نجومي | محمد عثمان ڏيپلائي |
| 8. | شهيد بختاور | منير احمد |
| 9. | پرندي رهندي لاٽ | شوڪت شورو |
| 10. | اڳتي وڌبو | نثار حسيني |
| 11. | پوٽ | عبدالعزيز سمون |
| 12. | دودو سلطان | نثار حسيني |
| 13. | سهڪار | مرزا اسد بيگ |
| 14. | ٽيپو | نثار حسيني |
| 15. | چنڊ ۽ رلي | غزالہ شاهين |
| 16. | جل جل مشعل جل جل | نثار حسيني |
| 17. | چنڊ جو سير | محمد بخش دائود پوٽو |
| 18. | مڙيا مچ هزار (ٽيبلو) | نثار حسيني |
| 19. | ڪاڪ ڪڙهي وڻ ٻريا (ٽيبلو) | نثار حسيني |

| | | |
|---|---|---|
| 20. | ڏات جي لات (ڪينجهر ڪناري) (ٽيبلو) | نثار حسيني |
| 21. | سامونڊين سڙهه سنياپا (ٽيبلو) | نثار حسيني |
| 22. | دودي سومري جو موت | شيخ اياز |
| 23. | عيد برادري | قمر شهباز |
| 24. | ميٽ دي وٽايو | نثار حسيني |
| 25. | حملو(ٽيبلو) | امداد حسيني |

**سنڌ پيپلز ڪلچرائنڊ آرٽس ڪائونسل، حيدرآباد:**

1973ع ۾ سنڌ آرٽ ائنڊ ڊرئميٽڪ سوسائٽيءَ جو نالو بدلائي سنڌ پيپلز ڪلچرل ائنڊ آرٽس ڪائونسل (سپڪاڪ) رکيو ويو، جنهن جا باني ڪار اسرار شام ۽ اشرف بلوچ هئا.

**گلفام آرٽس سرڪل، حيدرآباد:** 1974ع کان هن آرٽ سرڪل جو پايو شهزادي گلفام رکيو ۽ ناٽڪ ڏسندڙن جي لاءِ تفريحي پهلو نظر ۾ رکي فن جو مظاهرو ڪيو.

**شاهه لطيف ڊرئميٽڪ سوسائٽي، حيدرآباد:** 1975ع ۾ برپا ٿيندڙ هن ناٽڪ منڊليءَ جا روح روان قاسم فاني ۽ اشرف بلوچ هئا. جيڪي هن جا ليکڪ ۽ هدايتڪار پڻ هئا.هن سوسائٽي طرفان قاسم فاني ڪيترائي ڊراما لکيا، جن ۾ شيشي جو گهر (1975)، ماڊرن هير رانجهو (1976) مور ٿو ٽلي (1980) اهم آهن. هي ڊراما مختلف ڪردارن جي نمائندگي ڪن ٿا. قاسم فاني جا ڊراما مزاح سان گڏوگڏ سماجي براين جي به سٺي عڪاسي ڪن ٿا". (16)

**جهولي لال ڊرئميٽڪ سوسائٽي:** حيدرآباد ۾ رنگ منچ جي پراڻي روايت کي جيارينديءَ ايندڙ جهولي لال ڊرئميٽڪ سوسائٽي جو وڏو نالو هو. جهولي لال ڊرئميٽڪ سوسائٽي 1978ع کان ناٽڪ پيش ڪندي پئي اچي، جيڪي گهڻو ڪري نادر بلوچ ڪيا آهن. انهن ناٽڪن ۾ "ڏڳو پير پيران"، "جيجل ڏرتي ماءُ"، "وطن يا ڪفن"، "رت جا سهرا"، "هل صابل ميني تي"، "مسٽر ٻٽاڪي"، "خميسو ڏچي ۾"، "سنڌ جو ماڻهو موتيءَ داڻو"، "عشق"، "عيد دل وارن جي"، "تماشو"،

"مسٽر مداري"، "زال زهر مڙس ماکي" ۽ ٻيا ڪيترائي ناٽڪ اسٽيج تي هڪ کان وڌيڪ ڀيرا پيش ٿي چڪا آهن.

**مهراڻ آرٽ ڪلب، شهداد ڪوٽ:** 1978ع کان هن آرٽ ڪلب ۾ علي چانڊيو ۽ مدد علي وفا جي گڏيل ڪوشش سان ڪيترائي ڊراما رچايا مڪيه ليکڪ ۽ هدايتڪار به پاڻ ٻئي هئا.

**سنڌي آرٽسٽ فورم، حيدرآباد:** 1979ع ۾ هن ڊرئميٽڪ سوسائٽيءَ جو پايو اسرار شام وڌو. هن جو مکيه ليکڪ ۽ هدايتڪار به پاڻ اسرار شام هو." (17)

**سنڌي آرٽسٽ ڪلب، حيدرآباد:** 1979ع ڌاري هيءَ ناٽڪ منڊلي برپا ٿي جنهن جو بانيڪار اشرف بلوچ هو، جيڪو پاڻ هن منڊليءَ جو ليکڪ ۽ هدايتڪار پڻ هو.

**ايشين آرٽس اڪيڊمي، ڪراچي:** 1979ع ۾ هيءَ اڪيڊمي قمر شهباز ۽ ساٿين جي ڪوشش سان قائم ٿي. هن جو مکيه ليکڪ ۽ هدايتڪار قمر شهباز هو.

**سنڌي ناٽڪ سڀا:** 1980ع واري ڏهاڪي ۾ ڪجهه ريڊيو ۽ ٽي. وي فنڪارن ڪراچيءَ ۾ "سنڌ ناٽڪ سڀا" جي نالي تنظيم قائم ڪئي، جنهن سرواڻن ۾ نور محمد لاشاري ۽ يوسف علي هئا. هو علي ڀائي آڊيٽوريم ۾ ڊراما اسٽيج ڪندا هئا، جن ۾ "ڪٿي آيو خير سان" ۽ "گهوٽ اٺموٽ" ڪافي مشهور ٿيا هئا.

**انڊس ويلي ٿيئٽر، حيدرآباد:** مارچ 2001ع ۾ ڪجهه نوجوان اديبن، تعليمي ماهرن، اداڪارن اسٽيج ڊرامن کي ٻيهر جئارڻ لاءِ انڊس ويلي ٿيئٽر جو بنياد وڌو. هن ۾ اي - جي - چانڊيو، حفيظ ڪنير، ارشاد لغاري ۽ ذوالفقار شاهه جو وڏو هٿ هو. شوڪت حسين شورو مطابق: "سيپٽمبر 2001ع ۾ اشرف بلوچ آرٽس ڪائونسل ۽ انڊس ٿيئٽر پاڻ ۾ گڏجي هڪ نئين گروپ انڊس وئلي ٿيئٽر جو بنياد وڌو جيڪو پروفيشنل ۽ Committed آرٽسٽن جو سنگم آهي. ان گروپ جو چيئرمين اي-جي-چانڊيو ۽ سيڪريٽري اشرف بلوچ آهي، جيڪي ٻئي ايڪٽر هجڻ سان گڏ ڊراما ڊائريڪٽر پڻ هئا. ناٽڪ سان چاهه رکندڙ ماڻهن پنهنجي شوق خاطر وقت بوقت ڪوششون پئي ڪيون آهن، پر اسٽيج ورهاڱي کان اڳ وارو اوج ڪونه ماڻي سگهيو آهي ۽ نه وري اڄ تائين ٿيئٽر ڪمرشل بنيادن تي قائم ٿي سگهيو آهي. ڪمرشل اسٽيج نه هجڻ سبب ناٽڪن جون ٽڪيٽون ڪونه

وڪامنديون آهن. تماشائين ۾ اها عادت ئي ڪانهي تہ اهي ٽڪيٽ خريد ڪري ناٽڪ ڏسڻ وڃن. رواج اهو آهي تہ ڪنهن بہ ناٽڪ کي اسٽيج تي آڻڻ کان اڳ دعوت جا ڪارڊ ڇپرايا ويندا آهن. جيڪي پهچ وارن سرڪاري طور اثر رسوخ وارن ماڻهن کي ڏنا ويندا آهن جتان donation جي صورت ۾ ڪجهہ رقم ملي ويندي آهي ۽ ان رقم مان ناٽڪ منڊلين کي هلايو ويندو آهي".[18]

**ڏهرڪي سرمست ويلفيئر اينڊ ڪلچرل سوسائٽي :** هن تنظيم جو بنياد شاهنواز چانڊيي جي ڪوشش سان 1995ع ڌاري پيو. اصل ۾ هي پهريائين 1992ع ڌاري قائم 'سرمست ڊرئميٽڪ سوسائٽي 'ڏهرڪي طور ڪم ڪندي هئي .ان جو بنيادي مقصد سنڌ ۾ اسٽيج ڊرامن کي هٿي وٺرائڻ هو .سرمست ويلفيئر اينڊ ڪلچرل سوسائٽي ڏهرڪي کي شاهنواز چانڊيو جي وفات کانپوءِ اورنگزيب ساگر اڳتي وڌايو. انهيءَ سوسائٽي پاران هر سال اسٽيج ڊراما ڪرايا ويندا هئا .ڏهرڪي، اوٻاوڙو، ميرپور ماٿيلو، ڪشمور، گهوٽڪي، صادق آباد، لاڙڪاڻو، ريتي، ڳوٺ جاني گبول، ڳوٺ 8 نمبر ڪوهہ، لينجهر، خانپور مهر ۽ ٻين هنڌن تي اسٽيج ڊراما ڪرايا ويا. انهن اسٽيج ناٽڪن مان حاصل ٿيندڙ پئسو سماجي ڀلائيءَ جي ڪمن لاءِ ڪتب آندو ويندو هو ۽ ڪتابن جي مفت فراهمي، ڏهرڪي تعلقہ اسپتال ۾ داخل مريضن جي مدد ڪرڻ، مشاعرا ۽ ادبي محفلون ڪرائڻ ۽ ٻيا سماجي ڀلائيءَ وارا ڪم سرانجام ڏنا ويا. ڪجهہ مشهور ڊرامن مان: "ماروي"، "پاپي"، "جلاد"، "ظالم"، "صنم بيوفا"، "گلو بادشاهہ"، "سڙ پٽ سڙ"، "ٽپڙ ٽيشڻ تي"، "گدو بندر"، "گهم ڦر تہ هوا لڳئي"،" ڌرتي جا غدار" وغيرہ ڏاڍا مقبول ٿيا".[19]

**ڪراچي آرٽش ڪائونسل:**موجوده دور ۾ محمد ايوب شيخ جي ڪوشش سان سنڌي نوجوانن کي ڪراچي آرٽس ڪائونسل ۾ اچ وڃ وڌي آهي ۽ سنڌ جا نوجوان بہ پنهنجا ڊراما اسٽيج ڪري رهيا آهن. ان کان علاوه، سنڌ جو ثقافت کاتو بہ اهڙن نوجوانن جي همت افزائي ڪري رهيو آهي، جنهن ڪري بہ سنڌي ڊرامن کي ڪراچيءَ جي شهر ۾ وڌڻ جو موقعو ملي رهيو آهي.

**لاڙڪاڻو آرٽس ڪائونسل:**موجوده دور ۾ لاڙڪاڻي جي آرٽس ڪائونسل علمي،

ادبي ۽ ڊرامن جي پروگرام رچائڻ ۾ تمام گهڻي فعال آهي ۽ باقاعده هفيتوار ڊراما رچايا وڃن ٿا.

ان کان علاوه هيٺيون ڊرئميٽڪ سوسائٽيون سرگرم رهيون آهن يا سرگرم آهن: ”ممتاز ڊرئميٽڪ ايسوسئيشن“، ڪراچي، ”ملير آرٽ سرڪل“، ڪراچي، ”سنڌ ناٽڪ سوسائٽي“، ڪراچي، ”لياري اسٽيج ڊراما اڪيڊمي“، ڪراچي، ”هالا ڊراما سوسائٽي“، هالا، ”مهراڻ ڊراميٽڪ سوسائٽي“، چمبڙ، ”سنڌ اسٽيج ڊراما ڪائونسل“، حيدرآباد، ”تر ڪائونسل ڪڍڻ“، بدين، ”مهراڻ ٿيئٽر ويزن“، ميرپورخاص، ”اسٽيج آرٽ ڪائونسل“، لاڙڪاڻو، ”استاد بخاري اڪيڊمي“، دادو، ”سنڌي اسٽيج ڊراما ڪائونسل“، نوابشاهه، ”سچل ڊرئميٽڪ آرٽ سوسائٽي“، گمبٽ، ”ڊراما آرٽسٽ فورم “ خيرپور، ”بخاري ڊرئميٽڪ آرٽ ڪلب“، شڪارپور، ”سنگم آرٽس اڪيڊمي“، جيڪب آباد، ”سچل ساهتيہ سنگت“، ڪنڌڪوٽ، ”ساوڪ آرٽ اڪيڊمي“، رتوديرو، ”ڪارونجهر آرٽس ڪائونسل“، مٺي وغيره شامل آهن.

ٽيڪنالاجي جو استعمال هاڻي اسٽيج ڊرامن ۾ به ٿيڻ لڳو آهي، پر ان ۾ خرابي اها آهي تہ ناٽڪ مشيني انداز ۾ پيش ڪيا وڃن ٿا. جن ۾ اداڪار روبوٽ بنجي ويا آهن. ناٽڪ منڊليون پنهنجي سهولت جي لاءِ ناٽڪ جو سمورو آواز وارو حصو يعني ڊائلاگ، موسيقي ۽ سائونڊ افيڪٽس ٽيپ تي اڳواٽ رڪارڊ ڪري ڇڏينديون آهن. پوءِ اسٽيج تي شو ڪرڻ وقت انهيءَ ٽيپ کي هلائي ڪردارن کان اسٽيج تي رڳو چرپر(movement) ڪرائي ويندي آهي. جيتوڻيڪ اها ڳالهہ اسٽيج جي Ethics جي خلاف آهي. پر اهو طريقو هاڻي عام ٿي ويو آهي. موجوده دور ۾ اسٽيج ڊرامن جي ناڪاميءَ جا ڪي سبب:

1. اسٽيج ڊرامو، ٽي وي ۽ ريڊيو کان بلڪل مختلف ۽ مشڪل آهي. ان ۾ ناظر Audience روبرو هر شيءَ کي ڏسندو آهي. اسٽيج ڊراما ناظرين جي پسند کي سامهون رکي ٺاهيا ويندا آهن. موجوده دور ۾ نہ ناظرين کي اسٽيج ڊراما سان دلچسپي آهيۜ نہ ليکڪن ۽ نہ هدايتڪارن کي.
2. حقيقت ۾، اسٽيج ڊراما انڪري بہ اهميت وڃائي ويٺا آهن. ڇو جو اڄ

ٽيڪنالاجي ايتري تہ ترقي ڪري وئي آهي جو سئنيما گهر، ٿيئٽر هر گهر ۾ پهچي ويا آهن. ڪيبل سسٽم، انٽرنيٽ، ڪمپيوٽر سي ڊي ۽ ڊي وي ڊي ڊرامن ۽ فلمن کي سستو ۽ عام ڪري ڇڏيو آهي. هاڻي ڏسندڙ جي مرضي آهي تہ هو ڇا ٿو ڏسڻ چاهي. هن وٽ هر قسم جي پسند موجود آهي. هاڻي ناظرين موجوده تفريحي ذريعن سان پنهنجي پسند جي تقاضا کي بہ اوترو وڌائي ڇڏيو آهي، تنهن ڪري اسٽيج ڊرامي جا سيئي عنصر تاثر اتي هجڻ باوجود حيثيت وڃائي وينا آهن.

3. جڏهن کان سنڌ ۾ ڊاڙيل ڪلچر شروع ٿيو، تڏهن کان سنڌ جي ڀهراڙين جو رونقون ختم ٿيون. ٻئي طرف شهرن ۾ دهشتگردي ڪري ثقافتي رونقون ختم ٿيون. انهن حالتن جو سنڌي اسٽيج ڊرامي تي تمام برو اثر پيو تماشائين خوف کان ناٽڪ منڊلين جو رخ ڪرڻ ڇڏي ڏنو. ان کان پوءِ وري وي.سي. آر ۽ ڊش ڪلچر بہ ڀهراڙيءَ جي نوجوانن کي هوٽلن تائين محدود ڪري ڇڏيو ۽ شهرن ۾ وري گهرن اندر سئنيما اچي وئي، جنهن ڪري بہ اسٽيج ڊرامو متاثر ٿيو آهي.

4. اسٽيج ڊراما، ثقافتي سرگرمين ۾ اهم ڪردار ادا ڪندا آهن. پر حڪومتي سرپرستي نہ ملڻ سبب اداڪار، ليکڪ ۽ فنڪار ۽ هدايتڪار بک ۽ افلاس جو شڪار رهڻ لڳا. پيٽ پالڻ ڪري اسٽيج جي سنواريندڙن ٻين ڌنڌن ڏانهن رخ ڪيو. نہ وري اهڙو ڪو ادارو موجود آهي، جتي ڊراما جي دنيا سان لاڳاپيل فنڪار، ليکڪ وغيره وڃي سکيا حاصل ڪن. نہ وري انهن کي همٿائڻ لاءِ انعام و اڪرام ڏنا وڃن ٿا.

## ريڊيو ڊراما (Radio Plays)

ادب جي هر صنف وانگر ريڊيو ڊرامن ۾ لفظن کي بنيادي اهميت حاصل آهي. لفظ خيال جي ترجماني ڪن ٿا ۽ اهي واقعن، ڪردارن ۽ ماحول کي سمجهڻ ۽ محسوس ڪرڻ جو هڪ تمام اثرائتو وسيلو ۽ ذريعو رهيو آهي. مراد علي مرزا مطابق "ڊرامو يا ناٽڪ افسانوي ادب (Fiction) جي هڪ اهم صنف آهي. ٻين

صنفن وانگر ان جا بہ ڪي قاعدا ۽ قانون هوندا آهن. جيڪي ڪنهن ادبي شهپاري جي چنڊ ڇاڻ ڪرڻ وقت اڳيان رکڻا پوندا. انهن مطابق ريڊيو ڊرامي جي سٽاءَ ۾ چار عنصر تمام ضروري سمجهيا وڃن ٿا اهي آهن ڪردار، ماحول، عمل ۽ مرڪزي خيال يا موضوع ٻين ادبي صنفن وانگر ريڊيو ڊرامي ۾ ائين ٿئي ٿو تہ ڪي ڪردار ڪنهن ماحول جي پسمنظر ۾ ڪو عمل ڪن ٿا، جنهن جي ذريعي پڙهندڙ يا ٻڌندڙ تائين ان ڊرامي جو ڪو مرڪزي خيال پهچي ٿو."[20]

ريڊيو لاءِ پهريون ڊرامو هڪ انگريز ڊرامانويس رچرڊ هيوز لکيو، جنهن جو نالو ڊينجر (Danger) هو. اهو ڊرامو BBC لنڊن تان 15 جنوري 1924ع تي نشر ٿيو. اهو فقط پندرنهن منٽن جو ڊرامو هو ، جنهن ۾ ٻڌايو ويو هيو تہ ڪوئلن جي هڪ کاڻ ۾ ڇت ڪرڻ سبب ڪي پورهيت اندر ڦاسي پون ٿا پر پنهنجي ڪوشش ۽ همٿ ڪري سلامتيءَ سان ٻاهر نڪري اچن ٿا. ان کان اڳ تجربي خاطر شيڪسپيئر جو ڊرامو (Twelfth Night) تاريخ 28 مئي 1923ع تي BBCتان نشر ڪيو ويو هيو.

برصغير ۾ ريڊيو 1935ع ۾ قائم ٿيو ۽ دهلي مان نشريات جو سلسلو شروع ٿيو. 1939ع ۾ ٻين وڏن شهرن جهڙوڪ لاهور، پشاور، بمبئي، مدراس، ڪلڪتي ۽ ڍاڪا ۾ بہ ريڊيو اسٽيشنون برپا ٿيون. ان زماني ۾ انهن اسٽيشنن تان انگريزي ۽ اردو ۾ ڊراما نشر ٿيندا هئا. هريون سنڌي ڊرامو جيڪو ريڊيو تان نشر ٿيو هو، ان جو عنوان هو "ٽي پارٽي". اهو ننڍڙو ڊرامو 1942ع ۾ اردو جي مشهور شاعر ۽ اديب پروفيسر ايم ـ ڊي تاثير سنڌي مان ترجمو ڪري آل انڊيا ريڊيو دهليءَ تان نشر ڪيو. ساڳئي وقت اهو ڊرامو ٻين ريڊيو اسٽيشنن پڻ نشر ڪيو هو. "ٽي پارٽي" جو مصنف پروفيسر منگهارام ملڪاڻي هو. "ٽي پارٽي" 1935ع ۾ لکيو ويو هو ۽ شاهاڻي هاءِ اسڪول جي ساليانو جلسي جي موقعي تي فريئر هال ڪراچي ۾ ڏيکاريو ويو هو. ان ڊرامي ۾ ٿورا ڪردار، تز مڪالما هئا. ان ڊرامي ۾ اهي سڀ خوبيون هيون، جيڪي هڪ ريڊيو ڊرامي ۾ هجڻ گهرجن. "ٽي پارٽي" بابت پروفيسر منگهارام ملڪاڻي پاڻ لکيو آهي تہ "جهوني زماني جا افسانا، جن ۾ جنگ ۽ عشق جي بازار گرم هوندي هئي ۽ ملڪ ۾ ڪير ۽ ماڪي جون نديون

وهنديون هيون، سي اڄ ناٽڪ ۾ اَڻجن ته ناممڪن پيا لڳن. اسان جو گهرو، پنگتي ۽ قومي جيوت اوڻاين سان ٽمٽار آهي. اڄوڪن ناٽڪن ۾ انهن اوڻاين کي اٿڻ کان سواءِ رهي نه ٿو سگهجي. ”ٽي پارٽي“ ۾ به اهڙي ئي هڪ گهرو جيوت تي سٽ (Satire) ڪيل آهي“.(21)

**ريڊيو پاڪستان ڪراچي:**

14آگسٽ 1948 تي ريڊيو اسٽيشن ڪراچي قائم ٿي. ڪراچي ريڊيو اسٽيشن جي اصل ۾ شروعات 5 آگسٽ 1947 تي سنڌ گورنمينٽ براڊ ڪاسٽنگ اسٽيشن جي نالي سان ٿي چڪي هئي جيڪا قائداعظم جي گورنر جنرل بڻجڻ واري قسم کڻڻ واري تقريب جي ڪوريج ۽ ٻين عملن جي ڪري وائر ليس ٽيليگرافي ايڪٽ جي انحرافي جي ڪري ڌهن ڏينهن جي اندر ئي بندش ۾ اچي وئي. سنڌيءَ ۾ ريڊيو ڊرامن جي شروعات تقريبا 1950ع ۾ ريڊيو پاڪستان ڪراچيءَ کان ٿي.

ريڊيو پاڪستان ڪراچيءَ تان جن اديبن جا لکيل ڊراما نشر ٿيا هئا، انهن ۾ امام بخش ”نياز“، حبيب الله فڪري، عبدالڪريم شاد، خديجه چاڳلا ۽ عبدالطيف عباسي اهم آهن. حبيب الله فڪري ۽ خديجه چاڳلا معروف عوامي داستانن جهڙوڪ عمر مارئي، مومل راڻو، نوري ڄام تماچي وغيره کي ريڊيو ڊرامن جو روپ ڏنو. عبدالڪريم شاد وري پنهنجي ڊرامن لاءِ واقعا اسلامي تاريخ مان ورتا، البته امام بخش نياز ۽ عبداللطيف عباسيءَ پنهنجي وقت جي سماجي ۽ معاشرتي مسئلن تي ڊراما لکيا.ان زماني ۾ ريڊيو پاڪستان ڪراچيءَ کان سنڌي پروگرام فقط 45 منٽن جو نشر ٿيندو هو، جنهن ۾ موسيقي، تقريرون، فيچر ۽ ڊراما پيش ڪيا ويندا هئا.

**ريڊيو پاڪستان حيدرآباد:**

17آگسٽ 1955ع ۾ ريڊيو پاڪستان جي هڪ اسٽيشن حيدرآباد ۾ قائم ٿي، جنهنجي ڪري سنڌي پروگرامن کي وڌيڪ وقت ملڻ لڳو. ڪراچيءَ مان اڌ ڪلاڪ جي مدت جا ڊراما نشر ٿيندا هئا، پر حيدرآباد مان سنڌي ڊراما هڪ ڪلاڪ جي مدت جا نشر ٿيڻ لڳا.

سيد منظور نقوي سنڌيءَ جو پهريون ليکڪ آهي جنهن گهڻو وقت تہ اردو مان ريڊيو ناٽڪ ترجما ڪري هلايا. پوءِ اڳتي هلي هن سنڌيءَ ۾ ”شابہ“ ۽ ”جيئرو بت“ جهڙا اصلوڪا ڊراما لکيا. ريڊيو ناٽڪن ۾ ممتاز مرزا جو وڏو هٿ آهي. هن هر موضوع تي ڊراما لکيا. پر تاريخي ۽ لوڪ ڪٿائون هن جي پسند جا موضوع هئا، هن سنڌ جي مشهور تاريخي ڪردارن لاکو ڦلاڻي، دريا خان ۽ پنرو بدام کي ريڊيو ناٽڪن ۾ پيش ڪيو. ممتاز مرزا جو ناٽڪ ”واڻون ۽ نيڻ“ هڪ تاريخي واقعي تي ٻڌل آهي، جنهن ۾ پورچوگيزن ٺٽي تي حملو ڪري ان کي ڦري لٽي تباهہ ڪيو هو. تاريخي ناٽڪن ۾ ”آخري رات“ ممتاز مرزا جو شاهڪار ريڊيو ڊرامو آهي، موهن جي دڙي جي تباهي ان ناٽڪ جو موضوع آهي. ريڊيو پاڪستان حيدرآباد قائم ٿيڻ سان هڪ تہ سنڌي ڊرامن کي وقت وڌيڪ مليو. ٻيو تہ، سنڌ جي مشهور افسانہ نگارن ۽ تجربيڪار ڊرامانگارن ڊراما لکڻ شروع ڪيا هي اهي ڊرامانگار هئا، جن ڪري ريڊيو ڊراما وڏي چاهہ سان ٻڌا ويندا هئا. عام ماڻهو انهن ڊرامن ٻڌڻ لاءِ هفتن جو هفتا انتظار ڪندا هئا.ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جا هيٺيان ڊراما اهم آهن:

| نمبر | ڊرامي جو نالو | ڊراما نگار |
|---|---|---|
| 1. | شابہ | سيد منظور نقوي |
| 2. | جيئرو بت | سيد منظور نقوي |
| 3. | لاکو ڦلاڻي | ممتاز مرزا |
| 4. | واڻون نيڻ | ممتاز مرزا |
| 5. | سندباد جو سفر | رهبر پيٽي |
| 6. | گليور جو سفر | رهبر پيٽي |
| 7. | واپسي | آغا سليم |
| 8. | روپ بهروپ | آغا سليم |
| 9. | قيد خانو | مراد علي مرزا |
| 10. | چوراهو | مراد علي مرزا |
| 11. | زنجير | فيروز الدين احساس |

| | | |
|---|---|---|
| .12 | مان ۽ منهنجو ساٿي | قمر شهباز |
| .13 | سڄڻ سفر هليا | امر جليل |
| .14 | بند دروازو | شبنم گل |
| .15 | منزل جي تلاش | فيروزالدين احساس |
| .16 | سونهارو سانول | اياز عالم ابڙو |
| .17 | مسيحا | ايس.اي جهتيال |
| .18 | بوءِ بهار جي | شوڪت حسين شورو |
| .19 | بدلو | گل زمان قاضي |
| .20 | احساس | محمود مغل |
| .21 | پرهه ڦٽي | حيات علي شاهه بخاري |
| .22 | سهارو | ممتاز مرزا |
| .23 | ويڙهيچا وسن | حيات علي شاهه بخاري |
| .24 | واچوڙن ۾ واٽ | امداد حسيني |
| .25 | سورٺ راءِ ڏياچ | ارشاد قمر شهباز |
| .26 | ڪي ويجهائي ڏور | امداد حسيني |
| .27 | فڪر جو ڪوٽ | فيروزالدين احساس |
| .28 | انڪوائري آفيسر | مرزا قليچ بيگ |
| .29 | اماوس ڪان پوءِ | امداد حسيني |
| .30 | ڪي ويجها ئي ڏور | اشفاق حسين/ حيات علي شاهه بخاري |
| .31 | ٽيپو سلطان | حيات علي شاهه بخاري |
| .32 | وڇوڙي جي ووڙ | اياز عالم ابڙو |
| .33 | آس | امداد حسيني |
| .34 | سوپيان جو سندر سپنو | شبنم گل |
| .35 | اڇي بوءِ بهار جي | فيروزالدين احساس |
| .36 | ڪاري پل روڊ | ممتاز مفتي |

| | | |
|---|---|---|
| .37 | پرهہ ڪان پوءِ | محمد انور بلوچ |
| .38 | روشن خواب | محمد انور بلوچ |
| .39 | موهن جو دڙو | حمايت علي شاعر |
| .40 | سڪيءَ تي سمنڊ | عزيز ڪنگراڻي |
| .41 | خالي گهر | زيب سنڌي |
| .42 | واٽون ۽ نيڻ | حيات علي شاهہ بخاري |
| .43 | آءُ لالڻ لٽ ميان | رضيہ صديقي |
| .44 | شمع ٻاريندي شب | رضيہ صديقي |
| .45 | چوليون | فيروزالدين احساس |
| .46 | هڪ ڳالهہ | قاضي خادم |
| .47 | طارق بن زياد | حيات علي شاهہ بخاري |
| .48 | گهنگهر گهٽو ٿياس | سيد ماڪن شاهہ رضوي |
| .49 | راتيون ۽ واٽون | عبدالقادر جوڻيجو |
| .50 | خيرالدين جاربروسہ | قاضي خادم |
| .51 | بوءِ بهار جي | شوڪت حسين شورو |
| .52 | طوفان | اقبال شورو |
| .53 | سلاس مارنر | قاضي خادم |
| .54 | اندر جو آواز | قاضي خادم |
| .55 | وڇوڙي جو ڪن | سليم قريشي |
| .56 | سڄڻ ويري ٿيا م | عبدالغني |
| .57 | پيام سفر | انور احمد زئي |
| .58 | بلو ڪوڪر | صاحب سنگهہ شهاڻي/قاضي خادم |
| .59 | دل ۾ درد هزار | سيد ماڪن شاهہ رضوي |
| .60 | پنهنجي ڪيڏ | رضا بلوچ |
| .61 | وڪرجنين وساريو | فيروزالدين احساس |
| .62 | تعبير | قاضي خادم |

| | | |
|---|---|---|
| .63 | واچوڙي ۾ لاٽ | قمر شهباز |
| .64 | سچڻ جنين ساڻ | زيب شيخ |
| .65 | طوفان | اقبال شورو |
| .66 | لوچ | فيروزالدين احساس |
| .67 | اوچا جن جا ڳاٽ | عشرت علي خان |
| .68 | پيار ۽ پيڙا | مير مرڪ واڍو |
| .69 | دهمان | ڊاڪٽر محمد يوسف پنهور |
| .70 | ڊيئر پرايو ڏڻ | اعجاز علي ميمڻ |
| .71 | اجهاميل نيڻ | فيروزالدين احساس |
| .72 | امرت جيون پيار | ماڪن شاهه رضوي |
| .73 | واريءَ سندو ڪوٽ | قاضي خادم |
| .74 | نوري ڄام تماچي | قمر شهباز |
| .75 | سانولڙي سانجهي آئي | انيتا رياض |
| .76 | بار بار هزار بار | ارشد محمود |
| .77 | مصروف تون گهڻو ئو رهين | فيروز گل |
| .78 | توسان اظهار تمنا نه ڪيم | فيروز گل |
| .79 | مند ڪاڏي موٽ | امداد حسيني |
| .80 | نه ويج نه طبيب | حيات علي شاهه بخاري |
| .81 | چنڊ مور نه سکيا | سيد ماڪن شاهه رضوي |
| .82 | درد ٿيا دارون | سيد ماڪن شاهه رضوي |
| .83 | آخري ٽرين | عبدالغني درس |
| .84 | هڪ شام تنهنجي نانءُ | منتار ملاح |
| .85 | پيامِ سفر | انور احمد زئي |
| .86 | خواهش جي صليب | شبنم گل |

| | | |
|---|---|---|
| 87. | لاٽ | مشتاق چنگيزي |
| 88. | هيڪل جنڊڙي | اياز عالم ابڙو |
| 89. | اڳتي قدم | قاضي خادم |
| 90. | راهون جدا جدا | قاضي خادم |
| 91. | پنجوڙ | عزيز ڪنگراڻي |
| 92. | پنهجا پرايا | قاضي خادم |
| 93. | سوجهرو | قمر شهباز |
| 94. | ڪاش ائين هجي | قمر شهباز |
| 95. | ڏاج | ارشاد قمر شهباز |
| 96. | تموچن | علي بابا |
| 97. | شادي يا تعدي | جي.ايم. ڪليم |
| 98. | زندگي | ماڪن شاهه رضوي |
| 99. | اجنبي | بيبش سليمي |
| 100. | ڪوماڻيل گل | زيب سنڌي |
| 101. | روئي پئي شرناءِ | امداد حسيني |
| 102. | گامون جا گفتا | قاسم فاني |
| 103. | رج ۽ پاڻي | امرجليل |

شروعاتي ريڊيو جي ڊراما نگارن لاءِ مراد علي مرزا لکيو آهي تہ ”ريڊيو لاءِ سنڌي ڊراما جن اديبن لکيا هئا، تن جو سنڌي ادب ۾ حصو اتي ۾ لوڻ برابر بہ ڪونهي. نتيجي ۾ سنڌي ريڊيو ڊرامي جي شروعات ڪمزور بنيادن تي ٿي، جنهن جا نتيجا ڪيترن ئي ورهين تائين نڪرندا رهيا. سنڌي ريڊيو ڊرامي جي ڀيٽ ۾ آل انڊيا ريڊيو جي ڏينهن ۾ اردو ڊراما اهڙن اديبن لکيا هئا جن کي نہ رڳو اسٽيج ڊرامن جو ذاتي تجربو هو، پر اهي ڊرامي جي روايت مان بہ پوري ريت واقف هئا. جيڪر اردو ڊراما نويسن وانگر سنڌي ڊراما نويس بہ پنهنجي ادبي ورثي ۽ روايت مان واقف هجن ها ۽ ادبي دنيا ۾ ڄاتل سڃاتل هجن ها تہ هوند سنڌيءَ ۾ بہ ريڊيو ڊرامي جون پيڙهيون پختيون هجن ها“. (22)

آغا سليم 1963ع ۾ پهريون ريڊيو ناٽڪ "واپسي" لکيو. ان کان پوءِ "روپ بهروپ"، "گلن جهڙا گهاءَ" ۽ "گل ڇنو گرنار جو" سندس مشهور ڊراما آهن. ابن الياس سومرو، ڊاڪٽر محمد ابراهيم خليل، زيب عاقلي، مراد علي مرزا، عبدالغفور انصاري، غلام حيدر صديقي ريڊيو جا اوائلي ڊراما لکندڙ هئا. انهن کان پوءِ امر جليل، قمر شهباز، علي بابا، شوڪت حسين شورو، عبدالقادر جوڻيجو، قاضي خادم، انور بلوچ، سيد ماڪن شاهه رضوي، حيات علي شاهه بخاري، ريڊيو پلي جا ناميارا ليکڪ ٿي اڀريا.

سيد ماڪن شاهه رضوي سنڌ جو پهريون ناٽڪ نويس آهي، جنهن شاهه جي سورمن تي ست ريڊيو ناٽڪ لکيا. ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تان 1985ع ۾ اهي ناٽڪ "رتيءَ جي رهاڻ" جي سري هيٺ نصير مراز پيش ڪيا. انهن مان ڪو به ناٽڪ هن وقت ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جي لائبريريءَ ۾ موجود ناهي. انهن ناٽڪن جي پروڊيوسر ۽ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جي تاريخ لکندڙ هاڻوڪي اسٽيشن ڊائريڪٽر نصير مرزا موجب " اهي ناٽڪ اڻ ملهه سرمايو هئا، جيڪي اسان جي لائبريريءَ ۾ موجود ناهن. گهڻي ڳولا جي باوجود هٿ نه ٿا اچن، اها ته پڪ آهي ته اهي اڃا تائين ڪنهن هٽ محفوظ ضرور آهن، پر ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جي ملڪيت هئڻ جي باوجود اسان وٽ نه هئڻ تي بيحد ڏک آهي".(21)

ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جي لائبريريءَ ۾ اهڙن ڊرامن مان فقط هڪ ڊرامو ارشاد قمر شهباز جو لکيل "سورٺ راءِ ڏياچ" محفوظ ٿيل آهي. جنهن جو پيشڪار خواجه امداد هيو. هو ڊرامو به شروعاتي ڏهاڙن جو رڪارڊ ڪيل آهي، جنهن ۾ غزالا رفيق، قمر شهباز، نور محمد لاشاري، گل بانو، اي آر بلوچ، ۽ محبوب عالم ۽ ٻين صداڪار طور حصو ورتو.

**ريڊيو پاڪستان خيرپور:**

21 مارچ 1983ع تي اتر سنڌ جي تاريخي ميرن واري شهر خيرپور ۾ 927 ڪلو هرٽز تي ريڊيو پاڪستان خيرپور جو افتتاح ٿيو ۽ ڏسندي ئي ڏسندي هيءُ ريڊيو اسٽيشن نشرياتي دور ۾ ٿاپ ڪري وئي. هن علائقي جي علمي، ادبي، تاريخي، سياسي ۽ سماجي قدرن کي هڪ وڏو نالو ملي ويو ۽ هن اسٽيشن

خدمتن جا وڏا رڪارڊ قائم ڪري ورتا.هن اسٽيشن تان وقت بوقت سٺا ڊراما نشر ٿين ٿا. نون لکندڙن کي بہ همٿايو وڃي ٿو. ممتاز بخاري، مختيار ملڪ، شوڪت نوناري، ابراهيم ڪرل، اعجاز سمون، ، مظهر ابڙو،هاشم پيٽي صائمہ سومرو، محمود سومرو، افسانہ چنا، ايم يحيٰ پيٽو، مير صوبيدار سعيد ۽ ٻيا ڪوڙ ڊراما لکندڙ آهن، جيڪي هن اسٽيشن تان اپريا آهن ۽ ڊرامي ۾ وڏو اتساهہ پيدا ٿيو آهي.

هن وقت ريڊيو پاڪستان جي حيدرآباد، ڪراچي، لاڙڪاڻو ۽ خيرپور ۽ ٻين ڪيترن ئي شهرن جون ريڊيو اسٽيشنون FM سروس تي اچي ويون آهن، پر ڊرامن کي نشر ڪرڻ جو رجحان گهٽجي چڪو آهي.

موجوده دور ۾ ڪيترين ئي سرڪاري ۽ نجي ريڊيو اسٽيشنون کلي پيون آهن. پر ان جي باوجود ريڊيو ڊراما پنهنجي اهميت وڃائي ويٺا آهن. هڪ زمانو هوندو هو تہ ريڊيو ڊرامن جا شوقين ٻنين تي ڪم ڪندي، پورهيت پورهيو ڪندي، عورتون پنهنجو گهريلو ڪم ڪندي يا رات جو جاڳي پر هن موجوده دور ۾ ميڊيا جي بي حد ترقي سبب ڪيترائي ٽي وي چينل کلي پيا آهن، جنهن سان پسند ۽ ناپسند جو دخل وڌي ويو آهي. ٽي وي تي ڊرامي کي چرندڙ تصويرن سميت ڏسي سگهجي ٿو ۽ ويجهڙائي سان محسوس ڪري سگهجي ٿو. ان کان علاوه ٻيا بہ ڪيترائي سبب ٿي سگهن ٿا ريڊيو ڊرامي جي گهٽ پسندي جا مثال طور:

1. نالي وارا ليکڪ ٽي وي جي مشهوري ۽ وڌيڪ معاوضي سبب ريڊيو کي ڇڏي ٽي وي لاءِ لکڻ لڳا.
2. ريڊيو جي ڀيٽ ۾ ٽي وي تي ڊراما وڌيڪ سهڻي نموني لکي بہ سگهجن ٿا، پيش بہ ڪري سگهجن ٿا ۽ ڏسي بہ سگهجن ٿا.
3. ريڊيو تي ڊرامن جي بجاءِ موسيقي جي پروگرامن کي وڌيڪ جڳهہ ڏني وئي. جنهن سبب ڊرامن ۾ ٻڌندڙن پنهنجي دلچسپي گهٽائي ڇڏي.
4. ريڊيو ڊراما وقت سان گڏ پنهنجا موضوع ۽ جاندار پلاٽ وڃائي ويٺا، جنهن سبب ٻڌندڙن بہ پنهنجو شوق گهٽائي ڇڏيو.
5. اڄ جو نوجوان نسل ريڊيو تي ڊرامن بجاءِ موسيقي ۽ ڪرڪيٽ ڪمينٽري کي

وڏيڪ ترجيح ڏئي ٿو، جنهن سان پڻ ريڊيو ڊراما اهميت وڃائي ويٺا آهن.

6. ريڊيو تان پيش ٿيندڙ ڊرامن جو ٽائيم اهڙي نموني تبديل ڪيو ويو جو عام ٻڌندڙ ان ڪي وقت تي سماعت ئي ڪري نہ سگهيو.

7. جهڙي طرح سنا ليکڪ ريڊيو لاءِ ڊراما لکڻ ڇڏي ويا اهڙي نموني سنا اداڪار ريڊيو بجاءِ ٽي وي ۽ اسٽيج تي اداڪاري ڪرڻ کي ترجيح ڏيڻ لڳا.

مراد علي مرزا تمام سٺي ڳالهہ لکي آهي تہ ”ٿورو زمانو اڳي ريڊيو ڊرامي جو اوج هوندو هو. ماڻهو وڏي شوق سان ڊراما ٻڌندا هئا ۽ ڊرامہ نويس وغيره بہ وڏي اتساهہ سان ڏينهن جا ڏينهن محنت ڪري ڊراما تيار ڪندا هئا. پر هاڻي ٽي وي جو زمانو آهي. جتي فلمن جي اچڻ ڪانپوءِ اسٽيج ڊرامي جو اوج ٽٽي پيو هو، تيئن ٽي وي جي ڪري ريڊيو ڊراما پٺتي پوندا وڃن. هاڻي آهستي آهستي ريڊيو ڊرامو ماڻهن کان وسرندو ٿو وڃي. تنهنڪري بئي پاسي بہ چاهہ ۽ اتساهہ گهٽبو وڃي. شايد اهو وقت تمام ويجهو پيو اچي جڏهن ريڊيو ڊرامن ۽ انهن جون ڳالهيون رڳو ڪتابن ۾ لکيل هونديون“.(24)

اها حقيقت پنهنجي جاءِ تي پر اڄ بہ ريڊيو وندر جو وڏي ۾ وڏو ذريعو آهي. ان جو وڏو ثبوت نين ريڊيو اسٽيشنن جو کلڻ آهي. اڄ بہ ريڊيو ڊرامن لاءِ ميدان موجود آهي فقط محنت ۽ جذبي جي ضرورت آهي.

**سنڌي ٽي وي ڊراما (TV Plays)**

اڄ جو انسان ڪيترو مصروف آهي جو پورو ڏينهن ڳيپي جي ڳولا ۾ ڏاند جيان گهاڻي جي چوگرد گهمي ٿو. هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ سفر ڪري ٿو. اهڙي پيچ پچان واري زندگيءَ ڪانپوءِ جڏهن گهر اچي ٿو، تہ سندس ذهني تفريح جو تمام وڏو ذريعو آهي. ٽي وي تي هلندڙ ڊراما، خبرون، ڪارٽون، عام معلومات، روزمره جا واقعا، مطلب تہ هرقسم جي وندر گهر ويٺي ملي ٿي. پروفيسر قاضي خادم مطابق ”ٽيليويزن ۾ ٻڌڻ کان وڌيڪ ڏسڻ جو حصو هوندو آهي. اتي هر واقعو اسٽيج وانگر ڏيکاريو ٿو وڃي تنهن ڪري ان ۾ عام سماجي موضوعات يا ريتون رسمون ڪاميابي سان اثرائتي انداز ۾ پيش ڪري سگهبيون آهن. هنن ڊرامن ۾ ڏسندڙ گفتگو ۾ ايتري دلچسپي نہ وٺندا آهن جيتري حرڪت يا هلچل ۾ تنهن ڪري ٽي

وي ڊراما لکڻ جو انداز بہ مختلف ٿيندو آهي. ان ۾ رڳو مڪالمن يا گفتگو کي قلمبند نہ ڪيو ويندو آهي، بلڪ منظر نامو بہ لکيو ويندو آهي، جنهن ۾ هلڻ چلڻ، اٿڻ ويهڻ ۽ اسڪرين تي پيش ايندڙ هر واقعي کي قلمبند ڪرڻ وقت يا اداڪارن کي اداڪاري ڪرڻ وقت ڪا بہ تڪليف نہ ٿئي". (25)

سنڌي ٽي-وي ناٽڪ جو دور 1970ع کان شروع ٿي اڄ سوڌو پنهنجي ترقيءَ جون منزلون پار ڪري رهيو آهي. ٽي- وي ذريعي ناٽڪ کي فلم ۽ ريڊيو کان وڌيڪ بهتر نموني پيش ڪري سگهجي ٿو. ٽي وي رستي اسان سڄي دنيا جي ڊرامن جو تقابلي مقابلو ڪري سگهون ٿا. اسان جي سنڌي ڊرامي اڄ جي هن مواصلاتي دور (Electronic Media) ۾ پنهنجي حيثيت کي مڃرايو آهي. اها سنڌي ڊرامن جي ڪشش آهي، جو اڄ دنيا جي ٽي وي نشريات تي سنڌي چينل هلي رهيا آهن.

1970ع ۾ PTV ڪراچي ٽي وي سينٽر تان سڀ کان پهريون، سنڌي ٽي وي ڊرامو "زينت" پيش ڪيو ويو هو، جو مرزا قليچ بيگ جي ناول جي ڊرامائي تشڪيل هو. ان کي ڊرامائي روپ ۾ شمشير الحيدري پيش ڪيو. پوري پاڪستان ۾ سنڌي ڊراما صرف ڪراچي اسٽيشن تان مختصر وقت لاءِ پيش ڪيا ويندا هئا، پر امر جليل جو ڊرامو "ماءُ" (1971ع) پهريون دفعو پاڪستان جي سيني ٽي-وي سينٽرن تان پيش ڪيو ويو هو. هن مختصر وقت دوران بہ سنڌي ٽي وي ڊرامي پنهنجا بيشمار ڏسندڙ پيدا ڪيا". (26)

ٽيليويزن جا سيٽ جيئن گهر گهر ۾ عام ٿيندا ويا، تيئن ٽي وي ناٽڪن جي مقبوليت بہ وڌندي وئي. ٽي وي ناٽڪن رنگ منچ جي کوٽ کي ڪنهن حد تائين پورو ڪيو ۽ ٽيليويزن چڻ رنگ منچ کي ماڻهن جي گهر ۾ اندر ڪٽي آئي. پاڪستان جي ڪراچي سينٽر تان پهرين هر هفتي 25 منٽن جو ٽي وي پلي هلندو هو. سنڌي ماڻهن جي مطالبن سبب نيٺ ان جو ٽائيم وڌائي 50 منٽ ڪيو ويو. سنڌيءَ ۾ نشر ٿيل سولو پلي توڙي ٽي وي سيريل سنڌيءَ جي مشهور ڪهاڻيڪارن جا لکيل آهن.

جنهن زماني ۾ سنڌي ڊرامي جي شروعات ٿي هئي. ان زماني ۾ سنڌي افسانو

پنهنجي عروج تي پهتل هو. هڪ ته سنڌي ڊراما نگارن ۾ اڪثريت افسانه نگارن جي رهي آهي ۽ ٻيو ته ٻين جي مشهور افسانن کي ڊرامائي تشڪيل ڏئي پيش ڪيو ويو. اهڙن ڊرامن ۾ مرزا نادر بيگ جي ڪهاڻي ”موهني جي شادي“ کي ممتاز مرزا ”فيصلو“ جو عنوان ڏنو. اهڙي طرح ممتاز مرزا، بانو قدسيه جي پنجابي ڪهاڻي کي سنڌي ۾ ترجمو ڪري ”سرءَ جو پن“ نالو ڏنو. جمال ابڙي جي ڪهاڻي ”بدمعاش“ کي آغا سليم ڊرامائي انداز ۾ آندو. علي بابا، نسيم کرل جي ڪهاڻي ”پهرين مراد“ کي پيش ڪيو. شمشير الحيدري بشير مورياڻيءَ جي ڪهاڻي ”تصوير“ کي ڊرامائي تشڪيل ڏني. اهڙي طرح ڪيترن ئي مشهور ڪهاڻين کي ڊرامائي روپ ڏنو ويو آهي.

سنڌي ڊراما سنڌ جي سياسي، سماجي معاشرتي حالتن مطابق لکيا ويا آهن. اهڙن موضوعن ۾ جمهوريت، قوميت ۽ سماجي انقلاب کي وڏيڪ اهميت ڏني ويئي آهي. سنڌ جا ڀرندڙ مسئلا، جهڙوڪ بک، بيروزگاري، ڪاروڪاري، قبيلائي جهيڙا، شهرن ۾ دهشتگردي، ڳوٺن ۾ ڌاڙيلن جو آزار، تعليمي ادارن جي تباهي، سنڌ ۾ پاڻيءَ جي کوٽ، پسند جي شادي، خودڪشيءَ جو وڌندڙ رجحان، نئين نسل جي نوجوانن ۽ پراڻن سوچن جي بزرگن جو تضاد. مطلب ته هر موضوع سنڌي ڊرامن جو موضوع آهن. اسان چئي سگهون ٿا ته سنڌي ڊرامو سنڌ جي سماج جو مڪمل عڪس پيش ڪري ٿو. جيڪو هڪ ڊرامي جو اصل مقصد هوندو آهي.

هتي هڪ ڳالهه ڌيان ڇڪرائي ٿي ته نون سنڌي چينلن جي اچڻ سان جتي ڪوڙ نوان سنڌي فنڪار سنڌ کي مليا آهن اتي ليکڪ، ڊائريڪٽر، پروڊيوسر، ايڊيٽر، ڪئمرامين پڻ سنڌي ڊرامي پيدا ڪيا آهن. هتي اسان صرف پي.ٽي.وي جي ڊرامن جي 1970ع کان 2014ع تائين جي هڪ نامڪمل لسٽ ڏجي ٿي“.(27)

| سيريل نمبر | نشر ٿيڻ جي تاريخ / سال | ڊرامي جو نالو | ناٽڪ نويس |
|---|---|---|---|
| 1 | 29.01.1970<br>05.02.1970<br>12.02.1970 | زينت | ناول: مرزا قليچ بيگ، ڊرامائي روپ: شمشير الحيدري |

| | | | |
|---|---|---|---|
| 2 | 16.04.1970 | هي جيون هي سپنا | علي با با |
| 3 | 14.05.1970 | خواب جو سورج | آغا سليم |
| 4 | 11.06.1970 | اوندهه ۽ روشني | امر جليل |
| 5 | 14.07.1970 | ريت | ممتاز مرزا |
| 6 | 018.08.197 | اداس پاڇا | مراد علي مرزا |
| 7 | 15.09.1970 | ليليٰ چنيسر | مس غزالا شاهين پٺو |
| 8 | 13.10.1970 | امانت | يوسف شاهين |
| 9 | 10.11.1970 | مٽيءَ جا ماڻهو | امر جليل (هڪ قسط) |
| 10 | 19.01.1971 | هيڪل جنڊڙي | علي بابا |
| 11 | 02.02.1971 | محفل | ڪهاڻي: غلام رحمان، ڊرامائي روپ: عبدالڪريم بلوچ |
| 12 | 30.04.1971 | شيشي جو گهر | ڪهاڻي: غلام نبي مغل، ڊرامائي روپ: علي بابا |
| 13 | _ | تصوير | ڪهاڻي: پرويز بشير مورياڻي، ڊرامائي روپ: شمشير الحيدري |
| 14 | _ | سئو رپيا نوٽ ماڻهو | علي بابا |
| 15 | 21.05.1971 | نڪ | ماهتاب محبوب |
| 16 | _ | سيٺ ڏيٺ | ماهتاب محبوب |
| 17 | 28.05.1971 | گل چنو گرنار جو | آغا سليم |
| 18 | 18.06.1971 | چنڊ ۽ ماني | علي بابا |
| 19 | 29.07.1971 | سچائي جو عڪس | ممتاز مرزا |
| 20 | 16.09.1971 | بدمعاش | ڪهاڻي: جمال ابڙو، |

| | | | |
|---|---|---|---|
| | | | ڊرامائي روپ: آغا سليم |
| 21 | 26.10.1971 | ناسور | مراد علي مرزا |
| 22 | 16.03.1972 | هوندا سي حيات | امر جليل |
| 23 | 14.04.1972 | پرهہ جا مسافر | آغا سليم |
| 24 | 08.06.192 | رت جا رشتا | علي بابا |
| 25 | 2728.07.19 | درد جي روشني | ڪهاڻي: ثميره زرين، ڊرامائي روپ: آغا سليم |
| 26 | 25.08.1972 | دوزخ | امر جليل |
| 27 | 22.09.1972 | موت | ڪهاڻي: عبدالقادر جوڻيجو، ڊرامائي روپ: علي با با |
| 28 | 08.11.1972 | عيد اجها آئي | عبدالڪريم بلوچ |
| 29 | 15.12.1972 | فرمانبردار | امر جليل |
| 30 | 12.01.1973 | مَنو | علي بابا |
| 31 | 01.04.1973 | ظلم جو شڪار | تاج بلوچ |
| 32 | 11.05.1973 | پهرين مراد | ڪهاڻي: نسيم کرل،ڊرامائي روپ: علي با با |
| 33 | 07.09.1973 | رُج | ناصر مورائي |
| 34 | 19.12.1973 | دل جي بستي | _ |
| 35 | 1974 | لڪيو منجهہ نراڙ | محمد دائود بلوچ |
| 36 | 16.01.1974 | ٿان جي شوخائي | علي محمد مجروح |
| 37 | 30.01.1974 | روح جا رشتا | عبدالڪريم بلوچ |
| 38 | 06.02.1974 | موتئي جهڙو من | علي بابا |

| | | | |
|---|---|---|---|
| 39 | 27.03.1974 | پاڇا ۽ پڙلاءُ | قمر شهباز |
| 40 | _ | بليٽن | ڪهاڻي: ماهتاب محبوب<br>ڊرامائي روپ: غزالا شاهين پٽو |
| 41 | _ | چار | غلام حيدر صديقي |
| 42 | 15.05.1974 | پاڳان | علي بابا |
| 43 | 05.06.1974 | سک جي وستي | آغا سليم |
| 44 | 13.07.1974 | درد جا پاڇا | ايوب سرحدي |
| 45 | 21.07.1974 | فنڪشن | امر جليل |
| 46 | 03.08.1974 | بخشو | مختار نقوي |
| 47 | 10.08.1974 | مهمان | علي محمد مجروح |
| 48 | 24.08.1974 | سوجهرو | شاهد ڪاظمي |
| 49 | 31.08.1974 | مونجهارن جو ماڳ | يوسف شاهين |
| 50 | 26.09.1974 | سور ۽ ساءُ | شاهد ڪاظمي |
| 51 | 14.09.1974 | اندر جنين اڌ | ممتاز مرزا |
| 52 | _ | سرءُ جو پن | ڪهاڻي: بانو قدسيه.<br>ڊرامائي روپ: ممتاز مرزا |
| 53 | 03.10.1974 | اروڙ جو مست | امر جليل |
| 54 | 16.10.1974 | سچ جنين جو سَيُر | مراد علي مرزا |
| 55 | 28.10.1974 | سَئين هنيائون سچ جي | مراد علي مرزا |
| 56 | 07.11.1974 | ٿاهر | شمشيرالحيدري |
| 57 | 21.11.1974 | ٻالي شاهي | علي بابا |
| 58 | 25.11.1974 | ٽيليفون | آغا سليم |

| | | | |
|---|---|---|---|
| 59 | 12.12.1974 | شڪست | قاضي خادم |
| 60 | 23.12.1974 | قربتون ۽ فاصلا | اسماعيل بن واصف |
| 61 | _ | سڌين سيڻ نہ هون | اسماعيل بن واصف |
| 62 | 30.12.1974 | آئينو | مراد علي مرزا |
| 63 | 1974 | زندگيءَ جو سفر | مراد علي مرزا |
| 64 | 1975 | ڪهاڙو ۽ ڪنڌ | مراد علي مرزا |
| 65 | 1975 | زخم زندگيءَ جا | مراد علي مرزا |
| 66 | 1975 | نتيجو | مراد علي مرزا |
| 67 | 1975 | گنهگار | مراد علي مرزا |
| 68 | 06.01.1975 | سڪيلڊو | عبدالحق ابڙو |
| 69 | 03.02.1975 | پلٽڻ | شمشيرالحيدري |
| 70 | 24.02.1975 | زخم زندگيءَ جا | سعيده ميمڻ |
| 71 | 05.06.1975 | گلن واري ڇوڪري | ناول: مرزا قليچ بيگ، ڊرامائي روپ: علي با با |
| 72 | 01.10.1975 | دنگيءَ منجهہ درياءُ | علي بابا |
| 73 | 06.10.1975 | شڪست | قمر شهباز |
| 74 | 07.10.1975 | تلاش | عبدالقادر جوڻيجو |
| 75 | 02.11.1975 | علاج | شمشيرالحيدري |
| 76 | _ | ڪاري | قمر شهباز |
| 77 | 08.07.1975 | درد جا پڙلاءَ | آغا سليم |
| 78 | 21.11.1975 | تقدير | آغا نادر |
| 79 | 09.12.1975 | ڪنگلو | قمر شهباز |
| 80 | 06.01.1976 | ناٽڪ | امر جليل |
| 81 | 30.01.1976 | روشنيءَ جي تلاش | آغا نادر |
| 82 | 06.02.1976 | آس | امرتا بيدل |

| | | | |
|---|---|---|---|
| قمر شهباز | واريءَ سنڌو ڪوٽ | 06.02.1976 | 83 |
| قاضي خادم | موت ۽ فاصلو | جنوري 1976 | 84 |
| قاضي خادم | لڙڪ لڙڪ زنجير | 1976 | 85 |
| رضيہ صديقي | انسپيڪشن بنگلو | 01.03.1976 | 86 |
| عبدالقادر جوڻيجو | مون ۾ آهين تون | 12.04.1976 | 87 |
| علي بابا | لهرون لس ليٽ | 1976 | 88 |
| قمر شهباز | دادلو | 08.04.1976 | 89 |
| قمر شهباز | ٻہ ۽ ٻہ ٻاويهہ | مئي 1976 | 90 |
| عبدالقادر جوڻيجو | پڙنگ | 08.05.1976 | 91 |
| امير صديقي | جنين ڪاڻ جياس | 03.06.1976 | 92 |
| ماهتاب محبوب | لالڻ | 30.07.1976 | 93 |
| ڪهاڻي: مرزا نادر بيگ، ڊرامائي روپ: ممتاز مرزا | فيصلو | 13.08.1976 | 94 |
| آغا سليم | ٻري هن پنڀور ۾ | 25.08.1976 | 95 |
| شمشيرالحيدري | مامتا | 21.09.1976 | 96 |
| آغا سليم | اڻ ڪٿ فاصلا | 15.10.1976 | 97 |
| قمر شهباز | درد جو شهر | 18.11.1976 | 98 |
| قاضي خادم | موت جا پاڇولا | 25.11.1976 | 99 |
| قمر شهباز | نئون سج | 23.12.1976 | 100 |
| منير احمد چانڊيو | چئمپين | 04.02.1977 | 101 |
| امر جليل | مائي مستاني | 11.02.1977 | 102 |
| قمر شهباز | دل ۽ دنيا | 18.02.1977 | 103 |
| علي محمد مجروح | روپ | 25.02.1977 | 104 |
| بيگم قمر واحد | ٻانهي | 01.04.1977 | 105 |
| آغا سليم | ماٺار | 12.04.1977 | 106 |

| | | | |
|---|---|---|---|
| آغا سليم | پوياڙيءَ جا پاچا | 25.03.1977 | 107 |
| قاضي خادم | سک جو سپنو | 24.05.1977 | 108 |
| منير احمد | وياڪل من | 01.07.1977 | 109 |
| فيض محمد ٻگهيو | ڪانيو | 23.07.1977 | 110 |
| عبدالحق ابڙو | داناءَ ديوانا | 30.07.1977 | 111 |
| شوڪت حسين شورو | احساس | 15.08.1977 | 112 |
| شوڪت حسين شورو | سپنو ۽ تعبير | 10.09.1977 | 113 |
| آغا سليم | چانڊوڪي جو زهر | 15.10.1977 | 114 |
| زرينہ بلوچ | ڪيڏو ڪارونيار | 12.11.1977 | 115 |
| عبدالقادر جوڻيجو | گردش | 07.12.1977 | 116 |
| آغا سليم | پورٽريٽ | 13.12.1977 | 117 |
| فاروق سولنگي | آليون اکيون | 03.04.1978 | 118 |
| مراد علي مرزا | اُجرو من | 02.05.1978 | 119 |
| ڪيهر شوڪت | گهٽ | 09.05.1978 | 120 |
| قمر شهباز | پنهل ڪانپوءِ | 02.06.1978 | 121 |
| ساجده پروين | ڏمچر | 10.06.1978 | 122 |
| قاضي خادم | ٻہ واٽو | 13.06.1978 | 123 |
| قاضي خادم | منزلون ۽ مسافر | 1978 | 124 |
| ساجده پروين | ڏمچر | 04.07.1978 | 125 |
| عبدالقادر جوڻيجو | هن وستيءَ ۾ | 25.07.1978 | 126 |
| مشتاق سومرو | نتيجو | 08.08.1978 | 127 |
| قمر شهباز | پاڇي جي تلاش | 18.08.1978 | 128 |
| منير احمد چانڊيو | سوداگر | 17.10.1978 | 129 |
| قاضي خادم | وصيت نامو | 26.10.1978 | 130 |
| اياز عالم ابڙو | ذات جي ڏيهہ ۾ | 28.11.1978 | 131 |
| امر جليل | شڪست ڪانپوءِ | 26.12.1978 | 132 |

| | | | |
|---|---|---|---|
| 133 | 11.01.1979 | چنڊ رهين تو دور | طارق عالم ابڙو |
| 134 | 02.02.1979 | دنيا ديواني(سيريل) | مراد علي مرزا |
| 135 | 1979 | اڌ مڙهيل سوئيٽر | شوڪت حسين شورو |
| 136 | 17.02.1979 | ڌرتيءَ جا تارا | شوڪت حسين شورو |
| 137 | 02.03.1979 | جِنُ | در محمد پٺاڻ |
| 138 | 04.05.1979 | روشني | نور گهلو |
| 139 | مئي 1979 | تماشو | آغا سليم |
| 140 | 01.07.1977 | وياڪل من | منير احمد ماڪ |
| 141 | مئي 1978 | آيل ڙي اولاٽا | منير احمد ماڪ |
| 142 | 27.07.1979 | زندگي هڪ ڪَن | منير احمد ماڪ |
| 143 | 1979 | نئين سڙڪ | علي بابا |
| 144 | 18.08.1979 | عيد جو ناٽڪ | شمشيرالحيدري |
| 145 | 01.09.1979 | اسڪاءِ ليب | اياز عالم ابڙو |
| 146 | 05.09.1979 | گهائل مرڪ | اياز عالم ابڙو |
| 147 | 15.09.1979 | جيون ڪا ئي چولي آهي | فدا حسين بلوچ |
| 148 | 22.09.1979 | جانچ (سيريل) | عبدالقادر جوڻيجو |
| 149 | 15.10.1979 | راٽي | فدا حسين بلوچ |
| 150 | 29.10.1979 | روانگي (ٻہ قسطون) | شمشيرالحيدري |
| 151 | 01.11.1979 | دم دم جا ديدار | شاهد ڪاظمي |
| 152 | 12.11.1979 | پئي ٿئي پامال | رضيہ ڪوڪر |
| 153 | 03.12.1979 | ڪشمڪش | مقبول صديقي |
| 154 | 05.12.1979 | ڪشش | شاهد ڪاظمي |
| 155 | 04.02.1980 | هڪ شخص | ڪيهر شوڪت |
| 156 | 18.02.1980 | رابطو | رشيد صابر |
| 157 | 03.03.1980 | سچ ڪَني نڪتي | ملڪ آگاڻي |

| | | | |
|---|---|---|---|
| 158 | 17.03.1980 | ڪي ويجها ئي ڏور | نور گهلو |
| 159 | 17.04.1980 | ٺُٺيءَ ڪي ٽاڪو | ملڪ آگاڻي |
| 160 | 23.05.1980 | جيئڻ ڪارڻ جيڏيون | فيض محمد ٻگهيو |
| 161 | 04.06.1980 | چند گرهڻ | ملڪ آگاڻي |
| 162 | 09.06.1980 | اُتل | ڪيهر شوڪت |
| 163 | 22.07.1980 | پنهنجون پرائو | آغا رفيق |
| 164 | 16.06.1980 | شڪار (ٻہ قسطون) | عبدالقادر جوڻيجو |
| 165 | 30.06.1980 | مورت | رضيہ ڪوڪر |
| 166 | 08.07.1980 | ناسور | آغا رفيق |
| 167 | 11.07.1980 | اڪيون آرسيون (ٻہ قسطون) | مقبول صديقي |
| 168 | 22.07.1980 | آيا اڱڻ عجيب | اياز عالم ابڙو |
| 169 | 25.08.1980 | تڙپ | ملڪ آگاڻي |
| 170 | 31.10.1980 | خان صاحب (سيريل) | عبدالقادر جوڻيجو |
| 171 | 09.11.1980 | واٽ | فدا حسين بلوچ |
| 172 | 09.11.1980 | عيدو | عبدالرزاق راز |
| 173 | 07.01.1981 | ساڻيهہ جي سڪ | رضيہ ڪوڪر |
| 174 | 15.01.1981 | هارجيت | نور گهلو |
| 175 | 29.01.1981 | ساحل بنا ساگر | منير احمد چانڊيو |
| 176 | 04.02.1981 | رانديڪو (سيريل) | نورالهديٰ شاهہ |
| 177 | 20.05.1981 | سون ورنيون دليون | منير احمد چانڊيو |
| 178 | 25.02.1981 | ڪيڏا سپنا ڪيڏا خواب | آغا سليم |
| 179 | 17.03.1981 | سوچون جيون سپنا | نور گهلو |
| 180 | 05.04.1981 | منزل ڪانپوءِ | ملڪ آگاڻي |

| | | | |
|---|---|---|---|
| 181 | 22.04.1981 | دنگيءَ ۾ ديوانا (سيريل) | آغا سحر جلال |
| 182 | 16.07.1981 | داستان | منير احمد چانڊيو |
| 183 | 29.07.1981 | عيد | عاشق حسين عارباڻي |
| 184 | 06.10.1981 | راڻيءَ جي ڪهاڻي (سيريل) | عبدالقادر جوڻيجو |
| 185 | 03.12.1981 | شو پيس | نور گهلو |
| 186 | 19.12.1981 | آئينو (هڪ قسط) | آغا رفيق |
| 187 | 02.01.1982 | رشتا | آغا رفيق |
| 188 | 31.01.1982 | سورن سوين صورتون | ڪيهر شوڪت |
| 189 | 18.02.1982 | تند مان | طارق عالم ابڙو |
| 190 | 11.03.1982 | جنين دور درد جو | نور گهلو |
| 191 | 28.03.1982 | روشن هٿ | فدا حسين بلوچ |
| 192 | 30.03.1982 | ستارن جي دوري | ڪيهر شوڪت |
| 193 | 11.04.1982 | ديسي سيڻ ڪجن | منير احمد چانڊيو |
| 194 | 11.04.1982 | رنگ رتا سپنا | طارق عالم ابڙو |
| 195 | 03.05.1982 | چهرو چهرو آئينو | طارق عالم ابڙو |
| 196 | 08.05.1982 | اڌورا خواب | نور گهلو |
| 197 | 13.05.1982 | اسين سڪون جن کي | ڪيهر شوڪت |
| 198 | 27.05.1982 | لمحن جون سرحدون | نور گهلو |
| 199 | 02.06.1982 | دونهان درد دکن | سحر قريشي |
| 200 | 19.06.1982 | تلاش (سيريل) | قاضي خادم |
| 201 | 01.09.1982 | گهڙيءَ ۾ شال | نور گهلو |
| 202 | 16.09.1982 | ڪارو چنڊ | نورالهديٰ شاهه |
| 203 | 16.09.1982 | آئيڊيل | محمود مغل |

| | | | |
|---|---|---|---|
| نور گهلو | پرم | 21.10.1982 | 204 |
| نورالهديٰ شاهه | واپسي | 03.11.1982 | 205 |
| ڪيهر شوڪت | ٻيو شخص (سيريل) | 07.11.1982 | 206 |
| ڪيهر شوڪت | روح جا مسافر (ٻه قسطون) | 29.11.1982 | 207 |
| علي بابا | پيئنگ گيسٽ (سيريل) | 16.12.1982 | 208 |
| محمود مغل | خوشبو | 10.01.1983 | 209 |
| ڪيهر شوڪت | رُڃ جا مسافر | 15.01.1983 | 210 |
| نورالهديٰ شاهه | زندگيءَ جي رڻ ۾ (سيريل) | 27.01.1983 | 211 |
| آغا رفيق | سام (سيريل) | 24.02.1983 | 212 |
| علي بابا | جت لَڪ لڳي (3 قسطون) | 30.05.1983 | 213 |
| امداد حسيني | آرسيون (سيريل) | 24.09.1983 | 214 |
| ڪيهر شوڪت | طالب جي تنوار | 18.10.1983 | 215 |
| نور گهلو | رنج پريان رسيو | 31.10.1983 | 216 |
| محمد عثمان ميمڻ | لکيو منجهه نراڙ | 05.12.1983 | 217 |
| ڪيهر شوڪت | بچاءُ بند | 07.12.1983 | 218 |
| علي محمد مجروح | جوڳيءَ جاڳايوس | 21.12.1983 | 219 |
| ڪيهر شوڪت | پاٽيءَ ڦوٽو | 27.12.1983 | 220 |
| امداد حسيني | جو وڙ جڙي جن سين | 07.01.1984 | 221 |
| محمد عثمان ميمڻ | آس نراس | 05.03.1984 | 222 |
| عبدالڪريم بلوچ | گفت | 12.03.1984 | 223 |
| نور گهلو | مڙيل رستا | 25.03.1984 | 224 |
| آغا رفيق | پنيوري (سيريل) | 18.04.1984 | 225 |

| | | | |
|---|---|---|---|
| 226 | 19.05.1984 | اندر جو آواز | علي بابا |
| 227 | 02.06.1984 | گولا | نور گهلو |
| 228 | 07.06.1984 | طوفان ڪانپوءِ (سيريل) | طارق عالم ابڙو |
| 229 | 13.06.1984 | چنڊ گدري ڦار | اياز عالم ابڙو |
| 230 | 24.06.1984 | عيد جو تحفو | نور گهلو |
| 231 | 16.08.1984 | زندگيءَ جا اولڙا (سيريل) | علي بابا |
| 232 | 27.11.1984 | ٽڪندا رشتا | نور گهلو |
| 233 | 02.12.1984 | ضمير جي سچائي | آغا رفيق |
| 234 | 15.12.1984 | نينهن نپايون | امان راهي |
| 235 | 15.01.1985 | اُڏام | طارق عالم ابڙو |
| 236 | 15.01.1985 | خالي منظر | نور گهلو |
| 237 | 20.01.1985 | اُٽيوائين سور | محمد عثمان ميمڻ |
| 238 | 27.01.1985 | اڪيلو ماڻهو (سيريل) | ڪيهر شوڪت |
| 239 | 12.03.1985 | زمانو | نور گهلو |
| 240 | 20.03.1985 | پل ۽ پهر | اسحاق انصاري |
| 241 | 27.03.1985 | رنج | طارق عالم ابڙو |
| 242 | 08.05.1985 | گڏي | زينت بروهي |
| 243 | 22.05.1985 | اڌ رات | فيروزالدين احساس |
| 244 | 30.05.1985 | زندگيءَ جو زهر | محمود مغل |
| 245 | 05.06.1985 | ڏاڏاڻي ڏيهه ۾ | شاهنواز سوڍر |
| 246 | 26.06.1985 | گفت | عبدالڪريم بلوچ |
| 247 | 21.07.1985 | وڏنڊڙ پاڇا | الطاف احمد |
| 248 | 29.07.1985 | مينديءَ رتا خواب | امان راهي |

| | | | |
|---|---|---|---|
| 249 | 09.08.1985 | ڏرتتيءَ ۾ چانوَ | امان راهي |
| 250 | 15.08.1985 | گم ٿيل گهڙي | انور جوکيو |
| 251 | 04.09.1985 | سچ جو زهر | ڪيهر شوڪت |
| 252 | 24.09.1985 | روشن اونداهي (سيريل) | نور گهلو |
| 253 | 05.10.1985 | وڃايل منزلون | محمود مغل |
| 254 | 09.10.1985 | ڪنوار | زينت بروهي |
| 255 | 26.10.1985 | ڦور ٻہ سورن جهڙا | اسلم پيٽو |
| 256 | 12.11.1985 | ڪيمياگر | شمشيرالحيدري |
| 257 | 28.12.1985 | خالي هٿ (سيريل) | محمود مغل |
| 258 | 04.01.1986 | زندگيءَ ڏانهن | رزاق مهر |
| 259 | 19.01.1986 | سرهاڻ | اسلم پيٽو |
| 260 | 22.01.1986 | نيلي | بينا مسرور |
| 261 | 01.02.1986 | حوصلو | انور سولنگي |
| 262 | 12.02.1986 | آئينو | روشن علي تنيو |
| 263 | 20.02.1986 | چهرا چهرا چنڊ | اسحاق انصاري |
| 264 | 25.02.1986 | نصيب | شاهنواز سوڍر |
| 265 | 24.03.1986 | سَنڌُ | ڪيهر شوڪت |
| 266 | 12.04.1986 | جيئري پيڙا | طارق عالم ابڙو |
| 267 | 07.05.1986 | وقت جو آواز | اياز عالم ابڙو |
| 268 | 22.05.1986 | واپسي | محمود مغل |
| 269 | 27.05.1986 | عيد ڪارڊ | شمشيرالحيدري |
| 270 | 01.06.1986 | پرائي باھ | انور جوکيو |
| 271 | 23.06.1986 | زنجيرون (17 قسطون) | امداد حسيني |
| 272 | 15.11.1986 | وڃايل ٻار | زيب سنڌي |

| | | | |
|---|---|---|---|
| 273 | 24.11.1986 | غرض | ڪيهر شوڪت |
| 274 | 04.12.1986 | وڇايل راهون | ملڪ آگاڻي |
| 275 | 14.12.1986 | ڦيرو | رزاق مهر |
| 276 | 04.01.1987 | ماءُ | زيب سنڌي |
| 277 | 06.01.1987 | روشن چانورو (6 قسطون) | طارق عالم ابڙو |
| 278 | 22.02.1987 | سنگيت | شمشيرالحيدري |
| 279 | 01.03.1987 | ڇوٽڪارو | رزاق مهر |
| 280 | 08.03.1987 | معاف | نور گهلو |
| 281 | 18.03.1987 | اندر تون اُجار | گلناز ڪوڪر |
| 282 | 08.04.1987 | زندگي | ڪيهر شوڪت |
| 283 | 19.04.1987 | جَرتي ڦوٽو | گل حسن قريشي |
| 284 | 19.04.1987 | وڇايل مرڪ | اسحاق انصاري |
| 285 | 02.05.1987 | چانس | امداد حسيني |
| 286 | 06.05.1987 | ڪورو ڪاغذ | زيب سنڌي |
| 287 | 16.05.1987 | عيد آئي | شمشيرالحيدري |
| 288 | 24.05.1987 | بخشش | محمود مغل |
| 289 | 21.06.1987 | ٺُوپو | بينا مسرور |
| 290 | 08.07.1987 | پيوند | طارق عالم ابڙو |
| 291 | 08.07.1987 | ورهاست | روشن علي تنيو |
| 292 | 20.07.1987 | گهائل من | آغا رفيق |
| 293 | 01.08.1987 | عيد مبارڪ | شمشيرالحيدري |
| 294 | 16.08.1987 | جنت | زينت سنڌو |
| 295 | 18.08.1987 | مرڪ | زيب سنڌي |
| 296 | 07.09.1987 | جندو پاڙو | ڪيهر شوڪت |
| 297 | 13.09.1987 | نتيجو | امداد حسيني |

| | | | |
|---|---|---|---|
| 298 | 06.10.1987 | نازان | روشن علي تنيو |
| 299 | 18.10.1987 | ڳالهه هڪ ماءُ جي | طارق عالم ابڙو |
| 300 | 04.11.1987 | رُڳهه | کيهر شوڪت |
| 301 | 16.11.1983 | وڃين ڇو وڻڪار | يار محمد شاهه |
| 302 | 01.12.1987 | واهه ماما واهه | محمد انور انصاري |
| 303 | 12.12.1987 | راهه جو پٿر | رزاق مهر |
| 304 | 10.01.1988 | پاتال | اشفاق انصاري |
| 305 | 10.01.1988 | عذاب | فيض محمد ٻگهيو |
| 306 | 18.01.1988 | مبارڪ | شمشيرالحيدري |
| 307 | 25.01.1988 | ڇوڏو | ڪهاڻي: نجم عباسي<br>ڊرامائي روپ: زيب سنڌي |
| 308 | 01.02.1988 | مور | امداد حسيني |
| 309 | 08.02.1988 | شڪست | امان راهي |
| 310 | 20.02.1988 | لالان | امداد حسيني |
| 311 | 28.02.1988 | واپسي | منظور ڏامراهه |
| 312 | 13.03.1988 | راڻي | ياسمين فيض |
| 313 | 19.03.1988 | ڪمدار | شمشيرالحيدري |
| 314 | 03.04.1988 | گوندر | کيهر شوڪت |
| 315 | 24.04.1988 | ويچارو | اسلم پتو |
| 316 | 02.05.1988 | سمجهوتو | زيب سنڌي |
| 317 | 05.05.1988 | وڳو | يار محمد شاهه |
| 318 | 14.05.1988 | اُميد | عنايت ميمڻ |
| 319 | 15.05.1988 | پاڇولو | علي بابا |
| 320 | 10.07.1988 | اصلي عيد | يار محمد شاهه |
| 321 | 07.1988 | چوڪندي ڏرتي | زاهد دارا ابڙو |

| | | | |
|---|---|---|---|
| 322 | 31.07.1988 | هٽ ملاءِ | شمشيرالحيدري |
| 323 | 15.08.1988 | رڄ | ڪيهر شوڪت |
| 324 | 17.09.1988 | اور ٽائيم مسافر خانو (سيريل) | شمشيرالحيدري |
| 325 | 10.10.1988 | ميڙ | روشن علي ٽنيو |
| 326 | 01.11.1988 | سمنڊ جون سرحدون (مني سيريل) | زيب سنڌي |
| 327 | 07.01.1989 | شڪليون (سيريل) | نور گهلو |
| 328 | 27.02.1989 | مهمان | اياز عالم ابڙو |
| 329 | 04.03.1989 | ويساهه | ڪيهر شوڪت |
| 330 | 16.03.1989 | ڄنون (25 منٽن جو آخري ڊرامو) | ڪيهر شوڪت |
| 331 | 26.03.1989 | گوندر وڏا گهاوَ (50 منٽن جو پهريون ڊرامو) | ماڪن شاهه رضوي |
| 332 | 03.04.1989 | سڄڻ ۽ ساٿيهه | فاروق سولنگي |
| 333 | 03.04.1989 | سچ | ڪهاڻي: سڪينه سمون<br>ڊرامائي روپ: ڪيهر شوڪت |
| 334 | 27.04.1989 | جيون ڪيئي روپ | فاروق سولنگي |
| 335 | 29.04.1989 | عيد ۽ بچت | نور گهلو |
| 336 | 05.06.1989 | ڊراپ ٽيل ڪيچ | اياز عالم ابڙو |
| 337 | 06.08.1989 | رهيا آهن روح ۾ | _ |
| 338 | 24.08.1989 | شهرت | عبدالقادر جوڻيجو |
| 339 | 29.08.1989 | آخري حل | شمشيرالحيدري |

| | | | |
|---|---|---|---|
| آغا رفيق | سوال (سيريل) | 07.09.1989 | 340 |
| طارق عالم ابڙو | سچ لهڻ ڪان اڳ | 04.11.1989 | 341 |
| شوڪت حسين شورو | ملڪيت (سيريل) | 11.12.1989 | 342 |
| عبدالقادر جوڻيجو | پرم | 12.02.1990 | 343 |
| عبدالقادر جوڻيجو | چار (سيريل سيريل) | 20.02.1990 | 344 |
| اياز عالم ابڙو | ريڪائون | 15.08.1990 | 345 |
| امداد حسيني | ڪفارو | 21.08.1990 | 346 |
| نجم بلوچ | گٽين پرين رتام | 25.06.1990 | 347 |
| محمود مغل | آس نراس جي وچ ۾ | 02.10.1990 | 348 |
| سحر قريشي | نينهن نياپو | 22.09.1990 | 349 |
| آغا رفيق | آئينو | 06.10.1990 | 350 |
| شوڪت حسين شورو | ڏيڻ | 03.12.1990 | 351 |
| نورالهديٰ شاهه | مارئي (سيريل) | 28.02.1991 | 352 |
| عبدالڪريم بلوچ | نيل ڪنول | 18.06.1991 | 353 |
| سليم جمالي | ميروئي محبوب | 30.06.1991 | 354 |
| رزاق مهر | سفر | 01.07.1991 | 355 |
| ڪيهر شوڪت | چنبيليءَ ول | 09.07.1991 | 356 |
| رزاق مهر | جياپو (سيريل) | 14.07.1991 | 357 |
| اياز عالم ابڙو | ڪن ۽ ڪنارا (سيريل) | 21.10.1991 | 358 |
| شوڪت حسين شورو | باڪ (سيريل) | 13.11.1991 | 359 |
| فاروق سولنگي | اجا ڪي آهين (سيريل) | 21.03.1992 | 360 |
| ڪيهر شوڪت | سچ گرهڻ (سيريل) | 02.05.1992 | 361 |
| امر جليل | مٽيءَ جا ماڻهو (سيريل) | 22.07.1992 | 362 |

| | | | |
|---|---|---|---|
| شمشيرالحيدري | پڇتاءُ | 21.10.1992 | 363 |
| ماڪن شاهه رضوي | واچوڙو | 01.11.1992 | 364 |
| عزيز ڪنگراڻي | اولڙا ۽ عڪس | 1992 | 365 |
| عزيز ڪنگراڻي | وسڪاري ڪانپوءِ | 04.11.1992 | 366 |
| سليم قريشي | احساس | 07.12.1992 | 367 |
| شمشيرالحيدري | وساريل واٽون (سيريل) | 19.12.1992 | 368 |
| رحمت الله ماڃوٺي | دروازو | 20.12.1992 | 369 |
| رحمت الله ماڃوٺي | ٽٽل تارون | 06.04.1993 | 370 |
| حفيظ ڪنير | مسافر | 02.05.1993 | 371 |
| شوڪت حسين شورو | گلن جا گهاوَ | 06.05.1993 | 372 |
| حق نواز سمون | فيصلو | 12.05.1993 | 373 |
| رشيد صابر | شادي شان واري (سيريل) | 13.05.1993 | 374 |
| محمود مغل | رشتو | 27.05.1993 | 375 |
| رزاق مهر | زخم زندگيءَ جا | 08.06.1993 | 376 |
| محمود مغل | جذبا سچن موتين جهڙا | 09.06.1993 | 377 |
| حفيظ ڪنير | مور اڏاڻا مور | 08.08.1993 | 378 |
| نورالهديٰ شاهه | غلام | 30.11.1993 | 379 |
| رزاق مهر | وڇوٽيون | 04.04.1994 | 380 |
| ڪيهر شوڪت | آڙاهه | 21.08.1994 | 381 |
| محمود مغل | خواب اڌورو | 15.08.1994 | 382 |
| شبنم گل | لهرن جو گيت | 30.08.1994 | 383 |
| ماڪن شاهه رضوي | گنگهر | 1994 | 384 |
| حفيظ ڪنير | بدنصيب ٽري | 1994 | 385 |

| | | | |
|---|---|---|---|
| 386 | 02.02.1994 | اڄ | حق نواز سمون |
| 387 | 23.05.1994 | گهر ڀاتي (سيريل) | زيب سنڌي |
| 388 | 26.07.1995 | روشن راهه | عزيز ڪنگراڻي |
| 389 | 28.10.1995 | سمنڊ تي لڪيرون | عزيز ڪنگراڻي |
| 390 | 1996 | واهه سائين واهه | فاروق سولنگي |
| 391 | 1996 | هڪڙي ملندي آ زندگي | محمود مغل |
| 392 | 1996 | ٻاڪ جي آس | انور ابڙو |
| 393 | 1996 | گوري ۽ غلام | شوڪت حسين شورو |
| 394 | 1996 | ڏنڌ ۾ گم ٿيل منظر | زيب سنڌي |
| 395 | 1996 | آس (سيريل) | سيد ماڪن شاهه رضوي |
| 396 | 1996 | قربتون (سيريل) | رحمت الله ماڇوئي |
| 397 | 1996 | چائنٽ | نواز پيٽو |
| 398 | 1996 | بوند بوند زهر | سيد ماڪن شاهه رضوي |
| 399 | 1996 | ڳوڙهن سندا گل | انور ابڙو |
| 400 | 1996 | اعتراف | رزاق مهر |
| 401 | 1996 | فيئرويل | آغا رفيق |
| 402 | 1996 | ڪونج | صالح سنجراڻي |
| 403 | 1996 | پرهه ڪانپوءِ | اختر رند |
| 404 | 1997 | وڃي ٿيا خير (سيريل) | شمشير الحيدري |
| 405 | 1997 | ڪونج (سيريل) | عزيز ڪنگراڻي |
| 406 | 1997 | اوڙاهه (سيريل) | اختر رند |
| 407 | 1997 | سوپ | دلشاد سهتو |

| | | | |
|---|---|---|---|
| 408 | 1998 | دنيا ديواني (سيريل) | فاروق سولنگي |
| 409 | 1998 | رانديڪو | رحمت الله ماڇوٺي |
| 410 | 1998 | آس (سيريل) | سيد ماکن شاهه رضوي |
| 411 | 1998 | موڪلاڻي | رحمت الله ماڇوٺي |
| 412 | 1998 | دنيا دل وارن جي (سيريل) | شمشير الحيدري |
| 413 | 1998 | پوري | رزاق مهر |
| 414 | 1998 | اصل معاملو | عبدالقادر جوڻيجو |
| 415 | 1998 | ڇاتل اڇاتل | محمود مغل |
| 416 | 1998 | شناس | محمود مغل |
| 417 | 1998 | ثبوت | نور گهلو |
| 418 | 1998 | پيار جي صدقي | شمشير الحيدري |
| 419 | 1998 | ايذاءُ | سحر قريشي |
| 420 | 1998 | سونيتي (سيريل) | شوڪت حسين شورو |
| 421 | 1998 | ميراث | شاهه مراد مستوئي |
| 422 | 1998 | موٽ | نواز پتو |
| 423 | 1999 | نبيرو (سيريل) | رزاق مهر |
| 424 | 1999 | پاراتو | اسلم پتو |
| 425 | 1999 | دل جي دنيا (سيريل) | امر جليل |
| 426 | 1999 | شرناءِ | سحر قريشي |
| 427 | 1999 | مون محبت ڪئي آ | حق نواز سمون |
| 428 | 1999 | جاجڪ | رحمت الله ماڇوٺي |
| 429 | 1999 | اعتماد | رشيد صابر |
| 430 | 2000 | عيد ڪيئن ڪبي | سحر قريشي |
| 431 | 2000 | عروج | انور ابڙو |

| | | | |
|---|---|---|---|
| 432 | 2000 | کنهن کنهن ماڻهوءَ منجهه | محمود مغل |
| 433 | 2000 | رشتا ناتا | سحر قريشي |
| 434 | 2000 | پٿر جا خواب | حق نواز سمون |
| 435 | 2000 | قصاص | اعجاز سولنگي |
| 436 | 2000 | عورت ذات | عبدالقادر جوڻيجو |
| 437 | 2000 | دل جي ڳالهه | زيب سنڌي |
| 438 | 2000 | واهه ڦل واهه | سحر قريشي |
| 439 | 2000 | امانت | رحمت الله ماجوٺي |
| 440 | 2000 | جيئدان | اختر رند |
| 441 | 2000 | جيون جاڙ | حفيظ ڪنير |
| 442 | 2000 | اکر پوري | شوڪت شورو |
| 443 | 2000 | پاڻ ئي پاڻ خيال | طارق عالم ابڙو |
| 444 | 2000 | پيڙهه جو پٿر | رضيه خان |
| 445 | 2000 | سڄڻ ۽ سور | شاهه مراد مستوئي |
| 446 | 2001 | ڪنوار جو سوال آ بابا | رشيد صابر |
| 447 | 2001 | ادل ولايت ويندو | اسلم پٺو |
| 448 | 2001 | اکيون التجائون | منظور قادر |
| 449 | 2001 | شفق | عزيز ڪنگراڻي |
| 450 | 2001 | پولار (سيريل) | آغا رفيق |
| 451 | 2001 | وڏيرو بهلول خان (سيريل) | عبدالڪريم بلوچ |
| 452 | 2001 | ويٺي جنين وٽ | انور سولنگي |
| 453 | 2001 | زندگيءَ جو امر گيت | عزيز ڪنگراڻي |
| 454 | 2001 | تنهنجي خوشيءَ | ايوب گاد |

| | | | |
|---|---|---|---|
| | | خاطر | |
| 455 | 2001 | منشور | قمر شهباز |
| 456 | 2001 | خواب خواب زندگي | سيد ماکن شاهه رضوي |
| 457 | 2001 | خالي ڪئنواس | شبنم گل |
| 458 | 2001 | سچ سون تيان | اعجاز سولنگي |
| 459 | 2001 | آيا آس تيا | سحر قريشي |
| 460 | 2001 | بي رنگ موسم | رحمت الله ماجوٺي |
| 461 | 2001 | پاچولو ۽ پاٽي | آغا رفيق |
| 462 | 2001 | زندگيءَ جو صحرا | رزاق مهر |
| 463 | 2001 | ميڏا عشق وي تون | زيب سنڌي |
| 464 | 2001 | اي زمانن جا ضمير | شمشيرالحيدري |
| 465 | 2001 | وڏو ماڻهو | رحمت الله ماجوٺي |
| 466 | 2001 | گرين ڪارڊ | حق نواز سمون |
| 467 | 2001 | ميندي ۽ موڙ | سحر قريشي |
| 468 | 2001 | خواب ۽ خواهشون | نواز پٽو |
| 469 | 2001 | معمو | بينا مسرور |
| 470 | 2001 | پيار جو هڪ پل | سحر قريشي |
| 471 | 2001 | سودو | حفيظ ڪنير |
| 472 | 2001 | پرانهون پنڌ | رحمت الله ماجوٺي |
| 473 | 2002 | رشتا ۽ ناتا | نواز پٽو |
| 474 | 2002 | سرابن جا مسافر | آغا سليم |
| 475 | 2002 | هوا محل | رشيد صابر |
| 476 | 2002 | پروموشن پارٽي | قمر شهباز |
| 477 | 2002 | فاصلو | رزاق مهر |
| 478 | 2002 | ساک (سيريل) | حفيظ ڪنير |

| | | | |
|---|---|---|---|
| 479 | 2002 | خواب خواهشون | ايوب گاد |
| 480 | 2002 | ڳولا | ايوب گاد |
| 481 | 2002 | سرچاءُ (سيريل) | ايوب گاد |
| 482 | 2002 | مون ۾ تون موجود | ايوب گاد |
| 483 | 2002 | توبهه تو در | امر جليل |
| 484 | 2002 | ڏوھ (سيريل) | عبدالقادر جوڻيجو |
| 485 | 2003 | مورَ جا پرَ | علي راز شر |
| 486 | 2003 | راڄ ڀاڳ | عبدالقادر جوڻيجو |
| 487 | 2003 | آڇپو | اياز عالم ابڙو |
| 488 | 2003 | توکي چاهيون ٿا | زيب سنڌي |
| 489 | 2003 | لڙڪ ۽ مرڪ | علي راز شر |
| 490 | 2003 | الا ڏاهي مَ ٿيان | حيات علي شاھ بخاري |
| 491 | 2003 | آيا اگڻ عجيب | رشيد صابر |
| 492 | 2004 | عيد ڪئي اکڙين | حيات علي شاھ بخاري |
| 493 | 2004 | نوري (سيريل) | علي راز شر |
| 494 | 2004 | ڇوتڪارو (سيريل) | عزيز ڪنگراڻي |
| 495 | 2004 | ڪجل ڀنا نيڻ (سيريل) | سيد ماڪن شاھ رضوي |
| 496 | 2005 | نظارو نينهن جو | سحر قريشي |
| 497 | 2005 | دادلو (سيريل) | حق نواز سمون |
| 498 | 2005 | نانگا نند نہ ڪن (سيريل) | شمشير الحيدري |
| 499 | 2005 | روبرو | محمود مغل |
| 500 | 2005 | حياتيءَ جو مقصد | محمود مغل |

| | | | |
|---|---|---|---|
| 501 | 2006 | نئون شخص | رحمت الله ماجوٺي |
| 502 | 2006 | مس ڪال | شمشير الحيدري |
| 503 | 2006 | تون منهنجي حياتيءَ جو مقصد | محمود مغل |
| 504 | 2006 | گل ڇنو گرنار جو | علي راز شر |
| 505 | 2006 | محبت (سيريل) | محمود مغل |
| 506 | 2006 | خواب ۽ خواهشون | حيات علي شاهه بخاري |
| 507 | 2006 | ڪيمو فلاج | علي راز شر |
| 508 | 2007 | ڪنارو (سيريل) | عزيز ڪنگراڻي |
| 509 | 29.5.2007 | خواب ۽ خواهشون (سيريل) | حيات علي شاهه بخاري |
| 510 | 7.2007 | مهانتا | حبيب جتوئي |
| 511 | 2007 | عيد ٿي وئي | رحمت الله ماجوٺي |
| 512 | 2007 | رينٽ اي ڪر | حيات علي شاهه بخاري |
| 513 | 2008 | ڏهن ڏينهن جي ڳالهه | شمشير الحيدري |
| 514 | 2008 | ڪاميڊي پلس | سحر قريشي |
| 515 | 2008 | ڪاميڊي ايڪسپريس | شمشير الحيدري |
| 516 | 2008 | سَرجيس تان سور | وفا دلدار چنجڻي |
| 517 | 2008 | پنهنجا ٿيا پراوا | عبدالرزاق |
| 518 | 2009 | ريشمي ڏور | ماڻڪ ڪنگراڻي |
| 519 | 2009 | خطا | اسلم پٺو |
| 520 | 2009 | احساس | رفيق آخوند |
| 521 | 2009 | پوري توسين پال | پنسار احمد |

| | | | |
|---|---|---|---|
| رشيد صابر | ڪٿي آيا خير سان | 2009 | 522 |
| عبدالقادر جوڻيجو | دل ۽ دنيا | 2009 | 523 |
| ماڻڪ ڪنگراڻي | عيد اسان جي | 2009 | 524 |
| شمشير الحيدري | جوڳي | 2009 | 525 |
| ايم يحيٰي پٽو | غلط فهمي | 2009 | 526 |
| صلاح الدين نظاماڻي | پائو پڙنگ | 2010 | 527 |
| سيد ماڪن شاهه رضوي | هاءِ نوڪري | 2010 | 528 |
| ماڻڪ ڪنگراڻي | بي نشان | 2010 | 529 |
| محمود مغل | مايا | 2010 | 530 |
| علي راز شر/ ماڻڪ ڪنگراڻي | ناٽڪ منڊلي (سيريز) | 2011 | 531 |
| نثار ٻانيڻ | ڪنهن جو ناهي جيءُ جهريو | 2012 | 532 |
| شاهنواز | انڌي ڇوڪري ۽ چور | 2012 | 533 |
| سهراب سومرو | سير تي سوا سير | 2012 | 534 |
| اختر رند | جيون سپنا | 2012 | 535 |
| رحمت الله ماڃوٺي | نيٺ عيد تي وئي | 2012 | 536 |
| اسلم پٽو | جڏهن ٽڙندا ڳاڙها گل | 2012 | 537 |
| نظير گل عباسي | زندگيءَ جا رنگ | 2012 | 538 |
| ايوب گل | عيد مبارڪ | 2012 | 539 |
| حسين شيخ | ڪڏهن نه ملنداسين | 2012 | 540 |
| رحمت الله ماڃوٺي | رشتن جي رڻ ۾ | 2013 | 541 |
| علي راز شر | جمال الدين ٽيلرز | 2013 | 542 |
| اختر رند | جيجل منهنجي | 2013 | 543 |

| | | | |
|---|---|---|---|
| | | قسمت | |
| 544 | 2013 | راڻي مهاراڻي | طارق ڪوريجو |
| 545 | 2013 | آخري تحفو | عبدالحق قريشي |
| 546 | 2013 | دورِ جنون | حيدر قادري |
| 547 | 2013 | خالي گهر | ماڻڪ ڪنگراڻي |
| 548 | 2013 | اڪابر (مزاحيه سيريل) | ماڻڪ ڪنگراڻي |
| 549 | 2013 | گڏي | ايوب گل |
| 550 | 2013 | داروغو نصير خان | حفيظ ڪنير |
| 551 | 2014 | ترجي گٿي | حيدر قادري |
| 552 | 2013 | وفائن ڪانپوءِ | عزيز ڪنگراڻي |
| 553 | 2014 | خواب ۽ حقيقت | حليم الله شيخ |
| 554 | 2014 | زالن سان ڪهڙا ليکا | صلاح الدين تنيو |
| 555 | 2014 | نو پرافٽ نو لاس | اسلم پيٽو |
| 556 | 2014 | گهوٽ ماروٽ | رحمت الله ماڃوٺي |
| 557 | 2014 | ليلان | عبدالشڪور جهتيال |
| 558 | ڊسمبر 2014 | ويچارو گهوٽ | رحمت الله ماڃوٺي |

سڄ سماءُ جي جديد ذريعن ۾ ٽيلي ويزن سڀ ڪان وڌيڪ تيز ۽ اثرائتو ذريعو آهي ۽ ڊرامو ٽيلي ويزن تي سڀ ڪان وڌيڪ ڏٺو ويجي ٿو. سنڌي ٽيلي ناٽڪ نويسيءَ جي باني شمشير الحيدريءَ شاهه جي سٽن سورمين کي ڊرامائي روپ ڏيڻ جو خيال 1986ع ۾ پيش ڪيو. ٺڏهوڪي جنرل مئنيجر عبد الڪريم بلوچ ۽ اسڪرپٽ ايڊيٽر ممتاز مرزا جي دلچسپيءَ سبب "لطيفي لات" جي عنوان سان شاهه جي سٽن سورمين تي ناٽڪ لکي پيش ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو. ان سلسلي ۾ پهريون ناٽڪ تاريخي عشقيه داستان مومل راڻي تي "ڪاڪ محل" جي نالي سان شمشير الحيدريءَ لکيو. 12 قسطن تي مشتمل ان ڊراما سيريل جو پروڊيوسر محمد بخش

سميجو هو. شمشير الحيدريءَ ان کان اڳ اردو ڊرامن جي سيريز ۾ به ناٽڪ ”مومل راڻو“ ۽ ”سورٺ راءِ ڏياچ“ لکي چڪو هو. پر سندس لکيل ڊراما سيريل ”ڪاڪ محل“ کي بيحد ساراهيو ويو. ڪاڪ محل بعد ۾ سنگم پبليڪيشن ڪراچيءَ پاران شايع ڪيو ويو. سيد ماکن شاهه رضوي شاهه سائين جي شاعريءَ جي پس منظر ۾ جيڪي ريڊيو ناٽڪ لکيا هئا، اهي ساڳيا هن 2004ع ڌاري پاڪستان ٽيلي ويزن کي به لکي ڏنا پر اهي رڪارڊ نه ڪيا ويا.

ٽي وي ڊرامن ۾ اهڙا موضوع پيش ڪيا ويا آهن جيڪي سنڌي سماج جو عڪس پيش ڪن ٿا، انهن ۾ مقاميت نگاري ۽ سنڌي ثقافت کي خاص نظر ۾ رکيو ويو آهي. ان کان علاوه اهي ڊراما ڪامياب رهيا آهن جن ۾ سنڌ جي رسم رواج ننڍي عمر جي شادي، ڏي وٺ جا رشتا، غلط خانداني رسمون، وڏيرا شاهي جو ظلم، غير محفوظ هارين ۽ پورهيتن جون زندگيون وغيره ۽ ان کان علاوه سنڌ ۾ ڦهلجندڙ ڌاڙيل ڪلچر ۽ پوليس جو انهن کي تحفظ وغيره به سنڌي ڊرامن جو موضوع رهيو آهي. اهڙي طرح سنڌ جي تعليمي ادارن ۾ ڪاپي ڪلچر، غير معياري سياست، عشقيه ۽ محبت جا داستان ۽ سنڌ ۾ ڪارو ڪاري جي بدنام رسم به ڊرامن جا موضوع رهيا آهن.

سنڌي ٽي وي ڊرامن ۾ ڪي اهڙا ڊراما پيش ڪيا ويا آهن جن کي نه صرف پاڪستان اندر مڃتا آهي پر عالمي ڊرامن ۾ به مڃتا ملي آهي. اهي ڊراما عالمي معيارن جا ڊراما آهن. اهڙن ڊرامن ۾ ممتاز مرزا جو ڊرامو ”آخري رات“ کي ڪولمبيا براڊ ڪاسٽنگ طرفان ڪرايل ڊرامن جي مقابلي ۾ ٻيو نمبر قرار ڏنو ويو. آغا سليم ”گل ڇنو گرنار جو“ کي هندستان ۾ ادبي ايوارڊ مليو. علي بابا جي ڊرامي ”دنگي منجهه درياهه“ کي 1976ع ۾ ميونخ (جرمني) جي بين الاقوامي ميلي ۾ ٽيون نمبر مليو. عبدالقادر جوڻيجي جو ڊرامو ”راڻيءَ جي ڪهاڻي“ ايڏو ته مقبول ٿيو جو اردو، انگريزي، چيني زبانن ۾ ترجمو ڪري هلايو ويو. سندس ڊرامي ”خان صاحب“ به غير معمولي شهرت حاصل ڪئي جو ان کي اردو ۾ به ترجمو ڪري هلايو ويو. نورالهديٰ شاهه جا ڪيترائي ڊراما بين الاقوامي مڃتا حاصل ڪري چڪا آهي جن ۾ ”جنگل“ ۽ ”اب ميرا انتظار ڪر“ شامل آهن.

سنڌي ريڊيائي ڊرامن جي پيٽ ۾ ٽي وي ڊرامن کي نالي وارا ليکڪ مليا، جيڪي سنڌي افسانہ نگاريءَ ۾ نالو ڪڍي چڪا هئا. انهن موضوع جي گهٽائي، مقاميت نگاري، مڪالمن ۾ گهرائي ۽ سماجي مسئلن جي ڪري وڏي شهرت حاصل ڪئي. اهڙن ۾ ممتاز مرزا، شمشير الحيدري، آغا سليم، امرجليل، قاضي خادم، عبدلقادر جوڻيجو، قمر شهباز ،علي بابا، ماهتاب محبوب، مراد علي مرزا، عبدالڪريم بلوچ جهڙن ڊراما نگارن شروعاتي سالن ۾ ترقي ڏيارڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪيو.

هنن ڊراما نگارن ۾ امر جليل مزاحيہ ۽ رومانوي ڊراما لکيا. سندس ڊراما، هن جي افسانن وانگر مڪالمن جي گهرائي ۽ ڊرامي جي ڪهاڻيءَ پلاٽ تي مڪمل ڪنٽرول تي ٻڌل هوندا آهن. سندس ڊرامن ۾ ”ماءُ“، ”فرمانبردار“، ”دوزخ“، ”مٽيءَ جا ماڻهو“ ۽ ”دل جي دنيا“ ڪافي مقبول ٿيا. علي بابا اوائلي ٽي وي ناٽڪن ۾ ڪاميابي جي علامت سمجهيو ويندو هو. هن جا موضوع غربت، سماجي مسئلا ۽ انهن جي اصلاح آهي. سندس ڊرامن ۾ ”دنگي منجهہ درياهہ“، ”شيشي جو گهر“، ”سو روپيا نوٽ“ ۽ ٻيا ڪيترائي شامل آهن. آغا سليم جا ڊراما رومانوي موضوعن جي اپٽار ڪن ٿا، سندس اڪثر ڊراما ڪامياب رهيا آهن، جن ۾ ”خواب جو سورج“، ”پاڳل خانو“، ”تماشو“، ”پرهہ جا مسافر“ اهم آهن. قمر شهباز جا ڊراما پنهنجي تيز ۽ تکن جملن جي استعمال جي ڪري مشهور رهيا آهن، جن ۾ ”انٽرويو“، ”شڪست“ ۽ ”پاڇي جي تلاش“ اهم آهن. شمشير الحيدري جا ڊراما هلڪا ڦلڪا ۽ مزاحيہ نوعيت جا آهن، انهن ۾ ”معمو“، ”تاهہ“، ”عيد پارٽي“، ”منزل“ ۽ ”ڪاڪ محل“ مشهور ليکيا وڃن ٿا. ممتاز مرزا جا ڊراما سنڌ جي تاريخي پسمنظر ۽ سماجي ڏس ۾ آهن. سندس ڊرامن جي آخر ۾ وڏندڙ تجسس خطرناڪ هوندو آهي. اهڙن ڊرامن ۾ ”اندر جنين اڌ“، ”سچائي جو عڪس“، ”سرءُ جو پن“ اهم آهن.

عبدالڪريم بلوچ صاحب جي پنهنجي ٽي وي سان وابستگي هئي هو ڊرامن جي مزاج ۽ موضوع ڪان واقف هو. هن سنڌ جي رسمن تي شاندار ڊراما لکيا جن ۾ ”بئنسر ادل جي“، ”پرڇائڻ وارو“، ”جوڳيءَ تي جڙاءُ“ وغيره اهم آهن. مراد علي مرزا جا ڊراما سماجي پسمنظر ۾ وڏي اهميت رکن ٿا. هن جا ڊراما ”پاڇا“،

”گنگھار“، ”ناسور“ آهن. عبدالقادر جوڻيجو هن وقت سنڌي ڊرامن جو سرواڻ آهي. هن جا شروعاتي ڊراما سنڌس افسانن وانگر نج ڳوٺاڻي ماحول جي عڪاسي ڪن ٿا. ان ڏس ۾ ”ويندڙ وهي“، ”ڳولا“، ”گردش“، ”هن وستيءَ ۾“، تمام وڏي اهميت رکن ٿا.

ٽي وي ڊرامن تي تبصرو ڪندي قاضي خادم لکيو آهي ته ”سنڌي ڊرامن جا موضوع گهڻو تڻو عام پسند جا رهيا آهن. ورهاڱي کان اڳ واري دور ۾ عام رومانوي ۽ تاريخي ڊرامن سان گڏ سماجي ناانصافين، غلط رواجن، رسمن ۽ نيڪي ۽ بدي وارا موضوع عام هئا. ورهاڱي کان پوءِ اسٽيج جو مزو ختم ٿي ويو. باقي ٽي وي رستي جيڪي ڊراما پيش ٿيندا رهيا آهن تن جا موضوع لڳ ڀڳ ساڳيا آهن، البته انهن ۾ جاسوسي، تشدد ۽ جديد موضوعن تي لکيل ڊراما شامل آهن. تڏهن به پسند اهي ڊراما پيا آهن جن ۾ ثقافتي رنگ شامل آهي ۽ سماج جي اوڻاين کي پيش ڪيو ويو آهي.“ (28)

وقت سان گڏوگڏ ۽ ڊرامن جي وڌندڙ مقبوليت تحت ڪيترائي نوان ليکڪ ٽي وي ڊرامي جي دنيا ۾ داخل ٿيا، جن سنڌ جي ٻرندڙ مسئلن، رومانوي ڊرامن ۽ مقاميت نگاريءَ تي خاص توجهه ڏني. اهڙن ڊرامانگارن ۾ نورالهديٰ شاهه، شوڪت حسين شورو، آغا رفيق، طارق عالم ابڙو، ڪيهر شوڪت، رزاق مهر، اياز عالم ابڙو، بيدل مسرور ۽ ٻيا ڪيترائي شامل ٿي ويا. موجوده دور ۾ ڪيترائي نوان نوان ٽي وي چينل کلي پيا آهن ۽ انهن ٻين ٽي وي چينلن جي اچڻ ڪري نوان ٽي وي ڊراما نگار پيدا ٿيا آهن جيڪي پنهنجي جوان جذبن سان سنڌ جي نوجوانن جي امنگن جي عڪاسي ڪن ٿا. اهڙن ڊراما نگارن ۾ جيڪي نون ٽي وي چينلن لاءِ لکي رهيا آهن. انهن ۾ محمود مغل، حفيظ ڪنير، عزيز ڪنگراڻي، زيب سنڌي، رحمت ا ماڃوٺي، حق نواز سمون، اختر رند، راز شر، عثمان ميمڻ، لونگ شيخ، امير ابڙو، انور ابڙو، منظور ڪوهيار، محمد علي پناڻ، طارق قريشي، ايوب گل، محمد علي پناڻ، ايوب عمراڻي، ماڻڪ ڪنگراڻي، فرهاد قائمخاني ۽ ٻيا ڪيترائي شامل آهن.

سنڌي ڊرامن جي سڀ کان وڏي خوبي اها آهي ان ۾ مقامي رنگ کي ڀرپور نموني پيش ڪيو ويو آهي، جنهن جي ڪري سنڌي ٽي وي ڊراما تمام گهڻو

مقبول ٿيا آهن. اهڙن ڊرامن ۾ عبدالقادر جوڻيجي جو ”راڻيءَ جي کهاڻيءَ“ شامل آهي جنهن سنڌ جي تهذيب رهڻ سهڻ ۽ ريتن رسمن کي خوبصورتي سان پيش ڪيو ويو آهي. پروفيسر قاضي خادم جا ڊراما به ڪنهن به طرح سان وسارڻ جهڙا نه آهن هن جاسوسي ۽ رومانوي موضوعن تي ڊراما لکيا آهن، جن ۾ ”موت ۽ مفاصلو“، ”منزلون ۽ مسافر“، ”دل جي بستي“، ”شڪست“ خاص آهن. آغا رفيق جا ڪيترائي ڊراما سنڌ جي حقيقي مسئلن ۽ بدلجندڙ حالاتن جا تهذيب تي اثر جي پسمنظر ۾ لکيل آهن.

سنڌس ڊرامو ”سامر“ ۽ ”سوال“ بهترين ڊراما آهن. ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ هن وقت تائين جيڪي ڊراما لکيا آهن. انهن ۾ ”اوندهيءَ جا اولڙا“، ”گهر چپر“ ۽ ميراڻ جمالي قابل ذڪر آهن. سنڌس ڊرامو ”اوندهيءَ جا اولڙا“ پي ٽي وي تان نشر ٿيو هو. ان ڊرامي ۾ اڻ پڙهيل عورتن جي ڪردار کي اڳيان رکي معاشري تي طنز ڪيل هئي.

شوڪت حسين شورو جا ڊراما رومانوي پهلوئن سان گڏ سماجي مسئلن جي اپٽار ڪن ٿا. هن جي ڊرامن ۾ ”ڏيڻ“، ”باک“، ”ملڪيت“ اهم آهن. طارق عالم ڊرائينگ روم ٽي وي ڊرامن جو بهترين ليکڪ آهي. هن جي ڊرامن ۾ رومانوي پهلو غالب آهي. سنڌس ڊرامن ۾ ”چنڊ رهي ٿو ڏور“ مشهور ٿيو. اياز عالم ابڙي پڻ ڊرامن ۾ وڏو نالو ڪڍيو. سنڌس پهريون ڊرامو ”ذات جي ڏيهه ۾“ ڏسندڙن تي وڏو اثر ڇڏيو. هن ٻيا به ڪيترائي بهترين ڊراما لکيا آهن جن ۾ ”گهايل مرڪ“، ”اسڪاءِ ليب“، ”نيهن جو ناتو“ وغيره شامل آهن. رزاق مهر جا ڊراما سنڌ جي وڏيرڪي طبقي ۽ ڳوٺاڻي ماحول جي عڪاسي ڪن ٿا. هن ”جياپو“، ”وڇوٽيون“ ۽ ”پاتال“ جهڙا ڊراما لکيا. مرحوم ڪيهر شوڪت هڪ افسانه نگار جي حيثيت ۾ اڀريو ۽ ڊراما نگار جي حيثيت ۾ مقبوليت حاصل ڪئي. هن سنڌي نوجوانن جي معاشي ۽ نفسياتي مسئلن تي ڊراما لکيا جن ۾ ”ٻيو شخص“، ”رڃ ۽ سچ“، ”گرهڻ“ نالي وارا آهن. ماڪن شاهه رضوي پڻ سنڌ جي ريتن رسمن ۽ سماجي مسئلن تي ڪيترائي ڊراما لکيا آهن.

1980ع واري زماني کان پوءِ ماهتاب محبوب کان علاوه ڪيترين ئي

خواتين ڊرامانگار هن ڏس ۾ اڳتي آيون جن پنهنجي ڊرامن ۾ عورتن جي مسئلي کي خوب نيايو. اهڙن نالن ۾ نورالهديٰ شاهه، زرينه بلوچ، سحر امداد، ثريا سوز، زينت بروهي ،رضيه ڪوڪر، سعيده ميمڻ، رضيه امير علي ۽ شبنم گل جا نالا اهم آهن. هنن سڀني ۾ جيڪا مقبوليت نورالهديٰ شاهه کي ملي آهي سا ڪنهن ٻئي کي نصيب نه ٿي آهي. سندس ڪيترائي ڊراما بين الاقوامي شهرت حاصل ڪري چڪا آهن. جن ۾ ”جنگل“، ”مارئي“ ۽ ”زندگيءَ جو رڻ“ اهم ڊراما آهن.

سنڌ ۾ هن وقت ٽي.وي ڊرامو به پنهنجي اهميت وڃائي ويٺو آهي، ڇو ته موبائيل فون جي ننڍي اسڪرين سئنيما جي وڏي پردي ۽ ٽي.وي جي وڏي اسڪرين تي قبضو ڪري ورتو آهي. پي. ٽي. وي جي معياري سنڌي ڊرامن جو دور به پورو ٿي چڪو آهي ۽ ڪيترائي خانگي چينل کلي پيا آهن ۽ انفرادي يوٽيوب چينل ته بيشمار ٿي پيا آهن، جيڪي ڊرامن جي دنيا کي بدلائي چڪا آهن. هاڻي ته اها به خبر نه ٿي پوي ته ڪهڙو ڊرامو ڪهڙي ڊراما نگار جو لکيل آهي. پي.ٽي.وي ڊرامن جي زوال بابت سيد جاويد مير لکيو آهي ته ”سنڌي سيڪشن جو اهم شعبو ڊرامو، جيڪو ناٽڪ سڀا ۽ ناٽڪ رنگ جي نالن سان ٿيندو رهيو آهي هاڻي سنڌي ڊرامن ۾ اهي اداڪار ڪم ڪري سگهن ٿا، جيڪي يا ته پروڊيوسر جا دوست هجن يا وري پروڊيوسرن کي ڪا سٺي آفر ڏين. ڇو ته هاڻي اداڪارن لاءِ باقاعدي هڪڙو پئڪيج آهي جيئن ڪنهن علائقي جو نئون ايس ايڇ او لڳندو آهي ته جلد کان جلد پنهنجا ڪيسا ڀرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي خبر نه آهي ته ڪڏهن سندس ٽرانسفر آرڊر اچي وڃي. ائين ئي ڊرامي جو پروڊيوسر سيريل ڪرڻ مهل اداڪارن سان پئسن جي ڊيل ڪري وٺندو آهي خبر نه آهي ته وري ڪڏهن ڊرامو ملي. ان ڪري هاڻي ڊرامو تيزيءَ سان زوال ڏانهن وڌندو پيو وڃي. وري ڳالهه ڪجي انهن سنڌي اداڪارن جي جيڪي مشهور ته سنڌي ڊرامن مان ٿيا پر هاڻي سنڌي ڊرامن ۾ ڪم ڪرڻ پنهنجي شان جي خلاف سمجهن ٿا. ڪو وقت هو ته اهي ئي اداڪار سنڌي ڊرامن ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ آتا هوندا هئا. سنڌي سيڪشن لاءِ رڳو دعا ئي ڪري سگهجي ٿي ڇو ته ڪٿي به ڪنهن بهتريءَ جا ڪرتا نظر نٿا اچن.“ (29)

نون ٽي وي چينلن جي اچڻ سان ڊرامن ۾ مقابلي جو رجحان پڻ پيدا ٿيو آهي. هر ليکڪ سمجهي لکي ٿو ته مون کي هزارن چينلن جي موجودگيءَ جي وچ ۾ پنهنجي حيثيت مڃرائڻي آهي. ان کان علاوه مختلف رسالن ۽ اخبارن ۾ ڊرامن تي تبصرا ۽ ٽيڪا ٽپڻي واري وڌندڙ رجحان جي ڪري ڊرامانگارن تي وڏي ذميواري اچي ويئي آهي.

اڄ جي خانگي ٽي وي چينلن جي ڊرامن ۾ رڳو ڌاڙيل ڪلچر، وڏيرا ڪلچر، ڪاروڪاري، هٿيارن جو ڏيکاءُ ۽ ٻيا به اهڙا ڪيترائي سبب آهن جنهن جو نقصان سنڌي ۽ اڻ سڌي طرح اسان جي سماج تي پوي ٿو. ٻئي طرف اهڙا پروگرام آن ايئر ٿي رهيا آهن جيڪي هوندا ته تهذيب ۽ تمدن کي اجاگر ڪرڻ لاءِ پر اهي اجاگر ڪرڻ بدران رڳو تهذيب ۽ تمدن جي نالي کي بگاڙي رهيا آهن. اهڙن پروگرامن، ڊرامن ۾ غير مهذب جملن، لباس ۽ ڪريل حرڪتون ڪندي ڪردار نظر ايندا آهن. اڄ ڪلهه جيڪو معيار ۽ حالت سنڌي چئنلن تي ڏيکاريا ويندڙ ڊرامن جي آهي، انهن کي ڏسي ائين لڳي ٿو ته اسان جي تهذيب موهن جي دڙي جي نه هجي بلڪ ڪنهن اهڙي تهذيب جو ڏيک ڏئي ٿي جو اعتبار نٿو اچي ته ڇا اسين واقعي 8 هزار سال پراڻي تهذيب جا مالڪ آهيون؟

ڌاڙيل ڪلچر جي پرچار، ڪاروڪاري جي رسم کي هٿي ڏيڻ، عورت جي تذليل، ڪلاشنڪوف ڪلچر جي نمائش وغيره سنڌين ۾ سنڌ جي ثقافت کي ڪيرائي ڇڏيو آهي. ٻئي طرف سنڌي ڊرامن ۽ گانن ۾ وڌندڙ فحاشي به افسوسناڪ آهي. سنڌي ٻوليءَ جو بگاڙ به جاري آهي ته غير معياري محاورا ۽ مڪالما به شامل ڪيا وڃن ٿا.

ٽي وي ناٽڪ جي مقبوليت پنهنجي جاءِ تي، پر سنڌ ۾ ٿيئٽر جي ڪميءَ جو احساس پوءِ به شدت سان محسوس ٿئي ٿو ۽ ان ۾ ڪوشش ڪونهي ته رنگ منچ جي جيڪا پنهنجي خوبصورتي آهي ان کان سنڌ جي اسٽيج هاڻي وانجهيل آهي.

**آزادي کان پوءِ سنڌي فلم**

ڊرامي وانگر فلم به ڪنهن ملڪ ۽ قوم جي ثقافت کي اجاگر ڪرڻ ۾ اهم

ڪردار ادا ڪري ٿي. فلم جو ڪينواس ڊرامي ڪان وڌيڪ ٿئي ٿو. ڇو جو ڊرامي جي تاثر ڪان فلم جو تاثر وڌيڪ سمجهيو وڃي ٿو. فلم جي وڌنڌڙ شهرت سبب اڄ جو نوجوان فلمي هيرو کي پنهنجو آدرش سمجهي ٿو. اها الڳ ڳالهه آهي تہ اڄ جي فلم حقيقت پسندي جي گهٽ عڪاسي ڪري ٿي ۽ منجهس پرتشدد واقعات ۽ غير حقيقي منظر وڌيڪ اچي ويا آهن. فلم وسيلي ڪنهن بہ ملڪ جي مزاج، رهڻي ڪهڻي، عادتن، رسم و رواج جي خبر پوي ٿي. فلم ۽ ٽي وي وسيلي اڄ شهر ڪان ڳوٺاڻو پنهنجي گهر ۾ ويهي ڪنهن بہ شهر ملڪ ۾ ٿيندڙ واقعات ۽ وندر جي پرگرامن جو لطف ماڻي سگهي ٿو. جديد وندر سبب دنيا بلڪل ننڍڙي ٿي وئي آهي.

هن وقت جڏهن ڊش اينٽينا، ڪيبل سسٽم گهر گهر عام ٿي ويو آهي ۽ گهر گهر سئنيما هال ٿي پيو آهي، تڏهن فلم جي اهميت اڃا بہ وڌي وئي آهي. اڄ فلمون وندر جو بهترين ۽ طاقتور وسيلو آهن. فلمن جون اهم خوبيون فلم جو وڏو پردو، اداڪار، ڪهاڻي، گيت، ڊائلاگ، ڊانس، چترڪاري، موسيقي سنگتراشي، قدرتي نظارا، گانا وغيره ڪهاڻي کي خوبصورت بڻائي ڇڏيندا آهن.

سنڌي فلمن جي شروعات ورهاڱي ڪان اڳ انگريزن جي دور ۾ ٿي. سنڌ جي مشهور زميندار رئيس ڪريم بخش نظاماڻيءَ ننڍي ڪنڊ جي پهرين سنڌي فلم ”ايڪتا“ ٺاهي .هيءَ فلم 1942ع ۾ ٺاهي وئي. مطلب تہ سنڌي فلمن ٺاهڻ جو سهرو ڪريم بخش نظاماڻي تي آهي. هن پنهنجو فلمي سفر بمبئي ۾ سن 1931ع ڪان شروع ڪيو، جڏهن آواز واريون فلمون ٺهڻ شروع ٿيون. هن پنهنجي پهرين فلم ”ايڪتا“ جي ڪاميابي ڪان پوءِ بمبئي ۾ ”سنڌ ساگر مووين“ جي نالي هڪ فلمي ڪمپني قائم ڪئي، جنهن جون بہ فلمون مڪمل ٿيڻ واريون ئي هيون تہ برصغير جو ورهاڱو ٿيو. جنهن جي ڪري اهي فلمون رليز نہ ٿي سگهيون. گڏيل هندستان ۾ هڪ سنڌي فيچر فلم تيار ٿي هئي 'ايڪتا'. جيڪا هندو مسلم ايڪي تي ٻڌل هئي ۽ ان فلم ۾ ”هيرو“ جو ڪردار ادا ڪيو هو ماتليءَ واري باباءِ ثقافت، رئيس ڪريم بخش نظاماڻيءَ (وفات پهرين جنوري 1984) پاڻ ڪيو. ان پهرين سنڌي فلم جي ڪهاڻي، مشهور شاعر آغا عبدالغني لکي.

ايڪتا فلم تي تبصرو ڪندي گلاب چانڊيو لکي ٿو ته ”پهرين سنڌي فلم ”ايڪتا“، جيڪا اندازن 1942ع ۾ ٺهي تيار ٿي. هن فلم ٺهڻ ۾ وڏي Contribution رئيس ڪريم بخش نظاماڻي جي هئي. هي فلم صرف ستن ريلن تي مشتمل هئي. هن فلم ۾ ايڏي ته جان نه هئي، پر شهيد ڀڳت ڪنوارام جي ڪلام ”نالي ڏٺي جي ڀيڙو تار منهنجو“. جي ڪري فلم ڪامياب ٿي ويئي“. (30)

آزادي ڪانپوءِ وارين سنڌي فلمن لاءِ مشهور اداڪار گلاب چانڊيي لکيو آهي ته ”سنڌ هوندئن ته فن ۽ ثقافت جو گهوارو رهي آهي پر فلمن جي معاملي ۾ سيني قومن کان پٺتي آهي، جنهن جو وڏو سبب وسيلن ۽ تئلنٽ جي کوٽ آهي. جنهن جي ڪري ”سنڌو وڊ“ ٺهي نه سگهي. سنڌي فلمي صنعت ڪنهن نه ڪنهن نموني پنهنجو پاڻ زنده رکيو آهي. هي داستان حيرت ناڪ به آهي ته المناڪ به. سنڌي فلمي سرڪٽ تمام محدود آهي. ان جو وڏو سبب اهو آهي ته سرمايه ڪار ڏنڌي ۾ گهٽ دلچسپي رکي ٿو. ان کان علاوه اسٽوڊيوز ۽ ٽيڪنڪي سهولتون به نالي ماتر آهن“. (31)

**ايڪتا** :سنڌي فلمن جي شروعات ورهاڱي کان اڳ 1942ع ۾ ڪريم بخش نظاماڻي ”ايڪتا“ ناهي ڪئي هئي. 1949ع ڪانپوءِ ڪابه سنڌي فلم ٺهي نه سگهي. ورهاڱي ڪانپوءِ سنڌي فلمن ٺهڻ ۾ رڪاوٽون وڌيون ويون.

**عمرمارئي** :سنڌ ۾ ورهاڱي ڪانپوءِ ”عمر مارئي“ نالي فلم 1956ع ۾ رليز ٿي. هن فلم جو پروڊيوسر سيد حسين شاه فاضلاڻي هو. شيخ حسن، فلم ۾ سنگيت ڏنو. هن فلم جا مڪالما ۽ گيت رشيد احمد لاشاري لکيا هئا. شڪاپور ۾ چاول تي- ايم- بهاري ڪوششون وٺي، سنڌ ۾ ٺهيل فلم ”عمر مارئي“ کي گهرائي هندستان ۾ رليز ڪئي. هن فلم سان گڏ هندستان ۾ ٺهيل ننڍي فلم ”**سنت ڪنورام** “ پڻ رليز ڪئي ويئي.

**پرديسي** :عمر مارئي ڪانپوءِ سنڌي فلم ”پرديسي“ 12 اپريل 1958ع تي نمائش لاءِ پيش ٿي. هن فلم جو ناهيندڙ به سيد حسين شاه فاضلاڻي هو. هن فلم لاءِ گلاب چانڊيي لکيو آهي ته ”فلم پرديسي“ سپرهٽ ويئي. ايتري تائين جو فلم ”آن“ کي

ٻه ڏاڍو ڏکيائين. هن فلم ۾ ان وقت جي مشهور اداڪار مصطفيٰ قريشي ٻه پنهنجي ڪيريئر جي شروعات هن فلم سان ڪئي. هن فلم جي ڪاميابيءَ جو راز گيت چيا وڃن ٿا. جن جي اڪثر شاعري رشيد احمد لاشاري جي هئي ۽ موسيقي غلام نبي ۽ عبداللطيف جي ڏنل هئي. "گڏوگڏ فلم "**سسئي پنهون**" ٻه تيار ٿي جنهن ۾ پهريون دفعو روبينه ۽ سشيلا مهتاڻي فلمي گيت ڳايا. "

**اباڻا:** ساڳي سال ۾ هندستان ۾ مشهور فلم "اباڻا" تاهي ويئي. فلم ۾ وچولي طبقي جي خاندان جي ڪهاڻي هئي. ورهاڱي کان اڳ واري هندو سماج جي عڪاسي ٿيل هئي. هن فلم جا گيت ڪار، هدايتڪار، اداڪار وغيره سڀ سنڌي هندو هئا. اهڙي طرح هند ۽ سنڌ ۾ سنڌي فلمن ٺهڻ جو سلسلو شروع ٿيو. مصباح الحق لکيو آهي ته "سنڌي ٻولي ۾ هونئن ته هن وقت تائين، پنج ڇهه سنڌي فلمون ٺهيون آهن، پر انهن ۾ ٿي انتهائي ڪامياب ويون آهي، جيڪي اولهه پاڪستان جي مختلف شهرن جي سئنمائن ۾ هلي چڪيون آهن. انهن ۾ حسين شاهه فاضلاڻي جون "عمر مارئي"، "پرديسي" ۽ ٽئين فلم بهادر علي بلوچ جي "شهرو فيروز". ٻولي جي زياده کان زياده سڌاري ۽ وڌاري ۾ فلم اهم ڪردار ادا ڪري ٿي. سچ ته فلمون ئي آهن، جن جي طفيل ٻولي ڳالهيندڙ جو دائرو وڌي ٿو." (32)

اهڙي طرح سنڌي فلم جو هڪ سلسلو شروع ٿيو ۽ ڪيترين ئي فلمون ٺهيون، جن ۾ "سسئي پنهون" (1958)، "پرائي زمين" (1958)، "چاندوڪي" (1969) "گهونگهٽ لاهه ڪنوار" وغيره تمام مشهور ٿيون. هندستان ۾ پڻ سنڌي فلمن جو سلسلو شروع ٿيو، جن جا گيت ڪار ۽ هدايتڪار اتان جا مشهور ليکڪ هئا. سنڌ جي مشهور ڪهاڻيڪار امر جليل ڪيترن ئي فلمن لاءِ ڪهاڻيون لکيون آهن، جن ۾ "گهونگٽ لاهه ڪنوار" (1970)، "بادل" (1972) "منڙا شال ملن" (1972)، "البيلي" (1973) وغيره. اهڙي طرح آغا سليم "چاندوڪي" (1969)، "محبوب منا"، "رت جا رشتا" وغيره لاءِ رومانوي ڪهاڻيون لکيون. قمر شهباز پڻ ڪيترن ئي فلمن جون ڪهاڻيون لکيون آهن.

فلمن جي گيتن جي سلسلي ۾ رشيد احمد لاشاري جو نالو وڏي اهميت رکي ٿو. هن ڪيترن ئي فلمن لاءِ گيت لکيا، جيڪي اڄ تائين مشهور آهن. هن ڪيترن ئي فلمن جون ڪهاڻيون ۽ مڪالما پڻ لکيا رشيد صابر پڻ ڪيترن ئي فلمن لاءِ گيت لکيا آهن. رشيد صابر جتي بيشمار ريڊيو ڊراما لکيا آهن، اتي هن ڪيترن ئي فلمن لاءِ ڪهاڻيون پڻ لکيون آهن. انهن فلمن ۾ ”گهاتو گهر نہ آيا“، ”ڦل ماڃي“، ”ٽي قيدي“، ”برسات جي رات“، ”جانو ڏاڙيل“ ۽ ”سرويچ“ وغيره شامل آهن. سندس فلمن جون ڪهاڻيون عام رواجي ۽ عوامي پسند مطابق آهن. ايوب گاد پڻ ڪيترين ئي فلمن جون ڪهاڻيون لکيون آهن، جن ۾ ”بيوس“، ”مهربان“ ۽ ”دلاور خان“ اهم آهن.

حسين علي شاهه فاضلاڻي جو تمام وڏو ڪردار آهي. هي واحد فلمساز هو، جيڪو سنڌي فلمن لاءِ پتوڙيندو رهيو. اهڙي طرح حاجي فضل شاهه ڄاموٽ عرف”ايس گل“ جو بہ وڏو ڪم ٿيل آهي، سيد يار محمد شاهه بطور ليکڪ، فلمساز ۽ هدايتڪار سنڌي فلمن لاءِ تمام وڏيون خدمتون سرانجام ڏنيو آهن. هتي ڪجهہ فلمن جي لسٽ ڏجي ٿي:

| نمبر | فلم جو نالو | رليز جو سال | هدايتڪار | ڪهاڻيڪار |
| --- | --- | --- | --- | --- |
| 1. | ايڪتا | 1945 | ڪريم بخش نظاماڻي | آغا عبدالغني |
| 2. | عمر مارئي | 1956 | شيخ حسن | حسين شاهه فاضلاڻي |
| 3. | پرديسي | 1958 | ايس_اي_غفار | حسين شاهه فاضلاڻي |
| 4. | سسئي پنهون | 1958 | اڪبر علي | حسين شاهه فاضلاڻي |
| 5. | پرائي زمين | 1958 | شيخ حسن | گل محمد |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| .6 | شهرو فيروز | 1968 | شيخ حسن | رشيد احمد لاشاري |
| .7 | چاندوڪي | 1969 | اي ـ ڪيو ـ پيرزادو | آغا سليم |
| .8 | نوري ڄام تماچي | 1970 | شيخ حسن | امر جليل |
| .9 | گهونگهٽ لاهه ڪنوار | 1970 | غلام حيدر صديقي | امر جليل |
| .10 | رنگ محل | 1970 | ايس ـ وائي احمد | موسيٰ ڪليم |
| .11 | پنون عاقل | 1971 | اي ـ ايم ـ تبسم | رشيد احمد لاشاري |
| .12 | ليلا مجنون | 1971 | ايس ـ اي ـ غفار | رشيد احمد لاشاري |
| .13 | محبوب مٺا | 1971 | اي ـ ڪيو ـ پيرزادو | آغا سليم |
| .14 | بادل | 1972 | غلام حيدر صديقي | امر جليل |
| .15 | مٺڙا شال ملن | 1972 | اي ـ ايچ ـ صديقي | امر جليل |
| .16 | جيجل ماءُ | 1972 | اي ـ ايچ ـ صديقي | موسيٰ ڪليم |
| .17 | پيار ڪيو سينگار | 1974 | يوسف نصر | يوسف نصر |
| .18 | سوڍا پٽ سنڌ جا | 1974 | يوسف راٺوڙ | مشتاق جسڪاڻي |
| .19 | پيار تان صدقي | 1974 | ايس ـ واءِ ـ احمد | ايس ـ اي ـ شمسي |
| .20 | رت جا رشتا | 1974 | اي ـ ايچ ـ صديقي | آغا سليم |
| .21 | بادل ۽ برسات | 1975 | اي ـ ڪيو ـ پيرزادو | اسماعيل بن واصف |
| .22 | سنڌڙي تان صدقي | 1975 | جميل مرزا | خواجه بشير احمد |
| .23 | ڌرتي دل وارن جي | 1975 | غلام حيدر صديقي | دانش احمد |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| 24. | منهنجو پيار پڪاري | 1975 | ايس۔وائي۔احمد | خورشيد نقوي |
| 25. | ڌرتي لال ڪنوار | 1975 | خليل قيصر | غالب لطيف، امداد حسيني |
| 26. | رت جي راند | 1976 | منظور احمد | منظور احمد |
| 27. | غيرت جو سوال | 1977 | يوسف راٺوڙ | موسيٰ ڪليم |
| 28. | اڄ ته ياڪر پايون | 1977 | مشتاق چنگيزي | مشتاق چنگيزي |
| 29. | ڌرتيءَ آڪاش | 1977 | اسماعيل نبي | محمد بخش سومرو |
| 30. | دشمن جو پيار | 1979 | محمد شيخ | سعيده شيخ |
| 31. | حاضر سائين | 1980 | ايس۔گل | ايس۔گل |
| 32. | اميد | 1982 | محمود لاسي | محمود لاسي |
| 33. | گهاتو گهر نه آيا | 1982 | بابر سلطان | رشيد صابر |
| 34. | لڄ رک | 1982 | | محمودلاسي |
| 35. | ڦل ماڇي | 1984 | نورالاسلام | رشيد صابر |
| 36. | پرديسي | 1984 | مشتاق چنگيزي | رشيد صابر |
| 37. | پيارءِ ممتا | 1984 | يوسف نصر | آغا نذير |
| 38. | جانو ڏاڙيل | 1985 | | رشيد صابر |
| 39. | برسات جي رات | 1985 | ايس ايم بروهي | رشيد صابر |
| 40. | جلال چانڊيو | 1985 | شاهه اسد | شاهه اسد |
| 41. | حيدرخان | 1985 | يوسف نصر | |
| 42. | سهڻا سائين | 1986 | ايس۔گل | |
| 43. | هوجمالو | 1986 | اسلم بلوچ | |
| 44. | قرباني | 1986 | شڪيل لاسي | |
| 45. | پوتيءَ پڳ | 1986 | ايچ۔اي۔بخاري | |
| 46. | حاڪم خان | 1986 | محترمہ شيرين | |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| 47. | پرو | 1987 | شاھ اسد | شاھ اسد |
| 48. | طوفان | 1987 | اصغر علي خان | رشيد صابر |
| 49. | دشمن | 1988 | ايس_واءِ_احمد | موسيٰ ڪليم |
| 50. | نادر گوھر | 1988 | يوسف نصر | علي محمد مجروح |
| 51. | مھراڻ جا موتي | 1988 | شيخ حسن | شيخ حسن |
| 52. | علي گوھر | 1988 | محمود صديقي | يار محمد شاھ |
| 53. | محب شيدي | 1990 | يار محمد شاھ | يار محمد شاھ |
| 54. | وڏيرو سائين | 1990 | | |
| 55. | مسٽر شڪارپوري | | يار محمد شاھ | يار محمد شاھ |
| 56. | جيئي لطيف | | | |
| 57. | بيوس | 1982 | ايوب گاد | ايوب گاد |
| 58. | دريا خان | | | |
| 59. | ڪارو ماڇي | | | |
| 60. | شھيد | | | |
| 61. | ٽي قيدي | | | رشيد صابر |

## هندستان ۾ ڪي سنڌي فلمون

| نمبر | فلم جو نالو | رليز جو سال | هدايتڪار | ڪھاڻيڪار / شاعر |
|---|---|---|---|---|
| 1. | سنت ڪنور رام | 1952 | ايم_بھاري مسند | رام پنجواڻي/ پرسرام ضيا |
| 2. | اباڻا | 1958 | ٽي_ايم بھاري | پرسرام ضيا |
| 3. | فلم راءِ ڏياچ | 1959 | ھو_جي _بي | پرسرام ضيا |
| 4. | انصاف ڪٿي آھي | 1960 | ديپڪ آشا | ديپڪ آشا/ پرسرام ضيا |
| 5. | سسئي پنھون | 1960 | رام رسيلا | رام رسيلا |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| .6 | جهولي لال | 1964 | ديپڪ آشا | رام پنجواڻي/ پرسرام ضيا |
| .7 | لاڏلي | 1966 | ديپڪ آشا | ڪندن ڪمار/ گوورڌن ڀارتي |
| .8 | سنڌوءَ ڪناري | 1966 | گوبند مالهي | گوبند مالي/ سي ارجن |
| .9 | هوجمالو | 1968 | هري موٽواڻي | ارجن چاولا/ سي ارجن |
| .10 | شل ڏيئر نہ چمن | 1968 | ديپڪ آشا | رام پنجواڻي/ سي راجن |
| .11 | رات هڪ طوفان جي | 1969 | موتي پنجواڻي | موتي پرڪاش |
| .12 | اجان تہ مان ننڍڙي آهيان | 1970 | گلاب | موتي پرڪاش |
| .13 | نقلي شان | 1971 | تلسي راسي | رميش مهتا/ ڪرشن راهي |
| .14 | هل تہ ڀڄي هلون | 1984 | مدن جماڻي | مدن جماڻي/ سي ارجن |
| .15 | امي يا ممي | 1986 | اشوڪ جئسنگاڻي | گوپال پنجواڻي/ ڪان موتهيار |
| .16 | ڪير ڪنهن جو | 1993 | ڪمل ناتاڻي | گوپال پنجواڻي |
| .17 | دل ڏجي دل وارن کي | 2001 | ڪنوج ڀيروواڻي | جي ڪي سيمپار |
| .18 | پاڙيسري | 2001 | ايس-پي-مينگهاڻي | واسديونرمل |

هند ۽ سنڌ جي فلمن تي نظر وجهڻ سان خبر پوي ٿي ته سنڌ ۾ فلم نه ته ترقي ڪئي نه وري سنڌ فلم انڊسٽري قائم ٿي. هند جي ڪيترن ئي سنڌي اداڪارن، گلوڪارن، صداڪارن فلسمازن وغيره هندي فلم ۾ نالو ڪمايو پر هنن ڪڏهن به سنڌي فلم کي ترقي ڏيارڻ جي ڪوشش نه ڪئي.80 -1970 واري ڏهاڪي ۾ ڪيتريون ئي فلمون ٺهيون. انهن مان ڪي ٿوريون ڪامياب ٿيون. نه ته ٻيون پنهنجو خرچ به نه ڪڍيو.

موجوده دور ۾ مختلف ننڍين ننڍين خانگي ادارن طرفان ۽ سنڌ ٽي وي ۽ ڪاوش ٽيلويزن نيٽ ورڪ طرفان ڪيتريون ئي ٽيلي فلمون ٺهيون آهن. اهي سڀ فلمون گهٽ خرچ، ننڍين ڪيمرائن، غيرمعياري فلمسازي ۽ ادرڪارن جي ڪري فلاپ ٿيون. سڀ کان وڏيڪ افسوس جي ڳالهه اها آهي ته انهن فلمن جا موضوع پڻ اهڙا آهن، جن سان سنڌ جي ثقافت کي بدنام ڪري سگهجي ٿو. انهن سڀني فلمن ۾ ڌاڙيل ڪلچر، ڪاروڪاري جي حق ۾ دليل، وڏيرڪي نظام جي حمايت، پوليس جا ظلم ۽ جهالت جهڙا موضوع متعارف ڪرايا ويا. انهن کي ڏسڻ سان خبر پوندي ته انهن ۾ اهڙن بدعتن تي تنقيد بجاءِ تبليغ ڪيل آهي.

گذريل سالن ۾ ڪيتريون ئي ٽيلي فلمون رليز ٿيون آهن، جن ۾ ڪجهه هي آهن سنڌوءَ ڪناري، غلامي، هوشو، دريا پار، زمين، تباهي، فيصلو، رهزن، زنجير، باغي، عدالت، ڪاريهر، غلام، وشون بابا، دشمن ديش جا، زيبو ڌاڙيل، جلال جوڳي، سارنگ، ضدي ڌاڙيل، مولابخش، بي رحم، جنگ، ناسور، غدار، انجام، اعلان جنگ، جياپي جي جنگ، انڌو قانون، رت جو ويري، شيرو ڌاڙيل، دشمني، پاپي چونو، جانور، شمن ميرالي، ڊولڻ جاني، انسپيڪٽر يعقوب، پلاند، ڌرتيءَ جو دشمن، محافظ، رت جي راند، تڪرار، ٽانگي واري، جاگير، چور،سالار خان، لاکو ڦلاڻي، قيامت، محب شيدي، بيگناهه، عشق جو انجام، عشق اوڌرتي، واهه لالو واهه ۽ ٻيون ڪيتريون ئي فلمون شامل آهن.

مٿي ذڪر ڪيل فلمون ننڍين ننڍين ڪيمرائن سان ٺهيل آهن، جيڪي شايد ڪڏهن به سئنيما هال ۾ ڏيکاريون نه ويون آهن. اهي فلمون سي ڊيز يا وڊيو ڪيسٽن تي رليز ڪيل آهن. سڀ غير تربيت يافته هدايتڪارن ۽ فلمسازن جون

ٺهيل آهن.

سنڌي فلم جي ناڪاميءَ جا ڪي سبب:

1. ڊرامي جي نسبت، فلم تي تمام گهڻي سرمائيڪاري ٿئي ٿي. فلم جي عڪسبندي ڪيترن ئي مقامن تي ٿيندي آهي. ان سلسلي ۾ وڏي ۾ وڏو سبب اهو آهي ته سنڌي فلم کي نه ته ڪڏهن سرڪاري سرپرستي ملي نه وري سنڌي سرمايه ڪارن ان طرف ڪڏهن به سوچيو اگر رئيس ڪريم بخش نظاماڻي جهڙا ڏهه به ماڻهو هن طرف شوق رکن ها ته اڄ سنڌي فلم ڪنهن مقام تي پهتل هجي ها.
2. جڏهن کان سنڌي فلمون ٺهڻ شروع ٿيون، ان ۾ ڪم ڪندڙ اداڪار گلوڪار، موسيقار وغيره سڀ اڻ سکيا رکندڙ هئا. هتي نه ته اسان وٽ ڪو سکيا گهر هو نه وري ڪنهن کي تربيت وٺڻ جو ڪو شوق هو. نتيجو اهو نڪتو ته فلم سان واسطو رکندڙ سڀ غير معياري فلمون پيش ڪندا رهيا.
3. اسان وٽ جيڪي به فلمون ٺهيون، اهي اڪثر ڪري ڪمرشل بنيادن تي ٺهيون. فلم ٺاهيندڙن پيسي خاطر فلم ٺاهيون، انهن ۾ سندن ذاتي لڳاءُ شامل نه هو.
4. سنڌي فلم جو هڪ الميو اهو به رهيو آهي ته ڪيترن ئي فلمن جا اداڪار، هدايتڪار، موسيقار، شاعر، گلوڪار غير سنڌي ڪنيا ويندا رهيا. نتيجو اهو نڪتو ته اهڙيون فلمون سنڌي عوام جي ڪشش جو مرڪز نه رهيون.
5. سنڌي فلمن جا ٺاهيندڙ، پيسي بچائڻ لاءِ هڪ ئي ماڻهوءَ کان اداڪاري، گلوڪاري، ڪهاڻي، موسيقي وغيره ڪرائيندا هئا. اهڙين فلمن ۾ Professionalism جي ڪمي رهجي ويندي هئي.
6. مارڪيٽ ۾ آڻڻ لاءِ سڀ کان اول ان شيءِ جي مارڪيٽنگ ڪئي ويندي آهي. سنڌي فلمن لاءِ سٺي مارڪيٽنگ ڪڏهن به نه ٿي سگهي. ريڊيو، ٽي وي ۽ اخبارن جي ميڊيا هوندي به ايڊورٽائيزنگ نه ٿي سگهي.
7. ڪهاڻين جي چونڊ کان وٺي ڊائريڪشن ۽ اداڪاريءَ تائين انهن جي جڙت سنڌي سماج کي دنيا ۾ پوڳ جوڳو بنائي ڇڏيو آهي. مجموعي طور سنڌي

فلمن مان اهو تاثر اڀري ٿو ته سنڌ هڪ اهڙو خطو آهي جتي عورت جي ڪا به عزت ناهي، ان جي تذليل روز جو معمول آهي. مرد جاهل ۽ وحشي آهن جيڪي ٿوري گهٽي ڳالهه تي خون ڪندي دير ئي نٿا ڪن. سازشن جا انبار آهن. سهپ، رواداري ۽ ڀائيچاري نالي ڪا شيءِ سنڌي سماج ۾ وجود ئي نٿي رکي، رواداري ۽ ڀائيچاري نالي ڳا ٿيءَ ٿنڌي ٿمات ۾ وتود ئي نٿي رڳي.

8. اڄ سنڌي فلم ته ڇا پر ارادو ۽ پنجابي فلمون به زوال پذير آهن. پاڪستان ۾ ڊش ۽ ڪيبل ڪلچر ڪري گهر گهر ۾ سئنما ٿهي پئي آهي. پر غير معياري فلمن ٿهڻ ڪري هندي ۽ انگريزي فلمن کي وڌيڪ ترجيح ڏني وڃي ٿي. ساڳيا اداڪار، ساڳيون ڪهاڻيون، غيرمعياري فلمبندي پاڪستاني فلمي صنعت کي تباهه ڪري ڇڏيو آهي.

9. سنڌي موسيقي جي تاريخ شاندار ۽ شاهوڪار آهي. مگر اڄ هندستان جي فلمن جي ڪاپي سبب سنڌي موسيقي تباهه ٿي رهي آهي ۽ سنڌي فلمن ۾ فلمايل گيت به بي چسا لڳن ٿا.

10. سنڌي فلم جي ناڪامي جو هڪ سبب اهو به آهي ته سنڌي ڊراما وڌيڪ مقبول رهيا آهن. پي ٽي وي تان پيش ٿيندڙ سنڌي ڊراما تاريخي حيثيت رکن ٿا.

11. ڳلاب چانديو سنڌي فلمن جي ناڪاميءَ جو سبب ڄاڻائيندي لکي ٿو ته ”1980ع کان 1990ع واري ڏهاڪي ۾ ڪا به اهڙي فلم ٺهي نه سگهي، جو چئجي ته ها ٻيلي سنڌين ۾ هاڻي ڪجهه ذوق وڌيڪ آهي. هن ڏهاڪي ۾ ڦرمار، ڌاڙيل ڪلچر ۽ افراتفريح تي فلمون ناهيون ويون، جيڪي ڪيڏانهن جون به نه رهيون. مشهور زمانه ڌاڙيل پروچانديو جي نالي سان فلم ٺهي، جنهن ۾ ڪيس فلمسازن سنڌ جو هيرو ڪري پيش ڪيو.“ (33)

12. سنڌ ۾ ٻيون به اهڙيون ڪوڙ فلمون ٺهيون جن ڌاڙيل کي هيرو ڪري پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. اهڙين فلمن ۾ ”نادرگوهر“، ”علي گوهر“ وغيره شامل آهن. مشهور ڳائڻي جلال چانديي کي فلمي دنيا ۾ آڻي ”جلال

چانڊيو" فلم ٺاهي ويئي.

13. سنڌ ٽي وي، ڪي ٽي اين ۽ ٻين سنڌي چينلس جي ڪلڻ سان سنڌ ۾ معياري فلمن جي اميد جاڳي. پر انهن به ڊاڙيل ڪلچر ۽ ڪاروڪاري جهڙن موضوعن تي ورائي ورائي ٽيلي فلمون ٺاهيون آهن.

14. هندستاني سنڌي "بالي ووڊ" جي دنيا ۾ چانيل آهن. پر هنن سنڌي فلمن جي سڌاري لاءِ ڪي خاص ڪوششون نه ورتيون آهن.

**سنڌي فلم جي ترقي لاءِ ڪي گذارشون:**

1. سنڌ جا پڙهيل لکيل اديب، سرمايه ڪار هن طرف اچن ۽ سنڌي ثقافت ۽ ٻوليءَ جي تحفظ خاطر سنڌي معياري فلمون ٺاهن. اهڙين فلمن ۾ سنڌ جي ثقافت، اخلاق ۽ ٻوليءَ کي وڏيڪ اهميت ڏني وڃي.

2. سنڌ حڪومت کي گذارش ڪئي وڃي ته ثقافت کاتي طرفان سکيا اسڪول کوليو وڃي، جنهن ۾ اداڪاري، موسيقي وغيره جي سکيا ڏني وڃي. اداڪارن، شاعرن، ڳائڻ جي مالي سهائتا ڪئي وڃي.

3. غير معياري ۽ ڪاپي ٽيندڙ ڏنن تي باقاعده پابندي مڙهي وڃي، سنڌي فلمن لاءِ معياري ڳائڻ کان معياري شاعري ڳارائي وڃي.

4. سنڌ جي پراڻين فلمن ۽ فلمي گانن کي سي ڊيز، ڊي وي ڊيز تي منتقل ڪيو وڃي، جيئن اهي دور جديد جي تقاضاعن مطابق ٿي وڃن.

5. هي دور ميڊيا جو دور آهي، جنهن ۾ ڪيترائي سنڌي ٽي وي چينل کلي پيا آهن. انهن ٽي وي چينلن وسيلي معياري ۽ عوامي پسند واريون فلمون ٺاهيون وڃن ۽ ڏيکاريون وڃن، جنهن سان تفريح سان گڏوگڏ سنڌي ثقافت پڻ اجاگر ٿئي.

**آزادي کانپوءِ سنڌي ڊرامن جو مجموعي جائزو:**

سنڌ ۾ ڊرامو، ڪنهن به موقف کي عوام تائين پهچائڻ جو ڀرپور ذريعو رهيو آهي. ورهاڱي کان اڳ اسٽيج ناٽڪ هتي هندو ڪلچر جو حصو هو. آزاديءَ کان پوءِ ان جو جڻ ٻچو ناس ٿي ويو، ڇو ته سنڌ، آرٽ جي سرپرستي ڪندڙ اصل وچولي طبقي کان خالي ٿي وئي. ان جي جاءِ سياست توڙي معيشت ۾ وڏيري، پناهگير بورجوازي، غنيمت جي مال جي مالڪ ڪاموري ۽ اڳتي هلي سامراجي

سرمائي جي دلال سرمائيدار پيري. وڏيرو زوالجندڙ قوت هئڻ جي ڪري آرٽ بدران عياشيءَ ۾ قائل رهيو ۽ ٻاهران آيل ڌرين جو ڌيان لٽ جي مال تي رهيو. انهن سيني ڌرين جي ذهني جوڙجڪ مٿان دقيانوسيت جي وڻ ويڙهي چڙهيل هئي، جنهن ڪري سنڌ جي سموري آرٽ کي ايڏو نقصان پهتو جنهن جي ڪٿ نٿي ڪري سگهجي. هونئن به ناهڻ ڏکيو ڪم ۽ ڍاهڻ ۾ چپٽي وڄائڻ جيتري دير لڳندي آهي. ائين اسان جي ناٽڪ جون روايتون ختم ٿي ويون. انهن حقيقتن جي باجود، سنڌي ڊرامو اسٽيج، ريڊيو، فلم ، ٽي. وي ۽ ڪتابي صورت ۾ پنهنجي ادبي حيثيت کي برقرار رکيو آهي.

آزاديءَ کان پوءِ جتي ناٽڪ منڊلين جي اوج کي ڌڪ رسيو، اتي ناٽڪ لکڻ جا ٻه فن ريڊيو ۽ ٽي وي جي قيام کان پوءِ رائج ٿيا. سنڌي زبان جي ڪيترن ئي ناميارن ليکڪن ريڊيو ۽ ٽي وي ناٽڪن کي رڳو وندر جي بدران ادبي صنف جي قطار ۾ آڻي بيهاريو. خاص ڳالهه اها ته ريڊيو ۽ ان کان پوءِ ٽيليويزن جي اچڻ سان ليکڪن کي مالي فائدو مليو. هنن کي پنهنجي محنت جو اجورو ملڻ لڳو. اڄ جي ڊرامي جي ڪاميابي ۾ تمام گهڻن ٽي وي چينلن جو ڪلڻ آهي. هڪ ته ڊرامن جي گهٽائي ٿي پئي آهي ۽ ٽي وي در در ٿي پئي آهي. هر ماڻهو پنهنجي پسند ۽ مزاج مطابق ڊرامو ڏسي سگهي ٿو.

آزاديءَ کانپوءِ سنڌ ۾ خصوصي طور تي ڊرامي ۾ ڪهاڻيڪارن جو ڪردار آهي. اهڙا مثال تمام گهٽ ملندا، جن مان ظاهر ٿئي ته ڪي ليکڪ صرف ڊرامانگار ٿي اڀريا هجن. مگر ساڳيا ئي ليکڪ ڪهاڻيڪار ته ڊرامانگار به آهن. علي راز شر جو ته ايترو به چوڻ آهي ته ”جن ڪهاڻيڪارن ڊراما لکڻ شروع ڪيو، ان کانپوءِ اهي ڪهاڻيءَ جي ميدان ۾ ڪو به نمايان ڪم ڪري نه سگهيا آهن“.

آزاديءَ کان اڳ وارا سنڌي ڊراما گهڻو ڪري ترجما هوندا هئا. انهن ۾ سنڌي ماحول کي پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي هئي. هن دور جي ڊرامن جي خاص ڳالهه مقاميت نگاري آهي. جنهن ۾ سچوپچو سنڌي ماحول ڏنل آهي. هنن ڊرامن ۾ ٻهراڙيءَ جي ماحول جو عڪس فني رجحان طور ڪم آندل آهي. مقاميت نگاري هڪ اهڙو فني عمل هوندو آهي، جنهن ۾ ڪنهن مخصوص هنڌ جي طرز

زندگيءَ کي چٽيو ويندو آهي. اڄڪلھ جي سنڌي ڊرامن ۾ مقامي رنگ حاوي نظر اچي ٿو. ان سلسلي ۾ عبدالقادر جوڻيجو، آغا رفيق، رحمت الله ماجوٺي، عزيز ڪنگراڻي، راز شر، عبدالڪريم بلوچ، علي بابا وغيره نشامبر ڊرامانگار آهن. عبدالقادر جوڻيجي جو "راڻيءَ جي کهاڻي" ۾ سنڌ جي مخصوص تهذيب ۽ رهڻي کهڻيءَ کي خوبصورتيءَ سان چٽيو ويو آهي. آغا رفيق جي ڊرامي "سام" ۾ پڻ حقيقي مسئلن ۽ بدلجندڙ تهذيب جي اثر انگيز عڪاسي ڏيکاري ويئي آهي.

اڄ جو ڊراما نگار ٽريجڊي جي ٻڌايل قانونن جي پاسداري نٿو ڪري. اڄ جا الميہ ڊرامي جا ڪردار وڏو ماڻھو بلڪ عام، غريب، فٽ پاٿن تي هلندڙ انسان آهن، هن جا ڏک سک جديد ڊرامن، جا موضوع آهن. هاري، مزدور، ڪڙمي، ڪاسبي ۽ ٻيا هن دور جي سنڌي ڊرامن جا هيرو آهن انڪري جو اهي زندگي جي چرپر کي برقرار رکڻ جا محرڪ آهن.

ڊاڪٽر نور افروز خواجہ لکي ٿي تہ "جديد سنڌي ادب کي ريڊيو ۽ ٽي وي ڪانسواءِ اسٽيج ڊرامي جي صورت ۾ تمام گهڻي اهميت حاصل رهي آهي، هن دور جي سنڌي ڊرامي تمام گهڻي ترقي ڪئي آهي. هن دور جي ڊرامن ۾ نوان تجربا ڪيا ويا آهن. اڄ جا سنڌي ڊراما سنڌي سماجي زندگيءَ جي عڪاسي پيش ڪن ٿا".
سماجي زندگي جي عڪاسي چٽڻ ۾، سنڌي ڊرامو ارتقائي ماڳ جهاڳيندو، اڄ اتاهين منزل ڏسي اسري رهيو آهي. پوءِ چاهي اسٽيج ڊرامو هجي، خواھ ريڊيو يا ٽي وي تي ٿيندڙ ناٽڪ هجن. سنڌي سماج ۾ شادين جون رسمون، تلهي ليکي هڪ جهڙيون آهن. البتہ هر قوم ۽ قبيلي جا پنهنجا قانون ۽ پنهنجا سماجي ٻنڌن هوندا آهن. ڪن قبيلن ۾ ڏيءَ جو سگ، قبيلي کان ٻاهر ڪونہ ڏيندا آهن، ڪو زميندار پنهنجي هاريءَ جي پٽ سان پنهنجي ڌيءُ ڪونہ پرڻائيندو آهي. سنڌي سماج ۽ هندو سماج جا مسئلا جدا آهن تہ مسلم سماج جا مسئلا الڳ آهن. پر مجموعي طور ڪجھ مسئلا جيڪي طبقاتي مسئلا آهن، سي سڄي سنڌ لاءِ ساڳيا آهن. مثلا زميندارن ۽ هارين ۾ ڪشمڪش، ڪارخانيدار ۽ مزدور جي وچ ۾ ڇڪتاڻ، سرمائيدار ۽ غريب جي وچ ۾ فرق، شادين جا مسئلا، پير پرستي،

گهرو مسئلا، حق ٻخشرائڻ، بدو وتڻ، پيٽ لکي ڏيڻ، ٻک، بيروزگاريءَ جهڙا مسئلا جيڪي سڄي سنڌ جا مسئلا آهن. جيڪي جديد سنڌي ڊرامي جا خاص موضوع رهيا آهن ". (34)

موجوده سنڌي ڊرامن جي خاص ڳالهه اها به آهي ته انهن ۾ سنڌي ثقافت کي برله راست اجاگر ڪيو ويو آهي. سنڌي ثقافت جا ماڳ ۽ مڪان ڊرامن ۾ ڏيکاريا وڃن ٿا. ڪنهن ڊرامي ۾ موهن جي دڙي جو سين، ڪٿي ڪوٽ ڏجيءَ جو قلعو، ڪٿي قلندر جي ڌمال، ڪٿي شاهه سائين جو روضو وغيره ڏيکاريو وڃي ٿو.

موجوده دور ۾ جتي شاهه جي سورمن ۽ سورمين تي ڊراما لکيا ويا آهن، اتي اڪثر ڊرامن ۾ شاهه سائين جي بيتن تي پڻ ڊراما ٺاهيا ويا آهن. خود ڊرامن ۾ شاهه جي بيتن کي ڪثرت سان شامل ڪيو وڃي ٿو.

پروفيسر قاضي خادم مطابق "موجوده دور ۾ ريڊيو ۽ ٽي وي لاءِ لکيل ۽ پيش ڪيل اهي ڊراما ڪامياب آهن. جن جا خاص موضوع سنڌ جي رسم و رواج، ننڍي عمر جي شاديءَ، بدي جي شادي، غلط خانداني رسمون، وڏيرا شاهي، جديد سماجي برايون، نفرت محبت وغيره سان هوندا آهن. جيئن ته ريڊيو ڊرامي جو واسطو آواز ۽ ٻڌڻ سان هوندو آهي ۽ انجو هرڪو سين آواز رستي پيش ڪيو ويندو آهي، تنهنڪري ريڊيو ڊرامن ۾ اهڙا موضوع ڪامياب ٿيندا آهن. جن جو واسطو سنئون سڌو انساني جذبات سان هجي. پيار، نفرت، ڌڪار ۽ جاسوسي يا جنگي ۽ تاريخي موضوع ريڊيو لاءِ ڏاڍا ڪامياب ٿيا آهن. ٻئي طرف ٽيليويزن ۾ ٻڌڻ کان وڌيڪ ڏسڻ جو حصو هوندو آهي اتي هر واقعو اسٽيج وانگر ڏيکاريو ٿو وڃي. تنهن ڪري ان ۾ عام سماجي موضوعات يا ريتون رسمون ڪاميابيءَ سان اثرائتي انداز ۾ پيش ڪري سگهبيون آهن. هنن ڊرامن ۾ ڏسندڙ گفتگو ۾ ايتري دلچسپي نه وٺندا آهن جيتري حرڪت يا هلچل ۾ تنهن ڪري ٽي وي ڊراما لکڻ جو انداز به مختلف ٿيندو آهي". (35)

اڪبر لغاري مطابق "سنڌي ڊرامو اڄڪلهه پنهنجي چئني روپن يعني اسٽيج، ريڊيو، ٽي وي ۽ فلم ۾ گهڻو مقبول ٿي رهيو آهي. منجهس ڪيئي جديد لاڙا جهڙوڪ: حقيقت پسندي، جمهوريت، قوميت ۽ سماجي انقلاب وغيره ڏسڻ ۾ اچن

ٿا، جيڪا هڪ سٺي علامت آهي“.(36)

حيدربخش جتوئي پهريون سنڌي اديب هو، جنهن هارين ۽ پورهيتن تي ڊراما لکيا ۽ ڪين سنڌي معاشري جو هيرو ڪري پيش ڪيو ۽ وڏيري ۽ سرمائيدار کي ولين (Villian) ڪري پيش ڪيو. سندس ڊرامن ۾ ڪمدار جا ڪارناما (1953) ۽ ”هاري انقلاب“ اهم آهن. ٻين به ڪيترن ئي ڊراما نگارن سرمائي جي غير برابري واري معاشي نظام جي خلاف ڊراما لکيا. اهڙي طرح اياز عالم ابڙو، ڪيهر شوڪت، ملڪ آگاڻي، نور گهلو، شمشيرالحيدري، عزيز ڪنگراڻي جي ڊرامن ۾ اهڙو رجحان موجود آهي.

جيئن اڳ ذڪر ڪيو ويو آهي ته ٽي وي ڊراما وڌيڪ پسند ڪيا وڃن ٿا، ڇو جو اڄ گهر گهر ۾ ٽي وي پهچي چڪي آهي. عبدالقادر جوڻيجو جا ڊراما ٽري زندگي ۽ ڳوٺاڻي زندگي جي ترجماني ڪن ٿا. امر جليل جا ڊراما شهري ۽ آفيسن ۾ ڪم ڪندڙ ماڻهن جي ترجماني ڪن ٿا، نورالهديٰ شاهه جا ڊراما هر طبقي جي عورت جي ترجماني ڪن ٿا. علي بابا جا ڊراما پورهيت طبقي جي ترجماني ڪن ٿا، آغا رفيق جا ڊراما شهري ۽ رومانوي قصن جي ترجماني ڪن ٿا، آغا رفيق جا ڊراما تعليمي ادارن جي ترجماني ڪن ٿا. مطلب ته هنن ڊراما نگارن ۾ جيڪا شيءِ عام آهي، اها آهي ته هو جنهن علائقي سان، پيشي سان ۽ ماحول سان وابسته آهن، انهيءَ جي ترجماني به ڪن ٿا.

شوڪت حسين شورو موجوده دور جي ڊرامن جي سلسلي ۾ چوي ٿو ته: ”موجوده دور جو Street theatre نه رڳو وندر جو واهڻ آهي، پر ان جا سماجي ۽ سياسي مقصد به آهن، اسٽريٽ ٿيئٽر ماڻهن کي ڪميونٽيءَ جي حيثيت سان هڪ هنڌ گڏ ڪري پنهنجن مسئلن تي سوچ ويچار ڪرڻ جي موقعي سان گڏ حڪومت ۽ ان جي مشنري جهڙوڪ آفيسرن تي تنقيد ڪرڻ لاءِ Catharses جو ڪم پڻ ڏئي ٿو“.(37)

سنڌ ۾ هڪ وقت ۾ انٽرايڪٽو ٿيئٽر جي حوالي سان جوهي گروپ آف انٽرايڪٽو ٿيئٽر، مرڪ ڊرئميٽڪ سوسائٽي ۽ انڊس رينا سان ٿيئٽر NGO طور ڪم ڪري رهيا آهن. انهن تنهي گروپن لاهور جي Interactive Resource Center

يا (IRC) مان ٽريننگ حاصل ڪئي آهي جيڪو پڻ هڪ NGO آهي. هن گروپ ناٽڪ ۽ رهس جي وساري ڇڏيل روايتن کي نئين سر زنده ڪيو آهي. ان جي هر ناٽڪ ۾ زندگيءَ جا سچا ۽ اصلي واقعا ڪنيا ويندا آهن، جن ۾ ڪارو ڪاري (Honour Killing) نندپڻ يا ادلي بدلي جي شادين، پوليس ۽ سرڪاري ماڻهن جي ڏاڍاين ۽ ٻين مڪاني توڙي قومي مسئلن ۾ قاتل ماڻهو پاڻ به ناٽڪ ۾ حصو وٺي پنهنجي آپدا بيان ڪري سگهن ٿا.

هڪڙو زمانو هوندو هو جو سنڌ جا ڊراما نگار انگريزي، اردو، هندي، بنگالي ۽ ٻين ٻولين تان ڊراما ترجمو ڪري سنڌي ماحول ۾ پيش ڪندا هئا. پر اڄ جي بدليل حالتن ۾ سنڌ جا اديب پنهنجا ڊراما سنڌي بجاءِ اردوءَ ۾ لکڻ کي ترجيح ڏين ٿا. ان جا ٻه سبب ٿي سگهن ٿا. هڪ ته اسان جا اديب پنهنجا مسئلا سنڌ کان وٺي پوري پاڪستان تائين پيش ڪرڻ چاهين ٿا. جنهن سان نه صرف هو سنڌ جي مسئلن کان آگاهه ڪن ٿا پر سنڌ جي ريتن رسمن ۽ تهذيب جي به ڄاڻ حاصل ڪن ٿا. ٻيو سبب اهو به آهي اڄ اردوءَ ۾ بيشمار سرڪاري ۽ غير سرڪاري ٽي-وي چينل آهن. انهن تان ڊرامن جي قسطن جي ٺيڪ ٺاڪ رقم حاصل ٿئي ٿي، جنهن مان اسان جا اديب به فائدو وٺڻ چاهين ٿا. هن وقت ڪيترائي سنڌي اديب اردوءَ ۾ لکي رهيا آهن، جن ۾ عبدالقادر جوڻيجو، نورالهديٰ شاهه، امرجليل، زيب سنڌي، آغا رفيق، رحمت الله ماڃوٺي ۽ ٻيا ڪيترائي نالا ڏئي سگهجن ٿا.

**حوالا:**


1. ڊاڪٽر غلام علي الانا: ”سنڌي ڊرامن جي روشني ۾ سنڌي سماج جو مطالعو“، ٽي ماهي مهراڻ 4 – 1987ع، ص 58
2. انسائيڪلو پيڊيا سنڌيانا (جلد ڇهون)، سنڌي لينگئيج اٿارٽي، حيدرآباد، 2012ع،ص 446
3. غلام رسول بلوچ: ”سنڌي ڊراما جي هڪ صديءَ جو تاريخي ۽ تنقيدي جائزو“ (پي.ايڇ.ڊي جو مقالو)، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو، 1983ع، ص 537
4. ڊاڪٽر قريشي حامد علي خانائي: ”تذڪره پوراني سادات“ سکر هسٽاريڪل سوسائٽي، 2001ع، ص 147

5. حبيب الله مرزا: ”شيڪسپيئر جو مئڪبيٿ“ ، ڇپائيندڙ حبيب الله رحيم بخش مرزا، 1966ع، ص 5
6. محمد ابراهيم جويو جو شيخ اياز جي رني ڪوٽ جا ڌاڙيل“ لکيل مهاڳ، 1970ع
7. رسول بخش پليجي جو ڳاڙهو لاليٽن“ تي لکيل مهاڳ (حوالو: ”نجم عباسي فن ۽ شخصيت“ ، يوسف سنڌي)، سچائي اشاعت گهر، دڙو، 2002ع، ص 49
8. ڊاڪٽر محمد علي مانجهي: ”فائوسٽ جو سنڌيءَ ۾ پهريون منظوم ترجمو“، 2006ع (ڪتاب جو مهاڳ)
9. وليم شيڪسپيئر / وحيد لاشاري: ”هيملٽ“،سيپتا – پبليڪيشن، 2017ع
10. ڊاڪٽر محمد يوسف پنهور: سنڌي اسٽيج ڊرامي جو ماضي ۽ حال، ماهوار پيغام آڪٽوبر 1983ع، ص 31
11. شوڪت شورو: سرحد جي هن پار سنڌي ڊراما، ماهوار ڪونج، 2011ع
12. ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو: سنڌي ادب جي مختصر تاريخ، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 1994ع، ص 153
13. آغا خالد سليم : ”سنڌي ڊرامي ڪي صدي“، اداره ثقافت پاڪستان، 1982ع، ص 115،116
14. ڊاڪٽر غلام علي الانا: ”ڏيارام گدومل سنڌ نئشنل ڪاليجل ثقافتي زندگيءَ جو هڪ وڏو مرڪز“ ساليانه قليلي، 2015ع
15. ناز پتو: پرپات آرٽ سرڪل ، حيدرآباد سنڌ هڪ ادارو هڪ تحريڪ“، تند تنوار ڪتابي سلسلو، پرپات پبليڪيشن، مرتب نثار حسيني، اپريل، 1970ع، ص 123،124
16. ڊاڪٽر محمد يوسف پنهور: ”سنڌي ناٽڪ جي تاريخ“، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو، 1992ع، ص 65
17. ساڳيو حوالو، ص 71
18. شوڪت شورو: سرحد جي هن پار سنڌي ڊراما، ماهوار ڪونج، 2011ع
19. مختيار احمد ملاح: ”ادبي سوسائٽين جو سنڌي علم ۽ ادب جي ترقيءَ ۾ ڪردار“، ريڪائون پبليڪيشن، ڪراچي، 2021ع، ص 396، 397
20. مراد علي مرزا: ”قلم جنين جي هٿ ۾“ ، ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ، 2014ع، ص 160
21. پروفيسر منگهارام ملڪاڻي: ”سنڌي نثر جي تاريخ“، روشني پبليڪيش، حيدرآباد، 1993ع، ص 174
22. مراد علي مرزا: ”قلم جنين جي هٿ ۾“ ، ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ، 2014ع، ص 158

23. ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جي اسٽيشن ڊائريڪٽرنصير مرزا جي مقالي نگار سان 16 آڪٽوبر 2014 ع تي ٽيل ڳالهه ٻولهه
24. مراد علي مرزا: ”قلم جنين جي هٿ ۾ “ ، ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ، 2014ع، ص 164
25. قاضي خادم :”ادب ۽ روايتون“، سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد، 1992 ع، ص 61
26. هدايت آخوند: ”سنڌي ٽي.وي ڊراما “،سنڌي ۾ ٽي وي ڊراما (سنڌي ادب ششماهي 1985ع، ص 18
27. ڊاڪٽر قاسم راڄپر جي ٽورن سان مليل هيءَ لسٽ ڏجي ٿي
28. قاضي خادم :”ادب ۽ روايتون“، سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد، 1992 ع، ص 61
29. سيد جاويد مير: ” پي ٽي وي جو سنڌي شعبو زوال پذير ڇو“، روزاني عوامي آواز، 20 نومبر 2010 ع
30. گلاب چانڊيو: سنڌي فلم انڊسٽريءَ جا 50 سال، ماهوار بادل 1997 ع،ص 40
31. ساڳيو حوالو، ص 41
32. مصباح الحق: سنڌي فلم “،ماهوار بادل (1992)
33. گلاب چانڊيو: سنڌي فلم انڊسٽريءَ جا 50 سال، ماهوار بادل 1997 ع،ص 42
34. ڊاڪٽر نور افروز خواجه: ”ورهاڱي کانپوءِ سنڌي ناول جي اوسر“، شيخ شوڪت علي اينڊ سنز، 2010 ع، ص 80
35. قاضي خادم :”ادب ۽ روايتون“، سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد، 1992 ع، ص 61
36. اڪبر لغاري: ” سنڌي ادب جو مختصر جائزو“، نيو فليلڊس پبليڪيشن، حيدرآباد، 1999 ع، ص 95
37. شوڪت شورو: سرحد جي هن پار سنڌي ڊراما، ماهوار ڪونج، 2011 ع

## آزاديءَ کانپوءِ کي مشهور ڊراما نگار

### لطف الله "جوڳي" بدوي (1904 – 1968ع)

سنڌي ادب جي مشهور اهل قلم ۽ مصنف ۽ محقق، شاعر، ناول نگار ۽ ڊرامانويس پروفيسر لطف الله بدوي ولد امام بخش "خادم" جو جنم شڪارپور ۾ ٿيو. ادب جي هر صنف ۾ سندس ڪيل خدمتن جي ڪري تمام وڏو مقام آهي. پروفيسر لطف للہ ڪيترائي ڊراما لکيا، جيڪي ڪتابي صورت ۾ به شايع ٿيا ته ڪي استيج به ٿيا. آزاديءَ کان اڳ سندس ڊرامو "آيو نان" 1935ع ۾ سنڌو رسالي ۾ شايع ٿيو هو، جيڪو هو مرجي "اليڊ" جي ڪتاب جو ترجمو هو. جڏهن ته ٻين ناٽڪن ۾ شيڪسپيئر جا "اٿيلو"، "جيولس سيزر"، "پورس"، "هيلن آف ٽراءِ"، "شير مسور"، "ٻيجل"، "مهراڻ"، "مومل راڻو"، "ليلا چنيسر" ۽ ٻيا شامل آهن، جن مان گهڻا ڪتابي صورت ۾ شايع ڪو نه ٿيا آهن. لطف الله بدويءَ شيڪسپيئر جي مشهور ٽرئجيڊيءَ "اوٿيلو" کي شايد 1948ع ڌاري سنڌي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪيو، جيڪو قلمي صورت ۾ سندس پوٽنرن وٽ محفوظ آهي. هن ترجمي جي خوبي اها آهي ته اهو اصل ماحول ۽ ڪردارن سان پيش ڪيل آهي.

لطف الله بدوي، شيڪسپيئر جي تاريخي ناٽڪ "جوليس سيزر" جو ترجمو 1955ع ڌاري ڪيو هو، جيڪو ڪتابي صورت ۾ شايع ٿي نه سگهيو آهي. لطف الله بدوي، سيزر جي تاريخي عظمت جو قائل هو. هو سيزر جي موت جي باري ۾ لکي ٿو ته "سيزر جنهن طاقت تي وڃي پهتو هو، ان کي سندس دوست ڪڏهن به پسند ڪري نه ٿي سگهيا. نيٺ باغين 10 مارچ جي رات جو هڪ ڳجهي اداري سيزر کي سينٽ جي عمارت ۾ قتل ڪرڻ جو منصوبو رٿيو. سيزر اگرچه نجومين سندس قتل جي واقعي کان خبردار ڪيو هو، مگر جڏهن موت ايندو آهي ته اها گهڙي نه اڳي هوندي نه پوئتي. صبح جو سيزر سينٽ ڏانهن رواني ٿيڻ جو ارادو ڪيو ته سندس محبوبه ملڪ ڪلپورنيا روڪيو، مگر هن ڪيس جواب ڏنو ته بي همت هر هر مري ٿو، پر بهادر هڪ دفعو. ڪلپورنيا جي شديد مخالفت کي ڏسي هو ترسيو مگر باغي کي دوکي سان وٺي ويا. رستي ۾ نجومي

ڪي چيو تہ ها مارچ تہ اچي وئي. نجوميءَ وري بہ ڪيس آگاهہ ڪيو تہ 10 مارچ اڃان گذري تہ نہ وئي آهي. خدا جو حڪم بر حق آهي. موت ضرور ايندس. سينٽ ۾ ايندئي باغين سندس دوستن کي ٻاهر موڪلي ڏنو. هڪ باغي ڪيس درخواست ڏني جنهن تي هو بحث ڪري رهيو هو تہ ٻاغين مٿس خنجرن سان حملو ڪيو.”[1]

هن ناٽڪ کي لطف الله بدويءَ اصل ماحول، ڪردارن ۽ منظرن سان ترجمو ڪيو آهي ۽ ڪوشش ڪئي آهي تہ ناٽڪ ۾ سمايل فلسفي ۽ سيزر جي شخصيت کي نمايان ڪري سگهجي.

**دودو چنيسر:** لطف الله بدوي جو ڊراما ”دودو چنيسر“ 1956ع ۾ ڪتابي صورت ۾ شايع ٿيو. هي تاريخي ڊرامو حب الوطني جي جذبي کي اڀاري ٿو. هي ڊرامو آر-ايڇ-احمد برادرس پاران شايع ٿيو هو. ”دودو چنيسر“ ۾ لکيو اٿائين تہ ”منهنجي تصنيف سنڌ جي تاريخ، تهذيب ۽ ثقافت جو هڪ دلڪش تذڪرو آهي، اصلي قصي ۾ ٿورو تصرف ڪري، چنيسر جي موت کي هڪ غدار جي موت بجاءِ هڪ وطن پرست جو موت ڏيکاريو اٿم. جيڪڏهن ائين نہ ڪريان ها تہ نيڪي ۽ بدي، چڱائي ۽ برائي جو امتياز تشنئہ تڪميل رهجي وڃي ها.”[2]هن ڊرامي ۾ ڪردارن کي تمام بلند ۽ اعلىٰ ڏيکاريو ويو آهي . دليري ۽ شجاعت کي لفظن جي لباس ۾ پيش ڪري پڙهندڙن کي موهي وجهي ٿو. ٻاگهي جي عظيم ڪردار کي ڪيئن چٽي ٿو. چند لفظ ملاحظ ڪريو .

جوابدار: شهزادي ، سيد سالار جا قاصد، قلعي جي فصيل وٽ وينل آهن. هنن پاڻ سان پنهنجي سردار جو ڪو پيغام آندو آهي .

ٻاگهي : بهادر رهيل فوج کي حڪم ڏيو تہ انهن شيطانن کي روڪين جيئن هن مقدس قلعي جي زمين تي انهن ناپاڪ انسانن جي قدم جو نقش نہ اچي. سنڌ جون عصمت ماب شهزاديون، تخت ۽ تاراج وڃائي بہ ايترو بلند آهن، جو هڪ غير جي تنوس جي آواز کي بہ ٻڌڻ نٿيون چاهين .”[3]

## محمد عثمان ڏيپلائي (1908 – 1981ع)

محمد عثمان ڏيپلائي ”شائق“ ولد حبيب الله ميمڻ جو جنم تعلقي ڏيپلي ضلعي ٿرپارڪر ۾ ٿيو. پاڻ سنڌ جو ڪهنہ مشق صحافي، اديب، ناول نويس،

ڪهاڻيڪار، مضمون نگار، پبلشر، نقاد ۽ ڊراما نويس هو. ڏيپلائي صاحب مرزا قليچ کان وڏيڪ بي باڪ ليکڪ هو. اهوئي سبب آهي جو سندس ڪيترن ئي ڪتابن تي پابندي پئي ۽ ڪيس جيل بہ وڃڻو پيو. آزادي کانپوءِ سنڌي ڊرامي جي عمارت اڏڻ ۾ ڏيپلائي صاحب جو تمام وڏو هٿ هو. شفيع محمد چانديي سندس ڊرامن تي تحقيقي ڪتاب "محمد عثمان ڏيپلائي ۽ سندس ڊرامانگاري" لکيو آهي، جو 2016ع ۾ شايع ٿيل آهي. ڏيپلائي صاحب جي ڊرامن جو هڪ ڪتاب "ناٽڪ" 1985ع ۾ سنڌالاجيءَ جي طرفان شايع ٿيو. جنهن ۾ سندس اڪثر ڊراما شامل آهن. ڏيپلائي صاحب اٽڪل تيرنهن ڊراما لکيا جيڪي سڀ مقبول ٿيا. سندس ڊراما، هن جي ناولن وانگر اسلامي، تاريخي، سياسي ۽ سماجي مسئلن تي آڌاريل آهن. هن جي ڊرامن ۾ ميرن، پيرن ۽ آفيسرن جي ڪرتوتن تي بہ سخت طنز ملي ٿي.

آزادي کان اڳ ئي هن ڪيترائي مشهور ڊراما لکيا، جن ۾ "غيرت عرف نورجهان جو پٽ" (1944)، "ڪانگريسي چار" (1945) اهم آهن. هي ٻئي ڊراما ان دور جي سياسي ۽ تاريخي پسمنظر ۾ آهن. هنن ڊرامن ۾ ان دور جي سياسي پسمنظر کي طنزيہ انداز ۾ پيش ڪيو ويو هو. "غيرت عرف نورجهان جو پٽ" ستن پردن تي مشتمل آهي. هن تاريخي ڊرامي ۾ مڪالمن کي شعرن جي مدد سان اثرائتو بڻايو ويو آهي. هن ڊرامي ۾ مغل شهنشاهہ جهانگير جي غيرت، محبت ۽ انصاف جو هڪ واقعو ڊرامي جي صورت ۾ پيش ڪيل آهي. "ڪانگريسي چار" ۾ هندستان جي سياست کي موضوع بڻايو ويو آهي ۽ ڪانگريز جي وڏن ليڊرن جهڙوڪ گانڌي، نهري، مولانا عبدالڪلام ۽ ٻين ڪانگريسي ليڊرن جي ذهنيت کي سنڌن بيانن ۽ جلسن جي روشنيءَ ۾ تنقيدي حوالي سان بيان ڪيو آهي.

ڏيپلائي صاحب "خورشيد" نالي گجراتي زبان مان 1947ع ۾ ترجمو ڪيو. ساڳيو ڊرامو مرزا قليچ بيگ بہ ترجمو ڪيو هو. هي ڊرامو پراڻن مغلن ۽ بادشاهن سان واسطو رکي ٿو. هن ۾ خورشيد مرڪزي ڪردار ادا ڪري ٿي. هوءَ همٿ ڪري پنهنجي آس پاس وارن ڪمزور عاشقن کان پاڻ بچائي ٿي ۽ هڪ سٺي همسفر جي چونڊ ڪري ٿي.

آزادي کانپوءِ سندس ڊرامن ۾ ”بخوبي“ (1948)، ”اسلام تي مقدمو“ (1948)، ”سچائيءَ جي موڙي“ (1951)، ”شاهدي“ (1955)، ”ڪورٽ“ (1955)، ”ناٽڪ“ (1957)، ”ڊاڪٽر“ (1957)، ”آزاد چونڊ“ (1959) ”پنچائتي پدمڻي“ (1960)، ”خورشيد جو نيلام“ اهم آهن.

سندس **”سچائي جي موڙي“** ڊرامي نام نهاد پيرن تي طنز ڪيل آهي.سندس ڊرامو **”ڏڪار“** ٿر جي ڏڪار جي پسمنظر ۾ آهي. هن ۾ سياسي طنز ملي ٿو. ان کان علاوه نام نهاد پيرن تي طنز ڪيل آهي. مثال:

وزير_ ٺيڪ، واٽ از ڊڪار؟

سيڪريٽري_جناب هن لفظ جو صحيح اُچار”ڊڪار“هوندو. اردوءَ ۾ ”اوڳراين“ کي ڊڪار چئبو آهي.مان سمجهان ٿو ته اتي جا ماڻهو ايترو گهٽو کائين ٿا جو کين اوڳرايون گهٽيون اچڻ جي معني بد هاضمو، تنهن ڪري سمجهڻ گهرجي ته اتي جي ماڻهن کي سخت بد هاضمو ٿي پيو آهي“.[4]

**شاهدي:** محمد عثمان ڏيپلائي ڪورٽن جي ججن جي بي انصافين، وڪيلن جي چالاڪين ۽ ڪورٽن ۾ ايندڙ مسئلن کي بهترين نموني چٽيو آهي. ان سلسلي ۾ سندس ڊراما ”ڪورٽ“ ۽ ”شاهدي“ شاهڪار آهن. ”شاهدي“ ۾ هڪ شاهدي ڏيندڙ جي حاضر دماغي هيئن پيش ڪئي اٿس:

وڪيل: پلاهو پوڙهو يا جوان؟

شاهد: عمر جي لحاظ کان ته پوڙهو ڪو نه هو، پر اڪثر صحت خراب هجڻ سبب وڏو پيو نظر ايندو هو.

وڪيل: ڇا وار اڇا هئس يا ڪارا؟

شاهد: نزلي سبب وارا اڇا ٿيل هئس، پر جڏهن ڪيس لڳائيندو هو ته جهڙو جوان!

وڪيل: رنگ ڳورو هئس يا ڪارو.“

شاهد: هو بلڪل عمري ڳوري رنگ جو هو، پر پوين ڏينهن ۾ بيماريءَ جي دور سبب البت ڪارائجي ويو هو.

ظفر حسن ”شاهدي“ ڊرامي لاءِ لکيو آهي ته ”مون ڏيپلائي صاحب کي چيو

تہ: ”سائين اخبارن ۾ تبصرن ۾ تہ اهو ئي آيو آهي تہ اوهان ڪوڙي شاهدي جي موضوع تي ناٽڪ لکيو آهي، پر مون کي خبر آهي تہ ان ناٽڪ جو موضوع ڇا آهي! پڇيائين تہ ”پلا تون ٻڌاءِ ڪهڙو موضوع!“ مون ٻڌايو مانس تہ ”ناٽڪ جو مکيہ ڪردار شاهہ. هڪ سيد آهي ۽ اوهان ٻڌائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي تہ سيدن جا اهڙا ڪم اٿوا“.[5]

1954ع ۾ ”وڏيري جي رات“ لکيائين، جنهن ۾ زميندارن جي ظلمن کي موضوع بڻايو اٿائين. سندس ”تجومي“ هڪ اصلاحي ڊرامو آهي. سدسن ڊارمو ”واپيڙو“ (وهابي)، ڪڇي ۽ ٿري محاوري ۾ لکيل آهي. ڏکين لفظن جي معنيٰ بہ هن سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. هن جو پسمنظر مسلمانن جي ٻن فرقن جو آهي. پهريون منظر پڇ (ڪڇ) جي هڪ پراڻي مسجد جو آهي. هي ڊرامو ڏيپلائي صاحب وقت جي حالتن جي مدنظر لکيو هو.

مطلب تہ سندس سيئي ڊراما سنڌ ڌرتي جي مظلوم هارين، مزدورن، اڇوتن سان ٿيندڙ ظلمن جي خلاف ڀرپور آواز آهن. انهن ريتن ۽ رسمن جي خلاف احتجاج آهن،، جيڪي مختلف وقتن ۾ مختلف نالن سان هتي مڙهيا ويا آهن. هن پنهنجي ڊرامن وسيلي پيرن، ملن ۽ مولوين جي فريب، ڪارخانيدارن جي مزدورن خلاف ظلم، برائي ۽ بدي جي خلاف جهاد ۽ بغاوت جو درس ڏنو آهي.

## علي محمد الهرڪيو ڏيپلائي (1908_ 1988ع)

محمد عثمان ڏيپلائي سان گڏ علي محمد الهرڪيو ڏيپلائي ميمڻ جو بہ نالو اچي، جنهن ان ۾ دور ۾ تعليمي غرض سان اصلاحي ڊراما لکيا. ان سلسلي ڊاڪٽر آفتاب ابڙو لکي ٿو تہ ”قاضي صاحب ڊرامن جي شروعات 1931ع ۾ ڪئي ۽ پنهنجو پهريون اصلاحي ڊرامو ”ڪرشمہ تعليم“ هڪ فنڪشن ۾ پيش ڪيو، جنهن جي صدارت ٿرپارڪر ضلعي جي سپروائيزر مسٽر فتح محمد قريشي ڪئي. ان ڪانپوءِ قاضي صاحب 1935ع ڌاري ٻيا ٽي ڊراما خود قرباني“، ”غلط رستو“ ۽ غدل جهانگيري“ لکيا ۽ اسڪولي ٻارن کان اسٽيج ڪرايا“.[6]

علي محمد ڏيپلائي صاحب ٻيا بہ ڪيترائي تعليمي ۽ اصلاحي ڊراما لکيا هئا، جن ۾ ”حاتم طائيءَ جي قرباني“، ”زماني جي گردش“، ”حڪيم هڻ ڪڻ“

وغيره اهم آهن.

## محمد اسماعيل عرساڻي (1906 – 1986ع)

محمد اسماعيل عرساڻي "فدا" ولد ميان محمد هاشم ميمڻ هالا نوان ۾ پيدا ٿيو. پاڻ مشهور تعليمي ماهر، محقق، نقاد، مضمون نگار، ڪهاڻيڪار، ڊراما نويس ۽ شاعر ٿي گذريو آهي. محمد اسماعيل عرساڻي ابتدائي تعليم هالن مان ۽ ثانوي تعليم حيدرآباد ۽ ڪراچي جي اسڪولن مان ورتي. 1929ع ۾ بمبئي يونيورسٽي مان گريجوئيشن ڪيائين. هو علم و تدريس جي پيشي سان وابسته رهيو ۽ ان ڏس ۾ پڻ سندس شاندار خدمتون آهن. عرساڻيءَ صاحب جا ڪيترائي ڪتاب شايع ٿيل آهن. هن ڪيترائي ڊراما لکيا، پر اهي سمورا تدريسي ۽ سکيا جي غرض سان لکيا آهن، جن سان شاگردن جي ڄاڻ ۽ ڪردار ۾ اضافو ٿئي. سندس اهم ڊراما هي آهن:

**بدنصيب ٿري:** محمد اسماعيل عرساڻي بطور ڊرامانگار ان وقت شهرت حاصل ڪئي هئي جڏهن 1939ع ۾ سندس ڊرامو "بدنصيب ٿري" اسٽيج ڪيو ويو هو. هي ڊرامو ورهاڱي کان پوءِ به ڪيترن ئي سالن تائين سنڌ جي مختلف اسڪولن، ڪاليجن ۽ يونيورسٽين ۾ اسٽيج ٿيندو رهيو آهي. هن ڊرامي ۾ سنڌ جي ٿرواري حصي جي ماڻهن جي اٿڻي ويهڻي، گذر معاش، تعليم تربيت ۽ ٻين مسئلن کي سهڻي نموني پيش ڪيو ويو آهي. هن ڊرامي ۾ ٿر جي مختلف مسئلن جو طنزيه ۽ مزاحيه رنگ ۾ عڪس پيش ڪيل آهي. هن ڊرامي لکڻ جو اصل مقصد ٿر جي مسئلن کي عوامي سطح تائين پهچائڻ هو. جيئن ٿرواسين جي زندگي سڌارڻ لاءِ ڪي جتن ڪيا وڃن. هي پهريون سنڌي ڊرامو هو جنهن جي تعريف هر پڙهندڙ ڪئي. هي ڊرامو نهايت دلچسپ آهي. مثال هيٺ ڏجي ٿو:

اڄ عشق ۾ اوهان جي مون ڪيو مٿو اگھاڙو

جواني ۾ جلد مل نه ته ٿي ويندس ڪراڙو!

(مٽي تي هٿ هڻي) بابا سڀ ڀاڳ جو ڪم آهي. آهن ته سيٺيون به ته اسان جهڙا ماڻهو، پر ڏس ٽيڪ ڏيو. ڪئين نه وينا موزون ڪن......

چنيسر_(ٿورو ڊڄي) نه ڙي سيٺ، مسڪين آهيان_ پيٽ گذر پيو نهاريان.

ڏالو_(پنهنجي منهن) ٻيلي، سيٺ جي ڪوٺيءَ تي. اوطاق تي گهر منجهه، اندريون، ٻاهريون مطلب تہ سمورو ڪم آهي منهنجي سر تي، روز ٿو دانهون ڪريان پر سيٺ چوي ٿو تہ ڪو ٽري چٽ ٽورڙي پگهار تي هٽ ڪر، جو گائين جي شيوا ڪري تہ تنهنجي جند ڇُٽي پوي. "

چنيسر_ ٻيلي دودا، مرشد ڪو نہ وڻنداسين، اي گهوڙو پاڻ کان در مٿي ٻڌو نہ ٿيندو. پوءِ جي پيڙهيون پيون ڏن پرين، اهڙو ڪم ڪڇو ڪو نہ ڪبو. باقي دعا دڦا، ڪو ڦيٽو چندو ڪرائي، سنت ڏيئي موٽي ايندا سون ". (7)

پروفيسر منگهارام ملڪاڻي هن ڊرامي لاءِ لکيو آهي تہ "جن بہ ڏٺو سي لکندڙ ۽ کيل ڪندڙ جي ساک مان ڏاوائي نٽي، هن جي ناٽڪ ۾ ٽري زندگيءَ جا چٽ مڪاني تلفظ ۽ محاوري ۾ چٽيل هو ۽ سڌاري جي مراد سان لکيل هوندي بہ منجهنس ٽپ ٽپ تي ٺهڪ پريل هو. . . ڇا رڻا، ڇا عبارت جي لحاظ هي ناٽڪ هڪ شاهڪار آهي ". (8)

محمد اسماعيل عرساڻيءَ آزادي کان پوءِ بہ ڪيترائي ڊراما لکيا جيڪي اڄ بہ ڪتابي صورت ۾ موجود آهن. انهن ۾ "ڊزن ڊائلاگ " (1952) شايع ٿيو. هن مجموعي ۾ ٻارنهن ننڍا ناٽڪ شامل آهن. جيڪي خصوصي طور تي پرائمريءَ جي ٻارن لاءِ مفيد آهن. پهريون ڊرامو "سياڻو قاضي " ۾ هڪ ٻار جي مالڪيءَ جو مسئلو ڏنل آهي. قاضي فيصلو ٿو ڪري تہ ٻار ڪي بہ اڌ ڪيو وڃي، پر سندس حقيقي ماءُ ٻار تان پنهنجي مالڪيءَ جي حق تان دستبردار ٿئي ٿي ۽ قاضي کي اصل ماءُ جي خبر پئجي وڃي ٿي. ٻيو ڊرامو بہ انصاف جي مسئلي تي "شير شاهہ جو انصاف" آهي. ٽيون ڊرامو " بہ تہ ٻارنهن" ۾ ايڪي ۽ ٻڌيءَ جو درس ڏنل آهي. مجموعي ۾ آخري ڊرامو "سورپيل " آهي، جيڪو ٽر جي پيلن بابت ڏاتڪي ٻوليءَ ۾ جڙيل آهي.

محمد اسماعيل عرساڻيءَ جو ڊرامو "سورٺ ۽ راءِ ڏياچ " هڪ وڏو ۽ تاريخي موضوع تي آهي، جيڪو ٽريننگ ڪاليج فار مين، حيدرآباد ۾ اسٽيج ٿيو ۽ 1955ع ۾ آر.ايڇ.احمد برادرس پاران شايع ٿيو. هن ڪتاب ۾ مڪمل داستان کي ڊرامائي انداز ۾ پيش ڪيو ويو آهي. سندس مجموعي "حسن پروين " (1956)

۾ ٽي ڊراما "قول جي سچائي"، "حسن پروين" ۽ "ميوه مشقت" شامل آهن. سنڌس "دلڪشا" (1960) بہ هڪ سماجي ڊرامو آهي. سنڌس ڊرامن لاءِ ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي لکيو آهي تہ "عرساڻي صاحب جي ڊرامن ۾ درياڻي، ملڪاڻي ۽ ڏيپلائي وارو ادبي چسڪو ڪونهي. فقط واقعات گفتگو وسيلي مرتب ڪيل آهي. ڪيترائي ڊائلاگ فقط ٻارن جي ونڊر لاءِ لکيا ويا آهن. البتہ "بدنصيب ٽري" موضوع جي لحاظ کان معياري ناٽڪ آهي".(9)

عرساڻي صاحب جو آخري وڏو ڊرامو "دلڪشا" آهي، جو هن 1960ع ۾ لکيو. هن ڊرامي ۾ چين جي شهنشاهہ التوم جي سهڻي من موهڻي ڌيءُ "دلڪشا" جي ڪهاڻي بيان ٿيل آهي. ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻي سنڌس ڊرامن لاءِ لکي ٿو تہ "جيتوڻيڪ سنڌس ڊراما مقصدي تعليمي ۽ اصلاحي ٿين ٿا ۽ وڏن توڙي ننڍن لاءِ هڪجهڙي ڪشش رکندڙ پڻ. تاهم سنڌس ڊراما ۾ ڪٿي بہ واشگاف ۽ پڌي انداز ۾ مقصد جو اظهار ٿيل نہ هوندو آهي. "ڊزن ڊائلاگ" سنڌس ون ايڪٽ پلي جو مجموعو آهي. ڪتاب ۾ ڪن درسي سبقن کي ڊرامائي روپ ڏنو ويو آهي. تہ ڪي وري روزمره جي مشاهدي جي ٻڌل واقعن تي بہ شامل آهن. انهن ۾ اهو ڏيکاريو ويو آهي تہ پس مانده معاشري جا ڀنتي پيل نيم باشعور فرد ڪئين اڻ ڄاڻائي ۾ پنهنجي لاءِ تڪليفون پيدا ڪن ٿا. اهو سڀ ڪجهہ فنائتي انداز ۾ ٿئي ٿو. جنهن ۾ طنز سان گڏ مزاح جو پهلو بہ رکيل آهي. يعني تہ اصلاح سان گڏ تفريح جو عنصر بہ شامل هوندو آهي. پڙهندڙ ڪردار جي حماقتن جي کلي ضرور ٿو پر گڏوگڏ سنڌس ابوجهائي تي ترس بہ اچيس ٿو".(10)

**مرزا گل حسن (1897 – 1962ع)**

مرزا گل حسن ولد مرزا دوست محمد بيگ جو جنم ڳوٺ ٽنڊو آغا ضلعي حيدرآباد ۾ ٿيو. هو مشهور اديب ممتاز مرزا جو والد هو. مرزا گل حسن پاڻ بہ اعليٰ قسم جو شاعر ۽ ڊراما نويس هو. شاعري ۾ "ڪربلائي" تخلص استعمال ڪندو هو. هو ڪيترائي سال ريڊيو پاڪستان جي نوڪري سان وابستہ رهيو. مرزا گل حسن ڪيترن ئي تاريخي موضوعن تي ڊراما لکيا، جن ۾ قوميت ۽ سنڌيت سمايل هوندي هئي. پر سنڌس ڊرامن جي ڪا ترتيب يا تحقيق ڪانہ ٿي آهي.

سنڌس ڊرامو "ماءُ جي محبت" مهراڻ مخزن ڪراچي ۾ 1947ع ۾ شايع ٿيو. هي ڊرامو لوڪ داستان "عمر مارئي" تي مشتمل هو. هن ناٽڪ ۾ شاهه سائين جي ڪلام جي روشنيءَ ۾ مارئيءَ جي مليرَ ۽ مارن سان محبت جي اُپٽار ٿيل هئي. هن ڊرامي ۾ وطن سان محبت کي عبادت واري جذبي سان پيش ڪيو ويو آهي. هي ڊرامو ان دور جي سياسي حالتن جي به عڪاسي ڪري ٿو. هن ۾ مارئيءَ جي قيدخاني وارو هڪ مختصر نظارو ڏيکاريل هو.

1958ع ۾ ڊراما نمبر ماهوار هلال پاڪستان ۾ سنڌس ڊرامو "آخري سهارو" شايع ٿيو. هي ڊرامو سماجي ۽ اصلاحي موضوع تي ٻڌل هو.

مياڻيءَ جي جنگ : 1964ع ۾ سنڌس شاهڪار ڊرامو "مياڻيءَ جي جنگ" ماهوار نئين زندگي ۾ شايع ٿيو. هي ڊرامو مياڻي واري تاريخي جنگ تي ٻڌل آهي. ان کان علاوه هن ٻيا به ڪيترائي سٺا ڊراما لکيا.

**سيد منظور نقوي (1924 – 1997ع)**

سيد منظور نقوي جو اصل نالو سيد لطف علي شاهه ولد سيد حسين علي شاهه هو. سنڌس جنم ٽنڊو جهانيان ۾ ٿيو. علمي توڙي عملي زندگيءَ ۾ پير پاڳاري سان ٿي ريڊيو پاڪستان ۾ خدمتون سرانجام ڏنائين. هو شاعر، ماهر موسيقي، محقق، ڊراما نويس هو. جديد ڊراما نگاريءَ ۾ به منظور نقوي جو وڏو هٿ هو. پهرين جنوري 1956ع ۾ منظور نقويءَ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تي اسڪرپٽ رائيٽر جي حيثيت سان پنهنجون ذميواريون سنڀاليون. ريڊيو تي سون جي تعداد ۾ ڊراما ۽ فيچر، انيڪ نغمه، گيت ۽ ڪافيون نشر ٿيس. فلم "سورٺ"، "بادل" ۽ "گهونگهٽ لاهه ڪنوار" جي نغمه نگاري به ڪيائين.

ريڊيو حيدرآباد تي طبعزاد ڊراما لکڻ جو بنياد وجهندڙ منظور نقوي هو. ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تان پيش ٿيندڙ پهريون ڊرامو "روٽي" سنڌس لکيل هو. هن جا ڊراما عشق ۽ محبت، جاسوسي، سائنسي، پراسراريت، لوڪ ڪهاڻين تاريخي واقعن جهڙن موضوعن تي هوندا هئا. هن ڪيترائي ڊراما ۽ فيچر لکيا. سنڌس ڊرامن جي سلسلي ۾ وڏو ڪارنامو اهو هو ته هن ريڊيو لاءِ سنگيت ڊراما (Opera) متعارف ڪرايا. جيئن ته هو خود به وڏو شاعر هو انڪري سنڌس ڊرامن

جي ٻوليءَ ۾ شاعرانه چاشني موجود هئي. سندس ڊرامن تي ڪا گهڻي تحقيق ڪونه ٿي آهي، نه وري ڪٺي ترتيب هيٺ آيا آهن.

"شابه" منظور نقويءَ جي لکيل ناٽڪن مان موضوع جي لحاظ سان هڪ انوکو ناٽڪ آهي. انهيءَ ۾ هڪ اهڙي پيءُ جو ڪردار پيش ڪيو ويو آهي، جيڪو زندگيءَ جي ميدان ۾ پنهنجو سڀڪجهه هارائي ويهي ٿو. ايتريقدر جو سندس پياري ڌيءَ "شابه" جيڪا هن لاءِ دنيا ۾ هڪ روشن مناري مثل هئي، اها به اجل جو شڪار ٿي وڃي ٿي، ۽ اهو شخص اڪيلو ۽ تنها رهجي وڃي ٿو. هن جي اکيان هاڻي اونده جا اوڙاهه آهن. ۽ اڪيلائيءَ جا انبار زندگيءَ جا ظالم هٿ هن کان سڀڪجهه ڦري وٺن ٿا، پر هو زندگيءَ جي اڳيان هٿيار ڦٽا نٿو ڪري. هو نهايت همت ۽ استقلال سان زندگيءَ جو مقابلو ڪندو رهي ٿو.

سندس ڊرامو "جيئرو بت" هڪ منفرد ڊرامو آهي، جنهن ۾ هڪ بت جيئرو ٿي پوي ٿو ۽ زندگيءَ جون سڀ خوشيون ۽ لذتون ماڻي ٿو. هي ڊرامو پراسراريت ۽ تجسس سان ڀرپور آهي. انهيءَ ناٽڪ ۾ مڪتي يا نجات جي فلسفي جي اپٽار ڪئي ويئي آهي. سندس مشهور ٻين ڊرامن ۾ "ليلا چنيسر"، "هو" ۽ "پوت" تمام گهڻو مشهور آهن.

## علي محمد "مجروح" (1926 – 1997ع)

علي محمد "مجروح" ولد خير محمد پنهور جو جنم ڪراچي ۾ ٿيو. پاڻ بهترين شاعر، صحافي ۽ ڊرامانويس هو. علي محمد "مجروح" پنهنجي ادبي زندگيءَ جي شروعات صحافت سان ڪئي ۽ "نئين سنڌ" ڪراچي جو سب ايڊيٽر بڻيو. مختلف رسالن ۾ ڪم ڪيائين. جن ۾ "ناخدا" ۽ "آفتاب" وغيره قابل ذڪر آهن. سندس شاعريءَ جو مجموعو "سڪ جو سمونڊ" 1993ع ۾ شايع ٿيو.

مجروح صاحب مشهور ڊرامانويس پڻ هو. هن ريڊيو پاڪستان ڪراچي ۽ پي ٽي وي لاءِ ڪيترائي ڊراما لکيا. سندس ريڊيو ۽ ٽي وي ڊرامن ۾ "ڪڏهن ائين به ٿئي ٿو"، "رستا ۽ لاهي"، "خان جي شوخائي"، "روپ" (1977ع)، مهمان (1974)، "جوڳيءَ جاڳايوس" (1983ع)، "يوسف نصر" (1988ع) ۽ ٻيا ڪيترائي شامل آهن.

مجروح صاحب جا ڊراما وڏي شوق سان ٻڌا ويندا هئا. هن هميشه عوامي پسند مطابق ڊراما لکيا، جن ۾ سماجي موضوعن کي وڏيڪ اثرائتي انداز ۾ پيش ڪيو ويندو هو. "مجروح" صاحب ريڊيو پاڪستان ڪراچي اسٽيشن جي انهن ڊراما نگارن مان هو، جنهن تمام تيزي سان ڊراما لکيا ۽ عوامي پسند موجب ڊراما لکيا.

**شمشيرالحيدري (1932ـ2012ع)**

سنڌي زبان جو باڪمال شاعر، ڪهاڻيڪار، نقادُ ڊرامانگار شمشير الحيدري، بدين ضلعي جي ننڍڙي ڳوٺ ڪڍڻ ۾ جنم ورتو. شمشير الحيدري نه صرف هڪ سٺو شاعر آهي پر شاعري تي سندس تنقيد ۽ تحقيق جا ڪتاب به شايع ٿيل آهن. اهڙي طرح شمشيرالحيدري مهراڻ ۽ نئين زندگي رسالن جو ايڊيٽر رهي چڪو آهي. شمشيرالحيدري ريڊيو، اسٽيج ۽ ٽي وي لاءِ سون جي تعداد ۾ ڊراما لکيا آهن. شمشير الحيدري کي ڊراما لکڻ جو سٺو ڏانءُ هو، گهڻو ڪري هلڪا ڦلڪا ۽ مزاحيه سٺا ڊراما لکيا اٿس.

پاڪستان ۾ ٽيليويزن جي آمد سان گڏوگڏ، شمشير الحيدري جي مصروفيتن ۾ هڪ صنف جو اضافو ٿي ويو. هو ٻين ڳالهين سان گڏوگڏ ڊراما نگار پڻ ٿي ويو. شمشيرالحيدري جي مشهور ڊرامن ۾ "معمو"، "ناهه"، "عيد پارٽي"،"علاج" (1925)"پلٽڻ" (1975)، "پيار جي صدقي"، "منزل"، "تصور" (1972)، "منزل ناهي دور" (1976)، "ممتاز" (1976)، "لطيفي لات" (1985)، "ڪيميا گهر" (1985)، "عيد مبارڪ" (1987)، "مبارڪ" (1988)، "ڪمدار" (1989 )، "اوورٽائيم معاف" (1989 )، "آخري حل" (1989)، "تماشو" (1991)، "شادي ڪارڊ" (1993)، "وفا جو پيڪر" (1993)، "دنيا دل وارن جي" (1998) "نانگا ننڊ نه ڪن" (2006)، "روانگي" ۽ ٻيا ڪيترائي ڊراما شامل آهن.

شمشير الحيدريءَ کي جيڪڏهن اسان سنڌي ٽي وي ڊرامي جو باني چئون ته اهو به غلط نه ٿيندو، ٽي وي تان پهريون سنڌي ڊرامي جيڪو 1970ع ۾ پيش ٿيو هو، سو هو "زينت"، مرزا قليچ بيگ جي مشهور ناول جو ڊرامائي روپ. ان جو ڊرامائي روپ ڏيڻ جو شرف شمشير الحيدري کي حاصل آهي".[11] مکيه ڪردارن زينت لاءِ غزاله رفيق ۽ علي رضا لاءِ قربان جيلاني جو انتخاب ڪيو ويو.

ٻين ڪردارن ۾ عبدالرحمان ميمڻ، عبدالحق ابڙو، ڪامران پٺي، ممتاز پنهور، محمد صديق مغل، پروين عيساڻي، بلقيس سيد، زبير نوناري، زبيو ۽ ڪيترائي ٻيا فنڪار هئا. تنهي قسطن ڪي ڪهاڻي، ڊرامائي روپ، اداڪاري ۽ پراڊڪشن جي لحاظ ڪان بيحد پسند ڪيو ويو.

شمشير الحيدري جو ڊرامو ”ڪاڪ محل“ انتهائي ڪاميابيءَ سان ٽي وي تي پيش ٿيو ۽ بعد ۾ ڪتابي صورت ۾ شايع ٿيو. ان ڪان علاوه، هن ڊرامي کي ڪراچي يونيورسٽيءَ جي ايم .اي جي ڪورس ۾ به رکيو ويو.

هي ڊرامو مشهور لوڪ داستان مومل راڻي تي لکيل هو. هن ڊرامي جي خاص ڳالهه خوبصورت منظر نگاري ۽ شاندار گفتگو آهي. هر ننڍي توڙي وڏي جي ڏٺل ۽ ٻڌل آهي. ان هوندي به پنهنجي سگهڙپائيءَ سان شمشير هن کي ٽي ـ وي لاءِ اهڙي ته سانچي ۾ پلٽايو آهي جو ڊرامي جا سمورا ضروري جزا نهايت ئي خبرداريءَ سان نباهيل صاف نظر پيا اچن. ڊرامي ۾ پيار ۽ محبت جا نازڪ مرحلا به آهن، جدائيءَ ۽ وڇوڙي جون ڏکوئيندڙ گهڙيون به آهن، تجسس به آهي ته تسڪين پڻ؛ ميلو ڊراما به آهي ته مانيٽا مڪالما به آهن؛ کل ٻوڳ به آهي ته ٽرئجڊيءَ جي انتها به آهي. مون کي هن سموري ڊرامي ۾ ڪو به اضافي يا اوڦٽو ڪردار نظر نه آيو ۽ نه وري ڪو ڊائلاگ پنهنجيءَ جاءِ تان ٿڙيل يا ٿڙڪيل ڏسڻ ۾ آيو. بلاشڪ، شمشير جوهيءُ ڊرامو سنڌي زبان جي مشهور ۽ مڪمل ڊرامن ۾ هڪ وڏيءَ ڪاميابيءَ جو اضافو آهي.

پي ٽي وي ڪراچيءَ لاءِ شمشيرالحيدريءَ ڪيترائي سيريلز، سيريز ۽ سولو پليز لکيا. ”دوست پيهي در آيو“، ”دنيا دل وارن جي“، ”چمن آرام گهر“ ۽ ٻيا ڏيڍ سئو کن ڊراما شمشيرالحيدريءَ جي ڪريڊٽ تي آهن. انهن سيني ڊرامن کي فن جي نواڻ، ٽيڪنيڪي رچاءَ ۽ تجرباتي ڪشادگي ۽ گهرائيءَ جي ڪري هڪ مکيه حيثيت حاصل آهي. شمشيرالحيدري جا هڙئي ڊراما زندگيءَ کي اُن جي مڙني ٻُجن ۽ رخن سميت پنهنجي گرفت ۾ وٺن ٿا ۽ سماجي رشتن ناتن ۽ لڳ لاڳاپن کان ٿيندا باطني گهرائين تائين سفر ڪرائين ٿا. انهن ڊرامن جو مرڪزي تصور انساني فطرت ۽ سماجي ڍانچي جي ڏِنگاڻ جي ٽڪراءَ ۽ زندگيءَ جي عمل سان سلهاڙيل

آهي. سندس ڊرامن جا ڪردار زندگيءَ جي مختلف طبقن جي نمائندگي ڪن ٿا ۽ پنهنجي مسئلن جي ڏُبڻ ۾ ڦاسڻ جي باوجود به انساني عظمت جا خواب ڏسن ٿا. گڏوگڏ اهي انساني پيڙائن ۽ ڏکن مان لنگهي ڪري هڪ مثالي صورتحال جي خواهش ڪندي پنهنجي ڏسندڙن کي زندگيءَ سان نبرڻ جو شعور عطا ڪن ٿا.

شمشير الحيدري عوام جي پسند مطابق ڊراما لکيا آهن. هن جي ڊرامن جو ماحول ڳوٺن کان شهر ۽ شهرن کان ڳوٺن جو سفر ڪندا آهن. هن هر قسم جا ڊراما لکيا آهن ۽ ڪيترن سياسي، سماجي، معاشي ۽ رومانوي حالتن جي عڪاسي ڪئي اٿس. هدايت آخوند مطابق ”شمشير کي خاص طور تي ٽي وي ڊرامي جي ليکڪن جي پهرين صف جو شهسوار آهي. زينت کان علاوه ”منزل“ سيريز لکي، شمشير پنهنجو ڌاڪو ڄمائي ڇڏيو. ”منزل“ ۾ اقبال ترين اهڙو ته بهترين رول ادا ڪيو جو ڏسڻ دوران شمشير هڪ پل به نه وسريو. هلڪا ڦلڪا ۽ مزاحيه ڊراما لکڻ جو شمشير کي ڏانءُ آهي“.(12)

## آغا سليم (1935_2016ع)

سنڌي ادب ۾ خوبصورت ڪهاڻين ۽ يادگار ناولن جي اضافي ڪندڙ آغا خالد سليم ولد عبدالڪريم خان جو جنم شڪارپور ۾ ٿيو.نوڪريءَ جي سلسلي ۾ هن ريڊيو پاڪستان جي نوڪري اختيار ڪئي جتي مختلف ريڊيو اسٽيشنن تي رهندي آخر اسٽيشن ڊائريڪٽر جي عهدي تان رٽائرڪيائين.آغا سليم جا ڪيترائي ڪتاب شايع ٿي چڪا آهن. آغا سليم جي ڊرامن جو هڪ ڪتاب ”ڊراما“، جنهن ۾ ڪجهه طبعزاد ۽ ڪجهه ترجمو ٿيل ڊراما ڏنل آهن، اهو سنڌي ادبي بورڊ پاران 2009ع ۾ شايع ٿيل آهي. ان کان علاوه، ڊرامي جي فن ۽ تاريخ بابت اردو ۾ ”سنڌي ڊرامي ڪي صدي“ نالي ڪتاب پڻ شايع ٿيل اٿس.

آغا سليم جا تاريخي اسٽيج ڊراما سنڌ جي تاريخ ۾ دلچسپي رکندڙن ۾ اتساهه جاڳائين ٿا. هن سنڌ جي سورمي جي زندگي تي ”دودو چنيسر“نالي ڊراما لکي ڏسندڙن کان داد حاصل ڪيو هو. آغا سليم جا ”دودو چنيسر“ (1970ع) دهليءَ ۾ سنڌو ڪلا سنگم ڪاميابيءَ سان ڪيو آهي، ”دولهه درياهه خان“ (1970) ۽ ٿيون ”گل چنو گرنار جو“ جو احمد آباد جي ڪلاڪارن ڪيو.

آغا سليم جو لکيل اسٽيج ڊرامو ”دودو چنيسر“ خود ليکڪ ڪراچيءَ جي ”آدمجي هال“ ۾ پيش ڪيو. هي ڊرامو (Out_door Broadcast Unit) ذريعي رڪارڊ ڪري ٽن قسطن ۾ ڏيکاريو ويو. هي ڊرامو اسٽيج توڙي ٽيليويزن ۾ بيحد ڪامياب رهيو. مصنف هن اسٽيج ڊرامي ۾ هڪ نئون تجربو ڪيو. ڊرامي جو سمورو آواز وارو حصو يعني موسيقي، صوتي اثرات ۽ مڪالما مئگنيٽڪ ٽيپ تي رڪارڊ ڪيا ويا، پوءِ اسٽيج تي شو ڪرڻ وقت انهيءَ ٽيپ کي هلائي ڪردان کان اسٽيج تي حرڪت (Movement) ۽ مڪالما سنڪ (Sink) ڪرايا ويا. يعني اسٽيج تي وات چوري خاموش اداڪاري ڪئي ويئي. جيتوڻيڪ اها ڳالهه اسٽيج ڊرامي جي اٿڪس (Ethics) جي لحاظ کان مناسب نه آهي، تنهن هوندي به تجربو بيحد ڪامياب رهيو.

(دودي جو راڄ محل – سامهون واري پٽ ۾ به دريون آهن، جن مان اونداهو آسمان نظر ٿو اچي. دريءَ جي پير ۾ ڇپر ڪٽ تي ڪوئل ويٺي آهي ۽ گلن جو هار ٺي پوئي. هڪ ٻانهي هن کي مورڇل ٿي هڻي، ٻيون ٻانهيون اڄ وڃ ٽيون ڪن، جنهن مان معلوم ٿو ٿئي ته سارو محل جاڳي رهيو آهي. ٻاگهي ٻائي شاهاڻي شان سان داخل ٿئي ٿي. ڪوئل ڪٽ تان اٿي ڪنڌ نوائي چوي ٿي.)

ڪوئل: ڀقي سائڻ جا ڪوئل پير ٿي ڇُهي.

ٻاگهي: شل شهزادي ڪوئل گلاب جي گلن جيان ٽڙندي رهي.

(هلڪي خاموشي. ٻاگهي شاهاڻي شان سان وکون کڻندي دريءَ ڏانهن وڃي ٿي)

ڪوئل!

ڪوئل: جي ڀقي سائڻ.

ٻاگهي: ڀڳ جي ڪا خبر آئي.

ڪوئل: نه ڀقي سائڻ اڃا ڪا خبر نه آئي آهي.

ٻاگهي: (اهڙي گنڀيرتا جنهن مان پريشاني ٿي بکي) اڄ سنڌ جا سڀئي سردار گڏ ٿيا آهن ۽ سنڌ جي ڀڳ جو فيصلو ٿيڻو آهي“.(13)

**دولهه دريا خان** :آغا صاحب سنڌ جي سورمي جي زندگي ”دولهه دريا خان“ نالي ڊراما

لکي ڏسندڙن کان داد حاصل ڪيو هو. (دريا خان جي محل سراءِ. دريا خان دريءَ وٽ بيٺو آهي ۽ دريءَ کان ٻاهر ٿو نهاري. دريا خان جي زال هيمون اندر اچي ٿي. هيمونءَ جي پيرن جو آواز ٻڌي دريا خان منهن ورائڻ کانسواءِ پڇي ٿو.)

دريا خان: ڪير آهي؟

هيمون: سورهين جي سردار، سنڌ جي سونهاري، دريا خان جي پيرن جي پٽي، هيمون!

دريا خان: هيمون، تون اسان جي پيرن جي پٽي نه، پر اسان جي روح جي راحت آهين. تون سنڌ جي برن جي بهار ۽ ٿرن جي ٺڏڪار آهين. اسان توکي ڏسندا آهيون ته اسان جو منجهيل من ڪنول جيان ٽڙي پوندو آهي.

**گل چنو گرنار جو:** هي به هڪ الميه ڊرامو آهي، جنهن ۾ ٻيجل ۽ راءِ ڏياچ جي لوڪ ڪهاڻي کي موضوع طور چونڊيو ويو آهي. 15 مارچ 1967ع تي ريڊيو پاڪستان، حيدرآباد تان نشر ٿيڻ کانپوءِ اپريل 1967ع ۾ روح رهاڻ جي سالنامي ۾ شايع ٿيو. هن ڊرامي جي ٻولي ، منظر ۽ مڪالماشاندار آهن:

**ڏياچ:** هن ساري سنسار جي سونهن، سورٺ جي محبت، تنهنجي سرن ۾ سمائي وئي آهي ٻيجل، اسان تنهنجي سرندي جي سونهن کي پنهنجو ست ساهه ۽ سر آڇيندي لڄ ٿا مرون. جي تنهنجي سرندي کي اسان جو ڪين جهڙو سر قبول آهي ته پوءِ ويرم نه ڪر. پنهنجي تند کي تکو ڪري اسان جي ڪنڌ تي وهاءِ ٻيجل.

(ٻيجل سرندو وڄائي ٿو ۽ ڏياچ تي بي خودي ڇانئجي ٿي)

**ڏياچ:** اسان تنهنجي تند تان جند گهوري ٻيجل، اسان تنهنجي سر تان سِر گهوريو. تنهنجي راڳ جي آڳ اسان جي انگ انگ کي وڪوڙي وئي آهي، اسان جو سارو سرير جلي سڙي راک ٿي ويو آهي. هي مٽيءَ جهڙو مٿو، هي ڌوڙ جهڙو ڌڙ تنهنجو آهي، ٻيجل.

(سرندي جي تيز لئه سان گڏ ٻيا به ساز وڄڻ لڳن ٿا. اسٽيج تي آهستي آهستي بتيون وسامنديون وڃن ٿيون ۽ مڪمل اونده ڇانئجي وڃي ٿي. اوچتو سورٺ دانهون ڪندي اندر گهڙي ٿي اچي)

سورٺ: (پريان کان) مهاراج ..... مهاراج، مون وري اڄ اهو سپنو ڏٺو. اهو چارڻ

آيو آهي...... (اسٽيج تي روشني ٿئي ٿي. سورٺ جي نظر ڏياچ جي وڍيل سر تي پوي ٿي هوءَ دانهن ڪري بيهوش ٿي ڪري پوي ٿي.)

(پس منظر ۾ پڙاڏي سان آواز ٿو اڀري)

گل چنو گرنار جو، پٽڻ ٿيون پٽين،

سهسين سورٺ جهڙيون، اڀيون اوسارين،

چوٽا چارڻ هٿ ۾، سر سينگاريو ڏين،

ناريون ناڏ ڪرين، راجا رات رمگيو." [14]

آغا سليم جي تاريخي ڊرامن تي ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي لکيو آهي ته آغا سليم جا ٻه ناٽڪ "دودو چينسر" ۽ "دولهه دريا خان" بالترتيب ڪيڏيا ويا آهن. ڏسڻ وارن ٻنهي ڪي تمام گهڻو پسند ڪيو. جيڪو جوش خروش نظر آيو، ان مان اهو اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته اسان جا ماڻهو ناٽڪ لاءِ آتا آهن." [15]

**روپ بهروپ:** هن ۾ هڪ فنڪار جي ڪردار ڪي ڏاڍي فنڪارانه انداز سان پيش ڪيو ويو آهي، جيڪو ساري عمر پنهنجي فن جي وسيلي لاتعداد انسانن ڪي خوشين جا خزانا ڏيندو رهي ٿو، پر هن جي زندگي انهيءَ نعمت کان هميشه خالي ۽ ٿلهي رهي ٿي. احساس جو اهو ايذاءُ هن جي اثرائتي شخصيت ڪي ڏونڏاڙي ڇڏي ٿو.

آغا سليم جو هڪ الميه ريڊيو ڊرامو "**گلن جهڙا گهاءَ**" آهي. هن ڊرامي ۾ سندس ڪهاڻين وانگر رومانيت، رنگا رنگ خيالات حاوي آهن. سندس تخيل ۾ تمام وڏي گهرائي آهي. هن جا ڪي ڊراما الميه (Tragedy) به آهن جن جا مرڪزي ڪردار ڀٽڪندا نظر اچن ٿا. آغا سليم جي ريڊيو ڊرامن لاءِ مراد علي مرزا لکيو آهي ته "سندس ناٽڪن جي موضوعن ۾ رنگارنگيءَ سان گڏ خيال جي بلندي پڻ اوج تي هوندي آهي. "واپسي" ناٽڪ جو موضوع جنگ جي تباهڪاري آهي. جنگ جي ميدان ۾ بم ڦاٽڻ سبب هڪ سپاهيءَ جي چهري تي ايترا ته زخم لڳن ٿا، جو هو پنهنجا اصلي خد و خال وڃائي ويهي ٿو. جنگ تان موٽڻ کان پوءِ هو هر ممڪن ڪوشش ڪري ٿو ته ڪيس پنهنجا مٽ مائٽ (ماءُ_پيءُ) ۽ زال سڃاڻن، پر سندس هيبتناڪ چهرو هنن جي اڳيان هڪ اونداهي پردي وانگر اڀري اچي ٿو، جنهن تي

ڪا بہ روشن تصوير ظاهر نٿي ٿئي. تقدير جي اها ڏاڍائي هن جي ذهن تي اهڙو تہ شديد اثر ڪري ٿي جو هو پاڻ کي جيئرن جي جهان ۾ موجود نٿو سمجهي ”روپ ـ بهروپ“ آغا سليم جي زرخيز ذهن جو بيو مثال آهي هن ناٽڪ ۾ هڪ فنڪار جي ڪردار کي ڏاڍي فنڪارانہ انداز سان پيش ڪيو ويو آهي، جيڪو ساري عمر پنهنجي فن جي وسيلي لاتعداد انسانن کي خوشين جا خزانا ڏيندو رهي ٿو، پر هن جي زندگي انهيءَ نعمت کان هميشہ خالي ۽ ٺلهي رهي ٿي. احساس جو اهو ايذاءُ هن جي اثرائتي شخصيت کي ڏونڌاڙ ڇڏي ٿو. ۽ اهڙيءَ طرح انهيءَ ناٽڪ جو انجام بہ المناڪ آهي. ”گلن جهڙا گهاو“ آغا سليم جو هڪ الميہ ناٽڪ آهي. انهيءَ جي مرڪزي ڪردار ذريعي هڪ نوجوان سان ملاقات ٿئي ٿي، جيڪو عشق جي آزمائش ۾ اڳ ۾ ئي سخت چوٽ کائي ويٺو آهي. هو زندگيءَ کان مايوس ٿي چڪو آهي، پر انهيءَ ڇوڪريءَ جي ملاقات کان پوءِ هن کي اونداهي زندگيءَ ۾ اُميد جا ڪرڻا نظر اچن ٿا. اهي ڪرڻا جيئن پوءِ تيئن وڏيڪ روشن ٿيندا وڃن ٿا. ايتري قدر جو جڏهن انهن جي روشني چئني طرفن پکڙجي ٿي تہ هڪ نئون ڪردار ڏسڻ ۾ اچي ٿو.“ (16)

آغا سليم ريڊيو ۽ ٽي وي تي انڊ مٽ نقش ڇڏيندڙ ڊراما لکيا آهن. آغا سليم جو ٽيليويزن لاءِ سندس پهريون ڊرامو ”خواب جو سورج“ هو. هن ڊرامي ۾ پهريون ڀيرو روبينہ (سنڌي موسيقيءَ جي نامياري فنڪاره)، منظور قريشي ۽ اي ـ آر بلوچ اداڪاري ڪئي. ڊرامي ۾ تمام سٺا ۽ وڏا مڪالما هئا. **”واپسي“** ڊرامي جو موضوع جنگ جي تباهڪاري آهي. **”پرهہ جا مسافر“** جي موضوع تي سنڌي ناظرين اعتراض ڪيو. هن ڊرامي جو تت اهو آهي تہ طوائف کي معاشري ۾ ڪير قبول نٿو ڪري. باوجود اعتراض جي هي هڪ ڪامياب ڊرامو هو.

**”پوپاڙيءَ جا پاڇا“** هن ۾ ”جنريشن گئپ“ جي موضوع کي ڪنيو آهي. هيءُ ڊرامو ڪوئيٽا تان بروهي زبان ۾ ترجمو ٿي نشر ٿي چڪو آهي. اهڙيءَ طرح ”تماشو“ ڊرامو طنزيہ طرز ۾ لکيل آهي.

مطلب تہ آغا سليم انهن ڊرامانگارن مان آهي، جن ڊرامن کي نئون روپ ڏيئي ان ۾ وسعت آندي آهي. هن فرد جي تنهائي، محرومي ۽ انساني قدرن کي

پيش ڪيو آهي. هن وٽ رومانيت جو تصور عروج تي پهتل آهي. سندس مرڪزي ڪردار سچي رومانيت جا علمبردار آهن.

**امر جليل (8 نومبر 1936ع)**

قاضي عبدالجليل، ”امر جليل“ جو جنم روهڙي شهر ۾ ٿيو. شايد ئي ڪو سنڌي افسانی نگار هجي، جنهن کي ايڏي وڏي چاهه سان پڙهيو ويو هجي، جيئن امر جليل کي پڙهيو ويندو آهي. سنڌي ادب ۾ امر جليل جي سڃاڻپ گهڻ رخي آهي. هو ڪهاڻيڪار، ناول نگار، ڪالم نويس ۽ ڊراما نويس آهي. سندس ڪيترائي ڪتاب شايع ٿيا آهن، ۽ انهن ڪتابن جا ڪيترا ايڊيشن ڇپيا آهن اها ڪيس به خبر نه آهي. سندس ڊرامن کي مختيار احمد ملاح ترتيب ڏئي شايع ڪرايو آهي. 1960ع واري زماني ۾ ئي امر جليل اردو اسٽيج ڊرامن لاءِ نه صرف لکڻ شروع ڪيو پر اداڪاري به ڪرڻ لڳو. سندس اردو اسٽيج ڊرامو ’انسان‘ ڏاڍو مشهور ٿيو. ”امر جليل جو پهريون ڊرامو “انسان” هو جيڪو نيشنل ٿيئٽرس ڪراچي ۾ 1962ع ۾ اسٽيج ٿيو هو. ڊرامي “انسان” جو ترجمو، “نئين زندگي” ۾ آڪٽوبر 1965ع ۾ شايع به ٿيو.

امر جليل نه صرف ريڊيو ڊراما رائيٽر هو، پر ريڊيو تي ريڊيو پروگرام مينيجر طور به ڪم ڪيو پرڏيهي نشريات جو ڊپٽي ڪنٽرولر به ٿيو. امر جليل ريڊيو لاءِ ڪيترائي ڊراما لکيا، جن ۾ هيٺيان اهم آهن:

**سڄڻ سفر هليا:** هي مشهور ريڊيائي ڊرامو، امر جليل خود 1968ع ۾ رڪارڊ ڪرايو هو، ۽ پيش ڪيو هو جڏهن هو اتي ريڊيو پروگرام مينيجر طور خدمتون سر انجام ڏئي رهيو هو. هن ڊرامي جو شمار سندس بهترين ڊرامن ۾ ٿئي ٿو. هي ڊرامو رومانٽڪ ٽريجڊي (Romantic Tragedy) آهي. ڊرامي ۾ اصل ڪهاڻي نجمه ۽ عابد جي محبت جي آهي. ڊرامي ۾ ڪشمڪش جو عنصر غالب آهي، جيڪو ڪنهن به ڊرامي جي ڪاميابيءَ ۾ اهم هوندو آهي. يعني ’نجمه‘ جي زندگيءَ ۾ ٻن مردن جي موجودگي. هڪ سندس مڙس (نعيم) ۽ ٻيو عابد سندس محبت. ڊرامي ۾ رومانوي ڪهاڻي به آهي ته طبقاتي فرق جي ڪري غريب ۽ امير جي محبت جي اڌوري ڪهاڻي به. ڊرامي ۾ مڪالما چانيل آهن. هي ڊرامو امر

جليل جي ڪامياب ڊرامن مان هڪ آهي.

**درياهہ توتي دانهن:** هي ريڊيو لاءِ امر جليل جو پهريو ڊرامو هو، جيڪو آگسٽ 1967 ۾ حيدرآباد ريڊيو اسٽيشن تان نشر ٿيو. ڊرامو انتهائي وٽندڙ ۽ تجسس سان ڀرپور آهي ۽ پنهنجي دور جو ڪامياب ڊرامو آهي، جنهن ۾ ڪردار نگاري، منظر نگاري ۽ مڪالما بهترين ۽ شاندار آهن.

**زخم زندگيءَ جا:** هي الميہ ڊرامو(Tragedy) 1970ع ۾ ريڊيو پاڪستان، حيدرآباد اسٽيشن تان ٽيليڪاسٽ ٿيو هو. ڊرامو هڪ ماءُ ۽ هڪ ڀيڻ جي ڪهاڻي تي مبني آهي، جن جو پٽ ۽ ڀاءُ "يوسف" 10 سال اڳ پنهنجي امير ٿيڻ جي خوابن جي تعبير لاءِ گهر ڇڏي هليو ويو هو. ٻئي طرف سندس ماءُ ۽ سندس ڀيڻ نرگس، جيڪا هڪ اسپتال ۾ نرس آهي، يوسف کي ياد ڪري رهيا آهن، جيڪو 10 سال اڳ بيروزگاري ۽ بيڪاري کان تنگ تي وڃو ماڻهو ٿيڻ جا خواب ڏسندي گهر ڇڏي هليو ويو هو. ماءُ کي يقين آهي تہ سندس پٽ يوسف ڪنهن مصيبت ۾ ڦاٿل آهي. واقعي يوسف هڪ ٻار کي باهہ مان بچائيندي اسپتال ۾ داخل ٿيو آهي، جتي زندگيءَ جا آخري ڏينهن گذاري رهيو آهي. ان ساڳي اسپتال ۾ سندس ڀيڻ نرگس هڪ نرس آهي. جڏهن تہ پوليس، يوسف کي غير ملڪي ايجنٽ سمجهي بيان وٺڻ جي ڪوشش ۾ آهي. مگر يوسف جو چهرو باهہ ۾ سڙڻ ڪري سڃاڻپ جوڳو نہ رهيو آهي.

زخم زندگيءَ جا انتهائي درد ناڪ ڊرامو آهي، جنهن جي سٽ سٽ ۾ درد ۽ زندگيءَ جو الميو سمايل آهي. جنهن جنهن ريڊيو تي هن ڊرامي کي ٻڌو هوندو، ان ارسطو جي ٽريجڊي جي ٻڌايل اصولن تحت خوف ۽ رحم (Pity and fear) جي جذبن سان روحاني راحت (Catharsis) ضرور حاصل ڪئي هوندي.

امر جليل جا اڪثر ڊراما عبدالڪريم بلوچ پيش ڪيا هئا. امر جليل تي ڪيترائي ڀيرا ٽي وي ڊراما لکڻ تي پابندي بہ پئي. سندس رڪارڊ ٿيل ڊراما هلڻ نہ ڏنا ويا يا وري اڌ ۾ بند ڪيا ويا. امر جليل ٽي وي لاءِ ڪيترائي سنڌي ۽ اردو ڊراما لکيا آهن، جن ۾ ڪي سنڌي ڊراما هي آهن.

**اونده ۽ روشني:** امر جليل جو ڊرامو ”اونده ۽ روشني“ ٽي وي لاءِ منظور قريشي ڪراچي سينٽر تان نومبر 1970ع ۾ ٽيليڪاسٽ ڪيو هو. هن ڊرامي جو شمار ٽي وي جي شاهڪار ڊرامن ۾ ٿئي ٿو. هن ڊرامي ۾ مکيه ڪردار غزاله رفيق ۽ قربان جيلاني ادا ڪيا، ٽيون ڪردار رشيد هميراڻيءَ ڪيو. هي ڊرامو بلوچي زبان ۾ ترجمو ٿي ڪوئٽه سينٽر تان پڻ پيش ڪيو ويو هو.

هي ڊرامو رومانوي ٽريجڊي (Romantic Tragedy) آهي. ان زماني جي اخبارن ۽ رسالن ۾ ڊرامي تي ڪافي تبصرا شايع ٿيا هئا. هدايت آخوند لکيو آهي ته ”امر جليل جا ٻه ڊراما ”اونده ۽ روشني“ ۽ ٻيو ”ماءُ“ وسري نه ٿا وسرن، تمام سٺا هئا، چست جملا جڻ زهر ۾ ٻڏل سُرهئا“.[17]

**مٽيءَ جا ماڻهو:** هي ڊرامو نومبر 1970ع ۾ ڪراچي سينٽر تان نشر ٿيو هو. ۽ بعد ۾ هي ڊرامو مهراڻ 1971/1 وري شماري ۾ شايع به ٿيو هو. ان ڊرامي لاءِ غلام محمد گرامي لکيو هو ته. پڙهندڙن کي هن ڊرامي جي پڙهڻ وقت، عالمِ خيال ۾ ٽيليويزن سيٽ کي اکين اڳيان متصور ڪرڻ گهرجي. ڪردارن جي مڪالمن کي خيال ۾ رکي، سندن نقل ۽ حرڪت، جذبات ۽ تاثرات کي ”ڏسڻ ۽ ٻڌڻ“ جي سلسلي سان وابسته ڪري، ”محسوسات“ جي عالم ۾ اداڪاريءَ کي ”ڏسڻ“ ۽ آواز کي ”ٻڌڻ“ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي. اميد ته هن قسم جا معياري ٽيليويزن ڊراما ”مهراڻ“ رسالي ۾ شايع ٿيندا رهندا“.[18]

**ماءُ:** هيءَ امر جليل جو پهريون ڊرامو هو، جنهن امر جليل کي بحيثيت ٽي وي ڊراما نگار جي شهرت ڏني. هي ڊرامو ڊسمبر 1972ع ۾ نشر ٿيو هو. هن ڊرامي لاءِ مشهور پروڊيوسر ۽ ڊراما رائيٽر عبدالڪريم بلوچ لکي ٿو ته: ”امر جليل جي لکيل ڊرامي ماءُ کي پي ٽي وي (پاڪستان ٽيليويزن ڪارپوريشن) کان انعام مليو. هن ڊرامي ۾ انڌي ماءُ جو ڪردار غزاله رفيق ۽ (مفرور قيدي) پٽ جو ڪردار وسيم ڪيو. هيءَ پهريون سنڌي ڊرامو هو جيڪو پاڪستان جي سمورين اسٽيشنن تان هلايو ويو ۽ پروڊيوسرن کي هدايت ڪئي ويئي ته انهيءَ کي ضرور ڏسن“.[19]

اهڙي طرح ساڳئي ڊرامي جي لاءِ هدايت آخوند لکي ٿو ته ”امر جليل جا ٻه ڊراما ”اونده ۽ روشني“ ۽ ٻيو ”ماءُ“ وسري نه ٿا وسرن، تمام سٺا هئا، چست جملا

چڻ زهر ۾ ٻڏل تير هئا".[20]

**هوندا سي حيات:** هي ڊرامو مارچ 1972ع ۾ عبدالڪريم بلوچ پيش ڪيو هو. هيءُ هڪ الميه ڊرامو (Tragedy) آهي، جنهن ۾ معاشرتي حالتن تي سخت طنز ڪئي وئي آهي. هي ڊرامو منظور ۽ سندس ننڍي ڀيڻ جي غربت جي ڪهاڻي آهي. منظور هڪ اسڪول ماستر آهي. جڏهن ته سندس ڀيڻ سله جي مريض آهي ۽ گهر ۾ ويٺي رانديڪا جوڙيندي آهي. هو رانديڪا جوڙڻ سان مختلف خيال پچائيندي ته جڏهن سندس رانديڪا وڪامجي ويندا ۽ هن وٽ ڍڳ پيسا هوندا تڏهن هوءَ رانديڪن جو ڪارخانو لڳائيندي، تڏهن هوءَ ڀاءُ لاءِ سٺا ڪاڏا پچائيندي، ڀاءُ جي شادي ڪرائيندي، پنهنجو علاج ڪرائيندي وغيره وغيره. سندس ڀاءُ منظور، ڀيڻ جو علاج سرڪاري اسپتال ۾ ڪرائيندو آهي، ڇو جو خانگي ڪلينڪ جي فيس هن جي برداشت کان مٿي آهي. هڪ دفعي هو ڀيڻ کي ڪلينڪ تي وٺي به وڃي ٿو پر فيس ۽ ڊاڪٽر جي رسيپشنسٽ جي رويي کي ڏسي واپس موٽي اچي ٿو.

هن ڊرامي ۾ هڪ طرف غربت جو شڪار ڀيڻ ۽ ڀاءُ ته ٻئي طرف سندن زندگيءَ جون بي شمار محروميون آهن. رت جي ٽيسٽ لاءِ هڪ هنڌ منظور چوي ٿو ته: "ڪمال آهي، جڏهن رت اسان جي رڳن ۾ آهي، تڏهن ڪو پڇڻ وارو ڪونهي ۽ جڏهن اهو رت سرنج ۾ داخل ٿئي ٿو تڏهن ٻين جي آمدنيءَ جو ذريعو ٿئي ٿو".[21]

**دوزخ:** هي ڊرامو آگسٽ 1972ع ۾ ڪراچي سينٽر تان منظور قريشي پيش ڪيو هو. هي ڊرامو هڪ دفعو ٻيهر 87-1986ع ۾ رڪارڊ ڪيو ويو هو ۽ عبدالڪريم بلوچ پيش ڪيو هو. ان ۾ مرحوم يوسف مرڪزي ڪردار ادا ڪيو هو. هي هڪ طربيه ڊرامو (Comedy) آهي. اسان کي خبر آهي ته امر جليل پنهنجي ڊرامن ۾ روزمره جي مسئلن کي پيش ڪيو آهي. انهن مان هڪ مسئلو آهي "سس ۽ ننهن جو جهيڙو". پٽ پرڻيو ته زال جو مجو سڌبو. زال ڇڪيندي مڙس کي ته ماءُ ناراض. اگر ماءُ سان ملندو ته زال چوندي ته ماڻس پٽ کي زال کان جدا ٿي ڪري. اهڙا مسئلا اسان جي سنڌي معاشري ۾ انيڪ ملندا.

هن ڊرامي تي ان وقت نڪرندڙ رسالي "سوجهرو" ۾ تبصرو ڪيو هو.

تبصري ۾ لکيو ويو ته: ”آگسٽ جي مهيني ۾ به موسيقيءَ جا پروگرام، ۽ هڪ ڊرامو پيش ڪيو ويو. موسيقيءَ جي پروگرام ۾ ڊول فقير، مائي ڀاڳي ۽ مينا شاهه حصو ورتو. فلمي گانن جو پروگرام قربان جيلانيءَ ڊيڪاريو جنهن ۾ ”رنگ محل“ ۽ ”گهونگهٽ لاهه ڪنوار“ فلمن جا گانا ڊيڪاريا ويا . گهريلو ڇڪتاڻ تي طنز وارو امر جليل جو ڊرامو ”دوزخ“ ڊيڪاريو ويو جنهن ۾ منظور قريشي، غزاله رفيق ۽ گلشن آرا بهترين پرفارمنس ڏنا. خاص ڪري منظور قريشيءَ جو ڪردار بيحد پسند ڪيو ويو. ڊرامي جو مکيه خيال اسان جي هيٺين وچولي طبقي جي، ذهني، معاشي ۽ ثقافتي پسماندگي آهي، جنهن ڪري گڏيل ڪٽنبن جا ڀاتي، خوش حياتي گذارڻ بدران هڪ ٻئي جي وجود جا دشمن ٿي پوندا آهن“. (22)

**فرمانبردار:** هي ٽي وي ڊرامو ڊسمبر 1972ع ۾ نشر ٿيو ۽ عبدالڪريم بلوچ ان کي پيش ڪيو هو. هي ڊرامو هڪ ڪاميڊي آهي. ڊرامي ۾ هڪ گهريلو مسئلي کي بيان ڪيو ويو آهي، يعني گهر ۾ ”سس“ يا ”ننهن“ جي حڪمراني هوندي. هن ڊرامي ۾ مقبول، سادو سودو نوجوان ڊيڪاريو ويو آهي، جنهن کي سندس ڀاڄائي ۽ ماءُ پنهنجي پنهنجي پسند جي شادي ڪرائڻ چاهين ٿيون. هي ڊرامو اسان جي معاشري جي انهن ڪردارن تي طنز آهي، جتي عورتون ڳوٺاڻي غربت مان شهري اميرائپ ۾ ايندي‌ون آهن ۽ ذاتي انائن خاطر رشتن جو احترام ڪرڻ وساري وهنديون آهن.

**ڳولهيان ڳولهيان مَ لهان :**هي ڊرامو جولاءِ 1976ع ۾ پروڊيوسر ذوالفقار نقوي پيش ڪيو هو. اهو ساڳيو ڊرامو 1998ع ۾ ٻيهر منظور قريشي پيش ڪيو هو. اهو ڊرامو رومانوي ٽريجڊي (Romantic Tragedy) هو. 1976ع ۾ مرڪزي ڪردارن ۾ قربان جيلاني ۽ غزاله رفيق ڪم ڪيو هو. ٻيهر رڪارڊنگ ۾ اقبال ترين ۽ شبنم موتي مرڪزي ڪردار ادا ڪيا هئا.

ڊرامي ۾ مريضه ۽ ڊاڪٽر جي محبت جي ڪهاڻي آهي. مريضه اها عورت هئي، جنهن کي سندس علاج ڪندڙ ڊاڪٽر سان محبت هوندي هئي. سندن محبت ابدي ۽ لاحاصل هئي ۽ شاهه عبداللطيف جي هن بيت تي مبني هئي:

ڳولهيان ڳولهيان مَ لهان، شال مَ ملان هوت
من اندر جا لوچ، ملڻ سان مانئي ٿئي

ٻئي پريمي، اندر جا اڌما ۽ چاهتون دل ۾ رکي هڪ ٻئي کان جدا ٿي وڃن ٿا ۽ ڪيترن ئي سالن کانپوءِ ٻنهي جي ملاقات اسپتال ۾ ٿئي ٿي، جتي هيرو ڊاڪٽر آهي۽ هيروئن مريضہ جي روپ ۾ داخل ٿئي ٿي.

**فنڪشن :** هي ڊرامو جولاءِ 1974 ع ۾ نشر ٿيو هو. ڊرامي جو دورانيو 27 منٽ هو. ڊرامو غمگين ماحول جي عڪاسي ڪندڙ آهي. 'فنڪشن' دراصل وچڙيل رشتن ڪي آمهون سامهون بيهارڻ جي علامت ٿي پيو آهي. ڊرامي جي ڪهاڻي مطابق رشيد ۽ سندس پيڻ نجمہ ڪي سندن ماءُ ڏکن سان پالي وڏو ڪيو آهي. رشيد وڏو ٿي هڪ وڪيل ٿيو آهي ۽ نجمہ ڊاڪٽريءَ جو امتحان پاس ڪيو آهي. جڏهن رشيد ۽ نجمہ ننڍا هئا، تڏهن سندن پيءُ بيروزگاري ۽ بدحاليءَ جي ڪري ڪين ڇڏي هليو ويو هو. نجمہ پيءُ ڪي بزدل ۽ دوکيباز ٿي تصور ڪري. جڏهن تہ رشيد ڪيس بهادر انسان ٿو سمجهي. هو چوي ٿو تہ:

"هو بي انتها بهادر هو. هن معاشري جي مروج رواجن ڪي قبول نہ ڪيو. هن ڪنهن بہ نامعقول وڏي ماڻهوءَ آڏو سفارش لاءِ جهول جهلڻ ڪي علم ۽ ادب جي توهين سمجهيو ۽ پوءِ، معاشري جي تاريخ ۾ پنهنجو احتجاج داخل ڪرڻ لاءِ هو ڪيڏانهن هليو ويو". (23)

ڪهاڻي جي پڇاڻي ۾، جڏهن رشيد، ماءُ ڪي مزدور سان ملائڻ لاءِ وٺي ٿو اچي، تيستائين مزدور وڃي چڪو هو. ڊرامو انتهائي درد ناڪ ۽ معاشرتي آهي، جنهن ۾ ذهين انسان غير موافق حالتن سان ناهہ نہ ڪندي تياڳ وٺندا آهن. جڏهن تہ زندگيءَ جا ڏنل روڳ سندن پوين ڪي سهڻا پوندا آهن. ڊرامي ۾ بهترين مڪالما استعمال ٿيل آهن، جن سان ڊرامي جي ڪهاڻيءَ ۾ جان اچي وڃي ٿي.

**ناٽڪ:** هي ڊرامو 26 ڊسمبر 1975 ع تي منظور قريشي پيش ڪيو هو. هن ڊرامي ۾ جنهن مسئلي ڪي ڊرامائي روپ ڏنو ويو، اهو موضوع سنڌ جي اهم مسئلن مان هڪ آهي. نوجوان جوڙا پاڻ ۾ پيار پوءِ ان پيار جي جذبي تحت گهر کان نڪري ڪورٽن ۾ شادي ڪندا آهن. هو انڌي محبت ۾ جڏهن والدين جو قدر نہ ڪندا

آهن. تڏهن ڇوڪريون پنهنجي محبوب لاءِ والدين جو گهر ڇڏي ويندي آهن. هن ڊرامي ۾ ان قسم جي عشق جو بهترين انجام ڏيکاريو ويو آهي. ياد رهي ته "ناٽڪ" ۾ جنهن موضوع کي ڊرامي جو پلاٽ بڻايو ويو آهي. هن ڊرامي لاءِ ڊاڪٽر غلام علي الانا لکيو آهي ته "امر جليل بهترين ڊراما لکيا آهن. هن جي ڊرامن ۾ سنڌ جي روز مره جي مسئلن کي پيش ڪيو ويندو آهي. "هن ڊرامي ۾ ڏيکاريو ويو آهي ته يونيورسٽيءَ ۾ نوجوان ڇوڪرو (مقصود) هڪ ڇوڪريءَ (روزيءَ) سان محبت ڪري ٿو. ڇوڪريءَ جا ماءُ پيءُ شاديءَ لاءِ راضي نه ٿا ٿين. مقصود، روزي (ڇوڪريءَ) کي ساڻس ڀڄي هلڻ لاءِ زور ڀري ٿو، پر ڇوڪري چويس ٿي ته "مان جوانيءَ جو عذاب برداشت ڪنديس. مان تنهنجي لاءِ زهر ڪائي مرڻ لاءِ تيار آهيان، پر توسان ڀڄي نه هلنديس." مقصود روزيءَ کان ناراض ٿي واپس گهر اچي ٿو. ماڻس ٻڌائيس ٿي ته هن جي پيءُ کي دل جو دورو پيو آهي ۽ ڪيس سندس ڀيڻ جو خط ڏيکاري ٿي ته تنهنجي ڀيڻ قادر سائيڪل واري سان ڀڄي ويئي آهي.

هن ڊرامي جي خاص ڳالهه هيءَ آهي ته سماج جي دائرن ۾ رهندي، هڪ نوجوان اها ڳالهه برداشت نه ٿو ڪري سگهي ته هن جي ڀيڻ ڪنهن سان ڀڄي وڃي، پر پاڻ چاهي ٿو ته سندس محبوبه ماءُ پيءُ جي عزت جي پرواهه نه ڪري ۽ پنهنجو گهر ڇڏي ساڻس ڀڄي هلي". (24)

**اروڙ جو مست:** هي ڊرامو آگسٽ 1974ع ۾ ٽيليڪاسٽ ٿيو ۽ غلام حيدر صديقيءَ پيش ڪيو هو. ياد رهي ته اروڙ جو مست جي عنوان سان امر جليل جي ڪهاڻي (اپريل 1965ع) ماهوار روح رهاڻ حيدرآباد ۾ شايع ٿي هئي ۽ ڪهاڻين جي مقابلي ۾ نمبر حاصل ڪيو هئائين. اها ڪهاڻي امر جليل جي ڪهاڻين ۾ ڳوناٽي منظر نگاري، موضوع، واقعات جي ترتيب، تز ۽ ڪردارن جي حساب مڪالمن، ڪردار نگاريءَ جي لحاظ کان شاهڪار ڪهاڻي مڃي وڃي ٿي. امر جليل هن ڊرامي کي هڪ نئين انداز سان ڊراما ٽائيز ڪيو، نه صرف ڪجهه ڪردار بدليا، بلڪ ڪجهه ڪردارن جو اضافو به ڪيو، اهڙي طرح ڊرامي جي ڪهاڻيءَ جي پسمنظر ۾ به تبديليون آنديون ۽ ڊرامي ۾ جڻ جان اچي ويئي. هن ڊرامي ۾ امر جليل سنڌ جي اڀوجهه ماڻهن جي سادگيءَ کي بيان ڪيو آهي، جيڪي پيرن

جي روپ ۾ وينئل ڏاڙيلن کي سجاڳي نہ ٿا سگهن. ڊرامي ۾ جڏهن مست ۽ عبدالرحمان ڏاڙيل هڪ ٻئي سان ملي ماضيءَ کي ياد ڪن ٿا ۽ پوءِ آخر ۾ ڏاڙيل عبدالرحمان ٻاهر هلي مست جا پير چهي، هٿ چمي هليو وڃي ٿو. ماڻهن جو اعتقاد پختو ٿي وڃي ٿو.

**شڪست ڪانپوءِ:** هي ڊرامو منظور قريشيءَ 1978ع ۾ ڪراچي سينٽر تان پيش ڪيو هو ۽ ٻن قسطن ۾ نشر ٿيو هو ۽ 89-1988ع ڌاري ٻيهر رڪارڊنگ ڪري نشر ڪيو ويو. هي ڊرامو سنڌ جي معاشري جي انتهائي ٻرندڙ مسئلي يعني "حق بخشرائڻ" جي موضوع تي لکيو ويو. امر جليل سنڌ جو هڪ سجاڳ ليکڪ آهي. هن سنڌ جي مسئلن کي نہ صرف ڏٺو آهي، بلڪ پنهنجي مشاهداتي اک سان ان کي پرکيو آهي. اهوئي سبب آهي جو هن موضوع کي هڪ نئين ۽ منفرد انداز سان اجاگر ڪيو آهي. "شڪست ڪانپوءِ"، جڏهن ٻيو دفعو رڪارڊ ٿيو تڏهن هن ڊرامي ۾ غزل صديق ۽ گلاب چانديي مرڪزي ڪردار ادا ڪيو هو.

ڊرامي ۾ منصور جڏهن ايم اي جو امتحان پاس ڪري ڳوٺ اچي ٿو، تڏهن کيس معلوم ٿئي ٿو تہ قائم خان (منصور جو ماسڙ) پنهنجي ڌيءُ صغريٰ جو حق بخشرائي چڪو هو. منصور ۽ صغريٰ هڪ ٻئي سان محبت ڪندا هئا. منصور ان رسم کي غير انساني رسم سڏي ٿو ۽ پنهنجي پيءُ ماءُ کان پڇي ٿو تہ هنن ان ظلم کي روڪڻ ۾ پنهنجو ڪردار ڇو نہ ادا ڪيو؟ هو کيس ٻڌائين ٿا تہ سندس ماسڙ قائم خان هڪ ظالم قسم جو ماڻهو آهي، جنهن ان کان اڳ پنهنجي ٻنهي ڀينرن جا حق بہ بخشرائي ڇڏيا هئا. سندس والد چوي ٿو تہ:

"منصور پٽ! اج کان پنجيتاليهہ پنجاهہ سال اڳ جڏهن صغريٰ جي ٻن ڦڦين جو حق بخشايو ويو هو، تڏهن مان تو وانگر جوان هوس. سندن ويجهو عزيز هوس. سماج ۽ معاشرتي ظلمن ۽ ريتن رسمن خلاف باغي شعر لکندو هوس. پر مان ڪجهہ بہ ڪري نہ سگهيس. جنهن ڏينهن صغريٰ جو حق بخشايو ويو هو تنهن ڏينهن بہ ڪجهہ ڪري نہ سگهيو هوس تڏهن بہ غربت، دولت کان شڪست کاڌي هئي." (25)

**مٽيءَ جا ماڻهو:** "مٽيءَ جا ماڻهو" جي عنوان سان امر جليل سڀ کان اول 1970ع

۾ 25 منٽن جو ڊرامو لکيو هو. ”متيءَ جا ماڻهو“ جي عنوان سان امر جليل جي هڪ يادگار ڪهاڻي به لکيل آهي. ساڳي عنوان سان 1992ع ۾ هڪ نئون قسطوار ڊرامو لکيائين، جيڪو اوڻويهه قسطن تائين هليو. هي ڊرامو امر جليل جي سيني ڊرامن کان گهڻو مقبول ٿيو ۽ ڪيترائي دفعا نشر مقرر طور هلايو ويو آهي. ان کان علاوه هيءُ ڊرامو اردو ترجمي سان به نشر ڪيو ويو آهي، ان جو ترجمو علي راز شر ڪيو آهي. هي ڊرامو منظور قريشي پيش ڪيو. مرڪزي ڪردارن ۾ غزل صديق، گلاب چانڊيو، نور محمد لاشاري، منظور مراد، مرحوم سعيد واگهو، شمع جوڻيجو ۽ ٻيا اداڪار هئا. جڏهن هي ڊرامو نشر ٿيندو هو تڏهن ڪراچي جي سنڌي وسندين سميت ڪيترن ئي شهرن ۽ ڳوٺن ۾ عام ڏسندڙ گهرن ۾ بند ٿي ويهندا هئا. شهرن ۾ ته ٽرئفڪ گهٽجي ويندي هئي. ڏسندڙ سڄو سڄو هفتو ڊرامي جو انتظار ڪندا هئا.

هن ڊرامي ۾ هڪ طرف تعليمي ادارن ۾ سياسي بليڪ ميلنگ کي موضوع بڻايو ويو، جتي سياست هميشه موروثي هٿن ۾ رهي آهي. اتي غريب گهراڻن جي شاگردن کي سياست ۾ آڻي، سندن زندگي برباد ڪئي وڃي ٿي. هن ڊرامي رستي امر جليل، ان ڳالهه کي ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ته سياست غريب گهراڻن جي وس جي ڳالهه نه آهي. اهو ئي سبب آهي، ڊرامي ۾ ٽپاليءَ جو پٽ ”چيتو گوريلو“ وڏيري جي پٽ جي سازش جو شڪار ٿي مارجي وڃي ٿو. ڊرامي ۾ ٻي ڪهاڻي همير (گلاب چانڊيو) ۽ پرهه (غزل صديق) جي محبت جي لازوال ڪهاڻي به آهي، سندن محبت طبقاتي فرق جي ڪري اڌوري رهجي وڃي ٿي.

ڊرامي جو پسمنظر سياسي ۽ اڳين آمرانه دور جي ملڪي حالتن جي تناظر ۾ آهي. ڊبو بادشاهه جو ڪردار توڙي سندس چرپٽ وزير جو ڪردار نه رڳو ڪلائيندڙ هئا پر انهن جي ڳالهين ۾ جيڪي سبق سمايل هئا اهي هر ذي شعور ماڻهو يلي پت سمجهي سگهي پيو. انهن سان گڏ مير محمد لاکي جو ڪردار”غريب عوام “ جنهن جي اپوجهائپ ڏسڻ وٽان هئي ۽ اهو امر جليل جو ئي قلم هو جنهن مان اهڙا جملا لکجي ڏسندڙن تائين پهتا.

امر جليل جي سيريل ”مٽيءَ جا ماڻهو“ ۾ مضبوط مڪالما ئي ڊرامي جو اصل روح هئا جن جي تيز نشتر ڏسندڙن جي ذهنن تان آپي شاهي ۽ غلاميءَ جي ذهنيت جي ڪٽ ڪرڙي پئي.

مجموعي طور تي ”مٽيءَ جا ماڻهو“ پنهنجي دور جي ڪامياب ترين سيريل هئي جنهن کي جيڪر ٻيهر ٻه ڏسجي ته روح تازو ٿي پوي ٿو. اجا ٻه ڪنهن اداري کي گهرجي ته ان کي ڇاپي ڪتابي صورت ۾ پڙهندڙن جي آڏو پيش ڪيو وڃي.

**دل جي دنيا:** هي ڊرامو پي ٽي وي ڪراچي سينٽر تان 2000ع ۾ نشر ٿيو هو. هي ڊرامو 13 قسطن تي مبني هو ۽ بيدل مسرور پيش ڪيو هو. ياد رهي ته ”دل جي دنيا“ نالي سان امر جليل جي هڪ يادگار رومانوي ڪهاڻي آهي، ساڳي ڪهاڻي جي عنوان سندس پهريون ڪهاڻين جو ڪتاب 1969ع ۾ شايع ٿيو هو. سيد يار محمد شاهه هن ڊرامي جو مرڪزي ڪردار هو. ان کان علاوه خالد مصطفيٰ تنيو، ظلِ هما، بينا، ريحانه اختر، انور سولنگي ۽ ٻيا شامل هئا.

جيتوڻيڪ ڊرامي ۾ مختلف موضوع شامل ڪيا ويا هئا پر ڊرامي جو مرڪزي خيال ڊرامي جي مرڪزي ڪردار (يار محمد شاهه) جي يادن تي مبني هو. سندس يادن ۽ سوچن ۾ پراسراريت هئي. هو اچانڪ ڳالهائيندي خاموش ٿي ويندو هو يا وري اڪيلو رستن تي نڪري پوندو هو ۽ يادن ۽ سوچن ۾ گم رهندو هو. پنهنجي اندر هڪ ”دل جي دنيا“ ٺاهي ورتي هئائين. هو هڪ فرم جو باس هو. سندس اڳين زال جو پٽ هن وٽ نوڪري ڪندو هو، پر پيءُ ۽ پٽ پنهنجي رشتي کان بي خبر هئا. سندن رشتي جو راز آخر ۾ فاش ٿئي ٿو، تڏهن سڀ رشتا هڪ ٻئي کان ڌار ٿي اڪيلا ٿي پون ٿا. هي ڊرامو رشتن جي جڙڻ ۽ ٽٽڻ جي ڪهاڻي آهي. هن ڊرامي رستي سنڌي سماج جي ڪيترن ئي مسئلن کي وائکو ڪيو ويو آهي. ”ساٿي“ نالي نوجوان ٻاهر ملڪ مان ائڊورٽائيزنگ جي تربيت وٺي آيو آهي ۽ سيد يار محمد شاهه جي اشتهارن واري ڪمپني ۾ ڪم ڪري ٿو. سندس آفيس ۾ ”ظِلِّ هما“ هڪ خوبصورت ڇوڪري آهي. ٻنهي جي پاڻ ۾ ويجهڙائپ آهي. سندس والد سندس والده ۽ هن کي جڏهن هو ڇهن مهينن جو هو ڇڏي هليو ويو هو.

سندس والده "ميران" هڪ جاگيردار گهراڻي سان تعلق رکندي هئي. يونيورسٽيءَ ۾ پڙهڻ دوران گهروارن جي رضامنديءَ کانسواءِ محبت جي شادي ڪري گهرڇڏي چڪي هئي. سندس والده تڪليفون سهي ڪاليج ۾ پروفيسر بڻي ۽ پٽ کي ٻاهران اعليٰ تعليم ڏياري ايئن.

مطلب ته امر جليل جي ڊرامن جا اڪثر موضوع سنڌ جي سماجي مسئلن ۽ قوميت جي جذبي تي ٻڌل هوندا آهن. هن سنڌي قوم جي روحاني، تهذيبي ۽ قومي امنگن ۽ سنڌ ڌرتي ۽ سنڌي ٻولي سان اٿل پيار ۽ محبت واري جذبي ۽ قوم لاءِ دل ۾ پيدا ٿيل قومي جذبي جي ترجماني پڻ ڪئي آهي. هن جي ڊرامن ۾ سنڌي ماڻهن جي بک،بيروزگاري، انهن سان ٿيل ڏاڍايون، ظلم ۽ انهن جون مصيبتون نفرتون عداوتون بيان ٿيل آهن. سندس ڊرامن ۾ لازوال محبتن جو ذڪر آهي جيڪي ظاهري طرح لاحاصل آهن پر دلي طور هميشه گڏ آهن، ان کان علاوه هن جي ڊرامن ۾ روز مره جي مسئلن کي به موضوع طور پيش ڪيو ويو آهي. سندس ڊرامي ۾ هڪ طنزيه ڪردار ضرور هوندو آهي جو مزاحيه انداز ۾ سماجي براين تي تنقيد ڪندو آهي.

## قمرشهباز (1938_2010ع)

قمرالدين "شهباز" ڀگهيو جو جنم نوابشاهه ۾ ٿيو. سندس شخصيت سنڌي ادب ۾ گهڻ رخي آهي، پاڻ ڪهاڻيڪار، شاعر، ڪالم نويس ۽ ڊراما نگار طور پاڻ مڃائي چڪو آهي. قمر شهباز جا ڪيترائي ڪتاب شايع ٿي چڪا آهن. پر قمر شهباز بنيادي طور تي هڪ مڪمل ڊرامانويس هو. هن ريڊيو ۽ ٽي.وي لاءِ ڪيترائي ڊراما لکيا. هو چوندو هو ته هن پروڊيوسرن جي پسند ۽ ضرورت کي نظر ۾ رکندي به ڊراما لکيا. مثال طور تي سٽ تي اگر ڏهه اداڪار موجود آهن ته انهيءَ وقت اهڙو ڊرامو تيار ڪندو هو جو اهي ڏهين اداڪار ان ڊرامي ۾ شامل ٿي وڃن. قمر شهباز مختلف وقتن تي ڪي ڊرئميٽڪ ڪلب به قائم ڪيا ته ڊرامن تي ليڪچر ۽ ورڪشاپ به ڪرايا. ڊرامي جي صنف سان سندس عشق هو. سندن ڊرامن جا ڪتاب به شامل ٿيل آهن ۽ ڪيترائي ڊراما اڃا تلاش ڪري شايع ڪري سگهجن ٿا.

قمر شهباز جي ڊرامن جو پهريون مجموعو ”واچوڙن ۾ لاٽ“ سنگم پبليڪيشن، ڪراچيءَ پاران 1987ع ۾ شايع ٿيو. هن مجموعي ۾ ڇهه ريڊيو ڊراما: ”واچوڙن ۾ لاٽ“ ، ”ڪاري“، ”قرض مرض فرض“، ”رشتا“، ”تنهنجو ڳالهيون سڄڻ“ ۽ ”مان ۽ منهنجو ساٿي“ شامل آهن ۽ ٽي ٽيليويزن ڊراما: ”راهون جدا جدا“ ، واري سندو ڪوٽ“ ۽ ”شڪست“ شامل آهن. هن مجموعي ۾ سيئي دلچسپ، تفريحي ۽ ڪل ٻوڳ جي موضوع تي لکيل ڊراما به آهن، ته انهن ۾ ٽريجڊي به آزهي. فرد، ڪٿي ٽٽن ٿا، ڪٿي جڙن ٿا، ڇانو ڇپر ڳولين ٿا، مايوسيون ۽ خوشيون سڀ ڊرامن ۾ موجود آهن.

قمر شهباز جي ڊرامن تي سندس ڪردارنگاري حاوي آهي. مثال طور ”رشتا“ جو ڪردار ، موسو بنهه ڳوٺاڻو آهي ۽ سندس شهر ۾ پڙهندڙ پٽ ماٽڪ ، جيڪو هن جي روح جي ڪل پونجي آهي، پر جڏهن سالن کان پوءِ ڳوٺ موٽي اچڻ وارو آهي، ته ريل گاڏي جي حادثي ۾ مري ٿو وڃي ۽ اها خبر جڏهن موسي ڪي پوي ٿي ته ڊرامي ۾ اهڙو موڙ اچي ٿو، جيڪو ڪنهن ڳوٺاڻي بدران شهري شهري ڪردار جي نفسيات ڪي وڏيڪ ويجهو آهي. موسو اسٽيشن تي ڇولا وڪڻدڙ يتيم ٻار رموءَ ڪي پنهنجي ماٽڪ جي جاءِ ڏئي ٿو. اهو انساني جذبو آهي ضرور، پر عام ڳوٺاڻي ماڻهوءَ جا جذبا سنئين واٽ وانگر ٿين ٿا، جن ۾ ور وڪڙ ٿين ئي ڪونه جذبن جي ايتري نفاست، ڪنهن ڏکهي عرصي مان نهندڙ وچولي طبقي جي شهري ماڻهوءَ جي نمائندگي ڪري ٿي. موسي جو هڪ اثرائتو جملو چيل آهي ته ”پٽ، اڄ اسان ٻئي يتيم ٿي ويا آهيون. اسان ڪي هڪ ٻئي جي سهاري جي ضرورت آهي. مان توکي ماٽڪ جو پيار ڏيندس ۽ تون مون ڪي اولاد جي آسيس ڏجانءِ“. (26)

سندس ”قرض فرض مرض“ مزاحيه انداز ۾ لکيل آهي. هونءَ مزاحيه ڊرامن جي اسان وٽ گهٽي کوٽ آهي. ”واچوڙن ۾ لاٽ“ يوسف ۽ شهزاديءَ جي پيار جي هڪ نئين انداز جي ڪهاڻي آهي، جنهن ۾ يوسف هڪ باهمت نوجوان جو ڪردار آهي، جيڪو پنهنجي مدد پاڻ ڪريو جي اصول تي هلڻ جو حامي آهي. ڳوٺ کي ٻوڏ جي خطري کان بچائڻ لاءِ يوسف ۽ ٻيا ڳوٺاڻا، بچاءَ بند ٻڌڻ جي رٿابندي ڪن ٿا. ان سلسلي ۾ جڏهن هو ڳوٺ جي رئيس کان گڏجي مدد جي گهُر ڪن ٿا ته رئيس

ڪين اهو چئي ٿاري ٿو ڇڏي ته رستا ۽ بند وغيره ٺاهڻ سرڪار جو ڪم آهي. موٽ ۾ يوسف جو اهو جملو ته ”وطن جي حفاظت هر شهريءَ جو فرض آهي. آزاد قومون امداد جو انتظار نه ڪنديون آهن.“ نهايت اثرائتو جملو آهي. سڀ ڳوٺاڻا گڏجي پنهنجي ڳوٺ واري حد آڏو بچاءَ بند ٺاهين ٿا. جڏهن ته رئيس جي وڏائيءَ ۽ سستيءَ سبب سندس ڳوٺ وارو حصو ٻڏي وڃي ٿو.

سندس ڊرامي ”ڪاري“ جي حوالي سان ڊاڪٽر غلام علي الانا لکي ٿو ته ”قمر شهباز ٻه سماجي مسئلن تي لکيو آهي. هن هڪ پراڻي انوکي ۽ سماجي موضوع کي ڊرامائي شڪل ڏني آهي. ”ڪاري“ عنوان واري ڊرامي ۾ سنڌ جي هڪ مثالي وڏيري جي ذهنيت ڏيکاريل آهي ۽ وڏيرو غريب ڪڙميءَ جي عزت تي وار ڪرڻ ڪان پوءِ ان جي ڌيءُ جنت کي ”ڪاري“ مشهور ڪرائي، پنهنجي ڪوٺ ۾ رکي ٿو.

نيٺ جنت (ڪاري) ماڙيءَ تان ٽپ ڏيئي هيٺ ڪري ٿي ۽ مري وڃي ٿي، پر وڏيري جي حويليءَ جي زينت بنجي مٽي رهڻ نه ٿي چاهي. اسان جي سماج ۾ صدين کان رواج آهي ته ”ڪاري“ سان ڪو به رشتو ناتو نه هوندو آهي، ۽ ڪاريءَ جي سزا موت هوندي آهي. انهن رسمن جي آڌار تي وڏيرو ظلم ڪرڻ جي جرئت ڪري ٿو. هي ڊرامو سنڌ جي وڏيرڪي ماحول جي چٽي تصوير آهي.“ (27)

قمر شهباز جي ڊرامن جو ٻيو مجموعو ”قمر شهباز جا ڊراما“ ، ثقافت کاتي پاران 2017ع ۾ شايع ٿيو. هن ڪتاب ۾ مختلف موضوعن تي قمر شهباز جا 10 ڊراما: ”قاتل ڪير“، ”محمد بن قاسم“، ”گلدستو“ (ٽي قسطون)، ”ٻيو گهاءُ“، ”پريت جي ريت“، ”مان ۽ منهنجو ساٿي“، ”پريت پراڻي گهاءُ نئون“، ”زخم زندگيءَ جا“، ”هينئڙو هيرڻ پن الا“، ۽ ”انڌيو اجالو“ شامل آهن. هن جي ڊرامن جي مجموعي ۾ سيئي دلچسپ، تفريحي ۽ ڪل ڀوڳ جي موضوع تي ڊراما شامل آهن، ته انهن ۾ ڪٿي خوشيون ته ڪٿي مايوسيون آهن. هنن ڊرامن مان اهو معلوم ٿئي ٿو ته سندس مڪالما تمام گهڻا سگهارا آهن.

قمر شهباز جو ڊرامو ”پاڇا ۽ پڙلاءُ“ هڪ ڪامياب تجربو رهيو. سڄو ڊرامو هڪ ڪردار تي مبني آهي. فقط هڪ ٻن هنڌن تي انهيءَ ڪردار جي محبوبه جو

روح ٿوري وقت لاءِ ڏيکاريو ويو آهي. قمر شهباز ”ڪهاڻي هڪ رات جي “ ڊرامو لکي هڪ ٻيو تجربو ڪيو جنهن ۾ ڪردارن ڪي ڳالهائيندي نه بلڪ مڪالما اوورليپ (Over lap) ڪندي ڏيکاريو ويو.

مطلب ته قمر شهباز جا ڊراما سنڌي سماج جا ڊراما آهن. قمر شهباز جا اڪثر ڊراما پنهنجي دؤر جا ڪامياب ڊراما آهن. قمر شهباز جي ڊرامن جون ڪهاڻيون سنڌ ڌرتيءَ جي دانهن آهن. هن سنڌ ۾ موجود بدعتن، جهڙوڪ: اقربا پروري، بداخلاقي، عياشي ۽ ملاوٽ جهڙن موضوعن تي لکيو آهي. ان کان علاوه وڏيرن ۽ پاٽاريدارن جي ظالماڻين ڪارواين ۽ ڌاڙيلن جي آزارن تان پردو کنيو آهي. اهڙي طرح پرماريت، بي اصولي سياست ۽ منافقت به هن جا موضوع رهيا آهن. سندس ڊرامن لاءِ هدايت آخوند موجب ”ڊراما به پنهنجي ڪهاڻين جيان اثرائتا ۽ ڀرپور لکندو آهي. زهريلا ۽ تکا جملا استعمال ڪندو آهي. ڊرامي يا ڪهاڻي جو انت اهڙي نموني آڻيندو آهي، جو بي اختيار واهه واهه نڪريو وڃي“. (28)

**ممتاز مرزا (1940– 1997ع)**

ممتاز مرزا جو اصل نالو توسل حسين هو، سندس والد مرزا گل حسين پڻ هڪ بهترين شاعر ۽ ڊرامانگار هو. ممتاز مرزا جو سنڌي ادب ۾ هڪ اوچو مقام آهي. پاڻ شاهه جو محقق، اعليٰ درجي جو سوانح نگار ۽ مشهور ڊراما نويس هو. سندس جنم ڳوٺ ٽنڊو آغا ضلعي حيدرآباد ۾ ٿيو. سنڌ جي ثقافت کي اجاگر ڪرڻ ۾ سندس تمام وڏو ڪردار آهي. پاڻ ڀٽ شاهه ثقافتي سينٽر تي ڊائريڪٽر جنرل جي حيثيت سان ڪم ڪيو. وفات تائين ڪلچر ڊپارٽمينٽ ۾ ڊائريڪٽر جنرل جي حيثيت سان خدمتون سرانجام ڏيندو رهيو.

مرزا صاحب 1962 کان 1971ع تائين ريڊيو پاڪستان حيدرآباد سان وابسته رهيو ان کان پوءِ PTV ڪراچي ٽي وي سينٽر تي اسڪرپٽ پروڊيوسر رهيو. جتي سنڌي ڊراما لکڻ سان گڏوگڏ ادبي پروگرامن جي ميزباني ڪيائون. مرزا صاحب جي ريڊيو ۽ ٽي وي سان ڪيتري ئي وقت تائين وابستگي رهي، ان حساب سان ريڊيائي ۽ ٽي وي ڊراما لکيائون جن جو تعداد گهٽ ۾ گهٽ ٽيهه ٿيندو. اهڙن ڊرامن ۾ اڪثر اصلوڪا، ڪي ترجما ۽ ڊراما تشڪيل آهن.مرزا

صاحب هونئن تہ هر موضوع تي ڊراما لکيا پر تاريخي. نيم تاريخي ۽ جاسوسي سندس پسند جا موضوع هئا.

ممتاز مرزا جا ڊراما سنڌ جي تاريخي واقعن، قومي مسئلن سماجي شعور پيدا ڪرڻ جي لحاظ کان بهترين آهن. سندس ڊراما سنڌي ادب جي تاريخ ۾ اهم جڳهہ والارين ٿا. هن ريديو لاءِ لکيو يا ٽي وي لاءِ لکيو، پر پنهنجو هڪ مقام حاصل ڪيو. سندس ڊراما اڄ بہ سنڌي عوام لاءِ اتساهہ پيدا ڪندڙ آهن. ممتاز مرزا جي ڊرامن جو مجموعو "آخري رات" زيب ادبي مرڪز، حيدرآباد پاران 1979ع ۾ شايع ٿيو. هن ڪتاب ۾ آيل ڊرامن جو تعارف مراد علي مرزا لکيو آهي، جنهن ۾ هن ٽي.وي ۽ ريديو ڊراما جي فني جوڙجڪ ۽ تاريخ ڪي بہ بهترين نمونو پيش ڪيو آهي. ممتاز مرزا جي ڊرامن ۾ "تعبير" (1963)، "سورج مکي" (1963)، "آخري رات" (1965) "موت کان پوءِ" (1965) "واٽون ۽ نيڻ" (1976)، "سي ئي جوڀن ڏينهن" (1967)، "پنرو بدام" (1968) "پڙاڏو سو سڏ" (1970)، "فيصلو" (1979)، "ستارن بنا رات" (1979) "اندر جنين اڏ"، "سچائيءَ جو عڪس" ۽ "سرءُ جو پن" قابل ذڪر آهن.

قومي تاريخي ناٽڪن ۾ " آخري رات" ممتاز مرزا جو شاهڪار ناٽڪ آهي. موهن جي دڙي جي تهذيب ۽ تباهي انهيءَ جو موضوع آهي. هن ۾ سنڌي قوميت کي اجاگر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. سندس "آخري رات" شاهڪار آهي جنهن کي ڪولمبيا براڊ ڪاسٽنگ طرفان ڪرايل عالمي مقابلي ۾ ٻيو نمبر قرار ڏنو ويو.

موئن جي دڙي جي انهيءَ پراسرار تهذيب جي پروڻين ۽ ڳجهارتن کي سلڻ ۽ سمجهڻ جي هڪڙي ڪوشش آخري رات ڊرامي ۾ ڪيل آهي. انهن ڪنڊرن مان لڌل نچڻي ((The Dancing Girl ۽ پروهت ((The Head Priest جي بوتن کي ممتاز مرزا هن ڊرامي ۾ هڪ نئين زندگي ڏئي، ٻڌندڙن کي وقت جي وهڪري ۾ تارينديو پنج هزار سال اڳ جي موئن جي دڙي ۾ وٺي هلي ٿو. رات جو وقت آهي ۽ شهر ۾ گهر گهر ڏيا ٻرن. گهٽين ۽ رستن تي رونق ۽ پيهہ پيهان آهي. هر طرف ٽهڪڙا ۽ خوشيون آهن، محفلون ۽ ڇيرن جا ڇمڪات آهن. اها رات

جنهن ۾ سڀ ڪجهه ٺيٺو هو. اهو سڀ ڪجهه جنهن جي جوتشيءَ کي اڳواٽ خبر آهي، جنهن جي لاءِ مها پروهت ورهين کان اوسيئڙي ۾ آهي ۽ جنهن گهڙيءَ پنهنجي اچڻ کان اڳ نرتڪيءَ جي من ۾ مونجهه پيدا ڪري ڇڏي آهي. پر ان گهڙيءَ اچڻ تي، ان وقت تي اُتر کان اچن وهٽن تي سوار وحشي اچن ٿا. رُڪ جو مينهن وسي ٿو. رت جون نديون وهن ٿيون ۽ باهه جون ڇپيون اٿن ٿيون. ڏسندي ئي ڏسندي پريل پڪيل شهر، قديم دنيا جي مهذب وستي خاڪ ۽ خون جو دڙو ٿي پوي ٿو. ڊرامو نيڪيءَ ۽ بديءَ جي تصادم (Conflict) مان جنم وٺي ٿو. ڊرامي ۾ حقيقت نگاريءَ، تخئيل ۽ فئنٽيسي ((Fantacy کي ملائي هڪ اهڙي فضا ٺاهي آهي جنهن مان ان قديم تهذيب جا پراسرار ڪردار علامتون بنجي اُڀرن ٿا. جوتشي وقت جي علامت آهي، جيڪو هميشه قائم ۽ دائم ٿو رهي. نرتڪي سونهن ۽ سادگيءَ جي علامت آهي، مها پروهت بديءَ جي علامت ۽ چندر سچ جي راهه جي پانڌيئڙي جي علامت آهي، جيڪو اڄ به شهريار جي روپ ۾ سچ جي ڳولا ۾ سرگردان آهي.

سندس **"واٽون ۽ نيڻ"** هي هڪ تاريخي ناٽڪ آهي، جنهن ۾ پورچوگيزن جي ٺٽي تي چڙهائي جي تباهيءَ جي ڪهاڻي پيش ڪيل آهي. 'واٽون ۽ نيڻ' جو مرڪزي خيال شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي سر سامونڊيءَ مان ورتل آهي. شاهه لطيف ان سر ۾ هڪ اهڙي وڻجاريءَ جي احساسن ۽ امنگن جي تصوير چٽي آهي. ڊرامي جو اهم واقعو امير عيسيٰ ترخان جي دور حڪومت ۾ ٺٽي تي پورچگيزن جو اوچتو حملو آهي. انهيءَ واقعي جي سببن ۽ نتيجن تي ڊرامي جي اوسر ٿئي ٿي. ڊرامي جا مرڪزي ڪردار سهجان ۽ سنڌيس پٽار ملوڪ آهن. امير عيسيٰ ترخان جي حڪم تي ملوڪ هن جي راڻيءَ لاءِ پرانهين ملڪ مان موتي آڻڻ جي هام هڻي سفر تي اُسهي ٿو. ڪيترائي مهينا لنگهي وڃن ٿا، پر هو واپس نه ٿو وري. سهجان هن جي اوسيئڙي ۽ انتظار ۾ ڳهرندي پئي وڃي. انهيءَ وچ ۾ ملوڪ موتي ڪٺي ملڪ ڏانهن موٽي ٿو. پر ٺٽي پهچڻ کان اڳ هن جي ٻيڙي پورچگيزن جي جنگي ٻيڙي جي گهيري ۾ اچي وڃي ٿي، جن کي امير عيسيٰ ترخان بکر جي حاڪم سلطان محمود جي بغاوت کي ٻنجي ڏيڻ ۾ مدد ڪرڻ لاءِ دعوت ڏئي گهرايو آهي.

هزارين بيگناهه انسان هنن جي ظلم جو شڪار ٿين ٿا ۽ ثقافت جي مرڪز ٺٽي ۾ هر طرف رت جا ريلا ۽ باهه جون ڄڀيون آهن. سهجان ملوڪ کي چوي ٿي:

”تون اهو نه آهين، اهو تون نه آهين جنهن جي لاءِ ايامن کان نيڻ وڇايو ويٺي آهيان! آءٌ انهيءَ جي واٽ پيئي نهاريان، جيڪو اوچتو ئي اوچتو مون کان وڇڙي ويو ۽ ............ مون کي ورهه جي وماس ۾ وجهي هليو ويو. هو ڪاري ڪيڙاؤ، موتين ميڙاؤ، وري واپس وطن تي واڳ واريندو! “

”تون پاڻ کي ملوڪ نه چئه. مون سيڪجهه پنهنجي اکين سان ڏٺو آهي..... تون ته انهن سان گڏجي ٻيڙي مان لٿو هئين جيڪي پاڻ سان باهه، رت ۽ موت کڻي آيا هئا.... ۽ منهنجي شهر جا ڪک ... گهڙي کن ۾ ڇا مان ڇا ٿي ويو! “.(29)

ممتاز مرزا سنڌيءَ جو پهريون اديب آهي، جنهن سنڌ جي مشهور تاريخي ڪردارن لاکو ڦلاڻو ۽ پنرو بدام جي ڪردارن کي ريڊيائي ناٽڪن ۾ پيش ڪيو. پنرو بدام ڪاڇي جو سرڪش سردار آهي. سمن جي حاڪم ڄام فيروز جي غلطيءَ ۽ بدگمانيءَ جي ڪري سنڌ جو وفادار ۽ وطن دوست جوڌو دريا خان شهيد ٿي چڪو آهي. هاڻي شاهه بيگ ارغون جي سموري لاڙ تي حڪمراني آهي. پر ڪاڇي جو سرڪش پنرو بدام هن جي ڪوڙڪي ۾ اڃان نه ٿو ڦاسي. نيٺ وقت اچي ٿو ۽ ڪاڇي مان پنري جي غيرحاضريءَ جو فائدو وٺي، ارغون لشڪر هن جي ڪوٽ تي حملو ڪري قبضو ڪري ٿو ۽ مال غنيمت سان گڏ پنري جي لڄ سونل کي به زوريءَ پاڻ سان وٺي وڃي ٿو. اهو هن ڊرامي جو مرڪزي واقعو آهي. سونل جي وفاداري ۽ فرض شناسي ۽ پنري جي همت ۽ بهادريءَ جا واقعا، سونل مارئي جي قائم ڪيل روايتن جي امين آهي. هوءَ ارغون سردار جي هر لالچ کي ٺڏي پنهنجي لوئيءَ جي لَڄ رکي ٿي. ارغون سردار بنديخاني ۾ سونل کي لالچائي ٿو:

”اٺ، اجايو روئڻ ۽ ڦٿڪڻ ڇڏ. حياتيءَ جون جيڪي خوشيون ملن ٿيون، اهي حاصل ڪر... هي سون هيرا، ويس وڳا پهرين منهنجي دل جي دنيا ۾ اچي آباد ٿي. سچ ٿو چوان تون کي فقط خوشيون ملنديون، فقط خوشيون...... “

پر سونل مارئي وانگر ارادي جي پختي ۽ قول جي سچي آهي. هوءَ امير کي چوي ٿي:

”اي اميرا اها ريت اسان ۾ ڪانهي جو سون تي سيڻ مٽايون. اسين مارئي جي وطن جون ڇايون آهيون، توهان جهڙا سوين هزارين عمر ايندا ۽ پنهنجي سون، مَين، مالن ۽ ملڪيتن جي ڏچ پسائي هرڪائيندا، پر اسان وٽ اها ڳالهه مهڻو آهي.“ (30)

پنرو پنهنجيءَ لڄ ڪي دشمن جي قبضي مان ڇڏائي ويو، پر پنهنجي وطن جون واڳون انهن هٿن مان ڇني نه سگهيو جن ۾ قبيل تيز ترارون ٺٽي ۽ اوسي پاسي جي علائقن تي پوءِ به گهڻي وقت تائين چمڪنديون رهيون. پنري بدام جي ڪردار جو اهوئي الميو (Tragedy) آهي جنهنڪي ممتاز مرزا هن ڊرامي ۾ ظاهر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

ممتاز مرزا سنڌ جو پهريون ڊرامانگار هو، جنهن سنڌ جي تاريخي ڪردار ”لاکو ڦلاڻي“ ڪي بهريديائي ناٽڪ ۾ پيش ڪيو. لاکو ڦلاڻي سنڌ جي جاگيرداري عهد جو هڪ مثالي نمائندو آهي. جنهن جي وعدي وفائي، سورهيائي، سخاوت، همت ۽ جوانمردي، آئي جو آڌرڀاءُ، عورت جي عزت ۽ احترام، مظلوم ۽ محتاج جي امداد، ٻارن ۽ ٻڍن جي پرگهور، ارادي جي پختگي، ڪمزور دشمن کي بخش ڪرڻ ۽ قومي دشمن کان ويرونڻ، دوستيءَ جي لڄ رکڻ تي هن ڊرامي جي پلاٽ کي ترتيب ڏنو آهي، جنهن جي ڪري لاکي جي ڪردار جي دلڪشي ۽ دلفريبي چڱيءَ طرح اُڀري ظاهر ٿي آهي. هو پنهنجن ساٿين کي ٻڌائي ٿو:

”انجام کي پاڻي ڏيڻ کان ڪوبه شريف ۽ بهادر ڪونه ڪيٻائيندو. انهيءَ ڪم جي پورائي لاءِ جيڪڏهن مون کي پنهنجي جان به قربان ڪرڻي پئي ته مون کي افسوس نه ٿيندو.“

”اوهين سڀئي شاهد رهجو ته لاکي وٽ پنهنجي انجام جي ڪيڏي نه عزت آهي. اوهان وقت اچڻ تي پنهنجن ٻارن کي ٻڌائجو ته لاکو جيترو جنگ جي ميدان ۾ سورهيه هو اوتروئي پنهنجي وعدي پارڻ ۾ سخي.“ (31)

ممتاز مرزا سنڌ جي هڪ ٻئي تاريخي ڪردار ”دريا خان“ کي ريڊيائي ناٽڪ ۾ پيش ڪيو ۽ سندس ڪردار کي جيئرو جاڳندو ڪري پيش ڪري ثابت ڪيو ته سنڌ جا سرواڻ ۽ سورهيه ڪيترا بي باڪ ۽ دلير هوندا هئا.

**"پڙاڏو سو سڏ"** نفسياتي موضوع تي لکيل ڊرامو آهي. هن ڊرامي ۾ ڪردارن صادق ۽ نازنين جي داخلي ڪردار نگاريءَ جو موقعو آهي. صادق هڪ فنڪار آهي، جنهن پاڻ مڪمل ڪرڻ جي جذبي هيٺ فلمي دنيا ۾ پاڻ ڪي شهرت جي اوج تي پهچايو آهي. هو پنهنجي شخصيت جو پاڻ پوڄاري ٿي پوي ٿو. هن پنهنجي وجود جي چوڌاري اَنا (Ego)جي اهڙي ته مضبوط ڄار اڻي آهي، جنهن کي ڪوشش ڪان پوءِ به ٽوڙي، ان مان ٻاهر نڪري اچڻ جي همت نه ٿو ساري سگهي. هو انهيءَ ڄار ۾ پوريءَ طرح وڪوڙجي سوگهو ٿي پيو آهي. هن جو اصل نالو سليمان آهي، پر هن کي پنهنجي شهرت واري نالي صادق سان پيار آهي، اهو صادق جيڪو فنڪار آهي.

سندس **"ماءُ ۽ محبت"** معاشرتي موضوع تي لکيل آهي. سندس ڊرامن "ستارن بنا رات"، "فيصلو" ۽ "اندر جنين اڌ" ۾ رومانوي پهلوءَ سان گڏ تجسس جو عنصر به شامل آهي. هن مشهور ڪهاڻيڪار مرزا نادر بيگ جي ڪهاڻي "موهني جي شادي" کي ممتاز مرزا هڪ دفعو ٻيهر لکيو ۽ "فيصلو" جو عنوان ڏنو. هن ۾ هڪ عورت جي نفسيات کي نهايت فنڪارانه انداز سان پيش ڪيو آهي. سندس ڊرامو "سرءَ جو پن" بانو قدسيه جي پنجابي ڊرامي جو ترجمو هو.

پنهنجن ڊرامن تي تبصرو ڪندي مرزا صاحب لکيو هو ته "پنهنجي تحريرن بابت فقط ايترو چوندس ته مون سنڌ جي تاريخ کي پنهنجن ڊرامن جو مرڪز بنايو آهي. مون انهن ۾ تاريخي حوالن سان سنڌ جي عام ماڻهن کي ڪردار طور منتخب ڪيو آهي ۽ اهو واضح ڪرڻ گهريو اٿم ته هڪ ماڻهو پنهنجي سماجي، سياسي ۽ معاشي پسمنظر ڪان ڪيئن متاثر ٿئي ٿو ۽ ڪهڙن جذبن تحت انهن حالتن جو فيصلو ڪري ٿو سنڌ جي تاريخ جو قصيده گوئي مان ڪو خيال ۽ ڪو نقطو يا فڪر مليو آهي ته ان ۾ سنڌ جي ماڻهن جي همت، محبت ۽ جفاڪشي جا اهڃاڻ ڏنا اٿم ۽ اهي منهنجي هن ڊرامي جا خاص خيال آهن." (32)

## مراد علي مرزا (1929_2011ع)

مراد علي مرزا ولد مرزا مهر علي بيگ جنم ٽنڊو آغا اسماعيل شاهه ضلعي حيدرآباد ۾ ٿيو. هو سنڌ جو مشهور ڪهاڻيڪار، نقاد، ترجما نگار ۽ ڊراما نويس

هو . هو ريڊيو پاڪستان سان وابسته رهيو ۽ ڪيترن ئي شهرن ۾ خدمتون سرانجام ڏنائين. سندس ڪيترائي ڪتاب شايع ٿي چڪا آهن .مراد علي مرزا اسٽيج، ريڊيو ۽ ٽي وي لاءِ ڪيترائي ڊراما لکيا آهن جن ۾ هن جا موضوع سماجي مسئلا، گهرو زندگي، نفسياتي مونجهارا آهن. سندس اسٽيج ڊرامن ۾ ”ويهن ورهين ڪان پوءِ“ ۽ ” لهرين لڪ لباس“، ريڊيو ڊرامن ۾ ”قيد خانو“، ”زنجير“، ”چوراهو“، ”اداس پاڇا“، ”بيگاري ڪئمپ“ ۽ ٽي وي ڊرامن ۾ ”اداس پاڇا“ (1970 ع)،”ناسور“ (1971 ع)، ”زندگيءَ جو سفر“ (1974 ع)، ”گناهگار“ (1975 ع) ” کهاڙو ۽ ڪنڌ“ (1975 ع)، ”اجرو من“ (1978 ع)، ”صحرا ۾ پهول کهلي“ (هوشو شيديءَ بابت 1991 ع)، ”سئن هنيائون سچ ۾ “ ۽ ڪي ٻيا شامل آهن. پاڻ ڪجهه ڊراما ترجمو به ڪيا آهن.

مراد علي مرزا ، مصري اديب توفيق الحڪم جي سڀ کان وڌيڪ مشهور ڊرامي The Sultan Dilemma جو ترجمو ”مونجهارو“، جي نالي سان ڪيو، جيڪو 1977 ع ۾ سنڌي اديبن جي سهڪاري سنگت پاران شايع ٿيو هو ۽ تمام گهڻو مشهور ٿيو. هن ترجمي کي محمد ابراهيم جويي به پنهنجي نظر مان ڪڍيو هو. هن ڊرامي ۾ مصر جي وچولي دور جي هڪ سلطان جي تاريخي ڪهاڻي ڏنل آهي، جنهن جي زندگيءَ ۾ ان وقت مونجهارو اچي ٿو، جڏهن ڪيس فيصلو ڪرڻو آهي ته ”اهو مسئلو قانون مطابق حل ٿيندو يا تلوار وسيلي حل ٿيندو“. ڊرامي جي شروعات هڪ مجرم (غلام واپاري) کي پيش ڪرڻ سان ٿئي، جنهن کي موت جي سزا مليل آهي. هن تي الزام اهو هو ته هن مارڪيٽ ۾ هلايو ته حاڪم خود هڪ غلام آهي. ان لازم تحت بغير ڪنهن شنوائيءَ جي ڪيس سزا موت ٻڌائي وئي، جنهن جي اپيل جي سلسلي ۾ ڪيس سلطان وٽ پيش ڪيو ويو هو. دراصل، هڪ عورت، سازش ڪري، سلطان کي بدنام ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي، جيڪا آخر ۾ ناڪام ٿئي ٿي. مراد علي مرزا صاحب شاندار نموني، ڊرامي جو ترجمو ڪيو آهي.

هي توفيق الحڪيم جي هڪ ننڍي ڊرامي جو ترجمو آهي، جيڪو نالي واري مترجم مراد علي مرزا صاحب ترجمو جو ترجمو ڪيل آهي ۽ ماهوار سرتيون،

جنوري 1996ع واري شماري ۾ شايع ٿيل آهي. هي هڪ سماجي ڊرامو آهي، جنهن ۾ انشورنس ايجنٽ، هڪ مڙس، زال ۽ هڪ ڇوڪريءَ جا ڪردار آهن. هڪ وچولي گهراڻي جو گهر، جنهن ۾ زال ۽ مڙس رهن ٿا. گهر سادو پر سٺيءَ طرح سينگاريل آهي. ڪمري جي وچ ۾ هڪ ميز تي بريف ڪيس پيو آهي. ان مان ويمي جو ايجنٽ ڪي ڪاغذ ڪڍي ٿو پوءِ وري هڪ پين ڪڍي ان کي چمي ڏئي ٿو ۽ اها مڙس کي ڏيندي چوي ٿو.)

ايجنٽ: اوهان مهرباني ڪري منهنجيءَ هن پين سان هت صحيح ڪريو، هيءَ ڏاڍي سدوري پين آهي. اتفاق ڏسو ته اوهان جي صحي ڪرڻ کان پوءِ هن پين سان هن وقت تائين هڪ هزار پاليسيون صحي ٿي چڪيون هونديون.

مڙس: ڇئبو ته منهنجي مرڻ کان پوءِ منهنجيءَ زال کي اڌ لک کن رپيا ملي ويندا.

ايجنٽ: (چپٽي وڄائيندي): هڪدم سائين." [33]

سندس ڊرامي **"اجرومن"** ۾ هڪ ايماندار محنتي هيڊماستر ڏيکاريو ويو آهي. هو جوان ڌيءَ جي شاديءَ لاءِ قرض وٺي ٿو. اهي پئسا چور ڪٽي پئي ويو، جو هو زخمي ٿي پڪڙجي پيو. هيڊماستر نه صرف ان کي معاف ڪيو پر سندس ملم پٽي به ڪري ٿو.

مراد علي مرزا جو ريڊيائي ڊرامو "زنجير" هڪ سماجي ڊرامو آهي، جنهن ۾ گهرو جيوت جو نقشو پيش ڪيو ويو آهي. هن ڊرامي ۾ هڪ پوڙهي کي ان ڪردار ۾ پيش ڪيو ويو آهي، جو شاديءَ کان پوءِ هڪ پٽ جي پيءُ هوندي به پنهنجي سلڇڻي زال هوندي به، ڪنهن ٻيءَ عورت وٽ اچ وڃ شروع ڪري ٿو ۽ هو رات جو دير تائين ان عورت وٽ رهي، پنهنجي گهر تمام دير سان ايندو آهي. سندس زال سڄيون سڄيون راتيون سندس انتظار ۾ ويهي گذاري ٿي؛ سندس پٽ به انهيءَ انتظار ۾ جاڳندو رهي ٿو ته سندس بابو ايندو ۽ کيس شهزادي واري ڪهاڻي ٻڌائيندو.هڪ رات هو ڪافي دير سان موٽي ٿو. سندس زال، جا مڙس جي عادتن مان هاڻ اچي تنگ ٿي هئي، سا ساڻس جهيڙو ڪري ٿي. هو بکايل آهي ۽ ماني گهري ٿو. سندس زال ڪاوڙ وچان کيس ماني نٿي ڏئي ۽ طعنو ٿي ڏئيس ته هُن رن ماني نه کارايئي؟ مڙس کي غصو ٿو اچي ۽ ڪاوڙ وچان گهر، زال ۽ ننڍڙي پٽ

رشيد کي ڇڏي هليو ويو هو. ڪجهه عرصي کان پوءِ اها عورت وفات ڪري وئي هئي. هن ڊرامي ۾ مرزا صاحب ان پوڙهي ۽ سندس پٽ (رشيد) جي وچ ۾ گفتگو مان پنهنجو مقصد ظاهر ڪرايو آهي، جو هن طرح آهي:

پوڙهو آئون انهي شخص کي پنهنجو پٽ چوندي شرم محسوس ٿو ڪريان، جيڪو پنهنجي عزت ۽ ناموس کي وچ بازار ۾ ٺوڪرون هڻندو ٿو وتي. ڇا توکي انهيءَ ڳالهه جو احساس ٿئي ٿو.

رشيد: (ٺهڪ ڏيندي) توهان کي عزت ۽ ناموس جو سخت احساس آهي، (ٺهڪ ڏئي ٿو). اوهان عزت ۽ ناموس جي قبا پهري دنيا وارن کي ته دوکو ڏيئي سگهو ٿا، پر مون کي فريب نٿا ڏيئي سگهو. منهنجي اکين اڳيان اوهان جي شخصيت هميشه بي نقاب رهندي". (34)

هن جا ڊراما"چوراهو" ۽ "بيگار"۾ ڪردارن جي نفسياتي اپٽار ڪئي وئي آهي. مجموعي طور تي مراد علي مرزا سنڌي ٻوليءَ جو هڪ بهترين ڊرامانويس آهي، جنهن سنڌ جي ثقافت، ۽ معاشري کي سامهون رکي ڊراما لکيا آهن.

## علي بابا (1945_2016ع)

علي بابا جو پورو نالو علي محمد ولد محمد رمضان بلوچ آهي. سندس جنم ڪوٽڙي ضلعي ڄامشورو ۾ ٿيو. هو ڊراما نويس، ناول نگار ۽ افسانه نگاري ۾ پنهنجي حيثيت مڃرائي چڪو آهي. سندس ڪيترائي ڪهاڻين جا ۽ ناولن ڪتاب شايع ٿي چڪا آهن. علي بابا اسٽيج، ريڊيو ۽ ٽي وي لاءِ ڪيترائي ڊراما لکيا آهن. جن مان اڪثر ڊرامن کي شهرت حاصل ٿي آهي. علي بابا کي ڊراما لکڻ جو وڏو ڏانءُ آهي. هن جي ڊرامن جي وڏي ڪاميابي اها آهي ته هن طبقاتي ڪشمڪش کي اثرائتي نموني پيش ڪيو آهي. اهڙي طرح سندس ڊرامن جي ٻي خوبي اها آهي، انهن ۾ سنڌ جي تاريخ، ثقافت ۽ خوبصورت ٻوليءَ جو استعمال ٿيل هوندو آهي.

علي بابا پنهنجي ڪهاڻي "هي جيون هي سپنا" خود ڊرامائي تشڪيل ڪرائي پيش ڪئي هئي، جنهن ۾ غزاله رفيق قربان جيلاني ۽ قيصر نقوي مکيه ڪردار ادا ڪيا. هي ڊرامو پسند ڪيو ويو هو. علي بابا جو ڊرامو "ڪارونجهر جي

ڪور" تڙ ۾ واقع ڪارونجهر جبل ۽ ٿر جي سماجي، اقتصادي ۽ تهذيبي زندگيءَ تي مبني آهي. علي بابا جو "چنڊ ۽ ماني" پڻ شاهڪار ڊرامو سمجهيو وڃي ٿو. موضوع جي لحاظ کان هڪ بهترين ڊرامو آهي

1976ع ۾ جرمني جي ميونخ شهر ۾ عالمي ٽيليويزن ڊراما فيسٽيول ۾ علي بابا جي مشهور ڊرامي "دنگي منجهه درياهه" کي ٽيون انعام مليو هو. اهو ڊرامو نيشنل سرڪٽ تي ٽيلڪاسٽ ٿيل پهريون سنڌي ڊرامو آهي. هارين کان پوءِ سنڌ جي هڪ وڏي پورهيت طبقي يعني مهاڻن جو هن ڊرامي ۾ امٽ چٽ آهي. هن ڊرامي ۾ ڪشمور کان ڪيٽي بندر تائين ڦهليل اجهاڳ دريائي جيون جو نقشو آهي. هن ڊرامي ۾ سنڌي سماج جي هڪ خاص طبقي مهاڻن ۽ درياءَ تي گذر ڪندڙن جي ٻولي، مزاج ۽ اٿي ويهڻي، طور طريقي کي جيئن جو تيئن پيش ڪيو ويو آهي.

سندس ڊرامن جي هڪ خوبي اها به آهي ته هو ماحول مطابق مڪالما پيش ڪري ٿو. مثال طور "دنگي منجهه درياءَ" ۾ هن ملاحن جي زندگي ۽ پيشي کي پيش ڪندي سندن درياءَ سان اڪير کي نهايت ئي سهڻي نموني پيش ڪيو آهي. ڊراما ۽ ماحول مطابق ٺهڪندڙ مڪالما ۽ انساني زندگي جي اوچ نيچ ۽ معاشي ناهمواري جو نقش ڊرامي کي ڪنيون بيٺو آهي. مثال طور ڪئمرا رات جو انڌوڪار ۾ درياهه جو ڏڪ پيش ڪري ٿي. رات جي انڌوڪار ۾ درياهه مٿان، پري پري کان ڇڊيون پاڇاڊيون ٻيڙيون جهلنديون ٿيون نظر آيون.

نئين روشنيءَ جا تڙڪا لهرن تي پوندا نچندا تا رهن. ڪئمرا "Zoom" ڪري هڪ ٻيڙيءَ کي ويجهو کان فوڪس ۾ آڻي ٿي. ٻيڙيءَ جي لالٽين جي روشنيءَ ۾ ڄارجا تنيا ۽ ترها ، گول دائري ۾ پري پري تائين لهرن مٿان نانگ جيان ورهٽندا تا وڃن. ٻيڙي ڇولين مٿان لڏندي لمندي تي وڃي. "ڏاٽو" ۽ "ڏانڊي" وچ ۾ بيٺا رڇ ڇڏيندا تا نظر اچن.

"ساماٽو" چوڏهن سالن جو سگهارو پٽ پاڇيل تي سکان سنڀاليو ويٺو آهي. ٻيڙيءَ جي وچ ۾ پنجن سالن جي ڇوڪري ۽ ڏيڍ سال جو ننڍڙو ڇوڪرو رليءَ مٿان ننڊ ۾ الوٽ نظر اچن تا. ڪئمرا ڄار ڇڪيندڙ ڏانڊيءَ ڪندي ڏاٽو تي اچي ٿي.

ڏاٽو جي سانت ڇهري تي ڪجهه ڪشٽ ۽ ڪاوڙ آهي. سندس نظر پاڻيءَ

مان نڪرندڙ چار ۾ آهي.

(ڪنڌ ڪي ڌوڻ ڏئي درياهه ۾ نهاريندي)

ڏاڏو: "واهه ڙي درياهه شاهه. واهه. ڪٿو آهين تہ سچيون ڪر. پنج ماڻهو ٽي روپيا بہ نہ لهڻون چا."

(ڪئمرا اڳي مٿان چار چڪيندڙ ڀانديءَ تي اچي ٿي. هوڪن لاءِ هٿ ڪٽي وري چار چڪڻ لڳي ٿو ڪشت مان)

ڏاڏو: "بلير. رات ڪتي وئي. درياهه مان جڻ تہ مڇيون موڪلائي ويون. ڀهڙو ڀاڙي تہ درياهه ڪڏهن ڪين ٿيو."

(چار چڪيندي زال ڏانهن نهاري )

ڀاندي: "رن ڳالهائين ڪيئن ٿي. درياهه نہ. اسان جو ڀاڳ ڦٽو آ."

(ڪشت مان چپرن سان تڪو ٿيندي)

ڏاڏو: "ڀاڳ"

ڀاندي: "پيو چا؟ اڙي ڪڏهن دريا تي اڪاپائتي. ڏيٺا موهيٽي. ڪڏهن ڪا ماني مروٽي درياهه جي ڪا چاڪري ڪيئي؟ هاڻ ڪڳن ڪان بہ اتئي اگوتو."

(چڙندي)

ڏاڏو: "درياهه شاهه بہ آهي مڏيءَ جو مرچوٽ منشي جو جيسين رشو نہ وٺي تيسين سنوت نہ ڏي. مت اڙهي اتئي مت."

(ڪئمرا پٽ تي اچي ٿي. جو ماءُ پيءُ جي پنيان چار جهليو بيٺو آهي)

ساماڻو: "اڙي بابا. تون رچ چڪ. هنن زائفائن جو اوجهه پرڻو ڪينهين. هنن ڪي تہ ڪپن ڪڳل."

(پٽ ڏانهن اڪيون ڦوٽاري جولان مان نهاري)

ڏاڏو: "هان تہ . . . . . . آءُ زائفان آهيان؟

(مڙس ڏي نهاري)

"اڙي. ٻڌين پيو. اهو آڳوني جيڏو چورو ڳالهائي ڪينئين پيو."

ڀاندي: "زائفان ناهين تہ چا تون اسان لاءِ مڙساڙو ٿين؟". . . . . . . . . . ."(35)

هن ڊرامي جي سين نمبر 1 ۾ نمايان ڪردار ڀاندي، ڏاڏو ۽ ساماڻي جا آهن.

علي بابا جو ٻيو شاهڪار ”ٻاليشاهي“ هڪ اهڙي قبيلي جي ڪهاڻي آهي، جيڪي مئل جانور جو گوشت کائن ٿا ۽ اهي اڇوت سمجهيا وڃن ٿا. جڏهن به ڪوئي جانور مري ٿو ته ننگا، پيٽ بکيا ۽ بدبودار انسان جشن ملهائن ٿا. انهن ماڻهن جو اڪثر نگاهون هوا ۾ اڏامندڙ ڳجهن ۾ رهن ٿيون. علي بابا هن ڊرامي ۾ اسان جي روشن مهذب معاشري جي منهن تي چماٽ هنئي آهي ۽ بي رحم حقيقت جي نشاندهي ڪئي آهي. هن ڊرامي بابت هدايت آخوند لکيو آهي ته ”منهجي نظر ۾ سندس ڊرامو ”ٻاليشاهي“ پڻ هڪ عظيم ڪاوش آهي، جن ڏٺو هوندو وساري نه سگهندا“.(36) هن ڊرامي ۾، انهن ٻاليشاهن ۾ هڪ اهڙو نوجوان آهي، جيڪو مئل جانور جو گوشت نه ٿو کائڻ پسند ڪري، ۽ مڪروهه زندگيءَ مان نڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو.

علي بابا، نسيم ڪرل جي ڪهاڻي کي محترم علي بابا ڊرامائي روپ ڏنو آهي. هن ڊرامي ۾ ڏيکاريو ويو آهي ته سنڌ جي ٻهراڙيءَ جي سماج ۾ هڪ عام ڳوٺاڻي وٽ ڪي دوست مهمان ٿي اچن ٿا. مانيءَ مهل ڪير جي قلت سبب هو حجت ڪري ميزبان کي طعنو ٿا ڏين ته پٽهين تو جهڙو نه ٿيو. چوري ڪري اچي ها، تڏهن به تو وٽ ڪير جي کوٽ نه هجي ها. پٽ جي موٽي واپس اچڻ تي پيءُ (عنايت) پنهنجي پٽ (ماڻڪ) کي سربستي ڳالهه ٻڌائي ٿو. پٽ خارن مان، ان آيل مهمان ۽ سندس پيءُ جي گهاٽي دوست سنجر جي مينهن چوري ڪري اچي ٿو. سنجر ۽ ساٿي اچي ٿا عنايت ۽ ماڻڪ جي اوطاق تي ڪڙڪن. پر ماڻڪ پهرين مراد (پهرين چوري) ڪنهن به قيمت تي واپس نٿو ڪري. سنڌ ۾ خاص طور ٻهراڙين ۾ چوري ڪري مال ڪائي ڪپائي ڇڏڻ مڙس ماڻهوءَ جي علامت آهي. ڪنهن نوجوان پٽڪي ور ٻڌڻ کان پوءِ جيڪڏهن ڪا چوري نه ڪئي ۽ چوري ڪيل مال ڳارڻ ۾ ڪامياب نه ٿيو ته ان کي مڙس ماڻهو نه سمجهيو ويندو آهي. چورن ۾ به وري طبقا آهن. هڪڙا ٻشني يعني ڳنديوڙ. ٻيا ٻڪرين جا چور، ٽيان مال جا چور، چوٿان ڪاٽ هڻندڙ ۽ پنجان ڌاڙا هڻندڙ ڌاڙيل ۽ رهزن. آخري طبقي وارا ٻين چورن جي نظر ۾ عظمت وارا ليکيا ويندا آهن. هن ڊرامي ۾ اهو ڏيکاريل آهي ته ماڻڪ جوان اچي ٿيو آهي، پر چوري ڪرڻ نه سکيو آهي، ته اهو جوان وري ڪهڙو!

اهڙي طرح علي بابا جي ڊرامي ”عڪس ۽ اولڙا“ کي پي ٽي وي جو ايوارڊ ملي چڪو آهي. علي بابا جي ٻين ڊرامن ۾ ”تموچن“، ”رڻ جا راهي“، ”موکي ۽ متارا“، ”عاشق زهر پياڪ“، ”موتئي جهڙو من“، ”هيڪڙ جنڊڙي“، ”روپ ٻهروپ“، ”روشن تارا“، ”پرين ۽ پيچرا“، ”سو روپيه نوٽ“،”هي جيون هي سپنا“، ”لهرون لس ليت“، ”شيشي جو گهر“، ”گلن واري چوڪري“ ۽ ٻيا ڪيترائي شامل آهن. سال 2004ع ۾ علي بابا جو خوبند خوشخالاڻي جي ناول ”هڪ دفعو وري“ کي ”نيتا“ جي عنوان سان ڊرامائي صورت ڏيئي ”سنڌ ٽي وي“ تان پيش ڪيو. هندو ماحول جي پسمنظر ۾ هي شاندار ڊرامو هو، جنهن کي تمام پسند ڪيو ويو.

علي بابا جي ڊرامن جي عنوان مان خبر پوي ٿي ته هن هر موضوع تي لکيو، تاريخي، رومانوي داستان، سماجي مسئلن، گهريلو زندگي، طبقاتي ڪشمڪش وغيره.

## عبدالڪريم بلوچ (1939 – 2008ع)

عبدالڪريم بلوچ ولد بچايو خان رند بلوچ جو جنم ڪوٽڙي ريلوي اسٽيشن جي پرسان ڳوٺ محمد يوسف بلوچ ٿيو. پاڻ ريڊيو ۽ ٽي وي جي دنيا جي معروف شخصيت آهي. 1967ع ۾ بلوچ صاحب ٽيليويزن پروڊيوسر بڻيو. سنڌي ڊرامي کي ٽي.وي وسيلي عام ڪرڻ ۾ عبدالڪريم بلوچ جو تمام وڏو ڪردار آهي. امرجليل ۽ شمشير سميت ڪيترائي ڊرامانويس بلوچ صاحب متعارف ڪيا. ان سلسلي ۾ هدايت آخوند صاحب لکي ٿو ته ”سنڌي ٽي وي ڊراما جو بنياد وجهندڙ ترقي جي راهه تي وٺي وڃڻ واري مهندار جون ٽي وي ڊراما لاءِ سندس ڪوششون ۽ خدمتون ڪڏهن به وساري نه ٿيون سگهجن! پاڻ ٽي وي ڊراما به تحرير ڪيا اٿس. ”بئنسر ادل جي“ ۽ ”پرچائڻ وارو“ ٻئي مزاحيه ڊراما تمام گهڻو مقبول ٿيا. بئنسر ادل جي“ سنڌ جي ٻار ٻار تائين ٻڌي مردن توڙي زالن ڏاڍي شوق سان ڏٺو“.[37]

بلوچ صاحب شروع ۾ 1965ع ۾ حيدرآباد ريڊيو اسٽيشن تي پروڊيوسر مقرر ٿيو. هتي رهي هن ڪيترائي ريڊيو لاءِ شاندار ڊراما لکيا، جن ۾ ”تندڪتارو ڪنڌ“ (1968)، ”جوڳي“ (1970) ۽ ”عيدن جي عيد“ (1970) اهم آهن. هنن ۾ ”تند ڪتارو ڪنڌ“ مشهور سورٺ راءِ ڏياچ داستان تي ٻڌل هو. باقي ٻئي ڊراما

سماجي موضوعن تي هئا.

سندس ٻين ٽي وي ڊرامن ۾ ”جوڳي تي جهڙاءُ“، ”روح جا رشتا“، ”مهمان“ ”ڪاش ائين هجي ها“ ۽ ”انڪوائري آفيسر“ (ڊرامائي تشڪيل) اهم آهن. هنن ڊرامن ۾ بلوچ صاحب جو انڪوائري آفيسر اهم آهي. هي ڊرامو مشهور روسي اديب گوگول جي ڪهاڻي ڪي انڪوائري آفيسر جي عنوان سان مرزا قليچ بيگ ترجمو ڪيو. بلوچ صاحب ان ڊرامي کي تشڪيل ڏئي خود پيش ڪيو.

**چنا شبير ”ناز“ (1936_2007ع)**

چنا شبير ناز جو اصلي نالو شبير احمد ولد عبدالستار چنا آهي، پر ادبي دنيا ۾ شبير ناز جي نالي سان سڃاتو وڃي ٿو. سندس جنم شڪارپور ۾ ٿيو. چنا شبير ناز اسٽيج ۽ ريڊيو لاءِ ڪيترائي ڊراما تحرير ڪيا آهن. نه صرف ايترو پر ڊرامي جي فن تي به مضمون لکيائين. 1958ع کان 1974ع تائين پنهنجي اشاعتي اداري ”سنڌي ڊراما پبليڪيشن شڪارپور“ طرفان ڪيترائي ڊراما شايع ڪيائين. چنا شبير ناز ٽيليويزن پروڊيوسر به ٿيو

سندس ڊرامن جا موضوع سماجي ۽ اصلاحي سڌاءَ وارا آهن. ان کان علاوه جاسوسي، تاريخي ۽ نيم تاريخي موضوعن تي پڻ سنگيت ڊراما لکيا اٿائين. سندس مشهور ڊرامو ”ڪلندي ڪلندي مري ويو“ (1958)، چيخوف جي ڊرامي جو ترجمو هو. سندس ٻين ڊرامن ۾ ”نئون صبح“ (1959)، ”انقلاب“ (1955) ”سڃا سيج پلنگ“ (1964)، ”دريا خان“ (1965)، ”فراق جي وادي“ (1965)، ”ويئي رات وهامي“ (1965)، ”ڦڙي ڦڙي تلاءُ (1966)، ”ڪاريگر شاعر“ (1970)، ”درخواستون“ (1973)، ”دلين ديپ جلايا“ (1973)، ”ٽري ڪئنال“ (1974)، ”راز“ (1972)، ”رمندا بادل“ (1974) اهم آهن. چنا شبير ناز جا ڊراما الميه (Tragedy) هوندا آهن. اهي جذباتيت سان ڀرپور، رومانيت جو پهلو غالب ۽ تجسس سان ڀرپور هوندا آهن.

سندس ڊرامو ”دلين ديپ جلايا“ سنڌي ڊراما پبليڪيشن، شڪارپور پاران1973ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو. هن ڊرامي جو انتساب چنا شبير ناز انهن بي زبان ڇوڪرين جي نانءُ ڪيو آهي، جيڪي بيحس

۽ خود غرض والدين جي خوشين خاطر پنهنجون خوشيون پائمال ڪن ٿيون. هن ڊرامي جي ڪردارن ۾ محبوب علي (انسپيڪٽر انڪم ٽيڪس)، بانو(بيگم محبوب علي)، مجيب (محبوب عليءَ جو پٽ)، نجمہ ۽ ساجده (محبوب عليءَ جون ڌيئرون). اهڙيءَ طرح محبوب عليءَ جي گهاٽي دوست فضل حسين ان جي بيگم ڪلثوم، پٽ طارق ڪمال ۽ نياڻين: ياسمين، نسرين سان گڏ بدمعاش گروهہ جي ليڊر سعيد ۽ ان جو ساٿي جمشيد وغيره شامل آهن. هي ڊرامو سماجي مسئلن تي لکيل آهي.

چنا شبير ناز جو تاريخي ڊرامو "دولهہ دريا خان" ۾ چار ايڪٽ آهن. هيءُ ڊرامو سنڌ جي عظيم محب وطن شخص ۽ڄام نظام الدين سمي جي سپهہ سالار ۽ وزيراعظم بابت آهي، جنهن پنهنجو سر وطن تان گهوريو.

چنا شبير ناز ڊرامن جي سلسلي ۾ وڏيون خدمتون سرانجام ڏنيون. هن جيڪي بہ ڊراما لکيا آهن، انهن جا پلاٽ مضبوط، سگهارا ڪردار، جيڪي اسان جي معاشري جي هر طبقي سان تعلق رکندڙ هوندا آهن. چنا شبير ناز پنهنجي دور جو ڪامياب ڊرامانويس آهي.چنا صاحب ڪيترائي الميہ ڊراما پڻ لکيا. سندس ڊرامن ريڊيو بہ تي ڪافي شهرت حاصل ڪئي.

**پروفيسر محمد يوسف پنهور (1942–1991ع)**

ڊاڪٽر پروفيسر محمد يوسف پنهور جو جنم ڳوٺ خانڻ پنهور ضلعي حيدرآباد ۾ ٿيو. پاڻ سنڌ زرعي يونيورسٽي ٽنڊو ڄام ۾ پلانٽ پيٿالاجي ڊپارٽمينٽ ۾ پروفيسر هو. سنڌي اسٽيج ڊرامن جي ترقي ۾ سندس وڏو هٿ رهيو. پنهور صاحب جو "سنڌي ناٽڪ جي تاريخ" بہ انتهائي جفاڪشيءَ جو ڪم آهي. هن جنهن نموني سنڌي ڊرامي جي تاريخ کي سهيڙيو آهي. اهو جس لهڻي. ان تاريخي ڪتاب کان علاوه بہ سندس ڊرامي جي فن، تاريخ ۽ ڊرامانويسي تي مقالا ظاهر ڪن ٿا تہ ان کي ان فن سان ڪيڏو عشق هو.

هن ريڊيو ۽ اسٽيج لاءِ ڪيترائي ڊراما لکيا، پر سندس اڪثر ڊراما سنڌ زرعي ڪاليج (موجوده يونيورسٽي) ڊرئميٽڪ سوسائٽي طرفان اسٽيج ڪيا ويا. هو ڊراما نويس هئڻ سان گڏوگڏ بهترين ڊائريڪٽر هو. اسٽيج لاءِ سيٽ پاڻ ڊزائين

ڪندو هو ۽ لڳائيندو هو. اسٽيج لائيٽننگ ۽ اسٽيج ڪرافٽ جو پڻ سنو ڄاڻو هو. سندس ڊرامن جو مجموعو "اسٽيج ڊراما" (1980ع) پڻ شايع ٿيل آهي ۽ سنڌي ڊرامي جي تاريخ جو ڪتاب "سنڌي ناٽڪ جي تاريخ" (1992) پڻ شايع ٿيل آهي. ان ڪان علاوه هن ڊرامن جي فني حيثيت اداڪارن، مختلف ڊرامانگارن تي ڪيترائي مقالا پڻ لکيا آهن. سندس ڊرامن ۾ "پر متڙيو" (1963)، "ابوالحسن" (1964 )، "گوڀ اعظم" (1965)، "عمر مارئي" (1966)، "اڃان ڪي آهن" (1966)، "ڪمرو نمبر 10" (1969)، "سسئي پنهون" (1968)، "هوشو" (1968)، "بنگلو نمبر 10" (1968)، "سنڌڙي تان صدقي" (1971)، "ڪاڪ محل" (1966) اهم آهن.

سندس ڊراما "سنڌڙي تان صدقي" ۽ "هوشو" انقلابي سٽاءَ وارا آهن. سندس "پرمتڙيو" ۾ پيءُ ۽ پٽ جا ڪردار آيل آهن، جن کي ڪجهه ماڻهو پوڪ بڻائي مذهبي عقيدن تان پٽڪائي وجهڻ جي ڪوشش ڪن ٿا.

ڊاڪٽر صاحب جي ڊرامن تي نظر وجهڻ سان خبر پوي ٿي ته انهن ۾ سڀ موضوع موجود آهن، جهڙوڪ تاريخي حوالا، لوڪ رومانوي داستان، جاسوسي موضوع، مزاحيه ۽ طنزيه، قومي ۽ سماجي وغيره.ڊاڪٽر صاحب جي ڊرامن جي خاص خوبي اها آهي ته اهي پڙهندڙن يا ڏسندڙن جو ننڍن ننڍن شين ڏانهن ڌيان ڇڪائين ٿا. سادو اسلوب بيان، ننڍا ننڍا ڊائلاگ، سماجي مسئلن کي بيان ڪرڻ هن جي ڊرامن جون خصوصيتون آهن. سندس سنڌي ڊرامن لاءِ ڪيل ڪردار تمام وڏو آهي.

پروفيسر محمد يوسف پنهور ڊرامن ۾ ڪيترائي تجربا ڪيا. هن هر قسم جا ڊراما لکيا. زرعي يونيورسٽي ڪان حيدرآباد تائين سندس ڊراما مشهور هئا. علمي و ادبي ماحول ۾ ڊراما اسٽيج ڪرائي هن پروفيسر رام پنجواڻي وارو ڪردار ادا ڪيو. هن رام پنجواڻي وانگر سنڌ جي لوڪ داستانن تي ڊراما لکيا. جن ۾ شاهه جي ڪلام تي آڌاريل ڪهاڻيون هيون. ان ڪان علاوه هن سنڌ جي تاريخي واقعن کي اسٽيج تي آڻي انهن جي ياد تازي ڪرائي ڇڏي.

**عبدالقادر جوڻيجو (1945_2020ع)**

عبدالقادر جوڻيجو ولد مريد حسين جوڻيجو جو جنم ڳوٺ جنهاڻ، ٿرپارڪر ۾ ٿيو. سندس شمار سنڌي ادب جي چوٿيءَ جي ڊراما نگارن ۽ ڪهاڻيڪار ۾ ٿئي ٿو. عبدالقادر جوڻيجي جا ڪيترائي ڪتاب شايع ٿي چڪا آهن.سندس ڊرامن ۾ سندس افسانن وانگر نج ڳوٺاڻو ماحول ۽ ڳوٺاڻن ماڻهن جي مسئلن جي عڪاسي هوندي آهي. البته موجوده اردو ڊرامن ۾ شهري ماحول جي عڪاسي به ڪئي اٿس. جوڻيجو صاحب سماجي نبض شناس اديب آهي. هن سنڌي سماج جو گهرائي سان مطالعو ڪيو آهي. سندس ڊرامن جي خاص خوبي نج سنڌي ماحول آهي، نج ڳوٺاڻا ڪردار، ڳوٺاڻا موضوع، ڳوٺاڻا گفتا هن وٽ اصلي روپ ۾ ملندا. ماستر، وڏيرا، هاري، چور، عام ڳوٺاڻا پنهنجو تعارف ڪرائيندا نظر ايندا آهن. البته ڪن ڊرامن ۾ شهري سماج جي به عڪاسي ڪئي اٿائين.

ڊاڪٽر غلام علي الانا سندس ڊرامن لاءِ لکي ٿو ته ”اسان جي ٿريلي اديب محترم عبدالقادر جوڻيجي، جنهن پنهنجن افسانن ۾ ڳوٺاڻن گهرو مسئلن کي پيش ڪيو آهي، تنهن پنهنجن ڊرامن ۾ پڻ گهرو ۽ سماجي مسئلن کي موضوع بنايو آهي. هن جو هڪ ٽي .. وي ڊرامو ”جانچ“ جي نالي سان نشر ٿيو هو. هن ڊرامي ۾ پوليس جي سوشيالاجي ڏنل آهي؛ جنهن ۾ اهو ڄاڻايل آهي ته هڪ جهونو جمعدار ڪيس جي جانچ ڪيئن ٿو ڪري ۽ مختلف طبقن جي مختلف ماڻهن سان ڪهڙو ورتاءُ ٿو ڪري. هن ۾ ڏوهه سان لاڳاپيل سماجي روين جو ذڪر ٿيل آهي“.(38)

عبدالقادر جوڻيجي صاحب جو ٻيو مشهور ڊرامو آهي ”ويندڙ وهي“. هن ڊرامي ۾ هڪ سنڌي گهر ڏيکاريل آهي، جنهن ۾ گهر جي مک ڀاتيءَ کي پوڙهي ٿيڻ ۽ ناڪاري ٿيڻ جو احساس تنگ ٿو ڪري. ان حساس ڪان نتائڻ لاءِ هو عجيب و غريب حرڪتون ٿو ڪري، جيئن سندس حيثيت ۽ وجود کي تسليم ڪيو وڃي. هن ڊرامي ۾ هڪ پوري گهر جي ڀاتين جو هڪ ٻئي ڏانهن سماجي روين جو ذڪر ٿيل آهي. خصوصي طور تي زال مڙس ۽ پيءُ پٽ جا سماجي ناتا آهن.

عبدالقادر جوڻيجي جو ٽيون اهم سماجي ريڊيو ڊرامو آهي ”واٽون واٽن جهڙيون“. هن ڊرامي ۾ سڱابندي، جوا ۽ رومانس جي مسئلن جي اپٽار ڪيل آهي، جنهن مان خبر پوي ٿي ته سنڌ جي ٻهراڙيءَ جي سماج ۾ سڱابندي ڪيئن ڪئي

ويندي آهي ۽ ان ڪري سماج ۾ ڪھڙيون خرابيون پيدا ٿينديون آهن.
عبدالقادر جوڻيجي جي سيريل ڊرامي "راڻيءَ جي ڪھاڻي" کي جيڪا موٽ ملي اھا ٻين سنڌي ڊرامن کي گھٽ ملي آھي. ھي ڊرامو سنڌ جي وڏيرڪي ۽ جاگيرداري نظام ۽ سنڌ جي ريتن رسمن متعلق آھي. ھن ڊرامي جي شروعات ھڪ غريب گھراڻي جي فرد جي وڏيري جي گھوڙي چورائڻ سان ٿئي ٿي. نتيجي ۾ وڏيرو سندس پيڻ کي اغوا ڪرائي ۽ ھن جي گھرجي ڀاتين تي زور ٿو وجھي ته ھو ڳوٺ ڇڏي وڃن. اھڙين حالتن ۾ ڳوٺ جو ھڪ نوجوان ظاھر ٿئي ٿو. جيڪو ھڪ بھادر انسان آھي ۽ رسمن سان بغاوت ڪائي ٿو. ھو ان ڇوڪري سان شادي ڪري پنھنجي ڳوٺ وارن ۽ وڏن کي ناراض ڪري ٿو. ھن جي اھڙي جرئتمند عمل سان ڪوڙي ۽ ھٺ ٺوڪين رسمن جون ديوارون ڪري پون ٿيون. ڳوٺ جو وڏيرو پنھنجي بي عزتي سمجھندي ھن نئين جوڙي کي ڳوٺ ڇڏائڻ تي مجبور ڪري ٿو. ھو ڳوٺ ڇڏي ھڪ دوست جي گھر ۾ پناھ وٺن ٿا، جتي ھڪ ڪرائي جو قاتل نوجوان کي قتل ڪري ڇڏي ٿو. جڏھن ته ڇوڪري ھڪ ٻار کي جنم ڏئي ٿي. ڇوڪري جا وڏا ڄميل ٻار لاءِ دعا ڪن ٿا ته الله تعاليٰ شل ان ننڍي ٻار جي قسمت سندس ماءُ وانگر نه ڪري. ان تي ڊرامي جو اختتام ٿئي ٿو. ھن ڊرامي ۾ ڪابه رنگيني نه ھئي صرف ھڪ طرف ظلم ته ٻئي طرف ڏک ھئا. ھن ڊرامي ۾ سنڌي ثقافت کي نئين انداز ۾ پيش ڪيو ويو. سنڌ جي عورت جي حالت زار کي بيان ڪيو ويو.
پھرين سنڌي سيريل "راڻيءَ جي ڪھاڻي" اردو ۾ "ديوارين" جي نالي سان ٽيليڪاسٽ ۽ بعد ۾ ساڳيو سيريل بي بي سي چئنل فور تان انگريزي ترجمي سان ٽيليڪاسٽ ٿيو. جيڪو ڏکڻ ايشيا جو پھريون سيريل ھو. ان وقت سڄي پاڪستان ۽ ھندستان ۾ سنڌي لھجي ۾ اڙدو ڳالھائڻ جو رواج پئجي ويو. ھاشم خان کي دنيا ھٿن تي کڻي ڪنيو. محبوب عالم کي ڊرامي "وارث" ۾ چوڌري ھشمت واري ڪردار مان ملڪ گير شھرت ملي ھئي پر ان جي مٽان سنڌي پس منظر جي ڊرامي "ديوارين" مان منصور بلوچ کي ھاشم خان جي ڪردار مان بين الاقوامي شھرت ملي ويئي ھئي.

اهڙي طرح سندس سيريل ڊرامو ”خان صاحب“ بہ غير معمولي شهرت حاصل ڪئي. ”خان صاحب“ جي خاص ڳالهہ ڪردار نگاري هوجا ايتري تہ بهترين ڪئي ويئي، جو سورنهن آنا سچ پئي محسوس ٿي. سندس ٻين ڊرامن ۾ پڻ سماجي زندگي ڪي پيش ڪيو ويو آهي. عبدالقادر جوڻيجي جي سيريل ڊرامو ” خان صاحب “ ايڏو تہ مشهور ٿيوجو ان کي اردو ۾ ترجمو ڪري ”ڇهوٽي سي دنيا “جي نالي سان پوري پاڪستان ۾ ڏيکاريو ويو. انهيءَ سيريل تي ”فري يونيورسٽي برلن“ جي ڪلچرل ائنٿر پالاجي ۾ ”ڊاڪٽر هيليني باسو“ ٿيسز لکي، جيڪا جرمن ٻولي ڪانسواءِ انگريزي ٻوليءَ ۾ بہ ترجمو ٿي چڪي آهي.

**دراڙين:** 1998ع ۾ جوڻيجي صاحب جو سيريل ڊرامو ”دراڙين“ نشر ٿيو هو. هن سيريل جي ڪهاڻي ۾ ڏيکاريو ويو تہ ڳوٺن جا غريب هاري جيڪي پنهنجي محنت سان پنهنجي ملڪ لاءِ معيشيت ۾ استحڪام پيدا ڪن ٿا. انهن مان هڪ غريب هاري جي چودگرد تيرهن قسطن تي مشتمل ڊرامي ۾ خوداري ۽ عزت خاطر قرباني جي جذبن کي بہ پيش ڪيو ويو.

ان کان علاوه سندس ٻيا ڊراما ”ويندڙ وهي“، ”گردش“، ”مون ۾ آهين تون“، ”اصل معاملو“، ”واٽون واٽن جهڙيون“، ”ڳولا“، ”پينگ ڇار“، ”هن وستي ۾ “ سندس اردو ڊرامن ۾ ”سيڙهيان“، ”ڪاروان“، ”دڪ سڪ“، ”بدلتي موسم “، ”گهر گليان“، ”رشتي“، ”ڍهول “، ”ديوارين“، ”پرانده“، ”زرانم هوتو يي مٽي“ ۽ ٻيا ڪيترائي شامل آهن.

عبدالقادر جوڻيجو بنيادي طور تي هڪ اينٿرو پالاجسٽ آهي، هو پنهنجي ڊرامن ۾ بہ زندگي جي ارتقا، ماڻهن جي ثقافت ۽ انهن جي رهڻ سهڻ کي بنيادي حيثيت ڏئي ٿو. هو ان ماحول جي اندر گهڙي وڃي ٿو ۽ انهن جي اهائي زندگي ڏيکاري ٿو، جنهن ۾ هو رهن ٿا. ان سلسلي ۾ هن ٿري زندگي، جوڳي، ڀيل، ڪبوتري، جهنگلي زندگيءَ جي ماحول تي ڊراما لکيا آهن.

عبدالقادر جوڻيجي جي ڊرامن جا ڪردار صفا اصلوڪا هوندا آهن، انهن ۾ ڪٿي بہ مصنوعيت نظر نہ ايندي. هو پنهنجا ڪردار عام زندگي مان ڪڍي ٿو. ان کان علاوه هن جي ڪردارن ۾ هن جي ذاتي مداخلت نہ آهي. هو ڪٿي ڪنهن

وڏيري کي ظالم ٿو پيش ڪري ته ڪٿي ڪو وڏيرو انتهائي شريف ۽ هڏڏوکي نظر اچي ٿو. سنڌي سماج ۾ اهڙا هزارين مثال موجود آهن. هن ڪيترائي ڏاڙيل رحمدل ڏيکاريا آهن. ڪيترائي بيگناهه جڏهن ستايا ويا آهن، تڏهن ڏاڙيل بڻيا آهن. عبدالقادر جوڻيجي جي ڊرامن جي اهم ڳالهه اها به آهي ته هن جا مڪالما ڪردار جي ذهني حيثيت مطابق آهن. جهڙو ڪردار اهڙا مڪالما. اهڙي طرح مقاميت نگاري به هن جي ڊرامن ۾ ڀرپور نظر ايندي.

عبدالقادر جوڻيجو پنهنجي ذات ۾ هڪ مڪمل ڊراما نگار آهي. جنهن جي ڊرامن ۾ سنڌي معاشري جي عڪاسي سان گڏوگڏ معاشرتي تبديلي آڻڻ ۾ به اهم ڪردار ادا ڪيو آهي.

**نورالهديٰ شاهه (22 جولاءِ 1951ع)**

نورالهديٰ شاهه جو جنم حيدرآباد ۾ ٿيو. هن سيني ڪان وڌيڪ مقبول ڊراما لکيا آهن. هوءَ ڊراما نگاريءَ ۾ سنڌي ۽ اردو ڊرامن ۾ پاڪستان جي ستن ليکڪن ۾ شمار ٿئي ٿي. سنڌي ڪهاڻين ۾ هن جاگيردارانه نظام جي ظلم، عورت جي بيوسي، حويلين ۾ ٿيندڙ ظلم ۽ عورتن جي مسئلن کي بي باڪ انداز ۾ لکيو آهي. نور الهديٰ شاهه جا ڪيترائي ڪتاب شايع ٿي چڪا آهن.

نورالهديٰ شاهه عورت جي هر پهلو يعني جنسي، ذهني مونجهاري، معاشي مسئلي، سماجي حيثيت مطلب ته هرشيءِ تي لکيو آهي، جنهن ڪري ڪيس سخت تنقيد برداشت ڪرڻي پئي آهي. سندس پهريون ٽي وي ڊرامو 1982ع ۾ ”رانديڪو“ جي نالي سان نشر ٿيو. اهڙي طرح سندس ”زندگيءَ جي رڻ ۾“ تمام وڏي ڪاميابي حاصل ڪئي. هن ڊرامي ۾ هڪ اهڙي رجحان جي عڪاسي ڪئي ويئي آهي جو هر ڪردار رشتن جي قيد ۾ ڦٽڪندو نظر اچي ٿو. رشتن جا اهڙا فاصلا حقيقي زندگيءَ ۾ به ممڪن لڳن ٿا.

1984ع ۾ ارد وءِ پيش ٿيل سيريل ڊرامي ”جنگل“ کي اهڙي ته موٽ ملي جو سندس شمار ٽي وي ڊرامن جي بهترين ڊرامانگارن ۾ ٿيڻ لڳو. هن ڊرامي ۾ سنڌ جي وڏيرڪي نظام ۽ پير پرستي واري ماحول کي وڏي بيباڪي سان پيش ڪيو ويو.

هن ناٽڪ جي ڪري معاشي طور تي ضرورتمند اداڪارن ۽ وڏن فنڪارن جي همت افزائي ٿي، هن ناٽڪ جي ڪري سنڌ جي پورهيت طبقي ۽ غريب عوام جي اِنهيءَ شڪايت جي حمايت ٿي ، جيڪا هي طبقو استحصالي ٽولي خلاف سالن کان ڪندو رهيو آهي. اها شڪايت سنڌ جي غريب عوام کي اُنهيءَ ٽولي جي خلاف هميشہ رهي آهي، جيڪو هڪ نہ ٻئي نالي سان پرماريت جو هٿيار ڪم آڻيندو رهيو آهي. هن ناٽڪ جي ڪري پاڪستان جي معاشري ۾ موجوده اُنهيءَ استحصاليءَ جي سڃاڻپ ٿي ، جيڪو نہ رڳو سنڌ ۾ پر پاڪستان جي هر صوبي ۾ علمبردار، چوڌريءَ، رئيس خان، سردار، پير ۽ وڏيري جي جدا جدا نالن سان غريب عوام جو استحصال ڪندو رهيو آهي، ۽ نہ رڳو ناٽڪ" جنگل" ۾ پر اردو جي ڪيترن ئي ٻين ناٽڪن ۾ ۽ ٻي انداز فلمن ۾ بہ اِنهيءَ ڳالهہ کي سمجهايو ويو آهي تہ پاڪستان جي معاشري جو هي ناسور هر هنڌ موجود آهي ۽ اُن جي طاقت جا سبب بہ ساڳيا آهن يعني سماجي زور، ڌن ۽ ظالماڻو سياسي سرشتو.

نورالهديٰ شاهہ جو ڊرامو "مارئي" سڀ کان پهرين سنڌي ۾ نشر ٿيو ۽ ٻي حد مقبول ٿيو. بعد ۾ هن ڊرامي کي اردو ۾ پيش ڪيو ويو. هن ڊرامي جي خاص ڳالهہ اها هئي تہ هن ڊرامي ۾ عمر مارئي واري قصي کي جديد تقاضاعن مطابق پيش ڪيو ويو. اها ڪهاڻي اهڙي تہ ڪماليت سان پيش ڪئي وئي جو اهو ثابت ٿي ويو تہ هر دور ۾ عمر مارئي کي قيد ڪري پنهنجي ڳالهہ مڃائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ۽ هر دور ۾ مارئي سندس هر آسائش ٺڪرائي پنهنجي اباڻي ۽ ڪکائن گهر کي ترجيح ڏني آهي.

نورالهديٰ شاهہ جي ڊرامن جي خاص ڳالهہ انهن جا مضبوط اسڪرپٽ هوندا آهن. ائين لڳندو آهي ڄڻ هوءَ خود پنهنجي اسڪرپٽ ۾ موجود آهي. سندس ڊرامن ۾ عورت جي مظلوميت کي ان معاشري ۾ ٿيل زيادتين کي حقيقي انداز ۾ پيش ڪيو ويندو آهي. هن هر ڊرامي ۾ سنڌي سماج جي مسئلن، سنڌ جي نياڻين جي مظلومي، سنڌ جي پيرن، ميرن، سيدن، وڏيرن، زميندارن ۽ ڪامورن جا ڪهر، سنڌ جي نياڻين جا پنهنجن مفادن خاطر قرآن بخشائڻ، بدو ڪرڻ، پيٽ لکي ڏيڻ، خاندان ۾ سوٽ نہ هجڻ جي حالت ۾ سڄي عمر ڪنواري ويهارڻ، حويلين ۾ ٽيندڙ

ظلم وغيره نهايت بيباڪي سان پيش ڪيا آهن. نورالهديٰ شاهه عورتن جي مسئلن کي خاص طور تي پنهنجي ڊرامن جو موضوع بڻايو آهي. ان لحاظ کان هو عورتپڻي جي نمائنده ڊرامانگار آهي.

نور الهديٰ شاهه پنهنجي ڊرامي ”عجائب خانه“ ۾ هڪ نئين موضوع تي لکيو. هن ڊراما ۾ ليکڪا سنڌي عورت کي احساس، قيد ۽ سماجي مجبورين ۾ جڪڙيل ڏيکاريو آهي. هي ڊرامو سماجي رسمن خلاف بغاوت آهي. نسرين پرويز پنهنجي سنڌس ڊرامي ”مارئي“ جي حوالي سان لکي ٿي ته:

From interior Sindh, Noor-ul Huda Shah wrote dramas like, Jungle and Marui which were very popular. These plays were symbolic representations of Wadera Shahi's influence on the political moorings.39)

ان کان پوءِ سندس سنڌي ڊرامن ۾ شمن سائين (1981) زندگي جا غلام (1992)، ميراث (1998) مشهور ٿيا.نورالهديٰ شاهه جي 1993ع ۾ نشر ٿيل ڊرامي ”اب ميرا انتظار ڪر“ کي بين الاقوامي ايوارڊ مليو. سندس ٻين اردو ڊرامن ۾ ”غلام“، ”عجائب خانه“ (1995) ”هوا ڪي بيٽي،“ ”سحر اور تپش (1989)، ”آدم زادي“، ”آسمان تڪ ديوار“ (1985) ۽ ”شيشي ڪا محل“ اهم ڊراما آهن.

مطلب ته نورالهديٰ شاهه جا ڊراما، سڀ ادبي تقاضاعون پوريون ڪن ٿا. هن جا ڊراما پوري ملڪ ۾ ذوق ۽ شوق سان ڏٺا ويندا آهن، جنهن ۾ سماج سان واسطو رکندڙ هر عورت جي عڪاسي ٿئي ٿي. سندس ڪيترن ئي ڊرامن کي ايوارڊ ملي چڪا آهن.

**قاضي خادم (21 نومبر 1945ع)**

ڊاڪٽر پروفيسر قاضي خادم حسين ولد محمد لائق قريشي جو جنم ڳوٺ الهداد چنڊ، ضلعي هالا ۾ ٿيو. پاڻ مشهور ناول نگار، ڊراما نويس، ڪهاڻيڪار، مترجم، محقق ۽ نقاد آهي. قاضي صاحب ريڊيو ۽ ٽي وي لاءِ 150 کن ڊراما لکيا آهن. سندس ڪجهه ٽي وي ۽ ريڊيو ڊرامن جو مجموعو ”لڙڪ لڙڪ زنجير“ انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ پاران 1980ع ۾ شايع ٿيو. هن مجموعي ۾ ريڊيو ڊرامن ۾ ”احساس“، ”فاصلن جو موت“،”پيار ۽ سپنا“،”روپ بهروپ“ ۽ ”رشتو“ شامل آهن. هي ڊراما گهڻو ڪري 1964ع کان 1980ع جي دوران لکيل آهن.

حالانڪ قاضي خادم، ان کان پوءِ بہ ريڊيو ڊراما لکيا آهن.

سنڌس ڊرامي ”احساس“ ۾ انسان جي هڪبئي جي عزت ۽ احترام جي جذبي کي اجاگر ڪري ٿو. ”فاصلن جو موت“ ۾ اڻ برابري جي شاديءَ واري مسئلي کي پيش ڪيو ويو آهي. ”پيار ۽ سپنا“ ۾ هڪ اصول پرست سيٺ کي ڏيکاريو ويو آهي، جيڪو پنهنجي اڪيلي ڌيءُ جي خوشين جي ڪري، پنهنجا اصول بدلي ٿو. هن مجموعي ۾ موجود ڊرامو ”روپ بهروپ“ دراصل جاسوسي ڊرامو آهي، جنهن ۾ هڪ نواب جو قتل ٿي ويو آهي ۽ قتل سنڌس سيڪريٽري ڪيو آهي، پر الزام نواب جي پٽ تي لڳندو آهي. ”رشتو“ ڊرامي ۾ بہ بي جوڙ شادين جو موضوع زير بحث آندو ويو آهي.

قاضي خادم جو لڙڪ لڙڪ زنجير“ هڪ ٽي.وي ڊرامو آهي، جنهن ۾ نسلي ويڇوٽي (Generation Gap) جو موضوع آٽيندي ڏيکاريل آهي تہ اولاد جوان ٿي شادي ڪري پيءُ ماءُ کان الڳ رهڻ ۾ پسند ڪري ٿي.

سنڌس ٻين مشهور ڊرامن ۾ ”فاصلن جو موت“، ”موت ۽ فاصلو“، ”دل جي بستي“، ”سک جو سپنو“، ”منزلون ۽ مسافر“، ”شڪست“، ”وصيت نامو“، ”موت جا پاڇولا“ ۽ ”بہ واٽون“ شامل آهن. قاضي خادم جي ڊرامن ۾ فني پختگي هوندي آهي ۽ هن جا موضوع پيار، محبت، سماجي اوڻايون ۽ جاسوسي ڪهاڻيون آهن. ان سماجي اوڻاين ۾ سنڌ جي رسم و رواج، ننڍي عمر ۾ شادي، ڏي وٺ واري شادي، غلط خانداني رسمون، جديد معاشرتي برايون وغيره سنڌس ڊرامن جو حصو آهن.

سنڌس ڊرامن جي خاص ڳالهہ اها آهي تہ انهن جو انت ڇرڪائيندڙ هوندو آهي. سنڌس ڊرامن جي مجموعي ”لڙڪ لڙڪ زنجير“ لاءِ ڊاڪٽر فهميده حسين لکيو آهي تہ ”لڙڪ لڙڪ زنجير“ سنڌس ريڊيو ۽ ٽي وي لاءِ لکيل ڊرامن جو مجموعو آهي، جنهن ۾ ڪل نو ڊراما آهن. سنڌس موضوع عام طور انسان جو انسان لاءِ پيار ۽ انسانيت جي عظمت ۾ يقين هوندو آهي. سنڌس ڊرامن ۾ سماجي مسئلن جي اپٽار بہ هوندي آهي. هنن ڊرامن ۾ اسان جي زندگي جي ڀرپور نموني سان عڪاسي ڪيل آهي.“ (ڪتاب جو مهاڳ) جڏهن تہ پاڻ هن مجموعي لاءِ لکيو اٿس تہ ”موجوده مجموعي ۾ ريڊيو ۽ ٽي وي لاءِ لکيل ۽ انهن تان ٿي

پيش ڪيل ڊراما شامل آهن, جن جا خاص موضوع سنڌ جي رسم ۽ رواج ننڍي عمر جي شادي، بدي جي شادي، غلط خانداني رسمون, جديد سماجي برايون نفرت محبت وغيره سان واسطو رکن ٿا". [40]

قاضي خادم پنهنجي هر ڊرامي کي سماجي موضوع ۽ همعصر معاشري جي ڇنڊ ڇاڻ خاطر لکيو آهي. قاضي خادم عوامي پسند مطابق ڊراما لکيا آهن. اهوئي سبب آهي جو سندس ڊرامن لاءِ ڏسندڙ هفتو هفتو انتظار ڪندا هئا. هن جي اڪثر ڊرامن ۾ هڪ مزاحيه يا طنزيه ڪردار ضرور هوندو آهي جيڪو معاشرتي مسئلن کي مزاحيه ۽ طنزيه انداز ۾ پيش ڪندو آهي.

## زيب عاقلي (1929–1991ع)

عبدالحق "زيب" ولد مولوي محمد عاقل عاقلي جو جنم ڳوٺ عاقلي ضلعي لاڙڪاڻي ۾ ٿيو. پاڻ ناميارو شاعر، صحافي، ڊراما نگار ۽ ريڊيو پروڊيوسر ٿي گذريو آهي. خادم حسين چانڊيو سندس باري ۾ لکي ٿو ته "ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تي سندس ڪيل خدمتون هميشه يادگار رهنديون. ڊراما لکيائين، گيتن ڀريون ڪهاڻيون ۽ فيچر به بي شمار تعداد ۾ لکيائين. هندستان جي 1965ع واري جنگ دوران ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تان ڪيترائي پروپئگنڊا فيچر نشر ٿيندا رهيا، جن ۾ سڀ کان وڌيڪ مقبول فيچر هو "ناٽڪ منڊلي"، جيڪو زيب عاقلي هر روز لکندو هو. ڪيس ريڊيو تان ڀريون ڊرامو "ستاره" پيش ڪرڻ جو اعزاز به حاصل آهي. سندس ڊراما تمام گهڻا پسند ڪيا ويندا هئا. سندس ڊرامو "ستارا" کي ريڊيو جي يادگار ڊرامن مان مڃيو ويندو آهي". [41] سندس ڊرامو "مينديءَ رتا هٿ" به ڪافي مقبول ٿيو هو, جو نظم معريٰ ۾ لکيل هو.

## اسماعيل بن واصف (3 جون 1931ع)

محمد اسماعيل جو جنم نالي واري اديب محمد بخش واصف جي گهر ۾ حيدرآباد ۾ ٿيو. هو به پنهنجي والد وانگر نالي وارو اديب ٿي اڀريو. اسماعيل بن واصف ڪيترائي مذهبي موضوعن تي ۽ ٻارن لاءِ ڪتاب لکيا. ان کان علاوه هن لوڪ قصن، رومانوي داستانن ۽ سماجي مسئلن تي ڊراما لکيا. هن جا ڪيترائي ڊراما ريڊيو پاڪستان ، حيدرآباد تان پڻ نشر ٿيا. سندس ڊرامن ۾ "ڏاج"، "شيرين

فرهاد“، ”قلوپطره“ (ترجمو)، ”ڪوڙو پيار“، ”پريت پراڻي“، ريت نرالي“، ”سڌين سيڻ نہ هون“ اهم آهن.ان کان علاوه هن ڪجهہ سنڌي فلمن جون ڪهاڻيون پڻ لکيون، جن ۾ ”هاري“، ”بادل“، ”برسات“، ”دلدار“ ۽ ”مومل راڻو“ اهم آهن.

## غالب لطيف (1933 – 1983ع)

غالب لطيف ولد ماهتاب احمد قريشي جو تعلق فيروزپور جي مشهور پنجابي خاندان سان هو. هن جيڪب آباد جي گرم فضائن ۾ سنڌي ادب جي آبياري ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيو. هو شاعر ڪهاڻيڪار، مضمون نگار ۽ ڊراما نويس هو. هن ادب جي فروغ لاءِ انجمنون بہ قائم ڪيون. ڪتابن جي سلسلي ۾ سندس افسانن جو مجموعو ”سنڌي سڪ پرين“ 1968ع ۾ شايع ٿيو.

غالب لطيف جيڪب آباد ۾ ڪيترائي ڊراما اسٽيج ڪرايا ۽ پاڻ بہ ڪيترائي ڊراما لکيا. هن جا اڪثر ڊراما سماجي نوعيت جا آهن، جن ۾ مزاح بہ شامل آهي. سندس ڪيترائي ڊراما مختلف رسالن ۾ شايع بہ ٿيا.

غالب لطيف جو پهريون ڊرامو 1957ع ۾ شايع ٿيو، جنهن جو نالو”لاچار“هو. هي سماجي ۽ معاشي مسئلن تي آڌاريل ڊارمو نئين زندگي ۾ شايع ٿيو. سندس ٻيو ڊرامو ”ڪامياب ڪوڙو“ 1960ع ۾ شايع ٿيو. هي هڪ مزاحيہ ۽ طنزيہ ڊرامو هو، جيڪو تمام گهڻو پسند ڪيو ويو. سندس ڊرامي ”مرشد“ لاءِ غلام ياسين سڌايو لکي ٿو تہ ”هن ڊرامي ۾ مرشدن جي چالاڪي ۽ ٺوڳي بازي تمام خوبصورت هلڪي مزاحيہ انداز ۾ پيش ڪئي وئي ۽ ٻڌايو ويو آهي تہ مرشد ماڻهن ۽ عقيدتمندن کي چالاڪي ۽ فريب سان ٺڳي دولت ڪمائين ٿا. بنيادي طرح ”مرشد“ بہ مزاحيہ ڊرامو آهي“.(42)

غالب لطيف شاهہ سائين جي ڪلام کي ذهن ۾ رکي ”سنگهارن جي سار“ ڊرامو لکيو. جيڪو ماهوار نئين زندگيءَ (جون 1965) ۾ شايع ٿيو. ان ناٽڪ ۾ مارئي جي جدوجهد ۽ سانگين لاءِ اُڪير کي موضوع بڻايو ويو هو. سندس ٻين ڊرامن ۾ ”موت“ (1929)، ”چورن مٿان مور“ (1976)، ”لالاخستہ، ڳاڙهي ساڙهي، ديوتي“ (1976)، ”انتظار“ (1976) ۽ ٻيا ڊراما شامل آهن.غالب لطيف، ڊرامن کان علاوه ٽيبلو بہ لکيا، جي وقت بہ وقت حيدرآباد، جيڪب آباد، ڪنڌڪوٽ، ڪراچي،

اسلام آباد ۾ اسٽيج ٿيندا رهيا. انهن ٽيبلوز ۾ ”وڏيل ٽي وايون ڪري“. سسئي پنهون ۽ ”عمرمارئي“ اهم آهن.

### عبدالحق ابڙو (1937 – 2000ع)

عبدالحق ولد محمد خان ابڙو جو جنم حيدرآباد ۾ ٿيو. هو اسٽيج، ريڊيو، ٽيلويزن ۽ فلم جو تمام وڏو اداڪار، صداڪار، ليکڪ ۽ موسيقار هو. ابڙي صاحب ايم اي سنڌي ادب ۾ يونيورسٽي آف سنڌ ڄامشورو مان ڪئي. 1960ع ۾ ريڊيو پاڪستان جي ملازمت اختيار ڪيائين ۽ آخر تائين ان سان ئي وابسته رهيو. هن نه صرف سماجي ڊراما تخليق ڪيا پر ڪيترائي ڊراما اسٽيج به ڪرايا ۽ پاڻ به انهن ۾ اداڪاري ڪئي. هن ريڊيو ۽ ٽي وي لاءِ ڊراما لکيا.عبدالحق ابڙي جي وڏو ڪردار اهو هو ته هن وڏي ڪاميابيءَ سان حيدرآباد ۾ هڪ تمثيلي مشاعرو ڪرايو، جنهن ۾ شرڪت ڪندڙ سنڌي ادب جا وڏا چمڪندڙ ستارا هئا. مير عبدالحسين سانگي، مرزا قليچ بيگ، مير علي نواز ۽ ٻيا ڪيترائي هن مشاعري ۾ شامل هئا.

ابڙي صاحب جو پهريون ڊرامو ”پرچم اسلام“ 1950ع ۾ اسٽيج ٿيو. هي ڊرامو اسلامي تاريخ جي پسمنظر ۾ هو. ان کان علاوه سندس ڊراما ”نجومي“، ”ڪنجوس“، ”دادلو“، ”هاءِ پيري“، ”بس حل ٿي ويو“، ”شيدوپلي“، ”گلدستو“، ”ڏرتي سارو ڏن“ ۽ ”داناءَ ديوانه“ اهم ڊراما آهن.

عبدالحق حق ابڙي جا اڪثر ڊراما سماجي موضوعن تي آهن، جن ۾ طنز ۽ مزاح جو رنگ غالب آهي. هن صاحب ڊرامن کان علاوه فلمن ۾ به ڪم ڪيو. جن ۾ بادل، گهونگهٽ لاءِ ڪنوار، رنگ محل، محبوب مٺا اهم آهن.

عبدالحق ابڙي کي سندس فني خدمتن عيوض حڪومت پاڪستان طرفان تمغه امتياز پڻ ڏنو ويو.

### نثار حسيني (1943 – 2006ع)

نالي واري اديب ۽ ڊرامه نويس نثار حسيني جو اصل نالو سيد نيڪ محمد شاهه ولد حسين شاهه هو. هن بدين ضلعي جي سيراڻي شهر پرسان ڳوٺ مراد علي ۾ جنم ورتو. 1960ع ۾ ڏاري تعليم جي سلسلي ۾ حيدرآباد آيو. سندس تعليم

ايم_اي هئي. هن ادبي ۽ ثقافتي سرگرمين جي شروعات سٽي ڪاليج کان ڪئي. هن خود "قليچ ادبي سنگت" جو بنياد وڌو. 1960ع کان مرڻ گهڙيءَ تائين شاهه صاحب قليچ ڊي ملهائيندو آيو. 1970ع ۾ پرياٽ آرٽ سرڪل قائم ڪيائين. جتان رسالو "تندتنوار" جاري ڪيائين.هن صاحب "آگم پبليڪيشن" پڻ قائم ڪئي، جتان نالي وارن اديبن جا ڪتاب شايع ٿيا.

سندس باري ۾ زيب نظاماڻيءَ لکيو آهي ته "پنهنجي پوري زندگي اسٽيج ڊراما، ٽيبلوز جن ۾ "جلجل مشعل جل،" "اڳتي قدم،" "ميٽ دي وتايو" ۽ ٻيا ڪوڙ سارا اهڙا تخليقي ڊراما ۽ پنهنجي نگرانيءَ ۾ هدايتڪاري ڪندي رنگ منچ تي اهڙا ته حسين رنگ وکيريا، جن جو عڪس اڄ به ڏسندڙن جي اکين ۾ ڏسي سگهجي ٿو. سائين نثار جي لکيل اسٽيج ڊرامن ۽ سندس هدايتڪاريءَ ۾ ڪرايل تمثيلن جو مثال اڄ تائين بي مثال بڻيل آهي." (43)

سنڌي ڊرامي جي سلسلي ۾ نثار حسيني جون خدمتون سارله جوڳيون آهن هن سنڌي اسٽيج ڊرامي کي خوب ترقي ڏياري سندس ڊرامن جي پهرين خوبي اها آهي ته هن سنڌ جي لوڪ داستانن کي نئين انداز سان لکيو. هن ڊرامن کي اسٽيج تي آڻي عوامي سطح تي مشهور ڪيو. سندس اڪثر ڊراما پرياٽ آرٽ سرڪل، حيدرآباد طرفان پيش ڪيا ويا. ان قسم جي ڊرامن ۾ "دودو سلطان" (1968)، "ٽيپو سلطان" (1969)، "ڪاڪ ڪڙهي وڻ ٻريا" (1972) ۽ "ليلا مجنون" وغيره اهم آهن. هن جو ناٽڪ "ڪاڪ ڪڙهي وڻ ٻريا" مومل راڻي داستان تي لکيل آهي. ٻيو ناٽڪ "ذات جي لات" هن نوري ڄام تماچيءَ جي تاريخي قصي تي لکيو. اهي ٻئي ناٽڪ 1972ع ۾ پرياٽ آرٽ سرڪل، حيدرآباد پاران اسٽيج ڪيا ويا.

سندس ڊرامن جي ٻي خوبي اها آهي ته هن سنڌ جي قومي مسئلن تي ڊراما لکيا. ۽ قومپرستي جي لاڙي کي فروغ ڏنو. نثار حسيني جمهوريت پسند رويو رکندڙ اديب هو. جڏهن ون يونٽ مڙهيو ويو تڏهن هن بنا ڪنهن ڊپ ۽ پرواهه جي ون يونٽ خلاف ڊراما لکيا؛ جنهن سبب ڪيس جيل به وڃڻو پيو.

سندس ڊرامن جي ٽين خوبي اها آهي ته سنگيت ڊراما (opera) لکيا آهن ٽيڪنڪ سان سندس ڊراما شاعرانه ۽ دلڪش لڳندا آهن، جن ۾ رومانيت ۽

تجسس جو عنصر غالب هوندو آهي. سندس ٻين ڊرامن ۾ ”اڳتي وڌبو“ (1968)، ”مڙيا مڇ هزار“ (1971)، ”ذات جي لات“ (1972)، ”ساموندڙين سڙهه سنڀايا“ (1973)، ”ڪي جو ٻيجل ٻوليو“ (1973)،“ جل جل مشعل جل“ (1972)، ”ماڊرن وتايو فقير“ ، ”ڪچا ڌاڳا“، ”جيون جا واڌو ڪاٽو“، ”قليلي“، ”بختاور“، ”عيدبرادي“ وغيره اهم آهن. ان ڪان علاوه نثار حسيني ڪيترن ئي نوجوان ڊرامانويسن کي همٿايو ۽ سندن ڊرامن کي اسٽيج تي آندو.

**شوڪت حسين شورو (4 جولاءِ 1947)**

شوڪت حسين ولد عبدالڪريم شورو جو جنم ڳوٺ حاجي نور محمد شورو، تعلقو سجاول، ضلعي ٺٽي ۾ ٿيو. هو نالي وارو ڪهاڻيڪار، ڊرامانويس ڪالم نويس ۽ نقاد آهي.شوڪت شورو ٽيليويزن ڪارپوريشن جي ڪراچي اسٽيشن تي اسسٽنٽ پروڊيوسر جي حيثيت ۾ ڪم ڪري چڪو آهي. اهو ئي سبب آهي. جو هن کي ڊرامي لکڻ جو سٺو هنر آهي.

شوڪت صاحب جا اوائلي ڊراما ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تان نشر ٿيا ۽ بعد ۾ پنهنجي ڪهاڻين کي ڊرامائي تشڪيل ڏيئي نالو ڪڍيائين. سندس ڊرامن ۾ سماجي مسئلا ۽ رومانس اهم موضوع هوندا آهن. ان ڪان علاوه ڪردارن جو اندروني انتشار بہ ان جو حصو آهي. انهن عنصرن سان گڏوگڏ سندس رتا، پلاٽ، ٻاهريون ڏيک، لفظن جو استعمال، ڏسندڙن تي تاثر، ڪردارن جو رويو، انهن ۾ جديديت بيحد مهارت سان استعمال ٿيل هوندي آهي.

ڊاڪٽر غلام علي الانا سندس ڊرامي ”فيصلو“ تي تبصرو ڪندي لکيو آهي تہ ”آزاديءَ کان پوءِ پيش ڪيل ڊرامن ۾ شاديءَ جو مسئلو بہ هڪ مسئلو رهيو آهي. هن مسئلي تي مسٽر شوڪت حسين شوري ”فيصلو“ عنوان سان ريڊيو ڊرامو لکيو. هن ڊرامي ۾ شاديءَ جي مسئلي جي چند چاڻ سان گڏ هڪ پڙهيل خاندان ۽ اڻپڙهيل خاندان جي ڀاتين جي وچ ۾ ذهني ويڇوٽي جو فرق ڪولي ظاهر ڪيو ويو آهي. ”صالح“ هڪ پڙهيل نوجوان جو ڪردار آهي ۽ ممتاز ان جي پڙهيل ڳڙهيل نوجوان ڀيڻ آهي. تاجي هڪ ڳوٺاڻي ڇوڪري آهي ۽ فاروق ڳوٺاڻو ڇوڪرو آهي.

هن ڊرامي ۾ اها ڳالهه واضح طور ڪرڻ جي ڪوشش ڪيل آهي تہ اسان جي

سنڌي سماج ۾ هڪ پڙهيل ۽ اڻ پڙهيل نوجوان جي زندگيءَ ڏانهن لاڙو بلڪل جدا جدا هوندو آهي. ڊرامي جي آخري ڏيک ۾ پڙهيل ڇوڪري (ممتاز) پنهنجي پاءُ صالح کي چوي ٿي ته: ”. . . . هڪ غلطيءَ کي ٻي غلطي سان ختم نٿو ڪري سگهجي. تنهنجي هن فيصلي سان نه رڳو خود تنهنجو گهر ڦٽي ويندو، پر هي گهر جيڪو هاڻ منهنجو گهر آهي سو به ٽٽي ويندو ۽ آءُ ڪنهن کي اها اجازت نٿي ڏئي سگهان ته ڪو منهنجو گهر ڦٽائي. . . ) “.(44)

حالانڪ انهيءَ وقت تائين ان ڇوڪريءَ جي هڪ اڻ پڙهيل ڇوڪري سان حياتي گذري ٿي. پوءِ به هوءَ زندگيءَ کي حقيقت جي نگاهن سان ڏسندي حالتن سان ٺاهه ڪري ٿي.

**ملڪيت** :هن جي سماجي ڊرامي ”ملڪيت“ 1989ع ۾ سنڌي سماج جي ملڪيت ورهاست ۽ ان سان وڌندڙ دشمنيءَ جي عڪاسي ڪئي ويئي آهي.

**ڏيڻ**: اهڙي طرح ڊرامي ”ڏيڻ“ ۾ سنڌ اندر ڏاڙيل فيڪٽر ۽ ان سان ڦهلجندڙ عوامي آزار ۽ تباهه ٿيندڙ سنڌ جي ثقافت تي نظر پيل آهي.

**باک**: هن ڊرامي ۾ تعليم جي موضوع ۽ مسئلي کي اجاگر ڪيو ويو آهي، جنهن ۾ تعليم دشمني جو منفي پهلو ۽ تعليم دوستيءَ جو مثبت پهلو ڏيکاريو ويو. صلاح الدين تنئي هن ڊرامي ۾ ”مولو“ جي نالي سان لازوال ۽ مرڪزي ڪردار ادا ڪيو هو، جيڪو يادگار بڻجي ويو هو. هن ڊرامي جو پروڊيوسر فيض ٻگهيو هو.

**سونيٽي**: اهڙي طرح سندس ڊرامو ”سونيٽي“ نج سماجي ڊرامو آهي. هن سيريل ڊرامي ۾ ڪلهوڙن ۽ ميرن جي دؤر جو ماحول ۽ ڪردارن کي پيش ڪيو ويو آهي. سونيٽي ميان سرفراز خان ڪلهوڙي جي مڱ هئي، جنهن سان بعد ۾ مير باگي خان شادي ڪئي ۽ ڪيس ”سنڌ راڻي“ جو خطاب ڏنو. هن ڊرامي ۾ انهي دؤر جي سياسي ۽ سماجي حالتن جي بهترين عڪاسي ٿيل هئي.

سندس ٻين ڊرامن ۾ ”اڌ مڙهيل سئٽر“، ”احساس“ (1977)، ”ڌرتيءَ جا تارا“ (1978)“، ”ديوار“ ۽ ”سفر“ پڻ وڏي اهميت رکن ٿا.

## رشيد صابر (1945_2012ع)

عبدالرشيد ”صابر“ ولد عبد مينڌري جو جنم جاتي ضلعي ٺٽي ۾ ٿيو. هو

بنيادي طور تي درس و تدريس جي پيشي سان وابستہ رهيو آهي. رشيد صابر هڪ بهترين ڊراما نگار، اداڪار سان گڏوگڏ سٺو صحافي ۽ ڪالم نويس بہ رهيو آهي. هن سنڌ نيوز، بادل رسالي ۽ عبرت ۾ ڪيترائي ڪالم لکيا.

رشيد صابر 1964ع کان ريڊيو پاڪستان ڪراچي سان وابستہ ٿيو. 1965ع واري جنگ کان پوءِ جڏهن جنگي قيدي واپس ٿيا تہ هن انهن لاءِ ”نيٺ تہ ڦٿندي باک“ نالي ڊرامو لکيو. ريڊيو حيدرآباد جي مذهبي پروگرامن ۾ حصو وٺندو رهيو ۽ ڪجهہ ’ڊاڪيومينٽريون‘ تحرير ڪري پنهنجي آواز ۾ پيش ڪيائين. صداڪاري بہ سٺي ڪندو هو. ريڊيو لاءِ هن پهريون سنڌي ڊرامو’ منزل‘ لکيو. جنهن کي پروڊيوسر منظور نقويءَ نشر ڪيو. ان کانپوءِ هن 300 کان وڌيڪ سنڌي ۽ اردو ڊراما لکيا. جن ۾ ’هل پنهل هل‘، ’شادي شان وارن جي‘، ’ايڪ ٿي مهرو‘، دوسري عورت‘، ’چودهوين رات‘، ”فلور نمبر ون“ (1979ع)، ”آڏي پڇا“ (1983ع)، ”گهوٽ گهر آيو“ (1985ع)، ”گهوٽ اڻ موٽ“، ”ڪٿي آيو خير سان“ (1995ع)، ”قرباني“، ”رس م رسڻ گهوريو“، ”ڪشمڪش“، ”اعتماد“، ”واري سندو ڪوٽ“، ”رت جا رشتا“، ”علي مراد جي عيد“، ”عيد ڪارڊ“ وغيره اهم آهن. اهڙي طرح رشيد صابر ٽي وي لاءِ پڻ ڪيترائي ڊراما واري، آڏي پڇا، هڪ ڪنوار جو سوال، مايا سندو موه، آيا اڱڻ عجيب، ڪشمڪش، رابطو، زندگي وغيره اهم آهن. رشيد صابر اسٽيج لاءِ بہ ڪيترائي ڊراما لکيا آهن، انهن ۾ ”ڪٿي آيو خير سان“، ”هل پنهل“، ”هلو ميلي تيي“، ”وليداد ويل ۾“ وغيره شامل آهن. رشيد صابر مڪمل طور تي ڊراما جي فن لاءِ ارپيل آهي، هن ڪيترن ئي فلمن جو ڪهاڻيون بہ لکيون آهن، جن ۾ گهاتو گهر نہ آيا، ڦل ماڇي، ٽي قيدي، طوفان، برسات جي رات، جانو ڏاڙيل، سرويچ وغيره شامل آهن.

رشيد صابر12 سنڌي فلمن جا اسڪرپٽ بہ لکيا، جن ۾: ’ڦل ماڇي‘، ’طوفان‘، ’گهاتو گهر نہ آيا‘، ’ٽي قيدي‘، ’هو جمالو‘، ’برسات جي رات‘ قابلِ ذڪر آهن. رشيد صابر جي ڊرامن جو تعداد تمام گهڻو آهي، هن نوان نوان موضوع سنڌي ڊرامن ۾ متعارف ڪرايا آهن. هن جي ڊرامن ۾ هلڪي ڦلڪي مزاح جو رنگ غالب هوندو آهي. هو ننڍين ننڍين موضوعن، ڪردارن ۽ واقعن کي

ڊرامائي روپ ڏئي ٿو. سنڌي سماج ۾ موجود براين تي طنز ۽ مزاح ۾ آڻي انهن جي عڪاسي ڪري ٿو. هن جي ڪيترن ئي ڊرامن ۾ زميندارِي، سرمائيداري ۽ جاگيرداري. نظام خلاف بغاوت جو اعلان به آهي. سندس ڪردار خالص سنڌي آهن جيڪي هر هنڌ سنڌيت سان ڀرپور نظر اچن ٿا. اهڙي طرح هو هڪ قومپرست ڊراما نگار به آهي.

رشيد صابر سنڌ جي انهن ڊراما نگارن مان آهي جن جي سڄي حياتي ڊرامي جي خدمت ۾ گذري آهي. سندس ڊراما سنڌي سماج جي هر پهلو جي عڪاسي ڪندڙ آهن.

## امداد حسيني ( 10 مارچ 1940 ع)

سيد امداد علي ولد سيد فضل شاهه جو جنم ٽکڙ، ضلعي حيدرآباد ۾ ٿيو. سندس شمار سنڌ جي نالي وارن شاعرن ۾ ٿئي ٿو. پر شاعر سان گڏوگڏ بهترين ڪهاڻيڪار ۽ ڊراما نويس به آهي. هن ريڊيو ۽ ٽي وي لاءِ ڪيترائي ڪامياب ڊراما لکيا آهن. سندس ريڊيو لاءِ لکيل ڊرامن ۾ ”چوڏول“، ”طوفان ڪانپوءِ“، ”لالان“، ”چاند اور گلاب“ (اردو ۾)، ”هينئڙو ٻيڙيءَ جان“، ”رات ڪابرسات جي“ اهم آهن. جڏهن ته ٽي وي ڊرامن ۾ ”زنجيرون“ (1986) ۽ ”چانس“ (1987)، اهميت وارا آهن.

امداد حسيني جا ڊراما سماجي موضوعن تي آهن. هن سنڌي سماج جو گهرائي سان مطالعو ڪري ڊراما لکيا آهن. سندس ڊرامن ۾ مڪالما پڻ شاندار هوندا آهن. هو بنيادي طور تي شاعر آهي. اهوئي سبب آهي جو هن ڪيترين ئي گيتن ڀريون ڪهاڻيون پڻ لکيون آهن.

## نورگهلو (1949_2019 ع)

نورگهلو جو جنم دادو ۾ ٿيو. سندس شمار سنڌ جي نالي وارن ترقي پسند ڪهاڻيڪارن ۾ ٿئي ٿو. سندس ڪتابن ۾ تتل شيشا ۽ آڱريون (1980 ڪهاڻيون)، جميلا (ترجمو ناول)، ”” مان زنده رهندس“ (ڪهاڻيون) شامل آهن. نورگهلو بنيادي طور تي وجودي فڪر جو ڪهاڻيڪار آهي.

نورگهلو ڪيترائي سماج جي بنيادي مسئلن تي اسٽيج ۽ ٽي وي ڊراما لکيا آهن. جن ۾ ”روشني“، ” ڪي ويجها ئي ڏور“، ”هارجيت“ (1981)، ” سوچون

جيون سپنا“، ”شوپيس“ (1981 )، ” جنين دور درد جو“، ”اڌورا خواب“ (1982)، ”خالي منظر“ (1985)، ”معاف ڪج“ (1987)، ”ثبوت“ (1998) ، ” لمحن جون سرحدون“، ” گهڙيءَ ۾ شال“، ”پرم “، ” رنج پريان رسيو“، ”مڙيل رستا“، ”گولا“، ”عيد جو تحفو“، ” ٽڪنڊا رشتا“، ”زمانو“، ” روشن اونداهي“ (سيريل)، ” شڪليون“ (سيريل)، ” عيد ۽ بچت“ ۽ ” ثبوت“ اهم آهن. هن جا ڊراما سندس ڪهاڻين وانگر وجودي وارتائن ۽ فرد پوڄنائن جو ڪهاڻيون آهن. اهڙي طرح هن جي ڊرامن ۾ طبقاتي فرق ۽ سماجي مسئلن جي اپٽار ٿيل آهي. سندس ڊرامن جو گهڻو ڪري 1980ع وارو ڏهاڪو آهي.

**ملڪ آگاڻي (1948–2001ع)**

ملڪ آگاڻي جو اصل نالو محمد صفر هو ۽ سندس جنم ڳوٺ آگاڻي ضلعي لاڙڪاڻي ۾ ٿيو. هو هڪ اسڪول جو استاد هو ۽ ترقي پسند قوتن واري لاڙي جو پيروڪار هو. سندس ڪيترين ڪهاڻيون مختلف رسالن ۾ شايع ٿيون ۽ ٻه ناول ” نيروليءَ جو ڪن“ (1987) ۽ ”سچ جا پاڇا“ (2005) شايع ٿيل آهن.

ملڪ آگاڻي ڪيترائي ڊراما پڻ لکيا. هن ڪيهر شوڪت سان گڏجي ڊرامن جي دنيا ۾ پيرپاتو ۽ ٽي وي لاءِ ڪيترائي شاهڪار ڊراما لکيا. سندس ڊراما، سنڌ جي سياسي، سماجي ۽ معاشي مسئلن جي عڪاسي ڪندڙ آهن. سندس ڊرامن ۾ ”سچ ڪني“، ”ٽٽي ڪي ٽاڪو“، ”چنڊ گرهڻ“ ”سج گرهڻ“ ”ڪوڙ ڪي“، ”وچايل راهون“، ”انصاف ڪٿي آهي“ اهم آهن.

ملڪ آگاڻي انقلابي سوچن جو مالڪ هو، هن پنهنجي ڊرامن ۾ اهڙا ڪردار ۽ موضوع متعارف ڪرايا، جن ۾ سماج جي ٺيڪدارن وڏيرن جا ڪوڙا ڪوٽ ظاهر ٿي پيا. سندس هر ڊرامي ۾ ظلم و ستم خلاف آواز بلند ٿيل هو. ملڪ آگاڻي ڪي حق ۽ سچ خلاف آواز بلند ڪرڻ جي ڪري سندس ڳوٺ ۾ بي دردي‌ءَ سان قتل ڪيو ويو. هن جي ڊرامن ۾ امر جليل وانگر زهر جي ڪڙاڻ جهڙا مڪالما چيل هوندا هئا. ان جا ڪردار هاري، پورهيت ۽ وڏيرا آهن. سندس ڊرامن ۾ حيدربخش جتوئي جي تحريڪ جو اثر پڻ حاوي هو.

**جي ايم ڪليم (1 جون 1946ع)**

گل محمد ڪليم ولد محمد قاسم جو جنم ڪراچي ۾ ٿيو. جڏهن ته سندس اباڻو شهر نصرپور آهي. جي ايم ڪليم بنيادي طور تي ٽيچنگ سان وابسته رهيو آهي. ان کان علاوه سندس سڃاڻپ اداڪاري، صداڪاري ۽ ڊرامانگاري آهي.

جي-ايم ڪليم اسٽيج ۽ ريڊيو لاءِ ڪيترائي ڪامياب ڊراما لکيا آهن. سندس ڪي ڊراما ڏاڍ ته مشهور ٿيا جيڪي ڪراچي، حيدرآباد ۽ خيرپور ريڊيو اسٽيشنن تان نشر ٿيا. هن سنجيده ڊرامن کان مزاحيه ڊرامن، سماجي ڊرامن کان تار يخي موضوعن تائين ڊراما لکيا آهن. سندس اهم ڊرامن ۾ ”ڪٿي آيا خير سان“، ”آئيڊيل“ ۽ ”محمد بن قاسم“ اهم آهن.

## روشن علي ٽنيو (1936–1997ع)

روشن علي ٽنيو ڳوٺ وڳڻ ضلعي لاڙڪاڻي ۾ پيدا ٿيو. پاڻ مشهور ڪهاڻيڪار، ناول نگار ۽ ڊراما نويس ٿي گذريو آهي. سندس ڪهاڻين جو مجموعو ”منڇر ٻڏي ويو“، ناولٽ ”دل جي پنيان“ شايع ٿيل آهن. هن پاڪستان ٽيلي ويزن لاءِ ڪيترائي بهترين ڊراما پڻ لکيا، جن ۾ ”مان نازان“، ”ورهاست“، ”ميڙ“، ”آئينو“ ۽ ٻيا گهڻو مقبول ٿيا.

سندس ڊرامن جي خاص ڳالهه اها آهي ته انهن ۾ نج ڳوٺاڻو ماحول ڏيکاريل هوندو آهي. سندس ڊرامن جا ڊائلاگ محاوري ۽ اسلوب جي لحاظ کان پنهنجو مٽ پاڻ آهي.

## آغا رفيق (1 نومبر 1949ع)

آغا رفيق احمد جو جنم شڪارپور ۾ ٿيو. سنڌ يونيورسٽي جي شعبي صحافت ۾ تدريسي خدمتون سرانجام ڏئي چڪو آهي. آغا رفيق جو ادبي سفر ڪهاڻين سان شروع ٿيو پر ڪيس مقبوليت ڊرامي مان ئي ملي. آغا رفيق سنڌي ۽ اردو ۾ ڪيترائي ٽي وي ڊراما لکي چڪو آهي، جن ۾ سنڌي سماج جي ريتون، رسمون، عوامي نفسيات، معاشي مسئلا، سنڌ جي تعليمي ادارن جا مسئلا ۽ سياسي خيالات سر فهرست هوندا آهن.هن جي سنڌي ڊرامن ۾ ”سام“ (1989)، ”سوال“ (1989)، ”آئينو“ (1990) ”پنهنجو پرائو“، ”موٽ پنيوري“، ”ڪنهن سان سور سليان“، ”ضمير“، ”اڌوري ڪهاڻي“، ”پولار“ (2000)، ”واپسي“، ”رشتا

(1982)، "ضمير جي سچائي" (1984)، "گهايل فن" (1987) ۽ فيئرويل (1998) شامل آهن.

آغا رفيق هڪ نبض شناس ڊراما نويس آهي. هو سنڌي ۽اردو ڊرامن رستي سنڌي سماج جي هر مسئلي کي پوري قوم اڳيان پيش ڪري ٿو. سندس وڏي خوبي اها آهي ته هن ۾ مسلسل لکيو آهي. شروع ۾ هن سنڌي ڊراما لکيا، ان کانپوءِ پي ٽي وي لاءِ اردو ڊراما لکيا ۽ ان کان پوءِ مسلسل پرائيوئٽ چئنلن لاءِ لکي پيو.

**سام:** سندس مشهور ڊرامي "سام" ۾ سنڌ جي حقيقي مسئلن ۽ بدلجندڙ تهذيب جي اثر انگيز عڪاسي ڪيل آهي. "سام" جي روايت ۽ سنڌ جي ثقافتي معاملن کي بهترين نموني پيش ڪيو.

**سوال:** سندس ہي مشهور سيريل "سوال" ۾ سنڌ جي گوناگون مسئلن، جهڙوڪ سياسي، سماجي ۽ معاشي ۽ گهريلو مسئلن جي اپٽار ڪئي ويئي آهي. هن ڊرامي وسيلي ليکڪ سنڌي سماج جي اوڻاين ۽ اصلاح لاءِ ڪيترائي سوال اٿاريا آهن.

**آئينو:** سندس مشهور ٽي وي سيريل "آئينو" ۾ تعليمي ادارن ۾ سنڌي شاگرد سياست جا مثبت ۽ منفي پاسا ڏيکاريا ويا آهن. يونيورسٽين ۾ ٿيندڙ ڏوهه کي به کلي عام ڏيکاريو ويو آهي. اهڙي طرح يونيورسٽن ۾ پلجندڙ لازوال محبتن جو احوال به هن ڊرامي جو حصو آهي.

آغا رفيق سنڌ جي ماحول جي پسمنظر ۾ ڪيترائي اردو ڊراما به لکيا آهن، جن ۾ "آنوين ڪهاني"، "سزا"، "واپسي"، "يي جهان" (1991) "انگاري"، "گهٽن"، "وجود" (2005)، "چهري"، "وه عشق جو هم سي روٺ گيا"، "ٽشو پيپر"وغيره اهم ڊراما آهن.

آغا رفيق پنهنجي ڊرامن ۾ نون نون موضوعن کي متعارف ڪرايو آهي. هن رومانوي موضوعن کان وٺي، سياسي، سماجي، نفسياتي ۽ ذهني مونجهه وارن مضمونن کي ڊرامن ۾ سمايو آهي. آغا رفيق پنهنجي ذات ۾ هڪ مڪمل ڊراما نگار آهي، هن کي ڊرامي جي فن ۽ فڪر جي پوري معلومات آهي. سندس ڊرامن

۾ ڪٿي بہ جهول نظر نہ ايندو آهي. هو پنهنجي ڊرامن ۾ موضوع، ڪردار، ماحول ۽ مڪالمن وغيره جو صحيح استعمال ڪندو آهي. اهوئي سبب آهي جو سندس ڪيترن ئي ڊرامن کي ايوارڊ ملي چڪا آهن.

آغا رفيق جي ڊرامن جي هڪ خوبي اها بہ آهي تہ هن هميشہ ڊرامن ۾ نواڻ پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. نوان ڪردار ۽ موضوع متعارف ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. تعليمي درسگاهن کان، سياسي ميڙاڪن تائين، سنڌ جي ثقافتي رسمن کان عشقيہ داستانن تائين، فرد جي هيڪلائي کان مجموعي تائين هن جي ڊرامن سفر ڪيو آهي.

**اياز عالم ابڙو (3 مئي، 1950ع)**

اياز عالم ولد محمد عالم ابڙو جو تعلق قمبرائٽ شهداد ڪوٽ ضلعي سان آهي. هن ڪهاڻيڪار ۽ ڊرامانگار طور پاڻ ستو ملهايو آهي. هن پنهنجي ڊرامن وسيلي سنڌ جي سماجي مسئلن جي نشاندهي ڪئي آهي. ابتدائي دور ۾ 1962ع کان اسٽيج ڊراما لکيائين، جن ۾ ”سجاڳي“ ۽ ”روشن راهون“ اسٽيج ڪري ڏيکاريا ويا. ان کان علاوه، هن ڪيترائي ريڊيو ڊراما بہ لکيا آهن، جن ۾ ” سونيارو سانول“، ”وچوڙي جي ووڙ“، ”هيڪل جندڙي“ ، ” انت ــ بحر“ ۽ ٻيا شامل آهن.

1978ع ۾ اياز عالم ابڙي جو ٽي وي ڊرامي ”ذات جي ڏيهہ ۾“ وڏي ڪاميابي حاصل ڪئي. هن جي بهترين ڊرامن ۾ ”گهايل مرڪ“، ”اسڪاءِ ليب“، ”نينهن جا ناتا“، ”وقت جو آواز“ (1986)، ”ڪن ۽ ڪنارا“(سيريل 1982)، ”گهايل ڏرتي“ (1997)، ” آيا اڱڻ عجيب“،”چنڊ گدري ڦار“،”مهمان“،”ڊراپ ٽيل ڪيچ“، ” آجپو“ ۽ ٻيا ڊراما تمام گهڻو پسند ڪيا ويا. هن جي اڪثر ڊرامن ۾ رومانيت، ڪروڌ، ضد سان ڀرپور موضوع شامل هوندا آهن.

سندس ڊرامي **”ذات جي ڏيهہ ۾“** سنڌ جي سماجي مسئلن جي سٺي نشاندهي ڪئي آهي. هن ڊرامي ۾ ڏيکاريو ويو آهي تہ ”اسان جي معاشري ۾ جتي جميل جهڙا سيٺ، اڪبر جهڙا خود غرض دوست ۽ ارشد جهڙا ڪروڌي ايڊيٽر آهن، اتي ساگر لطيف جهڙا اڏول ليکڪ بہ آهن. هن ڊرامي ۾ ڏيکاريل آهي تہ هن سماج ۾ فن کي پنهنجي زندگي ارپڻ جي باوجود، ليکڪ کي اجوري ۾ بک ۽

بيروزگاري ئي پلئه پوي ٿي. ڪهاڻيون، ليکڪ (ساگر لطيف) جي پٽ ڪي ڪاليج ۾ داخلا نٿيون وٺي ڏئي سگهن. ناول هن جي ڏيءَ جميله لاءِ دوا نٿا بڻجي سگهن ۽ هڪ حساس ليکڪ اهو سڀ ڪجهه پسي جهڙي جهڙي ٿو پوي". (45)

"پنهنجا پنهنجا سپنا" ۽ علامه آءِ آءِ قاضيءَ جي زندگيءَ تي لکيل ڊرامو "انت ـ بحر" مشهور ٿيا. "گهايل ڌرتي، ڪارو سچ" (1997) ۾ آلودگي ۽ نشا آور سئين جي پسمنظر ۾ لکيو. هن ڊرامي جي ڪهاڻي ڪافي سبق آموز هئي. اياز عالم ابڙي جيڪي به ڊراما لکيا آهن، اهي پنهنجو مٽ پاڻ آهن.

تحقيقي ميدان ۾ اياز عالم، سنڌ جي پسمنظر ۾ ريڊيو ۽ ٽي ويءَ لاءِ ڪيترين ئي فلمونءِ دستاويزي پروگرام تيار ڪيا. 1982ع ۾ سندس تيار ڪيل دستاويزي فلم "ميربحر" کي جرمنيءَ جي عالمي فيسٽيول ۾ اسڪرپٽ جي بنيادتي پهريون انعام مليو.

**طارق عالم ابڙو (1958ـ 2011ع)**

سنڌي ادب جي نوجوان ٽهي جي هن ڪهاڻيڪار، ناول نگار، ڊراما نويس، ڪالم نويس ۽ شاعر جو جنم ضلعي قمبر اٿ شهداد ڪوٽ ۾ ٿيو. طارق پنهنجي ڪهاڻين جي شروعات 80ع واري ڏهاڪي کان اڳ شروع ڪئي هئي. سندس پهرين ڪهاڻي "پائلي" جي عنوان سان شايع ٿي هئي. طارق عالم جا ڪيترائي ڪتاب شايع ٿي چڪا آهن. طارق عالم پاڪستان ٽيلي ويزن ۽ سنڌي چئنلن لاءِ ڊراما (ٽيلي پلي) پڻ لکيا. سندس لکيل پهريون ڊرامو "چنڊ رهين ٿو دور" 1979ع ۾ پي ٽي وي تان ٽيلي ڪاسٽ ٿيو، جيڪو سندس پنهنجي ئي هڪ ڪهاڻيءَ کي ڊراماٽائيز ڪيل هو. طارق عالم جا 25 کان وڌيڪ ڊراما نشر ٿي چڪا آهن. هن پنهنجي لکيل هڪ ڊرامي ۾ اداڪاري پڻ ڪئي جنهن جو نالو "سچ لهڻ کان اڳ" هو. سندس ڊرامن جو ڪتاب "چنڊ رهين ٿو دور" جي عنوان سان 2015ع ۾ شايع ٿيو آهي، جنهن ۾ سندس 15 ڊراما ڏنل آهن، جنهن ۾ "چنڊ رهين ٿو دور"، "ميلاپ"، رنگ رتا سپنا"، "اڏام"، "پولار"، "سچ لهڻ کان اڳ"، "طوفان کان پوءِ" (ٻه قسطون)، "چانور" (ڇهه قسطون)، "هڪ چورايل ڏينهن"، "فنگس" (داغ)، "چهرو چهرو آئينو"، "جيئري پيڙا"، "امانت"، "ڳالهه هڪ ماءُ جي"

۽ ”خالي فريم“ شامل آهن. جڏهن تہ سندس “ ”پيوند“ (1987) ۽ ”تن دما“ (1982) بہ ڪافي مقبول ٿيا هئا.

طارق عالم ابڙي ڪيترائي پنهنجي زندگي تي مبني (Autobiographical) لکيا آهن. هن پاڻ ئي پنهنجي لکڻين لاءِ پاڻ لکي چڪو آهي تہ ”منهنجي ڪهاڻين، تي وي ناٽڪن ۽ ناول جا پنجانوي سيڪڙو ڪردار سڌي ريت منهنجي ذات سان لاڳاپيل رهيا آهن. جيڪي اڄ بہ سنڌ ۾ يا سنڌ کان ٻاهر پنهنجي پنهنجي حصي ۾ آيل غم يا خوشي ڀوڳي رهيا آهن“.(46)

طارق عالم ابڙي جا ڊراما سندس ڪهاڻين جو عڪس پيش ڪن ٿا، جن ۾ رومانيت جو عنصر غالب هوندو آهي. هن جا اڪثر ڊراما گهريلو قسم جا آهن. اهوئي سبب آهي جو طارق عالم ابڙي ڪي ڊرائنگ روم تي وي ڊرامن جو ٻلوڙ ليکڪ چيو ويندو آهي. هن شروع ۾ پنهنجين ئي ڪهاڻين ڪي ڊرامائي روپ ڏنو. ان سلسلي ۾ 1979ع ۾ هن پنهنجي ڪهاڻي ”خواهش جي ٿياس تي“ کي ڊرامائي روپ ڏئي ”چنڊ رهين ٿو دور“ جو نالو ڏنو. هن ڊرامي جي ڪردارن ۾ سڪندر، سليمان، روحي، زلفي، ماءُ ، ڪتل ۽ ڪپڙي وارو آهن. هيءَ هڪ رومانوي ڊرامو آهي.

گڙدي جي مرض ۾ مبتلا هئڻ سبب يورولاجي وارڊ، ڪراچي ۾ داخل ٿيو. جتي هن گڙدي جي پيوندڪاري جا ڪيترائي مثال ڏٺا. ان سلسلي ۾ هن هڪ بهترين ڊرامو ”پيوند“ لکيو. جيڪو هن جي پنهنجي زندگي جي عڪاسي ڪري ٿو. سندس ڊرامو ”چانورو“ هڪ رومانوي ڊرامو هو، جنهن ۾ چاهتن، محبتن، وڇوڙن ۽ ميلاپ جا موضوع ملن ٿا. سندس ڊرامو ”چانورو“ قسطوار نشر ٿيو. جنهن کي ڏسندڙن وٽان تمام گهڻي موٽ ملي.

مشهور ڊراما نگار عبدالقادر جوڻيجي کيس ”پاڻ وڪڻي ڪائيندڙ ليکڪ“ سڏيو آهي. هو لکي ٿو تہ ”پٺلو نرودا“ ڪروڙ پتي ٿيڻ جي شوق ۾ ٻه جو دوڪان کوليو. جڏهن ٻه وڪڻي نہ سگهيو، تہ پنهنجي ڪتاب ”معمائرس“ ۾ نہ رڳو پنهنجي اديب ۽ شاعر دوستن کي وڪڻي ڪائي ويو. ساڳي ڪريت سان طارق ابڙي پنهنجي ٽيلي ناٽڪ ”طوفان ڪانپوءِ“ ۾ پاڻ سان پنهنجي گهر جا ڀاتي وڪڻي ڪاڍا. ناول

رهجي ويل ”منظر“ ۾ پنهنجي محبوبا ۽ دوستن کي وڪٽي ڪاڏائين. ٽيلي ناٽڪ ”چانورو“ ۾ مون جهڙن کي وڪٽي ڪاڏائين. ٽيلي ناٽڪ ”پيوند“ ۾ پنهنجو پاڻ کي وڪٽي ڪائي ويو.“ (47)

### زيب سنڌي (7 سيپٽمبر 1957ع)

زيب سنڌي جو اصل نالو محمد خان ولد عبدالستار شيخ آهي. سنڌي ادب ۾ سندس سڃاڻپ تمام گهڻ رخي آهي، هو افسانہ نگار، ڊرامانويس مترجم، پبلشر، شاعر ۽ ريڊيو ڪمپيئر جي حيثيت ۾ سڃاتو وڃي ٿو. سندس ڪيترائي ڪتاب شايع ٿيل آهن.

زيب سنڌي ٽي وي ۽ ريڊيو لاءِ ڪيترائي مشهور ۽ مقبول ڊراما لکيا آهن، جن ۾ ”سمجهو تہ“ (1988)، ”وڇايل ٻار“، ”ماءُ“، ”حيران“، ”خالي گهر“، ”خالي ڪاغذ“، ”چوڏو“، ”سمنڊ جون سرحدون“ (1988)، ”گهرياتي“ (1995) ”جانشين“ (اردو ۾ 200)، ”اشتهاري گهوٽ“ (2006). وغيره اهم آهن. سندس اردو سيريل ”جانشن“ تمام گهڻي مقبوليت حاصل ڪئي جڏهن تہ اردو سيريل ”انجاني راستي“ ۽ ٽيلي فلم ”سيتا زينب“ تمام گهڻا مقبول ٿيا.

زيب سنڌي جي ڊرامن ۾ خاص ڳالھ اها هوندي آهي تہ انهن جا موضوع ڀرپور سماجي عڪاسي ڪندڙ هوندا آهن. سنڌ جي همعصر مسئلن تي لکندو آهي. هن جي ڊرامي ”جانشين“ وڏي شهرت ماڻي، جن ۾ سنڌ جي زميندار گهراڻي جي بهترين نموني عڪاسي ڪئي وئي. ”اشتهاري گهوٽ“ سندس مزاحيہ ڊرامو آهي، جڏهن تہ ”ميران“ ۾ هڪ ڪلاسيڪل ڪهاڻي کي ڪنيو ويو آهي.

زيب سنڌي جي ڊرامن جا پلاٽ حقيقت سان ڀريل موضوعن تي مبني آهن، جن ۾ ننڍڙا ننڍا مسئلا اچي وڃن ٿا پر انهن جو تاثر خوبصورت آهي. هن جي ڊرامن جي ڪهاڻين ۾ حقيقت نگاري ۽ منظر نگاري بہ خوبصورت هوندي آهي. اهڙي طرح زيب سنڌي سنجيده ڊرامن سان گڏوگڏ مزاحيہ ڊراما بہ لکيا آهن.

### ماڪن شاھ رضوي (11 نومبر 1960ع)

سنڌ جي نوجوان ليکڪن ۾ ماڪن شاھ رضوي جو بہ تمام وڏو نالو آهي. هو ڪهاڻيڪار، ڊراما نويس، مضمون نگار ۽ شاعر طور سڃاتو وڃي ٿو. 1983ع ۾

سندس ڪهاڻين جو پهريون مجموعو ”زهر جهڙي زندگي“ شايع ٿيو. شاهه صاحب ريڊيو پاڪستان لاءِ 50 کان مٿي ڊراما ۽ 250 کن فيچر لکيا آهن ۽ ٽي وي لاءِ سنڌي ۽ اردوءَ ڊراما لکي چڪو آهي. سندس ڊراما ۽ ڪهاڻيون سنڌي سماج جو آئينو آهن. هن پنهنجي لکڻين رستي سماج اندر تبديلي جي ڪوشش ڪئي آهي. سندس ڊراما خاص طور تي حقيقت پسندي ۽ ڪردار نگاريءَ جي ڪري بيحد پسند ڪيا ويندا آهن.

سندس اهم ڊرامن ۾ ”آس“، ”ڪجل ڀنا نيڻ“، ”نصيب“، ”پس آئينہ عورت ڪا هي“، ”بکري لوگ“، ”گوندر وڏا گهاءُ“، ”آسرو“،”لهر لهر زندگي“، ”آسيس“،”بوبد بود زهر“ آهن. سندس سولو پلي ”بوبد بود زهر“ 1996ع ۾ نشر ٿيو. هي ڊرامو نوجوان شاعر جي ارگرد گهمي ٿو. جنهن ۾ هن سان سندس دوستن ۽ مائٽن جي روين جي عڪاسي ڪئي وئي آهي. هي ڊرامو رومانوي ٽريجڊي هو. 1996ع ۾ ماڪن شاهه رضوي جو اردو ڊرامو ”بکري لوگ“ رڪارڊ ٿيو. هن ڊرامي جي رڪارڊنگ نئون ڪوٽ لڳ ٿر ۽ بٺراج واري ايراضي جي سنگم تي ٿي. هي ڊرامو هونئن تہ عشقيہ موضوع تي هو. پر هن ۾ سنڌ جي ثقافت ڪي پڻ ڀرپور نمونو پيش ڪيو ويو. هن ڊرامي ۾ چٽيءَ جي رسم کان وٺي مرڻي ۽ پرڻي جون سيئي رسمون شامل هيون. ان ڪان علاوه ملهہ، ملاکڙا، ڪڪڙن جي ويڙهہ، رڃ ۽ ڪتي جي ٻچ، ڏاندن جي گوءِ وغيره جا ڪيترائي منظر ڏيکاريا ويا. 1998ع ۾ سندس ڊرامو ”آسيس“ نشر ٿيو. هيءَ سيريل ڪا خاص ڪاميابي ماڻي نہ سگهي هئي.

**ڪيهر شوڪت (1952– 1999ع)**

خوبصورت سوچن ۽ حسين منظر نگاري ڪي لفظن جي مالا ۾ پوئي سموئي دلڪش جملا ترتيب ڏئي سماج جي عڪاسي ڪي دلفريب ڪهاڻين جو روپ ڏئي امر ادب تخليق ڪندڙ ڪيهر شوڪت ولد غلام عباس ڪيهر جو جنم دادو شهر ۾ ٿيو.ڪيهر يورپي ۽ روسي ادب جو گهرو مطالعو ڪيو. ان اثر هيٺ هن ڪيترين ئي ڪهاڻيون لکيون جن مان ”پل تي وينل نوجوان“ (1979) شايع ٿيل هو.

ڪيهر ڪيترين ئي شاهڪار ڪهاڻيون لکيون بعد ۾ ڊرامي جي وڌندڙ

شهرت جي ڪري ٽي وي ڏانهن رخ ڪيائين. سندس شروعاتي ڊراما سندس ڪهاڻين جي ڊرامائي تشڪيل هئا جن ۾ ”پل تي ويٺل هڪ نوجوان ڪي ”گهٽ“ (1978) جو نالو ڏنو ۽ ”پيلو پنو“ کي ”ايڪسري“ جو ويس پهرايو. ان کانپوءِ ”سج گرهڻ“، ”رڃ“، ”ٻيو شخص“، ”اڪيلو ماڻهو“، ”بند دروازا“ سور جون سؤ صورتون (1982) ۽ ٻيا ڪيترائي ڊراما لکيا آهن.

ڪيهر شوڪت اردو ۾ بہ ڪيترائي ڊراما لکيا جن ۾ ”سورج گرهن“، ”چنبيلي ڪي بيل“، ”انتها“ (1993)، ”جنت“، ”درد مندون ڪا ديس“ ۽ ”دل وه ٻي مجبور“ وغيره شامل آهن. انهن ڊرامن ۾ سورج گرهن دراصل سنڌي ڊرامي سج گرهڻ جو اردو ترجمو آهي.

سندس ٻين ڊرامن ۾ ”رڃ جا مسافر“، ”انتها“، ”جنون“، ”چوندٻ“ وغيره بہ ڪامياب ڊراما هئا. سندس باري ۾ محمد بخش سميجو لکيو آهي تہ هي هڪ ارڏو، مضبوط خوش گفتار، سنجيده ۽ بي باڪ ليکڪ هو. هن جو چوڻ هو تہ توهان بہ سنسرشپ ياسين ڪٽ جا مجاز آهيو، جيڪا اها سين سماج جو عڪس رکندڙ نہ هجي“. (48)

سندس ڊرامن جي خاص ڳالهہ خوبصورت سوچون، حسين منظر نگاري دلڪش مڪالما ۽ سنڌي سماج آهن. هن جي ڊرامن ۾ جاگيرداري خلاف نفرت، پيري مريدي کان بيزاري، بيڪار ريتن رسمن کان بغاوت، هارين ۽ پورهتين لاءِ ساٿ ۽ سياسي ۽ فلسفي موضوع شامل آهن.

ڪيهر شوڪت جا اردو توڙي سنڌي ۾ لکيل ڊراما سنڌي سماج جي ماحول جي عڪاسي ڪن ٿا، انهن ڊرامن ۾ هن سنڌ جي ٻرندڙ مسئلن کي پيش ڪيو. هن جا ڪردار سنڌ جا وڏيرا، هاري، پورهيت، ڳوٺاڻا ۽ شهري آهن. هن جاگيرداري، پيري مريدي ۽ بيڪار رسمن خلاف بغاوت ڪئي.

ڪيهر شوڪت پنهنجي همعصر دور جو هڪ ڪامياب ڊرامانگار هو. هن سنڌي ڊرامن ۾ نوان لاڙا ۽ نوان ڪردار متعارف ڪرايا. ”لاڙڪاڻو امر شخيصتون“ ۾ عبدالستار پيٽي لکي ٿو تہ ”ان وقت اچانڪ ڪيهر شوڪت پوري پاڪستان ۾ شهرت جي بلندين تي پهتو جڏهن هن جو ڊرامو ”سورج گرهن“ پيش ڪيو ويو. اردو

ڊرامي سورج گرهڻ بعد شوڪت جو شمار پاڪستان ٽيليويزن جي معروف ليکڪن ۾ ٿيڻ لڳو. ڪهاڻيون جڏهن اردو زبان ۾ پيش ٿيون ته ڪيس وڏيڪ اتساهه مليو ۽ هن جي اندر ۾ بند صلاحيتن پنهنجي لاءِ رستا تلاش ڪيا ۽ ڪيهر شوڪت پاڻ، سندس قلم ۽ تخليقون بلندين جي معراج تي پهتيون. سندس اردو ڊراما سيريل ”چنبيلي بيل“ به گهڻو پسند ڪيو ويو. پر هن جي اردو ڊراما سيريل ”انتها“ وري ڪمال ڪري ڇڏيو. جڏهن ڊرامي انتها جي قسط هلندي هئي ته شهرن جا روڊ رستا ۽ گهٽيون جون گهٽيون خالي ٿي ويندڙيون هيون“.

ڪيهر شوڪت ڊرامي جو بهترين ليکڪ هو، جنهن ڊرامي وسيلي سنڌي سماج جي مسئلن کي پيش ڪري پنهنجو حق نڀايو.

**رزاق مهر (1954– 2002ع)**

عبدالرزاق مهر ولد رانجهو خان مهر جو جنم مراد واهڻ لاڙڪاڻي ۾ ٿيو. رزاق مهر ڪهاڻين لکڻ جي شروعات 1974ع کان ڪئي، سندس پهرين ڪهاڻي ”ڪرشن هاٿي جي اڳيان“ شايع ٿي هئي. سندس ڪهاڻين جا مجموعا ”سڪون ڪٿي آهي“ ۽ ”ڌهندڙ ليڳا “ شايع ٿيل آهن.سندس ڊرامن جا ڪردار ۽ واقعات هڪيئي سان ٺهڪندڙ هوندا آهن. اهڙي طرح هن جا ڪردار سماجي بي وسي، اڪيلائي جي احساس، پيڙائن وغيره جو شڪار هوندا آهن. هن سماج ۾ ڏاڍ، بيوس انسان جي مجبورين ۽ عذابن جو ذڪر پنهنجي ڊرامن ۾ سمايو آهي. درحقيقت سندس ڊراما نگاري جي شروعات استيج سان ٿي ۽ هن ”بدحواس هيڊ ڪلارڪ“، ”تي خانداني بي روزگار“، ”ايف آءِ آر“ ۽ ”مولومت وڃائي“ جهڙا ڪامياب ڊراما لکيا.هن ٽي وي لاءِ ڪيترائي ڊراما لکيا جن ۾ اڪثر قسطوار شامل آهن. اهڙن ڊرامن ۾ ”جياپو“، ”وڇوٽيون“، ”پاتال“، ”زندگي ڏانهن ڦيرو“ (1987) ”ڇوٽڪارو“، ”راهه جو پٿر“، ”سفر“، ”زخم زندگي جا“، ”اعتراف“، ”ڌرتي ڌڻي“ ۽ ”دور“ پنهنجو مٽ پاڻ آهن. رزاق مهر تو پهريون ٽي وي ڊرامو ”زندگيءَ ڏانهن“ آهي.

هن پهريون ٽي وي ڊرامو ”زندگيءَ ڏانهن“ جي نالي سان لکيو. جيڪو 1986ع ۾ پروڊيوسر ذوالفقار نقوي پيش ڪيو. هن سماجي حقيقتن تي ڊراما لکي، سنڌي ٽي

وي ناٽڪ کي نئون موڙ ڏنو. جنهن ڪانپوءِ گهڻن ليکن سماجي مسئلن تي قلم کنيو. هونئن ته رزاق پنهنجي سمورن ڊرامن ۾ نج عوامي مسئلن کي بحث هيٺ آندو آهي.

**جياپو:** رزاق مهر سنڌ جي هر سماجي مسئلي تي لکيو آهي. سندس سيريل "جياپو" 1991ع ۾ نشر ٿيو. هن ڊرامي سڄي سنڌ کي حيران ڪري ڇڏيو. ان ۾ وڏيرن طرفان قائم ڪيل خانگي جيلن جي ڇرڪائيندڙ حقيقت کي پڌرو ڪيو ويو آهي. جڏهن "جياپو" ٽي ويءَ تان نشر ٿيندو هو ته ماڻهن جا انبوهه دڪانن ۽ هوٽلن جي ٻاهران به ڊرامو ڏسڻ لاءِ بيهجي ويندا هئا ۽ سنڌ جي وڏيرڪي ڏاڍ ۽ ظلم خلاف روڊن تي نعرا هڻڻ لڳندا هئا. سندس لکيل ان ڊرامي سنڌي سماج ۾ هڪ تبديلي آندي ۽ ان کان پوءِ سنڌ ۾ جبري پورهئي ۽ خانگي جيلن جي خلاف جدوجهد شروع ٿي. سنڌ جي ڪيترن ئي علائقن ۾ پوليس خانگي جيلن تي ڇاپا هڻي جبري پورهيو ڪندڙ هاري آزاد ڪرايا. سندس مڪالمن ۾ انسانن جو درد هو. هن وڏيرڪي سماج جا اهڙا ته ڇوڏا لاٿا، جو تنهن دور ۾ وڏيرن ان ڊرامي سخت اعتراض وارينديُ پريس ڪانفرنسون ڪيون. اها سندس پورهئي جي مڃتا هئي

**وڇوٽيون** :سندس ٻي مشهور سيريل "وڇوٽيون" 1994ع ۾ ٽيليڪاسٽ ٿي. هن ۾ زندگي سان ملندڙ جلندڙ ڪهاڻي ڏيکاري ويئي آهي ته هڪ شڪي مزاج شخص پنهنجي نوڪري ڪندڙ زال تي شڪ ڪري ٿو. نتيجا هو زال کي پريشان ڪري ٿو ۽ خود به اضطراب مان گذري ٿو.

**پاتال** :سندس ٽئين ڊراما سيريل "پاتال" 1996ع ۾ هلائي ويئي. هن ڊرامي ۾ هيروئن ڪلچر ۽ وياج خوري جهڙن سماجي مسئلن کي لکي سماج اندر زهر ڦهلائيندڙ ڪردارن کي رسوا ڪيو ويو.

**نبيرو:** اهڙي طرح سندس اهم سيريل "نبيرو" ۾ هن سنڌ جي تعليم جهڙي مسئلي تي قلم کنيو. هن ڊرامي ذريعي ڏيکاريو ويو ته ڪيئن سنڌ جا استاد، جاگيردار ۽ ڪامورا هڪ رٿابنديءَ سان سنڌ جي تعليم کي تباهه ڪري رهيا آهن.

**اعتراف** :سندس سولو پلي "اعتراف" 1996ع ۾ نشر ٿيو. هن ڊرامي جي ڪهاڻي هڪ شاعر جي اردگرد گهمي ٿي. جيڪو گورنمينٽ جي ڪنهن سٺي پوسٽ تي

فائز آهي. هن ڊرامي جو هيرو ان غلط فهميءَ جو شڪار آهي تہ ان عورت جو خون ڪيو آهي. جنهن ڪي هو دل جي گهراين سان چاهي ٿو. ان ڇوڪريءَ هن جي ڪري خودڪشي ڪئي هئي. ان ذهني الجهن جي ڪري شاعر ذهني مريض ٿي پوي ٿو.

رزاق مهر لاءِ عزيز ڪنگراڻي لکيو آهي تہ ”رزاق مهر پنهنجي ٿهيءَ جو برجستو ۽ ساڃاهہ وند ڪهاڻيڪار ۽ ڊرامانگار هو. هن پنهنجي تخليقي صلاحيتن ۽ محنت ڪي ڪم آڻيندي سنڌي ادب کي ڪيترين ئي شاندار ڪهاڻيون ڏنيون. بهترين اسٽيج ڊراما ۽ ٽي وي ڊراما لکيا. وٽس سماج ۽ قوم لاءِ سڪ ۽ محبت جو سمنڊ موجون هنيون. رزاق مهر ڪمٽيڊ ۽ باشعور ليکڪ هو. سندس لکڻين ۾ ڪمٽمينٽ جو عنصر سانوڻي ۾ وهندڙ ڳاج جيان ڇوليون هڻندي، وهندي ۽ جهلڪندي نظر ايندو هيو. جنهن بہ موضوع تي لکيائين پوري گرفت ۽ فنڪاراڻہ صلاحيتون ڪتب آندائين. سندس تخليقن ۾ انهن جي موضوعن تي هڪ الڳ اڀياس جي ضرورت آهي. سندس ڪهاڻين ۽ ڊرامن جا ڪردار سماج ۾ جيئرا، جاڳندا ڪردار ۽ چهرا چرندي ڦرندا نظرايندڙ آهن“.(49)

**محمود مغل (27 نومبر 1961ع)**

ڊاڪٽر محمود الحسن جو جنم سيوهڻ شريف ۾ ٿيو هو. پاڻ انهن سنڌي نوجوان اديبن مان هڪ آهي جن ٿوري عرصي ۾ ڪمپيئر، ڪهاڻيڪار، ناول نگار ۽ ڊرامانويسي ۽ ڪالم نويسي ۾ پنهنجو نالو ڪڍيو آهي. محمود مغل لکڻ جي شروعات ڪهاڻين سان ڪئي. سندس ڪيترائي ڪتاب شايع ٿيل آهن.

محمود مغل جون ڪهاڻيون، ڊراما ۽ ناول معاشرتي مسئلن تي ڏاڍي خوبصورتي سان لکيل آهن. هن جي لکڻين ۾ هڪ خوبي اها بہ آهي تہ اهي اسان جي پنهنجي ماحول جي عڪاسي ڪن ٿيون. سندس لکڻيون فن ۽ فڪر جو حسين سنگم آهن.

محمود مغل جي، ڊرامن ۾ رومانس وڌيڪ اثرائتي ۽ خوبصورت نموني ڏيکاريل آهي. هو محبتن جي دنيا ۾ گم ٿي وڃي ٿو. جتان سندس ڪردار واپس موٽڻ ئي نٿا چاهين. محمود مغل ٽي وي لاءِ ڪيترائي سنڌي ۽ اردو ڊراما لکيا آهن، جن ۾ ”آئيڊيل“، ”زندگي جو زهر“، ”خالي گهر“، ”خوشبو“، ”وڇايل منزلون“،

”موتي آءُ“، ”خالي هٿ“، ”رشتو“، ”اڻ ڏٺل موسم“، ”هڪڙي ملندي آهي زندگي“، ”بخشش“، ”ڄاتل اڻ ڄاتل“، ”لهندڙ سج وڌندڙ پاڇا“، ”هڪ خوشي جو سوال“، ”آس نراس جي وچ ۾“، ”ٽٽل وجود جو ميلاپ“ شامل آهن. جڏهن ته اردو زبان ۾ ”روش“ (1993)، ”نوري ڄام تماچي“ (1996)، ”يادين“ (1998)، ”سمجهوته“ (2001)، ”دل اسي چاهتا هي“، ”کلونا“، ”ادهورا پن“، ”تيري آجاني سي“، ”رشتي ناتي“، ”انگاري“ ۽ ٻيا ڪيترائي ڊراما شامل آهن.

محمود مغل جي ڊرامن ۾ سماجي مسئلا، جهڙوڪ شادي جي ڏي وٺ جو مسئلو، پسند جي شادي جو مسئلو، سماجي ڪشمڪش، خود غرضي، بک ۽ بيروزگاري، تعليمي ادارن ۾ سياست ۽ تعليمي فقدان جو مسئلو وغيره پيش ٿيل هوندا آهن.

محمود مغل ڪيترائي سيريل به لکيا آهن ته سولوپليز به. هن جا اڪثر ڊراما شهري ماحول جي پسمنظر ۾ هوندا آهن. هن جي ڊرامن جي هڪ خوبي اها به آهي ته انهن ۾ ننڍا ننڍا، ماحول سان مطابقت رکندڙ ڊائلاگ هوندا آهن. سندس باري ۾ محمد بخش سميجي لکيو آهي ته ”محمود مغل پهريون ڊرامو ”آئيڊيل“ 1982ع ۾ لکيو هو، جڏهن اجا پاڻ ميڊيڪل ڪاليج ۾ پڙهندو هو. جڏهن محمود مغل جو اهو پهريون ڊرامو نشر ٿيو هو ته ڏاڍو زور دار طريقي سان اهو احساس ٿيو ته هڪ ٻيو سنڌي نوجوان پنهنجي صلاحيت جي زور تي سنڌي ڊراما لکڻ وارن جي فهرست ۾ پاڻ کي شامل ڪرائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو آهي“.(50)

محمود مغل جي ڪيترن ئي ڊرامن کي پي ٽي وي تان ايوارڊ ڏنا ويا پر سندس ڊرامو ”آس ۽ نراس جي وچ ۾“ بهترين ڊرامو هو. هن ڊرامي ۾ هڪ اسٽيج ڊراما فنڪار جي زندگي کي بنياد بڻائي لکيو ويو هو، جيڪو اسٽيج تي اداڪاري ڪندي دل جو دورو پوڻ سبب گذاري وڃي ٿو ۽ ڏسندڙ سمجهن ٿا ته فنڪار تمام سٺي اداڪاري ڪئي، پر معلوم ٿئي ٿو ته اهو ڊرامو نه هو بلڪ سچ پچ گذاري ويو آهي. ان ڊرامي جو مرڪزي اداڪار مرحوم يوسف هو. ”لهندڙ سج وڌندڙ پاڇا“ سندس هڪ شاهڪار ڊرامو هو. هن ڊرامي ۾ انساني جذبن جهڙوڪ محبت، نفرت، چڱايون، مدايون ۽ رشتن جو سچايون قلمبند ڪيون ويون آهن.

اهڙي طرح رومانوي فضا سنڌس ڊرامن ۾ غالب نظر ايندي آهي. سنڌس ڊرامن ۾ هلڪا ڦلڪا مڪالما ۽ مضبوط ڪردار نگاري هن جي ڪاميابي جو راز آهن. مطلب ته نئين ٿهي جي اديبن ۾ محمود مغل پنهنجو ڪردار هر لحاظ کان بهترين نموني ملهايو آهي.

**محمد عثمان ميمڻ (1اپريل 1952ع)**

محمد عثمان ميمڻ جو جنم دادو شهر ۾ ورتو. محمد عثمان ميمڻ محقق ڊرامانويس ۽ شاعر آهي. سنڌ جي ڪجهه ناٽڪ منڊلين سان به منسلڪ رهيو آهي ۽ اسٽيج تي سندس خدمتون اهم آهن. هن "سنڌ جي قديم آثارن جي ڊائريڪٽري" ۽ "سنگيت سنسار" (ميوزڪ) نالي سان به ڪتاب پڻ مرتب ڪيا آهن. هو سنڌي ٻولي اختياريءَ جي انسائيڪلو پيڊيا اسڪيم جو سربراهه رهيو آهي.

محمد عثمان ميمڻ ڊرامي لکڻ جي شروعات 1975ع کان ڪئي. سندس پهريون ڊرامو 'پسي ڳاڙها گل' آهي ۽ ٻيو ڊرامو 'چريو' آهي. اهڙيءَ طرح هن وقت تائين سندس 30 کن ڊراما پي. ٽي. وي تي نشر ٿي چڪا آهن، جڏهن ڪي. ٽي. اين ۽ سنڌ ٽي. وي پنهنجي نشريات شروع ڪئي ته 2005ع کان هن اتي لکڻ شروع ڪيو. سندس ڊرامو 'پاڻيءَ مٿي جهوپڙا' مشهور ٿيو. جيڪو ڪي. ٽي. اين طرفان منان عباسيءَ جي ڊائريڪشن ۾ منڇر جي پسمنظر ۾ رڪارڊ ٿيو. جيڪو ٽيم توڙي ٻوليءَ جي لحاظ کان ڪي. ٽي. اين جي مک سيريل ۾ شمار ٿئي ٿو. ان کان سواءِ هن ڪي. ٽي. اين تي 'حوا'، 'آئينو' نالي سيريل، 'غريب آباد جي عذرا ۽ شمي' ۽ ڪيترائي فائيو ڊيز لکيا آهن. سندس 80 قسطن تي مشتمل سيريل روپ راڻي جيڪا سنڌ جي محبتي ڪردار سونيتي ۽ ان مير باغي تي آهي جنهن ڪلهوڙن جو پويون دور ۽ ميرن جو شروعاتي دور ڏيکاريل آهي. هن سنڌ ٽي. ويءَ لاءِ به ڪافي لکيو آهي، جن ۾ گهڻو ڪري سيريل ۽ فائيو ڊيز آهن. سيريل ۾ وارث , شانتي ۽ دشمن سندس بهترين سيريل ۾ شمار ڪيون وڃن ٿيون. فائيو ڊيز ۾ سندس ڊرامو 'اڄ جي نوران' گهڻو پسند ڪيو ويو. انهن ڊرامن کي مشهور هدايتڪار منظور دانش جي ڊائريڪشن ۾ رڪارڊ ڪيو ويو.

"عثمان ميمڻ جو 2014ع ۾ سنڌ ٽي. وي تان ڊرامو 'دشمن' نشر ٿيو.

جنهن جو ڊائريڪٽر منظور دانش هو. ڊرامون دعا 91 قسطون ٻه 2016 ۾ هلي چڪو آهي. سندس هڪ ڊرامو 'جيون ڪٿا' مهراڻ تي. وي 2009ع تان نشر ٿيو. محمد عثمان ميمڻ جون سنڌي ڊرامي کي هٿي ڏيارڻ ۾ ڪيتريون ئي اڻ ٿڪ محنتون آهن هن سنڌي ڊرامي کي ڪيترائي نوان موڙ ۽ نوان لاڙا ڏئي سنڌي ڊرامي ۾ پنهنجي هڪ علحده سڃاڻپ ناهي ورتي آهي. سنڌي ڊرامن ۾ هميشه ٻوليءَ جو ڪو خيال ناهي رکيو ويندو پر هڪ سنڌي ڊرامي ۾ وڌ کان وڌ ٻوليءَ ۽ اسلوب طرف ڌيان ڏيندو آهي. اهو ئي سبب آهي جو سندس ٽيل ڊراما گهرن ۾ پڻ ڏٺا ۽ ساراهيا ويندا هئا. سندس ڊرامن جا پلاٽ سياسي، سماجي ۽ کهرو مسئلا هجن ٿا. هن جي هميشه اها ڪوشش رهي آهي ته سنڌي ڊرامي کي قبيلائي دهشتگردي ۽ هٿيار ڪلچر کان ٻاهر ڪڍي سگهي پر ذهن ۾ قاتل ان سماج کي ان گند مان ٻاهر ڪڍڻ ڪافي ڏکيو مرحلو آهي. جنهن لاءِ هُو هميشه ڪوشان رهي ٿو." [51]

محمد عثمان ميمڻ ستر، اسي واري ڏهاڪي ۾ دادو شهر ۾ ٿيندڙ ناٽڪ منڊلن ۾ اسٽيج ڊرامن کي هٿي ڏيارڻ لاءِ ڀرپور ڪردار ادا ڪيو ۽ ڪيترن اسٽيج ڊرامن ۽ ناٽڪ منڊلن جون ڪهاڻيون پڻ لکيائين.

**رحمت الله ماڃوٺي (25 مارچ 1957ع)**

رحمت الله ماڃوٺي جو تعلق چوهڙ جمالي ضلعي ٺٽي سان آهي. سندس شمار نالي وارن ڊراما نويسن ۽ ڪهاڻيڪارن ۾ ٿيندو آهي. رحمت الله سنڌي سماج جي عڪاسي ڪرڻ سان گڏوگڏ معاشري جا ٻه جيئرا جاڳيندا ڪردار پيش ڪيا آهن، جيڪي اسان وٽ باعزت شهري آهن يا آس پاس ۾ نظر اچن ٿا. سندس ڪردار سماجي حقيقت نگاري کي پيش ڪندا آهن.رحمت الله ماڃوٺي امر جليل وانگر پنهنجي ڊرامن ۾ طنز ۽ مزاح وارو انداز اپنائي ٿو پنهنجي ڪهاڻين لاءِ خود چوي ٿو ته "منهنجون ڪهاڻيون گهڻو ڪري واقعاتي ئي هونديون آهن، انهيءَ ڪري اهي ڪردار سچا ۽ حقيقي هوندا آهن."

رحمت الله ماڃوٺي ٽي وي جو ٻه ڪامياب ڊراما نويس آهي. سندس ڪيترائي اردو ۽ سنڌي ڊراما نشر ٿي چڪا آهن، جن ۾ "سسرال"، "دولاب"، "مشاهدو محبوبن جو"، "تلخيون"، "قربتون"(سيريل) ، "موڪلاڻي" ، " دروازو" ، "

ٽئل تارون“، ”رانديڪو“،  ” جاجڪ“، ”امانت“، ”بي رنگ موسم“ ، ” وڏو ماڻهو“، ” رشتن جي رڻ ۾ “ ۽ ٻيا ڪيترائي بهترين ڊراما لکيا آهن. جن کي عوام جي ڀرپور موٽ ملي آهي.

سندس ڊراما مزاحيه، سماجي، معاشي ۽ ملڪي سياسي حالتن جي به عڪاسي ڪندڙ هوندا آهن. هن جا ڪردار سچا ۽ عام رواجي زندگي مان چونڊيل هوندا آهن. ننڍا ننڍا ڊائلاگ، بهترين منظرڪشي، سندس مزاحيه ڪاميابيءَ جو راز آهن.

”قربتون“ سيريل جو پروڊيوسر بادل جمالي هو، هي ڊرامو 1996ع ۾ نشر ٿيو. هي ڊرامو سنڌ جي شهري ۽ ٻهراڙين جي ترجماني ڪري ٿو. ڪردار ساڳيا آهن، جن جو شهر ۽ ڳوٺ، ٻنهي سان واسطو آهي.

رحمت الله ماجوٺي جا سيئي ڊراما سندس ذات جي چوڌاري ڦرن ٿا. هن ڪاوش ۾ پنهنجي ڪردارن جي رازن تان تالو کوليندي لکيو ته هن جا ڊراما به هن جي ذات جو حصو آهن. سندس چوڻ آهي ته ”سسرال ڊرامي ۾ تارو خان جو ڪردار هن جي ڳوٺاڻي احمد ملاح جو آهي. ”دولاب“ ڊرامو هن پنهنجي برسات اخبار جي سب ايڊيٽري دوران ٿيل ذيادتين تي لکيو. سيريل ”قربتون“ ۾ هن شمشيرالحيدري جو ڪردار پيش ڪيو.“ اهڙي طرح هن جا ڊراما autobiographical آهن. هن جا اڪثر ڊراما ڪامياب ٿيا آهن، ڇو جو هو سچن ڪردارن کي حقيقت نگاري جو روپ ڏئي، سنڌي سماج جي عڪاسي ڪري ٿو.

**حفيظ ڪنير (27 جولاءِ 1964ع)**

حفيظ ڪنير جو جنم ميرپور خاص جي تعلقي غلام محمد جي ڳوٺ عرس ڪالرو ۾ ٿيو. حفيظ ڪنير ڪهاڻيڪار ۽ ڊراما نگار طور پاڻ کي مڃرايو آهي. ٽي وي تي سندس ڪيترائي بهترين ڊراما نشر ٿي چڪا آهن. جن ۾ سنڌي ثقافتي رسمن تي مشتمل سيريل ”هتين گل ميندي“، ”مور اڏاڻا مور“، ”منزلون ۽ مسافر“، ”گهر بي گهر“، ”وڄ“، ”فراڊي فراڊي“، جڏهن ته سولو پليز ۾، ”پاس نه پاس“ ۽ ٻيا ڪيترائي ڊراما لکيا آهن. هن معاشرتي مسئلن تي ڪيترائي سنجيده، طنزيه ۽ مزاحيه ڊراما به لکيا آهن. هن وٽ ثقافتي رنگ سان گڏوگڏ شهري سماج ۾ ذات

پات جوعڪس بہ ڏسڻ ۾ اچي ٿو. حفيظ جون لکڻيون خاندان، ذات پات ۽ پاڙي پتي جي گرد گهمنديون آهن.

حفيظ ڪنير ٿر جي پسمنظر ۾ بہ ڪيترائي ڊراما لکيا آهن. هن محمد اسماعيل عرساڻيءَ جي ڊرامي ”بدنصيب ٿري“ کي نئين گيٽ اپ سان پيش ڪيو. ان کان علاوه هن جي ڊرامن ۾ هر قسم جا ڪردار نظر ايندا، جيڪي پنهنجي ذات، سوچ ۽ فطرت مطابق هوندا آهن. حفيظ جي ڊرامن جي وڏي خوبي اها آهي تہ هن جا ڊراما سنڌي سماج جي سچي عڪاسي ڪن ٿا. هو ننڍن ننڍن مسئلن کي ڊرامن جا موضوع بڻائي ٿو. هن جي ڊرامن ۾ طنز ۽ مزاح جو بہ تمام سٺو سنگم هوندو آهي. اهو ئي سبب آهي جو هن ڪيترائي مزاحيہ ڊراما بہ لکيا آهن. ”فراڊي فراڊي“ نالي سندس ڪامياب ڪاميڊي سيريل آهي.

**منظور ڪوهيار (2 جون 1955ع)**

منظور ڪوهيار جو پورو نالو منظور حسين ٻرڊي آهي. سندس جنم لاڙڪاڻي شهر ۾ ٿيو. هو ڪيترن ئي سٺين ڪهاڻين ۽ ڊرامن جو ليکڪ آهي.

سندس ڊرامن جي خاص ڳالهہ اها هوندي آهي تہ انهن ۾ سنڌ جي ٻهراڙين جا نج مسئلا، جيڪي همعصر چئي سگهجن ٿا. جهڙوڪ ڪاروڪاري، ذاڙيل ڪلچر، وڏيرن جا ڪلور، ۽ ٻيا گهريلو مسئلا انهن کي اڇوتي انداز ۾ پيش ڪندو آهي. سندس اسٽيج ڊرامن ۾ ”جنرل شاهہ بهارو“، ”جهڪ“، ”آواز“ ۽ ”رسمن جي انگاس تي“ اهم آهن. جڏهن تہ ٽي وي ڊرامن ۾ ”ڪارا ڪڪر“، ”وفائون منتظر آهن“، ”سياست“، ”روشن“، ”رواج“ ۽ ”ٽينشن“ مشهور آهن

سندس ڊرامو ”روش“ 2006 ۾ ڪي ٽي اين تان پيش ٿيو. هن ڊرامي جي خاص ڳالهہ اها هئي تہ هن ڊرامي ۾ هندو معاشري کي پيش ڪيو ويو.

ڪنول پبليڪيشن قمبر پاران منظور ڪوهيار جي ناٽڪن جو مجموعو ’راج ڪرتهہ‘(King Maker) 2013ع ۾ شايع ڪيو آهي، جنهن ۾ سندس چار آرٽ ڊراما:1. پريميڪا، 2. بادشاهہ سلامت، 3. فرنگي ۽ 4. شاهہ بهارو، شامل آهن. منظور ڪوهيار جو لکيل ڊرامو’بادشله سلامت‘ بہ سنسڪرت ڊرامي جي انداز ۾ لکيل آهي، جنهن جي شروعات سوتر ڌار (راوي يا اسٽيج مئنيجر) جي آواز ۾

ٿئي ٿي. هن ڊرامي جي ڪهاڻي اڳوڻي زماني جي بادشاهن جي عياشين، بد ڪرادري، جنگي جنون، رعيت تي ظلم، حرمن جو تعداد وڌائڻ، ماڻهن جي ڪَلَ لاهي شاهي خزانو ڀرڻ، مولوين جي چاپلوسي، رعيت ۽ وفادران جي بيزاريءَ تي مبني آهي. هي ڊرامو تاريخي حوالي سان هڪ تجزيو آهي.

سندس ڊرامو 'فرنگي' بہ برصغير ۾ انگريزن جي سامراجي دور جو هڪ بهترين تجزيو آهي. جنهن ۾ اچوڪن حاڪمن جي وڏڙن جا ڪارناما نهايت طنزيہ ۽ مزاحيہ انداز ۾ ڀڌايل آهن.

"هن مجموعي جو چوٿون ۽ آخري ڊرامو 'شاهہ بهارو' هڪ امر وير ڪٿائي (سورهيہ ناٽڪ) آهي. جنهن ۾ ڪلهوڙن جي دور جي عظيم سپاهہ سالار 'شاهہ بهارو' جي ٻاهرين حملي آورن سان ٿيل جنگ جو ذڪر ڪيل آهي. شاهہ بهاري جي سورهيائي ۽ هن جي ويڙهہ جو ذڪر اسان جي لوڪ ادب ۾ تہ ضرور آهي، پر ڊرامي جي حوالي سان پهريون ڀيرو منظور ڪوهيار ان ڪردار کي ڪنيو آهي. ان ۾ نہ صرف شله بهاري ۽ ٻين تاريخي ڪردارن کي اهميت سان پيش ڪيو ويو آهي، پر انهن عام ماڻهن جي ڪردارن کي بہ آندو ويو آهي، جيڪي قومي ٻڌي، اتفاق ۽ اتحاد جي علامت آهن. هن سنڌ جي اهڙن ڪردارن کي بہ عيان ڪيو آهي، جيڪي ڀاڙي، بزدل ۽ افواهن تي هلندڙ آهن". (52)

منظور ڪوهيار جي ڊرامن جا ڪتاب "ماهتاب" (سانگ ناٽڪ) ۽ "ڳام جي عزت" (سماجي ناٽڪ) پڻ ڪتابي صورت ۾ شايع ٿيل آهن.

## عزيز ڪنگراڻي (4 جنوري 1958ع)

عزيز الله ولد سومار خان ڪنگراڻي جو جنم ڳوٺ حاجي ڪنگراڻي تعلقي "جوهي" ضلعي دادو ۾ ٿيو. هو نئين ٽهي جو باصلاحيت اديب آهي. هن ڊرامن، ڪهاڻين، تاريخي ۽ تحقيقي ڪم ۾ تمام سٺو نالو ڪڍيو آهي. سندس جا ڪيترائي ڪتاب شايع ٿي چڪا آهن. عزيز الله ڪنگراڻي جا ڪيترائي ڊراما ٽي وي تان نشر ٿي چڪا آهن. جن ۾ ڳوٺن جي ٻرندڙ مسئلن جي نشاندهي ٿيل هوندي آهي. عزيز ڪنگراڻيءَ سنڌ جي ڳوٺاڻي پسمنظر ۾ ڊراما لکيا آهن، سندس ڪردار، ماحول، مسئلا سيئي ڳوٺاڻا آهن. هو سنڌ جي ٻهراڙين جي نج مسئلن جي

اپٽار ڪري ٿو.

عزيز ڪنگراڻي جو تعلق سنڌ جي ڪاڇي واري علائقي سان آهي، جتي ڪڏهن ڪڏهن پاڻي سواليه نشان بڻجي پوندو آهي. سندس ڊرامو ”وسڪاري ڪانپوءِ“ هڪ بهترين ڊرامو آهي، جنهن ۾ ليکڪ پنهنجي علائقي جي حالتن جي عڪاسي ڪئي آهي. عزيز ڪنگراڻي سنڌ جي ريتن رسمن ۽ ثقافتي ورثي کي به ڊرامن ۾ متعارف ڪرائڻ جي لحاظ کان ڪامياب ڊراما نگار آهي. هن سنڌ جي معاشرتي حالتن کي خاص طور تي ترجيح ڏني آهي. جاگيرداري، زمينداري، پيري مريدي ، پورهيت، هاري، قومي ۽ سماجي مسئلا هن جي ڊرامن جو جابجا موضوع هوندا آهن.

عزيز ڪنگراڻيءَ جي ٻين ڊرامن ۾ ”سڪيءَ تي سمنڊ“ ، ” پنجوڙ“، ” اولڙا ۽ عڪس“، ” وسڪاري ڪانپوءِ“، ” روشن راهه“، ” سمنڊ تي لڪيرون“، ” ڪونج“ (سيريل)، ” شفق“، ” زندگيءَ جو امر گيت“،”چوٽڪارو“ (سيريل)، ”ڪنارو“ (سيريل)، ”وفائن ڪانپوءِ“ ۽ ٻيا ڊراما شامل آهن.

**حيات شاهه (1947_2020ع)**

حيات علي شاهه بخاري جي پيدائش ڳوٺ هٽڙي ،حيدرآباد ۾ ٿي. حيات شاهه پنهنجي زندگي جا ڪيترائي ورهيه اليڪٽرانڪ ۽ پرنٽ ميڊيا کي ڏنا آهن.سندس ڪيريئر جو آغاز 1967 ع کان ٿيو ۽ ريڊيو پاڪستان تي هڪ آرٽسٽ طور ڪم ڪيو.حيات علي شاهه ڪيترائي ريڊيو ۽ ٽي وي تي ڊراما لکيا آهن. جنهن ۾ پي ٽي وي لاءِ” خواب ۽ خواهشون“، سولو پليز ۽ سنڌ ٽي. وي لاءِ پڻ ڊراما لکيا آهن، تن مان ” چنڊ گرهڻ“، ” خواب ۽ خواهشون“ اهم آهن. پاڻ نه فقط سنجيده ڊرامه لکيائون پر مزاحيه به لکيا آهن. مهراڻ ٽي وي لاءِ پڻ مزاحيه ڊراما لکيا آهن. انهن ڊرامن مان ”نواب سراج دولها“، ”ٽيپو سلطان“ ۽ ٻيا تاريخي ڊراما ڏاڍا مقبول ٿيا.

**احمد علي چانڊيو (14 جولاءِ 1952ع)**

احمد علي ولد نواب خان چانڊئي جو جنم ڳوٺ چاچڙي، تعلقو ميرو خان ضلعي شهداد ڪوٽ ائٽ قمبر ۾ ٿيو. چانڊيو صاحب نه صرف ڊراما نويس آهي پر هڪ سٺو شاعر ۽ ڪهاڻيڪار به آهي. احمد علي چانڊئي پنهنجي دوست محمد

علي وفا سان گڏ 1978ع ۾ مهراڻ آرٽ ڪلب، شهداد ڪوٽ برپا ڪيو. هن پليٽ فارم تان احمد علي چانڊئي ڪيترائي اسٽيج ڊراما لکيا. جن ۾ ”قرض ۽ پيار“ (1978)، ”قربائتو قاتل“ (1978)، ”منهنجو مهمان“ (1979)، ”اباڻڪيون راتيون“ (1979)، ”ڪنول“ (1980) ”موت“ (1980)، ”زندگي هڪ ناٽڪ“. سنڌي لوڪ ادب جا چار ناٽڪ ”دودو چنيسر“،”سورٺ راءِ ڏياچ“ ، ”ديس ڏياڻي“ ۽ ”ڏکي ۽ ڏونگر ۾“ وغيره اهم آهن

احمد علي چانڊئي جا ڊراما هر موضوع جي ترجماني ۽ هر طبقي جي عڪاسي ڪن ٿا. انهن ڊرامن ۾ پيار به آهي ته تڪرار به آهي. سماجيات به آهي ته معاشيات به آهي.

## فاروق سولنگي (1947_2009ع)

فاروق سولنگي دادو شهر ۾ جنم ورتو.هن لکڻ جي شروعات 1974ع کان ڪئي، سندس پهرين ڪهاڻي 1974ع ۾ حيدرآباد مان نڪرندڙ ادبي رسالي ”سهڻي“ ۾ شايع ٿي. ان کانپوءِ 1980ع تائين هن مسلسل ۽ تمام سٺو لکيو. پي ٽي وي سميت مختلف خانگي ٽي وي چينلن تي سندس لکيل ڪيترائي ڊراما ٽيليڪاسٽ ٿيان. ”گامون سچار“ جون 26 قسطون ٽيليڪاسٽ ٿيو. پوءِ هن اردو ڊراما به لکيا. اردو ڊراما سيريل ”بيچاره“ جون 12 ۽ ”دنيا ديواني“ سيريل جون 9 قسطون پي ٽي وي تان ٽيليڪاسٽ ٿيون ان کان علاوه هن ڪيترائي سولو پلي به لکيا. سندس ڪهاڻين جو پهريون مجموعو ”سرد هوائون“ سال 2000ع ۾ ڇپيو. سندس ناول ”وڪريل ماڻهو“ پڻ ڇپجي منظرعام تي آيو.

## راز شر (1جنوري (1966ع)

علي راز شر جو جنم تعلقي ناري ضلعي خيرپور جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ حاجي غلام علي شر ۾ ٿيو. راز شر جي ادبي سڃاڻپ گهڻ رخي آهي. هو ڪهاڻيڪار، ڊراما نويس، مضمون نگار، محقق، مترجم، ۽ نقاد آهي. هن وقت سنڌي ادب جي پروفيسر طور تي ڪراچي جي ڪاليجن ۾ خدمتون سرانجام ڏئي رهيو آهي. سندس ڪيترائي ڪتاب شايع ٿي چڪا آهن. سندس ٽي وي تان نشر ٿيل ڊرامن

۾ ”مورجا پر“ (2003ع)، ”لڙڪ ۽ مرڪ“ (2003) ۽ ”نوري“ (2005)، ”گلِ چنو گرنارجو“، ”ڪيمو فلاج خاص اهميت رکن ٿا.

راز شر بنيادي طور تي ڪهاڻيڪار آهي. شايد فڪر معاش ڪيس ڊرامن ڏانهن وٺي آيو هجي. راز پنهنجي ڪهاڻين وانگر ڊرامن ۾ به رومانوي پهلوءَ کي وڏيڪ اجاگر ڪيو آهي. سندس پهريون ڊرامو ”مورجا پر“ناٽڪ منڊلي“ (سيريز)، ”جمال الدين ٽيلرز“، آهي، جيڪو پي ٽي وي تان منظور مگسي پيش ڪيو. سندس رومانوي تاريخي ڊرامو ”نوري ڄام تماچي“ 2005ع ۾ پي ٽي وي تان پيش ٿيو. ان سيريل ۾ راز شر سمن جي دور جي سنڌ جي جاگرافيائي، سياسي، ثقافتي ۽ معاشي تاريخ کي اجاگر ڪيو آهي. راز شر جو تعلق جيتوڻيڪ اتر سنڌ سان آهي پر هن ٿٽي جي ٻولي ۽ لهجي کي نوري ڄام تماچي سيريل ۾ خوب نڀايو آهي. راز شر جي پي ٽي وي لاءِ هڪ ٻي تاريخي سيريل ”سورٺ“ لکي، جيڪا پڻ نواب مهدي پيش ڪئي. هن ڊرامي ۾ سورٺ راءِ ڏياچ جي تاريخي داستان کي ڏاڍي خوبصورت انداز ۾ پيش ڪيو ويو آهي. سندس هڪ ٻي سيريل پڇتاءُ لکي اٿس، جيڪا 30 قسطن مشتمل آهي. هن سيريل ۾ راز شر سنڌ جي قومي تحريڪ کي چڱي طرح وائکو ڪيو آهي. NGOs جي ڪردار تي به ڀرپور نموني قلم کنيو اٿس. راز شر هڪ سنجيده ڊراما نگار آهي. پنهنجي ڊرامن ۾ هن سنڌ ۽ سنڌيت کي وڏيڪ اهميت ڏني آهي. سندس ٻين ڊرامن ۾ ”ڪيو فلن ۾“ ”فريب“ (اردو) ۽ ”الفاظ ڪا پهناوا“ اهم آهن. راز شر جا ڊراما واقعات نگاري ۽ مڪالما وڏي اهيمت رکن ٿا.

**ايوب گاد (1 ڪتوبر 1960ع)**

ايوب گاد جو جنم لاڙڪاڻي ۾ ٿيو. هو سنڌي ادب ۾ ايم اي آهي ۽ هن وقت لاڙڪاڻي ۾ ڊرائنگ ٽيچر طور ڪم ڪري رهيو آهي. ايوب گاد سٺو شاعر، ڪهاڻيڪار ۽ ڊرامانويس آهي. سندس ڪتابن ۾ ”پيار جي چانو ۾“ (شاعري)، ”راحته العاشقين“، ”جنهن سان پسچي پرين کي“ ۽ ”وک الٽي ڏار“ شامل آهن.

ايوب گاد ٽي وي پروگرامن سان به وابسته آهي، هن نه صرف ڪيترائي ڊراما لکيا آهن پر پروڊيوس به ڪيا آهن. سندس ڊرامن ۾ ”پرچاءُ“ (1996) ”عيوضو“

(1996)، ”تنهنجي خوشيءَ خاطر“ (2001) ۽ ”مون ۾ آهين تون“ (2003) پي ٽي وي لاءِ لکيل آهن. جڏهن ته ڪي ٽي اين لاءِ ”انتظار گاهه“ (2003) ۽ ”اوجاڳيل اکين خواب“ (2004) اهم آهن.

**تنهنجي خوشي خاطر:** هن ڊرامي کي بيدل مسرور پيش ڪيو. هن ڊرامي ۾ اهو ڏيکاريو ويو ته ميول شاهه خانداني ملڪيت بچائڻ لاءِ پيڻ جو حق بخشرائي ڇڏي ٿو ۽ هوءَ انتقامي طور تي ميول شاهه جي ڌيءُ جو به حق بخشرائڻ چاهي ٿي. بهرحال هو اڳتي هلي پنهنجي غلطيءَ جو احساس ڪري ٿو. هي ڊرامو سنڌي سماج جي هڪ بري رسم جي عڪاسي ڪري ٿو.

ايوب گاد هڪ پروفيشنل ڊراما نگار آهي، هن سنڌ جي ٻرندڙن مسئلن تي ڊراما لکيا آهن. ان کان علاوه هن ڪيترين ئي سنڌي فلمن جون ڪهاڻيون پڻ لکيون آهن، جن ۾ ”بيوس“ (1982)، ”مهربان“ (1983)، ”مس 88“ (1988) ”دلاور خان“ (1989) ۽ ”ناسور“ (1992) اهم آهن.

**اختر رند ( 4 فيبروري، 1966ع)**

نئين ٽهيءَ جي ليکڪن ۾ اختر علي ولد پناهه خان رند جو به سٺن ڊراما نگارن ۽ ڪهاڻيڪارن ۾ شمار ٿئي ٿو. سندس جنم ڳوٺ رئيس ولي محمد رند، تعلقي ميهڙ ضلعي دادو ۾ ٿيو. هو نه صرف سٺو ڊراما نگار آهي پر سٺو ڪهاڻيڪار به آهي. شايد افسانه نگاري کان ڊراما نگاري ڏانهن سفر ڪيو اٿائين.

اختر رند ڪيترائي سٺا ڊراما لکيا آهن، جن ۾ سنڌي سماج جي اڇوتي انداز ۾ عڪاسي ٿيل هوندي آهي. هو نج ڳوٺاڻو ماحول نسيم کرل وانگر پيش ڪندو آهي. سندس ڊرامو ”زمين“ سنڌ ٽي وي تان 2006ع ۾ ڪاميابيءَ سان پيش ٿيو. هن پي ٽي وي، ڪي ٽي اين ۽ سنڌ ٽي وي لاءِ ڪيترائي شاندار ڊراما لکيا آهن. سندس سيريل ڊرامن ۾ ”اوڙاهه“ (1997)، ”جنت“ (اردو 2002)، ”ڪنول“، ”گنگهار“، ”جياپي جي جنگ“، ”درد وندي جو ديس“، ۽ ”گردش“ (2007) اهم آهن. جڏهن ته سولو پليز ۾ ”جيدان“، ”نياهه“ ۽ ”پرهه کان پهرين“ اهم آهن.

اختر رند جي ڊرامن ۾ وڏيرڪي ماحول جي تمام گهڻي عڪاسي ملي ٿي، هو پنهنجي ڊرامن ۾ ڪوشش باوجود، اهڙي ماحول کان آجو نه ڪري سگهيو

آهي . ڳوٺاڻو ماحول، ڏاڙيل ڪلچر وغيره ان جو بهترين مثال آهن.

**حق نواز سمون**

حق نواز ولد محمد بخش سمون جو جنم باڊهہ ضلعي لاڙڪاڻي ۾ ٿيو. حق نواز سمون نالي وارو ڪهاڻيڪار ۽ ڊراما نويس آهي. سندس ڪيترين ئي ڪهاڻيون مختلف رسالن ۾ شايع ٿيل آهن، جن جو تعداد 25 کان مٿي ٿيندو. حق نواز سمون ڊرامن جي دنيا ۾ 1990ع کان پوءِ شامل ٿيو. هن جا سنڌي ۽ اردو ۾ ڪيترائي سيريل ۽ سولو پليز هلي چڪا آهن، جن ۾ "روپ هزار" (اردو سيريل)، "اڄ" (سيريل)، "دادلو" (سيريل)، "معصوم" (سولوپلي)، "توکي چاهيوسين" (سولو پلي) ۽ "زهر" (سولو پلي) اهم آهن.

حق نواز جا سنڌي توڙي اردو ڊراما سنڌي معاشري جي عڪاسي ڪن ٿا. هن جي ڊرامن ۾ ڳوٺاڻي ۽ شهري زندگي پنهنجي ڀرپور رونق سميت ملندي. سندس ڊرامن ۾ رومانوي پهلو غالب هوندو آهي .

**انور ابڙو (1 جنوري 1965ع)**

انور ابڙي جو جنم ڳوٺ لالي جاپال، تعلقي ڏوڪري ضلعي لاڙڪاڻي ۾ ٿيو. هن ڪهاڻيڪار، ڊراما نويس ۽ ڪالم نويسي جي حيثيت ۾ پاڻ مجرايو آهي. سندس ڪهاڻين جو مجموعو "خودڪشيءَ جو رومانس" (2001) شايع ٿيل آهي. انور ابڙي پي ٽي وي، سنڌ ٽي وي ۽ ڪي ٽي اين لاءِ ڪيترائي ڊراما لکيا آهن. سندس ڊرامن ۾ "ڳوڙهن صدا گل" (سولو پلي)، "باک جي آس" (1995)، "عروج" (1998)، "ڪچالا" (سيريل 2001) ۽ "پيار ناهي پڇتاءُ" (2005) اهم آهن.

انور ابڙي جي ڊرامن ۾ سنڌ جي مسئلن، مونجهارن، سياسي نڳين، طبقاتي استحصال جهڙا موضوع ملندا آهن.

**ايوب گل (10 فيبروري 1976ع)**

محمد ايوب ولد نظام الدين راڄڙ جو جنم تعلقي ڪپري ضلعي ميرپور خاص ۾ ٿيو. نئين دور جي سٺن ڊراما نگارن ۾ ايوب گل جو بہ نالو اچي ٿو. هن خاص طور تي ڪي ٽي اين ۽ سنڌ ٽي وي لاءِ ڊراما لکيا آهن. ڪي. ٽي. اين تان سندس نشر

ٽيل مشهور ڊراما سيريلز ۾ : مزاحيه سيريل ’ٻه ۽ ٻه پنج‘(ڪاميڊي 2003)، گهريلو ڪهاڻين تي مشتمل سيريل ’اماس ڪانپوءِ‘، ’سنڌو‘(2005)، ’هوءَ اڪيلي‘، ’چوليون‘(2005)، ’ڪاغذ جي ٻيڙي‘، ’ڪچا ڌاڳا‘(2007)، ’ويچارو مڙس‘، ’ڪومل‘، ’ڪورو ڪاغذ‘، ’ڪونجون‘، ’تتر تيز اڏار‘، ’صحرا جو چنڊ‘، ’برف جا ماڻهو‘ريشمي ڏور” (2007)، ”روپلو ڪولي” (2006) وغيره نشر ٿي چڪا آهن. 2011ع ۾ سندس ڪامياب سوپ سيريل ’ڪونجون‘ ٽيليڪاسٽ ٿي جنهن کي شيراز جيلاني ڊائريڪٽ ڪيو هو. ان کان علاوه سندس 50 کان مٿي سولو پليز به نشر ٿي چڪا آهن. جن ۾ ”سچ ڪي ڦاهي“، ”منهنجي حصي جا گل“، ”هڪڙي هئي ڪنول“. ”خالي گئلري“، ”دوست پيهي در آيو“ ۽ ”رانديڪو“ اهم آهن. سندس ڊرامن جو فوڪس سنڌ جا مسئلا، رومانوي قصا، وڏيرڪو ماحول آهن. شاعراڻو ٽچ هن جي ڊرامن جي خاص خوبي آهي.

ايوب گل ڪجهه ٽيلي فلمون به لکيون آهن، جن ۾ ”بازار ۽ پڳت ڪنورر رام“ اهم آهن.

## ماڻڪ ڪنگراڻي (26 مارچ 1978ع)

ماڻڪ ڪنگراڻي جو شمار موجوده دور جي سٺن ليکڪن ۾ ٿئي ٿو. هن ڪجهه ڪتاب ترجمو ڪيا آهن. ماڻڪ جو تعلق جوهي، ضلعي تعلقي دادو سان آهي. ماڻڪ اردو ڊراما به لکيا آهن، انهن ۾ ”بدلتا هي رنگ آسمان ڪيسي ڪيسي“، ”ريشمي ڊور“ اهم آهن. جڏهن ته پي.ٽي وي لاءِ ”سورج سوا نيزي تي“، ”زندگيءَ جي ڪهاڻي“ اهم آهن.

ماڻڪ ڪي ٽي اين ۽ ٻين خانگي چينلن لاءِ ڪيترائي ڊراما لکيا آهن، جن ۾ ”مياڻ“ (2006)، ”ڪوٽو سڪو“، ”اڪ پور“، ”ڪوٽ“، ”تون منهنجو نصيب ناهين“ ، ”پوسٽ ڪان رهجي ويل خط“، ”وارڊ نمبر 7“ وغيره اهم آهن. سندس ڊراما وڏي چله سان ڏٺا ويندا آهن.

**حوالا:**


1. پروفيسر غلام محمد بدوي :”لطف الله بدويءَ جا ادبي ڪارناما“ (پي.ايڇ.ڊيءَ جو مقالو قلمي)، 1991ع
2. لطف الله بدوي: ”دودو چنيسر“، ڊرامو آر_ ايڇ_احمد برادرس، 1956ع

3. ساڳيو حوالو
4. محمد عثمان ڏيپلائي: ”ناٽڪ“ ، انسٽيٽوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو، 1985ع
5. ظفر حسن: (محمد عثمان ڏيپلائي (انسان دوست، اديب ۽ بيباڪ صحافي، مرتب تاج جويو)، سنڌ ماڻڪ موتي تنظيم ، 2003ع، ص 367
6. قاضي علي محمد ڏيپلاڻي، ”سفر زندگيءَ جو“، پيڪاڪ پرنٽرز ڪراچي، 2014ع (مهاڳ)، ص 21
7. محمد اسماعيل عرساڻي: ”بدنصيب ٽري“ ، آر.ايڇ.احمد برادرس، حيدرآباد، 1967ع، ص 66
8. پروفيسر منگهارام ملڪاڻي: ”سنڌي نثر جي تاريخ“، روشني پبلڪيشن، حيدرآباد 1993، ص 165
9. ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو: سنڌي ادب جي مختصر تاريخ، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 1994ع، ص 166
10. پروفيسر ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻي: ” فن ، شخصيت ۽ انداز“، ڪتابي دنيا اشاعتاڻ اوسر پيڙهڪا، 2003ع، ص 88
11. هدايت آخوند: ”سنڌي ٽي.وي ڊراما“،سنڌي ۾ ٽي وي ڊراما (سنڌي ادب ششماهي 1985ع، ص 23
12. ساڳيو حوالو، ص 23
13. آغا سليم : ”ڊراما“، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، 2009ع
14. آغا سليم : ”ڊراما“، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، 2009ع
15. ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو: سنڌي ادب جي مختصر تاريخ، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 1994ع، ص 167
16. مراد علي مرزا:”ريڊيائي ناٽڪ ۽ آغا سليم “ (آغا سليم شخصي ۽ فن“ مرتب ڊاڪٽر انور فگار هڪڙو)، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، 2019ع، ص 462، 463
17. هدايت آخوند: ’سنڌي ۾ ٽي وي ڊراما‘، ششماهي سنڌي ادب، 1985ع، ص 22
18. امر جليل: ”متيءَ جا ماڻهو“، مهراڻ (1971/3)
19. هدايت آخوند: ”سنڌي ۾ ٽي وي ڊراما“، ششماهي، سنڌي ادب، 1985
20. مختيار احمد ملاح: ”زخم زندگيءَ جا“ (امرجليل جا اسٽيج، ريڊيو ۽ ٽي.وي ڊراما)، سنڌ ثقافت کاتو، ڪراچي، 2015ع
21. ساڳيو حوالو [1] ڊراما دوزخ تي تبصرو، ماهوار سوجهرو: سيپٽمبر 1972ع

22. مختيار احمد ملاح: "زخم زندگيءَ جا" (امرجليل جا اسٽيج، ريڊيو ۽ ٽي.وي ڊراما)، سنڌ ثقافت کاتو، ڪراچي، 2015ع
23. ڊاڪٽر غلام علي الانا: "سنڌي ڊرامن جي روشني ۾ سنڌي سماج جو اڀياس"، (سماهي مهراڻ)، 1987ع، ص 73
24. مختيار احمد ملاح: "زخم زندگيءَ جا" (امرجليل جا اسٽيج، ريڊيو ۽ ٽي.وي ڊراما)، سنڌ ثقافت کاتو، ڪراچي، 2015ع
25. قمر شهباز: "واچوڙن ۾ لاٽ"، سنگم پبليڪيشن، ڪراچي، 1987ع، ص 122
26. ڊاڪٽر غلام علي الانا: "سنڌي ڊرامن جي روشني ۾ سنڌي سماج جو مطالعو"، ٽي ماهي مهراڻ، 1987ع، ص 72
27. هدايت آخوند: سنڌي ٽي وي ڊراما، سنڌي ادب 1985ع، ص 22
28. ممتاز مرزا: "آخري رات"، زيب ادبي مرڪز، حيدرآباد، 1979ع
29. ساڳيو حوالو
30. ساڳيو حوالو
31. ساڳيو حوالو
32. مراد علي مرزا: "مونجهارو"،سنڌي اديبن جي سهڪاري سنگت، 1977ع
33. هدايت آخوند: سنڌي ٽي وي ڊراما، سنڌي ادب 1985ع، ص 23
34. علي بابا: "دنگي منجهه درياهه"، پي.ٽي، وي جي رڪارڊ مان
35. هدايت آخوند: سنڌي ٽي وي ڊراما، ششماهي، سنڌي ادب 1985ع، ص 21
36. هدايت آخوند: سنڌي ٽي وي ڊراما، ششماهي، سنڌي ادب 1985ع، ص 24
37. ڊاڪٽر غلام علي الانا: "سنڌي ڊرامن جي روشني ۾ سنڌي سماج جو مطالعو"، مهراڻ4 _ 1987ع، ص 73
38. Nasreen Pervaiz: Pakistan Television Drama and Social change, Department of Mass Communication, University of Karachi, 1998
39. ڊاڪٽر فهميده حسين: "لڙڪ لڙڪ زنجير" (مهاڳ)، انسٽيٽوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو، 1981ع
40. خادم حسين چانديو: "مارو جي مليرجا"،گنج بخش ڪتاب گهر، حيدرآباد، 2003ع، ص 288
41. غلام ياسين سڏايو: "غالب لطيف جي ادبي حيثيت"، پٽائي جنرل، شاهه لطيف يونيورسٽي، خيرپور، 1994ع

42. زيب نظاماڻي:" نثار حسيني: هڪ ادارو"، فيس بوڪ تان ڪنيل

43. ڊاڪٽر غلام علي الانا: "سنڌي ڊرامن جي روشني ۾ سنڌي سماج جو مطالعو"، مهراڻ4 – 1987ع، ص 69
44. ساڳيو حوالو، ص 72
45. طارق عالم پنهنجي ڪردارن جي رازن تان تالو کولي ٿو، روزانه ڪاوش، 2010ع
46. ماهوار پرک جو طارق عالم ابڙو نمبر، ايڊيٽر نثار منصور، جنوري 2003ع
47. محمد بخش سميجو: ماهوار ادب جو ڪيهر شوڪت نمبر
48. عزيز ڪنگراڻي: ماهوار ادب جو رزاق ڪيهر نمبر
49. حمد بخش سميجو:"جذبا موتين جهڙا"، ماهوار ادب، ايڊيٽر گل ڪونڌر، اپريل 2020ع، ص27
50. محمد سليمان وساڻ: سنڌي ٻوليءَ جو نامور اديب، محقق، ڪهاڻيڪار ۽ ڊرامه نويس محمد عثمان ميمڻ، سنڌ سلامت جي ويبسائيٽ تان ڪنيل
51. ڊاڪٽر قاسم راڄپر:" منظور ڪوهيار جي اسٽيج ڊرامن جي مجموعي 'راج ڪرتهه' جو اڀياس"، ڪلاچي تحقيقي جرنل، شاه عبداللطيف چيئر، ڪراچي يونيورسٽي، ڪراچي، ڊسمبر 2015ع

## آزادي کانپوءِ هندستان ۾ سنڌي ڊرامو

1947ع ۾ ملڪ جو ورهاڱو ٿيو. سنڌي هندو هندستان لڏي ويا. جتي هنن کي هڪ نئين زندگيءَ جي شروعات ڪرڻي هئي. هنن لاءِ اتو لتو ۽ اجهو مسئلو ٿي پيا. بهرحال سيني ماڻهن نئين ماحول ۽ حالتن سان سمجهوتو ڪيو ۽ زندگيءَ جي چرپر سان ادبي زندگي کي شروع ڪيائون. پريم پرڪاش مطابق 1947ع کان 1950ع تائين ادبي ميدان ۾ بلڪل ماٺار رهي. ناٽڪن جي شروعات سنڌي ساهت منڊل، ممبئي ڪئي، جنهن جو سرپرست هو سداحيات پروفيسر منگهارام ملڪاڻي. ممبئي جي سنڌي اسڪولن به پنهنجي ساليانن جلسن ۾ ناٽڪ پيش ڪرڻ شروع ڪيا. اهڙي طرح هندستان ۾ هڪ دفعو ٻيهر سنڌي اديبن جو رونقون شروع ٿي ويون. پروفيسر منگهارام ملڪاڻي، گوبندمالهي، چيتانند نانگراڻي ڪيرت ٻاٻاڻي، موتي پرڪاش، هيم ناگراڻي ۽ پروفيسر رام پنجواڻي ٻين سنڌي ڊرامي جي ابتدا ڪئي.“ (1)

1957ع ۾ بمبئي ريڊيو پروگرام شروع ٿيو. اتي به سنڌي ڊرامي کي سهارو مليو. اهڙي طرح مختلف شهرن ۾ ناٽڪ منڊليون کلي پيون. هندستان ۾ ڊرامي ۽ فلم جي صنعت اڳ ئي انتهائي عروج تي پهتل هئي. ان کان علاوه هندو سنڌي اديب ڊرامي جي صنف سان بي انتها پيار ڪندڙ هئا. هنن ڊرامي کي هڪ نئين جوش و خروش سان لکيو. هندستان ۾ سنڌي اسٽيج ڊرامي تمام گهڻي ترقي ڪئي، جيڪا هتي سنڌ ۾ نه ٿي سگهي. هندستان جي فلم انڊسٽري تي، سنڌ جا هندو اديب. فلمساز وغيره ورهاڱي کان اڳ ئي پنهنجي ڏاڪو ڄمائي چڪا هئا. هن وقت پوري انڊسٽري تي سنڌن راڄ آهي.

ورهاڱي کانپوءِ هندستان ۾ سنڌي اديب مختلف شهرن ۾ ورهائجي ويا. سنڌي ادب جي بقالاءِ ڪين هڪ جنگ وڙهڻي پئي. هنن اديبن هڪ دفعو ٻيهر ناٽڪ منڊلين جو بنياد وڌو. جن سان سنڌي ڊرامي هندستان ۾ تمام گهڻي ترقي ڪئي:

1. سنڌي ساهتيه منڊل ، بمبئي (1948)

2. سنڌي ساهتيه سڀا ، دهلي (1950)
3. سنڌو ڪلاڪيندر، دهلي (1950)
4. گربي ناٽڪ منڊل، احمد آباد (1951)
5. سنڌو ساهتيه سڀا، جئپور (1952)
6. جئه هند ڪاليج سنڌي سرڪل بمبئي (1952)
7. سنڌي نوجيون سڀا، دهلي (1953)
8. سنڌو ناٽڪ منڊل، الهاس نگر، بمبئي (1953)
9. سنڌي پئنچات، پٽيل نگر، دهلي (1954)
10. ڪلاڪار منڊل، ڀوپال (1954)
11. سنڌو ساهيته منڊل، آگره (1954)
12. سنڌو سماج، دهلي (1956)
13. وديارٿي ناٽڪ منڊل، احمد آباد (1957)
14. سنڌو سنگت، دهلي (1957)
15. ڪلاڪار منڊل، بمبئي (1958)
16. سنڌو سماج، لکنو (1957)
17. سنڌو ڪلامندر، بمبئي (1960)
18. هڪ يسر، بمبئي (1960)
19. سنڌو ٻال ڪلاڪار منڊل، احمد آباد (1960)
20. سنڌو ڪلاسنگم، دهلي (1961)
21. سنڌو ڪلاڪار منڊل، احمد آباد (1962)
22. ڪلا سنڌو ڪلچرل سوسائٽي، جئپور (1960)
23. جئه ڀواني ڪلاڪار منڊل، احمد آباد (1965)
24. سنڌو آرٽ ٿيئٽر، بمبئي (1965)
25. جهڪار ڊرئميٽڪ سوسائٽي الهماس نگر، بمبئي (1965)
26. سنڌي ڪلچرل سوسائٽي، دهلي (1966)
27. سنڌو ڪلا سرڪل، احمد آباد (1969)

28. مهراڻ ناٽڪ منڊلي، دهلي (1972)
29. سنڌو ساهتيہ سنگت، اجمير (1975)
30. سنڌي ڊراما ورڪشاپ، احمد آباد (1976)
31. رنگ ڪرم ٿيئٽر، احمد آباد (1977)
32. سنڌي ناٽڪ گهر، ڪلڪتو (1978)
33. ناٽيہ ڪلاڪيندر، آباد (1980)
34. ٿيئٽر والا ناٽڪ منڊل، بمبئي (1980)

ڊاڪٽر موتي پرڪاش موجب ”1960ع ڌاري هند ۾ سنڌي ناٽڪ جي ميدان ۾ وڏو انقلاب آيو. بمبئي ۾ سنڌو ڪلا مندر پرپائيو. جنهنجو پايو وجهندڙ آئون هيس ۽ ٻيا ساٿي هئا يڏو آڏواڻي) مشهور فلمي ايڪٽر(، ايس-پي-مينگهاڻي، سچو آڏواڻي، رامڪرشن راهي، اي-جي-اتم ۽ ٻيا. مندر جو پهريون طويل ناٽڪ ”اندر سيڪريٽري“ سيپٽمبر 1960 ۾ پيش ٿيو. جيڪو اميشا مهتا جي هندي ناٽڪ جوسنڌي الٿو هو ۽ مون ڪيو هو. هن ناٽڪ سڄي هندستان ۾ ڌوم مچائي“.[2]

پوپٽي هيرانندآڻي مطابق ”ملڪ جي ورهاڱي بعد جتي جتي سنڌين اسڪول ۽ ڪاليج برپا ڪيا، اتي سنڌي ناٽڪ کي وري جيئارڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي. دهليءَ جي بابا نيپراج اسڪول بمبئي جي سنڌ ماڊل هاءِاسڪول، بمبئي جي جئہ هند ڪاليج ۾، جيون گرسهاڻي ۽ هم (دهلي)، پوپٽي هيرانداڻي ۽ رام رسيلا (سنڌ ماڊل اسڪول- بمبئي)، رام پنجواڻي ۽ راجن شاد (جئہ هند ڪاليج- بمبئي) ناٽڪ جي پيش ڪش جا روح روان بڻجي ناٽڪ پيش ڪرڻ لڳا. هن ۾ جڏهن سنڌي ساهت منڊل برپا ٿيو تڏهن داس طالب بہ چڱائي ناٽڪ لکي ورتا. مالهي ڪيرت بہ پوئتي ڪين هئو“.[3]

هن شروعاتي دور ۾ جتي ناٽڪ منڊلين ڪردار ادا ڪيو اتي ڪيترائي رسالا پڻ جاري ٿيا، جن ڊرامن کي ڇپڻ شروع ڪيو، ان سلسلي ۾ ”نئين دنيا“، ”هندو واسي“، ”سهڻي“ ۽ ”ڪونج“ اهم رسالا هئا.

1965ع ۾ ڊرامن پيش ڪرڻ ۾ وڏي تيزي اچي ويئي، جڏهن بمبئي ۾

سنڌو آرٽ ٿيئٽر برپا ٿيو ۽ ڪيترائي ڊراما نگار هن ڏس ۾ اڳتي آيا. جن ۾ سندري اتمچنداڻي، هيم راج ناگواڻي، ڪيرت ٻاٻاڻي، ڪرشن کٽواڻي، موتي پرڪاش مرليڌر سڪواڻي، واسديو نرمل، ڄيٺو لالواڻي، موهن ڪلپنا، تيرٿ بسنت، رميش چاچاڻي، هريڪانت ڄيٺواڻي، ايم ڪمل، راجن چاولا، پريم پرڪاش، جيون گرسهاڻي، لکمي کلاڻي، سندر اگناڻي، گوپال پنجواڻي، مدن جماڻي، رام هڱوراڻي، برج موهن، ڪيرت مهر چنداڻي، چمن شرما، رام گيان چنداڻي، رام پاڳچنداڻي، آنند ٿهلرماڻي، گرداس آهوجا، ڪرشن راهي، موهن اداسي، جگجديش لچاڻي، شيام جئسنگهاڻي، لڇمڻ ڪومل، مايا راهي، واسديو موهي ۽ ٻيا ڪيترائي شامل آهن.

هند ۾ سنڌي ڊرامي ۾ وڏو موڙ 1976ع ۾ آيو. جڏهن پريم پرڪاش ۽ سندس ساٿين احمد آباد ۾ سنڌي ڊراما ورڪشاپ قائم ڪيو. سندر اگناڻي موجب هند ۾ سنڌي ناٽڪ جو اصلي موڙ شروع ڪيو احمد آباد جي سنٿا ”سنڌي ڊراما ورڪشاپ“ ۽ انجو باني هو پريم پرڪاش جنهن رٿائتي نموني ڊراما پيش ڪيا. سنڌي ڊرامي کي هميشه عروج هندو اديبن ڏنو آهي. هن وقت به ڪيترين ئي ناٽڪ منڊلين هندستان ۾ قائم آهن. ڪيترين ئي فلم ڪمپنين جا مالڪ سنڌي آهن. هندستان ۾ ڊرامو Professionalism بنياد تي لکيو وڃي ٿو.

سنڌيءَ جي مشهور ڪهاڻيڪار ۽ ناول نگار ڪرشن کٽواڻي کي سندس لکيل اسٽيج ڊرامي ”آشيانو“ تي آل انڊيا چٽاپيٽي ۾ پهريون نمبر انعام مليو هو.

شيام جئسنگهاڻي جديد سنڌي ڪهاڻي جو تمام وڏو نالو آهي. هن جو لکيل طويل ناٽڪ ”زلزلو“ ڪتابي صورت ۾ ڇپيل آهي. انڊيا جي ساهتيه اڪادمي طرفان ”زلزلو“ کي 1998ع ۾ بهترين ڪتاب جو انعام ڏنو ويو هو.

دبئي ۽ ممبئي ۾ قائم ٿيل ”سنڌي سنگت“ جون سنڌي ٽي وي ڊرامن، خاص طور سنڌي ٽيلي فلمن جي ڏس ۾ ڪيل خدمتون ساراهه جوڳيون آهن. ”سنڌي سنگت“ جي روح روان آشا چاند آهي جيڪا سنڌي ساهت جي مشهور جوڙي اُتم ۽ سندري اتمچنداڻي جي ڌيءَ آهي. آشا چاند سان گڏ سنڌي سنگت جا بنيادي ميمبر ڊاڪٽر موتي پرڪاش ۽ مورج منگهاڻي آهن. سنڌي سنگت طرفان

دور درشن انڊيا جي ٽي وي چئنل تان هر هفتي ڇنڇر جي ڏينهن ”سنڌي سرهاڻ“ جي نالي سان پروگرام پيش ڪيو ويندو آهي. جنهن ۾ سنڌي گيتن کان سواءِ ٽيلي فلمون به ڏيکاريون وينديون آهن.

سنڌي سنگت طرفان ٺاهيل ٽيلي فلمن ۾ ”ڦاسڻ نه ڦٽڪڻ کهڙو“، ”هي کهڙو حساب“، ”پيار جو احساس“، ”کٽکٽائي“، ”ڪير آهي“، ”ويل چيئر“، ”جيون ساٿي“، ”پهريون پيار“، ”پوري“، ”ڪٽي پارٽي“، ”ياد جي ثابتي“، ”ولائتي گهوٽ جي ڳولا“، ”زندگي تنهنجي منهنجي“، ”سماج شيوڪ“، ”پنهنجا پراوا“، ”زهر پيار جو“ پروڊيوس ڪري انهن جون ڊي وي ڊي پڻ جاري ڪيون ويون آهن. انهن ٽيلي فلمن مان ڪيتريون ئي ڪي ٽي اين ٽي وي چينل تي پڻ هلي چڪيون آهن. اهي سموريون ٽيلي فلمون آشا چاند پروڊيوس ڪيون آهن. پر انهن جا ڊائريڪٽر مختلف آهن. جهڙوڪ راجيش بڇاڻي، داس بابو ڪيلاش آڏواڻي ۽ ڪمل ناٿاڻي.

هندستان ۾ ورهاڱي کان پوءِ جي هڪ تمام وڏي تاريخ آهي، جنهن کي هن ننڍڙي مضمون ۾ سمائي نه ٿو سگهجي. تمام گهڻا ڊراما نويس پيدا ٿيا آهن، جن جا ڊراما نه صرف اسٽيج ٿيا آهن، پر وڏي پيماني تي ڪتابي صورت ۾ به شايع ٿيا آهن. هنن دنيا جي مشهور ڊرامانويسن جا ڊراما ترجمو به ڪيا آهن. هتي ڪجهه اهم ڊراما نويسن جي خدمتن جو مختصر جائزو ڏجي ٿو:

## آزادي کانپوءِ هندستان جا مشهور سنڌي ڊراما نگار

### پروفيسر منگهارام ملڪاڻي (1886– 1980 ع)

پروفيسر منگهارام ملڪاڻي آزادي کان اڳ به ڪيترائي ڊراما لکيا هئا ۽ پوءِ به هن جو سفر برابر جاري رهيو. آزادي بعد هندستان ۾ هن جي ڊرامن جا پنج ڪتاب شايع ٿيا، جن ۾ ”جيون ڇهڇٽا“ (1957)، ”پاپ ڪين پڄ“ (1962)، ”ڪڙ ڪبيتا پيا ٺمڪن“ (1967)، ”آخري پيٽ“ (1975) ۽ ”سمنڊ جي گجگار“ (1979) شامل آهن.

سندس ڊرامي ”**اولاد**“ ۾ هڪ وچولي طبقي واري جوڙي جي گهڻن ٻارن ڄڻڻ

واري مسئلي کي پيش ڪيو ويو آهي. **”ناخلف“** ۾ هڪ ٻار ماٽيلي ماءُ ۽ پيءُ کان پورو پيار نہ ملڻ ڪري بغاوت تي لهي اچي ٿو. **”ٻہ ٻاهيون“** ۾ ٻن شادين جي مصيبت ڏيکاري ويئي آهي. **”ميلاپ“** ۾ سنڌين ۽ غير سنڌين جي ميلاپ جي ڪهاڻي آهي. **”پريت جي ريت“** ۾ ماءُ ۽ زال جي وچ ۾ ورهايل پيار جي ڪهاڻي آهي. سندس ڊرامو **”ٻنئي“** مسلم هاري ۽ وڏيري جي معاشرتي ڪهاڻي آهي. **”ليڊيز ڪلب“** ۾ ڏيکاءُ پسند زالن جي گلاخوري واري عادت کي کولي بيان ڪيو ويو آهي. **”اڪيلي دل“** ۾ هڪ مرد مجبور ٿي جيئري تي جيئري شادي ڪرڻ لاءِ مجبور ٿئي ٿو. **”پاپ جو ڪيتو“** ۾ هڪ جسم فروش عورت جي ڪهاڻي آهي. **”دل ۽ دماغ“** ۾ زال مڙس ۽ مڙس جي شاگردياڻي جي ڪهاڻي آهي. زال کي شڪ آهي تہ سندس مڙس جا شاگردياڻي سان تعلقات آهن. پر آخر ۾ سندس شڪ دور ٿي وڃي ٿو. **”ٻہ ڀينر“** ۾ ٻہ ڀينرون هڪ پروفيسر کي پسند ڪن ٿيون پر هو، صرف وڏي کي پسند ڪري ٿو. آخر ۾ ننڍي ڀيڻ ٻنهي جي زندگيءَ مان نڪري وڃي ٿي. **”ٻي زال“** ۾ وري هڪ ڇوڪرو پنهنجي ماٽيلي ماءُ سان سڪون واري زندگي بسر ڪري ٿو. ”سونهن جو نماءُ“ ۾ آفيس جي هڪ فيشنبل ڇوڪري سان شادي ڪري زندگي تباهہ ڪري ٿو. پريم جي ”سيما“ زال ۽ مڙس جي وچ ۾ بي دليو پيار ۽ سچي دل سان پيار ڪرڻ جا نتيجا ڏيکاريا ويا آهن. **”ڪڙڪيتا“** ۾ وري جواني ديواني جو غرور ڏيکاريل آهي. **”ڇڪڻ جوڦول“** ۾ هڪ رنڊي سان عشق ڪرڻ ۽ ساڻس شادي ڪرڻ جي ڪهاڻي ٻڌائي ويئي آهي. سندس مجموعي **”آخري ڀيٽ“** ۾ آيل ڊرامن ۾ **”پيار ڪين پيسو“** ۾ ڏيتي ليتي واري مسئلي کي کنيو ويو آهي. پيءُ ۽ ڌيءُ ۾ ڌيءُ جي شادي بعد پوڙهو پيءُ بيمار ٿي پوي ٿو تہ ڌهن ڌيءُ کي سندس لاءِ وڏيڪ همدردي پيدا ٿئي ٿي. ”روپ ۽ ڪلا“ ۾ ڊرامي جي دنيا جا اداڪار ۽ ڪلاڪار ڏيکاريا ويا آهن، جن ۾ سندن نجي زندگيءَ کي پيش ڪيو ويو آهي. **”پاپ جون پاڙون“** ۽ ”هوگلي جي ڪناري“ ۾ نفسياتي ۽ جنسي مسئلي کي پيش ڪيو ويو آهي.

اهڙي طرح سندس مجموعي **”سمنڊ جي گجگار“** ۾ هڪ ماستر ۽ سندس شاگردياڻي سان پيار بابت آهي. **”ڪوڙو ڪلينڪ“** ۽ ”جيون ناس“ ساڳي ڪهاڻي

جا حصا آهن.

ان کان علاوه به پروفيسر منگھارام ملڪاڻي ٻيا به ڪيترائي ڊراما لکيا، جيڪي پنھنجي فن ۽ فڪر جي ڪري مشھور ٿيا. پروفيسر منگھارام ملڪاڻي کي ڊرامي سان بي حد پيار ھو، ھن ان فن کي دل و جان سان پنھنجو ڪيو.

**تيرٿ بسنت (1909– 1994ع)**

تيرٿ بسنت خيرپور ۾ ڄائو ۽ حيدرآباد ۾ رھڻ لڳو. ھو ته حيدرآباد ميونسپالٽيءَ جو ميمبر به چونڊيو ھو ۽ ھري سندر جي ڪوڙومل ساھت منڊل ۽ ٿياسافيڪل بسنت لاج جو سرگرم ڪاريه ڪرتا ھو. تيرٿ بسنت جي ڊرامن جو ادبي سفر ورھاڱي کان اڳ شروع ٿيو ھو. ھن ڪيترائي ڊراما لکيا، جن ۾ "ملڪا"، "مھاتما"، "ميران"، "چترا"، "آٿيلو" (1977)، "ھئملٽ" (1980) اھم ھئا. پروفيسر منگھارام ملڪاڻي لکي ٿو ته "تيرٿ بسنت جو اڀياس ۽ علم اھڙو ته وسيع آھي، جو ھو ڪھڙي به موضوع تي ھڪ شاھي گرنٿ رچي سگھي ٿو. تازو جو "ساھتيه سرج" پستڪ ڇپرو ڪيو اٿس سو سندس سيني ڪتابن جو سرموڙ آھي. ھو نه صرف ٺيٺ سنڌي زبان ۾ گوھر آھي، پر ھندي، اردو، فارسي، عربي ۽ انگريزي ٻولين تي به دسترس اٿس. تن مڙني مان سنڌيءَ جي طبيعت سان ٺھڪندڙ لفظ ۽ محاورا چونڊي ملائي ان کي مالا مال ڪيو اٿس... ھن جي چمڪاري لکڻي جو مثال "ڪلڪ ڪلا" مضمون ۾ ملندو جو ڪلڪ ڪلا جو ڪمال آھي... ھو اڄ اسان جو برک فيلسوف ۽ مفڪر آھي، جنھن تي سنڌي جاتيءَ کي فخر آھي".[4]

تيرٿ بسنت، شيڪسپيئر جي جڳ مشھور ٽريجڪ ناٽڪ "ھئمليٽ" جو ترجمو 1980ع ۾ ڪيو، جيڪو ساھتيه اڪيڊمي، نئي دھليءَ پاران شايع ٿيو. ھن ترجمي ۾ اصلي ماڳن، مڪانن ۽ نالن سان اصليت واري روپ ۾ ترجمو ڪيو ويو آھي. تيرٿ بسنت جو ترجمو ھڪ لحاظ کان بھترين آھي ته ھن اصلوڪي ماحول ۽ اصلوڪن ڪردارن سان پيش ڪيو آھي ۽ ناٽڪ کي مڪمل طور تي ترجمو ڪيو آھي. ناٽڪ جي پلاٽ تي تفصيل سان بحث ڪيو اٿس. ھو ٻڌائي ٿو ته "ھن ناٽڪ جي پھرين ائڪٽ ۾ ئي ھئمليٽ کي انھيءَ ماجرا جو مقابلو ڪرڻو پوي ٿو. اھڙي حالت ۾ سندس فرض آھي ته پنھنجي چاچي ڪلاڊيس کي انياءَ جي

اشڪنجي ۾ آٽي پنھنجي ماءُ کان پرائسچٽ ڪرائي. ھو چاھي ٿو تہ اھو ڪم اھڙي فينستائي سان ڪري جو سندس ماءُ تي بي شرمتي جو لينگھو نہ لڳي.

تيرٿ وسنت ترجمي ۾ ٻولي بہ نج سنڌي استعمال ڪئي آھي، پر ڪيترن ئي ھندن تي ھندي لفظن جي ڪري عام پڙھندڙ خاص طر سنڌ ۾ رھندڙ کي پيچدگي ٿئي ٿي. ھڪ سين ۾ ھئمليٽ پنھنجي غمگين ۽ ملول ھجڻ جو سبب ھن ريت ٿو ٻڌائي:

”غمگين_مان؟ سچ تہ آءُ غمگين آھيان. تون ڄاڻين تي تہ آءُ ڏيک ڪري نہ ڄاڻان. امان، مون کي ايڏو دک آھي، جو نڪي ھي ڪارو لباس ، نڪي ڪھر جھڙي وھندڙ اک، نڪي ڏيمو ڳرو ساھہ، نڪي اداس چھرو ، نڪي اندر جا اڌما ۽ دکي دل جا پور سور ان جو اظھار ڪري سگھن ٿا. اھي ظاھري عالمتون منھنجي الجھن جو اظھار ڪرڻ کان عاجز آھن. اھي دک کي ڪوڙڪي ۾جھپڻ جا وسيلا آھن. الا، اندر ۾ اھوئي ڪي اتم ، جو وائکي نہ ٿو سگھجي“.[5]

تيرٿ بسنت شيسڪپيئر جي جڳ مشھور الميہ Othello جو سنڌي ۾ ترجمو ”آٿيلو“ جي نالي سان ڪيو، جنھن کي 1977ع ۾ ساھتيہ اڪيڊمي، نئي دھليءَ شايع ڪرايو آھي. مترجم آٿيلو جي ڪردار لاءِ لکي ٿو تہ ”ھن ڊراما جي مول ويڪتي آھي آٿيلو، جنھن جي شخصيت سمجھڻ لاءِ وچ وارو اپياس لازمي آھي. ھو غلام شيديءَ جي جنمي پد تان وچولي زماني جي ستا ڌاري رياست وينس جي سپھہ سالار جي اورچ عھدي تي رسيو آھي، منڌ ڪان ئي اسين ھن کي انھيءَ رتبي تي ٿان ڏسون، جنھن ڪري سندس بول چال ، لباس آواز ، بت بيھڪ ۾ ڳرائي ۽ رعب ڏسڻ ۾ اچي ٿو .ھن کي وينس رياست جا گھڙا پرڻ تي فخر آھي ۽ پنھنجي ذاتي مٽيا جي پوري ڄاڻ اٿس. ھو پنھنجي آدم سان سان اوچ پد جو اڌڪاري ٿيو آھي، جنھن ڪري بنا ادمبر ، ڏيک ۽ حرفت سم ڪائين اميرن ۽ آبرودار رئسين کان اتم ٿو ڀاسي. سندس شرير ٻلوان ۽ سياءُ ٻي ڊپو آھي“.[6]

ڊاڪٽر پريم پرڪاش، سندس ترجمو ڪيل ”آٿيلو“ ۽ ”ھئمليٽ“ جي ترجمن جي ٻوليءَ جي سلسلي ۾ لکيو آھي تہ ”ھي ٻئي ترجما نثري گفتگو ۾ ٻھاريا آھن. ھنن ٻنھي ناٽڪي ترجمن ۾ شيڪسپيئر جي اصلي ناٽڪن جي ڀاو

۽ رس کي جيئن جو تيئن آڻڻ جي پوري ڪوشش ڪئي ويئي آهي، پر ٻولي ۽ عبارت جي خيال کان بسنت صاحب جي پوري شخصيت نمايان بيٺي آهي. اها پڪي ۽ اصطلاحن سان ڀريل سنڌي ڪتب آندل آهي جو بدقسمتيءَ سان ان کي پڙهڻ وارا اڄ سنڌيءَ ۾ صرف ڪي ٿورا اديب بچيا آهن. ڪيترن ئي هنڌ تہ ترجمو ڏاڍو خشڪ ٿي بيٺو آهي. جيتوڻيڪ بسنت صاحب جي بي جوڙ محنت ظاهر بيٺي آهي، تہ بہ سندس ترجما پڙهڻ قابل آهن. سنڌي منچ تي انهن جو اچڻ سپنو آهي، جيڪو ڪڏهن ساڪار ٿيندو، مون کي شڪ آهي". [7]

تيرٿ بسنت شيڪسپيئر جي تاريخي الميہ ناٽڪ Antony and Cleopatra جو سنڌي ترجمو "ملڪ" جي نالي سان ڪيو هو. قلوپطره فيلوپيٽر، جنهن کي عام طور تي قلوپطره ئي چيو ڏيندو آهي، ان کي اڄ تائين سندس غير معمولي حسن جي ڪري سڃاتو ويندو آهي.

**ميران:** ڊرامي ۾ اڪبر ۽ ميران جي محبت جو داستان سمايل آهي. ان کان علاوه هي ڊرامو ان دور جي سياسي، سماجي ۽ مذهبي حالتن جي بہ عڪاسي ڪري ٿو. "آٿيلو" ۽ "هئملٽ"، شيڪسپيئر جي ڊرامن جا ترجما آهن ، جيڪي هن اصل نالن ۽ ماحول مطابق ڏنا آهن.

تيرٿ بسنت جو 1957 ع ۾ لکيل ڪتاب "ڪنور" سچ پچ ناياب تہ ڇا اصل شاهڪار آهي. اُن ۾ هن نہ رڳو سنت ڪنور رام جي حياتي ڏني آهي پر سندس ڳاتل سڀ سنڌي ڪلام ۽ ڪافيون (شاهہ، سچل، سامي، روحل، دريا خان وغيره جون) پر ڪبير، ميران، تلسي داس وغيره جا ڳاتل گيت بہ ڏنا آهن ۽ انهن سان گڏ سنت ڪنور رام جيڪي بيت ۽ ڏوهيڙا ڏيندو هو، سي بہ ڏنا اٿس.

**گوبند مالهي ( 1921–2001 ع)**

گوبند مالهي جو شمار سنڌي ادب جي نالي وارن ناول نگارن، ڪهاڻيڪارن ۽ ڊراما نويسن ۾ ٿئي ٿو. سندس جنم ڳوٺ ٺارو شاهہ، ضلعي نوشهرو فيروز ۾ ٿيو. بي-اي، ايل ايل بي ٿيل هئس. ورهاڱي ڪانپوءِ هندستان هليو ويو.

گوبند مالهيءَ جي ادبي زندگيءَ جي شروعات انگريز دور ۾ ئي ٿي هئي. ۽ ڪيترائي شاندار ناول، ڊراما ۽ افسانہ لکي چڪو هو. پر هن کي وڏو اعزاز اهو حاصل

آهي ته هندستان ۾ سنڌي ڊرامي کي پيهر هن جياريو. هن سڀ کان اول منشي پريمچند جي مشهور ڪهاڻي ”ڪفن“ کي ڊرامائي روپ ڏنوهو. بقول پروفيسر منگهارام ملڪاڻي جي ته ”ورهاڱي کانپوءِ سنڌي اسٽيج کي نئين سر زور وٺرائڻ ۾ ان ناٽڪ (ڪفن) سنگ ميل جو ڪم ڪيو آهي.“

مالهيءَ ڪيترائي ڊراما لکيا، جن ۾ ”نمي“ (1962)، ”ورثي جي ورهاست“ (1959)، ”گستاخي معاف“ (1958)، ”جهوءِ جي ڪناري“ (1959)، ”مهمان“ (1960)، ”ڏيهي پر ڏيهي ٿيا“ (1962)، ”گهوٽ ڪنوار راضي“، ”جنهن ڏيئي ۾ تيل ڪونهي“، ”تنهنجو سو منهنجو“، ”تون به رهه مان به رهان“ ، ”ان ۾ ڪو شڪ نه اٿو“، ”ڪفن“ ، ”تون سو منهنجو“ ۽ ٻيا ڪيترائي شامل آهن.

گوبند مالهي اڪثر ايڪانڪي ڊراما لکيا. جن ۾ سماج جي الڳ الڳ مسئلن جي نشاندهي ٿيل هوندي هئي. مالهي اٽڪل 34 ڊراما لکيا. جن ۾ گوناگون موضوع ڪنيا. ان سلسلي ۾ واسديو نرمل لکي ٿو ته ”مالهي جا ناٽڪ نڪو ڪنهن مقرر فلسفي، نڪو ڪنهن مقرر فارمولا تائين محدود آهن. ناٽڪن ۾ ڪنيل مسئلا، گهڻو ڪري سنڌي جيوت سان وابسته آهن. سنڌي رنگ منچ کي نئين سر زور وٺرائڻ لاءِ هن اهڙا موضوع پنهنجن ناٽڪن لاءِ چونڊيا، جيڪي عام فهم هئا. نه فقط ايترو پر پلاٽ جي اردگرد ناٽڪ جي اڏت ۽ ناٽڪ پيش ڪرڻ جو ڍنگ به عام فهم هئا. جنهن دور ۾ سنڌي جاتي گذري رهي هئي، ان دور کي ان دور جي سماجي حالتن کي مرڪز بڻائي مالهي ڊراما لکيا“.(8)

مالهيءَ ”جنهن ڏيئي ۾ تيل ڪونهي“ ۾ ايمپلا ئمينٽ ايڪسچينج مان نوڪري ملڻ جي آس کي ڪوڙي آس ٿو سمجهي. ”مهمان“ ناٽڪ ۾ ڏيکاريل آهي ته ڪامياب فلمي هيري تي هرک هارڻ بيسود آهي.

”گستاخي معاف“ ۾ سيٺن جي ڪوڙ ڳالهائڻ ۽ نالو ڪمائڻ لاءِ، ڪوڙي ساک ڪڍڻ لاءِ کهڙو به غلط طريقو اپنائڻ ۽ ”تون به رهه مان به رهان“ ۾ اهو ڏيکاريو ويو آهي ته مختلف سوچن جا ملڪ به هڪ ئي ڇت هيٺان رهي سگهن ٿا. ”تنهنجو سو منهنجو“ ۾ چائنا ۽ هندستان جي 1962ع واري لڙائي جي حالتن کي چٽيو ويو آهي. ”ناچو“ ۾ ڏيتي ليتي واري مسئلي کي ڪنيو ويو آهي.

گوبند مالهي ڊرامن ۾ ڪي نوان تجربا پڻ ڪيا آهن. سندس ڊرامي ”جهو جهي ڪناري“ ۾ فقط ٻه ڪردار ڪنيا آهن. هڪ غريب ڪلارڪ آهي، جيڪو پنهنجن ننڍن ٻارن جا انگل پورا ڪري نٿو سگهي. هو زندگيءَ کان تنگ ٿي خودڪشي ڪرڻ ٿو چاهي. ٻيو ليکڪ جو پنهنجو ڪردار آهي، جيڪو زندگيءَ ۾ ايندڙ مقابلن جي ترغيب ٿو ڏئي.

## سندري اتمچنداڻي (1924_2013ع)

سندري آسنداسدس اتمچنداڻيءَ جو جنم حيدرآباد ۾ ٿيو. سندس ادبي حياتي ورهاڱي کان اڳ شروع ٿي چڪي هئي. پر 1947ع جي آزادي کانپوءِ هندستان لڏي وئي، جتي پڻ پنهنجون ادبي سرگرميون جاري رکيائين. هو نالي واري ڪهاڻيڪار، ڊرامانويس، ناول نگار ۽ مضمون نگار آهي. سندس ڪيترائي ڪتاب شايع ٿيل آهن.هن ڪيترائي ڊراما پڻ لکيا آهن، جن ۾ ”املهه ماڻڪن جو واپار“ (1955)، ”وڻجارو“ (1959) ۽ ”ڪرندڙ ديوار“ ، ”گل ۽ ڪنڊا“، ”ساهيڙي“ وغيره شامل آهن. سندريءَ جاسپئي ڊراما عورت جي سماجي حيثيت، رومانوي موضوع ۽ اسان جي عام زندگيءَ ۾ آيل ننڍن ننڍن واقعن سان ڀرپور آهن. هن پنهنجي ڊرامن ۾ مزاح سان گڏوگڏ سماجي اوڻاين ۽ معاشرتي مسئلن تي طنز ڪئي آهي.

## هيمر راج ناگواڻي (1931–1985ع)

هيمر راج ولد گوڪلداس ناگواڻي جو جنم ڪاهي قاسم ضلعي نوشهرو فيروز ۾ ٿيو. هو نالي واري شاعر نارائڻ شيام جو ننڍو ڀاءُ هو. سندس اصل سڃاڻپ ڊراما نگاري ، هدايتڪاري، اداڪاري ۽ هندستان ۾ سنڌي ٿيئٽر جو بنياد وجهڻ آهي. هو سٺي ڊراما نگار سان گڏوگڏ شاعر به هو. سندس ڊرامن ۾ ”ٽڏو پاڻي“ (1951)، ”ڪليم“ (1952)، ”عاشق زهر پياڪ“ (1977)، ”سورج جي آخري ڪرڻي“، (1978)، ”صبح نه آيو“، (1978)، ”سؤ سال مبارڪ“ (1980) اهم آهن. هيم ناگواڻي”مور نچندا رهن“ جي عنوان سان دهلي ۾ 1950ع کان 1970ع تائين سنڌي ناٽڪ جي سرگرمين بابت هڪ ڪتاب پڻ لکي ڇپرايو هو. هن 12 ايڪانڪي، 2 فل لينٿ ڊراما لکيا ۽ ڊائريڪٽ ڪيا.

هيم راج بهترين اداڪار هو. هن پنهنجي ۽ ٻين جي ڊرامن ۾ ڪم ڪيو. سندس پنهنجا ڊراما معاشي ۽ معاشرتي مسئلن جي اپٽار ڪن ٿا. هو اسٽيج جو ماڻهو هو، ڪيس خبر هئي ته عام ماڻهو ڇا ٿا ڏسڻ چاهين. هن کي اها به خبر هئي ته پنهنجو پيغام ٻين تائين ڪيئن پهچائجي. اهوئي سبب آهي جو هو بهترين ڊراما نگار به هو. هو بنيادي طور تي شاعر هو، انڪري سندس ڊرامن جي ٻولي شاعراڻه ۽ وڻندڙ هئي.

## ڪيرت ٻاٻاڻي (1922_2015ع)

ڪيرت چوئٿرام ٻاٻاڻي جو جنم موريو لاکو، تعلقو سڪرنڊ ضلعي نوابشاهه ۾ ٿيو. هو شاعر، ڪهاڻيڪار، نقاد، صحافي ۽ مشهور ڊراما نويس آهي. سندس ڪيترائي ڪتاب شايع ٿيل آهن.ڪيرت ٻاٻاڻي جي ڊرامن جو مجموعو ”سوري سڏ ڪيو“ 1972ع ۾ شايع ٿيو، جنهن ۾ سياسي، انقلابي ۽ معاشي مسئلن تي ڪيترائي ڊراما شامل آهن. سندس ڊرامن ۾ ”آخري جيت اسان جي“، ”هندستان ڇڏي وڃو“ (1962)، ”دعوت نامو“ (1962)، ”سانوري ڪنوار“، ”سوري سڏ ڪيو“، ”دعوت نامو“، ”تڏي جنگ“، ”اپائيندڙ جو شان“، ”حيف تنهين کي هوءِ“ ۽ ”هولي“ شامل آهن. سندس ڊرامن ۾ رومانوي، انقلابي ۽ ترقي پسند فڪر جي پرچار ملندي آهي.

سندس **”سوري سڏ ڪيو“** هيمو ڪالاڻي جي شهادت تي ٻڌل ڊرامو آهي. **”هندستان ڇڏي ويو“** ڊرامو 1942ع واري آزادي جي هلچل جي انقلابي موضوع تي آهي. ”**حيف تنهين کي هوءِ**“ ۾ سنڌي هوندي به سنڌي نه پڙهائڻ واري موضوع کي کنيو ويو آهي. ٻاٻاڻي صاحب سنڌين کي حيف ڏنو آهي ته اهي پنهنجي ٻارن کي سنڌي پڙهان. باقي سندس ٻيا ڊراما روزمره جي ماحول جي عڪاسي ڪن ٿا.

## موتي پرڪاش (1931_2015ع)

ڊاڪٽر موتي سڪرامداس شرما جو جنم ڳوٺ دڙي ضلعي ٺٽي ۾ ٿيو. ننڍي عمر کان ادبي دنيا ۾ پير پاتائين. ”سنڌي شعر ۾ استري جو چٽ “جي عنوان سان ٿيسز لکي پي_ايچ_ڊي ڪئي اٿائين هو قابل ذڪر شاعر، نقاد، ناٽڪ نويس، ناول نويس، مترجم ۽ تعليم دان آهي. سندس ڪيترائي ڪتاب شايع ٿيل آهن. هن

ڪي ڊرامن لکڻ ۽هدايتڪاريءَ جوگھڻو چاھ آھي. سندس ھڪ سئو کن ڊراما ريڊيو تان نشرتي چڪاآھن1960. ع ۾هن کن ساٿين سان گڏجي بمبئي ۾ سنڌو ڪلا مندر جو بنياد وڌو ۽ ان سنستا طرفان ورهاڱي بعد پهريون ئي سنڌي اصلوڪو ناٽڪ پيش ٿيو.موتي پرڪاش ھڪ بھترين ڊرامانگار پڻ آھي. ان سلسلي ۾ سندس ڪيترائي طويل ڊراما شايع ٿي چڪا آھن. جن ۾ ”رات ھڪ طوفان جي“ (1965) ”پردي اڳيان پردي پٺيان“ (1975)، ”اندر سيڪريٽري“ (رميش مهتا جي هندي ڊرامي جو ترجمو1960).

**رات ھڪ طوفان جي:** ھن ڊرامي ۾ سماج جي اڳري پهلو رشوت خوري کي اگھاڙو ڪيو. جنهن سبب ڊئم ناھڻ وقت ٺيڪيدار سستو مال ڪتب آڻي ٿو آخر ڊئم جاگيت ٽٽي پون تا ۽ پاڻي ٻوڙان ٻوڙ ڪري ڇڏي ٿو.

**پردي اڳيان پردي پٺيان:** هن ڊرامي ۾ سستي مشهوري ۽ نالي پٺيان پونڌڙ شيوڪ رام جيڪو دان بہ ان ڪري ڏيندو آھي جيئن ڪيس گھڻا گلن جا هار پون ۽ هو جلسي ۾ مکيہ مهمان ٿئي.

موتي پرڪاش ڪيترن ئي سنڌي فلمن لاءِ ڊائلاگ پڻ لکيا آھن. جن ۾ ”رات ھڪ طوفان جي“، ”نقلي شان“، ”اڃان تہ مان ننڍڙي آهيان“ اهم آھن. سندس ڊراما ”اندر سيڪريٽري“ ھڪ مزاحيہ ڊرامو آھي، جنهن ۾ سنڌي ماحول مطابق ڪردار ڏنا ويا آھن.

## ڊاڪٽر مرليڌر سکواڻي (1921_2000ع)

ڊاڪٽر مرليڌر ولد آتمارام سکواڻي جو جنم پومي مڱٽائي ضلعي سکر ۾ ٿيو. هو اعليٰ قسم جو ڪهاڻيڪار ۽ ڊراما نويس آھي، سندس ريڊيو ڊرامن جو مجموعو ”سپ ۾ پنج موتي“ (1969) ۾ شايع ٿيو. سندس طويل ڊراما ”امي ممي“ تي هند سرڪار طرفان انعام مليل آھي. سندس ايڪانڪي ڊرامن جو مجموعو ”چار گل گلاب جا“ جنھن ۾ ”او اها ڳالھہ“، ”بہ ٿي نہ“، ”ٽڪر“ ”چپ“، شامل آھن. سندس ڊرامن ۾ نهايت باريڪ مزاح گاڏڙ طنز سمايل آھي. جنهن ۾ سماجي اوڻاين ۽ معاشرتي بدحالي جو وستار نهايت سهڻي ۽ بامحاوره عبارت ۾ ڪيل آھي.

**جيون گرسھاڻي (1928– 1994ع)**

جيون گرسھاڻي جو جنم ڪراچي ۾ ٿيو. هن کي ڊرامي سان بي حد چاهه هو. هو نه صرف اداڪار ۽ ڊراما نويس هو پر ناٽڪ منڊلين جو بنياد به وڌائين. بهترين اداڪار هئڻ کان علاوه تقريبا ڊرامن جو مصنف به پاڻ هو. سنڌ ۾ اسٽيج ڊرامن سان واڳيل رهيو ۽ ورهاڱي کانپوءِ به ساڳئي ڪِرت سان لڳي ويو. هندستان ۾ سنڌي ڊرامن لکڻ جي شروعات، جيون گرسھاڻيءَ ڪئي. هن پهريون ناٽڪ 'ڏيتي ليتي' 1950ع ۾ لکيو ۽ اسٽيج تي آندو. ان کانپوءِ هن "فئشن ايبل" (1952ع)، "ڪاڪو ڀلاڻيءَ وارو" (1954)، "مهمان" (1961)، "نيلام" (1961)، "مئريج بيورو" (1963) ،"ڪاڪو ڀلاڻي وارو" (1953)، ۽ "سبيلا جو برٿڊي". هن 1961ع ۾ سنڌو ڪلا سنگم جي نالي سان ناٽڪ منڊلي دهليءَ ۾ قائم ڪئي، جنهن جي پليٽ فارم تان هن 14 وڏن ناٽڪن جا 76 شوز ۽ 33 ايڪانڪين (ننڍي ناٽڪ) جا 100 کان وڌيڪ شوز هندستان اندر توڙي دنيا جي مختلف ملڪن ۾ پيش ڪيا. هو انتهائي محنتي ۽ پروفيشنل هدايتڪار هو، هو آخري دم تائين سنڌي ناٽڪ سان ڪل وقتي سلهاڙيل رهيو.

سندس اڪثر ڊراما طبعزاد آهن، جيڪي مزاح سان ڀرپور ۽ ڪلائيمڪس هوندي به طنزيه آهن ۽ منجهن ڪا نه ڪا سکيا سمايل آهي. انهن جي سٽاءَ ۾ روزمره زندگي ۾ پيش ايندڙ ڪي نج مسئلا ڪنيل آهن.

**لکمي کلاڻي (2 آڪٽوبر1935ع)**

لکمي چند پريومل کلاڻي جو جنم ڳوٺ جهان خان، ضلعي سکر ۾ ٿيو. پاڻ مشهور ڪهاڻيڪار، ناول نگار ۽ ڊراما نويس آهي. سندس ڪيترائي ڪتاب شايع ٿي چڪا آهن. سندس ڊرامن جا مجموعا به شايع ٿي چڪا آهن. پر سندس اڪثر ڊراما طويل شايع ٿيل آهن.سندس ڊرامن جي ڪتابن ۾ "گڏا گڏيون" (1974)، "واريءَ سندو ڪوٽ" (1978)، "پنهنجو دشمن" (1993) ۽ "ڪوئا ڦاس" (2008) شامل آهن. سندس ڊرامن کي ڪيترائي ايوارڊ مليل چڪا آهن.

لکمي کلاڻي پنهنجي ڊرامن لاءِ منفرد ڪهاڻي جي چونڊ ڪندو آهي. "ڪوئا ڦاس" هڪ نفسياتي ۽ علامتي ڊرامو آهي. "واريءَ سندو ڪوٽ" ۾ ورهاڱي جي

دردناڪ ڪهاڻي آهي. ”پنهنجو دشمن“ پڻ هڪ نفسياتي ۽ سماجي ڪهاڻي تي ٻڌل آهي. ”گڏا گڏيون“ هڪ علامتي ڊرامو آهي.

**واسديو نرمل (2 جون 1936ع)**

واسديو ولد وسيني مل ماڌيو نرمل جو جنم ڪراچي ۾ ٿيو. هو بهترين ڊراما نويس، شاعر، مضمون نگار ۽ مترجم آهي. سندس ڪيترائي ڪتاب شايع ٿي چڪا آهن. سندس ڊرامن جي ڪتابن ۾ ”هيءُ پياسو من منهنجو“ (ٽہ فصلو ناٽڪ ايش پانڊي جي مرهٽي ناٽڪ جو ترجمو: 1965)، ”پيار ڪري ڏس“ (ناٽڪ 1966)، ”پلئہ پلي“ (ٽہ فصلو ناٽڪ هار نوگ جي آمريڪي ناٽڪ ”فورپوسٽرس“ جو ترجمو: 1972)، ”ٻوڙا اچي مڙيا“ (پنج هڪ فصلا ناٽڪ: 1972)، ”بنا ڏيتيءَ ليتيءَ شادي“ (چار هڪ فصلا ناٽڪ: 1978)، ”سس ڙي سس!“ (ڇهہ هڪ فصلا ناٽڪ: 1980)، ”منهنجي دل“ (1984)، ”هڪ ٻہ ٽي“ (ٽہ فصلو ناٽڪ: ترجمو)، ”عورت ۽ بوتل“ (هڪ فصلو ناٽڪ: ترجمو)، ”مس ريٽا“ (ٽہ فصلو ناٽڪ: ترجمو)،”پاتال“ (مئڪسم گورڪيءَ جا ناٽڪ : Lower Depth جو ترجمو)، ”ضرورت آگهوٽ جي“ (1988) شامل آهن

واسديو نرمل جي مشهور ڊرامن ۾ ”انيتا“ (1962)، ”شادي تہ ڪر“ (1962)، ”بندل باز“ (1971) ”مڪان ۽ مصيبت“ (1971)، ”نئين هيروئن“ (1972)، ”پڙدي اڳيان پنيان“ (1957)، ”منهنجا مور لاڏا“ (1976)، ”ٻوڙا اچي مڙيا هڪ ماڳ“ (1976)، ”شڪار“ (1977)، ”هي پيا سو منهنجو من“، ”جيون ساٿي“، ”لوليٽر، چوري چوري“، ”رات جو يارهي بجي“، ”هڪ ٻئي ئي“، ”ولہ ڙي زمانہ“، ”ضرورت آهي جوءِ جي“، ”جڏهن سان نہ هوندس“ مشهور آهن.

منگهارام ملڪاڻي جو چوڻ آهي تہ ”هندستان ۾ سنڌي ناٽڪ جي سجاڳي ۾ نرمل مکيہ ڀهرو ورتو آهي ۽ گهڻي ۾ گهڻا طويل ڊراما لکي ڊرامي جي دنيا کي نت نئين روشني ڏني اٿس. کيس سنڌي ٻولي تي چڱو عبور حاصل آهي. سندس عبارت موزون ۽ محاوريدار هوندي بہ عام فهم آهي. سندس ڊرامن جا موضوع گهڻو ڪري گنڀير ۽ سماجي نوعيت جا آهن. ڪن ڪن ڊرامن ۾ جاسوس سٽا پڻ آندي اٿس“.[9]

واسديو نرمل ڊرامن لکڻ جو آغاز جيتوڻيڪ ڪاليج جي زماني کان ڪيو هو. پر ان ميدان ۾ سندس ڀرپور ڪوشش تڏهن بر ثواب ٿي جڏهن 1961ع ۾ بمبئي ۾ سنڌو ڪلا مندر جو بنياد پيو ۽ هن جو ڀرپور طويل ڊرامو ”هي پيا سومن منهنجو“ پدمشري پي-ايل-ديش پانڊي جي مراٺي ڊرامي ”تجهي آهي، تجهه پاشي“ تان سهڻي سنڌي ۾ ترجمو ڪيو. سندس هي ڪلاسيڪل ڊرامو 1966ع تي اسٽيج تي پيش ٿيو ۽ بيحد مقبوليت حاصل ڪيائين.

پريم پرڪاش سندس ڊرامن لاءِ لکي ٿو ته: ”شاعر واسديو نرمل سنڌي ناٽڪ جي ميدان ۾ خوب پاڻ ملهايو آهي. هن گهڻي ۾ گهڻا ناٽڪ الٿو ڪري سنڌي ۾ پيش ڪيا آهن. تازو سندس ناٽڪ ”امان جو پينگهو“ بہ نهايت اثر ڪندڙ ناٽڪ آهي، جنهن ۾ ڏيکاريل آهي تہ هڪ سنڌي پوڙهي مبمبئي ۾ اچي پٽ، نونهن، پوٽن ۽ پوٽين جي زور بار آڏو مهاڏو اٽڪائي ٿي ۽ پنهنجو پراڻو پينگهو وڪڻڻ لاءِ راضي نہ ٿي ٿئي، ڇو جو هن نئين نويلي ڪنوار هوندي ان ۾ لوڏا کاڌا، ننڍون ڪيون ۽ اولاد کي لوليون ڏنيون آهن. ٿوري ۾ امان جو پينگهو سنڌي ثقافت جي علامت آهي ۽ اهو وڪري لاءِ نہ آهي“.(10)

## ڄيٺو لالواڻي (8 مارچ 1945ع)

ڄيٺو ولد ماڌو داس لالواڻي جو جنم ڪنڊياري ضلعي نوشهرو فيروز ۾ ٿيو. پاڻ ڪهاڻيڪار، ڊراما نويس ۽ صحافي آهي. کيس ڊرامي جي دنيا سان خاص لڳاءُ ۽ دلچسپي آهي. هونئن تہ هو 1962ع کان سنڌي ناٽڪ سان جڙيل رهيو، پر 1973ع ۾ ڄيٺو، سنڌي ادب ۽ ناٽڪ کي ترقي وٺرائڻ لاءِ ”سنڌي ساهت ۽ ڪلا نڪيتن“ ۾ شامل ٿيو، جنهن جو سرواڻ ڪيرت مهرچنداڻي هو.

سندس باري ۾ ڊاڪٽر قاسم راڄپر لکيو آهي تہ ”ڄيٺو لالواڻي هر هنريو آهي، هن ادب جي هر صنف ۾ پاڻ موهيو آهي، پر سندس پسنديده موضوع ”لوڪ ادب“ ۽ ”ناٽڪ“ آهي. پاڻ بهترين ناٽڪ نويس، هدايتڪار پڻ آهي، ان ڪانسواءِ رنگ منچ جي هر شعبي ۾ کيس ڪمال جي مهارت حاصل آهي. هندستان ۾ سنڌي ناٽڪ جي تاريخ سهيڙيندڙن ۾ پروفيسر منگها رام ملڪاڻي بنيادي ڪم ڪيو. جڏهن تہ ڊاڪٽر پريم پرڪاش سنڌي ناٽڪ جي تاريخ تي پي، ايڇ. ڊي ڪري چڪو آهي.

پر ان ڏس ۾ ڊاڪٽر جيٺي لالواڻيءَ بہ انتهائي اهم ڪم ڪيو آهي. هو بهترين ترجمي نگار بہ هن هندي، گجراتي ۽ ٻين ٻولين ۾ سنڌيءَ ۾ ۽ سنڌيءَ ۾ ٻين هندستاني ٻولين ۾ ڪيترائي ترجما پڻ ڪيا آهن.

**ناٽڪ جي فن ۽ تاريخ تي ڪتاب:**

1. ناٽڪ ۽ رنگ منچ ڪلا (ناٽڪ ڪلا) 1981ع.
2. ناٽڪ ڪلا جو وڪاس (سنڌي ناٽڪ جي تاريخ) 1983ع.
3. سنڌو ناٽيہ درشن (سنڌي ناٽڪ جي تاريخ) 1984ع.
4. سنڌي لوڪ ناٽڪ (لوڪ ناٽڪن جو جائزو) 1988ع.
5. سنڌي ناٽيہ اتهاس (گجراتيءَ ۾ سنڌي ناٽڪن جي تاريخ)
6. سنڌي ناٽڪون ڪا اتهاس (هنديءَ ۾ سنڌي ناٽڪن جي تاريخ) 1997ع.
7. سنڌي ڀڳت (هنديءَ ۾) 1997ع.
8. سنڌي ڀڳت، شئلي (هنديءَ ۾) 1998ع.
9. سنڌي ناٽيہ يومي (گجراتيءَ ۾ سنڌي ناٽڪن جي تاريخ.
10. سنڌي ناٽيہ يومي (اردوءَ ۾ سنڌي ناٽڪن جي تاريخ.
11. سنڌي ناٽڪ پرمپرا (ناٽڪن بابت مقالا ۽ مضمون) 2012ع".[11]

سنڌي لوڪ ناٽڪ تي تنقيد ڪندي ايل. ڊي. رچنداڻي لکي ٿو تہ "سنڌي لوڪ ناٽڪ ۾ ڊاڪٽر جيٺي لالواڻي سنڌ جي قديم لوڪ ناٽڪ سانگ، ڪٺ پتلين جي کيل، ڀڳت، "ڏک آهي جو اهي ٽيئي فن سنڌين کان ڇڏائجي ويا آهن. البت ڀڳت جو فن ڪجهہ ساهہ کڻي رهيو آهي. پر جيٺي انهن فنن جو ذڪر ڇيڙ سنڌي لوڪ ادب ۽ ڪلا ۾ انهن ٽنهي فنن جي اهميت کان سنڌي جاتيءَ کي واقف ڪيو آهي ۽ زور ڏنو اٿس تہ ڪنهن نہ ڪنهن طرح انهن فنن کي وري وجود ۾ آڻ لاءِ ڪوشش ضرور ڪرڻ کپي".[12]

**ناٽڪن جا مجموعا:**

1. تنهنجا غم منهنجا غم آهن (ايڪانڪيون) 1980ع.
2. ٽرنگي روشني (ٻارن لاءِ ايڪانڪيون) 1986ع.
3. اوپاريون لهواريون (ريڊيو ناٽڪ) 1984ع.

4. حادثو (ريڊيو ناٽڪ) 1996ع.
5. پينڪر پنجو (ايڊز تي ريڊيو سيريل ناٽڪ) 2003ع.
6. مڇر مامو (ٻارن لاءِ ناٽڪ) 2005ع.
7. آخرين سنڌي (ايڪانڪيون) 2009ع.
8. قاتل ڪير (گجراتيءَ مان سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيل ايڪانڪيون) 1981ع.
9. ٻه ناٽڪ ڪار (گجراتيءَ مان سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيل ايڪانڪيون) 1987ع.
10. ڪنوارن ڪيو ڪمال (گجراتيءَ مان سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيل ٽه فصلو ناٽڪ) 1984ع.
11. شادي ته ڪر (گجراتيءَ مان سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيل ٽه فصلو ناٽڪ) 2006ع.
12. گهر ايڪ مندر (سنڌيءَ مان گجراتيءَ ۾ ترجمو ڪيل ٽه فصلو ناٽڪ.(
13. تارا دک مارا ڇي (سنڌيءَ مان گجراتيءَ ۾ ترجمو ڪيل ايڪانڪيون)

**پريم پرڪاش (2 آگسٽ، 1946ع)**

ڊاڪٽر پريم پرڪاش جو پورو نالو پريم سنگهه مسنگهاڻي آهي، سندس جنم حيدرآباد سنڌ ۾ ٿيو. پريم پرڪاش جو شمار هند جي نالي وارن سنڌي ڊراما نگارن ۾ ٿئي ٿو. ان ڪان علاوه هو نقاد، محقق، ڪهاڻيڪار ۽ شاعر به آهي. پريم پرڪاش جي وڏي سڃاڻپ ڊرامو آهي. هو ڊاڪٽر ارجن شاد جي رهبريءَ ۾ ”سنڌي ناٽڪ جي اوسر“ جي عنوان سان مقالو لکي ڊاڪٽريٽ ڪري چڪو آهي. ان ڪان علاوه 1974ع ۾ هن احمد آباد ۾ ”ڊراما ورڪشاپ“ برپا ڪري، هندستان ۾ سنڌي ڊرامي کي نئون موڙ ڏنو. سندس شايع ٿيل ڪتابن ۾ ”پڪنڪ“ (ڊرامو 1974)، ”ولين“ (ٽي ڪهاڻيون 1976)، ”مورچابندي“ (وڏو ڊرامو 1979)، ”پيريءَ جو عشق“ (15 ڊراما 1982)، ”فرشتن جي دنيا“ (وڏو ناٽڪ 1982)، ”باهه“ (5 ڊراما 1985)، ”ڪوتا“ (تنقيد 1985) ”ڪهاڻي“ (تنقيد 1988)، ”مڪتي“ (ڊراما 1979) ”سنڌي ناٽڪ جي اوسر“ (مقالو 1993)، ”ويهه“ (20 ڪهاڻيون 1994)، ”پڳت“ (شاعري 1997)، ”گجراتي ايڪانڪي“ (ترجمو ٿيل 13 ڊراما 1980)

شامل آهن.

پريم پرڪاش ڊرامن جي دنيا ۾ هڪ ادارو آهي. ان سلسلي ۾ موتي پرڪاش لکي ٿو ته ”پريم پرڪاش به گهڻي ۾ گهڻا تجرباتي ناٽڪ لکيا آهن. هو پنهنجو پاڻ ۾ هڪ ادارو آهي. پروفيسر منگهارام ملڪاڻي سندس ڊرامن لاءِ لکيو ته ”بهرحال مان ته هاڻي مذاقي ناٽڪن مان بيزار ٿي پيو آهيان. جو اصلوڪن گنڀير وڏن ناٽڪن لاءِ پيو واجهايان. شڪر آهي جو آخر منهنجي تمنا پوري ٿيڻ جا آثار ڏسڻ ۾ پيا اچن. تازو احمد آباد مان هڪ اتساهي نوجوان پريم پرڪاش جي اڳواڻيءَ هيٺ سنڌي ڊراما ورڪشاپ برپا ٿيو آهي. جيڪا پنهنجا تجرباتي ناٽڪ پارت جي وڏن شهر ۾ ڏيکاري رهي آهي. مون سندس ڪي ناٽڪ ڪلڪتي ۾ ڏٺا آهن. مون کي پسند پيا آهن. ورڪشاپ جو مکيه متو آهي گنڀير ناٽڪ ڪري ڏيکارڻ ۽ مون کي خوشي آهي ته سماج جا نندا نندا پهلو ڏيکارڻ جي مقصد ۾ گهڻي قدر ڪامياب ويا آهن“. (13)

## لڇمڻ ڀاٽيا ڪومل (1936ـ2015ع)

لڇمڻ ڪومل سنڌي زبان جو مشهور شاعر، مضمون نگار ۽ ڊرامه نگار آهي. سندس جنم نوابشاهه ۾ ٿيو. هن جا لکيل ٽي پيرا اسٽيج تي پيش ڪيا ويا ۽ بيحد ڪامياب ٿيا. 1 سورٺ، 2 مومل راڻو، 3 سهڻي ميهار. ان کان سواءِ لڇمڻ ڪومل جون لکيل ڇهه ايڪانڪيون، هڪ مڪمل ڊرامو دهلي ۽ بمبئي ۾ اسٽيج تي پيش ڪيا ويا. لڇمڻ ڪومل جي لکيل آتم ڪٿا جا 4 جلد سنڌ ۾ شايع ٿي چڪا آهن.

## سندر اگناڻي (1 آڪٽوبر 1936ع)

سندر اگناڻي جو جنم شهدادپور ۾ ٿيو. سندر اگناڻي ڪهاڻيڪار، ڊرامه نگار، ائڪٽر ۽ ڪارٽونسٽ آهي. سندس لکيل ناٽڪن جو مجموعو ”پاڇا“ 1987ع ۾ شايع ٿي چڪو آهي. هن جا لکيل ۽ پيش ڪيل مشهور ڊراما آهن: اشتهاري شادي، نواهه گرهه، مفت جو مال ۽ اگني سنسڪار. سندس ڊرامي ”اشتهاري شادي“ کي تمام گهڻي مقبوليت حاصل ٿي ۽ ان کي ڪلڪتي ۾ آل انديا سنڌي ڊراما فيسٽيول 1964ع ۾ ٻئين نمبر تي بهترين ڊرامي جو ايوارڊ

مليو. ان کان سواءِ سندر اگناڻي کي 1995ع ۾ پروفيسر منگهارام ملڪاڻي ايوارڊ ۽ ساڳئي سال ممبئي ۾ آيل پارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا طرفان ڊرامي جي ميدان ۾ لائيف ٽائيم يوگدان جو ايوارڊ ڏنو ويو. سندر اگناڻي 1997ع کان وٺي آيل پارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا جو پريزيڊنٽ رهندي اچي ۽ هن سڀا جي طرفان مختلف شهرن ۾ 16 آل انڊيا سنڌي ڊراما فيسٽيول ڪرايا آهن.

سندراگناڻيءَ جي ٻين ڊرامن ۾ ’خدا گواهه‘، ’مفت جو مال‘ ۽ ’اگني سنڪسار‘ شامل آهن.

## ايس پي مينگهاڻي (1934_2011ع)

سوڀراج پرسرام مينگهاڻي جو جنم ميرپورخاص ۾ ٿيو. سوڀراج مينگهاڻي سنڌي اسٽيج ڊرامن جو تمام ناميارو ڊائريڪٽر ٿي گذريو آهي. هن 30 فل لينٿ ڊراما، 150 ون ائڪٽ ڊراما، آل انڊيا ريڊيو کان 100 ۽ دور درشن ٽي وي تي 25 سنڌي ڊراما پيش ڪيا. 1972ع کان وٺي 2000ع تائين کيس 7 ايوارڊ ڏنا ويا. هن ٿيئٽر جي دنيا ۾ 50 سالن تائين خدمت سرانجام ڏني. ”سنڌو ڪلا مندر“ قائم ڪرڻ ۾ هن جو وڏو هٿ هو. ڪامياب هدايتڪار هجڻ سان گڏ هڪ بهترين اسٽيج ايڪٽر پڻ هو. ”انڊر سيڪريٽري“، ”ياد ڪندا“، ”ٽي پارٽي“، ”لو ليٽر“، ”سائين رام رام“، ”هي يا هو“ سندس مشهور ڊراما آهن.

## مدن جماڻي (1934_2017ع)

مدن رامچند جماڻي 50 سالن کان سنڌي ڊرامن سان وابسته رهيو. هو ڊرامه نگار، پروڊيسر، هدايتڪار ۽ ائڪٽر آهي. مدن جماڻي اسٽيج، ريڊيو ۽ ٽي وي تي 120 ڊراما پيش ڪري چڪو آهي. هن جي لکيل ڊرامن جو وڏو تعداد آهي، جن مان ”گهر گروءَ جو در“، ”ڪاڪو ڪلومل“، ”هل ته پڃي هلون“ (فلم اسڪرپٽ)، ”جيئي اسان جي جيجل سنڌ“ مشهور آهن. مدن جماڻي ڪجهه سال اڳ سنڌ ۾ آيو هو ۽ هن پڳت ڪنور رام تي ٽيلي فلم ٺاهي هئي. کيس ڏهه ايوارڊ مليا، جن ۾ يونيسڪو جو ايوارڊ (هيوبرٽ مارشل ڪپ) کيس 1964ع ۾ مليو. مدن جماڻي کي آيل پارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا طرفان 1998ع ۾ ۽ مهاراشٽرا اسٽيٽ ساهتيه اڪادمي طرفان 2001ع ۾ لائيف ٽائيم اچيومينٽ ايوارڊ مليا.

**رميش مهتا (1929 – 2003ع)**

رميش اتمچند مهتا ورهاڱي کان پوءِ سنڌي اسٽيج ڊراما کي نئي سر جيئارڻ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيو. هن پنهنجي زندگيءَ جا 60 سال ڊراما نگاري، اسٽيج ۽ ائڪٽنگ کي ارپي ڇڏيا. هن ڪيترائي ايڪانڪي ڊراما لکيا. جن ۾ "لنگڙو ڊاڪٽر"،"ممبئي بند"، "ڊاڪٽر مان ڪين تون"، "ملي وئي نوڪري" جيڪي ممبئي ۽ ٻين ڪيترن شهرن ۾ ڪيئي ڀيرا اسٽيج تي پيش ٿيا. رميش مهتا کي 2002ع ۾ ڀوپال ۾ آيل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا طرفان ڊرامي جي ميدان ۾ لائيف ٽائيم اچيومينٽ ايوارڊ ڏنو ويو.

**موهن چاپڙيا (1929ع – 1978ع)**

موهن چاپڙيا سنڌي اسٽيج ڪي-سي-موهن جو خاص طور شئڊو (Shadow) ڊرامن ۾ وڏو نالو آهي، جن ۾ "سنت ڪنور رام"، "هيمو ڪالاڻي"، "يسوع مسيح"، "ساڌو _ ٽي_ ايل واسواڻي"،"مرڪي مليا جي موت سان" تمام گهڻو مشهور ٿيا. هن ٻارن جي لاءِ ٿيئٽر پڻ ٺاهيو. ڪيس دادا جشن واسواڻي جي هٿان ممبئي ۾ اسٽيج ڊرامن جي لاءِ ڪيل بهترين خدمتن جي عيوض گولڊ ميڊل مليو.

**سندر ٻٽاڻي (1933_ 2008ع)**

سندر ڀڳوانداس ٻٽاڻي ڊرامہ نگار، هدايتڪار ۽ ائڪٽر هو. 1977ع کان وٺي 2000ع تائين "سنڌو ڪلا مندر" سان وابستہ رهيو. سندس مشهور ڊرامن ۾ "سوريءَ سڏ ڪيو"، "هڪ عجيب داستان"، "فنا"، "رام اجا بنواس ۾ آهي"، "هي پياسو من منهنجو" شامل آهن.

سندس لکيل اسٽيج ڊرامي "فنا" کي راجستان سنڌي اڪيڊمي طرفان بهترين ڊرامي جو ايوارڊ ڏنو ويو. ڊرامن ۽ ڪلچر جي ميدان ۾ بهترين خدمتن جي عيوض سندر ٻٽاڻي کي مهارشٽرا اسٽيٽ سنڌي اڪيڊمي طرفان 1999ع ۾ ناگپور ۾ ايوارڊ ڏنو ويو. هن سنڌي ڊرامن کان سواءِ هندي ڊرامن ۾ پڻ هدايتون ڏنيون ۽ انهن ۾ ائڪٽنگ بہ ڪئي.

**لڇمڻ ڀمڀاڻي (17 نومبر 1938ع)**

لڇمڻ ڀمڀاڻيءَ جو جنم نوابشاهه ۾ ٿيو. لڇمڻ ڀمڀاڻي سنڌيءَ جو ناميارو ڪهاڻيڪار ڊرامه نگار پڻ آهي، هن کي اسٽيج ڊرامن سان خاص لڳاءُ آهي. سندس لکيل ناٽڪن جو مجموعو ”ممي موتي آءُ“ ڇپيل آهي. لڇمڻ ڀمڀاڻي ڊرامن لکڻ کان سواءِ 30 اسٽيج ڊرامن، 25 ريڊيو ڊرامن ۽ ٽي وي ناٽڪن ۾ بطور آرٽسٽ ڪم ڪيو آهي. هو گهڻي وقت کان آيل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا جو جنرل سيڪريٽري رهندو اچي.

## ڀڳوانداس چنديراماڻي ( 13 مارچ 1927ع)

ڀڳوانداس چنديراماڻي جو جنم ڪراچي۾ ٿيو. ناٽڪ سندس پهرين ۽ پويون عشق آهي. 1973ع ۾ جيوتي ڪلا مندر برپا ڪيائون. ان جي بينر هيٺ پنجٽيهه ناٽڪ ڪيا اٿائين:

(1) سورٺ راءِ ڏياچ (2) هليو آهي پٽ اَيڪٽر ٿيڻ (3) بنڊل باز (4) ماءُ نه منهنجي (5) ڪاڪو ڪلومل (6) جوءِ نه پنهنجي (7) سپنن جو سؤداگر (8) دي گيم (9) ضرورت آهي گهوٽ جي (10) تنهنجو ڪوئي آڌار (11) سپر اسٽار جهمٽمل (12) هرفن مؤلا (13) آيو نئون زمانو (14) چڪرويو (15) زال جليبي مڙس مالپڙو (16) ڪال چڪر (17) ٻيو مئدان تي (18) پريم پڪيئڙا (19) هني مون نه هئڙو (20) ديوان گورڌنداس گوپالاڻي (21) آنٽي نمبر وَن (22) بابا مان شادي ڪندس (23) بابا هليو شادي ڪرڻ (24) ڏس رنگيءَ جا رنگ (25) سنڌ منهنجي اَمان (26) ٿيءُ نه جدا جاني مون کان (27) زال ڪري ٽي تال (28) موالي ملڪ جا والي (29) رشتا آهن رشتن جو ڇا (30) سچ ڇا آهي (31) نٽو چريو (32) ڊاڪٽر مان ڪين ٿيون (33) مست قلندر (34) سورٺ (35) زندگي هڪ ناٽڪ. اُن کان سواءِ ٽي هندي ۽ هڪ مرهٽي ناٽڪ.

## اتم ديارام هنگوراڻي (1923_1999ع)

اتم ديارام جو جنم ڀريا، ضلعي نوشهروفيروز ۾ ٿيو. سنڌي ۽ انگريزي ٻولين جو نهايت وڏو ماهر آهي. سنڌي ۾ ٽيهن سالن کان وٺي ڊراما لکندو پيو اچي. سندس ڊراما سنڌي زبان ۽ ادب ۾ شاهڪار آهن. هن وقت هندستان جي شهر احمدآباد ۾ رهي ٿو. سندس ڊرامن ۾ ”قاتل ڪير“، ”چورن مٿان مور“ ۽ ”رهجي

وياسين ڪنوارا“ مشهور آهن.

**اندر ڪيولراماڻي (27 آڪٽوبر 1936ع)**

اندر ڪيولراماڻي جو تعلق پڻ پريا ضلعي نوشهروفيروز سان آهي. ڪيترن سالن کان مختلف ادبي صنفن ۾ پاڻ نيائيندو پيو اچي. سڀ کان وڏيڪ سندس ڊراما پسند ڪيا وڃن ٿا. سندس ڊرامن ۾ ”ضرورت آهي جوءِ جي“ ڏونگ ئي ڏونگ“، ”وڏا ماڻهو“ ۽ ”وڏوا“ گهڻا مقبول آهن.

**رام گيانچنداڻي (1933_2005ع)**

رام گيانچنداڻي جو جنم ٺارو شاهه ضلعي نوشهرو فيروز ۾ ٿيو. هن ڪيترائي ناٽڪ، مضمون ۽ ڪهاڻيون لکيون آهن. ڪيترن ئي ناٽڪن جي هدايتڪاري بہ ڪئي اٿس. سنگيتڪار بہ آهي. بانسري لاجواب وڄائي ڄاڻي. سندس ڊرامن جو هڪ ڪتاب ”مون ڪي صرف ڪم ڪپي“ شايع ٿيل آهي.

**رميش ڄاڄاڻي (1929_2003ع)**

رميش ڄاڄاڻي جو شمار بہ هندستان جي نالي وارن سنڌي ڊراما نگارن ۾ ٿئي ٿو. هن ڪيترائي اصلوڪا ۽ ترجما ڪري سنڌي ڊرامي کي مال مال ڪيو آهي. رميش ڄاڄاڻي نيشنل اسڪول آف ڊراما اينڊ ايشين ٿيئٽر مان 1965ع ۾ پروڊيوسر/ڊائريڪٽر جي شعبي ۾ گريجوئيشن ڪئي. کيس 1999ع ۾ مهارشٽرا سرڪار ساهيتہ اڪيڊمي طرفان لائيف اچيومينٽ ايوارڊ ڏنو ويو.

سندس ڊرامن ۾ ”انٽرويو“ (1961)، ”ڏس پيسي جا رنگ“ (1965)، ”وڏوا جو بنڌڻ“ (1966)، ”طلاق“ (1967)، ”هيلو ڊارلنگ“ (1967)، ”انسان ۽ آتما“ (1968)، ”بهروپي“ (1968)، ”آخري رات“ (1969) ”چندو چانڊواڻي“ (1973) ”سالا هجن تہ اهڙا“ (1979)، ”گهر جمائي“، ”آخري سوال“، ”آيو نئون زمانو“، ”انوکي ڪهاڻي“ وغيره اهم آهن.

1965ع ۾ هن صاحب بمبئي ۾ سنڌو آرٽ ٿيئٽر برپا ڪيو. هن پليٽ فارم تان ڪيترائي ڊراما اسٽيج ٿيا.

رميش ڄاڄاڻي هندي جي ڪيترن ئي ڊرامن جا ترجما پڻ ڪيا آهن. ان سلسلي ۾ سندس ”مهورت“، ”دوپ هول“، ”نئين دنيا“، ”استري هڪ روپ“،

”انٽرويو“، ”پيار ۽ پيو“، ”سمر پڙ“، ”اڏيڪار ۽ ڪرتو“، ”ايمان جو بدلو“، ”جيو ديا منڊل“، ”پيڙا ۽ آنسو“، ”ترمان جو ديوتا“ سندس ڊرامو ”انوکي ڪهاڻي“ انگريزي دي فادر جو ترجمو آهي.

**هريڪانت جيٺواڻي (1935– 1994ع)**

هريڪانت جيٺواڻي جو شمار هندستان جي بهترين سنڌي ڊراما نگارن ۾ ٿئي ٿو. هن سنڌي ڊرامي کي نوان لاڙا ڏنا آهن. هن قومي ۽ انقلابي موضوعن کي ترجيح ڏني آهي.

ڪيس ڊرامن لکڻ لاءِ اتساهه پيدا ٿيڻ جو سبب 1962ع واري هند_چين جنگ آهي. جنهن کان متاثر ٿي هن پهريون ڊرامو ”آخر جيت اسان جي“ اسان جي لکيو. هي هڪ انقلابي سٽا وارو ڊرامو آهي جنهن کي هند جي عوام بيحد پسند ڪيو.

سندس ٻيا ڊراما ”مڪان خالي آهي“ (1977) هند جي عوام ۾ بيحد مقبوليت حاصل ڪئي آهي. سندس پهريون ڊرامو جتي گنڀير موضوع تي لکيل هو اتي هيءُ مزاحيه انداز ۾ لکيل شاهڪار ڊرامو آهي. ڊرامي ۾ طنز کان ڪم وٺندي مالڪ مڪان کي هڪ سماجڪ ٽڪ هنيل آهي. سندس اڪثر ڊراما مزاحيه انداز ۾ لکيل آهن. جن ۾ ڪا نہ ڪا سماجي طنز (Social Satire) پيش ڪيل آهي.

سندس ڊرامائي فن متعلق منگهارام ملڪاڻي لکي ٿو تہ ”هريڪانت جيٺواڻي کي پهريون هڪ قابل ڪهاڻي نويس جي حيثيت ۾ مون سڃاتو. ”مڪان خالي آهي“ بعد ڪيس هڪ قابل مذاقي ۽ طنزي ناٽڪ نويس جي روپ ۾ ڏٺم. پر هاڻ هوند چاهيان تہ هو پنگتي ۽ قومي مسئلن تي ڪي گنڀير ناٽڪ جوڙي اسٽيج تي ڪري ڏيکاري. سندس ايڪانڪي ڊرامن جو مجموعو ”مڪان خالي آهي“ جي عنوان سان شايع ٿيو آهي. هريڪانت جي ڊرامن ۾ :”آخر جيت اسان جي“ (1962)، ”مڪان خالي آهي“ (1963)، ”ڏينهن جا سپنا“ (1965)، ”ڪوئي اڇٽو آهي“ (1964)، ”بس اسٽاپ تي“ (1964)، ”مون کي ڪنور ڪپي“ (1964) وغيره سندس اهم ڊراما آهن.

## ايم ڪمل(1925_2010ع)

مولچند منگهارام (ايم ڪمل) بندراڻي جو جنم ڪراچي ۾ ٿيو. سندس وڏن جو تعلق ڪنڌياري سان هو. ايم ڪمل سنڌي زبان جو اهم شاعر آهي، پر هن ڪيترائي سٺا ڊراما به لکيا آهن. سندس ڊرامن جي ڪتابن ۾ "ميونسپل ڪائونسلر" (ٽي ايڪانڪيون: 1979ع)، "ناٽڪ" (ٽي ايڪانڪيون1980)، "ماچيس ڪٿي آهي" (ست ايڪانڪيون 1983ع)، "ڪوٽو سڪو" (1985)، "خوشخبري" (طنز۽ مذاح ڇهه ايڪانڪيون1990ع)، "فريم ۾ مڙهيل شخص" (1991) ۽ "آل انڊيا پوليس اسٽيشن" (1997) شامل آهن.

ناٽڪ بابت سندس رايو آهي ته "ناٽڪ صحيح معنيٰ ۾ اهو آهي جيڪو ناٽڪ نه لڳي پر اڄ سنڌي ناٽڪ جو خيال ڪندي اسان جي سوچ صرف بي مطلب مذاق ۽ "کل کل" ڏانهن وري ٿي. زندگي جي سچائين تي سوچڻ لاءِ آماده ڪرڻ ۽ فڪري دعوت ڏيڻ وارا ناٽڪ، ڪي چون ٿا، درشڪن ڪي پسند ڪونهن. ان ڪري منچ تي ٽينگ ٽپا، ڪجهه پيي، ڪنهن پيي ريت ٻول وهائي، "هزار ٽهڪ" ڪمائڻ وارا ناٽڪ ئي ڪامياب آهن. ان ڪري ئي اهي ناٽڪ آهن. ڇا اهو سچ آهي؟ جي ها _ ته اسان وٽ ناٽڪ مري چڪو آهي باقي ان جي ڪائي ڪٽٽي آهي".

ايم ڪمل ڪيترن ئي فنڪارن جي رهنمائي ڪري چڪو آهي. ان لاءِ هن "مهراڻ رنگ منچ" جي نالي هڪ ڊراما گروپ قائم ڪيو. ڪيس ڪيترن ئي انعامن سان گڏ مرڪزي سرڪار ساهتيه اڪيڊمي ايوارڊ، مرڪزي هندي ڊائريڪٽوريٽ پاران به انعام ۽ 1990ع ۾ مهاراشٽر سرڪار ڪان هڪ لک روپين جو "گرو پرسڪار" پڻ حاصل ڪري چڪو آهي.

### راجن چاولا

راجن چاولا جي ڊرامن جو مجموعو "دل جو سهارو" 1961ع ۾ شايع ٿيو. هن مجموعي ۾ "ڊا ڏوڪلاڻي"، "مهاشيه مکي چوس" ۽ "مهماني" شامل آهن.

هي سڀ مزاحيه ڊراما آهن، جن کي فارس چيو وڃي ٿو. هي ڊراما عام رواجيءَ زندگي جي ننڍن ننڍن مسئلن تي لکيا ويا آهن. راجن چاولا پنهنجي ننڍن ننڍن ڊائلاگن ۽ خوبصورت ٻوليءَ سان انهن کي وڻندڙ بڻائي ڇڏيو آهي.

## حوالا:


1. پريم پرڪاش: ”سنڌي ناٽڪ جي اوسر“، انڊين انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، 1993ع، ص 276
2. ڊاڪٽر موتي پرڪاش:” ورهاڱي کان اڳ سنڌ ۽ پوءِ هند ۾ سنڌي ناٽڪ“(سنڌ ماضي حال ۽ مستقبل) شاهه عبداللطيف چيئر، ڪراچي، 2006ع، ص66
3. Popti Heeranandani: History of Sindhi Literature : Post-independence, 1947-1978, published by writer in1984
4. پروفيسر منگهارام ملڪاڻي: ” سنڌي ساهت جي سمالوچنا“، نئين دنيا پبليڪيشن، بمبئي، 1982ع، ص 92
5. تيرٿ بسنت: ”هئمليٽ“، ساهتيه اڪيڊمي، نئي دهلي، 1980ع، ص 22
6. تيرٿ بسنت: ”آٿيلو“،ساهتيه اڪيڊمي، نئي دهلي، 1977ع، ص 13
7. ڊاڪٽر پريم پرڪاش: ”سنڌي ناٽڪ جي اوسر“، انڊين انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، 1993ع، ص 297
8. واسديو نرمل:” گوبند مالهيءَ جون سنڌي ناٽڪ لاءِ ڪيل خدمتون“، ادبي رسالو سورٺ، 1981ع، ص 26
9. پروفيسر منگهارام ملڪاڻي: ”ڀارت ۾ سنڌي ساهت جو مختصر جائزو“،نئين دنيا پبليڪيشن بمبئي،1982ع
10. پريم پرڪاش: ”سنڌي ناٽڪ جي اوسر“، انڊين انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، 1993ع، ص 327
11. ڊاڪٽر قاسم راڄپر: ڪهاڻيڪار، ناٽڪ نويس، محقق، اداڪار ۽ هدايتڪار
12. ڊاڪٽر جينو لالواڻي“، تحقيقي جرنل ڪارونجهر، فيڊرل اردو يونيورسٽي، ڪراچي، ڊسمبر 2015ع
13. ايل. ڊي. رچنداڻي: ”تماهي اسٽيج، جنوري _مارچ، 1996، ص. 1
14. پروفيسر منگهارام ملڪاڻي؛ سنگيتا: جنوري 1979ع

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.
اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.
۽ اهو سڀ "سنڌ سلامت ڪتاب گهر" ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book